گوروالیٹ

١٩٦٥

پالو پیرسون

وڏي ھوءَ واڳي مون دادا لاءِ ھئي

ڀڙھو جلد وڃي پرماتما ڏي پھتو.

سندس ياد ۾ توھان لاءِ.

گوپال.

گورواڻي

ڀاڱو پهريون

سري جپ صاحب، رهراس صاحب،
ڪيرتن سوهلا، ۽ سري راڳ، گورو
گرنٿ صاحب جي صفحه ٥٢ تائين

سال ١٩٦٥ ڇاپو چوٿون

قيمت ٨-٠٠ روپيه

حيدرآباد (سنڌ) ڪاليجيئيٽ بورڊ،
بمبئي-١

Printed by
Pitamberdas Sahijram at Kothari Printing Works, Sambava Chambers,
Sir P. Mehta Road, Fort, Bombay. 1. Tel: 265315-263988-51725
and Published by
Shri H. G. Advani, Bar-at-Law, President, Hyderabad (Sind) National
Collegiate Board, K. C. College Building, Dinshaw Wachha Road,
Bombay-1.

ايڪ اونڪار ستگور پرساد

فهرست

صفحو

سريراڳ جو تذڪرو

محلا پهلا

صفحو

محلا ٽيجا

صفحو

محلا چوٿان

محلا پنجوان

صفحو

مُهاڳ

سري گورو گرنٿ صاحب جي امولڪ واڻيءَ جي پياس پنهنجن پيائرن ۾ ڏسي ”گور سنگت هير آباد، حيدرآباد سنڌ“ جي ڪن سنگين کي خيال جاڳيو ته سري گورو گرنٿ صاحب جي واڻيءَ جو اَرٿ سنڌي بوليءَ ۾ ڇپائجي. انهي خيال سان اِهو شيوا ڪاريه گور سنگت وارن هٿ ۾ کنيو ۽ سال ١٩٢٠ع جي شروع ۾ پهريون پستڪ ڇپائي پڌرو ڪيو. انهي پستڪ ۾ شروعات سري راڳ سان ڪئي ويئي.

پوءِ هر سال هڪ پستڪ ڇپايو ويو، جنهن ۾ هڪ يا وڌيڪ راڳ ارٿ سان ڏنا ويا، ۽ اهڙو پڇاڙيءَ جو پستڪ ١٩٤٥ع ۾ ظاهر ٿيو. فقط وچ ۾ سال ١٩٣٠ع ۾ ٻه پستڪ نڪتا جن مان هڪ کي **پرٿم پستڪ** ڪوٺيو ويو، ڇو جو انهي ۾ سري گورو نانڪ ديو جن جا جيون چرتر ۽ سري جپ صاحب، رهراس صاحب ۽ ڪيرتن سوهلا ارٿ سميت درج ڪيل هوا.

هن وقت اِهي سڀ پستڪ کپي چڪا آهن ۽ ملڻ ڏاڍا مشڪل آهن تنهنڪري گهڻن پريمين جي چاهنا آهي ته اهي سڀ پستڪ وري ڇپايا وڃن. اِها گهرج محسوس ڪري، حيدرآباد (سنڌ) نئشنل ڪاليجئيٽ بورڊ، فيصلو ڪيو ته اهو شيوا ڪاريه هٿ ۾ کڻن. انهي فيصلي پٽاندر، هيءُ پهريون پستڪ ڇپائجي ٿو، جنهن ۾ اڳين ٻن پستڪن جي ڀيٽ ۾ هيٺين ڦير ڦار ڪئي ويئي آهي:-

(١) اڳين پستڪن ۾ واڻي گرمکيءَ ۽ عربي سنڌي اکرن ۾

الدران جواب ڪونه مليس، سو اداس ٿي موٽي امرتسر آيو. تنهن ڪانپوءِ صاحبن ڀائي ٻڌي صاحب کي موڪليو، پر اهو ڀڻ نا اُميد ٿي موٽيو. نيٺ صاحب پاڻ ويا ۽ وڃي ڀائي موهن جي چوباري هيٺان هي مهاسندر شبد ڳاياؤن:-

"موهنَ تيري اوُچي مَندَر مَحَل اَپارا

* * * *"

[راڳ گوڙي محلا (٥) ڇنت (٢)]

اهو شبد ٻڌي ڀائي موهن گد گد ٿي، گورو جن کي پوٿي آڻي ڏني. صاحب انهيءَ پوٿيءَ ملڻ تي ڏاڍو خوش ٿيا ۽ پريم ۾ پرجي هي شبد اُچارڻ لڳا:-

"هَمَ ڏنو نتَ ڀاڳٺَ سَچ ناءِ - هَرِگُڻَ گاوهِ سهج سُڀاءِ

پيءُ دادي ڪا کولِ ڏٺا خزانا - تا ميرئِ منِ ڀئِا نڌانا

* * * *"

[گوڙي گئاريري محلا (٥) شبد ۳۱/۱۰۰]

اَرٿ - هي ڀائي! اسين ڏسي ۽ ڀاڳوان پرش آهيون، جو اسانکي سچو نام نصيب ٿيو آهي. تنهڪري اسين پريم ۽ آنند سان هريءَ جا گڻ ڳايون ٿا. اسان پنهنجي پيءُ، ڏاڏي جو خزانو کولي ڏٺو، انهي ڪري اسانجو من آنند ۾ آيو يعني اسانکي گورو نانڪ ديو، گورو انگد ديو، ۽ گورو امرديو جن جي واڻي هٿ آئي آهي، جنهڪري اسان جو من ترپت ٿيو آهي. صاحب اها پوٿي گهڻي پريم ۽ ادب سان پالڪيءَ ۾ کڻي امرتسر موٽيا جا پالڪي هاڻي سري گوئندوال ۾ رکيل آهي ۽ اڃا تائين قائم آهي. صاحبن پوءِ رامسر (تلاءُ) وٽ سري گورو گرنٿ صاحب جي واڻيءَ جي بيڙ ٻڌڻ جو ڪم شروع ڪيو.

سري گورو گرنٿ صاحب لئي صاحبن راڳن موجب واڻي

ڏنل هئي؛ پر هن وقت گرمکي لپيءَ جا ڄاڻو ڪي جدا وڃي رهيا آهن، تنهنڪري اسان گرمکي لپي درج نه ڪئي آهي.

(٢) گورو گرنٿ صاحب جي شروعات جپ صاحب، رهراس صاحب ۽ ڪيرتن سوهلي سان ڪيل آهي. پر ١٩٢٠ع واري پستڪ ۾ شروعات سري راڳ سان ڪئي ويئي هئي. هن وقت جنهن صورت ۾ اهو ڪم نئين سر هٿ ۾ ڪيو ويو آهي، تنهن صورت ۾ اسين سمجهون ٿا ته صحيح ائين ٿيندو ته شروعات سري گورو گرنٿ صاحب وانگي سري جپ صاحب سان ڪجي، تنهنڪري هن پستڪ ۾ ائين ڪيو ويو آهي.

(٣) گورو نانڪ صاحب جن جا جيون چرتر جي پرٿم پستڪ ۾ ڏنل آهن، سي هن پستڪ ۾ وري نه درج ڪيا ويا آهن جو ويجهڙائيءَ ۾ گور سنگت وارن "نانڪ درشن" ڇپائي ظاهر ڪيو آهي، جنهن ۾ صاحبن جا جيون چرتر بلڪل تفصيل وار ڏنل آهن.

سري گورو گرنٿ صاحب جي بيڙ ڪيئن ٻڌي سو گور سنگت واري ١٩٢٠ع واري سري راڳ جي پستڪ جي مهاڳ ۾ وستار سان ڏنل آهي جو پاٺڪن جي لاڀ لاءِ هيٺ ڏنو وڃي ٿو.

"پهرائين اها ڳالهه ٻڌائڻ ضروري آهي ته سري گورو گرنٿ صاحب جي بيڙ ڪيئن ٻڌي. سري گورو ارجن ديو جن جي ڏينهن ۾ سري گورو رامداس جن جو وڏو پٽ پرٿيچند ۽ سندن پوٽو مهربان، گورو صاحبن جي نالي شبد ٺاهڻ لڳا. ڪن ويچارن سکن کي خبر ئي نه ٿي پيئي ته گورو صاحبن جي واڻي ڪهڙي ۽ ٻين جي ڪهڙي؟ تنهنتي سري گورو ارجن ديو جن واڻي ڪٺي ڪري هڪ اسٿول ۾ آڻڻ جو ارادو ڪيو. پهرين ته گورو صاحبن جي واڻي سري گورو امرديو جي وڏي پٽ ڀائي موهن وٽ هئي، جو گوئندوال ۾ رهندو هو. سري گورو ارجن ديو جن ڀائي گورداس صاحب کي اها پوٿي وٺي اچڻ لاءِ ڀائي موهن وٽ موڪليو. جنهن وقت ڀائي گورداس صاحب گوئندوال ۾ اچي سهڙيو، تنهن وقت ڀائي موهن سماڌيءَ ۾ هو. در کولائڻ جي گهڻي ڪوشش ڪيائين، پر

”اسين ديوان ليلا سنگهه صاحب جا شڪرانا بجاء ٿا آڻيون، جنهن ڏاڍي محنت ڪري سارو سري گورو گرنٿ صاحب، ٽڪ ٽڪ ڪري، اسان کي سمجهايو. گورواڻيءَ جي هيءَ ٽيڪا گويا سندس محنت جو ئي ڦل آهي. ٻئي صاحب جنهن اسان مان ڪن ۾ گورواڻي جي اڀياس ڪرڻ لاءِ پريم جاڳايو، سو هو ديش ڀڳت سرڳواسي مسٽر ليکراج ٿلوڪچند صاحب. هن صاحب ٿياسافيڪل سوسائٽي جي ڪلاسن ۾ اُتي پريم سان اسانکي نت نيم جي واڻيءَ مان واقف ڪيو ۽ امرت روُپي واڻيءَ جو چاهه اسانجي من ۾ اُتپن ڪيو، جنهن لاءِ هن صاحب جا ٿورا لاهڻ جا نه آهن. سري راڳ محلا پهلا جي واڻيءَ جي ٽيڪا اسانجي پرم مترسرڳواسي مسٽر چوٿڙمل ديالسنگهه صاحب جي لکيل هئي. انهي کي اسان هيٺ ڏيکاريلن پستڪن تان سوڌي هن صورت ۾ بهاريو آهي، جنهن لاءِ شل ستگورن جي چرنن ۾ سندس نواس ٿئي! گور سنگت جي پائون ڪان سواءِ ڪن بين پيارن به اسانکي گورواڻي پتر تيار ڪرڻ ۾ مدد ڪئي آهي، جن سڀني جا اسين ٿورائتا آهيون ۽ اُميد ٿا رکون ته آئينده پڻ ديا پالي مدد ڏيندا رهندا.

هن اوت لکڻ ۾ اسانکي خاص ڪري هيٺين پستڪن مان گهڻي مدد ملي آهي:-

(١) پنڊت تاراسنگهه صاحب جي ٽيڪا ۽ ڪوش.
(٢) سري گورو گرنٿ ڪوش، خالصا ٽرئڪٽ سوسائٽي امرتسر جو.
(٣) سنت سُتي پرڪاش جي پريا.
(٤) سري گورو گرنٿ صاحب جي ٽيڪا فريد ڪوٽ رياست واري.
(٥) مسٽر مئڪالف جو ”سک رليجن“.
(٦) ڀائي چندا سنگهه گيانيءَ جي پريا.
(٧) گورمت پرڀاڪر ڀائي ڪانسنگهه گيانيءَ جو“

چاڙهي آهي. هر هڪ راڳ ۾ ڀهرين پاتشاهيءَ جي واڻيءَ کان پوءِ ٻين ٻن پاتشاهين جي نمبروار ۽ تنهن کانپوءِ ڀڳتن جي واڻي چاڙهي ائين. ڀهريان آهن شبد پوءِ اَشٽپديون ۽ ڇنت وغيره ۽ گهڻو ڪري هر هڪ راڳ جي پڇاڙيءَ ۾ آهي وار. تنهن کان پوءِ سڀني راڳن جي پڇيان آهي ڀڳتن جي واڻي.

هيٺين ڀڳتن جي واڻي سري گورو گرنٿ صاحب تي چڙهيل آهي:-

(۱) سري ڪبير صاحب (۲) سري نامديو صاحب (۳) سري روداس صاحب (۴) شيخ فريد صاحب (۵) ڄئديو ڀڳت (٦) ترلوچن مهراج (۷) سوامي پرمانند (۸) سدنو ڪاسائي (۹) ڀڳت بيڻي (۱۰) سري رامانند صاحب (۱۱) ڌنو ڀڳت (۱۲) پيپو ڀڳت (۱۳) سئن نائي (۱۴) ڀيکن ڀڳت (۱۵) ڀڳت سورداس. ميران بائيءَ جو به هڪ شبد پائي ڀني صاحب جي ٻيڙ ۾ دُرج ٿيل آهي. اِنهن کان سواءِ ڪيترن ڀٽن جي واڻي به سري گورو گرنٿ صاحب تي چڙهيل آهي، جن مان مکيه ڪيرت، نل، ۽ انکا نسواءِ ربابي ستو ۽ بلونت آهن. نائينءَ پاتشاهيءَ جي واڻي پوءِ ڏسميس پاتشاه جي ڏينهن ۾ سري گورو گرنٿ صاحب تي چاڙهي ويئي، جنهن لاءِ ڪي پترا ڇڏيل هئا.

سري گورو گرنٿ صاحب جي ايشوري واڻيءَ جو پُورو پُورو ارٿ ڪرڻ بلڪل ڪٺن آهي. صاحبن جي واڻي گويا هڪ مها ساگر آهي، جنهنجو پورو پتو پوڻوئي نه آهي. در حقيقت اِها منوهر واڻي سون جي مثل آهي، جنهن مان هرڪو پنهنجي پنهنجي هُڌيءَ آهر مٺيو ناهي سگهي ٿو."

هن ٽيڪا لکڻ ۾ گور سنگت وارن جي تمام گهڻي محنت ڪيل آهي، جن ۾ مکيه ڪم ڪندڙ سرڳواسي ماستر فتحچند مينگهراج آڏواڻي، ماستر پرمانند ايسرداس ماکيجاڻي، ۽ سرڳواسي شري جيٺومل لوڪسنگهه لالواڻي هوا. گور سنگت جي ۱۹۲۰ع واري ڇاپي جي مهاڳ ۾ هيٺين ريت لکيل آهي:-

سري گورو نانڪ صاحب
جن جي سنکيپ سکيا

سري گورو نانڪ ديو جن اسان اگياني جيون کي سنسار ساگر مان پار اُتارڻ لاءِ اوتار ڌاريو. صاحبن جي واڻيءَ سمجهڻ لاءِ ضروري آهي تہ سندن اُپديش جو مختصر تات پرچ هٿ ڪجي. هي تات پرچ گهڻو ڪري سري جپ صاحب تي ٻڌل آهي، جنهن بابت چوڻ ۾ اچي ٿو تہ سارو گورو گرنٿ صاحب اُنجي ٽيڪا آهي. صاحبن جي ٻي واڻيءَ مان ٻڌڻ کي پرماڻ ورتا ويا آهن. سري جپ صاحب جي پهرينءَ پؤڙيءَ ۾ سوال اُٿيو آهي،

"ڪِوَ سَچِئارا هوئِيئَي، ڪِوَ ڪُوڙَئِ تُٽي پالِ"

يعني تہ ڪئين هيءُ جيو پرماتما سان "سچيار" يعني هڪ ٿئي ۽ ڪيئن ڪوڙ جي ڀت ڀڃي يعني هو سنسار ساگر کان ڇٽي پار پوي. اِنهيءَ جو اُتر ستگورن هيءُ ڏنو آهي:-

"حُڪَمِ رضائي چَلڻا، نانَڪ لِکِئا نالِ"

يعني واهگوروءَ جي حڪم تي راضي ٿي هلڻ گهرجي ۽ اهو حڪم اسان سان الڳ سنگ آهي. پاڻي ۾ پيل رهڻ ڀنا، جي جي ڪرم هي جيو ڪري ٿو، تيرٿ، تپ، مون ڌارڻ، شاستر وديا گرهڻ ڪرڻ وغيره، سي اُلٽو منجهس اهنڪار پيدا ڪري، پرمانند جي پراپتيءَ کان ڪيس رهت ڪن ٿا. انهيءَ بابت صاحبن پهرين پؤڙيءَ ۾ بلڪل چٽيءَ طرح پرڀوڌ ڏنو آهي ۽ ٻڻ ڇهين پؤڙيءَ ۾ فرمائين ٿا:-

هي ڇوٿون ڇاپو، گور سنگت حيدرآباد (سنڌ) جي گوروائي پبليڪيشن ڪاميٽيءَ جي اجازت سان گورو نانڪ صاحب جن جي جنم ڏن (سال ١٩٦٥) جي موقعي تي ڇپائي پڌرو ڪيو ويو آهي ۽ انجي ڇپائڻ ۾ ڀائي ڀڳوانداس جڳترام مسند، ديوان گوبندرام جشنمل رامچنداڻي ۽ شري ٽالڪرام وشنداس رامچنداڻي، تمام گهڻي مدد ڪئي آهي. حيدرآباد (سنڌ) نشنل ڪاليجيئيٽ بورڊ انهنجو تهدل شڪرگذار آهي.

يعني جنم مرڻ جي ڏک کان ڇٽي، پرمانند جي پراپتي اُهي ئي پائي سگهن ٿا، جي سچو پريم ڌاري پرماتما جو نام سِمرڻ ڪن ۽ ڳائين ٿا. پريم جاڳائڻ لاءِ آگيا ڪئي اٿن

"اَمِرتَ ويلا سَچُ ناءُ، وَڏِيائي ويِچارُ"

امرت ويلي نام جپڻ ۽ پرماتما جي سندر گڻن جو ويچار ڪندي ڪندي هن جيو کي اهڙو ته پل لڳي ٿو، جو هو سائينءَ کي وڏي ۾ وڏو سمجهي، پاڻمرادو اُنهيءَ جي حڪم ۾ راضي رهي ٿو ۽ سدائين اهڙي اوچي صاحب اڳيان آديس ڪندو رهي ٿو.

سري گورو گرنٿ صاحب ۾ سچي پاتشاهه گورو نانڪ ديو جن هڪ ڪرتار جي ڀڳتيءَ جو اُپديش ڏنو آهي. سري جپ صاحب جو پهريون ئي لفظ آهي "ايڪو اونڪار" يعني پرماتما هڪ آهي. اسان مان ڪي برهما کي، ڪي شو کي، ڪي وشنوءَ کي، ڪي ديويءَ کي، ڪي ديوتائن کي پرماتما ڪري سمجهندا آهن. سو گورو جن فرمائين ٿا ته خود اِهي شو، برهما، ديوي، اندر ۽ ٻيا ديوتائون به هڪ پرماتما جي مهما پيا ڳائين :-

"گاوهِ ايسرُ بَرَما ديوي، سوهَنِ سَدا سَواري

گاوَهِ اِندَ اِنداسَڻِ بئِٺي، ديوتئا دَرِ نالي"

ٻئي هنڌ سري گورو نانڪ ديو جن فرمائين ٿا :-

"جِتُ دَرِ لَکَ محمدا، لَکَ برهمي بشن مهيشَ

لَکَ لَکَ رام وڏيرِيئِهِ، لَکَ راهي لَکَ ويسَ"

جنهن جو مطلب آهي ته پرماتما جي دربار ۾ لکين نبي، لکين برهما، لکين وشنو، لکين شو مهراج آهن. لکين سري رامچندر جهڙا وڏا، لکين جتي ۽ لکين ڀيک هلائيندڙ اُلي آهن، ۽ اَڪال پرک هڪڙو ئي آهي، جنهنکي اِهي سڀ اوتار، پير، پيغمبر ۽ اوليا سڀ کان وڏو سمجهي مڃين ٿا. سري جپ صاحب جي پوڙيءَ (٥) ۾ به صاحب فرمائين ٿا :-

"ٻيرت ناوا جي تِس پاوا، وِڻُ پاڻي ڪِ ناءِ ڪري"

جنهنجو ارٿ آهي تہ جي هڪڙي يعني پرماتما کي وسارڻ تہ گويا مون تيرٿن تي اشنان ڪيو. پرماتما جي پاڻي کان سواءِ اشنان ڪري مان ڇا ڪندس؟ پاڻي ۾ پنو رهڻ اهائي پريڪيا سچن گيانين جي آهي. جي جتي ستي، تپي، موني، سنياسي، ٻ همچاري اهو ليڪڙ نتا ڏيکارين، سي پوريءَ منزل تي پهتل نہ آهن. ڪئين پيارا، جن انهن تيرٿ ڪيا هوندا، جن اليڪ شاستر سوڌيا هوندا، جن ڪئين تپشياٿون ڪيون هونديون، اُهي بہ اهنڪار جي اهڙي چڪر ۾ ٿا اچيو وڃن، جو پنهنجي ڪئي ڪمائي ڪٽ ڪيو ڇڏين. اهنڪار کان ڇٽڻ لاءِ ٻي پوڙيءَ ۾ صاحبن فرمايو آهي :-

"نانڪ حڪمي جي ٻجهي، تہ هؤمي ڪهي نہ ڪوءِ"

اهنڪار نورت ڪرڻ يعني پاڻ مان آپا ڀاءُ ڪڍڻ ئي سنسار ساگر کان ترڻ لاءِ هڪ مول ساڌن آهي. گورو صاحبن سري جپ صاحب جي پوڙيءَ (٢٨)۾ پڻ فرمايو آهي :-

"آئي پنٿي سگل جماتي، مَن جيتي جگ جيت"

جنهنجو مطلب آهي تہ سچا "آئي پنٿي" يعني اُتم ۾ اُتم جوڳي اُهي ئي آهن، جي سڀني جيون کي هڪجهڙو سمجهن ٿا ۽ من مارڻ سان ئي سنسار ساگر مان ڪٽي هلن ٿا. اهڙن جيون جي ورتي اهڙي اُتم ٿئي ٿي، جو هر ڪو دک ايشور جي داس (بخشش) سمجهي منو ڪري ڀوڳين ٿا.

"ڪيتئا دُکہ ڀُوکہ سد مارَ، ايهِ ڀِہ دات تيري دانارَ"

من کي جيتڻ ايمان ڪڍي رضا تي راضي اُهي ئي رهي سگهندا، جن جو ايشور سان سچو پريم آهي ۽ جي سديو هن جي مهما ورنن ڪندا رهن ٿا. پنجين پوڙيءَ ۾ صاحبن فرمايو آهي :-

"گاوِئي سُڻِئي مَنِ رکيئي ڀاءُ. دُکہ پَرَ هَرِ سُکہ گهر لئي جاءِ"

"نانڪَ ليکيِ اِڪَ گَلَ، هور هؤمي جهکڻا جهاڪَ."

[آسادي وار پؤڙي (٩)]

يعني نه ساري عمر هيءُ جيو پستڪن پڙهڻ ۾ لڳائي ۽ هردم پيو پستڪ پڙهي، نه به اُنهان ڪجهه ورتو نه آهي. گورو نانڪ صاحب جن فرمائين ٿا ته ليکي ۾ نه فقط نام جي هڪ ڳالهه ايندي، ٻيو نه اجايا هؤمي جي ڪري جهڪ مارڻا آهن.

ساڳيءَ ريت ورت نيم رکي سريءَ کي سڪائڻ ۽ تپشيائون ڪري بدن کي ڪشت ڏيڻ مان ڪجهه به نه پرائبو. هڪ ڀڳوان جي ڀڳتيءَ بنا ٻيو سڀ آس رکڻ اُجائي آهي. هڪ نام ئي موکيه جو ساڌن آهي. صاحب فرمائين ٿا:-

"هرناميءَ تُلِ نه پُڄنِ، جي لَکَ ڪوٽي ڪَرَمَ ڪَماءِ"

[سري راڳ محلا پهلا اشٽپدي (١۴)]

يعني جي لکين بلڪ ڪروڙين ڪرم ڪٽي جيو ڪري ته به اُهي هري جي نام برابر نه ٿيندا. مطلب ته نام سڀني کان وشيش آهي.

گهڻيئي پيارا چڱي ڀاو سان اُنتي مارگ ۾ گهڙن ٿا، پر پوءِ پلجيو وڃيو ڪريا ڪرمن ۾ اٽڪن ۽ سچي پرماتما جي ڀڳتيءَ کان نراس ٿيو پون. اُنهيءَ کان بچڻ لاءِ ستگورن گوروءَ جي ضرورت ٻڌائي آهي. صاحب سري آسادي وار جي پؤڙي (٦) ۾ فرمائين ٿا:-

"بِنُ سَتِ گورَ کِنئي نه پائئو، بِنُ سَتِ گورَ کِنئي نه پائئا

سَتِ گورَ وِچِ آپُ رکئونُ، ڪَرِ پَرَگَٽُ آکِ سُڻائئا

سَتِ گور مِلئِي سدا مُکَتُ هيءِ، جِنِ وِچهُ موهُ چُڪائئا

اُتَمُ ايهُ بيچارُ هيءِ، جِنِ سچي سِئُ چِتُ لائئا

جَگجيوَنُ داتا پائئا."

"گورا اِڪ ديهِ ٻُجهائي، سڀنا جيئا ڪا اِڪُ داتا
سو مَيِ وِسَرِ نہ جائي."

يعني تہ گورن اسانکي هڪ ڳالھ سمجهائي ڏني آهي تہ سڀني جيون جو هڪ داتار آهي، سو شل من مان اسانکي نہ وسري.

گورو صاحب جن فرمائين ٿا تہ اسان جيون جو ليکارو تڏهين ٿيندو، جڏهن هڪ پرماتما جو نام سچي ڀاو سان جپبو ۽ اُنجي حڪم تي راضي رهبو. پر هيءُ جيو اِنهيءَ سچي مارگ کان ڀلجي وڃي ڪرما ڪرمن، تيرٿ ياترائن، ورتن ڀائن ۽ ٻين ورتن ۾ غلطان ٿيو آهي ۽ سمجهي ٿو تہ اُنهن مان ئي منهنجو ڇوٽڪارو ٿيندو. گورو صاحبن جو وچن آهي تہ جيسين پرماتما لاءِ پريم نہ هوندو، تيسين جپ، تپ، ورت، نيم، اشنان وغيره، ڪنهن بہ ڪم جا نہ آهن. پرميشور کي پريم سان ئي ريجهائي سگهجي ٿو، ٻين نہ ڪنهن ٻيءَ چترائيءَ سان. لوڪ سمجهن ٿا جي تيرٿ ياترا ڪبي، ورت نيم رکبا، پاٺ پوڄائون ڪبيون ۽ يگيہ هوم ڪبا، تہ پاپ نورت ٿي ويندا ۽ مڪتي پراپت ٿيندي؛ پر اِنهن ڳالهين ۾ ڀروسو رکڻ وڏو ڀرم آهي. جيسين من نرمل نہ آهي، تيسين تيرٿن، اِشنانن ڪرڻ مان ڇا ورندو؟ صاحب فرمائين ٿا:-

"تِيرَٿَ ناتا ڪِئا ڪري، مَنَ مهِ مئُل گمانَ"

[سري راڳ محلا پهلا اَشٽپدي (١٢)]

اُنجو مطلب آهي تہ هي جيو، تيرٿن تي اشنان ڪري ڇا ڪندو، جيسين هن جي من ۾ هؤميءَ جي ميل آهي؟

اهڙيءَ طرح ڌرمي پستڪن ۾ جيڪي لکيل آهي، اُن تي پورو ويچار ڪري اُن موجب نہ هلبو تہ رڳي پڙهڻ مان ڇا وڻبو؟ صاحب فرمائين ٿا:-

"پڙِيئي جيتي اَرَجا، پڙِيئهِ جيتي ساسَ

سري جپ صاحب

مُهاڳُ

سري جپ صاحب سکن لاءِ مُول منتر آهي. اُهو سري گورو نانڪ صاحب جن پهريائين سِکن کي ٻڌايو هو. پوءِ جڏهين گورو صاحب جن ڪرتارپور ۾ آيا ۽ سوا پهر پوئين رات کان وٺي سوا پهر ڏينهن تائين سماڌيءَ ۾ رهڻ لڳا، تڏهين سکن سري گورو اَنگد صاحب جن جي اڳيان وينتي ڪئي ته "سنياسي، وئراڳي ۽ ٻيا اسانکان پڇن ٿا ته توهانجو گور منتر ڪهڙو آهي؟ اُنجو جواب اسين اُنهنکي ڏيئي نٿا سگهون، تنهنڪري اسانکي ڪرپا ڪري ٻڌايو ته اسانجو گور منتر ڪهڙو آهي؟" تنهنتي سري گورو اَنگد صاحب جن، سري گورو نانڪ صاحب جن جي اڳيان وينتي ڪئي ته هي سچا پاتشاه! سک پڇن ٿا ته اسانجو گور منتر ڪهڙو آهي؟ صاحبن فرمايو ته "جپ صاحب" سکن لاءِ گور منتر آهي، جو اسان سکن کي ٻڌايو هو. تڏهين سکن پڇيو ته سوامي! اوهان جپ صاحب ڪهڙي موقعي تي سکن کي ٻڌايو هو. گورو صاحب فرمائڻ لڳا ته هي پيارا! هڪ دفعي ڀائي مردانو، ڀائي ٻالو ۽ اسين وڃي سميرُ پربت تي پهتاسين، تڏهين سڌن اسانکي چيو ته "اسين جڳت ۾ وڏا آهيون ۽ سِڌين يعني ڪرامتن سان ڀرپور آهيون، اسين هتي سڌين جي ٻل ڪري اچي پهچون ٿا؛ توهين جو هتي هڙي ڪٺن استان تي آيا آهيو سو ڪنهن جي ٻل ڪري؟" تنهن تي اسان کين ٻڌايو ته

اُنجو ناٽڪ پرچ هيءُ آهي ته سَت گُرُوءَ بنا، نه ڪنهن پريوءَ کي اڳي پاتو آهي، نه ڪو هاڻي پائي سگهندو. پرماتما سَت گُرن ۾ ئي وسي ٿو، جي لوڪن کي سندر اُپديش ڏيئي، سندن مهڙ پريوءَ ڏي ڪن ٿا. سَت گُرُوءَ جي ملڻ سان ئي سدائين مڪتي لڀي ٿي، ڇو جو هو پنهنجي ڪرپا سان اسانجي اندر مان موه ڪڍي ڇڏين ٿا. اها ڳالهه لڇڻي ڪرڻ کپي ته جنهن سَت گُرُوءَ سان دل رکي آهي، تنهن ئي جڳ جيون داتا کي پاتو آهي.

هي ناٽڪ پرچ بلڪل مختصر طور ڏنو ويو آهي؛ پرماڻ ۽ ... بلڪل ٿورڙا ڪم آندا ويا آهن، پر جيئن جيئن پاٺڪ صاحبن جي واڻي پڙهندا ويندا، تيئن ڪين صاحبن جي اصولن جي پُوريءَ ريت گم پوندي ويندي.

ست سري اڪال

اَڪالَ مورتِ

اَرٿ:- هن جو سروپ ڪال يعني وقت (جي اثر) کان پري آهي. مطلب تہ زماني جي ڪري هن ۾ ڪا ڦير گهير نٿي ٿئي. هو بالڪپڻ، جوانيءَ ۽ ٻڍ اوستا ۾ نٿو اچي ۽ هو سدائين هڪ سمان آهي. [اَڪال=اَ= نہ يا پري، ۽ ڪال=وقت. يعني وقت کان پري.]

اَجوُني

ارٿ:- هو جوٽين کان رهت آهي.

سَئِيَنْ

اَرٿ:- هو پاڻيهي پاڻ ٿيندڙ آهي يعني هنکي ڪنهن بہ پيدا ڪونہ ڪيو آهي. [سيڀن-سيءِ=سو=پاڻيهي، ۽ ڀن=ٿيندڙ.]

تڏهين سڌن پڇيو تہ اُهو پرماتما ڪيئن پراپت ٿئي ٿو؟ اُتر:-

گُورَ پِرسادِ

اَرٿ:- (اُهو پرماتما) گوروءَ جي ڪرپا سان (حاصل ٿئي ٿو). [پرساد=ڪرپا.]

جَپُ

اَرٿ:- (اهڙي پرماتما کي) گهڙيءَ گهڙيءَ ياد ڪريو. [جپ=گهڙيءَ گهڙيءَ سمرن ڪرڻ يا ياد ڪرڻ.]

وري سڌن پڇيو تہ جنهن پرماتما جي جپڻ جو اوهان هيٺئر ذڪر ڪيو سو ڪڏهين کان آهي؟ هو ست آهي يا نہ؟ تنهن تي صاحبن اُتر ڏنو:-

آدِ سَچُ

اَرٿ:- اُهو شروعات کان ست يعني قائم هو.

جُگاد سَچُ

اَرٿ:- اُهو (چئن) جُگن کان اڳي بہ قائم هو. يعني جڏهين جگت جي رچنا نہ رچيل هئي، تڏهين بہ هو قائم هو.

هڪ، جو شڌ پرماتما آهي تنهنجي ﭴل سان. تڏهين سڌن پڇيو ته اُهو پرماتما ڪهڙو آهي؟ تنهن تي اسان ڪين هيٺينءَ طرح جواب ڏنو:-

ايڪ اوَنڪار

اَرٿ:- پرميشور فقط هڪڙوئي آهي.

نوٽ:- اونڪار=اوم. "اوم" لفظ ۾ ٽي اکر آهن: اَڪار، اُڪار ۽ مَڪار. انهيءَ ڪري اوم کي اوانڪار به چئبو آهي. اهي ٽي اکر ٽي مورتيون يعني برهما، وشنو ۽ شوَ سان لاڳاپو رکن ٿا. اَڪار برهما روپ ليکجڻ ۾ اچي ٿو، اُڪار وشنو روپ ۽ مڪار شو روپ. انهيءَ ٽي مورتيءَ کي ماڻهو ٣ جدا جدا روپ ليکڻ لڳا ۽ انهي ريت جدا جدا پنٿ جاري ٿيا، جنهجي پاڙ ۾ هڪ ئي سان اٿڻ ۽ چٽا پيٽي پئي هلي. تنهنڪري صاحبن اوانڪار جي اڳيان ايڪو يعني هڪ (١) انگ رکي ظاهر ڪيو ته پار برهم هڪ ئي آهي؛ برهما بہ اوهو آهي، وشنو به اوهو آهي ۽ شوُ به اوهوئي آهي ۽ اُنهيءَ کانسواءِ ٻيو ڪير به ڪونهي. "ايڪو برهم دتيو ناستي."

تڏهين سڌن عرض ڪيو ته اُن پرماتما جو اسانکي ورنن ڪري ٻڌايو، تنهن تي صاحب اُنجو بيان هيٺينءَ ريت ڪرڻ لڳا:-

سَتِ نامُ

اَرٿ:- ان جو نالو (گذريل، هلندڙ ۽ ايندڙ وقتن ۾) قائم آهي. [ست=قائم.]

ڪَرَتا پُرَکُہ

اَرٿ:- هو ساري رچنا جو رچيندڙ آهي ۽ سرو وياپڪ آهي. [ڪرتا=رچنا رچيندڙ. پرکہ = سرو وياپڪ.]

نِرَڀؤ

اَرٿ:- هن کي ڪنهن جو به ڀؤ ڪونهي.

نِرَوِئرُ

اَرٿ:- هنجو ڪنهن سان به وير ڪونهي.

ٻيو اَرٿ:- (پرميشور جي) ٻڪين جي بک نہ لهندي، جيتوڻيڪ انهن وٽ ڪيترا ٻہ پدارٿ ڪنا ڪري آڻي رکجن.

سَهَسَ سِياڻپا لَکَہ هوهِ، تہ اِکَ نہ چَلَيِ نالِ

اَرٿ:- جيڪڏهين هزارين توڙي لکين چترايون هي جيو ڪٺي ڪري تہ هڪ ٻہ (پرميشور جي ملڻ لاءِ) مدد نہ ڪندي. [سهس=هزارين. سياڻپا=چترايون. نال=ساڻ. نہ چليءِ نال=ساڻ نہ هلندي يعني مدد نہ ڪندي.]

تڏهين سڌ وري پڇڻ لڳا تہ:-

کِوَ سَچِيَارا هوئِيَئي، کِوَ ڪوڙَيِ تُٽَيِ پالِ

اَرٿ:- (اُنهيءَ پرميشور وٽ) سچيار ڪيئن ٿجي ۽ ڪهڙيءَ طرح ڪوڙ جو بند ٽٽي؟ [پال=بند.]

تنهنتي صاحبن هيٺيون اُتر ڏنو:-

حُڪَمِ رَضائِي چَلَڻا نانڪ لِکِئا نالِ.

اَرٿ:- سري گورونانڪ صاحب جن فرمائين ٿا تہ پرميشور جي حڪم تي راضي ٿي هلڻ گهرجي ۽ اهو حڪم (هن جيو) سان (آد ڪان) لکيو پيو آهي. [رضائي=(١) جنهنجي رضا ۾ هلجي يعني پرميشور (٢) راضي ٿي. راضپي سان، خوشيءَ سان.]

تنهنتي سڌ پڇيو تہ اُنهيءَ حاڪم يعني پرماتما جو حڪم ڪيتري قدر آهي ۽ هنجي حڪم سان ڇا ٿو ٿي سگهي؟ تنهن تي صاحب فرمائڻ لڳا:-

پؤڙي (٢)

حُڪَمِي هووَنِ آڪارَ، حُڪَمُ نہ کَهِئا جائِي

اَرٿ:- اُن حاڪم جي حڪم ڪري (سڀئي وستن ۽ پراڻين جا) روپ ٿين ٿا، مگر اُنجي حڪم جو پورو بيان ڇئي نٿو سگهجي. [حڪمي=حڪم سان، حڪم ڪري. آڪار=روپ.]

هئي ڀي سَچُہ

اَرٿ:- هاڻي ب هو قائم آهي. [هئي ڀي=آهي ب.]

نانڪ هوسي ڀي سَچُہ

اَرٿ:- سري گورو نانڪ صاحب جن فرمائين ٿا ته آئيندي ب هو قائم رهندو.

تڏهين سڌن پڇيو ته اهڙي پرماتما کي تيرٿن تي اشنان ڪرڻ، ڌيان لڳائي رهڻ، ورت رکڻ يا ڪن ٻين سادنائن سان پائي ڪين سگهبو ڇا؟ تنهنتي صاحبن هيٺين ٽُڪن ۾ جواب ڏنو:-

پئوڙي (١)

سوچئي سوچِ نہ هو وَئي، جي سوچي لکَہ وارَ

اَرٿ:- (ٻاهرين) پوتراٿي ڪرڻ سان يعني تيرٿن تي اَشنان ڪرڻ سان (اَندر) پوترتي نه سگهندو، جي ڪٽي ٻاهرين پوترتائي لک ڀيرا ڪجي. [سوچئي=پوترائي ڪرڻ سان. سوچ=صفا، پوتر. وار=ڀيرا.]

چُپئي چُپِ نَہ هو وَئي، جي لاءِ رَها لِوَتارَ

اَرٿ:- ٻاهرين چُپ ڪرڻ سان اَندر جي چپ يعني شانتي نٿي اچي سگهي، جيتوڻيڪ (ٻاهرين چپ) هڪ ٽِڪ ڪٽي ڪجي. مطلب ته جيتوڻيڪ ٻاهران ٿُس ڪٽي ڪجي ۽ موني ٿي رهجي ته ب اندر جي شانتي نٿي ٿئي. [چپ=شانتي. لِوٽار=هڪ ٽڪ (چپ ڪرڻ).]

ڀُکِئا ڀُکَہ نہ اُتَري، جي بَنان پُرِيئان ڀارَ

اَرٿ:- بکيو رهڻ ڪري (يعني ورتن رکڻ ڪري) ترشنا روپي بک ڪين لهندي، جيتوڻيڪ اهڙي ٻڪئي اڳيان ڪيترائي پدارٿ ٻڌي آڻي رکجن. مطلب ته ورتن رکڻ ڪري ترشنا نہ مٽندي، جنهنڪري پرماتما کي پائي ڪين سگهبو. [بنا=ٻَڌي، ٻَڌان. پُريئان=شهرن جا. ڀار=بوجا. پريئان ڀار=ڪيترائي پدارٿ.]

ڳاوئي ڪو داتِ جاڻئي نيشاڻُ

اَرٿ:- ڪير اُنجي بخشش يعني مهربانيءَ جو بيان ڪري سگهي؟ ۽ ڪير اُنجي بخشش جون نشانيون ڄاڻي سگهي (تہ ڪهڙين ڳالهين ۾ هنجي سڄي پڇي بخشش آهي). [دات=بخشش. نيشاڻ=نشانيون.]

ڳاوئي ڪو گُڻَ وَڏِائيئا چارَ

اَرٿ:- ڪير هنجي اُپڪارن ۽ سندر وڏاين جو بيان ڪري سگهي؟ [گڻ=اُپڪار. چار=سندر.]

نوٽ:- هيءَ تُڪ هيٺينءَ طرح بہ پڙهڻ ۾ ايندي آهي.

"ڳاوئي ڪو گڻ وڏائي آچار"

اُنجو اَرٿ هي ٿيندو تہ ڪير هن جي گڻن، وڏاين ۽ ڪمن جو بيان ڪري سگهي؟ [آچار=ڪم.]

ڳاوئي ڪو وديا وِکَمُ ويچارُ

اَرٿ- ڪير هن جي برهم وديا جو بيان ڪري سگهي، جنهنجو ويچار ڪرڻ ئي مشڪل آهي. [وکم=ڪٺن، مشڪل.]

ڳاوئي ڪو ساجِ ڪَري تَنُ کيهَ

اَرٿ- ڪير هن جي ٻل جو بيان ڪري سگهي جو سرير ٺاهي وري ناس ڪيو ڇڏي. [ساج ڪري=ٺاهي. تن=ديهہ، سرير. کيهہ=مٽي ڪري ڇڏي يعني ناس ڪيو ڇڏي.]

ڳاوئي ڪو جيئہ لئي ڦِرِ ديهَ

اَرٿ- ڪير هن جي ٻل جو بيان ڪري سگهي جو (هڪ سرير مان) پران وٺيو وري ٻي ديهہ ۾ ڏئي ٿو.

ڳاوئي ڪو جاپئي دِسئي دُورِ

اَرٿ- ڪير هن جي ٻل جو بيان ڪري سگهي جو ڄاڻڻ ۽ ڏسڻ کان پري آهي. [جاپئي=ڄاڻڻ.]

حُڪَمِي هووَنِ جيئَ، حُڪَمِ مِلَيِ وَڏِائي

اَرٿ:- اُنجي حڪم سان سڀ جيو پيدا ٿين ٿا ۽ اُنجي حڪم سان وڏائي ملي ٿي.

حُڪَمِي اُتَمُ نيچُ، حُڪَمِ لِکِ دُکَ سُکَ پائِيئَهِ

اَرٿ:- اُنجي حڪم ڪري ڪي (جيو) وڏا ۽ ڪي ننڍا ٿين ٿا يعني ڪن کي وڏي پدوي ملي ٿي ۽ ڪن کي ننڍي؛ ۽ اُن جي حڪم سان لکئي (يعني پُورب جي ڪرمن) موجب جيو دک سک پائين ٿا.

اِکَنا حُڪَمِي بَخَشِيسَ، اِک حُڪَمِي سَدا ڀَوائِيئَهِ

اَرٿ:- هڪڙن کي اُن جي حڪم سان (مڪتيءَ جي) بخشش ٿئي ٿي ۽ هڪڙا سندس حڪم سان (جوڻين ۾) پيا ڀٽڪن.

حُڪَمِي اَندرِ سَڀُکو، باهَرِ حُڪَمَ نہ ڪوءِ

اَرٿ:- سڀڪو ڀڳونت جي حڪم اَندرئي آهي ۽ حڪم کان باهر ڪو به نہ آهي (يعني سڀڪو هنجي حڪم موجب هلي ٿو).

نانڪ حُڪَمِئي جي بُجهئي، تہ هؤمَئي ڪَهئي نہ ڪوءِ.

اَرٿ:- سري گورو نانڪ صاحب جن فرمائين ٿا تہ جيڪڏهين ڪو جيو حڪم کي سمجهي تہ هو جيڪر "مان مان" چوڻ ڇڏي ڏئي يعني اهنڪار نہ ڪري. [حڪمِئي=حڪم. هؤمئي = "مان آهيان، "مان مان" يعني اَهنڪار.]

تڏهين ورِي سِڌن پڇيو تہ اُن حاڪم پرماتما جو بل ڪيترو آهي؟ اُتر:-

پؤڙي (٣)

گاوئي ڪو تاڻُ، هوئي ڪِسئي تاڻُ

اَرٿ:- ڪير هن جو بل ڳائي سگهي يعني ڪير هن جي بل جو بيان ڪري سگهي؟ ڪنهنکي (اهڙي بيان ڪرڻ جي) طاقت آهي؟ [ڪو=ڪير. تاڻ=بل، طاقت. ڪسئي=ڪنهنکي.]

نانڪ وِگسيِ وي پَرواهُ

اَرٿ- سري گورونانڪ صاحب جن فرمائين ٿا ته اُهو بيپرواه پرماتما (اهڙي ليلا بنائي) آنند ۾ رهي ٿو.

تڏهين وري سڌن پڇيو ته جنهنکي اوهان بي پرواهه ڪوٺيو آهي اُهو اهڙو آهي، جهڙا جهان ۾ بي پرواهه بادشاهه ليندا آهن يا ٻيءَ طرح؟ تنهن تي صاحبن هيٺيون اُتر ڏنو:-

پؤڙي (۴)

ساچا صاحبُ ساچُ ناءِ، ڀاکِئا ڀاءُ اَپارُ

اَرٿ- اُهو صاحب سچو يعني ست آهي ۽ اُن جو نالو به ست آهي. (سنتن) بي حد پريم سان هن جو ورنن ڪيو آهي. [ڀاکيا = چيو آهي، ورنن ڪيو آهي. ڀاءُ = پريم. اَپار = بي حد.]

آکِهِ مَنْگهِ ديهِ ديهِ، دات ڪَري داتارُ

اَرٿ- (جيو، پرميشور جي اگيان) وينتي ڪري گهرن ٿا ته اسانکي (وديا، پُٽر، ڌن وغيره) ڏي ۽ ڏي؛ اُهو داتار (هنن جي وينتي ٻڌي) بخششون پيو ڪري يعني ڏيئي پيو ڏئي. [آکهِ= چون ٿا. منگهه = گهرن ٿا، وينتي ڪن ٿا. دات = بخشش.]

وري سڌن هيٺيان ٢ سوال پڇيا:-

ڦيرِڪ اَگي رَکيِئي، جِت دِسي دَرٻارُ

اَرٿ- پهريون سوال- انهيءَ پرميشور جي اگيان وري ڪهڙي (ڀيٽا) رکجي، جنهنڪري اُنجي درٻار يعني سروپ جو درشن ٿئي؟ [ڦير = وري. ڪ = ڪهڙي.]

مُهون ڪِ ٻولڻُ ٻولِئِئي، جِتُ سُڻ ڌَرئي پيارُ

اَرٿ- ٻيو سوال- مک سان ڪهڙا وچن چئجن، جنکي ٻُڌي هو پيار ڪري؟

مٿين ٻنهي سوالن جو جواب صاحبن هيٺينءَ تڪ ۾ ڏنو:-

گاوئِ کو ويکيِ حادَران حَدوُرِ

اَرٿ- ڪير هن جي ہل جو بيان ڪري سگهي جو حاضران حضور ٿيو وينو ڏسي. [ويکيءِ=ڏسي.]

کَٿَنا کَٿي نہ آوئِ توٽِ

اَرٿ- (هن جي گڻن جو) بيان ڪٿيندي اَنت نہ ايندي يعني هن جي گڻن جو بيان ڪيترو بہ ڪٿي ڪجي تہ بہ اُهو بيان پوري ٿيڻ جو نہ آهي. [ڪٿنا=بيان. ڪٿي=ڪٿيندي، چوندي. توٽ=اَنت، پڇاڙي.]

کَٿِ کَٿِ کَٿي کوٽي کوٽِ کوٽِ

اَرٿ- (لوڙي) ڪروڙن جا ڪروڙ يعني بيشمار لوڪ هن جون ڪٿائون ڪري وري پيا ڪن (پر اُنجي گڻن جو اَنت لٿا پائين). [ڪوٽي ڪوٽ=ڪروڙن جا ڪروڙ.]

دِيدا دي لَئدي ٿَکِ پاهِ

اَرٿ- ڏيندڙ (پرماتما) پيو ڏئي ۽ وٺندڙ (جيو) ٿڪجو پون. يعني پرماتما جي بخشش جو ڪو اَنت ڪونهي. [ديدا= ڏيندڙ. لئدي=وٺندڙ.]

ٻيو اَرٿ- ڏيندڙ (پرماتما) پيو ڏئي، مگر وٺندڙ (جيو) هميشه وٺڻ لاءِ قائم لٿا رهن.

جُگا جُگَنتَرِ کاهي کاهِ

اَرٿ- جگن جا جگ (هنجي بخشش جي پنبدار مان) کائي پيا کائين. [جگا جگنتر=جگ جگ ۾، جگن جا جگ.]

حُکَمي حُکَمُ چَلائي راهُ

اَرٿ- اُهو حاکم پنهنجي حڪم موجب (سيني کي) پنهنجي پنهنجي رستي تي هلائي ٿو، يعني سيني لاءِ قاعدا ناهي ڇڏيا اٿس، جن موجب اُهي هلن پيا. [حڪمي=حاڪم.]

بنايل نہ آهي يعني هو پاڻيهي ڪنهن بہ آڌار ڪانسواءِ بيٺو آهي ۽ هو پاڻيهي پاڻ پيدا ٿيو آهي. [ٿاپيا = اُستاپن ڪيل، ٺهاريل. ڪيتا = ڪيل، بنايل.]

آپي آپ نِرَنْجَنُ سوءِ

اَرٿ- هو پاڻ اُي پاڻ مايا کان رهت آهي يعني شڌ سروپ آهي. [نرنجن- (نر = سواءِ ۽ انجن = سرمو، داغ) = داغ بنا، يعني مايا کان رهت.]

جِنِ سيوِئا تِنِ پائِئا مانُ

اَرٿ- اهڙي پرماتما جي جن شيوا ڪئي آهي، تن ئي (درگاهہ ۾) مان پاتو آهي.

نانڪ گاوِئِئي، گُڻِي نِڌانُ

اَرٿ- سري گورو نانڪ صاحب جن فرمائين ٿا تہ (اهڙي) گڻن جي خزاني (پرماتما) جا جس ڳائڻ گهرجن. [گڻي نڌان = گڻن جو خزانو يعني پرماتما.]

گاوِئِئي سُڻِئِئي مَنِ رَکِئِئي ڀاءُ

اَرٿ- هن جا گڻ ڳائڻ ۽ ٻڌڻ گهرجن ۽ من ۾ هن سان پريم رکڻ گهرجي. [ڀاءُ = پريم، پريت.]

دُکُ پَرَهَرِ سُکُ گَهرِ لِئِ جاءِ

اَرٿ- (ائين ڪرڻ سان هيءُ جيو) دکن کي دور ڪري سُک پنهنجي اَندر ۾ آڻي ٿو يعني هن جا دُکُ دور ٿي وڃن ٿا ۽ ڪيس سک پراپت ٿين ٿا. [پرهر = دور ڪري. لئِ = آڻڻ.]

وري سڌن پڇيو تہ پرماتما جا گڻ ڳائڻ ۽ ٻڌڻ ۽ هن سان پريم ڌارڻ پاڻيهي پنهنجي سر ڪري سگهجي ٿو يا ان لاءِ ٻي ڪنهن جي مدد جو ضرور آهي؟ تنهن تي صاحبن گوروءَ جي اُپديش جي ضرورت ڏيکاري هيٺين لڪ اُچاري، جنهن ۾ ٻڌايائون تہ ڇو اُهو ضروري آهي.

گورَمُکِ نادَن گورَمُکِ ويدَنْ، گورَمُکِ رَهِئا سَمائِي

اَمرتَ ويلا سَچُہ ناءُ، وڏيائي ويچارُ

اَرٿ- اَمرت ويلي (يعني پرڀات جو) هن جي سچي نام (جپڻ جي پيٺا رکجي) ۽ هن جي وڏاين جو ويچار ڪري (ڪيرتن ڪجي). [امرت ويلا = ويلو يا وقت جو امرت جهڙو مٺو آهي، يا اهو وقت جنهن ۾ امرت جي ورکا ٿئي ٿي يعني پرڀات.]

وري سڌن پڇيو تہ شڀ ڪرمن ڪرڻ ڪري موکش پراپت ڪري ڪين سگهبو ڇا؟ تنهن تي صاحبن فرمايو:-

ڪَرمي آوئ ڪَپڙا، نَدري موکہ دُئارُ

اَرٿ- ڪرمن ڪري (سرير روپي) ڪپڙا يعني جوڻيون ملن ٿيون ۽ (نام اُچارڻ ڪري) پرميشور موکش جو دروازو يعني گيان ڏئي ٿو. ياو- رکو چڱن ڪرمن جي ڪري مکتي ڪانہ ملندي، مگر نام جي مدد سان ئي اُها پائي سگهجي. تنهن ڪري جئن مٿين ۾ لک ۾ چيو ويو آهي تئن پرماتما جي سچي نام جو ويچار ڪر. [ندري = پرميشور. دئار = دروازو.]

ٻيو اَرٿ- ڪرمن ڪري (سرير روپي ڪپڙا) يعني جوڻيون ملن ٿيون ۽ پرميشور جي ڪرپا سان ئي موکش جو دروازو يعني مکتي، پراپت ٿئي ٿي. [ندري = ڪرپا سان.]

نانڪ ايوئ جاڻيئي، سَڀُ آپي سَچيارُ.

اَرٿ- سري گورو نانڪ صاحب جن فرمائين ٿا تہ (نام جي ويچار سان) ائين سمجهجي ٿو تہ هي سارو پر پنچ سچيار پرماتما جو روپ آهي يعني هو سڀ ۾ ياڻ ۾ ورتجي رهيو آهي [ايوئ=ائين.]

تڏهن سڌن پڇيو تہ اهڙي پرماتما کي ڪنهن استاپن ڪيو آهي ۽ ڪنهن بنايو آهي ۽ هن کي ڏيائڻ مان ڪهڙو ڦل ملي ٿو؟ تنهن تي صاحبن هينيون اُتر ڏنو:-

پؤڙي (٥)

ٿاپيا نہ جاءِ ڪيتا نہ هوءِ

اَرٿ- پرماتما ڪنهن جو استاپن ڪيل نہ آهي ۽ ڪنهن جو

پرماڻ- گُنگي مَها اَمرت رَسُ چاکيا،

پوڇي کَهَنُ نہ جائي هو

[سورٺ نامديو جي شبد ۲

اَرٿ- جيکڏهين گؤنگو تمام عمدي مٺي شيءِ کائي، ۽ کائنس پڇجي تہ ان جو سواد کهڙو آهي تہ هو بيان کري نہ سگهندو، تهڙيطرح ستگورن جي مهما جي جاڻ کڻي هجي، تہ بہ اُها ورلي کرڻ مشکل آهي.

گُورا اِکُ ديهِ بُجهائي

سَيَنا جيئا کا اِکُ داتا، سو ميِ وِسَرِ نہ جائي

اَرٿ- گورن اسانکي هڪ ڳالهہ سمجهائي ڏني آهي تہ سيني جيون جو ڏاتا هڪ پرماتما ئي آهي، سو شل اسان کان نہ وسري.

[بجهائي = سمجهائي.]

تڏهين سڌن صاحبن کي چيو تہ اسان سان گڏ هلو تہ اوهانکي تيرٿن تي اِشنان کرايون ۽ قسمين قسمين رلن آدڪ پدارٿ ڏيکاريون. تنهن تي صاحب فرمائڻ لڳا:-

پؤڙي (٦)

تيرَٿِ ناوا، جي تِسُ ڀاوا، وِڻُ ڀاڻي کِ ناءِ کَري

اَرٿ- تيرٿن تي اشنان کريون، جيکڏهين اُنکي يعني پرماتما کي وڻون؛ (پرماتما جي) وڻڻ کان سواءِ اشنان کري ڇا کبو؟ يعني انهيءَ مان کو فائدو نہ ٿيندو. [ناوا = اشنان کريون. ڀاوا = وڻون. وڻ = سواءِ. ڀاڻي = راضي ٿيڻ، وڻڻ. کِ = کهڙو، ڇا.]

جيتي سِرٺِ اُپائي ويکا، وِڻُ کَرما کِ مِلي لَئي

اَرٿ- جيڪا سرشٽي پرميشور جي جوڙيل اسين ڏسون ٿا، تنهن ۾ پورب جي کرمن کانسواءِ (يا پرميشور جي کرپا کانسواءِ) ڇا ٿو ملي؟ يعني هن سرشٽيءَ ۾ جيڪي کي جيو کي ملي ٿو،

اَرٿ- گوروءَ جي مک يعني اُپديش سان اَناهد شبد (ٻڌڻ ۾ اچي ٿو) ۽ گوروءَ جي اُپديش سان ويد يعني گيان (حاصل ٿئي ٿو) ۽ گوروءَ جي اُپديش سان (پرميشور ۾) سمائجي وڃجي ٿو. [نادن = اناهد شبد.]

ٻيو ارٿ- گوروءَ جي آگيا ۾ رهندڙ جيو کي شبد ٻڌڻ ۾ اچي ٿو ته پوءِ هنکي گيان ٿئي ٿو ۽ هو (مالڪ جي يادگيريءَ ۾) محو رهي ٿو.

وري سڌن پڇيو ته گوروءَ جي مهما جو ڪجهه ورنن پلائي ڪري اسانکي ٻڌايو. تنهن تي صاحبن هيٺين تڪ اُچاري:-

گورُ اِيسَرُ، گورُ گورُکہ برَما، گورُ پاربَتِي مائِي.

اَرٿ- گوروئي شوُ آهي، گوروئي وشنو آهي، گوروئي برهما آهي ۽ گوروئي پاربتي ماتا آهي. [ايسر = شو. گورکہ- گو- گانءِ ۽ رکہ = رکيا ڪندڙ يعني گئن جي پالنا ڪندڙ يا وشنو.]

ڀاو- جئن شو مهراج سنگهار ڪندڙ آهي تئن گورو سکن جا ڪام آدڪ وڪار ناس ڪيو ڇڏي. جئن وشنو جگت جي پالنا ڪندڙ آهي، تئن گورو سکن جي شُڀ گڻن جي پالنا ڪندڙ آهي، جئن برهما اُتپتي ڪندڙ آهي تئن گورو سکن جي هردن ۾ نوان نوان گڻ اُتپن ڪري ٿو؛ ۽ جئن پاربتي ماتا ور ڏيندڙ آهي تئن گورو سکن کي اهو ور ٿو ڏئي ته شل هنن جو پريم اَڪال پرکہ سان سدائين لڳو رهي.

تڏهين سڌن پڇيو ته سائين اوهين ٻڌايو ته انهيءَ ڪان به وڌيڪ ٻيو ڪو گورن جو جس آهي؟

تنهن تي صاحبن هيٺيون جواب ڏنو:-

جي هؤُ جاڻا آکان ناهِي، کَهِڻا کَٿَنُ نہ جائِي

اَرٿ- جيڪڏهين اسانکي (انهيءَ ڳالهه جي) وڌيڪ خبر به هجي، تڏهين به اسين چٽي ڪين سگهنداسون، ڇو جو گورن جي جس جو بيان ڪٿيو ئي نہ ويندو. [ڪهڻا = بيان.]

نَوا کَندا وِچ جاڻيئِي، نالِ چَلِي سَڀُ ڪوءِ

اَرٿ- ۽ جيڪڏهين هو نون ئي کنڊن ۾ جاتو وڃي يعني جتي ڪٿي مشهور ٿي پوي ۽ سڀڪو ساڻس گڏ هلي يعني سندس نوڪر ٿي هلي؛

چَنگا ناءُ رَکائِڪي جَسُ ڪيِرَتِ جَگِ ليئِ

اَرٿ- ۽ جيڪڏهين هو پاڻ تي چڱو نالو ڪٽي رکائي (يعني لوڪ هنکي چڱو چون) ۽ جهان جي ساراهہ ۽ تعريف حاصل ڪري. [جس = ساراهہ جا روبرو ڪٽي وڃي. ڪيرت = تعريف، جا پرپٺ ڪٽي وڃي.]

جي تِسُ نَدَرِ نہ آوئِي، تہ واتَ نہ پُڇِي ڪي

اَرٿ- (پر) جيڪڏهين اُنهيءَ جيوَ تي پرميشور جي ڪرپا نہ هجي تہ ڪوبہ هن کي پرلوڪ ۾ وات سان نہ پڇندو (تہ تون ڪير آهين؟) يعني هنکي ڌڪار سان نهاريندا. [ندر = ڪرپا. وات = زبان.]

وري سڌن پڇيو تہ پرماتما جي ڪرپا درشٽيءَ کانسواء جيو جو ڪهڙو حال ٿئي ٿو؟ تنهن تي صاحب فرمائڻ لڳا:-

ڪِيٽا اَندرِ ڪِيٽُ ڪَرِ، دوسِي دوسُ ڌَري

اَرٿ- (اهڙي جيوَ کي) پرميشور جي درگاهہ ۾ ڪيٽن ۾ ڪيئون ڪندا يعني هنکي تمام نيچ جوڻ ملندي؛ ۽ ڏوهي بہ اهڙي جيوَ تي ڏوهہ رکندا يعني اُهي بہ هنکي پاڻ کان گهٽو گهٽ سمجهي پرسان وهڻ نہ ڏيندا. [ڪيٽا = ڪيئان. دوسِي = ڏوهي. دوس = ڏوهہ.]

نانڪ نِرگُڻِ گُڻُ ڪَري، گُڻَوَنتِئا گُڻُ دي

اَرٿ- سري گورو نانڪ صاحب جن فرمائين ٿا تہ پرماتما نرگُني جيوَن تي مهربانيون ڪري ٿو ۽ جيڪي گڻوان آهن تن تي

سو سڀ سندس آڳين ڪرمن موجب (يا پرميشور جي ديا سان) انکي ملي ٿو. [سوت = سوشٽي. ڪرما = (۱) پورب جا ڪرم (۲) پرميشور جي ڪرپا.]

مَتِ وِچِ رَتَنَ جواهَرَ ماڻڪَ، جي اِڪَ گورَ ڪِي سِکہ سُڻِي

اَرت- هن جيو جي ٻُڌيءَ اندر (وئراڳ روپي) رتن، (گيان روپي) جواهر، ۽ (سروڻ، منڻ ۽ نديا سن روپي) ماڻڪ پيا آهن. (اُهي تڏهين چلڪندا)، جڏهين گوروءَ جي هڪڙي ٿي سکيا ٻُڌي (اُن موجب هلجي.) [مت=ٻڌي. رتن = لعل، ياقوت.]

نوٽ- سروڻ، منڻ ۽ نديا سن، اهي ٽي پڳتيءَ جا ڏاڪا آهن جي گوروءَ دواران هٿ اچي سگهندا. (۱) سروڻ = نام سڻڻ (۲) منڻ = نام مڃڻ (۳) نديا سن = نام ۾ درڙ ورتي لڳائڻ. انهن ٽنهي جي مهاتم بابت صاحبن (۸) کان (۱٦) تائين پؤڙيون اُچاريون آهن.

گُورا اِڪَ ديهِ ٻُجهائي
سَبِنا جيئا ڪا اِڪُ داتا، سو مَئِي وِسَرِ نہ جائِي.

اَرت- گورن اسانکي هڪ ڳالهہ سمجهائي ڏني آهي تہ سڀني جيون جو داتا هڪ پرماتما ئي آهي، سو شل اسان کان نہ وسري.

جڏهين سڌن ڏٺو تہ صاحب پدارٿن جي لالچ تي نٿا هرکن، تڏهين وري هن طرح صاحبن کي لالچائڻ لڳا تہ اسانجي پنٿ ۾ اچو تہ اوهانجي عمر وڌي چار جُڳہ ٿي پوي ۽ اوهانجو پرتاب جتي ڪٿي پرگهٽ ٿئي. تنهن تي صاحب فرمائڻ لڳا:-

پؤڙي (۷)

جي جُڳہ چاري آرجا، هورَ دَسُوڻِي هوءِ

اَرت- جيڪڏهين (هن جيو جي) عمر چئن جڳن جيڏي ٿي پوي، بلڪ اُنجي ڏهوڻي ٿي پوي؛ [آرجا = عمر. هور = وري، بلڪ. دسوڻي = ڏهوڻي.]

سُڻِئِي پوهه نه سَکي ڪالُ

اَرٿ- نام جي سڻڻ ڪري ڪال ڇهي نٿو سگهي يعني ناس ڪري نٿو سگهي. [پوهه = ڇهڻ.]

نانڪ ڀَگَتا سَدا وِگاسُ

سُڻِئِي دُکه پاپَ ڪا ناسُ.

اَرٿ- سري گورو نانڪ صاحب جن فرمائين ٿا ته ڀڳتن کي سدائين آنند آهي، (ڇو جو) نام جي سڻڻ ڪري دکه ۽ پاپ ناس ٿي ٿا وڃن.

پؤڙي (٩)

سُڻِئِي ايسَرُ بَرما اِنْدُ

اَرٿ- نام جي سڻڻ ڪري شوُ برهما ۽ اِندر ٿيا آهن.

سُڻِئِي مُکه سالاهَڻُ مَنْدُ

اَرٿ- نام جي سڻڻ ڪري نيچ ذات وارا (سري روداس ڀڳت آدڪ) پنهنجي مُکه سان پرميشور جي تعريف ڪرڻ جا لائق ٿين ٿا. [مند = نيچ. سالاهڻ = تعريف ڪرڻ، ساراهڻ.]

ٻيو اَرٿ- نام جي سڻڻ ڪري نيچ پرش (والميڪ آدڪ) مکه سان ساراهڻ جهڙا ٿين ٿا يعني نام جي پرتاپ ڪري نيچ ماڻهن جي ساراهه هرڪو ڪري.

سُڻِئِي جوگه جُگَتِ، تَنِ ڀيدَ

اَرٿ- نام جي سڻڻ ڪري پرميشور سان ملڻ جي جُگتي هٿ اچي ٿي، ۽ سرير جي ڀيد جي سڌ پوي ٿي، يعني اها خبر پوي ٿي ته سرير جڙ ۽ ناسونت آهي ۽ آتما چيتن ۽ اَمر آهي. [جوگه جگت = پرميشور سان ملڻ جي جُگتي يا تجويز.]

وڏيڪ مهرباليون ڪري ٿو. [نرگڻ = بي گڻا، گڻن کان رهت. گڻونتا = گڻوان. گڙ = اُپڪار، مهرباني.]

تيها ڪوءِ نہ سَجهئي، جي تِس گُڻُ ڪوءِ ڪَري.

اَرٿ- (پر) اهڙو ڪو سجهيئي ڪونہ جو هن (پرماتما) تي مهرباني ڪري، يعني پرماتما کان وڏو يا اُن جيڏو ڪوبہ ڪونهي، جو مٿس ٿورو ڪري.

تڏهين سڌن چيو تہ اهڙو پرماتما ڪيئن هٿ اچي سگهندو؟ صاحبن تنهن تي ڪين پڳتيءَ جا ٽي ڏاڪا بتايا (١) سڙڻ (٢) منڻ ۽ (٣) ندياسن. هينئين چئن پؤڙين (٨-٩-١٠ ۽ ١١) ۾ صاحبن سڙڻ جو قل سڌن کي ٻڌايو.

پؤڙِي (٨)

سُڻِئِئي سِڌَ پيرَ سُرَ ناٿَ

اَرٿ- نام جي سڙڻ ڪري (منش) سڌ، پير، ديوتا ۽ ناٿ ٿيا آهن يعني نام جي سڙڻ ڪري جيئَ اهڙين اُوچن پدوين تي پهتا آهن. [سر = ديوتا. ناٿ = جوڳين جا گورو مثلا گورکناٿ.]

سُڻِئِئي ڌَرتِ ڌَوَلَ آڪاسَ

اَرٿ- نام جي سڙڻ ڪري ڌرتي، اَچو ڍڳو (جنهن تي ڌرتيءَ جو آڌار آهي) ۽ آڪاش، انهن اِستتي پاتي آهي.

نوٽ- پرانن ۾ چيل آهي تہ ڌرتي اَڇي ڍڳي تي بيٺل آهي. اِهو چوڻ فقط النڪار جي نموني آهي. سچ پڇ تہ اهو اڇو ڍڳو آهي ڌرم، ۽ اُنجوئي آڌار ڌرتيءَ کي آهي. جيڪڏهين ڌرم نہ هجي تہ جيڪر پرليءِ ٿي وڃي. تنهنڪري ڌرم ئي ڌرتي جو آڌار ۽ آسرو چئبو.

سُڻِئِئي ديِپَ لوءَ پاتالَ

اَرٿ- نام جي سڙڻ ڪري (٧) ديپ (٧) لوڪ ۽ (٧) پاتال قائم آهن. [ديپ = ملڪ جن جي چوگرد سمنڊ آهي، ٻيٽ. لوءَ = لوڪ.]

سدائين آنند آهي، (ڇو جو) نام جي سمرڻ ڪري دک ۽ پاپ ناس ٿي وڃن ٿا.

پؤڙي (١١)

سُڻِئِي سَرا گُڻا ڪي گاهُ

اَرٿ- نام جي سمرڻ ڪري اهي جيؤ) گڻن جي سمنڊ (يعني پرميشور) کي هٿ ڪري ٿو. [سراگڻا = گڻن جو سمنڊ يعني پرميشور. گاهہ = هٿ ڪرڻ.]

بيو اَرٿ- نام جي سمرڻ ڪري گڻڻ جي سمنڊ (يعني ويد شاستر) جو ويچار ڪجي ٿو. [گاهہ = ويچار ڪجي ٿو.]

سُڻِئِي شيخ پير پاتشاهُ

اَرٿ- نام جي سمرڻ ڪري (جيو) شيخ، پير ۽ بادشاهہ ٿيا آهن.

سُڻِئِي اَنڌي پاوَهِ راهُ

اَرٿ- نام جي سمرڻ ڪري انڌا (پرميشور جي درگاهہ جو) رستو پائين ٿا يعني اگياني جيو گيان پراپت ڪن ٿا.

سُڻِئِي هاٿ هووئ اَسگاهُ

اَرٿ- نام جي سمرڻ ڪري بي انت پرماتما هٿ اُچي سگھي ٿو. (٢) نام جي سمرڻ ڪري (سنسار ساگر) جنهنجو ترو لهڻ جو نہ آهي، سو هٿ جيڏو ٿيو پوي يعني مٽس پاڻي ٽانگھو ٿيو پوي جنهنڪري اُمان سولائي سان تري سگھجي ٿو. [اسگاهہ = جنهنجو انت يا ترو لهي نہ سگھجي يعني بي انت.]

نانڪ ڀَگتا سَدا وِگاسُ
سُڻِئِي دُوکہ پاپَ ڪا ناسُ

اَرٿ- سري گورو نانڪ صاحب جن فرمائين ٿا ته ڀڳتن کي

سُڻِيئِي ساسَت سِمرِت ويدَ

اَرٿ- نام جي سڻڻ ڪري (٦) شاسترن (۲۷) سمرتين ۽ (۴) ويدن جي پوري سمجھ پوي ٿي. [ساست = شاستر.]

نانڪ ڀَگتا سدا وِگاسُ

سُڻِيئِي دُوکہ پاپَ ڪا ناسُ

اَرٿ- سري گورو نانڪ صاحب جن فرمائين ٿا تہ ڀڳتن کي سدائين آنند آهي، (ڇو جو) نام جي سڻڻ ڪري دکہ ۽ پاپ ناس ٿي وڃن ٿا.

پؤڙي (۱۰)

سُڻِيئِي سَتُ سَنتوکہ گيانُ

اَرٿ- نام جي سڻڻ ڪري سَت، سنتوش ۽ (سروپ جو) گيان حاصل ٿئي ٿو. [ست = سچ ٻولڻ يا ست تي بيهڻ. سنتوکہ = پرميشور جي ڏني تي راضي رهڻ، سنتوش.]

سُڻِيئِي اَٺَ سَٺَ ڪا اِشنانُ

اَرٿ- نام جي سڻڻ ڪري (٦٨) تيرٿن جي اشنان (جو ڦل حاصل ٿئي ٿو.) [اٺ سٺ = ٦٨.]

سُڻِيئِي پَڙِ پَڙِ پاوَهِ مانُ

اَرٿ- نام جي سڻڻ ڪري اڀياس ڪرڻ سان مان پائجي ٿو. [پڙ پڙ = پڙهي پڙهي، اڀياس ڪرڻ سان.]

سُڻِيئِي لاگَي سَهَجِ ڌِيانُ

اَرٿ- نام جي سڻڻ ڪري سهجيئي يعني سولائيءَ سان (پرميشور ۾) ڌيان لڳي ٿو. [سهج = سهجيئي، سولائي سان.]

نانڪ ڀَگتا سدا وِگاسُ

سُڻِيئِي دُوکہ پاپَ ڪا ناسُ

اَرٿ- سري گورو نانڪ صاحب جن فرمائين ٿا تہ ڀڳتن کي

پؤڙي (١٣)

مَنيِ سُرتِ هووئِ مَنِ بُڌِ

اَرٿ- نام جي ميڃ ڪري (پرماتما سان) ڌيان لڳي ٿو ؛ من جي اَندر سمجھ پيدا ٿئي ٿي. [منيءَ = ميڃ ڪري. سرت=ڌيان. بڌ = ٻُڌي، سمجھ.]

ٻيو اَرٿ- نام جي ميڃ ڪري من ۽ ٻُڌيءَ ۾ سوجھي ٿئي ٿي. [سرت = سوجھي.]

(ديوان ليلارام سنگھ جي ٽيڪا جپ صاحب تي.)

مَنيِ سَگَل ڀَوَڻ ڪيِ سُڌِ

اَرٿ- نام جي ميڃ ڪري سيني لوڪن جي سُڌ پئجي وڃي (تہ ڇا ڇا اتي ورتجي ٿو.) [ڀوڻ = لوڪ.]

مَنيِ مُهِ چوٽا نا کاءِ

اَرٿ- نام جي ميڃ ڪري (جيو) منهن تي جم آدڪ جون چوٽون نٿو کائي. [چوٽا = چوٽون، ڏک.]

مَنيِ جَمَ کيِ ساٿِ نہ جاءِ

اَرٿ- نام جي ميڃ ڪري (جيو کي) جم جي دوتن سان گڏ وڃڻو نٿو پوي.

ڀاو- نام جي ميڃ ڪري هنجي ڪرمن جو حساب لهيو وڃي، جنهنڪري هو جنم مرڻ کان ڇٽي پوي ٿو.

ائسا نامُ نِرنجنُ هوءِ

جيڪو مَنِ، جاڻيِ مَنِ ڪوءِ.

اَرٿ- نرنجن پرماتما جو نالو اهڙو آهي (جو) جيڪو انهيءَ کي ميڃي ٿو، اهوئي من ۾ ڄاڻي ٿو (تہ اُن ۾ آنند ڪهڙو آهي؟)

سدائين آنند آهي، (جو جو) نام جي سڌ ڪري دک ۽ پاپ ناس ٿي وڃن ٿا.

وري سڌ چوڻ لڳا ته اسان نام جي سڌ جو مهاتم ٻڌو، هاڻي اسانکي پڳتيءَ جي ٻئي ڏاڪي يعني "منڻ" جو مهاتم ٻڌايو تنهن تي صاحبن هينيون ۴ پؤڙيون اُچاريون:-

پؤڙي (۱۲)

مَني ڪي گتِ ڪهي نہ جاءِ

اَرٿ- پرماتما جي نام جپڻ وارن جي مهما چئي نٿي وڃي يعني اها چوڻ کان ٻاهر آهي. [مني = (نام) مڃڻ وارا. گت = حالت، مهما.]

جي کو کهئي پڇئي پڇتاءِ

اَرٿ- جيڪڏهين ڪو چوي (ته مان اها مهما ڪري سگهندس) ته پوءِ پڇتائيندو (ڇاڪاڻ ته چوڻ سان خبر پونديس ته سندس چوڻ کان ٻاهر آهي).

ڪاگدِ قَلَم نہ لِکَڻَ هارُ
مَنئي ڪا بَهِ ڪَرَن ويچارُ

اَرٿ- نہ اينترا ڪاغذ آهن، نڪي اينترا قلم آهن ۽ نڪي اينترا لکندڙ آهن، جو مڃڻ واري پرش (جي مهما) بابت ويهي ويچاري (لکن). [ڪاگد = ڪاغذ. بهہ = ويهي.]

ائسا نامُ نِرَنجَنُ هوءِ
جيڪو مَنِ، جاڻئي مَنِ ڪوءِ

اَرٿ- نرنجن پرماتما جو نالو اهڙو آهي (جو) جيڪو انهيءَ کي مڃي ٿو، اهوئي من ۾ جاڻي ٿو (ته اُن ۾ آنند ڪهڙو آهي.) [نرنجن = مايا کان رهت، پوتر. من = مڃي ٿو.]

مَنئي پَرَ واريُ ساڌارُ

اَرٿ- نام جي مهِڻ ڪري (هي جيو) پنهنجي ڪٽنب (جو پرلوڪ) سڌاري ٿو يعني پنهنجو ڪُل تاريو ڇڏي [پر واريُ=ڪٽنب. ساڌار=سڌارڻ، شُڌ ڪرڻ.]

مَنئي تَرئي تاري گورَسِکهه

اَرٿ- نام جي مهِڻ ڪري (هي جيو) گورن جي سکيا سان پاڻ تري ٿو ۽ (ٻين کي) ٻه تاري ٿو. [سِکهه = سکيا.]

ٻيو اَرٿ- نام جي مهڻ ڪري (هي جيو) پاڻ تري ٿو ۽ پنهنجي گوروءَ جا سکهه ٻه تاري ٿو. [سکهه = سکهه، شش.]

مَنئي نانَڪَ ڀَوَهِہ نہ ڀِکهه

اَرٿ- سري گورو نانڪ صاحب جن فرمائين ٿا تہ نام جي مهڻ ڪري (هي جيو) جوٺين ۾ نٿو ڀٽڪي. [ڀوهہ = ڀٽڪي. ڀکهه= ڀيکهہ يعني جوٺين جا ويس.]

ٻيو اَرٿ- سري گورو نانڪ صاحب جن فرمائين ٿا تہ نام جي مهڻ ڪري (هن جيو کي) ڀکيا لاءِ ڀٽڪڻو نٿو پوي يعني پرميشور هنجون گهر جون گهر ويٺي پوريون ڪري ٿو. [ڀکهه=ڀکيا.]

ائسا نامُ نرنجَنُ هوءِ

جيڪو مَنِ، جاڻئي مَنِ ڪوءِ.

اَرٿ- نرنجن پرماتما جو نالو اهڙو آهي (جو) جيڪو اُنهيءَ کي مڃي ٿو، اُهوئي من ۾ جاڻي ٿو تہ (اُن ۾ آنند ڪهڙو آهي.)

نڌهين سِڌ وري چوڻ لڳا تہ اوهان ”سڻڻ ۽ مهڻ“ جو مهاتم ٻڌايو، پر هاڻي جن پرشن نام ”سڻي ۽ مڃي“، ”نڌ ياسن“ ڪيو آهي يعني اُن سان پنهنجي دروُ ورتي لڳائي آهي، تنجو ٿورو ذڪر ڪريو. تنهنتي صاحب فرمائڻ لڳا:-

پؤڙي (١٤)

مَنئي مارَگِ ٺاڪَ نہ پاءِ

اَرٿ- نام جي مڃڻ ڪري (جيو کي) پرميشور جي رستي ۾ ڪا روڪ نٿي ٿئي. [مارگ = رستو. ٺاڪ = روڪ.]

مَنئي پَتِ سِئُ پرَگَٽُ جاءِ

اَرٿ- نام جي مڃڻ ڪري (هي جيو) آبروءَ سان کليو کلايو يعني بي ڊپو ٿي (ايشور جي درگاهہ ۾) وڃي ٿو. [پرگهٽ = کليو کلايو.]

مَنئي مَگُ نَہ چلئي پَنٿُ

اَرٿ- نام جي مڃڻ ڪري (هي جيو) پرمارٿ جي رستي ۾ موڪو ٿي نٿو وڃي يعني هو اُتي ڪنهن بہ چنتا ڪانسواءِ وڃي ٿو. [مگ = موڪو.]

مَنئي ڌَرَمَ سيتي سَنبَنڌُ

اَرٿ- نام جي مڃڻ ڪري ڌرم سان پريت ٿئي ٿي. [سنبنڌ = پريت.]

اَئسا نامُ نرِنجَنُ هوءِ

جيڪو مَنِ، جاڻئي مَن ڪوءِ

اَرٿ- نرنجن پرماتما جو نالو اهڙو آهي جو (جيڪو) انهيءَ کي مڃي ٿو اُهوئي من ۾ ڄاڻي ٿو (تہ اُن ۾ آنند ڪهڙو آهي.)

پؤڙي (١٥)

مَنئي پاوَهِ موکہ دُئارُ

اَرٿ- نام جي مڃڻ ڪري (هي جيو) موکہ جو دروازو يعني گيان حاصل ڪري ٿو. [دئار = دروازو.]

ڌؤلُ ڌَرَمُ دَيا ڪا پوتُ

اَرٿ- ڌول (جنهن جي آڌار تي ڌرتي بيٺل آهي) سو ڌرم روپي ڍڳو آهي ۽ دیا جو پٽ آهي. (يعني دنيا جو چرخو پرماتما جي ديا سان، ڌرم جي آسري تي هلي ٿو.) [ڌول=ڍڳو؛ پُوت=پٽ.]

سَنتوکُ ٿاپِ رَکيا جِنِ سوُتِ

اَرٿ- اُهو ڌرم روپي ڍڳو سنتوک جي رسيءَ سان ٽاڪيل يعني ٻڌل آهي. ڀاو- ڌرم تڏهين اِستر ٿئي ٿو، جڏهين سنتوک ساڻس شامل آهي. [سوت= سُٽ يا رسي.]

جيڪو بُجهي هووئي سَچِئارُ

اَرٿ- جيڪو اِها ڳالهه سمجهي ٿو، سوئي سچيار آهي (يعني اُهوئي صحيح آهي ۽ ٻين سڀني غلط سمجهيو آهي.) [بجهيءَ=سمجهي ٿو.]

ڌَوَليِ اُوپَرِ کيتا ڀارُ

اَرٿ- اُنهيءَ ڌرم روپي ڍڳي تي ڪيترو نه بار آهي! [کيتا=ڪيترو نه، يعني گهڻو.]

ڌَرتي هورُ پَرےَ هورُ هورُ

اَرٿ- ڌرتيءَ کان پري (يعني ڌرتيءَ هيٺان) ٻي ڌرتي آهي، تنهن جي هيٺان ٻي ۽ اهڙيءَ طرح وري ٻي آهي. مطلب ته بي شمار ڌرتيون هڪ ٻئي هيٺان آهن. [هور=ٻي.]

تِسَ تي ڀارُ تَلےَ ڪَوَڻُ زورُ

اَرٿ- تنهن (سڀ کان هيٺين ڌرتيءَ) جو بار هيٺان ڍڳي کي ڪنهنجو آڌار آهي؟ يعني اِنهن سڀني جو آڌار پرميشور آهي. [تس=تنهن. تلےَ=تري ۾، هيٺان. زور=آڌار.]

پؤڙي (١٦)

پَنْچَ پَرَوَاڻَ، پَنْچَ پَرَڌَانَ

اَرٿ- سنت (لوڪ پرلوڪ ۾) قبول پيل آهن ۽ (جتي ڪٿي) مکيه يا پڌرا آهن. [پنچ=سنت. پرواڻ=قبول پيل. پرڌان=مکيه، پڌرا.]

پَنْچِي پاوَهِ دَرَگَهِ مانُ

اَرٿ- سنت (پرماتما) جي درگاهه ۾ مان پائين ٿا.

پَنْچِ سوهَهِ دَرِ راجانُ

اَرٿ- سنت پرميشور جي دربار ۾ سوڀيا ٿا پائين. [راجان= وڏو راجا يعني پرميشور.]

پنچا ڪا گُرُ ايڪُ ڌِيانُ

اَرٿ- سنتن جو ڌيان هڪڙي گوروءَ يعني وڏي پرماتما ۾ آهي.

نوٽ- سڄڻ ۽ منڻ ڪانپوءِ ”ڌياسن“ جي منزل تي ڌيان ڪجي ٿو. انهيءَ ڏانهن اِشارو هن تڪ ۾ ڪيل آهي.

تڏهين سڌ وري چوڻ لڳا ته جنهن پرماتما ۾ سنت ڌيان لڳائين ٿا، تنهنجا ڪهڙا ڪم آهن، سي ديا پالي اسانکي ورنن ڪري ٻڌايو. تنهن تي صاحب فرمائڻ لڳا:-

جي ڪو ڪهئِ ڪَرئِ ويِچارُ
ڪَرَتي ڪئِ ڪرڻئِ ناهي شُمارُ

اَرٿ- جيڪڏهين ڪو (ان پرماتما جي) ڪمن جو ويچار ڪري بيان ڪندو (ته ڇٽي نه سگهندو)، ڇاڪاڻ ته ڪرتار جي ڪمن جو ڪاٿو ئي ڪونهي. [ڪرتي = ڪرتار. ڪرڻئِ = ڪم.]

وري سڌ چوڻ لڳا ته پراڻن ۾ چيل آهي ته پرٿويءَ کي ڌؤل يعني ڍڳو کنيو بيٺو آهي، تنهن بابت توهانجو ڇا چوڻ آهي؟ تنهن تي صاحبن هينيون اُتر ڏنو:-

جيون ني آهي؛ ۽ ڪير ٿو ڄاڻي تہ ڪيترو قوت تون (جيون کي) ڏين ٿو.

ڪيتا پساءُ ايڪو ڪواءُ

اَرٿ- تو هڪڙي وچن ڪڍڻ سان دنيا جو پسارو ڪيو آهي. [ڪواءُ = واڪ، وچن. پساءُ = پسارو.]

نوٽ- پرميشور سرشٽيءَ جي اُتپتي ڪرڻ کان اڳي هي وچن مک مان ڪڍيو:-

"ايڪو هئُه بهُه سيا مهه"

جنهنجي معني آهي "مان هڪڙو آهيان ۽ مون مان گهڻا ٿين." انهيءَ وچن ڪڍڻ ني سرشٽي اُتپن ٿي.

تِس تي هوئي لکہ دريئاءُ

اَرٿ- تنهن واڪ مان لکين درياهہ ٿيا آهن. مطلب تہ اڳڻت برهمانڊ بڻجي ويا آهن.

قُدرَتِ ڪَوَڻَ ڪَها ويچارُ

اَرٿ- (هي پرماتما!) تنهنجي ڪهڙي قدرت جو آءٌ ويچار ڪري بيان ڪريان يعني تنهنجون قدرتون بي شمار ۽ بي انت آهن.

بيو اَرٿ- (هي پرماتما!) ڪهڙي (مون ۾) قدرت يا شڪتي آهي، جو ويچار ڪري تنهنجو بيان چوان.

وارِئا نہ جاوا ايڪ وارَ

اَرٿ- مان تو تان هڪڙو ڀيرو نہ (ڪي ڪئين ڀيرا) قربان ٿو وڃان. [وارِئا = قربان. وار = ڀيرو.]

جو تُڌُ ڀاوئي سائي ڀلي ڪارَ

اَرٿ- هي ڀڳوان! جيڪي توکي وڻي ٿو، سوئي ڀلو ڪم آهي. [ڀاوئي = وڻي ٿو.]

وري سڌ پڇڻ لڳا ته سائين! پرميشور جي رچنا ڪيتري آهي؟ تنهن تي صاحبن هينيون اُتر ڏنو:-

جِيئَہ جاتِ رَنْگا ڪي ناوَ

اُرٿ- پرميشور (اَليک) جيو ۽ الهن جون ذاتيون (رچيون آهن) ۽ انهن جا (جدا جدا) رنگ ۽ نالا رکيا اٿس. [جات=ذاتيون. ڪي=۽.]

سَبِنا لِکِيا وُڙي قلامَ

اُرٿ- (١) ۽ سڀني (جي مستڪ) تي چوٽ وهندڙ قلم سان ليک لکي ڇڏيو اٿس. (٢) سڀني جي مستڪ تي لکئي جو ڪلام وهي ويو آهي يعني سڀني جو ليک سندن ڪرمن اَنوسار لکيو ويو آهي. [وُڙي=وهندڙ. قلام= (١) قلم، (٢) ڪلام. وُڙي قلام=وهندڙ قلم يعني اُهو قلم، جو مس سان پريو پيو هجي ۽ جو بلڪل جلد لکي سگهي يعني چوٽ وهندڙ قلم.]

اَيهُ ليکا لِکہِ جاڻي ڪوءِ

ليکا لِکِيا ڪيتا هوءِ

اُرٿ- اهو ليکو ڪير لکي ڄاڻي؟ (جيڪڏهين) اهو ليکو ڪٿي لکجي ته ڪيترو نہ ٿيندو! يعني لکڻ سان پوري پوڻ جي نہ آهي.

هتي گورو صاحب پرميشور ڏانهن سنمکہ ٿي سندس اُستت ڪن ٿا:-

ڪيتا تاڻُ سُئالهُ رُوپُ

اُرٿ- (هي پرميشور!) ڪيترو نہ تنهنجو بل آهي ۽ تنهنجو روپ ڪهڙو نہ سندر آهي! [تاڻ=بل. سئالھ=سندر.]

ڪيتي دات جاڻي ڪوڻُ قُوتُ

اُرٿ- ۽ ڪيتري نہ تنهنجي بخشش (کائڻ پيئڻ وغيره جي)

اَسنکھ ڀَڳَت گُڻَ گيانَ وِيچارَ

اَرٿ- اَنيڪ ڀڳت آهن، جي (هنجي) ڀلاين ۽ برهم گيان جو ويچار ڪن ٿا. [گڻ=اُپڪار، ڀلايون.]

اَسنکھ سَتي اَسنکھ داتارَ

اَرٿ- اَنيڪ ستوادي آهن (جهڙوڪ راجا هرشچندر) ۽ اَنيڪ دان ڪرڻ وارا آهن (جهڙاڪ ڪرڻ ۽ وڪرماجيت.)

اَسنکھ سُور مُهَ ڀَکھ سار

اَرٿ- اَنيڪ سورما آهن جي منهن تي هٿيارن جا (ڌڪ) کائين ٿا يعني لڙائيءَ ۾ پٺ نٿا ڏين. [سار=رڪ يا لوھ جو هٿيار. ڀکھ = کائڻ.]

اَسنکھ مونِ لِوَ لاءِ تارَ

اَرٿ- اَنيڪ موني آهن جي اَکنڊ ورتي (پرماتما سان لڳائين ٿا.) [تار=هڪ ٽڪ، اَکنڊ.]

ڪُدَرَت ڪَوَڻُ کَها وِيچارُ

اَرٿ- (هي پرماتما) تنهنجي ڪهڙي قدرت جو آءٌ ويچار ڪري بيان ڪريان يعني تنهنجون قدرتون بي شمار ۽ بي اَنت آهن.

ٻيو اَرٿ- (هي پرماتما) ڪهڙي (مون ۾) قدرت يا شڪتي آهي، جو ويچار ڪري تنهنجو بيان چوان.

وارِيا نہ جاوا ايڪ وارَ

اَرٿ- مان توتان هڪڙو ڀيرو نہ (ھر ڪٿين ڀيرا) قربان ٿو وڃان.

جو تُڌُ ڀاوئي سائي ڀَلي ڪارَ

اَرٿ- هي ڀڳوان جيڪي توکي وڻي ٿو، سوئي ڀلو ڪم آهي.

تون سَدا سَلامَتِ نِرَنڪارَ

اَرٿ- هي نرآڪار سروپ (نرگڻ روپ!) تون سدائين اِستر آهين. ڀاو- توڪانسواءِ ٻيو جيڪي ڏسڻ ۾ اچي ٿو، سو قائم رهڻ وارو نه آهي.

تڏهين سڌ وري پڇڻ لڳا ته پرميشور، جا سرشٽي بنائي آهي، سا سموري هڪجهڙي آهي يا جدا جدا نمونن جي؟ تنهن تي صاحبن فرمايو ته اُها نمونن نمونن جي آهي پر خاص ڪري ٻن نمونن جي آهي، هڪڙي دئوي سرشٽي ۽ ٻي آسُري سرشٽي. يعني هڪڙا ڀَلا ۽ ٻيا بُرا:-

تڏهين سڌ دئوي سرشٽيءَ جي ورڻن ڪرڻ لاءِ صاحبن کي عرض ڪرڻ لڳا، جنهن تي صاحبن هيٺين پؤڙي اُچاري:-

پؤڙي (١٧)

اَسَنْڪَه جَپَ اَسنڪه ڀاءِ

اَرٿ- اَنيڪ (هن جو) جپ ڪندڙ آهن ۽ اَنيڪ (هن سان) پريم ڪندڙ آهن. [اَسنڪه = اَنيڪ، بيشمار. ڀاءِ = پريم.]

اَسَنْڪَه پُوجا اَسنڪه تَپَ تاءِ

اَرٿ- اَنيڪ هنجون پوڄائون ڪندڙ آهن ۽ اَنيڪ هنجون تپشائون ڪندڙ آهن. [تپ تاءِ = تپشائون.]

اَسَنْڪَه گَرنْٿَ مُکِه ويدَ پاٺَ

اَرٿ- اَنيڪ، پستڪن ۽ ويدن جو پاٺ مک سان ڪندڙ آهن. [گرنٿ = پستڪ.]

اَسَنْڪَه جوگَه مَنِ رَهَهِ اُداسَ

اَرٿ- اَنيڪ جوڳي آهن جي من ۾ (دنيا جي وهنوار کان) اُداس رهن ٿا.

أسنک مَليڇ مَلُ ڀکِ کاهِ

أرٿ- أنيڪ مليڇ يعني کوٽن ڪمن ڪرڻ وارا آهن، جي گندو کاڌو کائين ٿا.

نوٽ- مٿين تُڪ ۾ گندي کاڌي جو مطلب آهي هنسا، چوريءَ ٺڳيءَ سان حاصل ڪيل کاڌو، يا ماس، شراب وغيره ورتائڻ. [مل=ملين، گندو. ڀک=کاڌو.]

أسنک نندَڪ، سرِ ڪرَهِ ڀارُ

أرٿ- أنيڪ نندا ڪندڙ آهن جي (پرائي نندا ڪرڻ ڪري) پنهنجي سر تي پاپ جو بوجو کڻن ٿا. [نندڪ= نندا ڪندڙ.]

نانڪ نيچُ کَهي وِيچارُ

أرٿ- سري گورو نانڪ صاحب جن فرمائين ٿا تہ (هن پؤڙيءَ ۾) نيچ يعني آسُري سرشٽيءَ جو ويچار اسان اوهانکي ٻڌايو آهي.

نوٽ- ڪي ٽيڪا ڪندڙ هن تڪ جو أرٿ هن طرح ڪن ٿا:- سري گورو نانڪ صاحب پاڻکي ''نيچ'' جو سخت لفظ ڏيئي ويچار ڪري چون ٿا تہ......

وارِئا نہ جاوا ايک وارَ

أرٿ- (هي پرماتما) مان توتان هڪڙو ڀيرو نہ (پر ڪئين ڀيرا) قربان ٿو وڃان.

جو تُڌُ ڀاوئي سائي ڀلي ڪارَ

أرٿ- هي ڀڳونت! جيڪي توکي وڻي ٿو، سوئي ڀلو ڪم آهي.

تون سدا سلامت نرنڪار

أرٿ- هي نر آڪار سروپ (نرگن روپ!) تون سدائين استر آهين. ڀاو- توکانسواءِ ٻيو جيڪي ڏسڻ ۾ اچي ٿو سو قائم رهڻ وارو نہ آهي.

تون سدا سلامت نرنڪار

اَرٿ- هي نر آڪار سروپ (نرگڻ روپ!) تون سدائين اِستر آهين. ڀاو- توڪان سواءِ ٻيو جيڪي ڏسڻ ۾ اچي ٿو، سو قائم رهڻ وارو نه آهي.

وري ستڌ چوڻ لڳا ته سائين، اسُري سرشٽي ڇا ڪي ٿا ڪرنيو؟ تنهن تي صاحبن هينئين پؤڙي اُچاري:-

پؤڙي (١٨)

اَسنک مُورک اَنڌ گهورَ

اَرت- اَنيڪ مورک آهن ۽ بلڪل اَنڌا يعني اَگيانِي آهن. [گهور = تمام، بلڪل.]

اَسنکَ چورَ حَرامَ خورَ

اَرت- اَنيڪ چور آهن ۽ (پرائو مال) حرام ڪري کائيندڙ آهن.

اَسنکَ اَمرَ ڪرِ جاهِ زورَ

اَرت- اَنيڪ (هن جهان مان) پنهنجو حڪم ظلم سان هلائي وڃن ٿا. [امر = حڪم. زور = ظلم. جاهه = وڃن ٿا.]

اَسنک گلَ وَڍَ هَتيا ڪماهِ

اَرت- اَنيڪ، (پراوا) گلا وڍي هتيائون ڪن ٿا يعني جيون کي پيڙين ٿا. [گل=ڳچي، گلو. هتيا = هتيا.]

اَسنک پاپي پاپُ ڪر جاهِ

اَرت- اَنيڪ پاپي آهن، جي پاپ ڪريَ (مري) وڃن ٿا.

اَسنک ڪُوڙيار ڪُوڙي ڦراهِ

اَرت- اَنيڪ ڪوڙا (شخص) آهن، جي ڪوڙ ۾ پيا ڦرن يعني هميشه ڪوڙ ڳالهائيندا پيا وتن. [ڪوڙيار=ڪوڙا. ڦراهه= ڦرن ٿا.]

ڪرمن موجب پرميشور جو نام جپجي ٿو ۽ ساراهجي ٿو. هيٺين ٽن تڪن جو به انهيءَ ريت أرٿ ڪري سگهبو.

أکري گيانُ گيتَ گُڻَ گاهَ

أرٿ- أکرن ڪري گيان حاصل ٿئي ٿو ۽ پرميشور جي گڻن جا گيت ڳائجن ٿا.

اکري لِکڻُ بولڻُ باڻِ

أرٿ- أکرن جي مدد سان باڻي لکجي ٿي ۽ أچارجي ٿي. [باڻ=باڻي.]

أکرا سرِ سنْجوگُ وَکاڻِ

أرٿ- أکرن سان مستڪ تي پرارٻڌ (نصيب) جو ليک لکيل آهي. [وکاڻ=ورڻن ڪيل، لکيل. سنجوگ=ڪرمن جي ڦل جو ليک يعني پرارٻڌ جو ليک.]

وري سد پڇڻ لڳا ته پرماتما به پرارٻڌِ جي وس آهي ڇا؟ تنهن تي صاحبن هيٺيون أتر ڏنو:-

جِنِ ايهِ لِکي تِسُ سِرِ ناهِ

أرٿ- جنهن پرماتما ٻين جي مستڪ تي اهو ليک لکي ڇڏيو آهي، تنهن جي سر تي ڪو به ليک لکيل نه آهي.

جِوَ فُرمائي تِوَ تِوَ پاهِ

أرٿ- جهڙيطرح أهو (پرماتما) فرمائي ٿو. أن موجب هي جيو (ڦل) پائي ٿو.

جيتا کيتا تيتا ناءُ

وِڻُ ناوي ناهِي کو ٿاءُ

أرٿ- جيترا (جيو آدڪ) پيدا ڪيا أٿس، تيترن کي نالا آهن؛ نالي کانسواءِ ڪو به مڪان يا شيءِ ڪانهي.

وري سڌ پڇڻ لڳا تہ جنهن پرميشور ڏئوي سرشٽي ۽ آسُري سرشٽي بنائي آهي، تنهن پرميشور جا ناﻻ ۽ اُنجي رهڻ جون جڳهيون ڪهڙيون آهن؟ تنهن تي صاحبن فرمايو:-

پؤڙي (١٩)

اَسنکہ ناوَ اَسنکہ ٿاوَ

اَرٿ- (پرميشور جا) اَنيڪ ناﻻ آهن ۽ اُنجي رهڻ جون جايون بہ انيڪ آهن. (يعني هو سيني سروپن، وستن ۽ جاين ۾ وياپڪ آهي.)

اَگَم اَگَم اَسنکہ لوءَ

اَرٿ- هن جا بيشمار لوڪ آهن، جي جاڻڻ کان ٻاهر آهن يعني هنجي لوڪن جي جاڻ ٿِي نٿي سگهي. [اگم=جاڻڻ کان ٻاهر. لوءَ=لوڪ.]

اَسنکہ کَهَہِ سِرِ ڀارُ هوءِ

اَرٿ- اَنيڪ (تپشي) پنهنجي سر تي بار رکي يعني پاٺکي اُبتو ٽنگي پرميشور جا جس ڳائين.

وري سڌ چوڻ لڳا تہ پرماتما جي ساراهہ ڪهڙي طرح ڪري سگهجي ٿي؟ اُنجو اُتر صاحبن هي ڏنو تہ اکرن جي وسيلي اُها ڪري سگهجي ٿي. سڌن وري پڇيو تہ اکرن جي مدد سان ڇا ڇا ٿِي سگهي ٿو؟ تنهن تي صاحبن هينيون چار تُڪون اُچاريون:-

اَکري نامُ اَکري ساﻻهَہ

اَرٿ- اکرن ڪري (يعني اُکرن جي مدد سان) پرميشور جو ناﻻ جپجي ٿو ۽ اُنجي اُستت ڪجي ٿي.

نوٽ- هن تڪ ۽ هينين ٽن تڪن ۾ ”اَکري“ جو اُرٿ لکيل اَکر يعني ”اڳيان چڱا ڪرم“ بہ ٿِي سگهي ٿو. اُنهيءَ موجب هن تڪ جي هيءَ معنيٰ ٿيندي تہ لکيل اَکرن موجب يعني اڳين چڱن

پوي ته أها مٽي پاڻيءَ سان ڏوئڻ ڪري لهي وڃي ٿي. [پريئيءَ= گند سان يا مٽيءَ سان پرجي پوي. کيهه=مٽي. ديهه=ڏر.]

مُوَت پَلِيتي ڪَپَڙُ هوءِ
دي صابُونُ لَئِيئِي اُهُ ڌوءِ

أرت- جيڪڏهين مؤتر سان ڪپڙو خراب ٿي پوي ته صابڻ لڳائي أهو ڌوئي سگهجي ٿو. [موت=مُتُ، مؤتر. ڪپڙ=ڪپڙو.]

پَرِيئِي مَتِ پاپا ڪي سنَگِ
اُهُ ڌوپي ناوِي ڪي رَنْگِ

أرت- (پر) جي بُڌي پاپن سان پريل هجي ته أها نام جي رنگ سان ئي صفا ٿي سگهي ٿي يعني أها پرميشور سان پريم ڪرڻ سان ئي شڌ ٿي سگهي ٿي.

پُنِّي پاپي آکَڻُ ناهِ

أرت- پڇه ڪندڙ ۽ پاپ ڪندڙ چوڻ ڪان باهر آهن يعني أهي بيشمار آهن. [پني=پڇه ڪندڙ.]

بيو أرت- پڇه ڪندڙ يا پاپ ڪندڙ رڳو چوڻ تي نه آهن. مطلب ته جيڪڏهين ڪو ماڻهو پاڻکي ڌرمشت يا پاپي ڪوٺائيندو ته اِهيءَ ڪري هو ڌرمشت يا پاپي ٿي ڪين پوندو، پر ڌرمشت يا پاپي ٿيڻ جو مدار ڪرمن تي منحصر آهي.

ڪَرِ ڪَرِ ڪَرَڻا لِکِ لي جاهُ

أرت- جيڪي ڪم (هي جيو) ڪري ٿو، سي هو پاڻ سان لکي کڻي وڃي ٿو يعني أنهن موجب ڦل پوڳي ٿو.

آپي بيجِ آپيهي کاهُ

أرت- جهڙو هي جيو ٻج پوکي ٿو تهڙوئي (لڻي) کائي ٿو يعني جهڙا ڪم ڪري ٿو، تهڙا ڦل پوڳي ٿو.

نانَڪَ حُڪَمِي آوَهُ جاهُ

أرت- سري گورو نانڪ صاحب جن فرمائين ٿا ته پرماتما

بيو اَرٿ- جيڏو وڏو سندس رچيل (سنسار) آهي، اوڏو وڏو سندس نام آهي. نام کانسواءِ جيو کي ڪو آسرو نه آهي.
[ڪيتا=ڪيل، رچيل. ٿائو=آسرو.]

قُدرتِ ڪَوڻُ ڪَها ويِچارُ

اَرٿ- (هي پرماتما!) تنهنجي ڪهڙي قدرت جو آءٌ ويچار ڪري بيان ڪريان يعني تنهنجون قدرتون بيشمار ۽ بي انت آهن.

بيو اَرٿ- (هي پرماتما!) ڪهڙي (مون ۾) قدرت يا شڪتي آهي، جو ويچار ڪري تنهنجو بيان ڪريان!

وارِئا نه جاوا ايڪ وارَ

ارٿ- مان تو تان هڪڙو ڀيرو نه (پر ڪئين ڀيرا) قربان تو وڃان.

جو تُدُ ڀاوئي سائي ڀلِي ڪارَ

اَرٿ- هي ڀڳونت! جيڪي توکي وڻي ٿو، سوئي چڱو ڪم آهي.

تُون سَدا سَلاَمتِ نرنڪارَ.

اَرٿ- هي نرآڪار سروپ (نرگڻ روپ!) تون سدائين اِستر آهين. ڀاو- توکانسواءِ بيو جيڪي ڏسڻ ۾ اچي ٿو، سو قائم رهڻ وارو نه آهي.

وري سڌ پڇڻ لڳا تہ انهڪرڻ ڪيئن شُڌ ڪجي؟ تهن صاحبن فرمايو:-

پئوڙي (٢٠)

پَرِئيِءِ هَٿُ پَيرُ تَنُ ديهَ
پاڻي ڌوتَي اُتَرَسُ کيهَ

اَرٿ- جيڪڏهين هٿ، پير، تن يا سرير مٽيءَ سان ڀرجي

وِڻُ گُڻَ ڪيِتي، ڀَگَتِ نہ هوءِ

اَرٿ- تنهنجي ٻاجھہ بنا ڀڳتي نٿي ٿئي.

ٻيو اَرٿ- تنهنجي گڻن ڳائڻ کانسواءِ ڀڳتي نٿي ٿئي. [وڻ = سواءِ. گڻ = (١) مهرباني، ٻاجھہ. (٢) گڻ.]

تڏهين سِدن وري پڇيو تہ پرماتما سرشٽي ڪيئن پيدا ڪئي؟

تنهن تي صاحبن فرمايو:-

سُئَستِ آٿِ ٻاڻي بَرَماءُ

اَرٿ- ڪلياڻ روپ (پرماتما) مان مايا پيدا ٿي؛ ۽ پوءِ ٻاڻي ("ايڪو ھئہ ٻھ سيا مھ") اُچارڻ سان برهما آدڪ يعني برهما، وشنو ۽ مهيش پيدا ٿيا (۽ پوءِ ساري سرشٽيءَ جي اُلپتي ٿي.) [سئست=ڪلياڻ روپ. آٿ=مايا.]

سَتِ سُهاڻُ، سَدا مَن چاءُ

ارٿ- اهو پرماتما ست آهي ۽ سوپيا وارو آهي ۽ هن جي من ۾ سدائين آنند آهي. [سهاڻ=سوپيا وارو. چاءُ= آنند.]

وري سِڌ هيٺيون سوال پڇڻ لڳا:-

ڪَوڻُ سُ ويلا، وَقتُ ڪَوَڻُ. ڪَوَڻُ ٿِتِ، ڪَوَڻُ وارُ

ڪوڻ سِ رُتي، ماهہ ڪوڻ. جِت هوئا آڪار

سوال- اها ويل ڪهڙي هئي؛ وقت ڪهڙو هو، ٿت ڪهڙي هئي، ڏينهن ڪهڙو هو، مؤسم ڪهڙي هئي ۽ مهنو ڪهڙو هو، جڏهين سرشٽي پيدا ٿي؟ [ويلا=ويل؛ وقت. وار= ڏينهن. رتي= موسم. ماهہ=مهنو. آڪار=روپ، سروپ يعني سرشٽي.]

تنهن تي صاحبن هيٺيون جواب ڏنو:-

ويلَ نہ پائيئا پَنڊَتِي، جِ هووئي ليکُ پُراڻُ

جواب- اها ويل پنڊتن بہ نہ پاتي آهي؛ جي پاتي هجين ها تہ انهي باہت ليکہ پُراڻن ۾ هجي ها.

جي حڪم سان هي جيو (پنهنجن ڪرمن موجب) اچي وڃي ٿو يعني جنم مرڻ جي چڪر ۾ اچي ٿو.

تڏهين سِڌ چوڻ لڳا ته سائين! اوهين ته نام سان پريم ڪرڻ تي زور ٿا رکو، پر تيرٿ، تپ ۽ دان ڪرڻ مان ڪو لاڀ آهي يا نه؟ تنهن تي صاحبن فرمايو:-

پؤڙي (٢١)

تيرَٿُ تَپُ دَيا دَتُ دانُ
جي ڪو پاوئي تِل َ ڪا مانُ

اَرٿ- جي جيو تيرٿ ٿا ڪن يا تپشائون ٿا ڪن يا ديا داري دان ٿا ڪن، تن کي (درگاهه ۾) تِرَ جيترو مان ملي ٿو. [ديا دت دان=ديا سان ڏنل دان. تل=تر]

سُڻِيا مَنِيا، مَن ڪيتا ڀاءُ
اَنْتَرَگَتِ تيرَٿِ مَل ناءُ

اَرٿ- (پر) جي جيو نام سڻن ٿا ۽ مڃين ٿا ۽ من ۾ اُن سان پريم رکن ٿا، سي پنهنجي هردي روپي تيرٿ ۾ اشنان ڪري (هومئ روپي) ميل دور ڪن ٿا؛ يعني اُنهن مان جيو ۽ ايشور جو ڀيد نڪريو وڃي. [ڀاءُ=پريم. انترگت=اندر ڀيل يعني هردي روپي. مل=ميل. ناءُ=اشنان ڪري.]

تڏهن سڌن پڇيو ته هؤمي دور ڪرڻ لاءِ ڪهڙو ساڌن آهي؟ تنهن تي صاحبن هينيون ٻه تڪون اُچاري ٻتايو ته اُن لاءِ پرماتما کي پرارٿنا هن ريت ڪجي ته:-

سَڀِ گُڻ تيري، مئ ناهي ڪوءِ

اَرٿ- هي ڪرتار! سڀ گڻ تو ۾ ئي آهن، پر مون ۾ ڪهڙو به نه آهي.

۾ وڃي سوپيا نہ پائيندو. [آہو=ايمان. اَڳيءَ=اڳتي يعني پرميشور جي دربار ۾. سوھيءَ=سونھندو.

وري سِڌ چوڻ لڳا تہ پُراڻن ۾ (٧) پاتال ۽ (٧) آڪاس لکيل آھن، اوھين انھيءَ نسبت ڇا ٿا فرمايو؟ تنھن تي صاحبن ھيٺين پؤڙي اُچاري:-

پؤڙي (٢٢)

پاتالا پاتال، لکہ آگاسا آگاسَ

اَرٿ- لکين پاتالن جا پاتال آھن ۽ لکين آڪاسن جا آڪاس آھن. [آگاس=آڪاس.]

اوڑک اوڑک ڀالِ ٿکي، ويدَ کھن اِکَ واتَ

اَرٿ- (ماڻھو) پرماتما جو انت جاچي نيٺ ٿڪجي پيا (يعني اُنجو انت نہ پاتائون) ۽ ويد بہ ھڪڙي ئي ڳالھہ ٿا چون (تہ پرماتما بي انت آھي.) [اوڑک=انت. ڀال=جاچي. وات=بات، ڳالھہ.]

سَھسَ اٹھارَھ کھنِ کتيبا، اَسُلوُ اِکُ ڌاتُ

اَرٿ- ١٨ ھزار سلوڪ (جي ڀاڳوت ۾ آھن) ۽ (۴) ڪتاب (مسلمانن جا) بہ ائين ٿا چون تہ اصل ۾ سڀ جو مُول ھڪ ئي (پرماتما) آھي. [سھس=ھزار. اٹھارھ=ارڙھن. ڪتيبا=ڪتاب مسلمانن جا. اسلو=اصل ۾. ڌات=مُول.

نوٽ:- مسلمانن جو اعتقاد ھيٺين چئن ڪتابن ۾ آھي: (١) قران حضرت محمد صاحب جو، (٢) توريت حضرت موسيٰ صاحب جو، (٣) زبُور حضرت دائود جو، (۴) انجيل حضرت عيسيٰ صاحب جو.

ليکا ھوءِ تہ لکيئَي، ليکي ھوءِ وڻاسُ

اَرٿ- (پرماتما جي ڪمن جو) ليکو تڏھن لکجي، جي لکي سگھجي، ليکو ڪندي (ليکي ڪرڻ وارو ناس ٿي ويندو)، پر پرماتما جو انت پائي نہ سگھندو. [وڻاس=ناس.]

وَقتُ نہ پائِيو قاديِئا، جِہ لِکَنِ ليکہ قُرانُ

اَرٿ- ۽ قاضين کي بہ اهو وقت هٿ نہ آيو، جي هٿ اچين ها تہ قران ۾ لکي ڇڏين ها.

ٿِتِ وارُنا جوگِي جاڻيِ، رُتِ ماهُہ نا کوئِي

اَرٿ- ۽ جوگي (جي سماڌ لڳائين ٿا) تن مان ڪنهنکي بہ انهيءَ تٿ، ڏينهن، موسوم ۽ مهني جي خبر نہ آهي.

جا ڪَرَتا سِرَٺِي ڪئِساجِي، آپِي جاڻيِ سوئِي

اَرٿ- جنهن ڪرتار سرشٽي رچي آهي، اُهو پاڻ ئي جاڻي ٿو (تہ ڪڏهين رچنا رچي اٿس.) [سرٺي=سرشٽي. ساجي=جوڙي، رچي.]

ڪِوَ ڪِر آکا، ڪِوَ سالاهِي، ڪِئُہ وَرَنِي، ڪِوَ جاڻا

اَرٿ- (پرميشور جو بيان) ڪيئن ڇئي سگهان ۽ ڪيئن انجي اُستتي ڪري سگهان! ۽ ڇا ورنن ڪريان ۽ ڪيئن انکي جاڻي سگهان! يعني هو بيان ڪرڻ ۽ جاڻائڻ کان ٻاهر آهي.

نانک آکَڻِ سَڀُکو آکِي، اِکَ دوُ اِکُ سِياڻا

اَرٿ- سري گورو نانڪ صاحب جن فرمائين ٿا تہ (انجو بيان) چوڻ ڪري تہ سڀڪو پيو چوي ۽ سڀڪو پاڻ کي (انهي بيان ڪرڻ ۾) ٻئي کان وڌيڪ سياڻو ٿو سمجهي (پر انت ڪو بہ ڪو نہ ٿو پائي سگهي. (دو=کان. اِڪ دو اِڪ=هڪڙو ٻئي کان.]

وَڈا صاحبُ وَڈِي نائِي، ڪِيتا جا ڪا هووئِي

اَرٿ- جنهن (پرميشور) جي هيءَ رچنا آهي، سو وڏو صاحب آهي ۽ هن جي وڏائي بہ وڏي آهي يا هنجو نالو بہ وڏو آهي. [نائي=وڏائي، نالو. ڪيتا=کيل يعني رچنا.]

نانک جيڪو آپو جاڻيِ، اَگِي گَيا نہ سوهِي.

اَرٿ- سري گورو نانڪ صاحب جن فرمائين ٿا تہ جيڪو ايمان ڪري پاڻ کي ڪا چيز سمجهي ٿو، سو پرميشور جي درٻار

وري سِد پڇڻ لڳا تہ سائين تڏهين ڪوبہ پرميشور جو اَنت پائي ڪونہ سگهندو؟ تنهنتي صاحبن هينئين مها سندر پؤڙي اُچاري، جنهن ۾ ڏيکاريائون تہ پرماتما هر طرح بي اَنت آهي:-

پؤڙي (٢٤)

اَنْتُ نہ صِفتي، ڪَهڻِ نہ انْتُ

اَرٿ- (پرميشور) جي صفتن جو انت ڪونهي ۽ انهن صفتن جي چوڻ جو بہ انت ڪونهي.

اَنتُ نہ ڪَرَڻي، ديڻِ نہ اَنتُ

اَرٿ- هنجي ڪرتبن جو بہ انت ڪونهي ۽ هن جي (بخشيشن) ڏيڻ جو بہ انت ڪونهي.

اَنتُ نہ ويکڻ، سُڻڻِ نہ اَنتُ

اَرٿ- هن جي ڏسڻ جو بہ انت ڪونهي ۽ هنجي ٻڌڻ جو بہ انت ڪونهي يعني هو سيڪي ڏسي ۽ ٻڌي ٿو.

اَنت نہ جاپئي، ڪِيا مَنِ مَنْتُ

اَرٿ- اهو انت بہ نٿو ڄاتو وڃي تہ (هنجي) من جو مطلب ڪهڙو آهي؟ [جاپئي=ڄاتو وڃي. منت=منتر، مرضي، مطلب.]

اَنتُ نہ جاپئي، ڪيتا آڪار

اَرٿ- هن جيڪي آڪار ڪيا آهن يعني جيڪا رچنا رچي اٿس، تنهنجو انت بہ نٿو ڄاتو وڃي. [آڪار=روپ، سرير.]

اَنت نہ جاپئي پارا وارَ

اَرٿ- هن جي آد ۽ آخر جو انت بہ معلوم نٿو ڪري سگهجي. [پارا وار = پَارِ ۽ اوراِر = پرين ڇيڙو ۽ اورين ڇيڙو يعني آد ۽ آخر.]

نانڪ وَڏا آکيئي، آپي جاڻي آپُ.

اَرٿ- سري گورو نانڪ صاحب جن فرمائين ٿا تہ انهيءَ پرماتما کي ئي وڏو چوڻ گهرجي ۽ هوئي پنهنجي گت پاڻ جاڻي ٿو. وري سڌ چوڻ لڳا تہ سائين! پرماتما کي ساراهڻ سان اُنجي سوجهي پئجي سگهي ٿي يا نہ؟ تنهن تي صاحب هيٺين پؤڙي اُچارڻ لڳا:-

پؤڙي (٢٣)

سالاهي سالاهِ، ايتي سُرتِ نہ پائيئا

اَرٿ - ساراهہ ڪرڻ وارا يعني ڀڳت (پرماتما جي) ساراهہ ڪن ٿا، پر اِها سمجهہ انهن کي بہ نہ پيئي (تہ پرماتما جو ڪهڙو انت آهي.) [سالاهي = ساراهہ ڪندڙ.]

نَديئا اَتي واهَ پَوَهِ، سَمنْدِ نہ جاڻيئهِ

اَرٿ - اجهڙيطرح ندين ۽ واهہ سمنڊ ۾ وڃي پون ٿا، پر اُهي سمنڊ جو انت نٿا جاڻي سگهن، تهڙيطرح جڳياسو پرميشور جو اُنت نٿا پائي سگهن.) [اتيءَ = ۽.]

سَمنْدَ شاهَ سُلطانَ، گرَها سيتي مالُ ڌنُ

ڪِيڙي ٽُلِ نہ هووَني، جي تِسُ مَنُهہ نہ وِسَرَهِ.

اَرٿ- سمنڊ جهڙا وڏا شاهہ ۽ سلطان جن وٽ مال ۽ ڌن ايترو هجي، جو جبلن جي چوٽيءَ سان وڃي ڀڄي، سي بہ هڪڙي ڪِئليءَ جي برابر نہ آهن، جيڪڏهين (ڪئلي) کي پرماتما من مان نہ وسري. ياو- ڀڳت جيڪڏهين ڪئليءَ وانگر نيچ هجي تہ بہ پرماتما جي ڀڳتي ڪرڻ ڪري هو بادشاهن کان بہ وڌيڪ آهي. [گرها= جبل. ڪيري=ڪئلي. ٽل=برابر. تس=هن کي.]

پرماڻ:- اوئاني گنئؤ اُتم چندبالا

نانڪ جهہ مَنِ بَسهَ گوپالا

[گؤڙي باون اکري محلا (٥)]

نانَڪَ نَدَري ڪَرَمِ داتِ.

اَرٿ- سري گورو نانڪ صاحب جن فرمائين ٿا تہ، ندري يعني پرماتما جي ڪرپا سان (نام جي) بخشش ٿئي ٿي. [ندري= پرماتما. ڪرمي=ڪرپا. دات=بخشش.]

نوٽ- ڪي ٽيڪا ڪندڙ هيٺيان ارٿ بہ ڪن ٿا:-

(۱) پرماتما جي ڪرپا جي دات جن جيون تي ٿئي آهي (سيئي هنکي ڄاڻي سگهن ٿا.)

(۲) ندري يعني پرماتما (جيون کي) سندن (شڀ) ڪرمن موجب بخشش ڪري ٿو. [ڪرمي= (شڀ) ڪرم.]

وري سد پيدا ٿو لڳا تہ پرماتما جيون تي ڪيتريون بخششون ڪيون آهن؟ تنهنتي صاحب فرمائڻ لڳا:-

پؤڙي (۲۵)

بهُتا ڪرمُ، لِکِيا نا جاءِ

اَرٿ- (پرماتما جون) بخششون تمام گهڻيون آهن، جي لکي سگهڻ جهڙيون نہ آهن. [بهتا=گهڻيون. ڪرم=بخششون.]

وَڏا داتا، تِلُ نہَ طَماعِ

اَرٿ- هو وڏو ڏاتار آهي ۽ هن کي تہ جيتري بہ طمع ڪانهي (تہ مون کي منهنجن بخششن جو عيوضو ڪو موٽي ملي.) [تل= تر. طماع=طمع، لالچ.]

ڪيتي مَنگَهِ جودهُ اَپارَ

اَرٿ- ڪيترائي سورما هن کان بيشمار (پدارٿ) گهرن ٿا.

ڪيتِيا گَڻَتَ نَهِي وِيچارِ

اَرٿ- ڪيترائي (اهڙا آهن) جن جي ڳاڻاٽي جو ويچار ڪري نٿو سگهجي. مطلب تہ اُهي بيشمار آهن ۽ ڳڻي بہ نٿا اچي سگهن.

اَنتُ ڪارَڻِ ڪيتي بِلَلاهِ

اَرٿ۔ (هن جي) انت پائڻ لاء ڪيترائي ورلاپ ٿا ڪن.
[بِلَلاهِ=ورلاپ ڪرڻ.]

ٿاڪي اَنتَ نہ پائي جاهِ

اَرٿ۔ (تہ بہ) هنجو انت نٿو پاتو وڃي.

ايهُ اَنتُ نہ جاڻئي ڪوءِ

اَرٿ۔ اِهو انت ڪو بہ نٿو جاڻي.

بَہُتّا ڪَهِيئي بَہُتا هوءِ

اَرٿ۔ جيترو گهڻو چئجي، اوترو وئي وڃي گهڻو ائيدو يعني چوڻ کان ٻاهر آهي.

وڏا صاحبُ اُوچا ٿاءُ

اَرٿ۔ (پرميشور) وڏو صاحب آهي ۽ هنجو آستان (يعني ساڌ سنگت يا وئڪنٺ) بہ اوچو آهي. [ٿاءُ=آستان.]

اُوچي اُو پَرِ اُوچا ناءُ

اَرٿ۔ هن جو نالو اوچي کان اوچو آهي.

ايوڍُ اُوچا هووئِ ڪوءِ
تِسُ اُوچي ڪؤ جاڻئي سوءِ

اَرٿ۔ ايڏو اوچو ڪو ٻيو هجي تہ اهڙي اوچي پرماتما کي اهو جاڻي سگهي. [ايوڏ=ايڏو وڏو. سوءِ=اُهو (شخص).]

جيوڊُ آپ جاڻئي آپِ آپ

اَرٿ۔ جيڏو وڏو هو آهي (ڄيڏو وڏو) هو پاڻ ئي پاڻ کي جاڻي ٿو يعني هنجي وڏائي هو پاڻ ئي جاڻي ٿو ۽ ٻئي ڪنهن کي هنجي وڏائي ورڻن ڪرڻ جي طاقت نہ آهي. [جيوڏ=جيڏو وڏو.]

ﭘﺭماڻ:- ”وڏيدا ڪؤن آکي رب نون، تون اِيون نہ ڪر ايون ڪر.“

جي ڪو کائِڪُ آکَڻِ پاءِ
اِهُ جاڻئِ جيتيِئا مُهِ کاءِ

اَرٿ- جيڪڏهين ڪو مورکہ توکي چوڻ لڳندو (تہ هيئن ڪر يا هونءَ ڪر) تہ جيترا هو منهن تي (جم آدڪ جا موچڙا) کائيندو تن جي ڪيس ئي خبر پوندي يعني هو تمام گهڻا موچڙا کائيندو. [کائڪ=مورکہ. آکڻ پاء=چوڻ لڳندو.]

آپي جاڻئِ آپي ديئِ

اَرٿ- پاڻ (پرميشور) سيني (جي حالت يا گهرج) ڄاڻي ٿو ۽ (کائڻ پيئڻ وغيره جو سامان) سيني کي پاڻ ئي ڏئي ٿو.

آکهِ سِ ڀِ ڪيئِي ڪيئِ

اَرٿ- اها (متين) ڳالهہ بہ ڪو ورلي چون ٿا (يعني گهڻا تہ بخشئون وٺي اليو وڃن ۽ فقط ٿورا اُنجو احسان مڃين ٿا. [سہ ڀِ=سا بہ يعني اها ڳالهہ بہ. ڪيئي ڪيئہ=ڪي ڪي، ڪي ورلي.]

جِسَ نو بَخشي صِفَتِ سالاهَ

اَرٿ- جن (سنتن) کي پرميشور پنهنجي گڻن جي ساراهڻ جي (دات) بخشي ٿو.

نانڪ پاتشاهي پاتشاهُ

اَرٿ- سري گورو نانڪ صاحب جن فرمائين ٿا تہ اهي (سنت) بادشاهن جا بادشاهہ آهن يعني انهن کي بادشاهہ خود پوڄين ٿا.

تڏهين سڌ چوڻ لڳا تہ اهڙن سنتن جا گڻ ڪرپا ڪري اسانکي ٻڌايو، تنهن تي صاحب هيئنءَ طرح فرمائڻ لڳا:-

ڪيتي ڪَپ تُنَهِ ويڪارَ

اَرٿ- ڪيترا وڪارن ۾ ڪپي ڪپي ناس ٿي وڃن ٿا. [ويڪار= (ڪام آدڪ) وڪار.]

ڪيتي ليِ ليِ مُڪَرُ پاهِ

اَرٿ- ڪيترا پرميشور کان (داتيون) وٺيو وٺيو اَليو وڃن يعني ڪيترائي اهڙا آهن، جي چون ٿا ته اسان کي پرميشور ڇا ڏنو آهي ۽ اسين پنهنجي محنت ۽ عقل ڪري هھڙي اوڄ کي رسيا آهيون. [مڪر=انڪار ڪرڻ، اَلڻ.]

ڪيتي مورُکَ کاهِي کاهِ

اَرٿ - ڪيترا مورک آهن جي (پرميشور جا ڏنل پدارٿ) کائي پيا کائين (۽ پرميشور کي ياد نٿا ڪن.) [کاهي کاهِ=کائي پيا کائين.]

ڪيتِيا دوُکَ ڀوُکَ سَدَمارَ

اَرٿ- ڪيترن تي دک ۽ بک جي مار سدائين پيئي پوي يعني ڪيترائي مها دکي ۽ بکيا آهن.

ايهِ ڀِ داتِ تيري داتارَ

اَرٿ- هي داتار! اِها (دکن ۽ بکن جي مار) به تنهنجي دات يعني مهرباني آهي، (ڇو جو دکن جي ڪري تون ياد پوين ٿو.)

بَنْدِ خَلاصِي ڀاڻِيِ هوءِ

اَرٿ - جوٽين جي بند ۾ رهڻ ۽ انهيءَ بند مان ڇٽڻ تنهنجي خواهش سان ٿئي ٿو. [خلاصِي = ڇٽڻ، ڇوٽڪارو. ڀاڻِيِ = مرضي، خواهش، حڪم.]

هورُ آکِ نہ سَکيِ کوءِ

اَرٿ- ٻيو ڪو به ڪونه ٿو ڪي ڇٽي سگهندو (ته هيئن ڪر يا هون ءَ ڪر.)

اَمُلُ بَخشِشَ، اَمُلُ نِيشاڻُ

اَرٿ- سنتن جي بخشش (جا هو جگياسين تي ڪن ٿا) سا املهہ آهي ۽ سندن بخشش جا نيشان بہ املهہ آهن.

اَمُلُ ڪَرَمُ، اَمُلُ فُرماڻُ

اَرٿ- سنتن جي ديا املهہ آهي ۽ سنتن جو حڪم بہ املهہ آهي. [ڪرم=ديا.]

نوٽ- ڪي ٽيڪا ڪندڙ لکن ٿا تہ هن سڄي پؤڙيءَ ۾ صاحبن پرماتما جي گڻن جو ورنن ڪيو آهي. جي ائين ارٿ ڪجي تہ متين اُنن تڪن جي اَرٿ ۾ سنتن لفظ جي بدران پرماتما لفظ ڏيندو ايندو ۽ پڻ اهڙيءَ صورت ۾ پرش هن طرح ڏيندو تہ سڌ پچڻ لڳا تہ اهڙي پرماتما جا گڻ ڪرپا ڪري اسان کي ٻڌايو؟ تنهن تي صاحبن هيءَ پؤڙي اُچاري:-

هاڻي گورو صاحب پرميشور جا گڻ ورنن ٿا ڪن:-

اَملُو اَمُلُ آکِيا نہ جاءِ

اَرٿ- (پرميشور جا گڻ) املهہ کان بہ املهہ آهن ۽ چوڻ کان ٻاهر آهن.

آکِ آکِ رَهي لِوَ لاءِ

اَرٿ-هن جا گن ڳائي (ليٽ ڳائيندڙ) اُنجي ڌيان ۾ لڳي وڃن ٿا.

آکَهِ وِيدَ پاٺَ پُراڻَ

اَرٿ- هن جي اُستت ويدن ۽ پراڻ جا پاٺ ڪندڙ ڪن ٿا.

آکَهِ پَڙي ڪَرَهِ وَکِياڻَ

اَرٿ- پڙهيل (پنڊت) هن جي اُستت ڪن ٿا ۽ اُن بابت واکياڻ ڪن ٿا. [پڙي=پڙهيل.]

آکَهِ بَرمي، آکَهِ اِندَ

اَرٿ- برهما ۽ اِندر بہ اُنجي اُستت ڪن ٿا.

پؤڙي (٢٦)

اَمُلَ گُڻَ، اَمُلَ واپارَ

اَرٿ- (اهڙن سنتن جا) گڻ بي بها آهن يعني انهن جا گڻ اهڙا آهن، جن جي قيمت ڪتي نٿي سگهجي؛ انهن (سنتن سان) جگياسين جو واپار ڪرڻ املهه آهي (چاڪاڻ جو جگياسو انهن مان ست سنتوکه وغيره گڻن جو لاڀ پرائين ٿا.) [امل=املهه، بي بها يعني جنهنجو ملهه ڪتي نہ سگهجي.]

اَمُلَ واپاريئي، اَمُلَ ڀَنْڊارَ

اَرٿ- نام جي واپار ڪرڻ وارا (يعني سنت) املهه آهن؛ انهن جي گڻن جو ڀنڊار (يعني هردو) بہ املهه آهي. [واپاريئي=(نام جي) واپار ڪرڻ وارا.]

اَمُلَ آوَهِ، اَمُلَ لِيِ جاهِ

اَرٿ- جيڪي انهن سنتن وٽ اچن ٿا سي بہ املهه آهن؛ جيڪي انهن سنتن کان (اپديش) وٺي وڃن ٿا، سي بہ املهه آهن.

اَمُلَ ڀاءِ اَمُلَ سَماهِ

اَرٿ- سنتن جو پريم املهه آهي؛ هنن جو (پرميشور جي گڻن ڳائڻ ۾) سمائجڻ بہ املهه آهي. [ڀاءِ=پريم.]

اَمُلُ ڌَرمُ، اَمُلُ دِيباڻُ

اَرٿ- سنتن جو نياءُ املهه آهي؛ انهن جي دربار يعني ست سنگ بہ املهه آهي. [ڌرم=نياءُ. ديباڻ=دربار.]

اَمُلُ تُلُ، اَمُلُ پَرَوَاڻُ

اَرٿ- سنتن جي (ٻُڌي روپي) ساهمي؛ (ويچار روپي) وَٽَ (جن سان هو جگياسين کي نام توري ڏين ٿا) سي بہ املهه آهن. [تل=ساهمي. پراوڻ=وٽ.]

ايتي کيتي هور ڪَريهِ

تا آکِ نہ سَکهِ ڪيئي ڪيئہ

اَرٿ- (متيان بيان ڪيل پرماتما جي اُستت ڪرڻ وارا)، اُنهن جيترا پرماتما پيا بہ کٿي پيدا ڪري، تہ بہ انهن مان ڪو ورلي هن جو بيان ڪري سگهندو. [ڪيئي ڪيئہ=ڪو ورلي.]

جيوَڏُ ڀاوَئي تيوَڏُ هوءِ

اَرٿ- پرماتما جيڏو وڏو ٿيڻ چاهي ٿو، اوڏو وڏو هوئي ٿو (جهڙيطرح باون اوتار ٥٦ آڱرين جي قد جو هو ۽ پوءِ هو پنهنجي اڇا سان کيڏو نہ وڏو ٿي پيو.)

نانڪ جاڻئي ساچا سوءِ

اَرٿ- جيڪو (متين ڳالهہ) جاڻي ٿو، سوئي سچار آهي يا سچو پرماتما ئي (پنهنجي گت پاڻ) جاڻي ٿو.

جيڪو آکئي بولُ وِگارُ

تا لِکيئي سِرِ گاوارا گاوارُ.

اَرٿ- جيڪو (متين ڳالهہ نسبت) بگڙيل لفظ بولي ٿو يعني جيڪو چوي ٿو تہ پرماتما کي جڻ وڏي ٿو، تڻ نئو ڪري سگهي، سو مورکن ۾ مکيہ مورک ليکڻ گهرجي. [بول=لفظ. وگار=بگڙيل. تا=سو. سِر=سردار، مکيہ. گاوار=مورک.]

وري سڌ چوڻ لڳا تہ جنهن پرماتما جي اُستت پڳت ڪن ٿا، سو ڪهڙي هنڌ رهي ٿو؟ ان بابت ڪجهہ اسانکي ٻڌايو. تنهن تي صاحبن پرماتما جي سنمکہ تي هيٺين پؤڙي اُچاري:-

پؤڙي (٢٧)

سو دَرُ ڪيها سو گهرُ ڪيها، جِتُ بَهِ سَرب سَمالي

پرشن- (هي پرماتما!) اُهو تنهنجو در ڪهڙو آهي ۽ اُهو گهر

آکهِ گوپِي نَيِ گووندَ

اَرٿ- گوپِيون ۽ سري ڪرشن مهراج بہ اُنجي اُستت ڪن ٿا. [نَيِ=۽. گووند=سري ڪرشن مهراج.]

آکهِ ايِسَر، آکهِ سِڌَ

اَرٿ- شو مهراج ۽ (٨۴) سڌ بہ اُنجي اُستت ڪن ٿا. [ايسر= شو مهراج.]

آکهِ ڪيتي ڪيتي بُڌَ

اَرٿ- ڪيترائي ٻڌ (جهڙا اوتار) هنجي اُستت ڪن ٿا.

آکهِ دانوَ، آکهِ ديوَ

اَرٿ- دئت ۽ ديوتائون بہ اُنجي اُستت پيا ڪن. [دانو= دئت.]

نوٽ- پرهلاد ۽ ڀڀيکن، جي دئتن جي اولاد هئا، تن بہ پرميشور جي پريما ڀڳتي ڪئي آهي.

آکهِ سُرِ نَرِمُنِ جَنَ شَيوَ

اَرٿ- ديوتائون، منک، مني، ڀڳت ۽ (پيا سڀ) شيوڪ اُنجي استت پيا ڪن. [سر=ديوتائون. نر=منک. من=مني. جن= ڀڳت، شيوڪ.]

ڪيتي آکهِ آکَڻ پاهِ

اَرٿ- ڪيترائي اُنجي اُستت ڪري ڪري وري پيا ڪن. [آکڻ پاهِ=پيا چون، پيا ڪن.]

ڪيتي کهِ کَهِ اُٿِ اُٿِ جاهِ

اَرٿ- ڪيترائي اُنجي اُستت ڪري ڪري (هن دنيا مان) هليا وڃن ٿا.

تنهنجي در تي) سدائين سونهن ٿا، سي بہ تنهنجي صفت ڳائين ٿا.
[سواري=سينگاريل، بنايل.]

گاوهہ اِنَدَ اِنداسڻ بئيني، ديوتيا دَرِ نالي

اَرٿ- اِندر پنهنجي تخت تي ويهي ديوتائن سوڌو تنهنجي در تي صفت ڳائي ٿو. [اندراسڻ=اندر جو آسن يعني تخت.]

گاوهہِ سِڌَ سَماڌِي اَندر، گاون ساڌَ وچاري

اَرٿ- سد سماڌيءَ ۾ توکي ڳائين ٿا ۽ ساڌ ويچار ڪندي توکي ڳائين ٿا.

گاون جَتِي سَتِي سَنتوکِي، گاوهہ وِيرَ ڪَراري

اَرٿ- (ڇمڻ آدڪ) جتي ۽ (هرشچندر آدڪ) ستوادي ۽ ۽ (جنڪ آدڪ) سنتوکي ۽ (هنومان آدڪ) زبردست پهلوان بہ تنهنجي صفت ڳائين ٿا. [جتي = اندرين کي روڪيندڙ پرش. سنتوکي=سنتوش وارا پرش. ڪراري=پيانڪ، زبردست. وير=پهلوان.]

گاون پنڊتَ پَڙنِ رکيسَر، جُگہ جُگہ ويدا نالي

اَرٿ- توکي پڙهيل پنڊت ۽ وڏا رشي ويدن دئاران جُگہ جُگہ ۾ پيا ڳائين. [نالي=سان، دئاران.]

گاوهِہ موهڻيئا مَن موهَنِ، سَرگا مَڇہ پَئيالي

اَرٿ- اپسرائون جي من کي موهيندڙ آهن، سي بہ سرڳہ ۾، مرت لوڪ ۽ پاتال ۾ تنهنجي صفت ڳائين ٿيون. [موهڻيئا= اپسرائون. من موهن=من کي موهيندڙ. مڇہ =مرت لوڪ. پئيالي= پاتال ۾.]

گاوَنِ رَتَنَ اُپائِي تيري، اَٺ سَٺ تيرَٿَ نالي

اَرٿ- تنهنجا پيدا ڪيل (۱۴) رتن ۶۸ تيرٿن سميت تنهنجي صفت ڳائين ٿا. [اٺ سٺ=۶۸]

نوٽ- سري مدڀاڳوت ۾ لکيل آهي تہ ۱۴ رتن امرت آدڪ ديوتائن ۽ دئتن سمنڊ مان ولوڙي ڪڍيا.

کهڙو آهي، جتي ويهي تون سڀني جي سنڀال ٿو ڪرين؟ [بهه= ويهي. سمالي=سنڀال ٿو ڪرين.]

واجي ناد اَنيڪ اَسنکا، ڪيتي واوَڻ هاري

اَرٿ- (اُتي تنهنجي اُستت ڳائڻ لاءِ) بيشمار واجا پيا وڄن ۽ ڪيترائي انهن جي وڄائڻ وارا آهن. [ناد=آواز، واجو. واوڻ هاري= وڄائيندڙ.]

ڪيتي راڳ پري سِءُ کهيئن، ڪيتي گاوَڻ هاري

اَرٿ- اُتي ڪيترائي راڳ راڳڻين سميت پيا ڳائجن ۽ ڪيترائي انهن راڳن جي ڳائڻ وارا آهن. [پري سِءُ=راڳڻين سميت. گاوڻ هاري= ڳائيندڙ، ڳائڻ وارا.]

گاوهِ تُهنو پؤڻُ پاڻي بَئِسنتر، گاوئي راجا ڌَرمُ دئاري

اَرٿ- (هي پرماتما!) هوا، پاڻي، اگني تنهنجي صفت ڳائين ٿا ۽ ڌرم راءِ به تنهنجي دروازي تي بيهي تنهنجي صفت ڳائي ٿو. [تهنو=توکي، تنهنجي. بئسنتر=اگني. دئاري=دروازو.]

گاوهِ چِتُ گُپتُ لِکهِ جاڻهِ، لِکهِ لِکهِ ڌَرمُ ويچاري

اَرٿ- چتر ۽ گپت به توکي ڳائين ٿا (جي جيون جي ڪرمن جو) ليکو لکي ڄاڻن ۽ جن جي لکئي تي ڌرم راءِ ويچاري (نياءُ ڪري) ٿو.

نوٽ- چتر ۽ گپت اهي به ديوتائون چوڻ ۾ ايندا آهن، جي جيون جي پاپ ۽ پڃ روپي ڪرمن جو ليکو لکي ڌرمراءِ جي پيش ڪندا آهن، پر اهو هڪڙو روپڪ آهي. سچ پچ ته ڪرم پاڻيهي اندر ۾ پنهنجو ليکو پيا لکن.

(ڏسو ديوان ڏيارام جي ٽيڪا جپ صاحب تي)

گاوهِ اِيسَرُ بَرَما ديوي، سوهَنِ سَدا سَواري

اَرٿ- شِوَ، برهما ۽ ديوي، جي تنهنجا بنايل آهن ۽ جي

سوئِي سوئِي سَدا سَچُ، صاحِبُ ساچا ساچِي نائِي

اَرٿ- اُهوئي (پرماتما) سچو صاحب آهي ۽ هن جو نالو يا وڏائي به سچي آهي. [نائي= (١) نالو (٢) وڏائي.]

هَيِ بِي هوسي، جاءِ نہ جاسِي، رَچَنا جن رَچائِي

اَرٿ- جنهن پرماتما هيءَ رچنا رچي آهي، سو هينئر به آهي، آئينديءَ به هوندو ۽ ناس ٿيڻ جو نہ آهي. [جاءِ نہ جاسي=هليو نہ ٿو وڃي يعني ناس نٿو ٿئي.]

رَنگِي رَنگِي ڀانٽِي کَرِ کَرِ جنسِي مايا جِنِ اُپائِي

اَرٿ- هيءَ رچنا، جا هن مايا مان پيدا ڪئي آهي، سا جدا جدا رنگن ۽ جنسن جي رچي اٿس.

کَرِ کَرِ ويکِي کِيتا آپڻا، جِوَ تِسَدِي وَڏِيائِي

اَرٿ- هو پنهنجي سرشتي ٿاهي پنهنجي وڏائي انوسار انکي پالي ٿو. ياو- جيڏو وڏو پاڻ آهي تيڏي وڏي سندس سنڀال آهي. [ويکيءَ=ڏسي ٿو، سنڀالي ٿو، پالي ٿو. کيتا=ڪيل يعني سرشتي. جو=جهڙيطرح، انوسار. تسدي=هنجي يا پنهنجي.]

جو تِسُ ڀاوئِ سوئِي کَرَسِي، حُکَمُ نہ کَرَڻا جائِي

اَرٿ- جيڪي هنکي وڻي ٿو، سوئي هو ڪري ٿو. هن تي ڪو حڪم ڪري نٿو سگهي.

سو پاتشاهُ شاهاپاتِ صاحِبُ، نانک رَهَڻُ رَضائِي

اَرٿ- سري گورو نانڪ صاحب جن فرمائين ٿا تہ اهو صاحب شاهن جو شاهه آهي ۽ هن جي رضا تي هلڻ گهرجي يا سيبئي جيو هن جي حڪم هيٺ رهن ٿا. [شاها پاٽ = شاهن جو پتي يعني شهنشاهه. رضائي=رضا ۾، حڪم هيٺ.]

وري سڌ چوڻ لڳا تہ سائين! اَسان بڌو آهي تہ جوڳ ڪرڻ

گاوَهہِ جوڌ مها بَل سُورا ، گاوَهہ کاڻي چاري

اَرٿ - توکي جوڌا ، مهابلي ، سورما ۽ چئن کاڻين جا جيو (يعني سيني قسمن جا جيو) ڳائين ٿا .

نوٽ- جوڌا اُهي آهن، جي هڪ هزار ماڻهن سان لڙن؛ انهن کي رَٿِي چئبو آهي، مثلا ارجن. مهابلي اُهي آهن جي ١٠ هزارن ماڻهن سان لڙن؛ انهن کي مها رٿي چئبو آهي، مثلا ڀيشم پتامهہ . سورما اُهي آهن جي بي انت ماڻهن سان لڙن؛ انهن کي اَتِ رٿِي چئبو آهي، مثلا سري ڪرشن مهراج.

نوٽ- کاڻيون مڙيئي چار آهن :- (١) اَنڊج =آنـي مان پيدا ٿيل، جهڙيطرح پکي. (٢) جيرَجِ =جيري مان پيدا ٿيل ، جهڙيطرح ماڻهو ۽ جانور. (٣) سُيتَجہ = پگهر مان پيدا ٿيل ، جهڙيطرح جُئون. (٤) اُتڀُجہ=زمين مان پيدا ٿيل، جهڙيطرح وڻ ٽڻ وغيره.

گاوَهہ کَنْڊَ مَنْڊَلَ وَرَ ڀِنْڊا، ڪرِ ڪَرِ رَکي ڌاري

اَرٿ - کنڊ، ديس ۽ برهمنڊ، جي تو رچي رچي پنهنجي آڌار تي بيهاريا آهن، سي بہ تنهنجي صفت ڳائين ٿـا. [منڊل=ديـس. ورڀنڊا=برهمنڊ. ڌاري=آڌار تي.]

سيئي تُڌ نو گاوَهہ جو تُڌُ ڀاوَنِ، رَتي تيري ڀڳتَ رَسالي

اَرٿ- تنهنجي صفت اُهي ئي تا ڳائين، جي توکي وڻن ٿا؛ تنهنجا ڀڳت، جي رس جا گهر آهن ۽ توسان رتا پيا آهن (سيئي توکي وڻن ٿا). [ڀاون-وڻن. رسالي=رس. آليہ=رس جو گهر.]

هورِ ڪيتي گاونِ، سي مي چِت نہ آوَنِ،
نانَڪ ڪيا ويِچاري

اَرٿ- ٻيا بہ ڪيترائي تنهنجي صفت ڳائين ٿا، جي مونکي خيال ۾ نٿا اچن يعني تنهنجي ڳائڻ وارا بي شمار آهن. سري گورو نانڪ صاحب جن فرمائين ٿا تہ مان (انهن ڳائيندڙن جو ڪهڙو ويچار ڪري سگهان!

"جِند وَهنِي مَرُڻ وَرُ، لِئِ جاسي پَرڻاءِ"

جنهنجو اَرٿ آهي تہ هي جيو استري آهي، ۽ ڪال سندس گهوٽ آهي، جو ڪيس پرڻجي وٺي ويندو.

آئِي پَنٿِي سَگل جَماتِي، مَن جيتِئِ جَگ جيت

اَرٿ- سيني پنٿن سان پيار رکڻ، سوئي اسان جو آئي پنٿ آهي (جو جوڳين ۾ سيني کان اُتم پنٿ آهي،) ۽ من کي جيتڻ سان سڄو جڳ جيتجي ٿو. ڀاو- اوهان جون سڌيون ڏوري ڀـل واريون آهن ۽ انهن جو اثر بہ ٿورو آهي، پر من جيتڻ وارو ساري دنيا کي پنهنجي هٿ ڪري سگهي ٿو. [آئي پنٿي = جوڳين جي ١٢ پنٿن مان هڪڙي قسم جا جوڳي، جي سيني جوڳين ۾ اُتم ليکجڻ ۾ ايندا آهن. جماتي = جماعت، پنٿ.]

آديسُ تِسيِ آديسُ

آدِ اَنيلُ اَنادِ اَناهَتِ جُگُ جُگُ ايڪو ويسُ.

اَرٿ- پرماتما کي اسانجي بار بار نمسڪار آهي، جو آد کان آهي، جو داغ بنا آهي، جنهن جي آد ڪانهي، جو ناس نٿو ٿئي ۽ جو سڀني جڳن ۾ هڪ روپ آهي. [آد = شروعات. آد يس = نمسڪار. تسيِ = هن (پرماتما) کي. انيل = بنا داغ، بنا رنگ. اناد = جنهن جي آد (شروعات) ڪانهي. اناهت = نہ ناس ٿيندڙ.]

وري سڌن پڇيو تہ اوهانجي ڀڳتي يعني کاڌو کهڙو آهي ۽ اوهانجو ڀنداري ڪير آهي؟ تنهن تي صاحب فرمايو:—

پؤڙي (٢٩)

ڀُگَتِ گيانُ، دَيا ڀَندارڻِ، گهَٽِ گهَٽِ واجهِ نادُ

اَرٿ- اسانجو ڀوڄن آهي گيان، پر انهيءَ ڀوڄن جي ڏيڻ واري آهي (پرماتما جي) ديا. يعني پرماتما جي ديا سان ئي اسان ۾ گيان اُپڻ ٿئي ٿو؛ ۽ اسان جي گهٽ گهٽ ۾ (شبد جو) ناد پيو

سان مڪتي حاصل ٿيندي، تنهنڪري اوهين ٻه چوندا جوڳ ڪريو؟ تنهن تي صاحب هينئين پؤڙي اُچاري، جنهن ۾ ڏيکارين ٿا ته اسين سچي جوڳ ۾ مشغول آهيون :—

پؤڙي (۲۸)

مُنْدا سَنتوکُ سَرَمُ پَتُ جهولي، ڌيانُ کي ڪرَهِ ڀڀوت

اَرٿ- اسان سنتوک جون مندرائون پاتيون آهن ۽ ڪرمنڊل ۽ جهوليءَ جي عيوض اسان ڪوڙن ڪرمن ڪان شرم ڪيو آهي ۽ ڀڀوت ڌيان جي لڳائي اٿون.

ٻيو اَرٿ- پرميشور جي ڏني تي راضي رهڻ ۽ پدارٿن ڪان وئراڳ اِهي ٻه مندرائون اسان ٻهريون آهن ۽ پرميشور وٽ آبروءَ ۾ رهجي اچڻ اها اسان جهولي پاتي آهي ۽ پرميشور ۾ ڌيان رکڻ جي ڀڀوت لڳائي اٿون. [مندا=مندرائون جي جوڳي ڪنن ۾ پائيندا آهن. سنتوک=پرميشور جي ڏني تي راضي رهڻ. سرم= (۱) ڪوڙن ڪرمن ڪان شرم (۲) پدارٿن ڪان وئراڳ. پت=(۱) پَتُ، ڪرمنڊل (۲) پرميشور وٽ آبروءَ ۾ رهجي اچڻ.]

کِنْتَا ڪالُ کُئَاري ڪائِيا، جُگَتِ ڏنڊا پَرَتِيتِ

اَرٿ- هيءَ ديهه مَڱڻ آهي ڪال جي (يا هيءَ ديهه ڪاڏو آهي ڪال جو) يعني ڪال نيٺ هن ديهه کي گرهڻ ڪرڻ وارو آهي. اِهو خيال پنهنجي گودڙي ڪئي اٿون. ۽ پرميشور سان ميلاپ ۽ منجهس شرڌا پنهنجو ڏنڊو ڪيو اٿون [کنتا=گودڙي. کئاري= (۱) مڱڻ (۲) گرهه، ڪاڏو. ڪايا = ديهه. جگت = پرميشور سان ميلاپ. پرتيت = شرڌا.]

نوٽ- سري گورو گرنٿ صاحب ۾ ڪيترن ئي هنڌ ٻڌايل آهي ته جيو استريءَ سمان آهي ۽ ڪال سندس گهوٽ آهي يعني هر ڪنهن جيو کي ڪال سان شادي ڪرڻي آهي. مثال لاءِ ڏسو شيخ فريد صاحب جو پهريون سلوڪ ۽ اُن منجهه خاص ڪري هينئين تڪ.

پؤڙي (٣٠)

ايڪا مائي جُگت ويائي، تِنِ چيلي پرواڻُ

اَرٿ - هڪڙي مايا (پرماتما جي) شڪتيءَ سان ويائي ۽ ٣ مکيه چيلا (ڄڻيائين.) [مائي = مايا. جگت = شڪتيءَ ڪري.]

اِڪُ سنساري اِڪُ ڀنڊاري، اِڪَ لائي دي باڻُ

ارٿ - هڪڙو سنسار رچڻ وارو يعني برهما، ۽ ٻيو پالنا ڪرڻ وارو يعني وشنو، ۽ ٽيون اُهو جنهن کي ليءِ ڪرڻ يعني ناس ڪرڻ جو سياءُ آهي يعني شو مهراج. [سنساري = سنسار رچڻ وارو. ڀنڊاري = پالنا ڪرڻ وارو. لائي دي باڻ = ليءِ ڪرڻ يعني ناس ڪرڻ جو سياءُ.]

جوَ تِسُ ڀاوئي تِوي چلاوئي، جِو هووئي فُرمانُ

اَرٿ- پرميشور پنهنجي مرضيءَ موجب (مٿين ٣ ديوتائن کي) هلائي ٿو ۽ جيئن هنن کي پرميشور جو حڪم ٿئي ٿو، (تيئن هو ڪن ٿا.)

اُهُ ويکي اونا نَدَر نہ آوئي، بهُتا ايهُ وِڏاڻُ

اَرٿ - اهو پرماتما سڀني کي ڏسي ٿو، پر هو برهما آدڪ ديوتائن کي نہ ڏسڻ ۾ ئي اچي. مطلب تہ اُهي نہ سندس اُنت نٿا پائي سگهن. اِهو تہ وڏو عجب آهي. [اونا=اُنهن کي. بهتا=وڏو. وڏاڻ = عجب.]

آديسُ تسي آديسُ

آد اَنيلُ اَنادِ اَناهتِ، جُگہ جُگہ ايڪو ويسُ.

اَرٿ- پرماتما کي اسانجي بار بار نمسڪار آهي، جو آد ڪان آهي، جو داغ بنا آهي، جنهن جي شروعات ڪانهي، جو ناس نٿو ٿئي ۽ جو سڀني جگہ ۾ هڪ روپ آهي.

وڃي. ڀاو- اوهين ناد ۽ سنگيون پرماتما کي راضي ڪرڻ لاءِ پيا وڃايو، پر اسانجي اندر ۾ اناهد شبد سديو پيو وڃي.

تڏهين سڌ وري چوڻ لڳا تہ جيڪڏهين اوهين اسانجو پنٿ اختيار ڪندا تہ اوهين ناٿ ٿي پوندا ۽ رڌيون سڌيون پراپت ڪندا. تنهن تي صاحبن هيٺيون اُتر ڏنو:—

آپِ ناٿُ، ناٿي سَڀَ جاڪِي، رِڌِ سِڌِ اَورا ساد

اَرٿ- پرميشور ئي پاڻ (سچو) ناٿ آهي، جنهن جي آگيا ۾ سڄي سرشٽي هلندڙ آهي. رڌين ۽ سڌين جو سواد ٻين کي آهي. ڀاو- اهو سواد اوهان کي آهي، مگر اسان کي اُنهن جو ڪم بلڪل ڪونهي. [ناٿ = ڌڻي. ناٿي = نٿيل، آگيا ۾ هلندڙ]

سَنجوگُ وِجوگُ دُءِ ڪارَ چلاوَهِ، ليکي آوَهِ ڀاگُ

اَرٿ- پرميشور ميلاپ ۽ وڇوڙي جون ٻہ واٽون هلائي ٿو. ليکي موجب سڀني کي پنهنجو حصو ملي ٿو. ڀاو- گورمکن کي پاڻ سان ملائي ٿو ۽ منمکن کي پاڻ کان وڇوڙي ٿو. [ڀاڳ = حصو. سنجوگ = ميلاپ. وجوگ = وڇوڙو.]

آديسُ تِسِي آديسُ

آدِ اَنيلُ اَنادِ اَناهَتِ، جُگُ جُگُ ايڪو ويسُ.

اَرٿ- پرماتما کي اسانجي بار بار نمسڪار آهي، جو آد کان آهي، جو داغ بنا آهي، جنهنجي آد ڪانهي، جو ناس نٿو ٿئي ۽ جو سڀڪنهن جڳ ۾ هڪ روپ آهي.

وري سڌ پڇڻ لڳا تہ پرماتما کي ڪي چيلا آهن، جن کان هو ڪم ڪار ڪرائي ٿو يا هو سڀ ڪم پاڻ ٿو ڪري؟ هن جو سچو ڀنڊار ڪيئن ٿو ڀري؟ تنهن تي صاحبن فرمايو:—

وري سڌ پيڻ لڳا تہ اهڙي پرماتما کي حاصل ڪرڻ لاءِ
ڪهڙو سولو ساڌن (جتن) آهي؟ تنهن تي صاحبن هيٺين طرح
فرمايو:—

پؤڙي (٣٢)

اِڪَ دُوُ جيِبؤ لَکَہ هوهِہ، لَکَہ هووَهہ لَکَہ وِيسَ
لَکُ لَکُ گيڙا آکيئهِہ، ايڪُ نامُ جگديِسَ

اَرٿ - جيڪڏهين هڪ زبان مان لک زبانون تي پون ۽ لک
مان ٢٠ لک ٿي پون (ته بہ) ويهن ئي لکن زبانن سان هڪڙيئي
پرماتما جي نالي کي لک لک ڀيرا جپڻ گهرجي. [دو = مان. جيبؤ =
جيون، زبانون. ويس = ويهہ (٢٠). گيڙا = ڀيرا. جگديش = جگت جو
ايشور يا ڌڻي، پرماتما.]

ايتُ راهِ پَت پوَڙيئا، چڙيئي هوءِ اِڪيسَ

اَرٿ - انهيءَ رستي هلڻ سان پت يعني عزت جون پؤڙيون
(حاصل ٿين ٿيون) ۽ انهن تي چڙهي پرميشور سان هڪ ٿجي ٿو.
[ايت = انهي. پؤڙيئا = ڏاڪڻ. راهہ = رستو، اڪيس = اڪ ايس =
پرميشور سان هڪ ٿيڻ.]

نوٽ - پت يا ڀڳتيءَ جون پؤڙيون (يا ڏاڪا) ٩ آهن، جن
کي نوڌا ڀڳتي بہ ڪري سڏبو آهي. اُهي هيٺيون آهن:-

(١) شِروَنُ = پرميشور جو نالو پريم سان سڻڻ.

(٢) ڪيرتن = پرميشور جو نالو پريم سان ڳائڻ.

(٣) سِمرڻ = پرميشور جو نالو پريم سان من ۾ ياد ڪرڻ.

(٤) پاد سِيوَنِ = سندس چرنن جي پريم سان شيوا ڪرڻ.

(٥) اَرچنَ = سندس پوجا پريم سان ڪرڻ.

(٦) وَندِنا = پريم سان نمسڪار ڪرڻ.

(٧) داسِہ = پرميشور جو داس ٿيڻ.

وري سد پڇڻ لڳا تہ اوهانجي ناٿ (پرماتما) جو آسن ۽ پنڊار ڪٿي آهي؟ انهيءَ بابت ڪجهہ اسانکي ٻڌايو. تنهن تي صاحبن فرمايو:—

پؤڙي (٣١)

آسَڻُ لوءِ لوءِ پنڊارَ

اَرٿ- پرماتما جا آسن ۽ پنڊار هرهڪ لوڪ ۾ آهن. ڀاو- پرماتما سڀ هنڌ حاضر ناظر آهي ۽ سڀني جي سار سنڀال لهي ٿو. [لوءِ لوءِ = لوڪ لوڪ، هرهڪ لوڪ. پنڊار = توشاخانہ.]

جو ڪِڇُہ پايا، سُ ايڪا وارَ

اَرٿ- جيڪي ڪي انهن پنڊارن ۾ وڌو اٿس، سو هڪڙيئي ڀيري، يعني هن جا پنڊار ڪنهن جا نہ آهن، جيتوڻيڪ ڪيترو بہ منجهائن ڪڍي نڪري. تنهنڪري انهن پنڊارن ۾ وري سامان وجهڻ جي گهرج ئي ڪانہ ٿي ٿئيس.

ڪَرِ ڪَرِ ويکِيِ سِرجَڻَ هارُ

اَرٿ- اُهو رچيندڙ سرشٽي رچي رچي اُنکي پيو پالي. [ويکيِ = ڏسي يعني پالي.]

نانَڪَ سَچِي ڪِي ساچِي ڪارَ

اَرٿ- سري گورو نانڪ صاحب جن فرمائين ٿا تہ سچي پرماتما جا ڪم بہ سچا آهن.

آديسُ تِسيِ آديسُ

آدِ اَنِيلُ اَنادِ اَناهَتِ، جُگُ جُگُ ايڪو ويسُ.

اَرٿ- پرماتما کي اسانجي بار بار نمسڪار آهي، جو آد ڪان آهي، جو بنا داغ آهي، جنهن جي آد ڪانهي، جو ناس نٿو ٿئي ۽ جو سيڪنهن جڳہ ۾ هڪ روپ آهي.

پؤڙي (٣٣)

آکڻِ جورُ، چُپئِ نهَ جورُ

اَرٿ- (جيو جو) ڳالهائڻ تي ڪو زور نہ ٿو هلي سگهي ۽ نڪي چُپ ڪرڻ تي زور هلي سگهي ٿو. يعني جيو جي وس نہ آهي، جو ايشور جي حڪم بنا ڪجهہ بولي ۽ جيو جي وس نہ آهي جو ايشور جي حڪم ڏاران ڪجهہ مانگ ڪري. [جور=بل، زور.]

جورُ مَنگَڻِ، دَيڻِ نہ جورُ

اَرٿ- جيو جي وس نہ آهي پنڻ، جيو جي وس نہ آهي دان ڏيڻ.

جورَ نہ جيوَڻِ، مَرَڻِ نَهَ جورَ

اَرٿ- جيو جي وس نہ آهي (وڏيڪ) جيئڻ ۽ مرڻ. يعني پرميشور جي حڪم تي ئي هن جيو جي عمر مدار رکي ٿي.

پرماڻ:- "ماري راکي ايکو آپ
مانکہ کي کڇهہ ناهِي هاٿ."

(سکمني صاحب)

جورَ نہ راڄِ، مال مَن سورُ

اَرٿ- راڄ ۽ مال جن جي ڪري من ۾ مستي پيدا ٿئي ٿي، سي بہ جيوَ جي وس نہ آهن. [سور = شور، مستي، بکيڙو.]

جورُ نہ سُرَتِي، گيانِ ويچارِ

اَرٿ- جيو جي اختيار نہ آهي، جو پرماتما جو ڌيان ڪري سگهي يا گيان جو ويچار ڪري سگهي.

جورُ نہ جُگَتي، چُٽئِ سنسارُ

اَرٿ- جيو جي وس نہ آهي جو ڪنهن حڪمت يا تجويز

(٨) سَکِيہ = پرميشور جو سکو يا متر تيڻ.
(٩) آتم نوِيدن = پاڻُ پرميشور کي ارپڻ.
کي پت جون پؤڙيون هينئين طرح ڏيکارين ٿا:-
(١) کَرُ ٺا = د يا (٢) مُتري=سڀ سان پريت (٣) مُدتا= سڀ سان منو ڳالهائڻ (٤) اُپيکشا=خواب کمن جو ڇڏڻ (٥) سَمَ=واشنائون روکڻ (٦) دَمَ=اندريون روکڻ (٧) اُپرتي=وشين کان کراهت (٨) تَتَکشا=سهن سيلتا (٩) سماڌان=چت کي پوري طرح بيهارڻ.

سُڻ گلا اکاسَ کي، کيتا آئي ريِسَ

اَرٿ- اهڙن ست پرشن جون ڳالهيون ٻڌي نيچ جيون کي ريس ٿي اچي (ته اسين به انهن جي برابر ٿيون. مگر کمائيءَ بنا اهي کمن اهڙا ٿي سگهندا؟) [گلا=ڳالهيون. آکاس کي=آکاس جون يعني ست پرشن جون. کيٽا=ماکوڙي يعني نيچ جيو.]

نانڪ ندَري پائيئي، کوڙي کوڙيُ نيِسَ

اَرٿ- سري گورو نانڪ صاحب جن فرمائين ٿا ته پرميشور پنهنجي باجهه جي نظر سان پراپت ٿئي ٿو. بيو سڀ، کوڙن جي کوڙي بناڪ آهي. يعني گهٽيئي چون ٿا ته پرماتما فلاڻي فلاڻي رستي ملي ٿو. پر سچ ته هي آهي ته جڏهن هن جي کرپا ٿئي ٿي، تڏهين اهڙو پرم پد ملي ٿو. [نيس=بناڪ.]

(ديوان ڏيارام جي ٽيڪا جپ صاحب تي)

تڏهين ست چوڻ لڳا ته کي ماڻهو چون ٿا، ته اسين پنهنجي ٻل سان سڀ کجهه کريون ٿا، سا ڳالهه کئن آهي؟ تنهن تي صاحبن هينئين پؤڙي اُچاري، جنهن ۾ ڏيکاريائون ته جيو جي وس کجهه به نه آهي؛ سڀ کجهه پرماتما جي هٿ وس آهي.

وانگر ٿاپي رکي آهي (يعني ڌرتيءَ تي سڀڪنهن کي کاڌو پيتو ۽ آرام ڏئي ٿو.)

تِسَ وِچِ جيِء جُگَتِ ڪي رَنَگ

اَرٿ- تنهن ڌرتيءَ تي طرح طرح قسمن ۽ سياون جا جيو بنايا اٿس. [جگت = رهت يا سياءُ. رنگ = طرح طرح قسمن جا.]

تِنَ ڪي نامَ اَنيڪ اَننتَ

اَرٿ- انهن جيون جا نالا انيڪ ۽ بي انت آهن. [اننت = بي انت.]

ڪَرَمِي ڪَرَمِي هوءِ ويِچارُ

اَرٿ- اُنهن جيون جو سندن ڪرمن موجب (پرميشور جي دربار ۾) ويچار ٿئي ٿو. [ڪرمي = ڪرمن جو.]

سَچا آپِ سَچِي دربارُ

اَرٿ- پرميشور پاڻ به سچو آهي ۽ اُنجي دربار به سچي آهي يعني اُتي رڳو انصاف پيو هلي.

تِٿي سوهَنِ پَنچَ پَرواڻُ

اَرٿ- تتي (يعني سندس دربار ۾) سنت، جي مکيہ آهن، سي ئي سوڀيا ٿا پائين.

نَدَرِي ڪَرَمِ پَوَئِ نيشاڻُ

اَرٿ- (اهڙن سنتن تي) پرميشور جي ڪرپا جا نيشان آهن. [ندري = پرميشور. ڪرم = ڪرپا.]

ڪَچ پَڪائي اُٿِي پاءِ

اَرٿ- اُتي (پرميشور جي دربار ۾) جيو جي ڪچائي ۽ پڪائي معلوم ٿئي ٿي يعني اُنجي ڪوڙن ۽ چڱن ڪمن جي خبر اُتي پوي ٿي.

سان هن سنسار مان ڇٽي وڃي يعني مڪت ٿئي. [جڳتي = حڪمت يا تجويز.]

جسُ هَٿِ جورُ، ڪرِ ويکي سوءِ

اَرٿ- (پر) جنهن پرماتما جي هٿ ۾ زور يعني ٻـل آهي، سوئي (سيکي) جوڙي وينو ڏسي يعني پنهنجي رچنا رچي ان کي وينو سنڀالي.

نانڪَ اُتَمُ نيچُ نه ڪوءِ.

اَرٿ- سري گورو نانڪ صاحب جن فرمائين ٿا تہ (پرماتما وٽ) ڪو ڪو اُتم آهي ۽ ڪو ڪو نيچ آهي. ڀاو- هن جي ڪرپا سيڪنهن تي ٿي سگهي ٿي. اُتم اُهي آهن، جن تي ايشور جي ڪرپا آهي ۽ نيچ اُهي آهن، جي سندس ڪرپا کان رهت آهن.

صاحبن (٣٤) پؤڙيءَ کان وٺي (٣٧) پؤڙيءَ تائين آتمڪ اوستا جي درجن ۽ اُنهن درجن ۾ جيون جي پهچ جو بيان ڪيو آهي. صاحبن مڙئي پنج درجا ڏيکاريا آهن: (١) ڌرم کنڊ (٢) گيان کنڊ (٣) سرم کنڊ (٤) ڪرم کنڊ (٥) سچ کنڊ. صاحبن هيئين پؤڙيءَ ۾ ڌرم کنڊ جو بيان ڏنو آهي.

پؤڙي (٣٤)

راتي رُتي ٿِتي وارَ

پَوَڻَ پاڻي اَگني پاتالَ

اَرٿ- (پرماتما) ٣٠ راتيون، (٤) مندون، (١٥) ٿتيون ۽ (٧) ڏينهن، ۽ هوا، پاڻي، باهہ (آدِ تت) ۽ پاتال (۽ آڪاس) بنايا آهن. [رتي = مندون. وار = ڏينهن.]

تِسُ وِچِ ڌَرتي ٿاپِ رَکي ڌَرَمسالَ!

اَرٿ- انهيءَ (رچنا) جي وچ ۾ پرميشور ڌرتي ڌرمسال

صاحب پوء (٢) گيان کنڊ جو ذڪر ڪن ٿا. جو گياتا يعني سمجھ جو کنڊ آهي. جو گيان وان انهيءَ کنڊ جي منزل تي پهچي ٿو، تنهنکي پرماتما جي وڏائيءَ جي سوجهي پوي ٿي ۽ هن کي پرماتما جي صفت ساراهڻ جو گڻ پراپت ٿئي ٿو ۽ هو سمجهي ٿو ته جيڪي پرپوءِ رچيو آهي، تنهن ۾ انيڪتا آهي. مثلاً پون، پاڻي، اگني، ڪرشن، شو، اندر، سڌ، ٻڌ، ناٿ وغيره ڪئين آهن. يعني پاربرهم هڪڙو ئي هڪڙو آهي، جو سڀني ۾ وياپڪ آهي.

پوء صاحب فرمائين ٿا ته گيان کنڊ کان چڙهي، هي جيو (٣) سرم کنڊ يعني اُپاشنا ڪانڊ ۾ وڃي ٿو. جيڪو انهيءَ حالت کي پهچي ٿو، سو سڀ ۾ سونهن پسي ٿو. اُنکي پرماتما جي جيڪا رچنا رچيل آهي، سا نهايت تعريف جوڳي نظر اچي ٿي ۽ هو اهڙو آنند پائي ٿو، جنهنجو بيان ڪرڻ مشڪل آهي.

اهڙيءَ طرح ڪمائي ڪندي ڪندي جڳياسو (٤) ڪرم کنڊ يعني ڪرپا ڪانڊ ۾ وڃي ٿو، جتي پرماتما جي بخشش مٿس ٿئي ٿي ۽ هن جي ٻاڻيءَ ۾ نهايت گھڻي طاقت ٿئي ٿي ۽ جيڪي هو بولي ٿو سو گويا ايشور ٿو بولي.

پوء جڳياسو (٥) سچ کنڊ ۾ وڃي ٿو، يعني ست سروپ ٿي پوي ٿو. مطلب ته هن ۽ ايشور جي وچ ۾ ڪو ڀيد نه رهي ٿو.

پرمان:- ”آب تئہ جاءِ چڍي سنگهاسن مِلِ هيِ سارنگ پاڻي

رام ڪبيرا ايڪ ڀئي هيِ، ڪوءِ نہ سڪيِ پڇاڻي“

صوفين جي مت موجب به ٥ کنڊ آهن: (١) ناسُوت، (٢) جبرُوت، (٣) ملڪُوت، (٤) لاهُوت ۽ (٥) هاهُوت.

نوٽ - جيتوڻيڪ شاسترن ۾ گيان ڪانڊ جي منزل اُپاشنا ڪانڊ کان مٿي ڏيکاريل آهي، ته به سري جپ صاحب جي پاٺڪن کي معلوم ٿيندو ته صاحبن اُپاشنا ڪانڊ کي گيان ڪانڊ کان به مٿي رکيو آهي جڏهن ته پهريائين گيان ڪانڊ جو بيان ڏيئي پوء اُپاشنا ڪانڊ (سرم کنڊ) جو ورڻن ڪيو اٿن. انهيءَ مان پرسڌ آهي ته صاحبن ڀڳتيءَ کي گيان کان وڏيڪ سمجهيو آهي.

نانَڪَ گَئِيا جاپِيِ جاءِ.

اَرٿ- سري گورو نانڪ صاحب جن فرمائين ٿا تہ جڏهين جيو (درٻار ۾) وڃي ٿو، تڏهين ظاهر ٿئي ٿو (تہ هو ڪچو آهي ڪين پڪو.) [جاپِيِ جاء = جاتو وڃي ٿو يعني ظاهر ٿئي ٿو.]

پؤڙي (٣٥)

ڌَرَم کنڊَ کا ايهو ڌَرَمُ

اَرٿ- ڌرم کنڊ جو اِهو ڌرم يعني سياءُ آهي (جو مٿين پؤڙي ٣۴ ۾ چيو ويو آهي يعني جهڙو ڪرم تهڙو ڦل.)

کنڊن جو مختصر بيان

کنڊ لفظ جي معنيٰ آهي ڀاڱو يا حصو. ڀاشا ۾ کنڊ کي ڪانڊ يا شڪند ڪوٺبو اهي. هن پستڪ جي ٣۴ پؤڙيءَ جي مٿان ڏيکاريو ويو آهي تہ مڙيئي ۵ کنڊ آهن: (١) ڌرم کنڊ (٢) گيان-کنڊ (٣) سرم کنڊ (۴) ڪرم کنڊ (۵) سچ کنڊ. شاسترن ۾ ٣ کنڊ يعني ڪانڊ ڏيکاريل آهن: (١) ڪرم ڪانڊ (٢) اُپاشنا ڪانڊ (٣) گيان ڪانڊ. ڀائي سنتوکہ سنگهہ ۽ سنت سنهہ پرڪاش چون ٿا تہ صاحبن (١) ڌرم کنڊ کي ڪرم ڪانڊ جي برابر ڪيو آهي، جنهنجو بيان ٣۴ پؤڙيءَ ۾ آهي تہ سڀ جو ڪرمن موجب ويچار ٿئي ٿو: ”اِس ٿاءِ ديہ اُس ٿاءِ ليہ.“ صاحبن ڪرم ڪانڊ جو نالو ڌرم کنڊ هن سبب ڪري رکيو آهي، جو آخرين منزل تي پهچڻ لاءِ پهريون ڏاڪو آهي پنهنجن فرضن تي پورو هئڻ، جئن سري ڪرشن مهراج اَرجن کي گيتا ۾ سمجهايو آهي. انهيءَ کنڊ ۾ آتمڪ اوستا جي شروعات آهي ۽ جيو سمجهي ٿو تہ منهنجي هرهڪ ڪم جي ايشور جي درٻار ۾ پچاڻ ٿيندي، تنهنڪري هو چيتي هلي ٿو ۽ تحقيق جاڻي ٿو تہ ايشور جي درٻار ۾ سريشٽ پرشن کي مان آهي ۽ جن تي ايشور جي مهر جي نظر آهي، اُهي ئي سندس درٻار جو درشن ڪري سگهن ٿا.

ڪيتيئا ڪاٽي ڪيتيئا ڀاٽي، ڪيتي پات نرندَ

اَرٿ - ۽ ڪيتريون ڪاٽيون آهن ۽ ڪيتريون ئي ڀوليون آهن ۽ ڪيترائي (پرجا) پاليندڙ بادشاه آهن. [پات = پتي يا پاليندڙ. نرند = نرائند = ماڻهن جا اِندر يعني بادشاه.]

ڪيتيئا سُرتي سيوڪُ ڪيتي، نانڪ اَنتُ نہ اَنتُ.

اَرٿ - ۽ ڪيتريون ئي (ويدن جون) سُرتيون آهن ۽ ڪيترائي سيوڪ آهن. سري گورو نانڪ صاحب جن فرمائين ٿا تہ (اِنهيءَ ليکي جو) ڪو انت نہ آهي.

پئُڙي (٣٦)

گيانُ کنڊَ مَهِ گيانُ پرچنڊُ

اَرٿ - گيان کانڊ ۾ (ايشور جو) گيان ئي مکيہ آهي يعني گيان کانڊ ۾ گيان جيو کي چڱيءَ طرح پراپت ٿئي ٿو (جنهن گيان جو بيان صاحبن ٣٥ پئُڙيءَ ۾ بلڪل سندر طرح سان ورنن ڪيو آهي). [گيان کنڊ = گيان کانڊ. پرچنڊ = پرڪاش وارو، مکيہ.]

تِتي ناد بِنود ڪوڊ اَننڊُ

اَرٿ - انهيءَ کانڊ ۾ اَناهد شبد (بڌڻ ۾ اچن ٿا)، جن ۾ ڪروڙين خوشيون ۽ آنند آهن. [ناد = آواز يعني اناهد شبد. بنود = خوشيون. ڪوڊ = مزا.]

ٻيو اَرٿ - اُتي ناد (يعني سروڻ)، بنود (يعني درشن) ۽ ڪوڊ (يعني يوڳ) جو آنند آهي. ڀاو - اُتي شبد ٻڌجي ٿو، برهم جو درشن ٿئي ٿو ۽ سماڌي لڳائي برهم جو آنند پائجي ٿو.

تڏهين سڌ چوڻ لڳا تہ سرم کنڊ، جو اوهان ٽيون کنڊ ٻڌايو، تنهنجو ديا ڪري ڪجهه ورنن ڪريو. تنهن تي صاحبن فرمايو:-

سَرَمَ کَنڊَ ڪِي ٻاڻي رُوپُ

اَرٿ - سرم کنڊ (يعني اپاشنا کانڊ) وارن جي ٻاڻي سندر ٿا

تڏهين ستہ گيان کنڊ بابت هيٺينءَ طرح پيش لڳا تہ:-

گيانَ کنڊَ کا آکھُ کرمَ

اَرٿ - گيان کنڊ جي ڪرم يعني نيم جو بيان ڏيو.
تنهن تي صاحبن هيٺينءَ طرح ورنن ڪيو:-

کيتي پؤڻ پاڻي بئِسَنتر، کيتي کانَ مهيسَ

اَرٿ- (الهيءَ کانڊ ۾) ڪيترائي پون، پاڻي ۽ اَگنيون ۽ ڪيترائي ڪرشن ۽ شو آهن. [کان = ڪرشن. مهيس = شو.]

کيتي بَرَمي گهاڙتِ گهڙيئهِ، رُوپ رَنگ کي ويسَ

اَرٿ- ۽ ڪيترائي برهما آهن، جي رچنائون پيا رچين (جدا جدا) روپن، رنگن ۽ ويس جون. [گهاڙت گهڙيئه = گهاٽ پيا گهڙين يعني رچنائون پيا رچين.]

کيتيئا کَرَم ڀومي ميرُ کيتي کيتي ڌُو اُپديسَ

اَرٿ - ڪيتريون ئي دنيائون آهن ۽ ڪيترائي سمير پربت آهن ۽ ڪئين ڌرو ڀڳت کي اُپديش ڏيڻ وارا (نارد آهن).
[ڪرم ڀومي = ڌرتيون جن ۾ ڪرمن جو ٻج پوکجي ٿو يعني دنيائون. مير = سمير جبل. ڌوُ اُپديس = ڌرو ڀڳت کي اُپديس ڏيندڙ يعني نارد.]

کيتي اِند چَنْدَ سوُرَ، کيتي کيتي مَنْڊَلَ ديسَ

اَرٿ- ۽ ڪيترائي اِندر چنڊ ۽ سج آهن؛ ۽ ڪترائي ڪيترا منڊل ۽ ديس آهن. [سور = سورج، سج.]

کيتي سِدَ بُدَ ناٿَ، کيتي کيتي ديوي ويسَ

اَرٿ- ۽ ڪيترائي سڌ ۽ ٻڌوان ۽ ناٿ آهن ۽ ڪيترائي ديويءَ جا سروپ آهن.

کيتي ديُو دانَو مُنِ، کيتي کيتي رتَنَ سَمُنْدَ

اَرٿ- ۽ ڪيترائي ديوتائون ۽ دئت ۽ مُنيشر آهن ۽ ڪيترائي رتن سان ڀريل سمنڊ آهن. [دانو = دئت. مُن = مُنيشر.]

ڇپائيندو، (جو جو اُنهيءَ اوستا جو بيان ڏيڻ مشڪل آهي.)

ڌِتُ گهڙِيئي سُرَتِ مَتِ مَنِ بُڌِ

اَرٿ- اُتي ڌيان جي شڪتي گهڙجي ٿي ۽ من ۽ بڌيءَ ۾ سمجھه ٿئي ٿي. [سرت = ڌيان جي شڪتي. مت = سمجھه.]

تِتُ گهڙِيئي سُرا سِڌا ڪي سُڌِ.

اَرٿ- اُتي ديوتائن ۽ سڌن جھڙي سمجھه گهڙجي (ليار ٿئي ٿي)، يعني منڪ، ديوتائن ۽ سڌن جھڙا ٿيو پون. [سڌ=سمجھه.]

وري سڌ چوٿين کنڊ يعني ڪرم کنڊ بابت پڇڻ لڳا تنهن تي صاحب فرمايو:-

پؤڙي (٣٧)

ڪَرَمَ کَنڊَ ڪي باڻي زورُ

اَرٿ- ڪرم کنڊ وارن يعني جن تي پرميشور جي ڪرپا ٿي آهي، تن جي باڻيءَ ۾ طاقت ٿئي ٿي. [زور = طاقت.]

تِتُ هورُ نہ ڪوئي هورُ

اَرٿ- انهي کنڊ ۾ (سنتن کانسواء) ٻيو ڪو ڪونهي. ڀاو- سنتن کانسواءِ انهيءَ منزل تي ٻيو ڪوبہ ڪونہ وڃي سگهندو.

تِتُ جوڌَ مَها بَل سورُ

اَرٿ- اُتي (من ۽ اندرين کي جيتڻ وارا) مهابلي جوڌا ۽ سورما آهن. [سور = سورما.]

تِنَ مَهِ رامُ رَهِيا ڀَرپُورُ

اَرٿ- انهن ۾ رام (روم روم ۾) ڀرپور آهي.

تِتُ سِيتو سِيتا مَهِما ماهِ

اَرٿ- اُتي (يعني انهيءَ اوستا ۾) انهن جو سيتا روپي من، (رام يعني پرماتما) جي مهما ۾ گنڍيل آهي. [سيتو = سبيل، گنڍيل.]

واري آهي، يعني هو سڀ ۾ سونهن ڀسي، عجب ۾ پئي پرماتما جي قدرت ساراهين ٿا. مثلاً هيٺئين قسم جي واٽي اُچارين ٿا:—

"وِسمادُ نادُ وِسمادُ ويد
وسماد جيئہ وسمادُ ڀيد
وسماد روُپَ وسماد رنگہَ
وسماد نانگي ڦرهہ جَنت
وسماد پوڻُ وِسماد پاڻي
وسماد اَگني کيڏهہ وِڏاڻي."

[آسادي وار پؤڙي (۳)]

اَرٿ- هي پريو! عجيب تنهنجو شبد آهي ۽ عجيب تنهنجا ويد آهن؛ عجيب تنهنجا جيو آهن ۽ اُنهن جيون جي ذاتين جا تفاوت بہ عجيب آهن؛ جيون جا روپ بہ عجيب آهن ۽ اُنهن جا رنگ بہ عجيب آهن. هي پريو! اهو بہ اسچرج آهي جو (ڪئين) جيو اُگهاڙا پيا گهمن. هي پريو! عجيب آهي هوا ۽ عجيب آهي پاڻي؛ عجيب آهي اُگني، جا اسچرج روپ کيل پيئي ڪري.

نِتئي گهاڙتِ گهڙيئي بَهُتُ اَنوُپُ

اَرٿ- اُتي (يعني اُپاشنا کانڊ ۾) بلڪل سندر گهاڙت گهڙجي ٿي، يعني اُتي جيو جو ردوُشي ڳڻن سان پرپور ٿئي ٿو، جنهنڪري بلڪل عمدو نظر ۾ اچي ٿو. [تثيءَ = اُتي. انوپ = تعريف کان ٻاهر يعني تمام سندر.]

تاڪيِئا ڳلا ڪٿيِئا نا جاهِ

اُرٿ- انهيءَ پدويءَ جون ڳالهيون چئي نہ ٿيون سگهجن. [ڳلا = ڳالهيون.]

جيڪو ڪَهي پڇئي پڇُتاءِ

ارٿ- جيڪو ڪو چوندو تہ مان ڪٿي جاڻان سو آخر

ڪري ٿو ۽ پنهنجي ڪرپا درشٽيءَ سان (پنهنجن پيارن کي) خوش ڪري ٿو. [ويکيءِ = ڏسي ٿو، نگاهه ڪري ٿو. ندر = ڪرپا درشٽي. نهال = خوش.]

تِٿي کنڊَ مَنڊَلَ وَرَ ڀِنڊَ

اَرٿ- انهي سچ کنڊ ۾ کنڊ ۽ منڊل ۽ برهمنڊ آهن. [منڊل = سؤ ڪوهن وارا ديس. ورڀنڊ = برهمنڊ.]

جي ڪو ڪٿئي تہ اَنَت نہ اَنت

اَرٿ- جيڪڏهن ڪو انهن بابت ويهي ڪٿيندو تہ اُهو اَنت نہ پائي سگهندو يعني اُتي بي شمار کنڊ، منڊل ۽ برهمنڊ آهن.

تِٿي لوءَ لوءَ آڪارَ

اَرٿ- اُتي لوڪن جا لوڪ ۽ روپ آهن. [لوءَ لوءَ=لوڪن جا لوڪ. آڪار=روپ.]

جِوَ جِوَ حُڪَمُ تِوَيِ تِوڪارَ

اَرٿ- جٿن جٿن نرنڪار جو حڪم آهي، تٿن تٿن ڪم پيو ٿئي.

ويکئي وِگَسئي ڪَرِ وِيچارُ

اَرٿ- هو سڀني کي (ساڪي روپ ٿي) ڏسي ٿو ۽ خوش ٿئي ٿو ۽ (سڀني جي ڪرمن جو) ويچار ڪري ٿو. [وگسيءَ= خوش ٿئي ٿو.]

نانَڪَ ڪَٿَنا ڪَرَڙا سارُ.

اَرٿ- سري گورو نانڪ صاحب جن فرمائين ٿا تہ (اهڙي پدويءَ جو) ورڻن ڪرڻ لوهہ جهڙو سخت آهي يعني بلڪل ڪٺن آهي. [ڪٿنا = ورڻن ڪرڻ. ڪرڙا = سخت = ڪٺن. سار = لوهہ.]

لڌهين سڌ پڇڻ لڳا تہ سائين! جيو جي ڪمائي پورن ڪيئن ٿئي يعني جيو پرماتما سان لولين ڪيئن ٿي وڃي؟ تنهن

تاکي رُوپَ نہ کَٿَني جاهِ

اَرٿ - اُنهن يعني ڪرم کنڊ وارن جو روپ ڪٿن ڪري نٿو سگهجي (يعني اُهي اُني سندر آهن، جن جو بيان ڪرڻ ڪٺن آهي.)

نا اُهِ مَرِهِ نہ ٺاڳي جاهِ

جِنَ ڪي رامُ وَسي مَنَ ماهِ

اَرٿ - جن جي من ۾ (هر وقت) پرماتما جو نام وسي ٿو، سي نڪي مرن ٿا ۽ نڪي (ڪام آدڪ وڪارن کان) ٺڳجي وڃن ٿا.

نوٽ - سنتن ۽ مهاتمائن بابت صاحب چون ٿا ته اُهي نٿا مرن، تنهن جو سبب اهو آهي جو اُهي سنساري ماڻهن وانگر مري جنم نٿا وٺن. اُنهن جي جوت ديهه ڇڏڻ کانپوءِ پرماتما جي جوت سان ملي وڃي ٿي.

تِٿي ڀڳَتَ وَسَهِ ڪي لوءِ

اَرٿ - اُتي ڪئين ملڪن جا ڀڳت واسو ڪن ٿا. [ڪي = ڪئين. لوءِ = لوڪ، ملڪ.]

ڪَرِهِ اَنَنْدُ سَچا مَنِ سوءِ

اَرٿ - ۽ اُهي سچي پرماتما جو آنند من ۾ وٺن ٿا.

اِتي سڌن چيو ته سائين! اَسانکي هاڻي سچ کنڊ بابت ڪجهه ٻڌايو. تنهن تي صاحبن فرمايو:-

سَچِ کَنڊِ وَسي نِرنڪارُ

اَرٿ - سچ کنڊ ۾ نرآڪار پرميشور وسي ٿو. [نرنڪار = آڪار يا روپ بنا.]

ڪَرِ ڪَرِ ويکَي نَدَرِ نِهالَ

اَرٿ - (اُتي) پرميشور سرشٽي جوڙي اُنهيءَ جي نگاهه

پيو اُرٿ هي ٻہ ٿي سگهي ٿو:— اُهڙي جڳياسوءَ جي اندر ۾ سچو شبد (نام) گهر جي ٿو، يعني شبد جي صورت وٺي هو شبد روپ ٿي ٿو وڃي. مطلب تہ هو پاڻ وساري ٿو ۽ سچو وقت اُن جي اندر ۾ شبد پيو ڄپجي.

جِنَ ڪؤ نَدَرِ ڪَرَمُ تِنَ ڪارَ

اُرٿ- جن (پرشن) تي پرميشور جي ڪرپا درشٽي لڳي ٿي، سي ئي انهيءَ ڪم ۾ لڳن ٿا. يعني اُهي ئي نام سمرين ٿا.

نانڪ نَدَري نَدَرِ نهالَ.

اُرٿ- سري گورو نانڪ صاحب جن فرمائين ٿا تہ پرماتما پنهنجي ڪرپا سان (اهڙن پرشن کي) نهال ڪيو ڇڏي يعني جنم مرڻ کان ڇڏايو ڇڏي. [ندري = پرماتما. ندر = ڪرپا.]

جڏهين سري گورو نانڪ صاحب جن سري جپ صاحب جو يوڳ پائي رهيا، تڏهين سڪ سنگت سري گورو اُنگد صاحب جن جي اُڳيان وينتي ڪئي تہ ڪرپا ڪري اسانکي ستگورن جي مهما ورنن ڪري ٻڌايو. تنهن تي سري گورو اُنگد صاحب جن هيٺيون سلوڪ اچاريو، جو سري جپ صاحب جي پنياڙي پڙهڻ ۾ ايندو آهي ۽ جو "مانجهہ جي وار" ۾ ٻڙ ٻي پاتشاهيءَ جو ڪري ڏيکاريل آهي.

نوٽ- ڪي ٽيڪا ڪندڙ وري هن طرح لکن ٿا تہ سري گورو اُنگد صاحب جن سڪ سنگت جي عرض تي هيٺيون سلوڪ اُچاري سري جپ صاحب جو يوڳ پاتو، جنهن ۾ ڏيکاريائون تہ جڳت جو آڌار ڇاتي آهي ۽ ڪيئن هن سنساري کيل مان ٻچي پار پئبو. انهيءَ ڪري پهرين ٻن تڪن جون معنائون مٿين ٻنهي نمونن ۾ ڏجن ليون.

سلوڪ

پَوَڻُ گورُو، پاڻي پِتا، ماتا ڌَرتِ مهتُ

اُرٿ- گورو پون وانگر آهي (جو جو سيکنهن سان هڪجهڙو

تي صاحبن فرمايو ته شبد گهڙڻ سان هو پرماتما کي پائي سگهي ٿو ۽ انهيءَ شبد گهڙڻ لاءِ هيٺين سامگريءَ جو ضرور آهي.

پؤڙي (٣٨)

جَتُ پاهارا، ڌيرجُ سُنِئارُ

اَرٿ- (جگياسوءَ کي) جت روپي آڳينو هئڻ گهرجي ۽ ڌيرج روپي سونارو ٿيڻ گهرجي. [جت = اِندرين کي روڪڻ يعني برهم چريه ڌارڻ. پهارا = آڳينو، جنهن ۾ سونارا باهه باريندا آهن، چُلهو. سنئار = سونارو.]

اَهَرڻِ مَتِ ويدُ هَتِيئارُ

اَرٿ- ۽ (اُتم) مت کي سنداڻ ڪرڻ گهرجي ۽ گيان روپي متر ڪو (متس هٿڻ گهرجي). [اَهرڻ = سنداڻ، لوهه جو ٽڪر، جنهن تي سونارو سون جو زيور گهڙيندو آهي. ويد= گيان. هتيئار= متر ڪو.]

ڀؤ کلا اَگَنِ تَپَ تاءُ

اَرٿ- ۽ پرميشور جو ڀؤ رکڻ ڌَوَڻ ڪرڻ گهرجي ۽ (اپياس روپي) تپشيا جي اَگني هئڻ گهرجي. [کلا = ڌوٽي، جنهن سان باهه کي ڦوکي بارجي. تپ تاءُ = تپشيا.]

ڀانڊا ڀاءُ اَمرِتُ تِتُ ڍالِ

اَرٿ- ۽ رِدي کي پريم روپي ڪوناري ڪرڻ گهرجي ۽ انهيءَ ۾ (گورن جي اُپديش جو) اَمرت وجهڻ گهرجي. [ڀانڊا = ڪوناري، ننڍي پيالي، جنهن ۾ سون پگهاري صفا ڪبو آهي. ڀاءُ = پيار، پريم.]

گَهڙِيئِ شَبَدُ سَچِي ٽَڪَسالَ

اَرٿ- (اهڙيءَ طرح سان) سچي ضرب خالي ۾ يعني ساڌ سنگت ۾ (اُناهد) شبد گهڙجي ٿو. [ٽڪسال=ضرب خانه يعني ساڌ سنگت.]

جِنِي نامُ ڌِيائِيا، گَئي مَسَقَتِ گهالِ

اَرٿ- جن (گوروءَ جي اُپديش گرهڻ ڪري) پرماتما جو سچو نام ڌيايو آهي، اُنهن سڀ تڪليفون لنگهايون آهن، يعني اُهي سيني ساڌنائن جي محنت ڪري چڪا آهن. [مسقت=مشڪلات، تڪليفون. گهال = ڪمائي.]

نانڪَ تي مُکَ اُجَلي، ڪيتي ڇُٽي نالِ

لاٿ- سري گورو اَنگد صاحب جن (سري گورو نانڪ صاحب جن جو نالو عزت سان وٺي) فرمائين ٿا تہ اهڙن گورمکن جا منهن اوجل آهن ۽ اهڙن جي سنگ ۾ ڪئين (جنم مرڻ کان) ڇٽي پون ٿا. [ڪيتي = ڪيترو (خلقت) يعني ڪئين جيو.]

ورتي ٿو)؛ گورو پاڻيءَ وانگي سيتلتا ۽ پوترتا بخشيندڙ آهي ؛ گورو پتا وانگر پنهنجي شش جي پالنا ڪندڙ آهي ؛ ماتا وانگي سار سنڀال ڪندڙ آهي ؛ گورو وڏيءَ ڌرتيءَ وانگر ڌيرجوان آهي. [ڌرت = ڌرتي. مهت = وڏي.]

ٻيو اَرٿ- جڳت جو گورو پؤن آهي (ڇو ته اُن ڪانسواءِ جيئڻ نٿو سگهجي)، پاڻي پتا آهي (ڇو ته اُن مان ئي سڀ جي اُتپتي ٿئي ٿي) ؛ ڌرتي وڏي ماتا آهي (ڇو ته ڌرتي، ماتا وانگر سڀ اَپايل سرشٽيءَ کي پنهنجي گود ۾ رکي ٿي).

دِوَسُ راتِ دُءِ دائي دائيا، کيلئي سَگَلَ جَگَتُ

ارٿ- گورو (سکن کي) دائي ۽ دائيءَ وانگر گيان روپي ڏينهن ۾ کيل ٿو ڪرائي ؛ برهم وديا روپي رات ۾ سمهاري ٿو ڇڏي. گورو ساري جڳت کي هڪڙي بازي ڪري ٿو سمجهي يعني سمجهي ٿو ته سڀ ڪجهه ناسونت آهي ؛ رڳو پار برهم ئي ست آهي. [دوس = ڏينهن.]

ٻيو اَرٿ- ڏينهن ۽ رات جيون لاءِ دائي ۽ دايو آهن (ڇو ته دائي ٻالڪ کي رات جو سمهاريندي آهي ۽ دايو هنڪي ڏينهن جو کيڏائيندو آهي)؛ انهيءَ ريت سڄو جڳت پيو کيل ڪري.

چَنگِائيان بُرائيان، واچي ڌَرمُ حَدُورِ

اَرٿ- جيون جون چڱايون ۽ برايون ڌرمراءِ جي حاضريءَ ۾ واچيون وڃن ٿيون. [حدرو = حضور ۾. واچيءَ = پڙهجن ٿيون، واچجن ٿيون.]

ڪَرمي آپو آپڻي، ڪي نيڙيَ ڪي دُورِ

اَرٿ- پنهنجن پنهنجن ڪرمن ڪري ڪي (يعني گورمک) ايشور جي ويجهو ٿين ٿا ۽ ڪي (يعني منمک) ايشور کان دور رهجو وڃن.

مون ڏاڍ سان اُندر جي شانتي نه ٿي سگهي، ورتن ۽ ڪرڻ سان پرماتما جي ملڻ جي چاهنا نه ٿي تريپت ٿئي. مطلب ته ايشور سان سچي ٿيڻ بنا ڪيترائي به سياڻپون ۽ چترائيون ڪٺي ڪبيون ته به هن سان ملڻ لاءِ اُهي ڪارگر نه ٿينديون. [پؤڙي (١) سوچئ سوچ......چلئ نال.]

پوشن - سائينءَ سان سچو ڪيئن ٿجي؟ [پؤڙي (١) ڪو سچيارا......ٿئي پال.]

اُتر - هن جي حڪم تي راضي ٿي هلڻ سان. [پؤڙي (١) حڪم رضائي......لکيا نال.]

پوشن - هن جو حڪم ڇا کي ٿا چئو؟

اُتر - اُهو پورو پورو ورنن ڪرڻ مشڪل آهي، مگر ايترو چئي سگهجي ٿو ته هن جي حڪم سان سرشٽيءَ جون سڀ وستو ۽ جيو پيدا ٿين ٿا. هن جي حڪم ڪري ئي دک، سک، وڏي پدوي، ننڍي پدوي، مڪتي ۽ جوڻيون ملن ٿيون. مطلب تہ سڀڪو هن جي حڪم موجب هلي ٿو. هن حاڪم جو حڪم جيو نٿا سمجهن. جيڪڏهين هن جي حڪم کي پروڙين ته جيڪر "مان مان" ڪن ئي ڪين. [پؤڙي (٢) حڪمي هوون آڪار.]

پوشن - اُن حاڪم جو بل ڪيترو آهي؟

اُتر - اُن جو بل ڪٿڻ کان ٻاهر آهي. ڪوبہ هن جي بخشش، اُپڪارن، وڏاين ۽ گيان جو بيان ڏيئي نہ سگهندو. هو اهڙو سمرٿ آهي جو سرپ ناهيو وري ڍاهيو ڇڏي ۽ هڪ ڏيهيءَ مان پران ڪڍي وري ٻيءَ ڏيهيءَ ۾ وجهيو ڇڏي. آهي جاڻڻ ۽ ڏسڻ کان پري، تہ به حاضران حضور ٿي سڀڪي ويٺو ڏسي. اُڪٿ آهي هن جون ڏاتيون. بيشمار جيو هن جي پيدا مان کايو پيا کائين تہ به هن جو پيدا ڀرپور جو ڀرپور. داتار ڏيندو پيو رهي، پر وٺندڙ ٿڪجو پون. اُهو حاڪم سيني کي پنهنجي حڪم (قاعدي) ٿي هلائي ٿو ۽ اهڙي ليلا بنائي بيپرواهہ ٿي آنند ۾ رهي ٿو. [پؤڙي (٣) گاوئ ڪو تاڻ.]

سريِ جپ صاحب جو سارُ

(پرشن اُتر ۾)

هڪ ڀيري سري گورو نانڪ صاحب جن رٽن ڪندا اچي سُمير پربت تي نڪتا. اُتي اوڏيءَ مهل سِڌن جي سڀا لڳي پيئي هئي. سڌ گورو صاحبن کي ڏسيِ عجب ۾ پيا، جو سمجهائون ته اسان ڪانسواءِ ٻئي ڪنهن کي ٻه طاقت نه آهي، جو هن جبل جي چوٽيءَ تائين اچي پهچي، تنهنڪري صاحبن کان پڇڻ لڳا:-

پرشن- توهين ڪنهن جا اُپاشڪ آهيو ۽ ڪنهن جي ٻ-ل سان هھڙي ڪٺن استان تي آيو آهيو؟

اُتر- هڪ پرماتما جنهن جو ئي نالو ست (قائم) آهي، جو ساري سرشٽيءَ جو رچيندڙ آهي، جو سڀ ۾ وياپڪ آهي، جو ڀوَ کان رهت آهي، جنهنجو ڪنهن سان ٻه وير ڪونهي، جنهن ۾ وقت جي ڪري ڪا ڦير گهير نٿي ٿئي، جو جوڻين کان ڇٽل آهي ۽ جو پاڻيهي پاڻ پيدا ٿيو آهي، تنهن جا اَسين اُپاشڪ آهيون ۽ انهي جي ئي ڪرپا سان هتي آيا آهيو. [ايڪ اونڪار .... سٿين.]

پرشن- اھڙو پرماتما ڪيئن ملي سگهندو؟

اُتر- اُهو پرماتما، جو آد جڳاد کان قائم آهي، تنهنکي جڏهين ستگوروءَ جي ڪرپا سان جپبو، تڏهين هنکي حاصل ڪري سگهبو. [گور پرساد .... هوسي ڀي سچ.]

پرشن- تيرٿن تي اشنان ڪرڻ، مونِ ڌارڻ، ورت رکڻ يا ٻئي ڪنهن اهڙي اُپاءَ سان پرماتما کي پائي ڪين سگهبو ڇا؟

اُتر- تيرٿن تي اِشنان ڪرڻ سان انتهڪرڻ شڌ نٿو ٿئي،

سگهجي ٿو يا اُن لاءِ ٻئي ڪنهنجي مدد جي ضرورت آهي؟

اُتر - پنهنجي سِر مشڪل آهي. اُن لاءِ گوروءَ جي اُپديش جي ضرورت آهي، ڇو ته هنجي اُپديش سان ئي اناهد شبد ٻڌي سگهجي ٿو، هنجي اُپديش سان ئي گيان حاصل ڪري سگهجي ٿو ۽ هن جي اُپديش سان ئي پرماتما ۾ سمائجي سگهجي ٿو. [پؤڙي (٥) گورمکہ نادن ...... رهيا سمائي.]

پرشن - گوروءَ جي مهما جو ڪجهہ ورنن پلائي ڪري اسانکي ٻڌايو.

اُتر - گوروئي شوُ آهي، گوروئي برهما آهي ۽ گوروئي پارٻتي ماتا آهي. جئن شوُ مهراج سنگهار ڪندڙ آهي، تئن گورو سِکن جا وڪار ناس ڪيو ڇڏي؛ جئن وشنو جڳت جي پالنا ڪندڙ آهي، تئن گورو سِکن جي شپ گڻن جي پالنا ٿو ڪري؛ جئن برهما اُتپتي ڪندڙ آهي، تئن گورو سِکن ۾ نوان نوان گڻ اُتپن ڪري ٿو؛ جئن پارٻتي ماتا ور ڏيندڙ آهي، تئن گورو سِکن کي اِهو ور ٿو ڏئي ته شل هنن جو پريم سديو اَڪال پرکہ سان لڳو پيو هجي. گوروءَ جي مهما ته ڪٿن ڪرڻ کان ٻاهر آهي. اسين فقط ايترو ٻڌايون ٿا ته گوروءَ هڪ ڳالهہ اسانکي سمجهائي ڇڏي آهي ته پرماتما، جو سڀني جيون جو آڌار آهي، تنهنکي ڪڏهين به نه وسارڻ گهرجي. [پؤڙي (٥) گور ايسر ...... وسر نہ جائي.]

پرشن - اسان تيرٿن جا اِشنان ڪيا آهن. اوهين به ڪري آيا آهيو يا نه؟

اُتر - اسان جي نظر ۾ پرماتما کي راضي ڪرڻ ئي وڏي ۾ وڏو تيرٿ آهي. جن جي راضپي هت ڪرڻ کانسواءِ انهت ئي تيرٿن جا اشنان ڪياسين ته ڇا ٿيو؟ جيو کي ته جيڪي ملي ٿو، سو سڀ سندس ڪرمن اُنوسار ئي ملي ٿو. [پؤڙي(٦) تيرٿ ناوا...... ڪ مليءِ لئي.]

پرشن - اسانجي پيٽ ۾ اُچو ته اوهانکي اهڙيون ڄڳتيون

پرشن - اُهو حاڪم جڳت جي حاڪمن جهڙو آهي يا اُنهن کان نرالو؟

اُتر - هو سدائين قائم آهي ۽ هنجو نالو بہ سدائين قائم آهي. آهي داتار اهڙو، جو جيڪو سندس در تي بيهي ڪاٺس ڪي گهري ٿو، تنهنکي ڪڏهين بہ خالي ڪو نہ ٿو موٽائي، دنيوي حاڪم ڪئين دفعا نراس ڪيو ڪين. [پؤڙي (۴) ساچا صاحب... ڪري داتار.]

پرشن - کهڙي ڀينٽا اُن حاڪم وٽ کڻي وڃجي، جنهن ڪري هن جي دربار ۾ وڃي سگهجي ۽ کهڙا وچن مُکان ڪڍجن، جي ٻڌي هو پيار ڪري؟ [پؤڙي (۴) ڦيرڪ اڳيءِ......ڌري پيار.]

اُتر - امرت ويلي هن جي سچي نام اُچارڻ ۽ هنجي وڏاين جي ويچار ڪرڻ سان ئي هن جي دربار ۾ پير پائي سگهبو ۽ هن جو پيار حاصل ڪري سگهبو. [پؤڙي (۴) امرت ويلا...... وڏيائي ويچار.]

پرشن - شُڀ ڪرمن ڪرڻ ڪري موڪش پراپت ڪري ڪين سگهبو ڇا؟

اُتر - رڳو شُڀ ڪرمن ڪرڻ سان جنم مرڻ جي چڪر کان نہ ڇٽبو، پر پرماتما جي ڪرپا سان ئي موڪش پراپت ڪري سگهبو. ائين ڄاڻڻ کپي تہ سچيار پرماتما سڀ ۾ وياپڪ آهي. [پؤڙي (۴) ڪرمي آوڻ......آپي سچيار.]

پرشن - اُنهيءَ پرماتما کي ڪنهن بنايو آهي، ڪنهن استاپن ڪيو آهي ۽ هنکي ڏيائڻ مان کهڙو ڦل ملي ٿو؟

اُتر - هو ڪنهنجو بہ بنايل نہ آهي؛ هن پاڻيهي پاڻکي استاپن ڪيو آهي. جيڪي هنکي ڌيائين ٿا، سي ئي درگاهہ ۾ مان پائين ٿا؛ تنهنڪري جڳائي تہ پريم ڀاءُ سان هن جا گڻ ڳائجن ۽ ٻڌجن. ائين ڪرڻ سان ئي جيوَ جا ڏک دور ٿين ٿا ۽ هنکي سچو سک پراپت ٿئي ٿو. [پؤڙي (۵) ٿاپيا نہ جاءِ........ گهر لئي جاءِ.]

پرشن - پرميشور جا گڻ ڳائڻ ۽ ٻڌڻ پنهنجي سِر ڪري

شؤ، برهما ۽ اِندر ٿيا آهن. نام جي سِمرڻ ڪري پرميشور جي ملڻ جي جُگتي هٿ اچي ٿي، شاستر ن - ويدن ۽ سمرتين جي پوري سمجهه حاصل ٿئي ٿي، ست - سنتوک ۽ گيان پراپت ٿئي ٿو، اٺهٺ تيرٿن جي اشنان جو ڦل ملي ٿو، پرميشور ۾ آسانيءَ سان ڌيان لڳي ٿو ۽ سنسار ساگر مان سولائيءَ سان پار پئيءِ سگهجي ٿو. نام سمرڻ جو مهاتم ايترو آهي، جو نيچ ذات وارا سارا هڻ جا لائق ٿين ٿا ۽ اَگيانيءَ پرش گيان وان ٿي پون ٿا. جيڪي پرش نام سمرن ٿا تن کي سديو آنند آهي، ڇو ته نام جي سمرڻ ڪري دک ۽ پاپ ناس ٿي وڃن ٿا. [پؤڙي (٨) سڻيئءِ سد پير.....پؤڙي(١١) دُوک پاپ ڪا ناس.]

پرشن - سائين! هاڻي اسانکي ٻڌايو ته نام منڻ جي ڪهڙي مهما آهي؟

اُتر - جنهن پرش جو نام ۾ پورو نشچو آهي، تنهن جي مهما چئي ڪين سگهبي. اُنهه پستڪ ڪٽي لکجن ته به پورا نه پوندا. توري ۾ ڪٽي چئجي ته نام منڻ واري پرش جي من ۽ بُڌيءَ ۾ ايڏي سوجهي ٿئي ٿي، جو نسچنت هو ايشور جي دربار ۾ وڃي پهچي ٿو. وات تي نڪا هنکي روڪ ٽوڪ ٿئي ٿي، نکي جم جا دوت هنکي ستائي سگهن ٿا. هو پاڻ ته سنسار ساگر مان تري وڃي ٿو، پر پنهنجي ڪٽنب، گورپاين ۽ مترن جو به اُڌار ڪري ٿو. نرنجن پرماتما جي نام جو اهڙو مهاتم آهي، جو جيڪو اُنکي مڃي ٿو، تنهنکي ئي اُنجي آنند جي خبر پوي ٿي. [پؤڙي,١٢)منئي ڪي گت...... پؤڙي (١٥) جاڻي من ڪوءِ.]

پرشن - سائين! جيڪي پرش نام ”سڻي ۽ مڃي“، ”ڌيا سن“ ڪن ٿا، تن جي پدوي ڪهڙي آهي؟

اُتر - اهڙا سنت پرش لوڪ پرلوڪ ۾ پوڄيڪ آهن ۽ جتني ڪتي سرومڻي آهن. هو ايشور جي درگاه ۾ مانُ ۽ سوڀيا پائين ٿا. هُنن جون ايشور ۾ سديو ڌيان رهي ٿو. [پؤڙي (١٦) پنچ پرواڻ.... ايڪ ڌيان.]

ڏسيون، جنهڪري رتن، جواهر ۽ ٻيا پدارٿ اوهين پراپت ڪري سگهو.

اُتر - اسين پدارٿن کي ڪاڏي ڪريون، ڇو ته جيڪو جي ٻُڌيءَ اندر ئي وئراڳ روپي رتن، گيان روپي جواهر ۽ سروڻ-منڻ-نديٰاسن روپي ماڻڪ گهڻيئي پيا آهن. اُهي گوروءَ جي، سکيا موجب هلڻ سان هٿ اچي سگهن ٿا، پوءِ دنيوي پدارٿ ڪهڙي ڪم جا؟ [پؤڙي (٦) مت وچ...... سِکَ سُڻي.]

پرشن- جيڪڏهين اُوهالکي پدارٿن جي لوڙ نه آهي، ته به اسانجي پنت ۾ اچڻ سان اوهانجي عمر وڏي ۾ وڏي ٿي پوندي ۽ اوهانجو نانءُ ناموس هرهنڌ پکڙجي ويندو.

اُتر - جيڪڏهين ڪنهن جي عمر چئن جُڳن جيڏي، بلڪ اُن کان به وڌيڪ ٿي پوي، جيڪڏهين هو سيڪنهن هنڌ مشهور به ٿي وڃي ۽ جيڪڏهين هن جي پنيان ڪئين ماڻهو نوڪر ٿي هلن، ته به جيڪڏهين هن تي پرماتما جي ڪرپا نه هوندي ته هنکي درگاهه ۾ ڪو پڇندو به ڪين ته تون ڪهڙيءَ ڪُنڊ جو آهين. [پؤڙي (٧) جي جگ...... نه پُڇي ڪي.]

پرشن - پرماتما جي ڪرپا درشٽيءَ کانسواءِ جيو جو ڪهڙو حال ٿئي ٿو؟

اُتر - هن کي تمام نيچ جوڻ ملي ٿي ۽ وڏا وڏا پاپي به مٿس دوش پيا رکن ته هيءُ اسان کان به وڌيڪ دوشي آهي. [پؤڙي (٧) ڪيٽا اندر...... دوس ڌري.]

پرشن - پرماتما جي ڪرپا ڪيئن هٿ اچي سگهي؟

اُتر - پرماتما جي ڪرپا ڀڳتيءَ جي ٽن ڏاڪن يعني نام جي سڻڻ، منڻ (مڃڻ) ۽ نديٰاسن (عمل ڪرڻ) سان پائي سگهجي ٿي.

پرشن - نام سڻڻ جي مهما ڪهڙي آهي؟

اُتر - نام جي سڻڻ ڪري جيو سڌن، پيرن، ديوتائن ۽ ناٿن جي پدويءَ تي وڃي پهتا آهن. نام جي سڻڻ ڪري ڌرتي، آڪاس، ديپ ۽ پاتال استتي پائي بيٺا آهن. نام جي سڻڻ ڪري

پرشن - هنجي بنايل سرشتي سموري هڪ جهڙي آهي يا جدا جدا قسمن جي؟

اُتر - جدا جدا قسمن جي، خاص ڪري ٻن نمونن جي، جن مان هڪڙي دئوي سرشٽي آهي ۽ ٻي آسُري سرشٽي آهي، يعني ڪي ڀلا نه ڪي بُرا.

پرشن - ٻڌائين- دئوي سرشٽيءَ جو مطلب ڇا آهي؟

اُتر - دئوي سرشٽيءَ ۾ انيڪ جپ ڪندڙ، پرماتما سان پريم رکندڙ، پوڄائون ڪندڙ ۽ ويد جا پاٺ ڪندڙ آهن. اُهي، جي جوڳي ٿي دنيا کان اُداس رهن ٿا. اَنيڪ آهن پڳت، جي پرماتما جي ڀلائين ۽ برهم گيان جو ويچار ڪن ٿا. اَنيڪ آهن ستوادي، داتار ۽ سورما؛ اَنيڪ آهن مولي، جي پنهنجي ورتي هڪ ٽِڪ پرماتما سان لڳائين ٿا. [پؤڙي (١٧) اسنکه جپ.]

پرشن - آسُري سرشٽي ڇاکي ٿا ڪوٺيو؟

اُتر - اَنيڪ مورک، اَگياني، چور ۽ ٻي شُڪرا آهن. اَنيڪ آهن ظالم، جي زبردستيءَ سان پنهنجو حڪم هلائين ٿا، جي پرائي گلي تي ڪاتي وهائين ٿا ۽ پاپ ڪري ڪري ڪپيو ڪاجيو وڃن. اَنيڪ آهن ڪوڙا، لندا ڪندڙ ۽ کوٽن ڪرمن ڪرڻ وارا. اِهو اُتو آسُري سرشٽيءَ جو ويچار. [پؤڙي (١٨) اسنکه مورکه.]

پرشن - جنهن پرميشور سڄي سرشٽي بنائي آهي، تنهن پرميشور جا نالا ۽ اُنجي رهڻ جون جايون ڪهڙيون آهن؟

اُتر - هن جا نالا اَنيڪ آهن ۽ هن جي رهڻ جون جايون بہ اَنيڪ آهن. هن جا بيشمار لوڪ آهن، جن جي جاڻ پٽي نٿي سگهي. بيشمار جيو ٻاٽکي ڪشت ڏيئي هن جي واکاڻ ڪن ٿا. [پؤڙي (١٩) [اسنک ناو ...... سرپار هوءِ.]

پرشن - پرميشور جي واکاڻ ڪيئن ڪري سگهجي ٿي؟

اُتر - اَکرن جي وسيلي.

پرشن - اَکرن جي مدد سان ڇا ٿي سگهي ٿو؟

پرشن - جنهن پرماتما ۾ سنت ڌيان لڳائين ٿا، تنهن جي ڪرتبن جو ڪجهه ورڻن ڪري ٻڌايو.

اُتر - جيڪڏهين ڪو پرماتما جي ڪمن جو ويچار ڪري ڪٿڻ ڪندو ته هو بيان ڪري نه سگهندو، ڇو ته هن جي ڪمن جو ڪاٿوئي ڪونهي. [پؤڙي (١٦) جي ڪوڪهيءَ .... ناهي شمار.]

پرشن - پُراڻن ۾ ڇيل آهي ته ڌرتيءَ ڪـي ڌؤل (اڇو ڍڳو) ڪنيو بيٺو آهي، انهيءَ بابت اوهانجو ڪهڙو رايو آهي؟

اُتر - اِهو رڳو النڪار جي نموني ڇيل آهي تـه ڌرتيءَ کي ڌؤل ڪنيو بيٺو آهي. انهيءَ جو مطلب آهي ته دنيا جـو چرخو پرماتما جي ديا سان ڌرم جي آسري تي هلي ٿو ۽ ڌرم تڏهين استر رهي ٿو، جڏهين سنتوک ساڻس شامل آهي. ويچار ڪريو ته هن ڌرتيءَ کانسواءِ ٻيون ڪيتريون نه ڌرتيون آهن، پوءِ ويچارو هڪ ڍڳو ايڏو بار ڪٿان کڻي سگهندو! فرض ڪجي ته ڌرتي ڌؤل تي بيٺل آهي، ته پوءِ ڀلا ٻڌايو ته ڌؤل وري ڪنهنجي آڌار تي بيٺل آهي؟ تنهنڪري ڇئبو ته انهن سڀني جو آڌار پرميشور ئي آهي. [پؤڙي (١٦) ڌؤل ڌرم ...... تليءَ ڪوڻ زور.]

پرشن - سائين پرميشور جي رچنا ڪيتري آهي؟

اُتر - هن اَنيڪ جيو جدا جدا ذاتين، رنگن ۽ نالن وارا رچيا آهن. هن جي سمورري رچنا جو ليکو ڪير لکي سگهندو؟ ليکي لکڻ سان ته پوري پوڻ جي نه آهي. ڇا هنجو ٻل آهي! ڇا هنجو روپ آهي! ڇا هنجي بخشش جيون تي آهي! هن جي هڪڙي وچن ("ايڪو هئہ ٻهہ سيامہ" مان هڪڙو آهيان ۽ مون مان گهڻا ٿين) ڪڍڻ سان سرشٽيءَ جو پسارو ٿيو آهي. [پؤڙي (١٦) جيتہ جات.... لکہ دريئاءُ.]

ائين چئي گورو صاحب پرماتما ڏانهن سنمک ٿي وڏيڪ چوڻ لڳا ته "هي پريو! تنهنجي ڪهڙي قدرت جو آءٌ ويچار ڪري سگهندس؟ مان توتان هڪڙو ڀيرو نه، پر ڪئين ڀيرا قربان وڃان. هي پرماتما! جيڪي توکي وڻي ٿو، سوئي ڀلو ڪم آهي. هي نرگن روپ! تون ئي سدائين استر آهين." [پؤڙي (١٦) قدرت ڪوڻ ...... سدا سلامت نرنڪار.]

هومئ جي مثل دور ڪن ٿا. [پؤڙي (٢١) ليرت تپ......مل لاءِ.]

پرشن - هومئ دور ڪرڻ لاءِ ڪهڙو ساڌن آهي؟

أتر - پرماتما کي پرارٿنا ڪجي ته "اي پرماتما! تو ۾ ئي سڀ گڻ مؤجود آهن، مون ۾ ته هڪڙو به نه آهي. تنهنجي ڀاڄه ڪانسواءِ مان تنهنجي ڀڳتي ڪري ڪين سگهندس." [پؤڙي (٢١) سڀ گڻ تيري ...... ڀگت نه هوءِ.]

پرشن - پرماتما سرشٽي ڪيئن پيدا ڪئي؟

أتر - پرماتما پاڻ منجهان هڪ شڪتي پيدا ڪئي، پوءِ "ايڪو هئه بهه سيامهه"، اُچارڻ سان اُن شڪتيءَ ٽاران برهما وشنو ۽ مهيش پيدا ٿيا ۽ پوءِ ساري سرشٽيءَ جي اُتپتي ٿي. سرشٽي بنائي، پرماتما سدائين آنند ۾ گذاري ٿو. [پؤڙي (٢١) سُست آپ ...... من چاءِ.]

پرشن - اُها ويل ڪهڙي هئي، وقت ڪهڙو هو، تٿ ڪهڙي هئي، ڏينهن ڪهڙو هو، مؤسم ڪهڙي هئي ۽ مهنو ڪهڙو هو، جڏهن سرشٽي پيدا ٿي؟ [پؤڙي (٢١) ڪوڻ سه ويلا ...... هوئا آڪار.]

أتر - نڪي پنڊتن، نڪي قاضين ۽ نڪي جوڳين کي اُنجي خبر آهي، ڇو ته هن جي رچنا بي اَنت آهي. جنهن ڪرتار سرشٽي رچي آهي، تنهنکي ئي اُنجي سُڌ آهي. مان ڪيئن اِها ڳالهه ڪري سگهان، ڪيئن ان سائينءَ جي ساراهه ڪريان ۽ ڪيئن اُنجو ورڻن ڪري سگهان! هو صاحب وڏو آهي ۽ هنجي وڏائي به وڏي آهي. جيڪو جيو هومئ ڪري پاڻکي ڪا چيز سمجهي ٿو، سو سائين جي درٻار ۾ مان نٿو پائي. [پؤڙي (٢١) ويل نه پائيئا...... سو هئي.]

پرشن - توهين چئو ٿا ته هن جي رچنا بي اَنت آهي، پر پُراڻن ۾ ته ٧ پاتال ۽ ٧ آڪاس لکيل آهن. اوهين انهيءَ نسبت ڇا ٿا چئو؟

أتر - لکين آهن پاتال ۽ لکين آهن آڪاس. پرماتما جي

اُتر - اَڪرن ڌاتارن پرماتما جو نالو جپجي ۽ ساراهجي ٿو، گيان حاصل ڪري سگهجي ٿو ۽ پرماتما جي گڻن جا گيت ڳائي سگهجن ٿا. اَڪرن جي مدد سان ئي ٻاڻي لکجي ۽ اُچارجي ٿي؛ اُنهن جي مدد سان ئي جيو جي مستڪ تي پرارٻد جو ليک لکيو وڃي ٿو. [پؤڙي (١٩) اَکري نام ...... سنجوگ وکاڻ.]

پرشن - پرماتما بہ پرارٻد جي وس آهي ڇا؟

اُتر - هن جي مستڪ تي ڪو بہ ليکہ لکڻ وارو ڪونهي. هو تہ پاڻ آهي حاڪم. جهڙيطرح هو فرمائي ٿو، تهڙيطرح ئي جيو کي ڦل ملي ٿو. ڏسو تہ سهين جيترا اُپايا اٿس، تيترن کي نالا آهن؛ نالي کانسواءِ ڪو بہ مڪان يا شيءِ ڪانهي. هن جي حڪم تي تڏهين هلي سگهبو، جڏهين پهريائين اَنتهڪرڻ شُڌ هوندو. [پؤڙي (١٩) جن ايهہ لکي .... ناهي ڪو ٿاءُ.]

پرشن- سائين! انتهڪرڻ ڪيئن شُڌ ڪجي؟

اُتر - جيئن سرير جو عضوو مٽيءَ سان ڀرجي پوندو آهي تہ اُنکي پاڻيءَ سان صفا ڪبو آهي، جيئن ڪپڙو مَل مُوتر سان خراب ٿي پوندو آهي تہ اُنکي صابڻ سان ڌوئي صاف ڪبو آهي، تيئن انتهڪرڻ، جي پاپن سان ڀريل هجي تہ اُهو نام سان پريم رکڻ سان شُڌ ٿي سگهي ٿو. هيءُ جيو پاپي يا پُنجي رڳو چوڻ سان ڪين ٿي پوندو، اُنجو مدار ڪرمن تي ئي آهي. جهڙا جهڙا جيو ڪرم ڪري ٿو، تهڙو تهڙو ڦل هو ڀوڳي ٿو. اِنهيءَ نيم پرماڻي پاپي جيو وريو وريو جنم مرڻ جي چڪر ۾ اچي ٿو. [پؤڙي (٢٠) ڀريئي هٿ.]

پرشن- سائين! اوهين نام سان پريم رکڻ تي زور ٿا رکو، پر تيرٿ، تپ ۽ دان ڪرڻ مان ڪو لاڀ آهي يا نہ؟

اُتر - جيڪي جيو تيرٿ، تپشائون ۽ دان ڪن ٿا، سي درگاهہ ۾ ذَرِو جيترو مانُ مس پائين ٿا، ڇو تہ هو پنهنجي هومئي نتا ماري سگهن؛ پر جيڪي نام سڻن ٿا، اُنکي مڃين ٿا ۽ اُن سان پريم ڌارين ٿا، سي پنهنجي هردي روپي تيرٿ ۾ اِشنان ڪري

ڪانهي. ڪيترائي جوڙا هن جي در تي منگتا آهن. ڪيترائي وري اهڙا آهن، جو هن کان داتيون وٺيو اَليو وڃن. ڪيترائي مورک آهن، جي هن جا ڏنل پدارٿ کائي پيا کائين، پر هن کي ياد ڪن ئي ڪين. ڪيترا وري اهڙا آهن، جي دکن ۾ پيا گذارين ۽ بکون پيا ڪڍن، پر اِها به پرماتما جي بخشش آهي، ڇو ته انهيءَ ڪري اُن جي ڀاڻي تي راضي رهڻ سکن ٿا، جنهن ڀاڻي تي راضي رهڻ ڪري ئي مڪتي پراپت ٿئي ٿي. پرماتما کي ڪو ڪونه چئي سگهندو ته هينءَ ڪر يا هُونءَ ڪر. جيڪڏهين ڪو مورک ائين ڪٿي چوندو، ته هنکي جيڪي موچڙا لڳندا، تن جي هن کي ئي خبر پوندي. سائين سيني جون گهرجون ڄاڻي ٿو ۽ پاڻ ئي سندن گهرجون پوريون ڪري ٿو، پر هن جو اَحسان ڪي ٿورا جيو ڄاڻين. جن پرشن کي اِها ڏات ڏئي ٿو، جو سندس صفتون پيا سارائين، سي (سنت) بادشاهن جا به بادشاهه آهن. [پؤڙي (٢٥) ڀهتا ڪرم.]

پرشن - سائين! اهڙن سنتن جا ڪهڙا ڳڻ آهن؟

اُتر - هنن جا ڳڻ اَملهه (بي بها) آهن. جيڪي هنن وٽ اچن وڃن ٿا، ساڻن گيان گوشٽ ڪن ٿا ۽ ڪانئن اُپديش وٺن ٿا، سي به اَملهه آهن. سنتن جو پريم به اَملهه آهي ۽ هنجو پرماتما ۾ سمائجي رهڻ بہ اَملهه آهي. هنن جو نياءُ، هنن جي دربار (ساڌ سنگت)، هنن جي ساهمي ۽ ڪٿ جن سان جگياسين کي نام توڙي ڏين ٿا، سي به اَملهه آهن. [پؤڙي (٢٦) اَمل ڳڻ ... اَمل فرماڻ.]

پرشن - سائين! جنهن پرميشور جي ڀڳتيءَ ڪري اهڙا سنت اَملهه آهن، تنهجو ڀلائي ڪري ڪجهه ورڻن ڪريو.

اُتر - پرميشور جا ڳڻ اَملهه ڪان به اَملهه آهن ۽ چوڻ کان ٻاهر آهن. هن جا ڳڻ ڳائي ڳائي نيٺ ڳائيندڙ هن جي ڌيان ۾ لڳي وڃن ٿا. ويدن ۽ پُراڻن جا پاٺ ڪندڙ ۽ پڙهيل پنڊت هنجي اُستت ڪن ٿا ۽ اُن ٻابت وياکياڻ ڪن ٿا. برهما، اِندر، گوپيون، ڪرشن، شو، ٨٤ سڌ ۽ ٻُڌ اوتار به هنجي اُستت ڪن ٿا. دئت،

رچنا جو اَنت ڳوليندي ڳوليندي ماڻهو ٿڪجي پيا، پر اَنت نہ پائي سگهيا. ويد ۽ ٻيا ڌرمي پستڪ بہ ائين ٿا چون تہ هنجي رچنا جي اَنت آهي، هو سڀ جو مُول آهي ۽ هن جي ڪمن جو ليکو ڪري نہ سگهبو. هو پنهنجي گت پاڻ ئي ڄاڻي ٿو. [پؤڙي (٢٢) پاتالا پاتال.]

پرشن- پرماتما جي صفت ڪرڻ سان اُنجي پرورڻ پئجي سگهندي؟

اُتر- صفت ڪندڙ هنکي ساراهين ٿا، پر اُنهن کي هن جي اَنت جي خبر ڪانہ ٿي پوي. جئن نديون ۽ واهہ سمنڊ ۾ وڃي پون ٿا، پر سمنڊ جو اَنت نٿا لهي سگهن، تئن صفت ڪندڙ بہ پرماتما ۾ سمائجي وڃن ٿا پر اُنجو اَنت نٿا پائين. هنجي وڏائي ايڏي آهي، جو جيڪي ڪيس نٿا وسارين، سي ڪٽي ڪٽيءَ وانگر نيچ هجن، تہ بہ ايڏيءَ پدويءَ کي ٿا وڃي رسن، جو اُنهن سان وڏا ڌناڍ بادشاهہ بہ برابري ڪري نٿا سگهن. [پؤڙي (٢٣) سالاهي سالاهہ.]

پرشن- پرميشور جو اَنت ڪو بہ ڪونہ ٿو پائي سگهي ڇا؟

اُتر- هن جي صفتن، هن جي ڪرتيءَ ۽ هن جي بخشش جو اَنت ئي ڪونهي. هو ڏسي بہ سيڪي ٿو ۽ ٻڌي بہ سيگهہ ٿو، پر هن جي مراد ڪهڙي آهي، تنهنجو اَلت ڪير بہ نٿو ڄاڻي سگهي. هن جي رچنا جو اَنت بہ معلوم نٿو ڪري سگهجي. هن جي اَنت پائڻ لاءِ ڪيترائي پيا واجهائين، تہ بہ هنجو اَنت نٿا پائي سگهن. هن جي اَنت جو بيان جيترو ڪبو، اوترو وڌي ويندو وڌندو. هو صاحب وڏو آهي. هن جو اَستان اُوچو آهي ۽ هن جو نانءُ اوچي ۾ اوچو آهي. هن جيڏو وڏو ٻيو ڪو هجي تہ هنکي ڄاڻي سگهي! هو پنهنجي وڏائي پاڻ ئي ڄاڻي ٿو ۽ پنهنجي ڪرپا سان جيون تي بخششون ڪري ٿو. [پؤڙي (٢٤) اَنت نہ صفتي.]

پرشن- پرماتما جيون تي ڪيتريون بخششون ڪيون آهن؟

اتر - هن جون بخششون ايتريون گهڻيون آهن جو لکڻ کان ٻاهر آهن. هو وڏو داتار آهي ۽ هنکي ڪنهن ۾ ترِ جيتري بہ لالچ

رچنا هنجي رچيل آهي. هو هاڻ بہ آهي، آئينده بہ هوندو ۽ ناس ٿيڻ کان رهت آهي." [پؤڙي (٢٧) سو در کيها...... رچنا جن رچائي.]

پرشن- اِها رچنا پرڀوءَ پنهنجي شُڌ سروپ مان رچي آهي يا ڪنهن ٻيءَ طرح؟

اُتر- هن سڄي رچنا مايا مان پيدا ڪئي آهي. اُها جدا جدا رنگن ۽ جنسن جي رچي اٿس. هو سرشٽي ٺاهي پنهنجي وڏائيءَ اَنوسار اُنکي سنڀالي ٿو. جيڪي هن کي وڻي ٿو، سوئي هو ڪري ٿو. هن تي ڪوبہ حڪم ڪري نٿو سگهي. اهو صاحب شاهن جو شاهہ آهي، تنهنڪري هن جي رضا تي راضي ٿي هلڻ گهرجي. [پؤڙي (٢٧) رنگي رنگي...... رهڻ رضائي.]

پرشن- اوهين اسانجي پنٿ ۾ اچي جوڳي بڻجي پئو تہ جوڳ جي وسيلي اوهين جيڪر سڄو جڳت پنهنجي وس ڪري سگهو.

اُتر- جوڳ اسين اڳيئي ڪمائيندا آهيون، پر دنيا جي جوڳين وانگر نڪي ٻاهريون مُندرائون پاتيون اٿون، نڪي ڪرمنڊل کنيو اٿون، نڪي جهولي پاتي اٿون، نڪي ڀڀوت لڳائي اٿون ۽ نڪي گودڙي يا ڏنڊو رکيو اٿون. مندرائن پائڻ بدران اسان سنتوک ڌاريو آهي. ڪرمنڊل ۽ جهوليءَ جي عيوض اسان کوٽن ڪرمن کان ٻاسو ڪيو آهي، ڀڀوت ڌيان جي لڳائي اٿون، گودڙي اسان اِها ڪئي آهي، جو سمجهيو اٿون تہ هيءَ ڪايا ڪال جو ڪاج آهي يعني ناسونت آهي، ۽ پرماتما سان ميلاپ رکڻ ۽ منجهس شرڌا ڌارڻ، اِهو اسانجو ڏنڊو آهي. سيني پنٿن سان پيار رکڻ، سوئي اسان لاءِ سڀ کان اُتم پنٿ آهي. من کي جيتڻ سان ئي سڄو جڳت جيتجي ٿو. توهان وانگر گورکناٿ کي "آديس" ڪرڻ بدران اسين اُنهيءَ اَڪال پرک کي آديس ڪندا آهيون جو آد کان آهي، جو داغ بنا آهي، جو ناس ٿيڻ کان رهت آهي ۽ سيڪنهن جُڳ ۾ هڪ روپ آهي. [پؤڙي (٢٨) مندا سنتوک.]

پرشن- اوهانجو پوڄن ڪهڙو آهي، اوهانجو ڀنڊاري ڪير آهي ۽ اوهين پوڄن پائڻ وقت ناد وڄائيندا آهيو يا نہ؟

ديوتائون، منک، مُني، ڀڳت ۽ ٻيا ڪيترائي شيوڪ هنجي اُستت ڪن ٿا. ڪيترائي اُنجي اُستت ڪري ڪري ورِي ٻيا سندس اُستت ڪن ۽ آخر هليا وڃن. ايترن اُستت ڪندڙن جيترا، پرماتما ٻيا به ڪٿي پيدا ڪري ته به هن جي اُستت پوريءَ طرح ورنن ٿيڻ جي نه آهي. اهو صاحب جيڏو وڏو ٿيڻ چاهي، اوڏو وڏو ٿي سگهي ٿو. جيڪو انهيءَ ڳالهه کي مڃي ٿو، تنهن سچ ڄاتو آهي، پر جيڪو اها ڳالهه نٿو مڃي ۽ چوي ٿو ته پرماتما کي جڻن وڏي ٿو، تڻن نٿو ڪري سگهي، سو مورکن ۾ وڏو مورک ليکڻ گهرجي. [پئوڙي (٢٦) اَملو اَمل......گاوارا گاوار.]

پرشن- جنهن پرماتما جي ايڏي مهما آهي، سو ڪهڙي هنڌ ويهي سڄي سرشٽيءَ جي سنڀال ٿو ڪري؟

اُتر- صاحب پريوءَ جي سنمک ٿي هي اُتر ڏنو ته هي پرماتما! جتي تون ويهي سڀني جي سنڀال ٿو ڪرين، اُتي بيشمار واڄا پيا وڄن. اُتي ڪيترائي راڳ، راڳڻين سميت پيا ڳائجن. اُتي وايوُ، جل ۽ اَگني ديوتائون تنهنجي صفت پيئون ڳائين ۽ ڌرم راڄا به تنهنجي در تي بيهي تنهنجي اُستت پيو ڪري. تنهنجي صفت، چتر گپت، جي جيون جي ڪرمن جو ليکو لکي ڄاڻن، سي به پيا ڳائين. شو، برهما، ديوي ۽ اِندر به تنهنجي صفت پيا ڳائين. سِڌ سماڌيءَ ۾ ۽ ساڌوُ پنهنجي ويچار ۾ توکي پيا ڳائين. جَتِي، ستِي ۽ سنتوشي پرش به تنهنجي ساراهه پيا ڳائين. پنڊت ۽ وڏا وڏا رشي ويدن دٺاران جُڳ جُڳ ۾ پيا تنهنجو ڪَٿن ڪن. من موهيندڙ اَپسرائون به تنهنجي صفت ڳائين ٿيون. مها ٻلي سورما ۽ چئني کاڻين جا جيوَ به توکي ڳائين ٿا. تنهنجي صفت اهيئي ٿا ڳائين، جي تنهنجا پيارا آهن ۽ جي تنهنجي ڀڳتيءَ ۾ هميشه رتا پيا آهن. ٻيا به ڪيترائي تنهنجي صفت ڳائڻ وارا آهن، جي منهنجي چت تي نٿا اچن. مان داس اُنهن جو ڪهڙو ويچار ڪري سگهندس؟

صاحب پوءِ پنهنجو مُک سِڌن ڏانهن ڪري چوڻ لڳا ته "هي پيارا! پرماتما سچو صاحب آهي ۽ هنجو نالو به سچو آهي. سچي

ڏاڪا هٿ اچن ٿا، جن تي چڙهي پرميشور سان هڪ ٿجي ٿو. جيڪي پُرش انهن ڏاڪن تي چڙهن ٿا، تن جون ڳالهيون پڌي ليڇ جيون کي ريس ٿي اچي ته اسين به هنن جي برابر ٿيون، پر اهي ڪيئن اهڙا ٿي سگهندا؟ پرميشور پنهنجي ڪرپا جي نظر سان ئي هٿ اچي سگهي ٿو. ائين چوڻ ته هنکي ڪنهن بئيءَ طرح هٿ ڪري سگهبو، سا اَجائي ڪوڙي ٻٽاڪ هڻڻي آهي. [پؤڙي (٣٢) اِڪ دؤ جيبؤ.]

پرشن- ڪي ماڻهو چون ٿا ته اَسين پنهنجي بل سان سڀ ڪجهه ڪري سگهون ٿا، سا ڳالهه ڪيئن آهي؟

اُتر - جيو کي بل نه آهي ڳالهائڻ جو، نه چُپ ڪرڻ جو، نه گُهرڻ جو، نه دان ڏيڻ جو، نه جيئڻ جو ۽ نه مرڻ جو. نڪي هن کي بل آهي، جو راڄ ۽ مال هٿ ڪري سگهي، نڪي هن جي اختيار آهي، جو پرماتما سان پنهنجي سُرت لڳائي سگهي ۽ نڪي هنکي طاقت آهي، جو سنسار کان ڇٽڻ لاءِ ڪا حِڪمت يا تجويز ڪري سگهي. جنهن پرماتما جي هٿ ۾ اها طاقت آهي سو سڀڪجي جوڙي، وينو مؤج سان انکي ڏسي. هن وٽ نڪو ڪو اُتم آهي ۽ نڪو ڪو نيچ آهي، يعني هن جي ٻاجهه جي نظر سڀڪنهن تي ٿي سگهي ٿي. [پؤڙي (٣٣) آکڻ جور.]

پرشن- سائين شاسترن ۾ ٽي ڪانڊ يعني ڪرم ڪانڊ، اُپاشنا ڪانڊ ۽ گيان ڪانڊ ڏيکاريل آهن. اوهان جو اُن بابت ڇا چوڻ آهي؟

اُتر - مڙئي ٥ کانڊ يا کنڊ آهن: (١) ڌرم کنڊ (٢) گيان کنڊ (٣) سرم کنڊ (٤) ڪرم کنڊ (٥) سچ کنڊ.

پرشن- ڪرپا ڪري مهرباني **ڌرم کنڊ** جو ورنن ڪريو.

اُتر - پرماتما جيون لاءِ ڪيترائي اُپڪار ڪيا آهن، جو هن راتيون، ڏينهن، ٿتيون، ڏينهن، هوا، پاڻي، باهه، پاتال ۽ آڪاس بڻايا آهن. اِنهيءَ رچنا جي وچ ۾ هن ڌرتي هڪ ڌرمسال وانگر ٿاپي رکي آهي، جنهن ۾ طرح طرح قسمن، سياون ۽ نالن جا

اُتر - اسانجو پوجن آهي گيان ۽ اُنهيءَ پوجن جي پرچڻ واري آهي پرماتما جي ديا، ناد جي بدران اسانجي گهٽ گهٽ ۾ اَناهد شبد سديو پيو وڄي. [پؤڙي (٢٩) ڀُگت گيان ...... واڄهِ ناد.]

پرشن - جيڪڏهين اوهين اسانجو پنٿ اختيار ڪندا ته اوهين ناٿ ٿي پوندا ۽ رڌيون سڌيون پراپت ڪندا.

اُتر - پرميشور ئي پاڻ سچو ناٿ آهي، جنهن جي آگيا ۾ سڄي سرشٽي هلي ٿي. رڌين ۽ سڌين جو سواد اوهانکي آهي ۽ نه اسانکي. پرميشور ميلاپ ۽ وڇوڙو، اهي ٻئي واٽون جاري ڪيون آهن ۽ هرهڪ جيو کي اڳين ڪرمن جي حساب موجب انهن واٽن تي هلائي ٿو. [پؤڙي (٢٩) آپ ناٿ ...... آوهه ڀاڳ.]

پرشن- پرماتما کي ڪي چيلا آهن، جن کان هو ڪم ڪار ڪرائي ٿو، يا هو سڀ ڪم پاڻ ٿو ڪري؟ هن جو سچو پسارو ڪيئن ٿو هلي؟

اُتر - مايا پرماتما جي شڪتيءَ سان ويائي، جنهن ٣ مکيه چيلا ڄڻيا: هڪڙو سنسار رچڻ وارو برهما، ٻيو پالنا ڪرڻ وارو وشنو ۽ ٽيون لئه ڪرڻ وارو شو. پرميشور پنهنجي مرضيءَ موجب انهن ٽنهين کي هلائي ٿو ۽ جئن جئن هنن کي حڪم ڏئي ٿو، تئن تئن هو ڪن ٿا. هو سڀڪي پيو ڏسي، پر پاڻ ڏسڻ ۾ نٿو اچي، اها ته سندس مهما آهي. [پؤڙي (٣٠) ايڪا مائي.]

پرشن- اوهانجي ناٿ (پرماتما) جو آسن ۽ ڀنڊار ڪهڙو آهي؟

اُتر - هن جا آسن ۽ ڀنڊار هر ڪنهن لوڪ ۾ آهن. جيڪي ڪي انهن ڀنڊارن ۾ وڌو اُٿس، سو هڪڙيئي ڀيري سان. هن جا ڀنڊار سدئو ڀرپور آهن. هو سرشٽي رچي، اُنکي پيو پالي. [پؤڙي (٣١) آسڻ لوءِ لوءِ.]

پرشن - پرماتما کي حاصل ڪرڻ لاءِ ڪهڙي سولي ساڌنا آهي؟

اُتر - هڪ زبان مان لک زبانون ٿي پون لک مان وري ويهه لک ٿي پون، ته به ويهن ئي لکن زبانن سان هڪڙيئي پرماتما جي نالي کي لک لک ڀيرا جپڻ گهرجي. ائين ڪرڻ سان عزت جا

پرشن - سائين! هاڻي **ڪرم ڪنڊ** جو ڪجھ ذڪر ڪريو.

اُتر - جن پُرشن تي پرميشور جي ڪرپا ٿي آهي، سي آهن ڪرم ڪنڊ جا نواسي. انهن جي باڻيءَ ۾ طاقت ٿئي ٿي. انهيءَ ڪنڊ ۾ سنتن کانسواءِ ٻيو ڪوبہ ڪونہ ٿو پهچي سگهي. اُتي اُهي ٿا رهن، جي من ۽ اِندرين کي جيتڻ وارا آهن، جي مها بلي ۽ جوڌا ۽ سورما آهن، جن جي رُوم رُوم ۾ رام رمي رهيو آهي ۽ جن جو سيتا روپي من رام جي مهما ۾ ڇُپيو پيو آهي. انهيءَ ڪنڊ وارن جو روپ پوريءَ طرح ڪَٿي نہ سگهبو. اُهي نڪي مرن ٿا، نڪي ڪام آدڪ وڪار اُنهن کي ٺڳي سگهن ٿا، ڇو تہ انهن جي من ۾ سديو پرماتما جو نام وسي ٿو. اُتي ڪيترن ئي لوڪن جا ڀڳت واسو ڪن ٿا، جي پنهنجي من ۾ سچو آنند وٺن ٿا. [پؤڙي (٣٧) ڪرم ڪنڊ کي ...... سچا من سوءِ.]

پرشن - سائين! هاڻي **سچ ڪنڊ** بابت ڪجھ ٻڌايو.

اُتر - سچ ڪنڊ ۾ نرنڪار وسي ٿو. اتي پرميشور سرشٽي جوڙي، انجي سنڀال ڪري ٿو ۽ پنهنجي ڪرپا درشٽيءَ سان پنهنجن پيارن کي نهال ڪري ٿو. انهيءَ ڪنڊ ۾ ڪئين ديس، منڊل، برهمنڊ، لوڪ ۽ روپ ويا پڪ آهن. اُتي نرنڪار جي حڪم موجب ڪم پيا ٿين. پاڻ ساکي روپ ٿي ساري سرشٽي ڏسي پيو مؤجون ڪري. انهيءَ ڪنڊ جو پوريءَ طرح ورنن ڪرڻ بلڪل ڪٺن آهي. [پؤڙي (٣٧) سچ ڪنڊ ...... ڪرڙا سار.]

پرشن - سائين! جگياسو پرماتما سان لوَلين ڪهڙيءَ ريت ٿي سگهندو؟

اُتر - جگياسوءَ کي جَت روپي آڳينو (ڇُلهو) هٿڻ گهر جي ۽ ڪيس ڌيرج روپي سونارو ٿيڻ گهرجي. هن کي ڪپي نہ پنهنجي ٻُڌيءَ کي سداڻ ڪري، گيان جو متر ڪو ڪٽي، ڀؤ جي ڌوڻي ڌوين، تپشيا جي اگني تپائي ۽ پريم جي ڪوناري بنائي منجهس گورن جي اُپديش جو امرت وجهي. انهيءَ طرح سان شڇي ضرب خاني (ساڌ سنگت) ۾ اناهد شبد گهڙجي پوندو. جن تي پرميشور

جيو بنائي رکيا اٿس. انهن جيون جو سندن ڪرمن موجب پرميشور جي دربار ۾ ويچار ٿئي ٿو. اتي رڳو انصاف پيو هلي. اتي سندس پيارا سنت سونهن ٿا، جن تي سندس ڪرپا جا نيشان آهن. اتي ڪرتا ۽ ڪونڌا پرکيا وڃن ٿا. اهو اڳئين ٽورو بيان ڌرم کنڊ يعني ڪرم کانڊ جو، جنهن ۾ جيو کي پنهنجا فرض پالڻا آهن ۽ هو پنهنجي ڪرمن موجب ڦل ڀوڳي ٿو. ٽوري ۾ ڪٿي چيو آهي ته "جهڙو ڪرم تهڙو ڦل". [پؤڙي (٣٤) رالي رتي.]

پرشن - سائين! هاڻي **گيان کنڊ** جو ڪجهه ورنن ڪريو.

اُتر - گيان کنڊ، گياتا (يعني سمجهه) جو کنڊ آهي. انهيءَ کنڊ ۾ جيو کي معلوم ٿئي ٿو ته ڪيترائي پون، پاڻي، اگنيون، ڪرشن، شو ۽ برهما آهن. ڪيترين ئي دنيائون آهن ۽ ڪيترائي نارد، اندر، چنڊ، سورج، منڊل ۽ ديس آهن. ڪيترائي ديوتائون، دئت ۽ مُني آهن ۽ ڪيترائي رتنن سان ڀريل سمنڊ آهن. ڪيترين ئي کاڻيون آهن، ڪيترين ئي ٻوليون آهن ۽ ڪيترائي پرجا پالڪ راجائون آهن. ڪيئن سُرتيون آهن ۽ ڪيئن سيوڪ آهن. انهيءَ ليکي جو ڪو انت ڪونهي. انهيءَ گيان کنڊ ۾ ايشور جو گيان جيو کي چڱيءَ طرح پراپت ٿئي ٿو. اُتي اَناهد شبد پڙدو ٿو اچي ٿو، جنهن ۾ ڪيئن خوشيون ۽ آنند آهن. [پؤڙي (٣٥) ڌرم کنڊ ڪا.]

پرشن - سائين! هاڻي ديا ڀالي **سرم کنڊ** جو ڪجهه ورنن ڪريو.

اُتر - سرم کنڊ (يعني اُپاشنا کانڊ) وارا ڏٺيءَ جي قدرت ڏسي سدائين واهه واهه پيا ڪن. انهيءَ کنڊ ۾ بلڪل سندر گهاٽ گهڙجي ٿو ۽ جيو جو رد و شڪ گُڻن سان پرپور ٿئي ٿو. انهيءَ پدويءَ جون سموريون ڳالهيون چئي ڪين سگهبيون. اُتي ڌيان جي شڪتي گهڙجي ٿي. من ۽ بُڌيءَ ۾ سمجهه ٿئي ٿي ۽ ديوتائن ۽ سڌن جهڙي سمجهه گهڙجي تيار ٿئي ٿي يعني مَنکه ديوتائن ۽ سِڌن جي پدويءَ کي پهچن ٿا. [پؤڙي (٣٦) گيان کنڊمهه.]

رهراس صاحب

"رهراس" لفظ بن لفظن "راهه راست" جو جڙيل آهي، جنهن جي معنيٰ آهي سچي وات (راهه = وات، راست = سچي). ڪي وري رهراس جو اَرٿ پوري رهڻي ڪن ٿا (رهه = رهڻي، راس = راس ڪندڙ يا پوري). آهستي آهستي انهيءَ لفظ جو اَرٿ پرارٿنا يا اَرداس يا نمسڪار به ٿيو آهي، ڇو جو پربوءَ کي پرارٿنا يا اَرداس يا نمسڪار ڪرڻ ئي هن جيو لاءِ پوري رهڻي آهي.

١- سودر راڳ آسا محلا پهلا

آشانڪا- هن شبد تي "سودر" نالو هن ڪري پيو آهي، جو اُن جو پهريون لفظ "سودر" آهي. اِهو شبد سري جپ صاحب ۾ به ٿوري تفاوت سان آيل آهي. اُنهيءَ تفاوت ڪري شبد جو اَرٿ ذرو به نٿو ڦري؛ فقط هتي وڌيڪ لفظ "تيرا" ۽ "تُڌنو" هئڻ ڪري چٽيءَ طرح ظاهر ٿئي ٿو ته هي شبد پربوءَ جي سنمک اُچاريل آهي.

چون ٿا ته جڏهين سِڌن سري گورو نانڪ صاحب جن کان پڇيو ته پرماتما ڪهڙي هنڌ رهي ٿو، تڏهين صاحبن پرماتما جي سنمک ئي هي شبد اُچاريو.

ايڪ اونڪار ستگور پرساد

سو دَرُ تيرا ڪيها سو گهرُ ڪيها، جِتُ بَهِ سَرَبَ سَمالي

واجي تيري نادَ اَنيڪَ اَسَنْڪا، ڪيتي تيري واوڻَ هاري

اَرٿ- (هي پرماتما!) اُهو تنهنجو دَر ڪهڙو آهي ۽ گهر

جي ڪرپا ٿئي ٿي، سي ٿي انهيءَ ڪم ۾ لڳن ٿا. اهڙن پُرشن
کي پرماتما پنهنجي ڪرپا درشٽيءَ سان نهال ڪري جنم مرڻ کان
ڇڏايو ڇڏي. [پؤڙي (٣٨) جت پاهارا.]

نوٽ. جڏهين سري جپ صاحب جو پرشن اُتر پورو ٿي
رهيو، تڏهين سري گورو انگد ديو جن، سک سنگت جي عرض
تي هيٺيون سلوڪ اُچاري سري جپ صاحب جو ڀوڳ پاتو، جنهن
۾ ڏيکاريائون تہ جڳت جو آڌار ڇا تي آهي ۽ ڪيئن هن سنساري
کيل مان بچي پار پئبو.

جڳت جو گورو پون آهي (ڇو تہ ان ڪانسواءِ جيئڻي نٿو
سگهجي)، پاڻي پتا آهي (ڇو تہ ان مان ئي سڀ جي اُتپتي ٿئي
ٿي)، ۽ ڌرتي وڏي ماتا آهي (ڇو تہ ڌرتي ماتا وانگر سڄي اُپايل
سرشٽيءَ کي پنهنجي گود ۾ رکي ٿي). ڏينهن ۽ رات جيون لاءِ
دائي ۽ دايو آهن (ڇو تہ دائي ٻالڪ کي رات جو سمهاريندي آهي
۽ دايو ڏينهن جو هن کي کيڏائيندو آهي). اِنهيءَ ريت سڄو
جڳت پيو کيل ڪري. جيون جا شُڀ ۽ اَشڀ ڪم ڌرمراءِ جي
حضور ۾ واچيا وڃن ٿا. پنهنجن پنهنجن ڪرمن انوسار، ڪي
پرميشور جي ويجهو ٿين ٿا ۽ ڪي پري. جيڪي نام ڌيائين ٿا
سي سڀ تڪليفون لنگهي پار پون ٿا. اهڙن پُرشن جا مُک اوجل
آهن ۽ انهن جي سنگ ۾ ڪئين مڪت ٿيو وڃن. [سلوڪ پورڻ
گورو.]

گاوَنِ تُڌنو اِنْدِرَ اِندراسَڻ بَئِٺي، ديوتِئا دَرِ نالي
گاوَنِ تُڌنو سِڌَ سماڌِي اَندَرِ، گاوَنِ تُڌنو ساڌَ بيچاري

اَرٿ - اِندر پنهنجي تخت تي ويٺي ديوتائن سوڌو تنهنجي در تي صفت ڳائي ٿو. سڌ سماڌيءَ ۾ توکي ڳائين ٿا ۽ ساڌ ويچار ڪندي توکي ڳائين ٿا. [اِندراسڻ = اِندر جو آسڻ يعني تخت.]

گاوَنِ تُڌنو جَتِي سَتِي سَنْتوکِي، گاوَنِ تُڌنو وِيرَ ڪَراري
گاوَنِ تُڌنو پَنْڊِتَ پڙَنِ رَکِيسُرَ، جُگُ جُگُ ويدا نالي

اَرٿ جتي، ستي، سنتوشي ۽ زبردست پهلوان ٻه توکي ڳائين ٿا. پڙهيل پنڊت ۽ وڏا رشي ويدن دواران جُڳ جُڳ ۾ توکي ڳائين ٿا. [ڪراري = ڀيانڪ، زبردست نالي =سان، دواران.]

گاوَنِ تُڌنو موهَڻِيئا مَنُ موهَنِ، سُرْگُ مَڇُ پَئِيالي
گاوَنِ تُڌنو رَتَنَ اُپائي تيري، اَٺِ سَٺِ تيرَٿَ نالي

اَرٿ- اپسرائون جي مَن کي موهيندڙ آهن، سي سرڳ ۾، مرٽ لوڪ ۾ ۽ پاتال ۾ توکي ڳائين ٿيون. تنهنجا پيدا ڪيل [اَمرت آدڪ] رتن، ٦٨ تيرٿن سميت توکي ڳائين ٿا. [موهڻيئا =اپسرائون. من موهن = من کي موهيندڙ. مڇ = مرت لوڪ. پئيالي = پاتال ۾.]

گاوَنِ تُڌنو جودَ مَها بَلَ سُورا، گاوَنِ تُڌنو کاڻي چاري
گاوَنِ تُڌنو کَنڊَ مَنْڊَلَ بَرهمنڊا،

ڪَرِ ڪَرِ رَکي تيري ڌاري

اَرٿ - توکي جوڌا، مهابلي سورما ۽ چئني کاڻين جا جيو ڳائين ٿا. کنڊ، ديس ۽ برهمنڊ، جي تو رچي رچي پنهنجي آڌار تي بيهاريا آهن، سي به توکي ڳائين ٿا.

نوٽ - کاڻيون مڙيئي چار آهن: (١) اَنڊَجِ =آني مان پيدا

کھڙو آهي، جتي ويهي تون سڀني جي سنڀال ٿو ڪرين؟ (اُٿر:-) اُتي تنهنجي (اُستت ڳائڻ) لاءِ بيشمار واجا پيا وڄن ۽ ڪيترائي اُنهنجي وڄائڻ وارا آهن. [بهہ=ويهي. سمالي=سنڀال ڪرين. ناد= واڄو. واوڻ هاري=وڄائيندڙ.]

ڪيتي تيري راڳ پري سِئُ ڪهيئهِ،

ڪيتي تيري گاوڻَ هاري

گاوَنِ تُڌنو پَوَڻُ پاڻي بَيسَنَتَرُ، گاوئَي راجا ڌرم دُئاري

اَرٿ- اُتي ڪيترائي تنهنجي (جس جا) راڳ راڳڻين سميت پيا ڳائجن ۽ ڪيترائي تنهنجو جس ڳائڻ وارا آهن. پون، جل ۽ اگني ديوتائون به تنهنجي صفت ڳائين ٿا ۽ ڌرم راجا به تنهنجي دروازي تي بيهي تنهنجي صفت ڳائي ٿو. [پري سئہ=راڳڻين سميت. گاوڻ هاري= ڳائڻ وارا. تڌنو= توکي، تنهنجي. بئسنتر = اُگني.]

گاوَنِ تُڌنو چِتُ گُپتُ لِکہ جاڻُن، لِکہ لِکہ ڌَرمُ بِيچاري

گاوَنِ تُڌنو اِيسرُ برهما ديوِي، سوهن تيري سَدا سَواري

اَرٿ - چتر ۽ گپت به توکي ڳائين ٿا (جي جيون جي ڪرمن جو) ليکو لکي ڄاڻن ۽ جن جي لکڻي تي ڌرم راجا ويچاري (لياءُ ڪري) ٿو. شو، برهما ۽ ديوي جي تنهنجا بنايل آهن ۽ جي تنهنجي در تي سدائين سونهن ٿا، سي به توکي ڳائين ٿا. [سواري = سينگاريل، بنايل.]

نوٽ - چتر ۽ گپت اهي به ديوتائون چوڻ ۾ ايندا آهن، جي جيون جي پاپ ۽ پُنِ روپي ڪرمن جو ليکو لکي ڌرمراءِ جي پيش ڪندا آهن. پر اِهو هڪڙو روُپڪ آهي. سچ پچ ته ڪرم پاڻهي پنهنجي اندر ۾ پنهنجو ليکو پيا لکن.

(ڏسو ديوان ڏيارام جي ٽيڪا جپ صاحب تي)

جو تِسُ ڀاوئِ سوئي ڪَرَسِي، ڦِرِ حُڪمُ نہ ڪَرَڻا جائي
سو پاتِشاهُ شاها پَتِ صاحبُ، نانڪ رَهَڻُ رَضائي.

اَرٿ- جيڪي هنکي وڻي ٿو، سوئي هو ڪري ٿو؛ هن تي ڪو حڪم ڪري نٿو سگهي. صاحب فرمائين ٿا تہ اُهو صاحب شاهن جو شاهہ آهي؛ هن جي رضا تي هلڻ گهرجي. [شاهاپت = شاهن جو پتي، شاهن جو شاهہ. رضائي = رضا تي، حڪم هيٺ.]

٢- آسا محلا پهلا

(پرماتما جي اُستت)

(١) سُڻِ وَڏا آکي سَڀُ ڪوءِ
ڪيوڏُ وَڏا ڏِٺا هوءِ

اَرٿ- (هي پرماتما) توکي وڏو ٻڌي ڪري، سڀڪو وڏو چوي ٿو، پر ڪيڏو وڏو تون آهين، سو ڪنهن ڏٺو آهي؟ يعني جيڪڏهن ڪنهن ڏٺو هجي تہ چئي سگهي. [ڪيوڏ = ڪيترو، ڪيڏو.]

قيمَتِ پاءِ نہ ڪَهڻا جاءِ
ڪَهڻي والي تيري رَهي سَماءِ

اَرٿ- تنهنجو اَنت ڇئي توڙي پائي ڪين سگهبو (ڇو تہ) تنهنجي وڏائيءَ جا ڪٿيندڙ (ڪٿ ڪندي ڪندي) تو ۾ سمائجو وڃن. [قيمت = ملهہ، اَنت.]

وَڏي ميري صاحبا گَهِرَ گَنڀِيرا گُڻي گهيرا
ڪوءِ نہ جاڻي تيرا ڪيتا ڪيوَڏُ چيرا (اڪ رهاءُ)

اَرٿ- هي منهنجا وڏا صاحب، ٻُورا، گنڀير؛ گڻن جا سمندر! ڪوبہ نٿو ڄاڻي تہ تنهنجي پساري جي حد ڪيتري آهي يعني

ٽيل، جهڙيطرح پکي. (٢) جيرَج = جيري مان پيدا ٿيل، جهڙيطرح ماڻهو ۽ جانور. (٣) سُئيتَجِ = پگهر مان پيدا ٿيل، جهڙيطرح جُون. (۴) اُتَپُجِ = زمين مان پيدا ٿيل، جهڙيطرح وڻ ٽڻ وغيره.

سيئي تُڌَ نوگاوَن جو تُڌُ ڀاوَنِ، رَتي تيري ڀَگَتَ رَسالي

هورِ کيتي تُڌَ نوگاوَنِ سي مئِ چِت نہ آوَنِ،

نانک کِئا بيچاري

اَرٿ- توکي اُهيئي ٿا ڳائين، جي توکي وڻن ٿا؛ تنهنجا ڀڳت، جي رس جا گهر آهن، سي توسان رتا پيا آهن. ٻيا بہ کيترائي توکي ڳائين ٿا، جي مونکي خيال ۾ نٿا اچن؛ گورو صاحب فرمائين ٿا تہ مان اُنهن (ڳائيندڙن جو) کهڙو ويچار ڪري سگهندس! [رسالي = رس آليہ = رس جو گهر.]

سوئي سوئي سَدا سَچُ صاحبُ، ساچا ساچي نائي

هيِ ڀِي هوسي، جاءِ نہ جاسي، رَچنا جِنِ رچائي

اَرٿ- اُهوئي پرماتما سدا سچو صاحب آهي ۽ هن جو نالو بہ سچو آهي. جنهن پرماتما هيءَ رچنا رچي آهي، سو هينئر بہ آهي، آئينده بہ هوندو ۽ ناس ٿيڻ جو نہ آهي. [جاءِ نہ جاسي = هليو نٿو وڃي يعني ناس نٿو ٿئي.]

رَنگي رَنگي ڀاتي کَرِ کَرِ، جنسي مايا جِن اُپائي

کَرِ کَرِ ديکئي کيتا آپڻا، جِئُ تِسَدي وَڊائي

اَرٿ- هيءَ رچنا، جا هن مايا مان پيدا ڪئي آهي، سا جدا جدا رنگن ۽ جنسن جي رچي اٿس. هو پنهنجي سرشٽي ناهي پنهنجي وڏائيءَ انوسار انکي پالي ٿو. ڀاو- جيڏو وڏو پاڻ آهي تيڏي وڏي سندس سنڀال آهي. [ديکئي = ڏسي ٿو، سنڀالي ٿو، پالي ٿو. کيتا = ڪيل يعني سرشٽي.]

(يعني هو پوريءِ طرح تنهنجون صفتون ڪتي نہ سگهندو) ؛ ڇو نہ تنهنجو ڀنڊار صفتن سان ڀريو پيو آهي.

جِسُ تُون ديهہِ تِسيِ ڪِتا چارا

نَانَڪَ سَچِہ سَوارَڻَ هارا

اَرٿ- جنهنکي تون پنهنجي (صفتن چوڻ جي) ڏات ڏين ٿو، تنهن سان ٻئي جو ڪهڙو وس هلي سگهندو؟ يعني اُن سان ڪو بہ پڄي نہ سگهندو. صاحب فرمائين ٿا تہ تون سچو سيني کي سنوارڻ وارو آهين.

٣- آسا محلا پهلا

(نام جي مهما)

اڳانڪا - هڪ دفعي ماتا ترپتا پنهنجي سُپتر گورو نانڪ صاحب جن کي چيو تہ ٻچا! تون هروقت نام جپڻ ۾ ڇو لڳو پيو آهين ؟ ڇو نہ تو ٻين ٻارن وانگر کيڏين ؟ تول مال ڪائين ؟ تنهن تي صاحبن هيٺيون شبد اُچاريو:-

(١) آکا جيوا وِسَرِئِ مَرِ جاءِ

آکَڻِ اؤکا ساچا ناءِ

اَرٿ- جيڪڏهن (نام) جپيان ٿو تہ جيئان پيو، جيڪڏهين نام وسري وڃي ٿو تہ مري ٿو وڃان. پر اهيءَ سچي نام جو جپڻ اؤکو آهي.

ساچي نامَ ڪي لاگِي بوُکہ

اُتُ بوُکيِ کاءِ چَليِئَهِ دوُکہَ

ارٿ- مونکي تہ سچي نام جي بکہ لڳي پيئي آهي. اُهيءَ بکہ جي ڪري سنسار جا دکہ کائي وڃن ٿا، يعني نام جپڻ ڪري سنسار جا دکہ اُڏر لٿا ڪن. [اُت = اُهي.]

تنهنجي رچنا بي اُلت آهي. [گهر = گهوڙا. گهيرا = سمندر. کيتا = کيل، پسارو. چيرا = حد.]

(٢) سَڀِ سُرتي مل سُرَت ڪمائي

سَڀِ قيمَت مِل قيمَت پائي

اُرٿ - جيتوڻيڪ سيئي سرت لڳائيندڙ (تنهنجو ڏيان ڪٽي ڪن ۽ سيئي ملهه ڪٿيندڙ گڏجي (تنهنجو) ملهه ڪٽي ڪٿين؛ [سرتي = سرت لڳائيندڙ. قيمت = ملهه ڪٿيندڙ.]

گياني ڌياني گُرُ گُرُ هائي

ڪههُ نہ جائي تيري تِلُ وَڏائي

اُرٿ - جيتوڻيڪ گياني، ڌياني، گورو ۽ گورن جا گورو (تنهنجو ملهه ڪٽي ڪٿين) تہ بہ اُهي تہ جيتري بہ تنهنجي وڏائي چئي نہ سگهندا. [گورهائي = وڏا گورو، گورن جا گورو.]

(٣) سَڀِ سَتَ سَڀِ تَپَ سَڀِ چَنِگائيئا

سِڌا پُرَکا ڪيئا وَڏائيئا

اُرٿ - سڀ ست، تپ، چڱايون ۽ سڌ پرش جون وڏايون،

تُڌُ وِڻُ سِڌِي ڪِنئِي نہ پائيئا

ڪرَمِ مِلئِ ناهِي ٺاکِ رَهائيئا

اُرٿ - اِهي پورنتا جا گڻ توکانسواءِ (ٻئي) ڪنهن ونئان پراپت نتا ٿين. اِهي تنهنجي ڪرپا سان ئي ملن ٿا ۽ پوءِ ڪنهن جي روڪڻ تي روڪجي نتا رهن، يعني ضرور ملن ٿا. [سڌي = پورنتا جا گڻ. ٺاڪ = روڪجي.]

(٤) آکَڻَ والا ڪِئا ويچارا

صِفتِي ڀري تيري ڀنڊارا

اُرٿ - (تنهنجون صفتون) ڪٿيندڙ ڪهڙو نہ ويچارو آهي!

(٢) جيوَڏُ آپ ٿيوَڏَ تيري دات
جِنِ دِنَ ڪَرِڪِي ڪِيتي رات

ارٿ- (ھي پرماتما!) جيڏو وڏو تون پاڻ آھين، تيڏي وڏي تنھنجي بخشش آھي. (تون ڪھڙو نہ آھين) جو تو ڏينھن بنائي وري رات (اسانجي آرام لاء) بنائي آھي!

خَصَمُ وِسارَھِ تي ڪَمَذات
نانڪ ناوَءِ باجُھ صَنات.

اَرٿ- جيڪي مالڪ کي وسارين ٿا، سي ڪمذات آھن. صاحب فرمائين ٿا تہ اھي نام کانسواء اپوتر آھن. [خصم = مالڪ. صناٿ = بلڪل ليچ، اپوتر.]

٣- راگ گوجري محلا چوٿان
(گوروءَ اڳيان وينتي)

اٿانڪا- ھي شبد گورو رامداس صاحب جن تڏھين اُچاريو آھي، جڏھين ھو پنھنجي ساھڙي گھر جيء وني وھانءُ ڪرڻ لاء ويا ھئا ۽ سندن سھڙي گورو اَمرداس صاحب جن رسم ۽ ريتيءَ موجب کين چيو تہ ڪجھ گُھرو. گورو رامداس صاحب چيو تہ سائين! موکي نام دان ڏيو. ائين چئي ھي پريم ڀريل شبد مکہ سان اُچاريائون.

(١) ھَرِڪي جَنَ سَتِگُورَ سَتِ پُرَکا، بِنَءُ ڪَرَءُ گُورَ پاسِ
ھَمَ ڪِيري ڪِرَمَ سَتِگُورَ سَرَڻائي، ڪَرِ دَئِيا نامُ پرگاسِ

اَرٿ- ھي ھريءَ جا پيارا ستگورو، سٿ پرش! مان توھان ستگورن وٽ وينتي ٿو ڪريان تہ مان ڪيٽن ۾ ننڍو ڪيٽون آھيان يعني بلڪل خسيس جيو آھيان، پر توھان ستگورن جي سرڻ پيو آھيان؛ دَيا ڪري (منھنجي ھردي ۾) نام جو پرڪاش ڪريو. [بنءُ = وينتي. ڪرم = ڪيٽون. ڪيري = ننڍو ڪيٽون.]

سو ڪِئن وِسَرئِ ميري ماءِ
ساچا ماحبُ ساچِي ناءِ (رهاءُ)

اَرٿ - هي منهنجي اما! اُهو (نام) مان ڪيئن وساريان؟ ڇو ته سچي مالڪ جو نام ئي سچو آهي.

(٢) ساچي نامَ ڪي تِلُ وَڏِئائي
آکِ ٿَڪي قيمَتِ نهِي پائي

اَرٿ - (ماڻهو) سچي نام جي فقط تر جيتري وڏائي چئي ٿڪجي پيا، پر اُن جو انت نه پاتائون.

جي سَڀِ مِلِڪي آکَڻَ پاهِ
وَڏا نه هوويُ گهاٽِ نه جاءِ

اَرٿ - جيڪڏهين سيئي جيو گڏجي (پرماتما جي وڏائي) چوڻ لڳن ته به اُها وڏائي نڪي وڏي ٿي پوندي ۽ نڪي گهٽجي ويندي ۽ يعني پرماتما جي وڏائي اُچارڻ توري ته اُچارڻ سان اوتري جي اوتري رهندي.

(٣) نا اوهُ مَرئِ نه هوويُ سوگُ
ديدا رَهئِ نه چوُڪئِ ڀوگُ

اَرٿ - پرماتما نڪي مري ٿو ۽ نڪي هنکي ڪو شوڪ ٿئي ٿو. هو (اسانکي رزق) ڏيندو رهي ٿو ۽ اُهو رزق ڪٽيئي نٿو. [سوگ = شوڪ، دک. چوُڪئِ = ڪُٽي. ڀوگ = پدارٿ، رزق.]

گُڻُ ايهو هورُ ناهي ڪوءِ
نا ڪو هوئا نا ڪو هوءِ

اَرٿ - انهيءَ جهڙو گڻ ٻئي ڪنهن ۾ ڪونهي. هن جهڙو نڪو ٿيو نڪو ٿيندو.

هر ڏئاوهہ سنتهہ جي، سَڀ دُوکہ وِسارڻ هارا

هَر آپِي ٺاکُرُ هَر آپِي سيوَڪُ جي، ڪَھا نانڪ جَنْتَ وِچارا

اَرٿ - (هي هري) سڀ جيو ٺهنجا ٺي آهن، ٺون ٺي جيون کي (روزي) ڏيندڙ آهين. هي سنتو! انهيءَ هريءَ کي ڌيايو، جو سڀ ڏک ٺورت ڪندڙ آهي. هري مالڪ ٻہ پاڻ آهي ۽ داس ٻہ پاڻ آهي؛ صاحب فرمائين ٿا تہ هيءُ جيو ڪهڙو نہ بي وس آهي! يعني جيو پاڻ ڪجهہ بہ ڪري نٿو سگهي. [وچارا = ويچارو، بي وس.]

(٢) ٺوُن گهٽَ گهٽَ اَنْتَرِ سَرَبَ نِرَنْتَرِ جي،

هَر ايڪو پُرکہ سَماڻا

اِڪ داٺي اِڪ بيکاري جي، سَڀِ ٺيري چوجَ وِڏاڻا

اَرٿ - (هي پرماتما!) ٺون سڀني هردن ۾ هڪ سمان وسين ٿو؛ هي هري! ٺون هڪڙوئي سڀني ۾ وياپڪ ۽ سمايل آهين. هڪڙا داتار آهن ۽ ٻيا وري بيکاري آهن، اِهو سڀ ٺنهنجو عجيب کيل آهي. [نرنتر = تفاوت کانسواءِ، اِڪ رس، هڪ سمان. چوج = کيل. وڏاڻا = عجيب.]

ٺوُن آپِي داٺا آپِي ڀُگَتا جي، هَئُہ ٺُڌُ بِنُ اَوَرُ نہ جاڻا

ٺوُن پارَ برهَم بي اَنتُ بي اَنتُ جي،

ٺيري ڪِھا گُڻَ آکِہ وَکاڻا

جو سيوَهِہ جو سيوَهِہ ٺُڌُ جي، جَنُ نانڪ ٺِن قُرباڻا

اَرٿ - (پدارٿ) ڏيندڙ بہ ٺون آهين ۽ اُنهنجي ڀوڳڻ وارو بہ ٺون آهين؛ مان ٺوکانسواءِ ٻئي ڪنهنکي نٿو سڃاڻان. ٺون پار برهم ۽ بي اَنت آهين؛ ٺنهنجا ڪهڙا ڪهڙا گڻ مان ڇڻي ٻڌايان؟ صاحب

مِيري مِيتَ گورَديوَ، موکَءُ رامَ نامُ پرَگاسِ
گورَ مَتِ نامُ ميرا پِرانَ سَکائِي،
هرِ کيرَتِ هَمَري رَهَراسَ (اک رهاءُ)

ارٿ - هي منهنجا متر گور ديو! مونکي پرماتما جي نام جو پرڪاش ڏيو. گوروءَ جي اُپديش دواران نام منهنجي پران جو سائي آهي ۽ هريءَ جو جس ڳائڻ مون لاءِ سچي وات آهي. [مت = اُپديش. سکائي = سائي. رهراس = سچي وات.]

(٢) هَرِ جَنَ کي وَڏَ ڀاڳَهِ وَڏيري، جِن هَرِ هَرِ سَرڌا هَرِ پِياسَ
هَرِ هَرِ نامُ مِلِي ترِپتا سَهِ، مِلِ سَنگتِ گُڻَ پرَگاسِ

ارٿ - هريءَ جي (اُهن) داسن جا وڏي ڀ وڏا ڀاڳ آهن، جن کي هريءَ لاءِ سرڌا ۽ پياس آهي. هو هريءَ جي نام ملڻ سان ترپت ٿين ٿا ۽ ساڌ سنگت سان ملڻ ڪري هنن ۾ گڻن جو پرڪاش ٿئي ٿو.

(٣) جِن هَرِ هَرِ هَرِ رَسُ نامُ نہ پائِيا، تي ڀاڳَہ هِيڻَ جَمَ پاسِ
جو سَتگورَ سَرَڻِ سنگتِ نَهي آئِي،
ڌِرِگُ جِيوي ڌِرِگُ جِيواسِ

ارٿ - جن هريءَ جي نام جو رس نہ ورتو آهي سي نياڳا آهن ۽ اهي جم راڄ وٽ ويندا. جيڪي جيو ستگوروءَ ۽ ساڌ سنگت جي سرڻ ۾ نٿا اچن، تن جي جيئڻ تي ڌڪار آهي ۽ سندن وڌيڪ جيئڻ تي ڌڪار آهي ۽ سندن جيئڻ جي چاهنا رکڻ تي بہ ڌڪار آهي. [ڌرگ = ڌڪار. جيواس = جيئڻ جي چاهنا.]

(٤) جِن هَرِ جَنَ ستگورَ سَنگتِ پائِي،
تِنَ ڌُرِ مَسَتَکِ لِکِئا لِکاسِ

گورَ پرسادِ پَرَمَ پَدُ پائِيا، سوُڪي ڪاشَٽَ هَرِيا

(اِڪ رهاءُ)

اَرٿ - هي منهنجا پرميشور! جيڪي سَت سنگ ۾ اچي ملن ٿا، سي ٿي ترن ٿا. گوروءَ جي دَيا سان ئي وڏو پد پائجي ٿو ۽ سڪل ڪاٺ به سائو ٿي پوي ٿو. يعني گوروءَ جي دَيا سان انتهڪرڻ شُدُ ٿيو پوي. [ماڌوُ = مايا جو ڌڻي، پرميشور. ڪاشٽ = ڪاٺ.]

(٢) جَنَنِ پِتا لوڪَ سُتَ بَنِتا، ڪوءِ نه ڪِسَڪِي ڌَرِيا
سِرِ سِرِ رِزَقُ سَنْباهِي ٺاڪُرُ، ڪاهي مَنَ ڀؤُ ڪَرِيا

اَرٿ - ماتا، پتا، سنبنڌي، پٽ ۽ استري، انهن مان ڪو به ڪنهنجو آسرو ڪونهي يعني ڪنهن ٿي به آڌار رکي نٿو سگهجي. مالڪ سڀڪنهن کي رزق پهچائي ٿو، پوءِ هي من! ڀؤ ڇا جو ٿو ڪرين؟ [جنن = ماتا. سُت = پٽ. بنتا = استري. ڌريا = آسرو. سنباهي = پهچائي.]

(٣) اُوڏِي اُوڏِ آوئِ سَئه ڪوسا، تِسُ پاڇِي بَچَرِي ڇَرِيا
تِنَ ڪَوَڻُ کَلاوِي ڪَوَڻُ چُگاوِي،
مَنَ مَهِ سِمَرَنُ ڪَرِيا

اَرٿ - ڪونجون سوين ڪوهه اُڏامي ايندين آهن ۽ پنهنجي پنيان ٻچا ڇڏي ايندين آهن. اُنهن کي ڪير ٿو کارائي ۽ ڪير ٿو چُڳائي؟ اُتر:- هو من ۾ ڌيان ڪن ٿيون (ته ٻچا مالڪ جي حوالي ڇڏيا آئيون، جنهنڪري پرماتما انهن جي سنڀال لهي ٿو). [ڇريا=ڇڏي اچن ٿيون. سمرن= ياد ڪرڻ، ڌيان ڪرڻ يا ويچارڻ.]

نوٽ - ”تن ڪوڻ ڪلاوي ڪوڻ چُگاوي من مهه سمرن ڪريا“ جو ٻيو اَرٿ:- تن کي ڪير ٿو کارائي ۽ ڪير ٿو چوڳو چڳائي، اِها ڳالهه توهان ڪڏهين ويچاري آهي؟

(٤) سَپِ نِدانَ دَس اَشٽَ سِدانَ، ناڪُرَ ڪَرَتَلَ دَرِيا

جَنَ نانَڪَ بَلَ بَلَ سد بِل جائيئِي،

تيرا اَنتُ نہ پارا وَرِيا.

اَرٿ - هي مالڪ! سڀئي خزانا ۽ اَرڙهان سڌيون تو پنهنجي هٿ جي ترِيءَ لي رکيون آهن (يعني تون سرو شڪتيوان آهين). صاحب فرمائين ٿا تہ توتان بلهار وڃان، بلهار وڃان سدائين؛ تنهنجي اوار ۽ پار جو ڪو اَنت ڪونهي يعني تنهنجي ڪا حد نہ آهي. [سدان=سڌيون. ڪر = هٿ. تل = ترِي. پارا وريا = پار ۽ اوار يعني پرين پر ۽ اورين پر.]

٦ - راڳ آسا محلا چوٿان (سو پُرکہ)

اِڪ اونڪار ستگورو پرساد

(پرماتما جي اُستت)

هن شبد کي نالو "سو پُرکہ" هن ڪري پيو آهي جو "سو پُرکہ" لفظن سان شروع ٿئي ٿو. اِن ۾ پرماتما جي سنمک اُستت ڪيل آهي.

(١) سو پُرکہ نِرنجَنُ هَرِ پُرکہُ نِرنجَنُ، هَرِ اَگما اَگمَ اَپارا

سَڀِ ڌِئاوهِ سڀِ ڌِئاوهِ تُڌُ جي، هَرِ سَچي سِرجَڻهارا

اَرٿ - اُهو هري وياپڪ، مايا کان رهت، جاڻ کان بلڪل پري ۽ اَپار آهي. هي سچا سرجڻهار هري! سڀ توکي ئي ڌيائين ٿا، سڀ توکي ئي ڌيائين ٿا. [پرکہ = وياپڪ. نرنجن = مايا کان رهت. اَگما اَگم = اَگم کان اَگم، جاڻ کان بلڪل پري.]

سَڀِ جِيئہ تُماري جي، تُون جيئا ڪا دانارا

داس ڀاو سان چون ٿا ته جيڪي تنهنجي شيوا ڪن ٿا تن تان آءُ وڃان. [جن = داس .]

(٣) هَرِ ڌِيائوَهِ هَرِ ڌِيائوَهِ ٿُڌُ جِي، سي جَنَ جُڳَہ مَہِ سُکَہ واسي

سي مُکَتُ سي مُکَتُ ڀئي جِنَ هَرِ ڌِيائيا جِي،

تِنَ ٽوٽِي جمَ کِي ڦاسِي

اَرٿ- هي هري! جيڪي توکي ڌيائين ٿا، سي جڳت ۾ سکي رهن ٿا. جن تو هريءَ کي ڌيايو آهي، سي مکت ٿي ويا آهن ۽ انهن جي (ڳلي مان) جم جي ڦاسي ٽٽي ويئي آهي.

جِنَ نِرڀوُ جِنَ هَرِ نِرڀوُ ڌِيائِيا جِي، تِنَ کا ڀوُ سَبِ گواسِي

جِنَ سيوِئا جِنَ سيوِئا ميرا هَرِجِي، تي هَرِ هَرِ روُپِ سماسِي

سي ڌَنُ سي ڌَنُ جِنَ هَرِ ڌِيائِيا جِي،

جَنُ نانڪُ تِنَ بَلِ جاسِي

اَرٿ- جيڪي پرش نرڀؤ هريءَ کي ڌيائين ٿا، تن جو سڀ ڀؤ هليو وڃي ٿو. جيڪي منهنجي هريءَ جي سيوا ڪن ٿا سي هريءَ جي سروپ ۾ سمائجي وڃن ٿا. ڌن آهن، ڌن آهن اهي پرش، جن هريءَ کي ڌيايو آهي؛ صاحب داس ڀاو سان چون ٿا ته آءُ انهن تان ٻلهار وڃان. [گواسي = هليو وڃي ٿو.]

(٤) تيري ڀڳَتِ تيري ڀڳَتِ ڀنڊارَ جِي،

ڀَري بِہ اَنتَ بي اَنتا

تيري ڀڳَتَ تيري ڀڳَتَ سَلاهَن تُڌُ جِي،

هرِ اَنکَ اَنيکَ اَننتا

اَرٿ- هي بي اَنت پرماتما! تنهنجي ڀڳتيءَ جا بي اَنت ڀنڊار

ڌَنُ ڌَنُ سَتِ سَنْگَتِ، جِتُ هَرِ رَسُ پائِيا،

مِلِ جَنَ نانڪ نامُ پرگاسِ.

اَرٿ - جن هريءَ جي داسن ستگوروءَ جي سنگت پراپت ڪئي آهي، تنهن جي مستڪ تي ڌر ڪان ئي ليک لکيل آهي. ڌن آهي ساڌ سنگت، جتي هريءَ جو آنند پائجي ٿو، صاحب فرمائين ٿا ته هريءَ جي داسن سان ملڻ ڪري نام جو پرڪاش ٿئي ٿو.

٥. راڳ گوجري محلا پنجوان

(پرماتمائي سڀ جو آڌار)

اٿانڪا - هڪ دفعي سري اَمرتسر جي شهر ۾ سخت ڏڪار اچي پيو. تنهن لي ڀائيو بڌو صاحب ۽ ڪي سک سري گورو اَرجن صاحب وٽ آيا، ۽ اَچي چيائون ته سائين! ”لنگر لاءِ اَن اَچڻ ئي ٿو ۽ خرچ وڌي ويو آهي. ويچارا ماڻهو جي لنگر ۾ ڀوجن لاءِ ايندا آهن، تنهن جو ڪهڙو حال ٿيندو؟“ تنهن تي صاحبن فرمايو ته ”سڀ ڪي رزق ڏيڻ وارو پرميشور ئي آهي، اوهين ڪا چنتا نه ڪريو. مارڻ ۽ جيئارڻ وارو اُهو ئي آهي.“ ائين چئي صاحبن هيٺيون سندر شبد اُچاريو:-

(١) ڪاهي ري مَنَ چِتوَهِ اُدَمُ، جا آهرِ هرِ جيءُ پَرِيا

سَئِلَ پَٿَرَ مَهِ جَنْتَ اُپائي، تاڪا رِزقُ آگي ڪرِ ڌَرِيا

اَرٿ - هي من! (پيٽ لاءِ) تون اُدم جي چنتا ڇو پيو ڪرين، جڏهين تنهنجو آسرو هريءَ تي ئي آهي؟ پهاڙن ۽ ٽڪرين ۾ جيڪي جنت هن پيدا ڪيا آهن، تن لاءِ رزق (اُنهن جي پيدا ڪرڻ کان) اَڳيئي تيار ڪري رکيو اٿس. [آهر=آسرو. سئل=پهاڙ.]

ميري ماڌوءُ جي سَتَ سنگتِ مِلي سُ تَرِيا

تُڌُ آپي پاوئ سوئي وَرَتئِ جي، تُون آپي ڪَرَهِ سه هوئي
تُڌُ آپي سرِشَٽ سَڀ اُپائي جي، تُڌُ آپي سِرَجِ سَڀ گوئي
جَنُ نانڪُ گُڻ گاوئِ ڪَرَتي ڪي جي،
جو سَڀ سئِ ڪا جاڻوئي.
اَرٿ جيڪي توکي وڻي ٿو، اُهو ئي ورتجي ٿو؛ جيڪي
تون پاڻ ڪرين ٿو، سوئي ٿئي ٿو. تو پاڻ سڄي سرشٽي اُپائي
آهي ۽ (موئي) تون پاڻ پنهنجي سڄي تاهيل سرشٽيءَ جي پرليءِ
ڪرين ٿو: صاحب داس پاو سان چون ٿا ته مان انهيءَ ڪرتار جا
گڻ ڳايان ٿو، جو سيڪنهن ڳالهه جو جاڻندڙ آهي. [سرج = سرجيل،
تاهيل سرشٽي. گوئي = پرليءِ ڪرين ٿو. جاڻوئي = جاڻندڙ.]

٧ - آسا محلا چوٿان
(پرماتما جي سنمک اُستت)
تُون ڪَرتا سَچِئارُ مَئڏا سائين
جو تؤ پاوئ سوئي ٿيسي،
جو تُون ديهِ سوئي هؤ پائي (اِڪ رهاءُ)

اَرٿ - هي سچا ڪرتار! تون منهنجو مالڪ آهين. جيڪي
توکي وڻي ٿو؛ اُهوئي ٿئي ٿو؛ جيڪي تون ڏين ٿو اُهوئي پراپت
ڪريان ٿو. [مئڏا = منهنجا. ٿيسي = ٿيندو.]

(١) سَڀ تيري تُون سَڀنِي ڌِئائِيا
جِس نو ڪِرپا ڪَرَهِ، تِن نامَ رَتَنُ پائِيا
اَرٿ - سڀ (سرشٽي) تنهنجي ئي آهي، سڀيئي توکي ڌيائين
ٿا. جن تي ڪرپا ڪرين ٿو، سي نام روپي رتن پراپت ڪن ٿا.
گورمُکِه لاڌا مَنمُکِه گوائِيا
تُڌُ آپِ وِڇوڙِئا آپِ مِلائِيا

پريا پيا آهن. هي بي انت! تنهنجا ڀڳت اَنيڪ آهن ۽ اُهي اَنيڪ نمونن سان تنهنجي ساراهه ڪن ٿا. [اَنڪ = اَنيڪ نمونن سان. اَننتا = بي اَنت.]

تيري اَنڪ تيري اَنڪ ڪَرهِ هَر پوُجا جي،
تَپُ تاپهِ جَپهِ بي اَننتا
تيري اَنيڪَ تيري اَنيڪَ پڙهِ بَهُ سِمرِتِ ساسَتَ جي
ڪَرِ ڪرِيا کَٽُ ڪَرَمَ ڪَرَنتا
سي ڀَگتَ سي ڀَگتَ ڀلي جَنَ نانڪَ جي،
جو ڀاوهِ ميري هَرِ ڀَگوَنتا

اَرٿ- هي بي اَنت هري! جيو اَنيڪ نمونن سان تنهنجي پوڄا ڪن ٿا، تپ ڪن ٿا ۽ توکي جپين ٿا. تنهنجا اَنيڪ ڀڳت اَنيڪ سمرتيون ۽ شاستر پڙهن ٿا ۽ ڪريائون ڪري ڇهه (برهمڻ وارا) ڪرم ڪن ٿا. صاحب داس ڀاو سان چون ٿا تہ هي منهنجا ڀڳونت هري! اُهيئي ڀڳت سريشٽ آهن جي توکي وڻن ٿا. [تپ تاپهہ = تپ تپين ٿا، تپ ڪن ٿا. کٽ ڪرم = ٦ ڪرم يعني (١) ويد پڙهڻ (٢) ويد پاڙهڻ (٣) يگيہ ڪرڻ (٤) يگيہ ڪرائڻ (٥) دان وٺڻ (٦) ٻين کي دان ڏيڻ.]

(٥) تُون آدِ پُرکہ اَپرَنپَرُ ڪَرَتا جي، تُدُ جيوَڏُ اَوَرُ نہ ڪوئي
تُون جُگہُ جُگہُ ايڪو سَدا تُون ايڪو جي،
تُون نِهچَلُ ڪَرَتا سوئي

اَرٿ- هي ڪرتار! تون آد ڪان آهين، سڀ ۾ وياپڪ آهين، پري کان پري آهين؛ تو جيڏو وڏو ٻيو ڪو بہ ڪونهي. تون جُگہ جُگہ ۾ ساڳيوئي آهين، تون سدائين ساڳيو آهين ۽ تون ئي قائم ڪرتار آهين. [اپرنپر = پري کان پري. نهچل = اَچل، قائم.]

اُرٿ - تون پاڻ ئي رچنا رچيندڙ آهين؛ جيڪي ٿئي ٿو سو سڀ تنهنجو کيل آهي. توکانسواء ٻيو ڪو به ناهي.

تُون ڪرِ ڪرِ ويکهہِ جاڻهہِ سوءِ
جَنَ نانڪَ گورمکہِ پرگهَٽ هوءِ.

اُرٿ - تون رچنا رچي اُنکي ڏسين ٿو ۽ (اُنجي حالت) ڄاڻين ٿو. صاحب داس ڀاو سان چون ٿا ته گوروءَ جي سکيا د ئاران (هي جيو) پڌرو ٿئي ٿو. يا - (هي پرماتما!) تون گوروءَ د ئاران پرگهٽ ٿين ٿو.

۸ - آسا محلا پهلا

(اُپديش)

ڇِنتُ سَرَوَرَڙئِ ڀِئي لي نِواسا، پاڻي پاوَڪُ ڇِنهہِ ڪيئا
پنڪَجُ موهُ پگُ نهِي چالِي هَمَ ديکا تهَ ڏوُبِيئلي

اُرٿ - اُلهيءَ (سنسار روپي) تلاءَ ۾ اسانجو واسو ٿيو آهي، جنهن ۾ پرماتما پاڻي ۽ اُگني آدڪ تت بنايا آهن. جي جيو موه روپي گپ ۾ (ڦاٿل آهن)، تن جو (ٻڌي روپي) پير نٿو چُري سگهي؛ اسان ڏٺو ته اُهي ٻڏي مئا. [سرور = تلاءُ. پاوڪ = اگني. پنڪج = گپ. پگ = پير. ڏوبيئلي = ٻڏي مئا.]

(۱) مَنَ ايڪُ نہ چيتَسِ موڙَ مَنا
هَرِ بِسَرَتَ تيري گُڻَ گَلِئا (اِڪ رهاءُ)

اُرٿ - هي مورکہ من! تون هڪ پرماتما کي نٿو سمرين. هريءَ کي وسارڻ ڪري تنهنجا (سڀ) گڻ ناس ٿي ويندا. [گلئا = ڳري ويندا، ناس ٿي ويندا.]

ارٿ - گورمکن (نام روپي رتن) لڌو آهي ۽ منمکن وڃايو آهي. تون (منمکن کي) پاڻ کان وڇوڙين ٿو ۽ (گورمکن کي) پاڻ سا ملائين ٿو.

(۲) تُون دَرِيئاءُ سَڀ تُجهي ماهِ
تُجهہ بِنُ دُوجا کوئي ناهِ

ارٿ - تون سمنڊ وانگر آهين ۽ سيئي تو ۾ سمايا پيا آهن. توکان سواءِ بيو کوبہ کونهي.

جيئہ جَنْتَ سَڀِ تيرا کيلُ
وِجوگہ مِلِ وِڇُڙِئا سَنْجوگي ميلُ

ارٿ - هي سڀ جيو ۽ جنت تنهنجو کيل آهن. جنجو (ست سنگ نہ ڪرڻ ڪري) وِجوڳ هو، سي تنهنجي ملڻ کان وڇڙي ويا ۽ جنجو (ست سنگ ڪرڻ ڪري) سنجوڳ هو، تن جو ميلاپ (توسان) ٿيو.

(۳) جِسَ نو تُون جاڻائہِ سوئي جَنُ جاڻئي
هَرِ گُڻَ سدَهي آکہ وَکاڻئي

ارٿ - جنهنکي تون پاڻ جاڻائين ٿو، سوئي توکي جاڻي ٿو. (اهڙو جيو) سدائين هريءَ جا گڻ چئي واکاڻ ڪري ٿو.

جِنِ هَرِ سيوِئا تِنِ سُکہ پائيا
سَهَجيئي هَرِنامِ سَمائيا

ارٿ - جن هريءَ جي شيوا ڪئي آهي تن ئي سک پاتو آهي. اهي سياويڪ هريءَ جي نام ۾ سمائجي رهيا آهن.

(۴) تُون آپي کَرَتا تيرا کِيئا سَڀُ هوءِ
تُڌُ بِنُ دُوجا اَوَرُ نہ کوءِ

(٢) جَپُ تَپُ سَنْجَمُ دَرَمُ نہ کَمائِيا

سيوا ساڌ نہ جانِيا هَرِ رائِيا

اَرٿ- مون جپ، تپ، ساڌنا ۽ ڌرم نہ ڪمايو آهي. هي هري راجا! مون سنتن جي شيوا ڪرڻ بہ نہ ڄاتي آهي. [سنجم = اِندرين کي روڪڻ، ساڌنا.]

ڪَهُ نانَڪَ هَمَ نِيچَہ ڪَرَما

سَرَڻِ پَرِي ڪي راکَهُ شَرَما.

اَرٿ- صاحب چون ٿا تہ مان نيچ ڪرمن وارو آهيان. (هي پرماتما!) سرڻ پيل جي تون لڄ رک.

(۲) ناهؤ جَتي ستي نهي پَڙَتا، مُوَرَکہ مُگدا جَنَم پئيا

پَرَٿوَت نانَڪَ تَنَ ڪي سَرَٽا، جِنَ تُون ناهي وِيسرِئا.

اَرٿ - مان نکي جتي آهيان، نکي ستي آهيان ۽ نکي پڙهيل آهيان، جنهنکري مون مورک جو جنم نسڦل ٿيو آهي. صاحب وينتي ڪري چون ٿا ته (هي پرماتما!) مان اُنهن جي سرن پيو آهيان، جي توکي نٿا وسارين. [مگدا = نسڦل. پرٿوت = وينتي ڪري چوڻ.]

۹ - آسا محلا پنجوان

(اُپديش)

(۱) پئي پِراپتِ مانُکہ ديهرِيئا

گوبند مِلَڻَ ڪي اِهَ تيري بَرِيئا

اَرٿ - (هي جيو!) توکي مانکا ديهي پراپت ٿي آهي. پرماتما جي ملڻ جو وقت اهوئي اٿيئي. [ديهريئا = ديهي. برِيئا = وقت.]

اَوَرِ ڪاجَ تيرئِ ڪِتئِ نہ ڪامَ

مِلُ ساڌَ سَنْگَتِ پَجُہ ڪيوَلَ نامَ

آرٿ - ٻيا ڪارج تنهنجي ڪنهن به ڪم نہ ايندا. ساڌ سنگت سان ملي فقط نام جو ڀڄن ڪر (اُهوئي ڪم ايندءِ). [ڪيول = فقط.]

سَرَنْجامِ لاگُہ پَوَجَل تَرَنَ ڪي

جَنَمُ بِرِٿا جاتَ رنگہِ مائِيا ڪي (اِڪ رهاءُ)

اَرٿ - هن (سنسار روپي) ڀو ساگر مان ترڻ جو اُپاءُ ڪر. مايا جي پيار ۾ تنهنجو جنم وئرٿ پيو وڃي. [سرنجام = اُپاءُ. رنگہ = پيار، پريم.]

كيرت = جس. آکيئي = چئجي. سوهلا = جس. سورهہ = ياد ڪريو.]

ڌَم گاوَهہ ميري نِرڀَءُ ڪا سوهِلا،

هؤن واري جِتُ سوهِلئِ سَدا سُکُ هوءِ. (اِڪ رهاءُ)

اَرٿ - اوهين منهنجي نرڀؤ (اَڪال پـورکہ) جو جس ڳايو. آءٌ قربان وڃان (اهڙي پربوءِ جي) جس ڳائڻ تان، جنهن ڪري سدا آنند ٿئي ٿو. [واري = قربان وڃان.]

نِتَ نِتَ جيئڙي سَماليئن، ديکَيئگا دَيوَڻهارُ

اَرٿ - (ڪرتار) جيون جي هرروز سنڀال لهي ٿو؛ (اهو) داتار (اُنهن جيون جي گهرجن تي) نظر ڪري ٿو. [جيئڙي = جيو. سماليئن = سنڀاليا وڃن ٿا.]

تيري دانئِ قيمَتِ نا پَوئِ، تِسُ داتي ڪَوَڻُ شُمارُ

اَرٿ - (هي جيو،) توکان انهيءَ (داتار جي) دان جي قيمت ڪٿي نٿي وڃي؛ (پوءِ) هن داتار جي ڪٿ ڪير ڪري سگهندو؟

نوٽ - هتي "تيري" جي معنيٰ "تنهنجي" نہ آهي پر "توکان." [دانئِ = دان يعني دات يا بخشش،]

سَنبَتِ ساها لِکيا، مِل ڪَرِ پاوَهہ تيلُ

اَرٿ - مؤت روپي وهانءَ جو سنبت ۽ مهورت لکيو ويـو آهي، (هي سنتو!) ملي ڪري اچي مونکي (ويراڳ روپي) تيل پايو. (مطلب تہ جئن شاديءَ مهل گهوٽ ۽ ڪنئار کي تيل پائبو آهي، تئن منهنجا پيارا، مونکي ويراڳ روپي تيل پايو يعني اهڙي مونکي سکيا ڏيو، جو مان دنيا کان ڪتو ٿي ايشور ڏانهن پنهنجي دل لايان ۽ مؤت کي ائين سمجهان جڻ تہ پربوءَ سان سچي پچي شادي آهي.)

[ساها = مهورت.]

ڪيرتن سوهلا

نوٽ - ڪيرتن سوهلا = جس جو راڳ. مسٽر مڪالف مشهور ترجمان سري گورو گرنٿ صاحب جو لکي ٿو تہ "سوهلا" = سوون ويلا جي معنيٰ آهي سمهڻ جو وقت، تنهنڪري "ڪيرتن سوهلا" جي معنيٰ آهي اهو راڳ جو سمهڻ وقت ڳائجي. ڪيرتن سوهلي ۾ ٽي شبد سري گورو نانڪ صاحب جا، هڪ سري گورو رامداس صاحب جو ۽ هڪ سري گورو ارجن صاحب جو رچيل آهي. هيءُ ڪيرتن سوهلو گوروءَ جا سک سمهڻ مهل پڙهندا آهن ۽ خالصن لاءِ نت نيم جي اِها بہ هڪڙي واڻي آهي، پر ائين نہ سمجهڻ گهرجي تہ اِها خواهہ ٻي واڻي ڪنهن ٻئي وقت پڙهڻ کان منع آهي. هن ۾ اهڙا مِنا ۽ پريم ڀريل شبد آهن، جن جي اُچارڻ سان من کي سانت اچيو وڃي. هي ڪيرتن سوهلو مرڻ وقت بہ پڙهبو آهي، انهيءَ ڪري تہ موت ڪانپوءِ شل پراڻي سکي رهي!

سوهلا راڳ- گؤڙي ديپڪي محلا پهلا

ايڪ اونڪار ست گر پرساد

جيءِ گهرِ ڪيرتِ آکيئِي، ڪَرتي ڪا هوءِ بيچارو

تِتُ گهرِ گاوَهُہ سوهلا، سِوَرِهُ سرجڻَ هارو

اَرٿ- جنهن (ست سنگ روپي) گهر ۾ ڪرتار جو جس ٿيندو هجي ۽ اُنجو ويچار ٿيندو هجي، اُنهيءَ (ست سنگ روپي) گهر ۾ جس جو راڳ ڳايو ۽ اُپائڻهار کي ياد ڪريو. [گهر = آستان، ستسنگ.

ڇڏي ايشور سان دل لايان ۽ اهڙيون آسيسون ڪريو ته مقرر ڪيل ڏينهن مونکي سڏڻ وارو گهوٽ (پرماتما) ياد رهي ۽ مان تيار ٿي هيءَ ديهي ڇڏي هنسان ملي وڃان، جا سچي پچي شادي آهي.

نوٽ- هن شبد سان لاڳو پڙهو شيخ فريد صاحب جو سلوڪ نمبر (١)

"جِتُ دِهاڙيءِ ڌَنَ وَري ...."

انهيءَ سلوڪ ۾ خاص هينئين ٽڪ ويچاريو:-

"جِندُ وَهُٽِي مَرَڻُ وَرُلَيِ جاسي پرَڻاءِ"

اَرٿ - آتما آهي اِستري ۽ ڪال آهي سندس گهوٽ، اهو ساڻس پرڻجي ويندو.

راڳ آسا محلا پهلا

ڇِئہ گهر، ڇِئہ گُرَ ڇِئہ اُپَديشَ

اَرٿ - ڇهه شاستر (١- پورب ميمانسا، ٢- نياءَ، ٣- ويشيشڪ، ٤- سانکيہ، ٥- يوگ، ٦- اُتر ميمانسا يا ويدانت) آهن. ڇهه اُنهنجا (رچڻ هار) گورو. ١- جئمني رشي، ٢- گوتم رشي، ٣- ڪڻاد رشي، ٤- ڪپل مُني، ٥- پاتنجلي رشي ۽ ٦- وياس مهراج آهن ۽ ڇهه اُنهن جا نرالا مَتا آهن. [گهر=شاستر. اُپديش= مَتا.]

گُرُ گُرُ ايڪو ويسَ اَنيڪَ

اَرٿ - (پر) گورن جو گورو هڪ (اَڪال پورک) آهي، جيتوڻيڪ اُنهيءَ جا ويس گهڻا آهن.

بابا جيِ گهرِ ڪَرَتي ڪيرتِ هوءِ،

سو گهرُ راکہ وَڏائي توءِ (اِڪ رهاءُ)

اَرٿ- هي ڀائي! جنهن شاستر ۾ ڪرتار جو جس هجي، انهيءَ شاستر کي دل ۾ ڌارڻ سان تنهنجي وڏائي ٿيندي. [توءِ=تنهنجي.]

ڏيهُ سَجَڻَ اَسيسڙيئا، جِنُ هوويُ صاحبَ سِنُ ميلُ

اَرٿ - هي سڄڻ، اهڙيون آسيسون مولکي ڏيو، جنهن کري پريوء سان منهنجو ميلاپ ٿئي .

گھَرِ گھَرِ ايهو پاهُچا، سَدڙي نِتَ پَوَنِ

اَرٿ - سيکنهن گھر ۾ اهي پيغام پهچي ويا آهن ۽ هر روز سڏ پيا ٿين (مطلب تہ لوک مرندا پيا وڃن .) پاهچا = پيغام، نياپا. سدڙي = سڏ.]

سَدَڻَ هارا سِمرِيئِي، نانَکَ سي دِهَ آوَنِ .

اَرٿ - سري گورو نانک صاحب جن فرمائين ٿا تہ اُنهيءَ سڏيندڙ (يعني پريوء) کي ياد ڪريو ۽ (پريوء کي ياد ڪندي) شل اُهي مؤت جا ڏينهن اچن! [سدڻ هارا = سڏيندڙ يعني پريو. دهہ = ڏينهن .]

ڀاو ارٿ - هن شبد ۾ سري گورو نانک صاحب جن فرمائين ٿا تہ مؤت ايشور سان سچي پچي شادي آهي. صاحب جگياسوءَ کي ڪنئار جي مثل، پرماتما کي گهوٽ جي مثل ۽ اَنت سمي آتمک ميلاپ ايشور سان، وهانءَ جي مثل رکيو آهي. جئن وهنواري شاديءَ مهل ٿورا ڏينهن اڳي اِهو ويچار ڪبو آهي تہ کهڙيون کهڙيون تياريون ڪجن، تئن صاحب بہ فرمائين ٿا تہ هي جگياسو، لوکي اِهو ويچار ڪرڻ گهرجي تہ کهڙيون تياريون ڪريان جو سائين راضي ٿئي، ۽ جئن شاديءَ کان ٻہ ٽي ڏينهن اڳي ڪنئار جون ساهيڙيون لاڏا ڳائينديون آهن، تئن صاحب بہ فرمائين ٿا تہ هي سنت جنو، مولکي بہ سائينءَ سان ملڻو آهي. اِلهيءَ خوشيءَ ۾ اوهين منهنجي گهوٽ (اَڪال پرکہ) جو جس (لاڏو) ڳايو ۽ جئن مهورت موجب مقرر ٿيل شاديءَ جي ڏينهن ڪنئار کي تيل مان آگر پري متي تي لائي سڀ آسيسون ڪنديون آهن تہ گهوٽ سان شل سکي رهي، تئن هي سنتو، ملي ڪري مولکي ويواهہ روپي تيل پايو يعني اهڙي مولکي سکيا ڏيو، جو دنيوي خيال

صاحبن فرمايو ته ساري سرشٽيءَ جي رچنا هار جي آرتي، ڏيئن، ڌوپ، واس ۽ گلن ڦلن سان ٿي نه ٿي سگهي. هن سچي صاحب جي پوڄا آرتي، جا برهمانڊ ۾ سدائين پيئي ٿئي، تنهن ۾ اسين مشغول هئاسين. پوڄاريءَ عجب کائي پڇيو ته، اها وري ڪهڙي قسم جي آرتي آهي؟ تنهن تي صاحبن هيٺيون شبد اُچاريو:-

گَگَنَ مَيِ ٿالُ رَوِ چَنُدُ ديِپَڪ بَنِي،

تارڪا مَنْڊَلَ جَنَڪَ موتي

اَرٿ - نرنڪار جو ٿال آهي آڪاس جنهن ۾ سورج ۽ چندرما آهن ڏيا ۽ تارن جي منڊلي جڻ ته موتي (جَڙيا) پيا آهن. [گگن= آڪاس. ميِ = جو سندو. رو=سورج. ديپڪ = ڏيئا. تارڪا= تارا. جنڪ = جڻ ته، پيو ارٿ جڙيل.]

ڌوپُ مَلَ آنَلو پوَڻُ چَوَرو ڪري،

سَگَلَ بَنَ راءِ ڦُولَنْتَ جوتي

ارٿ - چندن جا وڻ سڳند ڪيو بيٺا آهن ۽ هوا چور ڪري ٿي. هي جوتي سروپ! سڀ ونسپتي تنهنجي لاءِ گل ڦل ٿيا بيٺا آهن. [مل آنلو = مليه پربت جي هوا، چندن جا وڻ. بن راءِ = ونسپتي، وڻ ٽڻ.]

ڪَيسي آرَتي هوءِ ڀَوَ کنڊَنا،

تيري آرَتي اَنهَتا شَبَدَ واجَنْتَ ڀيري (اِڪ رهاءُ)

اُرٿ - هي ڀؤ دور ڪرڻ وارا ڪهڙي (اشچرج روپ) تنهنجي آرتي ٿي رهي آهي، تنهنجي آرتي اِها آهي جو اَناهدي شبدن جا باجا پيا وڄن. [انهتا=انهد، سواءِ وڄڻ جي پاٽيهي وڄندڙ يا جنهن جي حد نه آهي. واجنت = وڄن پيا. ڀيري = باجا، نغارا.]

سَهَسَ تَوَ نَيَن نَه نَيَنَ هَهَ توهِ ڪوُ،

سَهَسَ مورَت نَنَا ايڪَ توهي

اُرٿ - (هي پريو) توکي هزارين اکيون آهن مگر ڪهڙي ۾

وِسُئِي چَسِيا، گهَڙِيَا پهَرا، ٿِتِي واري ماهُ هوئا
سُوَرَجَ ايڪو رَتِ اَنيڪَ،

نانڪَ ڪرتي ڪي ڪيتي ويس.

اَرٿ - پل، منٽ، گهڙيون پهر، ٿتيون، ڏينهن ۽ مهنا اِنهن سڀني جو ڪارڻ سورج آهي؛ پر رُتيون انيڪ آهن. سري گورو نانڪ صاحب جن فرمائين ٿا ته ڪرتار جا ڪيترائي ويس آهن. [وسئي= ١٥ دفعا اکين جو ڦرڪڻ. ١٥ وسا=١ چسو؛ ٣٠ چسا= ١ پل؛ ٦٠ پل=١ گهڙي؛ ٧½ گهڙيون=پهر؛ ٨ پهر=ڏينهن رات.]

نوٽ - اَگرچ سري گورو گرنٿ صاحب ۾ جنهن هنڌ "ڪيرتن سوهلا" لکيل آهي، اُتي راڳ آسا جي شبد ۾ "ماهه هوئا" لکيل آهي، تڏهين به آسا جي راڳن منجهه "ماهه هوئا" جي بدران "ماهه پيا" لکيل آهي. لفظ "پيا" جي معنيٰ آهي "ٿيو" تنهنڪري صفا آهي ته "هوئا" جي معنيٰ به "ٿيو" هڻڻ گهرجي ۽ نه "ورهيه" جنهن ڪي ٽيڪا ڪار اَرٿ ڪن ٿا.

راڳ ڌناسري محلا پهلا

اٿانڪا - نانڪ پرڪاش ۾ لکيل آهي ته سري گورو نانڪ صاحب جن ديس ديسانتر گهمندا ڦرندا، پرماتما جي سچي نام جو اُپديش ڪندا هڪ دفعي جڳن ناٿ ۾ ويا. سنجها مهل پوڄاري پوڄا ڪرڻ آيا، ۽ آرتي گهٽي ناهه نوهه ۽ پيڪي سان اَچي ڪيائون. هڪ موتين سان جڙيل سوني ٿالهه ۾ ڏيا پاري، گل ڦل ۽ چندن آدڪ سگنڌيون رکي، ٺاڪر جي اڳيان انهيءَ ٿالهه کي ويهي ڦيرايائون. پر صاحبن کي هن نموني جي آرتي پسند نه آئي. آرتيءَ مهل جڏهين سڀ اُٿي بيهي آرتي ڪرڻ لڳا، تڏهين صاحب مانڪري ويهي رهيا؛ جڏهين آرتي پوري ٿي، تڏهين مندر جو وڏو پوڄاري ڏمرجي صاحبن وٽ آيو ۽ چوڻ لڳو ته اوهين ڪير آهيو؟ اوهانکي ايتري به سڌ نه آهي ته آرتيءَ مهل اُٿي بيهبو آهي. پيا سڀ اُٿي بينا، پر اوهين نه بينا، تنهن جو ڪارڻ ڪهڙو؟

ڪِرَپا جَلُ ديهِ نانَڪَ سارِنْگَہ ڪَئُہ،

هوءِ جائي تيرئِ ناءِ واسا.

اَرٿ - سري گورو نانڪ صاحب جن فرمائين ٿا تہ مون پپيهي کي ڪرپا جي جل (جي سوانت بوند) ڏي، جنهن ڪري تنهنجي نام ۾ واسو ٿئي. مطلب تہ جئين پپيهي پکيءَ کي تيستائين سانت نہ ايندي آهي، جيستائين سوانت بوند (يعني خاص رت جي مينهن جي بوند) سندس وات ۾ نہ ويندي آهي، تئين سري گورو نانڪ صاحب جن فرمائين ٿا تہ اسانجو بہ حال اهڙو آهي جهڙو پپيهي جو: تون ڪرپا ڪري نام ڏي، جنهنڪري سديو اسين نام پائي خوش رهون. [سارنگ = پپيهو پکي. ناءِ = نالو، نام.]

ڀاو ارٿ - صاحبن پوڄارين کي چيو تہ ”هي پائي اوهين جو هڪ موتين سان جڙيل سوني ٿالهہ ۾ ڏيا ٻاري گل ڦل گڏ ڪري، چندن جو واس ڪري ۽ گهڻن قسمن جا ساز وڄائي پرميشور جي آرتي ڪريو ٿا، سو اِها اُنجي سچي آرتي نہ آهي، ڇاڪاڻ تہ اُنهيءَ ٻاهرين آرتيءَ تي پريو ذرو بہ پرسن نہ ٿو ٿئي. هن سچي پاتشاهہ جي آرتي سڄي سرشٽيءَ ۾ سديو پيئي ٿئي، اُها اچو تہ اوهانکي ڏيکاريون.“

”هي سارو آڪاس نرنڪار جو ٿالهہ آهي، جو تارن روپي موتين سان جڙيل آهي. اُن ۾ سورج ۽ چندرما روپي ڏيا ٻاٽيهي ڪنهن جي ٻارڻ ڪالسواءِ پيا ٻرن. هي پيارا، اوهين بہ چار دڪا چندن چُوري جا ڪٽي اُنتي ٿانڊورکي واس ڌوپ ڪريو ٿا ۽ سمجهو ٿا تہ صاحب اُنهيءَ ڪري راضي ٿيندو، پر پرماتما جي آرتيءَ ۾ ساري دنيا جي چندن جا وڻ پنهنجي سڳند ڏيئي واس ڌوپ پيا ڪن، جنجي اڳيان اوهانجو واس ڌوپ ڪي بہ ڪينهي. اوهين ناڪر تي چور گهمايو ٿا، پر گهمائي گهمائي ٿڪجي پئو ٿا. سچو پچو چور تہ پوَن آهي، جو ٻارهوئي پيو لڳي. اوهين ٿورا گل ڦل آڻي ناڪر جي مورتيءَ تي ٿا چاڙهيو ۽ ائين پيا ڀانيو تہ انهن گلن تي ايشور راضي رهندو. هڏڪي اوهانجي گلن جي کهڙي گهرج

(اسان وانگي جسماني) اک نہ آهي. تنهنجون هزارين مورتون آهن (پر جسماني مورت) هڪڙي بہ نہ آهي. [سهس = هزار. نين = اکيون. نن = نہ.]

سَهَسَ پَدَ بِمَلَ نَنَ ايکَ پَدَ،

گَنْدَ بِنُ سَهسَ تَوَ گَنْدَ، اِوَ چَلَتَ موهي

اَرٿ - هزارين تنهنجا پوتر چرن آهن، پر جسماني هڪ بہ چرن نہ آهي. توکي جسماني ناسڪا نہ آهي، پر توکي هزارين ناسڪائون آهن. هي پريو (اهڙن عجيب) چلترن سان تو (منهنجي من کي) موهي ڇڏيو آهي. (مطلب تہ نرگڻ روپ کري پريوء کي هڪ بہ انگ نہ آهي؛ سرگڻ روپ کري سڀ انگ اٿس.) [بمل= پوتر، اُجل. گند= ناسڪا يا ناس. اِوَ= اهڙن. چلت = چلتر.]

سَڀَ مَهِ جوتِ جوتِ هَيِ سوءِ،

تِسَ دئِ چانَڻِ سَڀَ مَهِ چانَڻُ هوءِ

اَرٿ - پريوء جي جوت سڀ ۾ آهي؛ اُها جوت اُهو پاڻ آهي، اُن جي جوت جي پرڪاش سان سڀ سوجهرو ٿي رهيو آهي. [چانڻ=سوجهرو.]

گُورَ ساکِي جوتِ پَرگَهَٽُ هوءِ، جو تِسُ ڀاوئِ سُہ آرَتِي هوءِ

اَرٿ - گورن جي سکيا دواران جوت ساکيات ڏسڻ ۾ اچي ٿي. جيڪي پرماتما کي وڻي ٿو، اهائي سچي پچي آرتي آهي.

هَرِ چَرَنَ کَوَلَ مَکَرَندَ لوڀِتَ مَنو،

اَنَ دِنو موهِ آهي پِياسا

اَرٿ - هريء جي ڪنول روپي چرنن ۾ منهنجو پوتر روپ من لالچي ويو آهي؛ مولکي ڏينهن رات (اُنجي رس پيڻ جي) پياس يا چاهہ آهي. [مڪرند = پوتر. منو = من. اَن = رات. دن= ڏينهن.]

اهائِي تنهنجي اڳيان منهنجي اَرداس آهي تہ مون چاترڪ کي پنهنجي ڪرپا جي سوانتي بوند بخش، جنهنڪري نام ۾ سديو واسو ٿئي."

راڳ گؤڙي پوربي محلا چوٿان

ڪامِ ڪرودِ نگرُ بهُ ڀرِيا، مِلِ سادهُو کنڊلَ کنڊاهي

اَرٿ- هي (سرير روپي) شهر ڪام ڪرود آدڪ وڪارن سان ڀريل آهي، جي سنتن (يعني گورن جي) سنگ ڪري ناس ٿين ٿا. [نگر=شهر، سرير. کنڊاهي=ناس ٿين ٿا.]

پوربِ لِکتَ لِکي گورُ پائيا، مَن هَرِ لِوَ منڊلَ منڊاهي

اَرٿ- اڳين (ڇڱن) ڪرمن جي ڪري گورو اسان کي پراپت ٿيو، (جنهن گوروءَ اسانجي) من کي هريءَ جي لنؤ ۾ اسٿت ڪيو. (مطلب تہ گوروءَ اسان سان اهڙي ديا ڪئي، جو اسانجي چت جي ورتي سنسار کان ڪڇي وڃي سائينءَ سان لڳي. [منڊاهي=اسٿت ڪيو. لِوَ=پريت.]

ڪَرِ سادهُو اَنجلي پُنُ وَڏا هي، ڪَرِ ڊَنڊوَتَ پُنُ وَڏا هي

اَرٿ- سنتن جي اڳيان هٿ جوڙي پرارٿنا ڪريو ۽ ڊنڊوت ڪريو (يعني ڊگها ٿي پيرن پئجي رهو)، اُن ۾ وڏو پُن آهي. [اَنجلي= هٿ جوڙ. ڊنڊوت=ڊگهو ٿي ڪري نمسڪار ڪرڻ.]

ساڪتَ هَرِ رَسَ سادُ نہ جاڻيا، تِنَ اَنتَرِ هؤمي کنڊا هي

اَرٿ- منمکن کي هريءَ جي رس مان سواد ڪونہ ايندو آهي، ڇو جو اُنهن جي اندر ۾ اَهنڪار روپي ڪنڊا آهن. [ساڪت= منمکہ يعني پنهنجي من جي اُبتيءَ مت تي هلندڙ.]

جِئُن جِئُن چلهِ چُڀي دُکہ پاوهِ، جَمَ ڪالُ سههِ سرِ ڊَنڊا هي

اَرٿ- جئن جئن اهي هلن ٿا (يعني سنسار ۾ ورتن ٿا)، تئن تئن اُهن کي اِهي ڪنڊا چڀن ٿا، تنهنڪري دکہ پائين ٿا ۽ جم ڪال جا ڊنڊا سر تي سهن ٿا.

آهي ؟ چاڪاڻ جو هيءَ سنساري ونسپتي قسمين قسمين سڳنڌي رنگا رنگي گل ڦل ڪيڏي سمورا پنهنجي سواميءَ اڳيان اَرداس رکي ٿي. اوهين ٺاڪر جي اڳيان ٽُريون ۽ قسمين قسمين باجا وڄايو ٿا، پر هن سچي ٺاڪر جي اڳيان اناهدي شبدن جا باجا ساري برهمانڊ ۾ سديو پيا وڄن ۽ هنڪي اوهانجي باڄن جي ڪا به ضرورت ڪانه آهي. اِها اشچرج روپي آرتي سڄي سرشٽيءَ ۾ نت پيئي ٿئي."

پنڊتن پڇيو ته سائين اوهانجو سچو ٺاڪر ڪهڙو آهي، اُنجو سروپ اسانکي ٻڌايو. صاحب ايشور کي سنمک ٿي چون ٿا ته "هي پري پورن پرماتما! توکي هزارين نيتر آهن جن سان تون ساري سرشٽيءَ کي ڏسين ٿو ۽ اهڙو ڪو استول يا سوکم پدارٿ ڪونهي، جو تنهنجي درشٽيءَ کان دور هجي، در حقيقت توکي هڪ به جسماني اک نه آهي. هي جڳت ايشور! توکي هزارين مورتون آهن چاڪاڻ ته سڀني جيون ۾ تون وياپڪ آهين، سو اُنهنجون مورتون به جڻ ته تنهنجون ئي مورتون آهن. پر سچ ڪري تنهنجي هڪڙي به جسماني مُورت نه آهي. هي پريو! توکي هزارين پوتر چرن آهن، جن سان تون ساري جڳت جا ڪارج ڪري رهيو آهين پر اُهي پير پنڃن تتن جا بنيل نه آهن. هي ڪرتامه ڪرتار! هزارين توکي ناسڪائون آهن، پر تحقيق توکي هڪ به جسماني ناسڪا نه آهي. اهڙا تنهنجا عجيب چرتر ڏسي، ساري سرسٽي توتي موهت ٿي پيئي آهي ۽ لوتان قربان ٿي تنهنجو جس ڳائي رهي آهي.

هي پريو، جيڪي توکي وڻي ٿو، اهائي سچي پوڄا تنهنجي آرتي آهي. هي جوتي سروپ! سڀني جيون جنتن ۾ جا جوت وسي ٿي، سا تنهنجي جوت آهي. انهيءَ جوت جي پرگهٽ ٿيڻ ڪري گيان اُتپن ٿئي ٿو. ڪيول ست گورن جي اُپديش دئاران ئي انهيءَ جوت جو درسن ٿي سگهي ٿو. هي پريتم پيارا! منهنجو ڀئور روپي من تنهنجي ڪنول روپي چرنن ۾ لڳي رهيو آهي ۽ مونکي رات ڏينهن تنهنجي امرت رس پيڻ جي پياس آهي. هي پرم پتا!

أرٿ - هتان (يعني هن لوڪ مان) هوري نام روپي فائدو وٺي هلو ته اڳتي (يعني پرلوڪ ۾ اوهانجو) رهڻ سکيو ٿئي.
[لاها = فائدو. بسن = رهڻ. سهيلا = سکيو.]

آؤدَ گهٽئي دِنَسُ رَيِڻا ري، مَنَ گُورَ مِل ڪاجَ سَنْواري
(اڪ رهاءُ)

أرٿ - (هي من) رات ڏينهن عمر گهٽجي، تنهنڪري گورن سان ملي پنهنجا ڪارج سنوار [اؤد = عمر ؛ دنس = ڏينهن. ريڻا = رات.]

اِهُ سَنْسارُ بِڪارُ سَنْسي مَهِ، تَرِيو بِرهَمَ گيانِي

أرٿ - هي سنسار وڪارن ۽ سنسن ۾ (پيل آهي ؛ اُن مان فقط ڪو) برهم گياني تري وڃي ٿو. [بڪار = وڪار، ڪوٽا ڪم. برهم گياني = برهم کي ڄاڻندڙ.]

جِسَهِ جَگاءِ پِياوئِ اَهُ رَسُ، اَڪَٿَ ڪٿا تِن جاني

أرٿ - جنهنکي (پرميسر) ڄاڳائي اهو نام روپي رس پياريو آهي ؛ اُنهيءَ پرميسر جي اَڪٿ ڪٿا ڄاڻي آهي.

جاڪؤ آئي سوئي بِها جَهُهُ، هَرِ گُورَ تي مَنَهِ بَسيرا

أرٿ - (هي مترو!) جنهن لاءِ توهن (هتي آيو آهيو، اُن هري روپي پدارٿ) کي خريد ڪر (۽ ياد ڪر) ته هريءَ جو من ۾ واسو گورن دواري ٿيندو. [جاڪؤ = جنهن لاءِ. بهاجهه = خريد ڪر.]

نِجَ گهر مَحَلُ پاؤهُ سُکَ سهَجي، بهَرُ نَ هوئِگو ڦيرا

أرٿ - (ائين ڪرڻ سان) پنهنجي هردي ۾ سروپ جو سک سهجئي پائيندين، پوءِ (تنهنجو جنم مرڻ ۾) ڦيرو وري نه ٿيندو. [نج گهر = پنهنجو سروپ. محل = گهر ؛ هردو.]

هَرِ جَنَ هَرِ هَرِ نامِ سَماڻي ، دُکُ جَنَمَ مَرَڻَ ڀَوَ کَنبا هي

اَرٿ - هري جن (جي) هريءَ جي نام ۾ سمايل آهن، سي سنسار جي جنم مرڻ جا دک ناس ڪن ٿا. [سماڻي = سمايل. ڀو = سنسار.]

اَبِناسي پُرکُ پائِبا پَرَميشَرُ، بَهُ سوڀَ کَنڍَ بِرَهمَنڊا هي

اَرٿ- اُنهن اَڪال پورک، جو ڪڏهين ناس ٿيڻ جهڙو نه آهي، تنهنکي پاتو آهي؛ جنهنڪري اُنهن جي گهڻي ناموس کنڊن برهمنڊن ۾ ٿي رهي آهي.

هَمَ غَريبَ مَسَکينَ پِربَ تيري، هَرِ راکُ راکُ وَڏَ وَڏاهي

اَرٿ - هي پرڀو! اسين غريب ۽ ڪنگال تنهنجا آهيون. هي هري، اسانکي بچائي وٺ، بچائي وٺ؛ تون وڏن ۾ وڏو آهين.

جَنَ نانَکَ نامُ اَدارُ ٽيکَ هيِ، هَرِ نامي هي سُکُ مَنڊا هي.

اَرٿ- داس نانک کي (هي هري) تنهنجي نام جوئي آسرو ۽ ڀروسو آهي، ڇو ته اسان ڪيول هريءَ جي نام جي سک کي قائم ڪيو آهي. [ٽيڪ = آسرو..]

راڳُ گَوڙي پوربي محلا پنجوان

کَرَءُ بينَتي سُڻُهُ ميري ميِتا ، سَنتَ ٽَهَلَ کي بيلا

ارٿ - هي مترو، مان وينتي ڪريان ٿو، اُها ٻڌو: هي منکا جنم سنتن جي ٽهل جوئي وقت آهي. [ميتا = متر. بيلا = ويلا، وقت.]

ايها کاٽِ چَلَهُ هَرِ لاها ، آگَي بَسَنُ سُهيلا

سري راگ

اڻانڪا - ڪلجگ جگنناٿ پري ۾ ڪنهن روپ ۾ سري گورو نانڪ ديو جن جي حضور ۾ آيو. ڪيس خيال هو ته ڪو بہ جيو منهنجي وس کان ٻاهر نہ رهي، سو گورو صاحبن کي بہ لالچائڻ جي ڪوشش ڪيائين. صاحبن کي موتين جا مندر رتنن سان جڙيل ۽ ٻيا اَنيڪ پرڪارن جا پدارٿ آڇڻ لڳو. پر صاحب جي جا ٺٺار هئا، تنکي ڪلجگ ڀلا ڪيئن ڀرغلائي سگهي؟ در حقيقت ائين هميشه ٿيندو آهي تہ جيئن پڳتيءَ ۾ ويهبو آهي، تيئن مـن پـاڻ ڀريائين گهٽو پرڪائيندو آهي ۽ دنيوي حرص ۽ هوس اهڙو ويڙهي ويندا آهن، جو ڪيترن جي پڳتيءَ ۾ وگهن پئجي ويندو آهي. صاحب اِنهيءَ اوستا کان اَسانکي ڇڏائڻ لاءِ هن شبد ۾ اُپديش ڪن ٿا، جنهنجو تات پرج آهي تہ دنيوي پدارٿ ڪيترا بہ ڪٺي هجن، تہ بہ اُهي من جي شانتي نہ ڏيندا، تنهنڪري ڪيول پرماتما جو نام ئي اَسان جيون کي سمرڻ گهرجي.

ايڪو اونڪار ستـگور پرساد - راگ سري راگ محلا پهلا گهر (۱) شبد (۱)

(۱) موتي تہ مندر اُوسرهِ، رتني تہ هوهِ جڙاءُ

ڪستوُرِ ڪنـگوُ اگرِ چندنِ، لِيپ آوئي چاءُ

مَتُ ديکهِ ڀوُلا وِيسرئي، تيرا چِتِ نہ آوئي ناءُ

أنْتَرجامي پُرکَہ بِذاتي، سَرَدا مَنَ کي پوري

اَرتھ- ھي اَنتريامي! ھي پورن پورکہ! ھي رچھڻھار! ھي من جا منورٿ پورڻ ڪرڻ وارا!

نانَڪَ داسُ اِھي سُکہُ مانگئي،

موکَو کَر سَنْتَنَ کي دُوڙي٠

اَرتھ- داس نانڪ اِھو سکہ تو کان گھري ٿو تہ مونکي سنتن جي دوڙ ڪر٠

ستہ سري اَکال

مَنُ ديکهِ ڀُولا وِيسرِيءِ، تيرا چِتِ نہ آوئِ ناءِ

اَرٿ - جيڪڏهن ڪٿي سڌ ٿيان، سڌيون هلائي سگهان ۽ رڌين کي بہ چوان تہ اُچو (يعني رڌيون بہ منهنجي حڪم ۾ هجن)، ۽ جيڪڏهن (وڏيرو تہ) لڪل يا (وڏيرو تہ) ظاهر ٿي رهان ۽ لوڪ بہ مون ۾ پريم رکن، (تڏهن بہ مونکي اهي پدارٿ نہ گهرجن) متان (انهن پدارٿن کي) ڏسي (هي پرماتما،) تون وسري وڃين ۽ تنهنجو نالو چت ۾ نہ اچي.

سڌ = سڌيون يعني ڪرامتون مڙيئي ١٨ آهن، جدمان مکيہ ٨ آهن:-

(١) اَڻيما = ڪنهن بہ اَڻي يا ننڍڙي والکي ننڍو ٿيڻ يا انهي سان هڪ ٿي وڃڻ جي شڪتي.

(٢) مهيما = ڪنهن بہ وڏيءَ شيءِ والکي ٻاڻ وڌائڻ جي شڪتي.

(٣) لگهيما = ڪنهن بہ هلڪي مثلا ڪپہ جهڙي شيءِ والکي هلڪي ٿيڻ جي شڪتي.

(٤) گريما = ڪنهن بہ ڳوريءَ شيءِ والکي ڳوري ٿيڻ جي شڪتي.

(٥) پراپتي = ڪتي بہ پهچڻ جي شڪتي مثلاً چنڊ ۾ وڃڻ وغيره.

(٦) پراڪاميہ = ڪابہ ڪامنا پوري ڪرڻ جي شڪتي.

(٧) اِشتو = پيدا ڪرڻ يا سرجڻ جي شڪتي.

(٨) وشتو = سڀڪي وس ڪرڻ جي شڪتي. (ڏسو ديوان ڏيارام صاحب جي گيتا جي مدد جو صفحو ٤٥)

[رڌ = رڌيون، بہ وگين جون شڪتيون؛ بسا = وهان يعني دليا ۾ رهان؛ ڀاءُ = پريم.]

ارٿ- جيڪڏهن اَهڙا مندر هجن، جنجي اوساري موتين جي هجي ۽ جي رتن سان جڙيل هجن ۽ جنہر ڪستوريءَ، ڪنگوءَ يعني ڪيسر ۽ اگر چندن جو ليپڻ پاتل هجي جنهن ڪري خوشي پيئي لڳي، (تڏهن به مولکي اِهي پدارٿ نه گهرجن) متان (اِنهن پدارٿن کي) ڏسي (هي پرماتما) تون وسري لـ وڃين ۽ تنهنجو نالو چت ۾ نه اَچي.

[اوُسرهہ = اوساري ڪيل، ٺهيل. جڙاءِ = جڙيل. اگر چندن= تمام اوچو چندن. ليپ = ليپڻ، پلستر. چاءُ = خوشي.]

هَرِ بنُ جيئُہ، جَلِ بَلِ جاءُ

ميٖ آپڻا گورُ پوُڇِہ ديکِيا، اَوَرُناهي ٿاءُ (اِڪ رهاءُ)

اَرٿ- هي هري، توکانسواءِ منهنجو جيءُ (يعني جند) شل جلي ٻري وڃي! مون پنهنجي گوروءَ کان پڇي ڏٺو آهي ته توکان سواءِ ٻيو ڪو اجهو ڪونهي. [ٿاءُ = جاءِ، اَجهو.]

(۲) ڌرتي نہ هيري لَعَلَ جڙتي، پلگهہِ لعَلَ جڙاءُ

موهڻي مُکہِ مَڻي سو هيٖ، ڪريٖ رنگِ پَساءُ

مَتُ ديکہِ ڀوُلا وِيسريٖ تيرا چِتِ نہ آويٖ ناءُ

اَرٿ- ڪٿي ڌرتي هيرن ۽ لعلن سان جڙيل هجي ۽ پلنگ به لعلن سان جڙيل هجن، ۽ ڪٿي موهيندڙ اِستريون هجن، جن جو مک مڻيءَ وانگر ٻيو ٻهڪي ۽ جي اِلهيءَ چهچٽي (يا نظاري) کي ڪٿي ڏين، (تڏهن به مولکي اِهي پدارٿ نه گهرجن) متان (الهن پدارٿن کي) ڏسي مولکي (هي پرماتما،) تون وسري وڃين ۽ تنهنجو نالو چت ۾ نه اَچي.

[پلگهہ = پلنگ. رنگ = خوشي، چهچٽو. پساءُ = پسارو.]

(۳) سِدُھ هووا سِدھِ لائيٖ، رِدھِ آکا اءُ

گُپتُ پرَگَٽُ هوءِ بئِسا، لوڪُ راکيٖ ڀاءُ

اَرٿ - ڪروڙن جا ڪروڙ ورهيه ڪٽي منهنجي عمر هجي ؛ هوا منهنجو کاڌو ؛ پيتو هجي (يعني پون اَهاري هجان) ؛ ؛ اهڙيءَ غفا ۾ (لپشيا ڪرڻ لاءِ) وڃي وهان، جتي چنڊ ؛ سج ٻئي نـ ڏسي سگهان ؛ سمهڻ لاءِ سپني ۾ بہ ڪا جاءِ نـ ڏسان (يعني هميشه جا گرت اَوستا ۾ رهان)، تہ بہ تنهنجي قيمت مان پائي نہ سگهندس ؛ چئي نہ سگهندس تہ تنهنجو نالو ڪيڏو وڏو آهي ؛ (چاڪاڻ تہ تون بي انت آهين).

[ڪوٽ = ڪروڙ ؛ اَپياءُ = گرھ، کاڌو ؛ غفيءَ = غار، غفا، ڇر ؛ ڪيوڏ=ڪيڏو وڏو ؛ پوڻ=هوا].

ساچا نِرنڪارُ نِجَ ٿاءِ

سُڻِ سُڻِ آکَڻُ آکڻا. جي ڀاويُ ڪري طماءِ (اِڪ رهاءُ)

اَرٿ - هي سچا نرنڪار! تون پنهنجي خاص هنڌ تـي قائم آهين (يعني سروپ ۾ قائم آهين)، ٻين کان ٻڌي ٻڌي تنهنجو ن ڪٿائون ڪريون ٿا. پر جڏهن توکي وڻي ٿو، تڏهن اَسان ۾ نـام جپڻ جي اِڇا لٿي ٿي.

[نجه = خاص، پنهنجا ؛ آکڻا = ڪٿائون ؛ طماءِ = طمع = اِڇا، خواهش.]

(٢) ڪُسا ڪَٽيئا وارَ وارَ، پيِسڻ پيِسا پاءِ

آگي سيتي جا ليئا، پِسَمَ سيتي رلِ جاءُ

ڀي ٽيري قيمتِ نا پويُ، ڪَهُم ڪيوڏُ آکا ناءُ

اَرٿ - جيڪڏهن مان ذبح والگر وري وري ڪٽي ڪنجان ؛ جنڊ ۾ پئجي پيسجان ؛ جيڪڏهن پنهنجو سرير اگنيءَ ۾ جلايـان ؛ رک سان ملي (رک ٿي) وڃان تہ بہ تنهنجي قيمت پائي نہ سگهندس ؛ ؛ چئي نہ سگهندس تہ تنهنجو نالو ڪيڏو وڏو آهي.

(۴) سُلطانُ هووا ميلِ لَشکَر، تَخت راکا پاءِ
حُکَمُ حاصَلُ کري بئُنا، نانکا سَبُ واءِ
مَتُ ديکهِ ڀوُ لا وِسِرئِ، تيرا چِتِ نه آوئِ ناءِ

اَرٿ - جيکڏهن بادشاهه ٿي لشکر کٺي گڏ کريان ۽ تخت تي پير رکان يعني تخت تي وهان؛ ۽ جيکڏهن ويٺي ئي حکم سان سڀ پيو حاصل کريان، (تڏهن به) سري گورو نانڪ صاحب فرمائين ٿا ته اهو سڀ واءُ وانگي آهي (يعني اِستر نه آهي)؛ (تنهنجي مونکي اهي پدارٿ نه گهرجن) متان (انهن پدارٿن کي) ڏسي (هي پرماتما،) تون وسري وڃين ۽ تنهنجو نالو چت ۾ نه اچي.
[ميل = گڏ کري؛ پاءِ = پير.]

آٿانڪا:- سلطانپور ۾ هڪڙي ڏينهن سري گورو نانڪ ديو جن اشنان کري ويئي نديءَ جي کناري تي جهنگل ۾ سماڌيءَ ۾ ويٺا هوا، جتي اَکال پورکه جو ڌيان کري وِنيٿه کيائون ته اسانکي جنهن کم لاءِ سنسار ۾ موکليو ويو آهي، اوهو کرڻ لاءِ تيار آهيون، هاٿي آگيا ٿئي ته اسين ايکوانکار گر منتر سان جيون کي کلياڻ جي وات بتايون. (اِنهيءَ کان اَڳي کي برهما جا، کي شو جا، کي وشنوءَ جا پوجاري هوا، جنهنکري پاڻ ۾ چڪ تاڻ رهندي هئي. صاحب انهن سڀني کي هڪ کرڻ لاءِ ايکوانکار جو منتر ڏنو، جنهن جو جپڻ جو اَڌکار اِستريـن ۽ شودرن کي پڻ مليو.) صاحب پوءِ ست کرتار جو درسن پائي گد گد ٿي هينيون شبد اُچاريو:-

سري راگ محلا پهلا شبد (۲)

(۱) کوٽِ کوٽي ميري آرَجا، پَوَڻُ پيئڻُ اَپياءِ
چَندُ سورَجُ دُءِ غُفي نه ديکا، سُپني سَئُڻُ نه ٿاءِ
ڀي تيري قيمتِ نا پوئِ، هَئُ کيوڏ آکا ناءِ

سري راڳ محلا پهلا شبد (٣)

(١) ليکيءِ ٻولڻُ ٻولڻا، ليکيءِ کاڌا کاءِ
ليکيءِ واٽَ چلائِيئا، ليکيءِ سُڻِ ويکاءِ
ليکيءِ ساهَ لوائِيئهِ، پڙي کِ پُڇڻِ جاءِ

اَرٿ:- پتا جي (هي جيو) جيڪي ٻول ٻوليٿو سي سڀ (ڪرمن جي) حساب موجب ۽ جيڪو کاڌو کائي ٿو سو به (ڪرمن جي) حساب موجب، ۽ رستي تي پنڌ به (ڪرمن جي) حساب موجب ڪري ٿو ۽ جيڪي ٻڌي ۽ ڏسي ٿو سو به (ڪرمن جي) حساب موجب، ۽ جيڪي ساهه کڻي ٿو سي به (ڪرمن جي) حساب موجب؛ پوءِ وڃي ڪنهن پڙهيل کان اها ڳالهه پڇي ڏسو (يا اِها ڳالهه ڪنهن پڙهيل کان ڇو وڃي پڇجي؟ ڀاو- اهڙي پرسڌ آهي جو پڇڻ جو ضرور ئي ڪونهي.)

ٻيو اَرٿ:- پتاجي، (هي جيو) جيڪي ٻول ٻوليٿو تنهنجو حساب (ليکو) ٿيندو، ۽ جيڪو کاڌو کائي ٿو تنهنجو به ليکو ٿيندو، ۽ جنهن رستي (چڱي يا مندي) تي هلبو تنهنجو به ليکو ٿيندو ۽ جيڪي ڏسي ۽ ٻڌي ٿو تنهنجو به ليکو ليندو. جيڪي ساهه کڻي ٿو تن جو پڻ حساب ٿيندو. پوءِ اها ڳالهه ڪنهن پڙهيل کان ڇو وڃي پڇجي؟

[ليکيءِ=حساب موجب- هتي حساب ڪرمن سان ٿو لڳي، لوائيئهه=کڻڻ ۽ اڇن ٿا؛ پڙي=پڙهيل، پنڊت.]

بابا مائِيا رُچَنا ڌوهُ

اَنڌيءِ نامُ وِسارِئا، نا تسُ ايهَ نه اوهُ (اِڪ رَهاءِ)

اَرٿ:- هي پتا! (جنهن مايا جي پدارٿن پراپت ڪرڻ لاءِ اوهين مولڪي ليکو سيکاريو ٿا الهيءِ) مايا جي رچنا يعني کيل ٺڳيندڙ آهي. جنهن اگياني جيو نام وساري ڇڏيو آهي، تنهنکي نه هي لوڪ حاصل ٿيو نه پرلوڪ.

[رچنا=جوڙ، کيل؛ ڌوهه=ڌوهه واري، ٺڳيندڙ؛ انڌيءِ=اگيان ڪري انڌو؛ ايهه=هي لوڪ؛ اوهه=پرلوڪ.]

[پيسڻ=جنڊ، چڪي؛ پيسا=پيسجان؛ پاء=پئجي؛ سيتي= سان، ۾؛ پسر=رکي؛ رل جاءِ=ملي وڃان.]

(۳) پنکي هوئڪي جي پوا، سئ آسماني جاءِ
نَدَرِي ڪسيءِ نہ آوئو، نا ڪڇُهه پيئا نہ کاءِ
بِي ٽبري قيمتِ نا پوئي، هَءُ ڪيوڏُ آکا ناءِ

اَرٿ:- جيڪڏهن (سدين جي بل ڪري) پکي ٿي پيو اڏامان ۽ سون آسمانن ڏي چڙهي وڃان؛ ۽ جي (اهڙو سوکم ٿي پوان جو) ڪنهنکي بہ ڏسڻ ۾ نہ اچان ۽ نکي کان نکي پيان؛ تڏهن بہ تنهنجي قيمت پائي نہ سگهندس ۽ چئي نہ سگهندس تہ تنهنجو نالو ڪيڏو وڏو آهي.

[پوا=پئڪان، اڏامان؛ سئ=سؤ (۱۰۰)؛ آسماني=آسمان.]

(۴) نانڪ ڪاگد لَکہ مَڻا، پڙِ پڙِ ڪيجي ڀاءِ
مسُو توٽ نہ آوئي ليکڻِ پئڻُ چلاءِ
بِي ٽبري قيمتِ نا پوئي، هَءُ ڪيوڏُ آکا ناءِ

اَرٿ:- سري گورو نانڪ صاحب فرمائين ٿا تہ جي لک مڻ ڪاغذن جا ڪٽي (ڪنا ڪريان) ۽ اهي پڙهي پڙهي انهن ۾ پريم رکان (يعني هنئين سان هنڊايان) ۽ جي مس بہ اِتري (ڪٺي ڪريان) جنهنجي کوٽ ئي نہ ٿئي ۽ قلم هوا وانگي هلايان تہ بہ تنهنجي قيمت پائي نہ سگهندس ۽ چئي نہ سگهندس تہ تنهنجو نالو ڪيڏو وڏو آهي.

[توٽ=ڪمي، کوٽ؛ ليکڻ=قلم؛ چلاءِ=چلايان، هلايان.]

اُٿانڪا:- هڪ دفعي ڀائي ڪالوءَ صاحبن کي چيو ”بچا، اسانجو ڪم ليکي چوکي جو آهي، تنهنڪري تون جيڪر ليکو چوکو رکڻ سکين تہ ڏاڍو چڱو.“ تنهن تي صاحبن جواب ڏنو تہ ”ليکو تہ اڳيئي هلي رهيو آهي.“ ڀائي ڪالوءَ پڇيو تہ ”اهو ڪهڙو؟“ تنهنجي جواب ۾ صاحبن هيٺيون شبد اُچاريو:-

هو وڏو ڪونه ٿي ويو. سچو سائين ته هڪ تون آهين، ٻيا ته ڪيترائي جيو جهان ۾ پيا آهن (جي اَست آهن يعني استر نه آهن.)

[قيمت=قدر؛ هور=ٻيا؛ لوءِ=لوڪ، جهان.]

(۴) نيچا اندرِ نيچ ذاتِ، نيچي هُوَ اَتِ نيچ

نانڪُ تِنڪي سنگِ ساتھ، وَڈِيا سِءُ ڪِيا ريس

جتي نيچ سمالِيئنِ، تِتي نَدَرِ تيري بخشيش

اَرٿ:- نيچن ۾ به جيڪا نيچ ذات هجي، ۽ انهي نيچ ذات ۾ به جيڪو نيچن ۾ تمام نيچ يعني حد نماڻو هجي، (جهڙوڪ ڀڳت روداس، سڌنو، والميڪ، پيلڙي آدڪ)؛ سري گورو نانڪ صاحب جن فرمائين ٿا ته اهڙي جيو سان ئي اسانجو سنگ ٿئي؛ (ديوي) وڏن (يعني ايماني پرشن) سان اسانجي ڪهڙي ريس آهي؟ هي پرماتما! جتي اهي نيچ توکي ياد ٿا ڪن، اتي ئي تنهنجي ڪرپا درشٽي ۽ (نام جي) بخشش ٿئي ٿي (يعني جي جي سڌن سنگ ۾ شامل ٿين ٿا، تن تي تنهنجي ڪرپا ٿئي ٿي.)

[سماليئن=سنڀالين، ياد ڪن.]

اٿانڪا:- گورو صاحبن ۽ ڀائي مرداني ڏٺو ته واٽ تي ڪين ٿڳ گڏيا. ٺڳن ستگورن جو چمڪندڙ چهرو ڏسي ڀانيو ته صاحب وڏا ڏنار آهن، تنهنڪري صاحبن کي ويڙهي ويا. پر پوءِ خبر پين ته صاحب فقير ٿي آهن. صاحبن جڏهن ڪالئن پڇيو ته "اَبا، اوهانکي ڇا گهرجي؟" تڏهين جواب ڏنائون ته "سائين، اَسين ٺڳ آهيون، لوڪن کي ڌاتوري آدڪ نشيدار شيون پياري بيهوش ڪري ڪين ڦريندا آهيون ۽ اوهانکي به ڦرڻ جو ارادو هوسين." تنهنتي صاحب، ديا ۽ ڪميا جا ساگر، ڪين پرٻوڌ ڏيڻ لڳا ته "پيارا، جي هيئنر به اوهين چڱي چال ڌاريندا ۽ بازن جو پورهيو ڪري کائيندا ۽ سڀ ڦر جو مال جو ڪنو ڪيو الـو، سو غريبن کي ڏيئي ڇڏيندا ته اوهان جا پـاپ معاف ٿيندا." انهي

(٢) جيوڻ مرڻا جائڪي، ايٿي ڪاجي ڪالِ
جِٿي بَهِ سَمجهائيئي، تِٿي ڪوءِ نه چلئو نالِ
رووڻ والي جيتري، سَڀِ بنّهِ پنڊ پرالِ

اَرٿ:- جمي ڪري هن جيو جو سنسار ۾ جيڻ (رهڻ) ۽ مرڻ ٿئي ٿو ۽ هتي ٿي هو پنهنجو وقت (سنبنڌين سان وشين ۾) گذاري ٿو. جتي (ڌرمراء جي روبرو) ويهي هن جيو کي (سندس ڪرمن جو) ليکو سمجهائيندا، اتي ساٿس (سهائتا ڪرڻ لاء) ڪو به گڏجي نه هلندو. جيڪي هن جيو جا رئڻ وارا (سنبنڌي) آهن، سي سڀ ڪکن جو بوجو ٿا ٻڌن (يعني اهي ڪنهن بہ ڪم جا ڪونه ٿا ٿين، چو ته اهي ڪيس ڌرمراء جي ڏنڊ کان نٿا ڇڏائي سگهن.)

[جائڪي=جمي ڪري، اُتپن ٿي؛ ڪاجيءِ=ڪائي، گذاري؛ ڪال=وقت، سمو، عمر؛ بنّهه=ٻڌن ٿا؛ پنڊ=بوجو؛ پرال=ڪک، گاهه جي ڪنهن بہ ڪم نہ اچن.]

(٣) سَئُڪو آکي بهُتُ بهُتُ، گهَٽُ نه آکي ڪوءِ
قيمَتِ ڪِني نه پائيئا، ڪَهڻِ نه وَڏا هوءِ
ساچا صاحبُ ايڪُ تون، هورِ جيئا ڪيتي لوءِ

اَرٿ:- پرڀوءِ کي سڀڪو وڏو وڏو ڪري پيو چوي، ڪو بہ هنکي گهٽ نہ ٿو چاٽي؛ پر تنهن هوندي بہ ڪنهن هنجي قيمت نہ جاتي آهي. ڪنهن جي چوڻ سان يعني مهما ڪرڻ سان هو ڪو وڏو ڪونہ ٿي پوندو. سچو سائين تہ هڪ تون آهين، ٻيا تہ ڪيترائي جيو جهان ۾ پيا آهن (جي اَسٿ آهن يعني استر نہ آهن.)

ٻيو اَرٿ:- جنهن جيوَ سنبهہ ۽ اَستيہ جي قيمت نہ پاتي آهي سو گهٽي کان گهٽي مايا چاهي ٿو، گهٽ ڪو بہ ڪونہ ٿو گهري، يعني جنهنکي جيڪي مليو آهي تنهنتي راضي نہ آهي. جنهنکي گهٽي مايا ٿي آهي، سو وڏو تہ پاڻکي چوائي ٿو، پر پنهنجي چوڻ سان

(پوڳڻ) جو رس، چندن جي سڳند (لائڻ) جو رس، گھوڙن (تي چڙهڻ) جو رس، محلات ۾ سيج (تي سمهڻ) جو رس، مٺاين (کائڻ) جو رس ۽ گوشت (کائڻ) جو رس - ايترا (مڙيئي) رس ديهه سان لڳل آهن: (پوءِ) ڪيئن (اسان جي) هردي ۾ نام جو واسو ٿيندو؟

[رس = خوشي، مزو، سواد؛ ڪامڻ = ڪامني يعني استري؛ ٻرمل = چندن؛ ڪي = جو؛ واس = سڳند؛ گھت = هردو؛ نواس = واسو.]

(۳) جِتُ بولِئي پَتِ پائيئي، سو بولِئا پرَوَاڻُ
ڦِڪا بولِ وِگُڇِڻا، سڻُ مورکهُ مَنَ اَجاڻَ
جو تِسُ ڀاوهِ سي ڀلي، هورِ ڪِ ڪَهَڻَ وَکاڻَ

اَرٿ- (هي ڀائي،) جنهن ڳالهائڻ مان (درگاهه ۾) عزت رهجي اچي، اهوئي ڳالهائڻ سڦل آهي. ڪجهسي يعني ڪوڙي ڳالهائڻ ڪري گويا پاڻکي خراب ڪرڻو آهي. هي مورکه اجاڻ من، (ٻون اها ڳالهه) ٻڌ (يعني ڌيان ۾ رکه). جي (وچن) هنکي يعني پرماتما کي وڻن ٿا، اهي ڀلا آهن؛ ٻيو ڇوڻ ۽ واکاڻ ڪرڻ ڇا آهي؟ (يعني اجايو آهي.)

[پراوڻ = قبول، سڦل؛ ڦڪا ٻول = ڪاوڙ وچان ڪوڙو ڳالهائڻ؛ وگڇڻا = خراب ٿيڻو؛ ڀلي = ڀلا، سريشٽ، اُتم؛ هور = ٻيا، ٻيو؛ ڪ = ڇا؛ وکاڻ = واکاڻ يا ساراهه ڪرڻ.]

(۴) تِنَ مَتِ تِنَ پَتِ، تِنَ ڌَنُ پلي، جِنَ هِرَدئِ رهِئا سَماءِ
تِنَڪا ڪِئا سالاهڻا، آوَرَ سُئالهُ ڪاءِ
نانَڪ نَدَرِي ٻاهَري، راچِهِ دانِ نہ ناءِ.

اَرٿ- انهن پرشن کي (ئي اُتم) ٻڌي، عزت ۽ آتمڪ ڌن پلءِ پوي ٿو، جن جي هردي ۾ (نام) سمائجي رهي ٿو. اهڙن

موقعي تي صاحبن هينيون شبد اُچاريو، جنهنجو ٺڳن تي اهڙو اثر ٿيو، جو پڇتاءُ ڪري نام جپڻ ۾ لڳي رهيا.

سري راڳ محلا پهلا شبد (۴)

(۱) لَبُ ڪُتا ڪوڙُ چُوهڙا، ٺڳِ کاڌا مُردارُ
پَرَ نندا پَرَمَلُ مُکَ سُڌي، اَگنِ ڪرودُ چَنڊالُ
رَسَ ڪَسَ آپُ سَلاهَڻا، اي ڪَرَمَ ميري ڪَرَتارَ

اَرٿ - لوڀ ڪتو آهي، ڪوڙ چهڙو آهي، ۽ ٺڳي ڪري کائڻ مردار آهي. پرائي نندا ڪرڻ نيڪ نيڪ پرائي مَيل مک ۾ وجهڻي آهي ۽ ڪرود جو اگنيءَ جو روپ آهي، سو چنڊال آهي. (اِلهن سيني ۾ اسين قائل آهيون ڀر) هي ڪرتار، چشڪا وٺڻ ۽ پاڻ ساراهڻ اِهي ٻه اسانجا ڪم آهن.

[مردار = مردو کائڻ ؛ مـل = ميل، وشتا ؛ سُڌي = خاص، نيڪ نيڪ ؛ رس ڪس = چشڪا وٺڻ.]

بابا بولئيءِ پَت هوءِ
اوُتَم سي دَرِ اوُتَم کهيئهِ نيچَ ڪَرَمَ بهِ روءِ (اِڪ رهاءُ)

اَرٿ - هي پائي، اهڙو ٻـول ٻولجي جو (درگاهه ۾) پت رهجي اچي ۽ جو تہ (سچ پچ) اُتم اهي آهن، جي درگاهه ۾ اُتم سڏجن ٿا. (باقي) جيڪي نيچ ڪرم ڪن ٿا، سي (هتي) يعني ڀولوڪ ۾ دکہ پوڳي ويهي روئندا.

[در = درگاهه ؛ بهہ = ويهي.]

(۲) رَسُ سُئنا رَسُ رُپا، ڪامڻِ رَسُ پَرَمَلَ ڪي واسُ
رَسُ گهوڙي رَسُ سيجا مندر، رَسُ ميٺا رَسُ ماسُ
ايتي رَسَ سَرِيرَ ڪي، ڪيءِ گهٽِ نامَ نِواسُ

اَرٿ - سون (پائڻ) جو رس، روپ (پائڻ) جو رس، استري

مست ٿي؛ سچ=سچو نشو نام جو جنهن مان ٿي اَکٽ آنند ٿو اچي؛ صوفيئا=(مايا جي) نشي کان پرهيز ڪندڙ.]

نانڪَ ساچي ڪَمُ سَچِ جاڻُ

جِتُ سيويئِ سُکُ پائِيئِي، تيري دَرگَهِ چاۣي ماڻُ

(اِڪ رهاۤءُ)

اَرٿ - گورو نانڪ صاحب فرمائين ٿا ته سچي (پرماتما) کي ئي تون سچو (استر) جاڻ، جنهنجي شيوا ڪرڻ ڪري تون سک پائيندين ۽ درگاهه ۾ وڃڻ سان تنهن جو درگاهه ۾ ماڻو هلندو.

سَچُ سَرا گُڙَ باهَرا، جِسُ وِچِ سَچا ناۤءُ

سُڻِهِ وَکاڻِهِ جيئڙي، هَئُ تِن بِلهاريِ جاۤءُ

تا مَنُ کيوا جاڻيئِي، جا مَحَلي پائي ٿاۤءُ

اَرٿ - سچو شراب اهو آهي جنهن ۾ سچو نام آهي ۽ جو (مايا روپي) گڙ کانسواء آهي. (اهو سچو نام) جيڪي ٻڌن ٿا ۽ ٻڌائين ٿا، ٿن تان شل آءٌ ٻلهار وڃان! من به تڏهن (انهيءَ سچي نام روپي شراب سان) مست سمجهڻ گهرجي، جڏهين سروپ ۾ سمائجي وڃي. [سرا=شراب؛ ٻاهرا=کانسواء؛ وکاڻهه=واکيان کن ٿا؛ کيوا=مست؛ محلي=سروپ.]

(٣) ناۤءُ نيرُ چَنگِئائِيئا، سَتُ پَرَمَلُ تَنِ واسُ

تا مُکُ هووِي اُجلا، لَکَ داتي اِڪَ دات

دُوکَ تِسيِ پَهِ آکِيئِهِ، سوُکَ جِسيِ هيِ پاسِ

نوٽ. شرابي نشي جي گرمي لاهڻ واسطي اشنان وغيره ڪندا آهن. صاحب فرمائين ٿا ته سچي شراب پيڻ کان پوء جگياسن کي هيٺين رهت رهڻ گهرجي.

اَرٿ - چگن ڪرمن روپي پاڻيءَ سان اشنان ڪرڻ گهرجي

پرشن جي کهڙي تعريف ڪجي، (سندن جهڙو) سندر ٻيو ڪير آهي؟ (يعني اهي ئي سڀ کان اُتم پرش آهن.) سري گورو نانڪ صاحب جن فرمائين ٿا ته (پرماتما جي ديا جي) نظر کان جيڪي پري آهن، تنجي پريتي لڪي دان (ڪرڻ ۾) لڳي ٿي لڪي نام جپڻ ۾ لڳي ٿي، يا اهي دان يعني پرماتما جي ڏنل پدارٿن ۾ رچي رهن ٿا پر نام ۾ نه ٿا رچن.

پرماڻ :- "دانِ پياري وسرئا داتارا"

[ڏنا سري محلا ٥ شبد (٢٢)]

[سئالهه = سندر، وڏندڙ؛ ڪاء = ڪهڙي يا ڪنهنکي؛ باهري = ٻاهر، خالي؛ راچهه = رتل آهن، پريت رکن ٿا.]

اٿانڪا - هيءُ شبد انهيءَ شخص کي چيل آهي جو مايا جي شراب آدڪ نشي ۾ قائل آهي:-

سري راڳ- محلا پهلا شبد (٥)

(١) اَمَلُ گلولا ڪوڙُ ڪا، دِتا ديوڻهار

مَتِي مرَڻُ وِسارِئا، خوشي ڪيتي دِنَ چارِ

سَچُ مِلِئا تِنَ صوفيئا، راکَڻَ ڪئُ دَروارُ

اَرٿ - پرماتما ڪوڙ روپي آفيم جي ڳوڙهي (جيو کي) ڏني آهي (يعني مايا آفيم جي گوليءَ وانگي آهي، جنهنجي نشي ۾ هيءُ جيو مست ٿي اَيمان ڪري ٿو.) (انهيءَ نشي ۾) مست ٿي (جيو) مرڻ به وساري ٿو ڇڏي؛ چئن ڏينهن جي خوشي ٿو ڪري. پر جن مايا روپي آفيم کان پاسو ڪيو آهي، تن صوفين (سنتن) کي سچ (نام) پراپت ٿيو آهي، انهيءَ لاءِ ته ست سنگ روپي دربار ۾ (سنگين اڳيان) رکن يعني انهن سان ونڊين، يا جن مايا روپي آفيم کان پاسو ڪيو آهي تنکي ايشور جي دربار ۾ رکڻ يعني اڌڪاري بنجڻ لاءِ سچ (نام) مليو آهي. [اَمل=آفيم؛ گلولا=ڳوڙهي؛ متي=

سري راگ، محلا پهلا شبد (٦)

(١) جالِ موهہ گهس مَسُ کَر، مَت کاگدُ کَرِ سار
پاۓ قَلَمَ کَر چتُ ليکاري ، گور پُچهِہ لکہ بيچارُ
لِکُہ نامُ، سالاهَہ لِکُہ، لِکُہ انتُ نہ پارا وارُ

اَرٿ - موهہ کي ساڙي گهي گهي مس کر ؛ سريشت بڌيءَ کي کاغذ کر، پريم کي قلم کر ؛ چت کي لکندڙ بناءِ ؛ گوروءَ کان پڇي (سندس) اُپديش لکہ. ست نام لکہ (اُنجي) مهما لکہ، ؛ لکہ تہ انجو نکو انت آهي نکو پار. [جال = جلائي، ساڙي ؛ گهس = گهي ؛ مت = بڌي ؛ سار = سريشت، شڌ ؛ بيچار = ويچار ؛ اُپديش ؛ پارا وار = حد، پار يعني پرين پر ؛ اوراڙ يعني اورين پر.]

بابا ايهُ ليکا لِکہ جاڻُ

جِتّي ليکا منگيئي، تِتّي هوءِ سَچا نيشاڻُ (اِک رَهاءُ)

اَرٿ - هي پنڊت جي! اِهوئي ليکو لکڻ سکجي. جتي (دربار) ۾ ليکو وٺندا، اُتي (اهوئي ليکو) سچو نشان ٿيندو (يعني پروانو ٿيندو، جنهنجي ڏيکارڻ سان ٽوکي اندر وڃڻ لاءِ روڪ نہ ٿيندي.) [نيشاڻ = پروانو، سند.]

(٢) جِتّي مِلِهِ وَڈِ ائِيئا، سَدَ خوشيئا سَدَ چاءُ
تِنَ مُکہ ٽِکي نِکلهِ، جِنَ مَنِ سَچا ناءُ
کَرمِ مِلي تا پائِيئي، نا هي گلي واءُ دُئاءُ

اَرٿ - جنهن دربار ۾ وڏايون ملن ٿيون ؛ سدائين خوشي ؛ آنند لڳي ٿو، اتي انهنجي منهن ۾ (جس روپي) تلڪ لڪري ٿو (يعني انهنکي وڏائي ملي ٿي)، جن جي من ۾ سچو نام آهي. (تہ اهڙو نام) جڏهين (پرماتما جي) ڪرپا ٿئي ٿي تڏهين پائجي ٿو، نہ تہ بيون ڳالهيون اجائي بکواد ڪرڻ آهي يعني نسڦل آهن.

۽ سچ بولڻ روپي چندن جي سڳنڌ بدن کي لائڻ گهرجي. ائين ڪرڻ سان ئي منهن ٻهڪندو. اِها (مٿين) هڪ دات (بخشش) ملي ته گويا لک دائيون مليون. (مطلب ته ست نام روپي شراب ۽ چڱاين روپي اشنان ۽ ست روپي چندن جنهڪي نصيب ٿيو، اُنکي گويا سڀڪجهه ملي چڪو.) دک به انهيءَ سان اورجن، جنهن وٽ ئي سک هجن يعني انهجو علاج هجي. [ناٰءِ = اِشنان ڪر؛ نير = پاڻي؛ پرمل = چندن؛ اُجلا = ٻهڪندڙ؛ آکيئهه = چئجن.]

(۴) سو ڪِئُہ مَنُهُہ وِساريَئِي جا ڪي جيئَہ پَراڻَ
تِس وِڻُ سَڀِ اَپَوِتُر هئي، جيتا پِهنَڻُ کاڻُ
هورِ گلا سَڀِ ڪُوڙِيئا، تُڌُ ڀاوئي پَرَواڻُ

اَرٿ- (تنهنڪري) اَهڙي (سک ڏيندڙ پرماتما) کي ڪيئن من مان وسارجي، جنهنجا جيءَ ۽ پراڻ ڏنل آهن. اهڙي (پرماتما جي نام جپڻ بنا) جيڪي ڀرجي ۽ کائجي ٿو، سو سڀ اپوتر يعني وٽرت آهي. ٻيون ڳالهيون سڀ ڪُوڙيون آهن، جيڪا تو (پرماتما) کي وڻيتي سا ئي نيڪ آهي. [وڻ = کان سواءِ؛ پرواڻ = قبول، نيڪ؛ گلا = ڳالهيون.]

اٿانڪا- هيءُ شبد صاحبن پنڊت برجناٿ کي چيو آهي، جڏهين اُنجي پاٺشالا ۾ پڙهڻ ويندا هئا. هڪ ڏينهن صاحب سن ۾ هئا. پنڊت پڇيو ته "اَبا، تون ڇو نه ٿو پڙهين؟" تنهنتي صاحبن چيو ته "پنڊت جي، اوهين مونکي ڇا پاڙهيندا ۽ سيکاريندا؟" پنڊت جواب ڏنو ته "مان سيڪي جاڻان. ويد، شاستر، جوتش ۽ ليکي چوکي جو حساب مان بلڪل چڱيءَ طرح جاڻان." صاحبن چيو ته انهيءَ وديا جي مونکي لوڙ ڪانهي. "اوهين اُها وديا سيکاريو، جا پرلوڪ ۾ سک دائڪ ٿئي." ائين چئي صاحبن هي سندر شبد اُچاريو:-

کي پوُرن سنت سمجهي پيري پيو ۽ چيائين ته ”سائين، جهين وڏيو لئين ڪريو. منهنجا سيڪاريندڙ اوهين سوُنهون.“

اُٿانڪا:- هڪ دفعي سري گورو نانڪ ديوجن ۽ ڀائي مردانو رٽن ڪندا تلونديءَ آيا. ڀائي مردانو ڳوٺ ۾ ويو ۽ وڃي پنهنجن مٽن مائٽن سان گڏيو، پر صاحب ڳوٺ جي ٻاهران ترسيا. جڏهين پتا ڪالو ۽ ماتا ترپتا کي خبر پيئي ته صاحب آيا آهن تڏهين وٽن آيا ۽ ماتا ترپتا جو سنيون منايون ۽ نوان وستر صاحبن لاءِ ڪٺي آئي هئي، سو صاحبن کي چيائين ته ”پٽ، تون فقيراڻو لباس لاهي هي نوان وستر پاءِ ۽ هي منايون کاءُ.“ پتا ڪالوُ چوڻ لڳو ته ”پٽ تو گهڻو وقت مسافري ڪئي آهي. هاڻي ڪجهه وقت هلي آرام ڪر ۽ اسانسان گهر ۾ گذار. هي گهوڙو به تنهنجي لاءِ وٺي آيا آهيون، تنهن تي تون چڙهي هل.“ صاحبن اُنهيءَ موقعي تي هيءُ ويراڳ جو شبد اُچارڻ ڪيو:-

سري راڳ محلا پهلا شبد (٧)

(١) سَڀِ رَسَ مِٺي مَنِئِيءِ، سُڻِئِيءِ سالوڻي

کَتَ تُرُشي مُکِه بولَڻا، مارَڻَ نادَ ڪيئِي

چَتبِهَه اَمِرتَ ڀاءُ ايڪُ، جا ڪَنُه نَدَرِ ڪَريئه

بابا هورُ کاڻا خوشي خُوارُ

جِتُ کاڌيَ تَنُ پيڙيئِي، مَنَ مَهِ چَلَهِ وِڪارَ (اِڪ رهاءُ)

اَرٿ:- (هي پريو! تنهنجو نام) مڃڻ سيني ۾ مٺو رس آهي ۽ (تنهنجو نام) سڻڻ سلوڻو رس آهي. (تنهنجي واڻي) مک سان بولڻ کٽو رس آهي ۽ (تنهنجا گڻ) ڳائڻ مصالحه دار رس ڪيو اٿم. (تو) هڪڙي ۾ پريم رکڻ گويا ڇٽيهن پرڪارن جو ڀوڄن (کائڻ) آهي. (پر) جنهن تي (تون پنهنجي) ڪرپا ڪرين ٿو (تنهنکي ئي اهو ڀوڄن ملي ٿو). بابا، ٻئي کاڌي مان مزو اچڻ گويا خواري آهي. جنهن

[چاءُ=آنند؛ ٽڪي=تلڪ؛ ڪرم=بخشش؛ واءُ د ٿاءُ=اَجايون]

(٣) اِڪِ آوهِ اِڪِ جاهِ اُٺِ، رَکيئَهِ ناوَ سلارَ

اِڪ اُپائي منگتي، اِڪنا وَڏي دَروارَ

اَ گَيِ گئئا جاڻِبئيِ، وِڻُ ناوئي ويڪارَ

اَرٿ - (نام کانسواءِ) هڪڙا پيا اچن يعني ڄمن ۽ هڪڙا پيا اُٿيو وڃن يعني مرن (پوءِ پل ته ڪٿي مٿن) سردارن جا نالا رکيل هجن. هڪڙن کي (پرماتما) منگتو ڪيو آهي (ته وري) هڪڙن کي وڏيون وڏيون درٻاريون يعني راجائي پدوي ڏني اٿس، (پر) اڳتي يعني پرلوڪ ۾ وڃڻ سان ڄاڻبو ته نام کانسواءِ (سڀ ڪجهه) اجايو آهي. [سلار=سردار؛ اَگيِ=اڳتي يعني پرلوڪ ۾؛ ويڪار=بيڪار، اجايو، نسقل.]

(٤) ڀِي تيرئِ ڏَرُ اَگلا کَپِ کَپِ ڇِجئِ ديهَ

ناوَ جنا سُلطانَ خان، هودي ڏِٺي کيهَ

نانَڪَ اُٿي چَلئا، سَڀِ ڪُوڙي ٽُٽي نيهَ

اَرٿ - (هي پرماتما) اسانجي هيءَ ديهه (وشين ۾) کپي کپي ڇڄدي ٿي وڃي؛ تنهنڪري تنهنجي (سزا جي) ڀوَ ڪري اسانکي ڏاڍو هراس وٺي ويو آهي. جن پنهنجا نالا سلطان ۽ خان رکايا، اهي ٻه اسانجي ڏٺي مٽي ٿي ويا. سري گورو نانڪ صاحب فرمائين ٿا ته اهي اٿي (هن دنيا مان) هليا ويا ۽ سڀ (ڪٽنب ۽ سنبندين جو) ڪوڙو نيهن ٽٽي وين. (مطلب ته ڪٽنب جو پريم ڪو انت ۾ سهائتا ڪانه ٿو ڪري؛ تنهنڪري ايشور جو پريم ٿي ڌارڻ گهرجي جو انت ويلي سهائتا ڪري ٿو). [اگلا=گهڻو؛ کيهه=مٽي؛ نيهه= نيهن، موهه.]

هي شبد ٻڌي پنڊت برجناٿ وسمئي ۾ پئجي ويو. صاحبن

جِتُ چڙِئي ڏَنُ ڀيڙِيئِي، مَنَ مَهِ چاهِ وِڪارَ (اِڪ رهاءُ)

اَرٿ - (هي پرماتما!) تنهنجي (پڳتيءَ روپي) وات جي سمجهه رکڻ گويا سونيءَ زين سان سنجيل گهوڙي جي سواري آهي. (چڱن) گڻن جي پنيان ڊوڪڻ يعني گرهڻ ڪرڻ گويا تيرن جي ٻٽي، ڪمان، ٻرڇي، ۽ ترار جو گاترو (جنهن ۾ مياڻ سوڌي تلوار وجهجي.) آهي. عزت سان (تنهنجي دربار ۾) پرگهٽ ٿيڻ گويا باجا ۽ نيزا (پاٽسان) ڪڍڻ آهي ۽ تنهنجي (مونتي) بخشش ئي منهنجي (اُتم) ذات آهي. بابا، ٻي سواريءَ مان مزو اچڻ (گويا) خواري آهي، جنهن سواريءَ مان (مورکو) تن ۾ پيڙا ٿئي ٿي ۽ من ۾ وڪار جاڳن ٿا. [پاکر = پاکڙو، زين؛ سئني ساخت = سون سان جڙيل؛ ترڪش = ٻٽي، تيردان؛ سانگ = ٻرڇي، ڀالو؛ تيغ بند = گاترو جنهن ۾ مياڻ سوڌي ترار وجهجي؛ ذات = ڊوڪڻ؛ نيزا = ڀالا؛ ڪرم = بخشش.]

(٤) گهَرَ مَندَرَ خوشي نامَ ڪي، نَدرِ تيري پَرَوارُ

حُڪُمُ سوئي تُڌُ ڀاوَسي، هورُ آکَڻُ بهُتُ اَپارُ

نانَڪَ سَچا پاتِشاهُ، پُوڇِ نه ڪَري بيچارُ

بابا هورُ سَئُتا خوشي خُوارُ

جِتُ سُتئِي ڏَنُ ڀيڙِيئِي، مَنَ مَهِ چاهِ وِڪارَ (اِڪ رَهاءُ)

اَرٿ - (هي پرماتما! تنهنجي) نام (جپڻ) جي خوشي (منهنجي لاءِ) گهر ۽ مندر آهي، ۽ تنهنجي مهر جي نظر (منهنجي لاءِ) ڪٽنب آهي. جيڪي توکي وڻي سوئي (منهنجي لاءِ) حڪم يا قاعدو آهي، ٻيو وڌيڪ ٻولڻ بي الفضول يعني اجايو آهي (يعني ٻئي حڪم ڪرڻ مان ڇا ورندو؟) گورونانڪ صاحب جن پرماتما کي چون ٿا ته هي سچا پاتشاه، (تون ڪنهن کان صلاح) پڇي ويچار ڪونه ٿو ڪرين. (مطلب ته تون سرو شڪتيوان آهين؛

ڪائڻ مان (مورکو) تن ۾ پيڙا ٿئي ٿي ۽ من ۾ وڪار جاڳن ٿا. [منڻيءَ= منڻ يعني نام ۾ نسچو رکڻ. پڳنيءَ جا (٣) ڏاڪا آهن: (١) سروڻ يعني پرماتما جو نالو پريم سان ٻڌڻ، (٢) منڻ يعني پرماتما جي نالي ۾ نسچو رکڻ ۽ (٣) نڌياسن يعني نام ۾ محو ٿي وڃڻ؛ سالوڻي= سلوڻو، چهرو؛ ترشي=ڪٽو؛ مارڻ=مصالحه؛ ناد=راڳ، شبد؛ ڪت=ڪٽو.]

(٢) رَتا پَئنڻُ مَنُ رَتا، سُپيدي سَتُ دانُ

نيلي سِئاهي ڪَدا ڪَرڻي، پهِرَڻُ پيرَ ڌِيانُ

ڪَمَرَ بَندُ سنتوکَ ڪا، ڌَنُ جوبَنُ تيرا نامُ

بابا هورُ پئنڻُ خوشي خُوارُ

جِتُ پَئِڌَيُ تَنَ پيڙِيئِي، مَنَ مَهِ چَلَهِ وِڪارَ (اِڪ رهاءُ)

اَرٿ:- (هي پرماتما! تنهنجي پريم ۾) من رڱڻ گويا ڳاڙهي پوشاڪ پهرڻ آهي ۽ سچو (نام جو) دان آهي اڇي پوشاڪ پهرڻ. (من جي پاپن روپي) ڪاراڻ کي دور ڪرڻ گويا نيري پوشاڪ آهي ۽ (تنهنجي) چرنن جو ڌيان ڪرڻ (منهنجي لاءِ) وڏو پهراڻ آهي. ڪمر بند سنتوک روپي (اٿم) ۽ (منهنجو) ڌن ۽ جوڀن سڀ تنهنجو نام ئي آهي. بابا ٻئي پهرڻ مان مزو اچڻ (گويا) خواري آهي، جنهن پهرڻ ڪري (مورکو) تن ۾ پيڙا ٿئي ٿي ۽ من ۾ وڪار جاڳن ٿا. [رتا= ڳاڙهي؛ پئنڻ= پوشاڪ؛ سپيدي=سفيد يعني اڇي پوشاڪ؛ سئاهي= (پاپن روپي) ڪاراڻ؛ ڪدا ڪرڻي = دور ڪرڻي؛ پهرڻ=وڏو پهراڻ؛ پئڌي= پهرڻ ڪري.]

(٣) گهوڙي پاکَر سُئني ساختَ، بوُجهَڻُ تيري واٽَ

تَرڪَش تيرَ ڪَماڻَ سانگَ، تيغَ بَنڌَ گُڻَ ڌاتُ

واجا نيزا پَتِ سِئُ پَرگَٽُ، ڪَرَمُ تيرا ميري ذاتِ

بابا هورُ چڙنا خوشي خوارُ

تلڪ؛ گهٽ = هردو؛ مت = بڌي (گيان واري)؛ وگاس = سوجهرو، پرڪاش؛ اُلمتي = انهيءَ بڌيءَ سان؛ تاس = سمند، خزانو، ڀنڊار.]

بابا هورَ مَتِ هورَ هورَ
جي سَؤ ويرَ ڪَمائِبئِي، ڪوُڙِيُ ڪُوڙا زورُ
(اِڪ رَهاءُ)

اَرٿ - هي ڀائي، ٻي جيڪا بڌي آهي، سا ٻين ٻين (پاسن) لڳائڻ واري آهي (يعني پرميشور کان ٻي مک ڪندڙ آهي). (اهڙي مت ڌاريندڙ پرش) جي سؤ ڀيرا ڪمايون ڪٽي ڪن، يعني سوين ساڌن ڪٽي ڪن، ته به انهن ڪوُڙن پرشن جو زور ڪوڙو آهي يعني منجهائنس ڪجهه ورٿو نه آهي. [هور = ٻي، ٻيو؛ وير = ڀيرو.]

(۲) پوُجَه لَڳي پِيرُ آکِيئِي، سَڀُ مِلِي سنسارُ
ناءُ سَدائي آپڻا، هووئي سِڌُ شُمارُ
جا پَتِ ليکي نا پَوي، سَڀا پُوجَه خُوارُ

اَرٿ - (ڪٽي لوڪ سندن) پوڄا ڪي لڳن ۽ (کين) پير ڪري ڪوٺين ۽ سارو سنسار اچي ساڻن ملي (يعني سندن نيازمند ٿي ويهي)؛ هو پنهنجو نالو ڪٽي (وڏو) رکائين ۽ سڌن جي ڳاڻاٽي ۾ اچن، پر جا وڏائي ليکي ۾ نٿي اچي يعني پرميسر جي دربار ۾ قبول نٿي پوي، (سا اجائي آهي) ۽ سموري پوڄا (جا سندن ٿئي ٿي سا گويا) خواري آهي. [آکيئِي = سڏين، ڪوٺين؛ پت = عزت، وڏائي.]

(۳) جِنَ ڪَئِهُ سَتِگُورِ ٿاپِئا، تِنَ ميٽِ نه سَڪي ڪوءِ
اونا اندرِ نامُ نِڌانُ هيِ، نامو پرگَٽُ هوءِ
ناءُ پوُجيئِي ناءُ مَنيِئي، اَکَنڊُ سَدا سَچُه سوءِ

اَرٿ - جن (گورمکن) کي سٽگور ٿاپيو آهي يعني (لڄ

توکي کنهن ٻئي جي صلاح مصلحت جي درکار نہ آهي يعني تون بي وزير بادشاه آهين.) بابا، ٻئي سمهڻ مان مزو اچڻ (گويا) خواري آهي، جنهن سمهڻ مان (مورڳو) تن ۾ پيڙا ٿئي ٿي؛ من ۾ وڪار جاڳن ٿا. [پروار = ڪٽنب؛ پاوسي = وٺي ٿو؛ بهت = گهڻو؛ اَپار = بيحد.]

اُٿانڪا - هڪ دفعي شيخ بوهم صاحبن کان پڇيو تہ سائين ديا پالي گورمکن جا لڇڻ ورنن ڪريو. تنهنتي صاحبن هيءُ شبد اُچاريو، جنهن ۾ هڪڙي پد ۾ گورمکن جي مهما تہ ٻئي ۾ منمکن جي دردشا ڏيکاري اٿن.

سري راڳ محلا پهلا شبد (۸)

(۱) ڪُنڱُوُ ڪي ڪانئيا رَتنا ڪي لَلِتا، اَگرِواسُ تَنِ ساسُ

اَٺَ سَٺِ تيرَٿَ ڪا مُکِہ ٽِڪا، تِتُ گهَٽِ مَتِ وِگاسُ

اوت متي سالهَٽا، سَچُہ نامُ گُڻَ تاسُ

اَرٿ - (گورمکن جو) سرير (سندن سريشت ڪرمن ڪري) ڪيسر وانگي پوتر آهي، (انهنجي) زبان (پرميسر سان ملائيندڙ اَمولڪ وچن اُچارڻ ڪري) رتن موافق آهي؛ (انهنجي) تن مان جيڪو سواس ٻاهر نڪري ٿو، سو چندن جي خوشبوءِ وانگي آهي؛ (چاڪاڻ تہ منجهس نام جي خوشبوءِ آهي). (انهنجي) منهن ۾ اٺهٺ تيرٿن جا تلڪ پيا ٻکن، (جو جو) انهنجي هردي ۾ (گيان واريءَ) بُدِيءَ جو پرڪاش آهي. اهڙيءَ (پرڪاشوان) بُديءَ سان اهي ست نام جي ساراه ڪن ٿا، جو گڻن جو ڀنڊار آهي. [ڪنگو= هڪڙي قسم ڳاڙهو رنگ، ڪيسر؛ للتا = زبان؛ ٽڪا =

نا ٻيڙي نا تُلهڙا، نا پائيبئي پرُ دوُرِ

اَرٿ- (جيڪي) گڻوان پرش (آهن، سي پرماتما جي) گڻن جو ڪٿن ڪن ٿا ۽ (جيڪي) اؤگڻي پرش (آهن، سي پنهنجن وڪارن ۾) جهرندا پُرندا ٿا وڃن يعني دکي ٿين ٿا؛ (ٺنهنڪري هي جگياسو روپي) استري جي چاهين ته توکي (پرماتما روپي) گهوٽ ملي ته (سچ کي دل ۾ ڌار، ڇو جو) پرين (پرماتما) ڪوڙ سان ڪين ملندو (يعني گوروءَ جي اُپديش کانسواءِ ٻيا جيڪي اُپاءَ آهن، سي ڪوڙا آهن؛ ڇو ته انهن دوارا مالڪ ڪونه ملي.) (پرتو وت) نڪا آهي ٻيڙي (ترشنا روپي ندي پار لنگهڻ لاءِ) نڪو آهي تُرهو، (پوءِ تون) پرين (پرماتما جو توکان) دور آهي، (ٺنهنڪري) ڪين پائي سگهندينءَ. [ويٿريءَ = وستار ڪن ٿا يعني ڪٿن ڪن ٿا؛ جهور = جهرندا يعني مها دکي ٿيندا؛ لوڙهه = چاهين؛ ڪامڻي = استري؛ پر = پرين يا پيارو پرماتما.]

ميري ٺاڪُرَ پوُرئَ تخَتِ اَڏولُ

گورَمِکهُ پورا جي ڪري، پائيِئي ساچُ اَٽولُ

(اِڪ رهاءُ)

اَرٿ- منهنجو ٺاڪر (پنهنجي) پورن تخت تي (يعني اُچ سروپ ۾) اَڏول ليو وينو آهي، ۽ جيڪڏهن پورن گورو پنهنجي مکه سان (جيو کي اُپديش) ڪري ته پوءِ هو سچي ۽ بي اَنت مالڪ کي پائي سگهندو. [اَڏول=ڏلائمان ٿيڻ کان مٿي؛ اَٽول= تور کان مٿي يعني جنهنجي ماپ ڪري نه سگهجي.]

(٢) پريِ هرِ مندرُ سوهڻا، تسُ مهِ ماڻَڪَ لعَلَ

موتي هيرا نِرمَلا، ڪنچنَ ڪوٽَ رِيسالَ

بنُ پؤڙي گڙِ ڪيُه چڙَءُ گورَ هرِ ڌيانَ نِهالَ

اَرٿ- هي پائي، (مالڪا ڏيهيءَ روپي) هريءَ جو مندر

سروپ ۾) اِستر ڪيو آهي، تنکي (انهي استان کان) ڪوبه دور ڪري نه سگهندو؛ (ڇو جو) انهنجي اندر ۾ نام جو خزانو آهي؛ نام ڪري ئي اهي ۾ پرگهٽ يعني مشهور ٿين ٿا. اهي نام کي پوڄين ٿا ۽ مڃين ٿا. اهي، ناس رهت سدئو جيڪو سچو پرماتما آهي، تنهنجا روپ ٿين ٿا. [ٿاپِئا=اِستاپت يا اِستر ڪيو؛ ميٽ = ڊاهڻ، ڪيرائڻ، دور ڪرڻ؛ ڀنڊار = خزانو؛ اَڪنڊ = ڪنڊن يعني ناس ٿيڻ کان مٿي، اِستت؛ سوءِ = اهو.]

(٣) ڪيهوُ ڪيهَ رَلائيئي، ٿا جيمُ ڪيها هوءِ
جَليئا سَڀِ سِئاٽيا، اُٺي چَلئا روءِ
نانڪ نام وسارئي، دَرِ گَئِئا ڪئا هوءِ

اَرٿ- (مرڻ وقت جڏهن) سرير روپي مٽي، مٽيءَ سان گڏجي ويندي، تڏهن (منمک) جيون جو ڪهڙو حال ٿيندو؟ (انهجون سڀ سياٽيون سڙي جلي وينديون يعني نسڦل ٿينديون) ۽ اهي (دنيا مان) اٿي روئندا ويندا. سري گورو نانڪ صاحب فرمائين ٿا ته جيڪي نام کي وسارين ٿا، سي جڏهن (پرماتما جي) درگاه ۾ ويندا، تڏهن سندن ڪهڙو حال ٿيندو؟ يعني منمکن جو ڪهڙو حال ٿيندو؟ [ڪيهو=مٽيءَ سان؛ ڪيه = (سرير روپي) مٽي؛ رلائيئيءَ=ملائي يا گڏجي ويندي؛ در=درگاه.]

اٿانڪا- هڪ شخص پريما نالي صاحبن کان پڇيو ته سائين، پرماتما ڪٿي رهي ٿو؟ ڪهڙي حالت ۾ رهي ٿو ۽ هو ڪيئن پراپت ٿي سگهندو؟ تنهنتي صاحب هيءُ شبد اُچاريو:-

سري راڳ محلا پهلا شبد (٩)

(١) ڪُٿُونَتي گُڻَ ويٿري، اُوَ ڪُٿُونَتي جهورُ
جي لوڙهِ وَرُ ڪامَٽي، نَهَ مِليئي پِرَ ڪُورِ

أرٿ - (اهڙي) پورن (گوروءَ) کي ئي پورو چوڻ گهرجي، (جنهنجو) پورن تخت تي (يعني نج سروپ ۾) واسو آهي ۽ (جو انهي) پورن استان ۾ بلڪل سوڀيڪ ٿو لڳي ۽ جگياسوءَ کي آسائن کان نراس ڪري ٿو (يعني انهن جون خواهشون ميٽي ڇڏي ٿو) (يا نراسين جون آسون پورن ڪري ٿو.) سري گورو نانڪ صاحب فرمائين ٿا ته جيڪڏهن (ڪنهن جگياسوءَ کي اهڙو) پورن (ستگورو) نصيب ٿئي ته (پوءِ) انهي (جگياسوءَ) جا گڻ ڪيئن گهٽبا يعني پيا وڌندا. [پورو = پورن؛ نواس = واسو ڪرڻ، رهڻ؛ سهاوڻي = سوڀائمان ٿيڻ؛ تاس = انهي جا يعني جگياسوءَ جا.]

اٿانڪا - هڪڙي دفعي سري گورو نانڪ ديو جن، شيخ ابراهيم جو شيخ فريد صاحب جن جي نائين پيڙهي گادي نشين هو، تنهکي گڏيا ۽ خوشيءَ وچون هيءُ پريم جو شبد اُچاريائون:-

سري راڳ محلا پهلا شبد (١٠)

(١) آوَهُ ڀئڻي گل مِلهُ، اَنْڪ سَهيلَڙِيئاهُ
مِلڪي ڪَرهَ ڪهاڻيئا، سَمرٿ ڪَنت ڪِيئاهُ
ساچي صاحِبَ سَبِ گُڻَ، اؤگڻ سَبِ اَساهَ

أرٿ - هي ڀينرون، هي جيءَ سان جڙڻ جهڙيون ساهيڙيون، اَچي اسانجي گلي سان ملو ته ملي ڪري (پنهنجي) سمرٿ (پرماتما) گهوٽ جون ڳالهيون ڪريون، (جنهن) سچي صاحب ۾ (ئي) سڀ گڻ آهن، (باقي) اسان (جيون) ۾ ته مڙيئي اوگڻ (ئي) آهن. [گل = ڳچي سان يعني ياڪر پائي؛ اَنڪ = ڇاتي؛ سهيلڙيئاهُ = ساهيڙيون؛ اَنڪ سهيلڙيئاهُ = ڇاتي جون ساهيڙيون يعني ڇاتي ۾ سالڻ جهڙيون ساهيڙيون؛ ڪهاڻيئا = ڳالهيون، ڪهاڻيون؛ ڪنت = گهوٽ؛ ڪيئاهُ = جون، سنديون؛ اساهُ = اسان ۾.]

مها سندر آهي، انهي منجهه (منڻ روپي) ماڻڪ ۽ (پريم روپي) لعل ۽ (وبراڳ روپي) موتي ۽ (گيان روپي) مها پوتر هيرا آهن. سرير روپي سونو قلعو بلڪل سندر آهي (يعني جيئن سون سڀني ڌاتن ۾ سريشٽ آهي، تيئن مانکا سرير سڀني سريرن ۾ سريشٽ آهي). (پر گوروءَ جي اپديش روپي) ڏاڪڻ کان سواءِ (انهي قلعي تي ڪيئن چڙهي سگهبو؟) (جي) گوروءَ (جي اپديش دواران) هريءَ جو ڌيان ڪبو ته انهي قلعي ۾ ئي ڪيس ڏسي سگهبو (يا ڪيس پائي) نهال يعني مڪت ٿبو. [نرملا = ميل کان خالي يعني پوتر؛ ڪنچن = سون؛ ڪوٽ = قلعو؛ ريسال = رس يعني آنند جو آليه معنيٰ گهر، آنند وارو، سريشٽ، سندر؛ پؤڙي = ڏاڪڻ، گڙ = گڙهه، قلعو؛ نهال = (١) ڏسڻ، (٢) نهال يعني مڪت.]

(٣) گورُ پؤڙي، بيڙي گوروُ، گورُ تُلها هَرِناءُ

گورُ سَرُ ساگَرُ بوهِٿو، گورُ تيرٿُ دريئاءُ

جي تِس ڀاوئي اوُجلي، سَتَ سَرِ ناوڻُ جاءُ

اَرٿ - (انهيءَ قلعي تي چڙهڻ لاءِ) گوروئي ڏاڪڻ آهي، (ترشنا روپي ندي ترڻ لاءِ) گوروئي بيڙي آهي ۽ گوروئي هري نام روپي ترهو آهي ۽ گوروئي (سنسار) ساگر ۾ جهاز جي برابر آهي ۽ گوروئي وڏو تيرٿ آهي. جي الهي (پرماتما) کي وڻي ته جيو (اهڙي) سريشٽ تلاءَ (روپي گوروءَ) ۾ اشنان ڪري (يعني سندس اپديش گرهڻ ڪري) پوتر ٿئي. [سر = برابر؛ بوهٿو = جهاز؛ دريئاءُ = وڏو؛ اوجلي = نرمل، پوتر، چلڪندڙ؛ ست = سچي، سريشٽ، پورن؛ سر = تلاءُ؛ ناوڻ = اشنان ڪرڻ.]

(٤) پوُرو پوُرو آکيئي، پوُرئي تخت نواسَ

پوُرئي ٿانِ سُهاوڻئي، پوُرئي آسَ نِراسَ

نانَڪَ پوُرا جي مِلي، ڪِئُ گهاٽي گُڻَ تاسَ.

رنگ (بنايل) آهن ۽ ڪئين (تنهنجون) اُتم ۽ نيچ ذاتيون (اپايل) آهن. [صفت = ساراهه، استت؛ ڪيوڏ = ڪيڏي وڏي؛ دات = بخشش؛ مهر؛ ذات = اُتم ذات؛ اَذات = نيچ ذات.]

(٣) سَچُه مِلي سَچُه اوُپجي، سچه مَهِ ساچه سَماءِ
سُرَتِ هوويُ پتِ اوُ گوئِ، گوَرَ بَچَني پؤ ڪاءِ
نانڪ سَچا پاتشاهُ، آپي لَئي مِلاءِ.

اَرت - (اَهڙي) سچي (پرماتما) منجهه جيو تڏهن سمائبو، جڏهن سچو (گورو) حاصل ڪري ڪانئس سچو (گيان) پائي (جيوُ) سچو ٿئي، ۽ (جڏهن) گوروءَ جي اُپديش دواران (جيو جم جو) ڀؤ ڪائي ٿو ڇڏي يعني نورت ٿو ڪري، (تڏهن) آتما سروپ (جي سمجهه ڪيس) پراپت ٿئي ٿي، (جنهنڪري لوڪ پرلوڪ ۾ سندس) عزت ٿئي ٿي. سري گورو نانڪ صاحب جن فرمائين ٿا ته پوءِ (پرماتما) سچو پاتشاه (اهڙي جيو کي) پاڻيهي پاڻ سان ملائي ڇڏي ٿو. [ساچ= سچو ٿي، اوُگوئِ = پيدا ٿئي ٿي؛ بچني = وچن يعني اُپديش دواران.]

هن شبد ۾ گورو صاحب گورمکن جي سندر دشا جو ورنن ڪن. اِهو شبد صاحبن گورمکن جي مک ۾ وڌو آهي، ۽ ان شبد ۾ ايشور پراپتيءَ جي وات جو ڪٿن آهي.

سري راڳ محلا پهلا شبد (١١)

(١) پَلي سَري جِ اُبري، هؤمي مُئي گهراهُ
دوُتَ لگي ڦِرِ چاڪري، سَتِگورَ ڪا ويساهُ
ڪَلپَ تِياگي بادِهي، سَچا ويپَرواهُ

اَرت :- (اَسانجي) چڱي لبهي آئي، جو (اَسانجي هڏي اوگڻن

ڪَرتا سَڀُڪو تيريٖ زورِ
ايڪُ شبدُ بيچاريئي، جا تُون ناڪِئا هور (اِڪ رَهاءُ)

اَرٿ - هي ڪرتار، سڀڪو تنهنجي زور (آسري) تي (هلي ٿو) ۽ (گوروءَ جي) اُپديش دواران (جيڪڏهن) هڪڙي (تنهنجو) ويچار ڪبو (تہ تون پراپت ٿيندين) ۽ جڏهن تون (پراپت ٿئين) تہ پوءِ ٻئي ڪهڙي (پدارٿ جي لوڙ رهندي)؟ [هور = ٻيو.]

نوٽ:- الي شيخ اِبراهيم صاحب کان پڇيو تہ سائين، اهڙو سمرٿ گهوٽ ڪيئن پائي سگهبو؟ تنهنتي صاحبن هينيون اُترڏنو:-

(۲) جاءِ پُڇهُ سوهاگڻي، تُسي راوِئا ڪِني گُڻي
سَهَجِ سنتوکِ سيِنگاريِئا، مِٺا بولڻي
پِرُ ريِسالوُ تا مِلي، جا گور ڪا شبدُ سُڻي

اَرٿ - (اوهين) وڃي سهاڳڻين (سنتن) کان پڇو تہ اوهان ڪهڙن گڻن ڪري (پرماتما گهوٽ) ماڻيو آهي. (سهاڳڻيون جواب ڏينديون تہ) اسان پاڪي گيان، سنتوکہ ۽ مٺن وچنن (روپي مٽين) سان سينگاريو آهي (۽ پوءِ) جڏهن گوروءَ جو اُپديش ٻڌوسين، تڏهن مها سونيڪ پرين (پرماتما) اچي اسان سان مليو. [تسي = توهان ۽ راوئا = ماڻيو آهي ۽ سهج = گيان. رِسالوُ = سڌ ڪرڻ لائق، سندر.]

(۳) ڪيتيِئا تيريِئا قُدرتي، ڪيوڏُ تيري داتِ
ڪيتي تيري جيِئَ جَنت، صِفتِ ڪَرهِ دِنُ راتِ
ڪيتي تيري روپ رنگَ، ڪيتي ذاتِ اَ ذاتِ

اَرٿ - هي پرماتما! ڪيئين تنهنجون قدرتون آهن ۽ ڪيڏي وڏي تنهنجي دات آهي، ۽ ڪيئين تنهنجا جيو جنت آهن، جي ڏينهن رات (تنهنجي) استت پيا ڪن، ۽ ڪيئين تنهنجا روپ ۽

اَرٿ:- جڳت جي رچنا سپني وانگر آهي ۽ (بازيگر جي) بازيءَ مثل آهي، اهو (جڳت جو) کيل کن ۾ ناس ٿيڻ وارو آهي. سنجوڳي پرش يعني جي پرش پرماتما يا ست پرشن سان ميلاپ جو چاهه رکندڙ آهن، اهي پرماتما سان هڪ روپ ٿين ٿا ۽ ونجوڳي پرش يعني جن جو ايشور يا سنتن سان پريم نه آهي، اهي مري جمن ٿا يعني بارنبار جنم مرڻ جي چڪر ۾ اَچن ٿا. جيڪي انهي (پرماتما) کي وڻي ٿو سوئي ٿئي ٿو، ٻيو ڪجهه اسين ڪري نه سگهنداسين. [کيلاءِ=ناس ٿيڻ وارو؛ ات=(هن دنيا مان) اٿي يعني مري؛ جاءِ=(١) وڃن ٿا (٢) جمن ٿا؛ اَور=ٻيو.]

نوٽ:- هڪ پيارو ”کن مهه کيل کيلاءِ“ جو ارٿ ڪري ٿو ته ٻيو کن کن ۾ پنهنجا کيل کيلائي ٿو.

(٤) گورَمُکِہ وَسَتُ ويساهيئَي، سَچُہ وکَرُ سَچُہ راسِ

جِني سَچُہ وَڻجِئا، گور پوري شاباسِ

نانڪ وَسَتُ پڇاڻَسي، سچُہ سؤدا جِسُ پاسِ.

اَرٿ:- گورمکہ جيو (نام روپي) وستر خريد ڪن ٿا، انهنجو (نام روپي) وکر سچو آهي ۽ انهنجي (شردا روپي) موڙي به سچي آهي. جن پوري گوروءَ جي اپديش وٺڻ سان سچ جو واپار ڪيو آهي، سي ڌنيواد جا لائق آهن. سري گورو نانڪ صاحب فرمائين ٿا ته جن وٽ سچي نام جو سؤدو آهي، تنهجي وستو درگاهه ۾ سڃاڻڻ ۾ ايندي (يعني انهنجي وستوءَ جو قدر درگاهه ۾ ٿيندو.) [وست=وکر، وڻج؛ ويساهيئي=خريد ڪن ٿا؛ راس=پونجي، موڙي؛ پڇاڻسي=سڃاڻڻ ۾ ايندو يعني پورو پورو قدر يا ملهه سڃاتو ويندو؛ پاس=وٽ؛ سؤدا=وکر، وڻج.]

اُٿانڪا:- ايتري سمجهه ۾ اچي ٿو ته اڳئين شبد ۾ جو سِکَ مَتِ ڏِني وئي آهي ۽ گوروءَ جي لوڙ ڏسيل آهي، تنهتي ڪنهن ڪرم ڪانڊيءَ سوال ڪيو ته جيڪي پنهنجي مُنهن ڪرم ڪجن ٿا تن دواران پرماتما جي پراپتي نه ٿيندي ڇا؟ تنهنجي جواب ۾ صاحب

ڪان ٻچي ويئي، ۽ هومئ (اسانجي) اندر مان مري ويئي، ۽ ستگوروء ۾ ويساهه رکڻ ڪري (ڪام) آدڪ دوُت ڦري اَسانجي چاڪري ڪرڻ لڳا، (ياو- جي اسانتي اڳي غالب هئا، سي ڦري اسانجي وس ٿيا)، ۽ من جون ڪلپنائون جي وئرت آهن سي (اَسان) تياڳيون، ۽ سچو بي پرواهه هري سڀ ۾ نسچي ڪري وياپڪ جاتوسين. [پلي سري= چڱي گذري، چڱي نبهي آئي؛ ابري=ٻچي پيئي؛ گهراهه=گهريا هردي منجهان؛ ڦر=وري، ڦري؛ ويساهه=نسچو؛ ڪلپ=ڪلپنائون، ڦرنا؛ باد=واءُ يعني وئرت يا اجايون.]

مَنَ ري سَچهِ مِلِي پڻؤ جاءِ

پيِئ بِنْ نِـرَيَـؤ ڪِمَہ ٿيِئِي، گورَمُـکِہ سَبَدِ سَماءِ

(اِڪ رهاءُ)

اَرت:- هي من، ستنام جي ملڻ ڪري ئي (ڪال آدڪ جو) ڀؤ وڃي ٿو هليو. (پرماتما جي) ڀؤ ڪانسواءِ ڪيئن (جنم مرڻ ڪان) ٻي ڏيو ٿبو؟ (جڏهن) گوروءَ جي مکہ مان اچاريل اپديش (هردي ۾) سمائبو يعني ٽڪينديو، (تڏهن ايشور جو ڀؤ جاڳندو ۽ پوءِ ٻي ڏيو ٿبو). [گورمکہ=گوروءَ جي مکہ مان نڪتل.]

(٢) ڪيتا آکڻُ آکيئِي، آکڻِ توٽ نہ هوءِ

منـگڻِ والي ڪيتَري، داتا ايڪو سوءِ

جِسَڪي جِيئہ پراڻَ هيِي، مَنِ وَسِئِي سکہ هوءِ

اَرت :- (اَهڙي واهگوروءَ جو) ڪيترو ٻہ جس ڪٿي ڳائجي، (تہ ٻہ) الهي جس جو اَنت ئي ڪونهي، اهوئي هڪڙو داتار آهي (جنهنکان) منگڻ وارا انيڪ آهن، ۽ جنهنجا جيئہ ۽ پران ڏنل آهن، (اَهڙو پرماتما جڏهن) من ۾ وسي ٿو (تڏهن) سکہ ٿئي ٿو. [آکڻ= جس؛ آکيئي=چئجي يعني ڳائجي؛ توٽ=کوٽ، ڇيهڙي، اَنت؛ سوء= سوئِي، اهوئِي.]

(٣) جَـگُ سُپَنا بازِي بَنِي، کِنَ مَهِ کيلُ کيلاءِ

سنـجوگِي مِلِ ايڪ سي، وِجوگِي اُٺ جاءِ

جو تِسُ ڀاڻا سو ٿيِئِي، اَوَرُ نہ ڪَرڻا جاءِ

سَچِہ کَرَڻِي دي پائِيئِي، دَرُ گهرُ مَحَلُ پيارِ
گورَمُکِہ مَنُ سَمَجهائِيئِي، آتَمَ رام بيچارِ

اَرٿ- (اُهڙي ساڌ سنگت) اوچو استان آهي ۽ سوڀيڪ آهي، تنهنجي مٿان پرماتما جو محل آهي يعني ست سنگہ دئاران ئي سروپ ۾ اِيءَ ئي سگهجي ٿو. (پر) سچيءَ ڪمائيءَ ڪرڻ سان ئي (اُهڙو ست سنگہ) پائجي ٿو، (جنهن ڪري) پنهنجي هردي جي اندر سروپ سان پيار جاڳي ٿو. ۽ (پوءِ اهڙو گورمکہ جيو) پنهنجي من کي سمجهائي ٿو تہ (ٻيا ويچار ڇڏي ڪيول) آتم رام جو ويچار ڪجي. [سهاوڻا = سندر، سوڀيڪ؛ مرار = مر نالي دئت جو اُر معني دشمن، اِهو سري ڪرشن مهراج جو نالو آهي، جو نالو صاحب اَڪال پرکہ سان لڳايو آهي؛ در = اَندر؛ گهر = هردي روپي گهر.]

(٣) ترِبِڌِ ڪَرمَ ڪمائِيئِي، آسَ اَنديشا هوءِ
ڪِءُ گورَ بِنُ تِرڪُٽي ڇُٽسي، سَهَجِ مِلئِي سُکُہ هوءِ
نِجَہ گهرِ مَحَلُ پَڇاڻِيئِي، نَدَرِ ڪَري مَلُ ڌوءِ

اَرٿ- (آتم رام جي ويچار روپي ڪرم کان سواءِ ٻين) ٽن پرڪارن جي (يعني ستي، رجي ۽ تمي روپي) ڪرمن ڪرڻ سان آسون ۽ سنسا رهن ٿا، (تنهنڪري) گوروءَ کانسواءِ ڪيئن ٽن گڻن جي ٻنڌن کان ڇٽي، گيان پائي، آتم آنند پراپت ڪبو؟ (پر جيڪڏهن گورو ڪرپا جي) نظر ڪري تہ پوءِ (اِها ٽن گڻن جي) ميل ڌوپي ويندي (يعني انتهڪرڻ شڌ ٿيندو) ۽ هي جيو پنهنجي (سرپ روپي) گهر ۾ ئي سروپ پڇاڻيندو. [ترپڌ = ٽن پرڪارن يا لمولن جا يعني ستي، رجي ۽ تمي روپي؛ ترڪٽي = ٽن گڻن جو ميلاپ؛ سهجہ = گيان؛ نجہ = پنهنجو؛ محل = سروپ.]

نوٽ:- "گياتا، گيان، گيئہ" يعني ڄاڻندڙ، ڄاڻ ۽ ڄاڻيل وستو يا "ڌارتا، ڌيان ۽ ڌيئہ" يعني ڌيان ڪندڙ، ڌيان ۽ ڌيايل وستو يا "درشٽا، درشٽ ۽ درشيئہ" يعني ڏسندڙ، ڏسڻ ۽ ڏٺل

هينيون شبد اُچاريو آهي، ۽ پرماتما جي پراپتيءَ جي واٽ ڏسين ٿا.

سري راڳ محلا پهلا شبد (١٢)

(١) ذاتُ مِلي ڦُنِ ذاتُ ڪمُ، صِفتي صِفتِ سماءِ
لعلَ گُلالُ گهبَرا، سَچا رنگُ چڙاءُ
سَچِ مِلي سنتو ڪيئا، هَرِ جَپ ايڪي پاءِ

اَرٿ- جيئن هڪڙي ذاتو (باهه ۾ وجهڻ سان) ٻئي ذاتوءَ سان ملي وڃي ٿي، تيئن صفت ڪندڙ (سنت) صفت اُچارڻ سان (پرماتما سان) ملي ٿا وڃن، ۽ مٿن (سروپ آنند جو) گلال جهڙو ڳوڙهو ڳاڙهو سچو رنگ چڙهي ٿو. (اهڙن) سنتوشي پرشن کي اِڪ رس هريءَ جو (نام) جپڻ ڪري سچو پرماتما ملي ٿو. [ذات = ذاتو، صفتي = صفت ڪندڙ سنت؛ گهبرا = ڳوڙهو، گهاٽو؛ سنتوڪيئا = سنتوک ڌاريندڙ، سنتشٽ؛ ايڪي پاءِ = اِڪ رس]

ڀائي ري سَنتَ جَنا ڪي ريڻُ
سَنتَ سَڀا گورُ پائِبئي، مُڪتِ پدارَٿ ڌيڻُ
(اِڪ رهاءُ)

اَرٿ- هي ڀائي، سنت جنن جي خاڪ ٿي رهو، (ڇاڪاڻ تہ) سنتن جي سڀا ۾ ئي گورو ملي ٿو، جو (گورو) مڪتيءَ روپي پدارٿ ڏيڻ واري ڳئو آهي. [ريڻ = خاڪ، مٽي؛ ڌيڻ = ڳئو.]

نوٽ:- جيئن شاسترن ۾ ڏيکاريل آهي تہ "ڪامڌين" اها ڳئو آهي، جا سڀ ڪامنائون پورن ڪندڙ آهي؛ تيئن "مڪت پدارٿ ڌيڻ" اها ڳئو آهي جا مڪتيءَ روپي پدارٿ ڏئي ٿي؛ سا آهي گورو.

(٢) اُوچَئُ ٿانُ سُهاوڻا، اُوپرِ مَحَلُ مُرارِ

اَرٿ - (جگياسو روپي استري) جا دئيت ياءَ ڪري نگهي ويٺي آهي، تنهن ڏهاڳڻ جو جيئڻ ڌڪار جو لائق آهي. جيئن ڪلراني پٽ رات ڏينهن پوري پوري ڏهي پوندي آهي، (تيئن منمک ڏهاڳڻيءَ جي سوبر روپي پٽ کي وشين روپي ڪلر کائيندو ٿو رهي) ۽ (ڪيس) گوروءَ جي اُپديش کانسواءِ (پرين پرماتما جو) سک نٿو ملي ۽ پرين (پرماتما) کانسواءِ (سندس) (جنم مرڻ جو) دک نٿو وڃي. [ڌرگ = ڌڪار جو لائق؛ مني = نگهي ويٺي؛ ڪيري = جي؛ ڪند = پٽ؛ اَهه = ڏينهن؛ نس = رات.]

مُنڌي پِرَ بِنُ ڪِئا سِينگارُ

دَرِ گهرِ ڍوئي نا لهَئي، دَرَگهه جهوٺُ خوارُ (اڪ رَهاءُ)

اَرٿ - هي (جگياسو روپي) استري! پرين (پرماتما) کانسواءِ (تنهنجا باهريان ساڌن روپي) سينگار ڪهڙي ڪم جا آهن؟ (انهن ڪري ڪو توکي) سروپ ۾ دخل ڪونه ملندو، (اُلٽندو) درگاهه ۾ (انهن) ڪُوڙن (ڀيکن ڪري) خوار ٿينديس. [منڌي = هي استري؛ در = اندر، منجهه؛ گهر = سروپ روپي گهر؛ ڍوئي = اندر اچڻ جي موڪل يعني دخل.]

(٢) آپِ سُجاڻُ نه ڀُلَئي، سَچا وَڏَ ڪِرساڻُ

پهِلا ڌَرتي ساڌِ ڪي، سَچُه نامُ دي داڻُ

نؤ نِڌِ اُپجي، نامُ ايڪُ، ڪَرَمِ پوئي نيشاڻُ

اَرٿ - (پرماتما) پاڻ سياڻو آهي ۽ ڀلجڻ جوڳي نه آهي ۽ سچو يعني نيڪ ٿيڪ (سنسار روپي کيت جو) وڏو زميندار آهي. (اسين جيو جي هارين مثل آهيون، تنکي گهرجي ته) پهريائين (انتهڪرڻ روپي) ڌرتيءَ کي (گوروءَ دوارا) صفا ڪري، (منجهس) ستنام روپي ٻج وجهون، (جنهن) هڪڙي نام (روپي ٻج پوڻ) ڪري (پڳتي روپي) نوڌيون پيدا ٿين ٿيون ۽ (انهي

وستو. اهي ٽي حالتون تن کي ترڪٽي چئبو آهي. جڏهين چت جي اهڙي حالت ٿئي جو جاڳل وستو يا ڏيائل وستو يا ڏٺل وستو ڪالسواءِ ڪيس ٻين جي ڄاڻ اٿئي رهي، تڏهين انهيءَ حالت کي سماڌي چئبو آهي، جنهن ۾ ايشور جو درسن پراپت ٿئي ٿو. صاحب فرمائين ٿا ته جڏهين هيءُ جيو سماڌيءَ ۾ اچي ٿو، تڏهين پرمانند جي پراپتي ٿئي ٿي. پر اهڙي اوستا جنهن ۾ پريو ڪالسواءِ ٻيو ڪي به ڪين ڏسڻ ۾ اچي، سا گوروءَ ڪالسواءِ نه ملي سگهندي.

(٤) بِنُ گورَ مَيلُ نه اُتَرئي، بِنُ هَر ڪِئُه گهر واسُ
ايڪو سَبَدُ وِيچارِيئي، اَوَرَ تِياگَيِ آسَ
نانَڪَ ديکِه دِکائِيئي، هَئُه سَدَ بَلِهاريِ جاسُ

اَرٿ - گوروءَ ڪالسواءِ اِها ميل نه لهندي (۽ ميل لهڻ بنا) هريءَ جي پراپتيءَ ڪالسواءِ سروپ ۾ ڪيئن واسو ٿيندو؟ (تنهنڪري) ٻيون آسون ڇڏي هڪڙي پرماتما جو ويچار ڪجي. سري گورو نانڪ صاحب فرمائين ٿا ته آءٌ انهن سنتن تان سديو بلهار وڃون، جي (پرماتما جو ٿي) درسن پائي ٻين کي درسن ڪرائين ٿا.
[شبد = برهم، پرماتما ؛ سد = سديو، جاس = وڃون .]

هيٺئين شبد ۾ صاحبن منمکن جي دردشا ۽ گورمکن جي مهما ورنن ڪئي آهي. منمکن کي ڏهاڳڻين سان ڀيٽيو ٿا ۽ گورمکن کي سهاڳڻين سان، جي پتورت استرين وانگي ڪيول پنهنجي پتيءَ (پرماتما) سان ئي پريم رکن ٿيون.

سري راگ- محلا پهلا شبد (١٣)

(١) ڌِرگُه جيوَڻُ دوهاگڻِي، مُٺِي دوُجيِ ڀاءِ
ڪَلَرَ ڪيري ڪنڌَ جِئُه، اَهِ نِس ڪَرِ ڍَهِ پاءِ
بِنُ سَبَدَيِ سُکُه ناٿِيئي، پِرَ بِنُ دوُکُه نه جاءِ

اُرٿ - (ڪا استري) چندن، ڪنگو ۽ سندر ناٽي تي گهرائي پهنجي سينڌ ۾ وجهي ۽ تمام گهڻو عطر، چندن، ڪافور ۽ پان سوپاري گهرائي، (پر) جيڪڏهن (اها) استري پتيءَ کي نه وڻي ته (سندس) سمورو ٺاٺ اجايو ليکبو. [مول = ملهه ڏيئي يعني ناٽي تي؛ آٽا ٺٺا = آٺايو؛ مانگ = سينڌ؛ چوئا = عطر؛ بهه = گهڻو؛ نال = سان، ۽؛ ڪپور = ڪافور؛ ڌن = استري؛ ادِ نبر = ٺاٺ.]

(٥) سَڀِ رَسَ ڀوگڻَ بادِهَه، سَڀِ سِينگارَ وِڪارَ
جَبَ لَگُ سَبَدِ نه ڀيديئي، ڪِيُ سوهي گور دُئارِ
نانڪ ڌَنُ سُهاگڻي، جِنَ شَهَ نالِ پيارُ.

ارٿ - (اهڙيءَ استريءَ جا) سڀ رس ڀوڳڻ اَجايا آهن ۽ (سندس) سڀ سينگار بيڪار آهن، (ڇاڪاڻ ته) جيستائين شبد سان (هن جو من) نه ونڌيو آهي (يعني شبد جي چوٽ نه لڳي اٿس)، تيستائين وڏي (پرماتما) جي دربار ۾ ڪيئن سوڀيا پائيندي؟ (ڀاو - پرماتما جي پريم ڪانسواءِ ٻين ڳالهين ۾ پتني دواران جڳياسو روپي استري نٿي سونهين.) سري گورو نانڪ صاحب جن فرمائين ٿا ته جنهن سهاڳڻ جو گهوٽ (پرماتما) سان پيار آهي، اها ڌنيواد جي لائق آهي. (جو ته سندس جيوت سڦل آهي.)
[باد= واءِ وانگي ويرٿ؛ وڪار = بيڪار، اجايا؛ سبد= برهم - برهم سان من ونڌجڻ يعني برهم لاءِ من ۾ پيار جاڳڻ؛ گور=وڏو؛ شهه = راجا، گهوٽ.]

اٿانڪا - هڪ دفعي صاحبن هڪ مردي کي پٽ ۾ پيل ڏسي ويراڳ وچان هينيون شبد اچارڻ ڪيو:-

سري راڳ محلا پهلا شبد (١٤)

(١) سُڃي ديهه ڏَراوڻي، جا جيئُ وِچهُ جاءِ

ڪري پرماتما جي) ڪرپا جو نيشان لڳي ٿو (يعني تہ اهڙن پڳتن تي اهو ٺپو ٿو لڳي، جنهنڪري درگاهہ ۾ پورن سنتن جي قطار ۾ داخل ٿين ٿا.) [سڃاڻ = جاڻندڙ، سياڻو؛ ڪرساڻ = زميندار؛ ساڌڪيءَ = صفا ڪري؛ داڻ — اَن، ٻج؛ نؤلڌ = نَو خزانا - سنسڪرت جي ودوانن هي نونڌيون ڏيکاريون آهن. (١) پدم، (٢) مها پدم، (٣) مڪر، (۴) ڪڇپ، (۵) مڪند، (٦) ڪند، (٧) نيل، (٨) سنگہ (٩) کرب. انهن کي ڪبير ديوتا جا خزانا چئبو آهي. گورو صاحب نونڌين جو مطلب سڀ پدارٿ ڪن ٿا (ڏسو پائي ڪاهنسنگہ جو گورمت پربا ڪر صفحہ ٣۴) ڪرم = ڪرپا، مهر.]

(٣) گورَ ڪَمُ جاڻ نہ جاڻئي، ڪِمَا نُس ڇڄ اَچارُ
اَنڌُلي نامُ وسارِئا، مَنمُکِ اَنڌ غُبارُ

آوڻُ جاڻُ نہ چُڪئي، مَرِجَمي هوءِ خُوارُ

اَرٿ- (پر اهو مٿيون سمورو لاڀ گوروءَ جي اُپديش دواران ئي ملي ٿو. تنهن هوندي بہ ڏهاڳڻين روپي منمک) گورن جي وڏائي جاڻي ڪري (ڪين) نٿا سمجهن (يعني سندن اُپديش نٿا گرهڻ ڪن، تنهنڪري انهنجا) چترائيءَ جا ڪرتب کهڙي ڪم جا ٿيندا؟ (اهڙن) اگياني پرشن (جن) نام وساريو آهي، (سي) منمک اگيان جي اوندهہ ۾ (ئي پيا رهندا؛ سندن) اچڻ وڃڻ بند نہ ٿيندو (جنهنڪري اهي) وري وري مري؛ جمي پيا خوار ٿيندا. [جاڻ = جاڻي ڪري؛ ڇڄ = ڏاهپ، سياڻپ، چترائي؛ اچار = ڪم، ڪرتب؛ غبار = انڌيارو، اوندهہ؛ انڌ = اگيان روپي اوندهہ؛ چڪئي = بند ٿيندو.]

(۴) چندنُ مولِ اَڻائِئا، ڪُنگوُ مانگہ سَندُوُرُ
چوئا چَندَنُ بَهُ گهڻا، پانا نالِ ڪَپُوُرُ
جي ڏَنَ ڪنت نہ پاوَئِي، تہ سَڀِ اَڊنبَرَ ڪوڙُ

جنکي گورو رکي ٿو، سي اُنهيءَ اگنيءَ کان) بچن ٿا، (باقي) بيا ته (دنيوي) ڏنڏن ۾ ٻڌجي مسجن ٿا. [ڪاريءَ = ڪمن ۾؛ دبڌا = دئيت ڀاءُ؛ اٻري = بچن ٿا؛ ٻُکه = ٻڌجي، لگه = لڳي ڪري؛ اگه = آڳ، باهه؛ مُٺي = ٻڌجي.

(٣) مُٺي پَرِيتِ پيار ڪُئيا، مُٺا وَيُرُ وِرودُ
ڌنڌا ٿَڪا هَئُہ مُٺي، مَمتا مائيا ڪرودُ
ڪَرَمِ مِلي سَچُہ پائِيئي، گورَمُکہِ سَدا نِرودُ

اَرٿ- (جنکي گورو بچائي رکي ٿو تنجي مائٽن سان) پريت مري ٿي وڃي ۽ (الهنجو پدارٿن سان ڪوڙو) پيار وڃي ٿو هليو ۽ وير وروڌ به مري وڃي ٿو ۽ (الهنجو) دنيوي وهنوار بند ٿي ٿو وڃي ۽ اهنڪار، ممتا، ڇل ۽ ڪروڌ (جي جيو کي پٽڪائين ٿا سي به ناس ٿي وڃن ٿا.) (پرماتما جي) ڪرپا ملڻ سان ٿي سچو (نام) پراپت ٿئي ٿو ۽ (جن نام پاتو آهي اهي) گورمکه سداءِ پنهنجو من ۽ اندريون وس رکن ٿا. [ٿڪا=ٿڪجي پيا يعني بند ٿيا؛ مايا=ڇل؛ ڪرم=ڪرپا؛ نروڌ=اندرين کي روڪيندڙ.]

(٤) سچي ڪاريءَ سَچُہ مِلي، گورمتِ پلي پاءِ
سو نَرُ جَنمي نا مَرئي، نا آوي نا جاءِ
نانڪ دَرِ پَرڌانُ سو، دَرَگَهِ پَئڌا جاءِ.

اَرٿ- (جڏهن هن جيو کي) گوروءَ جو اُپديش پلئ پوي ٿو، (تڏهن هو نام جپڻ جي) سچيءَ ڪار ۾ لڳي ٿو. (جنهنڪري) سچو پرماتما کيس پراپت ٿئي ٿو. اَهڙو جيو ٿڪي (هن سنسار ۾) جمي اچي ٿو ٿڪي مري وڃي ٿو. سري گورو نانڪ صاحب فرمائين ٿا ته اَهڙو جيو دربار ۾ قبول پيل آهي ۽ اهو درگاهه ۾ سروپاءِ پهري وڃي ٿو يعني عزت سان وڃي ٿو. [مت — سکيا،

باهہِ بَلَندي وِجهوي، ڏوُءِ نہ نِکَسئہُ ڪاءِ

پنڃي رُني ڏُکہِ ڀَري، بِنَسي دوُجيِ ڀاءِ

اَرٿ - جڏهن جيو آتما ديهہ مان نڪري وڃي ٿي، تڏهن سڄي يا خالي ديهہ خوفناڪ (ڀاسڻ ۾ اچي ٿي.) جڏهن (چيتن روپي) برندڙ باهہ وسامي ٿي، تڏهن ڪايا مان (سواس روپي) دونهون نٿو نڪري. (انهي وقت) دئيت ڀاءُ ڪري (موهہ ۾) ناس ٿي، پنج مائٽ (يعني پيءُ، ماءُ، اِستري، پٽ، ۽ ڀائر) دکہ ۾ ڀرجي روئن ٿا. [ڏراوڻي = خوفناڪ، ڀوائتي؛ بلندي = برندڙ، وجهوي = اُجهامي ويئي؛ ڏوءُ = دونهون؛ ڪاءِ = ڪايا، سرير؛ دوجيءِ ڀاءِ = دئيت ڀاءُ، ٻيائي.]

موُڙي رامُ جپهُ، گُڻَ سارِ

هَؤُمي مَمَتا موهَڻي، سَڀ مُٺي اَهنڪارِ (اِڪ رَهاءُ)

اَرٿ - هي مورکہ! رام کي جپيو ۽ اُنجي گڻن کي ياد ڪريو (نہ تہ خراب خوار ٿيندا.) ساري (سرشٽي) موهيندڙ (يعني وويڪ کي نـاس ڪندڙ) اَهنتا، ممتا، ۽ اَهنڪار ۾ ٺڳجي پيئي آهي. [موڙي = مورکہ؛ سار = سنڀال، ياد ڪر؛ هومِيءِ = مان آهيان يعني ٻاٽيٽو؛ ممتا = هي منهنجو؛ هي منهنجو، موهني = موهيندڙ يعني وويڪ جي اُبتر ڪم ڪرائيندڙ؛ مٺي = مسڄي يعني ٺڳجي.]

(٢) جِني نامُ وِسارِئا، دوُجِي ڪارئ لـَگہِ

دُبِڌا لاڳي پچہِ مئُي، اَنترِ ترِسَنا اَگہِ

گورِ راکي سي اُبرَي، هورِ مُٺي ڌنڌئ ٺـَگہِ

اَرٿ - جن ٻين (سنساري) ڪمن ۾ لڳي ڪري نام کي وساريو آهي، تنجي اندر ۾ ترشنا روپي آڳني آهي (جنهڪري) اهي دئيت ڀاءُ ۾ لڳي ڪري (يعني ڦاسي) پچي مرن ٿا، (پر)

سمجهيو آهي، (يعني نام جو ويچار نہ ڪيو آهي)، سي وري وري پيا جمن مرن ۽ اچن وڃن. [بوجهئا = سمجهيو؛ گورمک = گوروءَ جي مک، دواران.]

(٢) تَنَ سوُچا سو آکيئي، جِسُ مَهہ ساچا ناءُ
پيئي سَچہ راتي ديهُري، جِهوَا سَچہ سُئاءُ
سَچِي نَدَرِ نهاليئي، بَهُڙِ نہ پاوئي تاءُ

اَرٿ- جنهن (جيو جي) تن ۾ سچو نام (سمريو وڃيٿو)، اُن جي تن کي ئي پوتر سڏجي ٿو. (اهڙي جيءُ جو) من سچي (پرماتما) جي پيار ۾ رتل رهي ٿو (يعني مالڪ جي ياد ڪري اُنجو من ڪڏهن بيڙا خيال نٿو پچائي، ڪيول مالڪ جو ئي ڌيان ڪريٿو) ۽ اُنجي زبان بہ سچي نام جو سواد وٺي ٿي، (اهڙيطرح سندس ٻيون اِندريون بہ اُتم ڪارجن ۾ لڳيون پيئون آهن). (اهو ئي جيءُ گوروءَ جي) سچي نظر سان نهال يعني مڪت ٿئي ٿو ۽ وري (چوراسي روُپي باهہ جو) سيڪ نٿو سهي. [سوچا = پوتر؛ ديهري = تن ۾ خيال ڪندڙ شڪتي يعني من؛ جهوا=جيڀ زبان؛ سئاءُ=سواد؛ نهاليئي= نهال يا مڪت ٿئي ٿو؛ بهڙ=ٻيهر، وري؛ تاءُ=سيڪ، ڏکہ.]

(٣) ساچي تي پَوَنا پئيا، پَوَنئي تي جَلُ هوءِ
جَلَ تي تِرڀوڻُ سا جِئا، گهَٽِ گهَٽِ جوتِ سموءِ
نِرمَلُ ميئلا نا ٿيئي، سَبَدَ رَتي پتِ هوءِ

اَرٿ- سچي پرماتما مان پوڻ يعني شبد نڪتو (يعني ايڪ اَهم بهہ سيامهہ= مان هڪڙو آهيان مون مان گهڻا ٿين) ۽ پوڻ ڪاليوءَ جل ليو ۽ جل (آدڪ تتن) مان ٽي لوڪ ناهيا ويا ۽ گهٽ گهٽ ۾ (يعني هرهڪ سرير ۾ ان پرماتما جي) جوت (يعني چيتن ستا) سمائي پيئي آهي. جو جيءُ گوروءَ جي اُپديش ۾ رتو پيو آهي، اُنجي پت (لوڪ پرلوڪ ۾) رهجي اچي ٿي ۽ اُهڙو جيءُ

اُپديش؛ در = درگاهه، دربار؛ پڌان = قبول، پيڌا = سروپاءِ ڏيکيل، خلعت پهريل يعني عزت سان ويل.]

هن شبد ۾ گورو صاحب جيڪي نام نہ ٿا جپين انهن جي دردشا ڏيکارين ٿا ۽ سنسار جي اُتپتيءَ بابت ذکر ڪن ٿا.

سري راڳ محلا پهلا شبد (١٥)

(١) تَنُ جَلِ بَلِ ماٽي ڀئِيا، مَنُ مائيا موهِ مَنُورُ

اؤگڻ ڦِر لاگوُ ڀئي، ڪوُرِ وَجاوي تُورُ

بِنُ سَبَدي ڀرَمائيئي، دُبِڌا ڏوبي پوُرُ

اَرٿ. (مرڻ ڪانپوءِ هن جيوَ جو) سرير جلي ٻري مٽي ٿي وڃي ٿو ۽ سندس من مايا جي موهه ڪري لوهه جي ڪٽيءَ وانگي ٿيو پوي (يعني جڙ ٿيو پوي) ۽ سندس اؤگڻ (پاپ) ڦري سندس پنيان لڳي پون ٿا يعني هنجا دشمن بڻجيو پون ۽ ڪوڙ ۾ توتارا وڄائي ٿو (يعني پرلوڪ ۾ سندس برخلاف ٿي شاهدي ڀري ٿو) ۽ هو گوروءَ جي اُپديش ڪانسواءِ (چؤراسي جي چڪر ۾) ڀٽڪي ٿو. (اهڙيطرح) دئيت ڀاءَ جي ڪري پورن جا پور (يعني تمام گهڻا جيوَ) ٻڏا پيا آهن. [منور = لوهه جي ڪٽي ڦر = ڦري؛ لاگو = دشمن يعني اهي جي پنيان پون؛ تور = ترٻوُن، توتارا؛ ڀرمائيئي = ڀٽڪي ٿو؛ پور = ٻيڙيءَ جا پور يا ڪيپ.]

مَنَ ري سَبَدِ تَرهُ چِتُ لاءِ

جِنِ گورَمُکِہ نامُ نہ بُوجهئا، مَرِ جَنمي آوي جاءِ

(اِڪ رهاءُ)

ارٿ. هي من گوروءَ جي شبد سان چت لائي، (سنسار ساگر کان) تري پار پؤ، (ڇو جو) جن گورن جي مک دواران نام نہ

پيا يعني جنم مرڻ جي چڪر ۾ اچن ٿا. (اهي اهنڪاري منمک پنهنجي) من هٺ جي مت موجب هلڻ ڪري ٻڏن ٿا (پر جي) گورمک (آهن سي) سچو نام هٺ ڪري پاڻ کي تارين ٿا. (ڀاو- هڪڙا جي سچ تي بيٺل آهن ۽ گور اُپديش تي هلندڙ آهن، سي هن ڀؤ ساگر مان تري وڃن ٿا، پر جي اهنڪار ۾ غرق ٿيل آهن سي جمن مون ٿا.) سہ تار = س معنئِ اُهـي ۽ تار معنئِ تارين ٿا پاڻکي.]

گورَ بِنَ ڪِئُہ تَرِيئَي سُکُہ هوءِ

جِئُہ ڀاوئِ تِئُہ راکُہ تُون مَي اَوُرُ نہ دُوجا ڪوءِ

(اِڪ رهاءُ)

اَرٿ - گوروءَ بنا (هي جيوُ) ڪيئن تري سگهندو (جنهنڪري ڪيس سچو) سک ٿئي. تنهنڪري گوروءَ اڳيان پرارٿنا ڪرڻ گهرجي تہ (هي گورو جئن وڻيئي تئن تون مون کي رکـي وٺ، منهنجو توکان سواء ٻيو ڪو رکيڪ ڪونهي. [اور = ٻيو.]

(٢) آگي ديکئُہ ڏءُ جَلي، پاڇي هَرِئو انڳُوُر

جِستي اُپجي نِستي بنسي، گهَٽ گهَٽ سَچُہ ڀَرِپوُر

آپي ميلِ ملاوهي، ساچي مَحَلِ حَدوُر

اَرٿ - اڳيان تو ڏسان تہ (ڪال روپي) باهہ پيئي جلي (يعني ماڻهو پيا مرن) ۽ پنيان (تو نهاريان تہ) ساوا سلا پيا اُپـرن (يعني پيا جيو پيا اپجن ٿين.) جنهن پرڀوءَ جي آگيا سان هي جيوُ پيدا ٿئي ٿو، انهيءَ جي ئي آگيا سان ناس ٿئي ٿو ۽ اهو سچو پرڀو گهٽ گهٽ ۾ پري پوُرن آهي. (پر) سچي سروپ جي حضور ۾ اهي ئي ٿـا پهچن، جنکي پرماتما پاڻ گورن جـي ميل ۾ ملائي ٿو. [ڏءُ = داوا اگني جا وڻ ٽڻ ساڙي ڇڏيندي آهي، هتي ڪال روپي اَگني؛ هرئو = ساوا ؛ انڳور = سلا؛ ميل = سنگ.]

پوتر آهي ۽ ڪڏهين به ميلو نه ٿيندو (يعني مايا ۾ ملين نه ٿيندو.)
[ساچا = ڳاهيا ويا ؛ سمو ۽ = سمائي پيئي آهي ؛ نرمل = ميل يا گندگيءَ بنا يعني پوتر ؛ رتي = رنگيل .]

(٢) اِهُ مَنُ ساچہِ سنتوکيئا ، نَدَرِ ڪَرِيَ تِسُ ماهِ

پنچ ڀُوتَ سَچہِ ڀيِ رتي ، جوتِ سَچِي مَنَ ماهِ

نانَڪَ اؤگُڻَ ويسري ، گورَ راکيِ پتِ تاهِ .

اَرٿ - جڏهن (هن جيو جو) من سچي نام ۾ سنتوکجي يعني راضي ٿئي ٿو تڏهين پرماتما ۾ سندس (ورتيءَ روپي) نظر ڪپي يا لڳي ٿي ؛ جنهن سچي پرماتما جي ڀؤ ۾ پنج تت يا عناصر رنگل رهن ٿا، تنهن پرماتما جي سچي جوت پنهنجي من ۾ اُپيوءَ ڪري ٿو. سري گورو نانڪ صاحب فرمائين ٿا ته اُهڙي جيو پنهنجا اوگڻ وساريا آهن (يعني تياڳ ڪيا آهن) ۽ سندس پت گورو رکي ٿو. [ڀوت = ڀيل پوءِ معنئ ٿي تت يا عناصر جن مان سڀ وستون ٿيون يعني ٿهيون. اهي آهن آڪاش، وايو، تيج، جل ۽ پرٿوي .]

گورو صاحب هن شبد ۾ جگياسن کي رستو ٿا ڏيکارين ته ڪهڙيطرح سان هن ڀوساگر مان ترجي .

سري راڳ محلا شبد (١٦)

(١) نانک بيڙي سَچَہ کي ، تَرِيئيِ گورَ وِيچارِ

اِڪ آوَهہِ اِڪ جاوَهِي ، پُوَرِ پَرِي اَهنڪارِ

مَنَ هَٺِ مَتي بُوڊيئِي ، گورَمُکہ سَچہِ سہ تارِ

اَرٿ - سري گورو نانڪ صاحب جن فرمائين ٿا ته جي سچي نام روپي بيڙيءَ ۾ (چڙهن ٿا) ۽ گورن جي (سکيا تي) ويچار ڪن ٿا سي (سنسار روپي نديءَ مان) پار پون ٿا، پر جي اهنڪار روپي بيڙيءَ ۾ پورن جا پور پرجي اچن ٿا سي هڪڙا اچن پيا ته ٻيا وڃن

سچي سيتي رَلِ مِلي، سَچي، گُڻَ پرگاسِ
نانَڪَ نامِ سَنتوکِيئا، جيئُ پِنڊُ پرڀ پاسِ.

ارٿ۔ جنکي گوروءَ جي اُپديش دواران اِها سمجھ پيئي آهي، (يا جن اِها جوت جاتي آهي) تنکي ڏنيواد ڪرڻ گهرجي. اُنهنجي هردي ۾ سچ يعني سريشٽ گڻن جو پرڪاش ٿئي ٿو، جنهنڪري اهي سچي پرماتما سان رلي ملي وڃن ٿا (يعني هڪ روپ ٿي ٿا وڃن.) سري گورو نانڪ صاحب فرمائين ٿا ته اهي جيو نام ۾ ترپت رهن ٿا ۽ انهنجو جيءُ ۽ سرير پرڀوءَ وٽ آهي يعني انهن جيءُ ۽ سرير پرڀوءَ کي اَرپي ڇڏيو آهي. [سيتي = سان؛ رل ملي = گڏجي مسجي، ملي هڪ ٿيڻ، اُپيد ٿي وڃڻ؛ پرگاس = پرڪاش، سوجهرو.]

هن شبد ۾ گورو صاحب اُپديش ڪن ٿا ته مانکا ديهيءَ ۾ ئي پرڀو ملي سگهندو، تنهنڪري هي جيو گوروءَ جي سکيا وٺي نام جپي پنهنجو جنم سڦل ڪر.

سري راڳ۔ محلا پهلا شبد (١٧)

(١) سُڻِ مَنَ مِتر پيارِيا، مِلُ ويلا هيءِ ايهَ
جَبَ لَگُ جوبَنِ ساسُ هيءِ، تَبَ لَگُ اِهُ تَنُ ديهَ
بِنُ گُڻَ ڪامِ نه آوئي، ڍَهِ ڍيري تَنُ کيهَ

ارٿ۔ هي متر پيارا! تون هيءَ ڳالھ من لڳائي يعني ڌيان ڏيئي ٻڌ ته هي (مانکا ديهه ئي پرڀو سان) ملڻ جي ويلا آهي. (تنهنڪري) جيستائين جواني ۽ ساهه اَٿيئي، تيستائين هيءُ تن ايشور کي ارپي ڏي يعني هنجي شيوا ۾ لڳاءِ. شڀ گڻن کانسواءِ هي سرير ڪم نه ايندءِ ۽ ڍهي مٽيءَ جي ڍيري ٿي پوندءِ. [من = من لڳائي؛ مل = ملڻ جي؛ کيهه = مٽي.]

(٣) ساهِ ساهِ تُجھُ سمِلا ڪدي نہ وِساريئہ
جِئہ جِئہ صاحبُ مَنِ وَسيِ، گورمُکِہ اَمِرتُ پيئہ
مَنُ تَنُ تيرا تون ڌڻي، گَرَبُ نِوارِ سَميئہ

اَرٿ - (اهي گورمکہ پريوءِ وٽ پرارٿنا ڪن ٿا تہ) هي پريو! اسين توکي شل ساس ساس ياد ڪريون ۽ شل ڪڏهن نہ توکي وساريون! جيئن جيئن تون صاحب اسانجي من وسين ٿو، تيئن تيئن گوروءِ دواران (تنهنجو نام روپي) اَمرت پيئون ٿا (يعني آنندي ٿيون ٿا) ۽ اسانجو من توڙي تن سڀ تنهنجو آهي (ڇو تہ) تون ئي اسانجو سوامي آهين. (هي ڌڻي!) اسانجو گرب نورت ڪري اسانکي پاڻ ۾ سمائي ڇڏ. [تجھ = توکي ؛ سملا = سنڀاليان، ياد ڪريان ؛ گرب = گيرب، هٺ، اهنڪار.]

(٤) جِنِ ايھُ جَگَتُ اُپائِئا، ترڀوڻ ڪَرِ آڪارَ
گورمُکِہ چانڻُ جاڻيئي، مَنمُکِہ مُگَدُ غبارُ
گھَٽِ گھَٽِ جوتِ نِرنتَرِي، بوَجھي گورمَتِ سارُ

ارٿ - جنهن پرماتما هي جڳت رچيو آهي ۽ ٽنهين لوڪن جا آڪار يعني روپ بنايا آهن، تنهن پرماتما کي گورمکہ گيان جي پرڪاش سان جاڻن ٿا ؛ (باقي) منمکہ مورکہ آهن ۽ اگيان جي اونڌھ ۾ آهن. (جيتوڻيڪ) گھٽ گھٽ ۾ پرماتما جي اِڪ رس جوت وسي ٿي (تہ بہ انهيکي اهوئي ٿو) سمجھي (يعني انيڪ ڪري)، جنهنکي گوروءِ جو سريشٽ اُپديش ملي ٿو. [آڪار = روپ، گھٽ، پاندا، سرير ؛ چانڻ = پرڪاش يا سوجھرو گيان روپي ؛ مگد = مورکہ ؛ غبار = اونڌھ اَگيان روپي ؛ نرنتري = انتري يا ڀنگہ کانسواءِ، اِڪ رس ؛ بوجھيءَ = سمجھي ٿو ؛ سار = سريشٽ.]

(٥) گورمُکِہ جِني جاڻِئا، تِنَ ڪيچيِ شاباس

ارٿ- (هي ڀائي) لک سياڻپون جيڪڏهن ڪٽي ڪجن ۽ لکن جيون سان رستو ۽ پريت ڪٽي رکجي، ته به ساڌ سنگت بنا هيءَ جيوُ ڪڏهن ڪين ڍاپندو ۽ نام کانسواءِ دک ۽ تڪليفون پيو سهندو. (تنهنڪري) هي جيئڙا! (هڪ ڳالهه ته) جڏهن گوروءَ دواران نام جپي پنهنجي سروپ کي سڃاڻندين، تڏهن ئي (سنسار جي بندنن کان تون) ڇٽندين. [ڌراپيئا = ڍاپندو؛ سنتاپ = دک، تڪليفون، ڪليش؛ چينيءَ = سڃاڻندين.]

(۴) تَنَّ مَنُّ گورَ ڀَهِ ويچِئا، مَنُّ ديِئا سِرُ نالِ
تِرِ ڀوڻُ کوجِه ڍنڍولِئا، گورمُکِه کوجِه نهالِ
ستگورِ ميلِ ملائِئا، نانڪ سو پربُ نالِ.

ارٿ- سري گورو نانڪ صاحب جن فرمائين ٿا ته جن تن ۽ من گوروءَ کي آرپيو آهي ۽ من اهنڪار سميت ڪيس ڏئي ڇڏيو آهي، (يعني پنهنجو سمورو ڀاڙپڻو تياڳي گورن جي سرن ورتي آهي) اهڙا گورمک ٽيئي لوڪ ڍونڍي ۽ کوجي ڏسن ٿا ته جڏهين ستگورو پنهنجي سنگ ۾ ملائي ٿو، تڏهن اهو پرماتما انگ سنگ معلوم ٿئي ٿو. [ويچيئا = وڪيو، آرپيو؛ سر = سيس يعني آپو يا آهنڪار؛ نال = سان، سميت؛ ڍنڍولئا = ڍونڍيو؛ نهال = ڏسن ٿا؛ ميل = سنگ.]

هن شبد ۾ گورو صاحب گيانوانن جي دشا ٿا ڏيکارين.

سري راگ محلا پهلا شبد (١٨)

(١) مَرَڻي ڪي چِنتا نَهِي، جِيوڻ ڪي نهِي آسَ
تُون سرب جيئا پرَتِپا لَهِي، ليکي ساسَ گِراسِ
انتر گور مُکِه تُون وَسَهِ، جِئُه ڀاوئي تِئُه نرجاسِ
ارٿ- (گيان وانن کي) مرڻ جي چنتا ڪانهي ۽ نه (انهنکي)

میري مَنَ لَيِ لاها گھرِ جاهہ

گورمُکہِ نامُ سلاهِيئِي ، هؤمِيَ نِوري پاهِہ

(اِڪ رهاءُ)

ارٿ - هي منهنجا من (آتمڪ) لاڀ وٺي پنهنجي گهر يعني سروپ ۾ وڃ ۽ (اِهو لاڀ تڏهين نصيب ٿيندءِ) جڏهين گورن جي اُپديش دوارا‌ن نام ساراهي هؤمِيَ روپي باهہ دور ڪندين .
[لاها = لاڀ ، فائدو ؛ گهر = سروپ ؛ نوري = دور ٿيڻ .]

(۲) سُڻِ سُڻِ ڳنڍِ ڳنڍِئِي ، لکہِ پڙِ بُجهہِ ڀارُ

ترِشنا اَهِہ نسِ اَگلي ، هؤمِيَ روگُہ وِڪارُ

اوهہُ وِيپرواهُہ اَتولوَا ، گورمَتِ قيمَتِ سارُ

ارٿ - (اَسان جيون جو حال تہ اِهو آهي جو) ٻڌي ٻڌي ڳنڍيون وينا ڳنڍيون (يعني ساڪين ۽ پرماڻن ڏيڻ سان ڳالهيون ملائيندا اَچون) ، لکون ٿا ، پڙهون ٿا ، ۽ سمجهون ٿا (پر جيستائين سچو پريم نہ آهي تيستائين اِهو مڙيوئي) بوجو آهي . (انهي ڪري) رات ڏينهن اسانجي ترشنا وڌندي ٿي وڃي ، ۽ هؤمِيَ روپي روڳ جو وڪار لڳو پيو اٿون . پرڀو جو بي پرواهہ ۽ اَتول يعني تورڻ جهڙو نہ آهي ، تنهنجي پراپتيءَ لاءِ گورن جو اُپديش ئي سريشٽ قيمت وارو آهي يعني مول ڪارڻ آهي (ڇو جو انهي ڪري ئي سچو پريم ۽ نمرتا پاءِ جاڳي سگهي ٿو .) [بجهہ = سمجهڻ ، ويچار ڪرڻ ؛ اگلي = گهڻي ؛ اَهہ = ڏينهن ؛ نس = رات ؛ قيمت = ملهہ ، ماپ ، تور ؛ سار = سريشٽ .]

(۳) لَکہِ سياڻَپَ جي ڪَري ، لَکہِ سنُہ پريت ملاپُ

بِنُ سنگَتِ ساڌ نہ ڌراپيا ، بِن ناوئي دُکہ سنتاپُ

هَرِ جپِ جيئري ڇُٽيئي ، گورمکہِ چينئي آپُ

(٣) اَنهد باڻي پائيئي، تَهَ هؤمي هوءِ بِناسُ
سَتگورُ سيوي آپڻا، هَءُ سَدَ قربَاڻي تاسُ
کڙ دَرگهه پئنائيئي، مُکهِ هَرِ نامَ نِواسُ

ارٿ- جيڪو (متين) اَنهد باڻي حاصل ڪري ٿو، تنهن (جيو) مان هؤمي ناس ٿي وڃي ٿي؛ اهو پنهنجي ستگوروءَ جي شيوا ڪري ٿو. مان (اهڙي جيو تان) سديو قربان وڃان. انهي جيو کي پرماتما جي درگاهہ ۾ وني وڃي پهرائين ٿا يعني اِنهي کي گهڻي عزت ڏين ٿا، ڇو جو (هنجي) مکہ ۾ هريءَ جي نام جو واسو آهي. [بناس = ناس ٿيڻ؛ تاس = تنهن تان؛ کڙ = بهاري، وني وڃي.]

(٤) جَهَ ديکا تَهَ رَوِ رَهي، شِوَ شَکَتِي کا ميلُ
تِرِهُ گُڻَ بَنڌِي ديهري، جو آئيا جَگِہ سو کيلُ
وِجوگِي دُکهِ وِڇُڙِي، مَنمُکهِ لهَهِ نہ ميلُ

ارٿ- جيڏانهن ٿو مان نهاريان، تيڏانهن پرماتما رمي رهيو آهي، ڇو جو هيءُ سارو سنسار پرماتما ۽ مايا جي ميل ڪري بڻيو آهي. جيکي بہ هي ديهون يعني استول ۽ سوکيم سرير جي ٽن گڻن يعني ستي رجي ۽ تمي ڪري ٻڌل يعني بنيل آهن؛ هن جڳتو ۾ آيون (پيدا ٿيون) آهن، سي بازيگر جي بازيءَ والگر آهن يعني ٿورو وقت جٽاءُ ڪندڙ آهن. ولجوگي منمکہ جيو واهگروءَ کان وڇڙي دکي ٿين ٿا؛ انهنجو مالڪ سان ميلاپ نٿو ٿئي. [رورهي = رمي رهيل يعني وياپڪ؛ شو شڪتي = پرش پرڪرتي يعني مالڪ ۽ مايا؛ ولجوگي = مالڪ کان بي مکہ باقي مايا ڏانهن سنمکہ.]

(٥) مَنَ بَيَراڳي گهر وَسي، سَچَہ ڀِيَ راتا هوءِ
گيانَ مها رَسُ ڀوگوئي، باهڙِ ڀُوکَہ نہ هوءِ

ڪا جيئڻ جي آس آهي؛ (ڇو جو هو سمجهن ٿا تہ) هي ڀريو! تون سڀني جيون جي پالنا ڪرين ٿو؛ جيڪي ساهہ جيو ڪٽي ٿو؛ گرهہ هو کائي ٿو، سي سڀ سندس آڳيت ۾ لکيل آهن (يعني پرالبڌ موجب جيڪي ڪيس ملڻو آهي سو مليس ٿو پوءِ ڪٿي ڇاجي ڪرڻ گهرجيس؟) (اِها ڳالهہ) جيئن توکي وڻي ٿي تيئن تون انهن گورمکن کي لوڙيئي يعني ظاهر ڪري ڏيکارين ٿو يا سمجهہ ڏين ٿو، جن جي اندر ۾ تون وسين ٿو. [ليکيءَ = پرالبڌ جو ليکو؛ گراس = گرهہ؛ نہ جاس = لوڙيئي، نسچي ڪرائڻ.]

جيئڙي رامُ جپتَ مَنُ مانُ
اَنتر لاگي جَلِ ٻجهي، پائيا گورمُکہ گيانُ

(اِڪ رهاءُ)

ارٿ- هي ڀائي! رام جپڻ سان من راضي يا آنند روپ ٿئي ٿو. (ڇاڪاڻ) جڏهين گوروءَ جي اُپديش دواران گيان پائي (نام جپجي) ٿو، تڏهين اندر، جا ترشنا روپي اگني لڳل آهي، سا اُجهامي ٿي وڃي. [مان = راضي يا آنند روپ ٿيڻ؛ جل = جلن يعني اگني؛ ٻجهي = اجهامي ويئي.]

(٢) اَنتَر ڪي گتِ جاڻيئي، گورَ مليئي سنڪ اُتارِ
مَئيا جتُ گهر جائيئي، نتُ جيوَ دِيا مُرارِ
اَنهد سَبَدِ سُهاوڻي، پائيئي گورَ ويچارِ

ارٿ- جڏهين گوروءَ ملڻ ڪري (هن جيو جا) سنسا لهي وڃن ٿا، تڏهين هنکي اَندر اِها سوجهي پوي ٿي، تہ جنهن هند مرڻ ڪالپوءِ وڃڻو آهي، اوڏانهن وڃڻ لاءِ جيئري ئي پاڻکي ماري ڇڏڻ گهرجي (يعني آپا ڀاءُ ڇڏڻ گهرجي). گوروءَ جي اُپديش تي ويچار ڪرڻ سان هيءُ جيو سندر اَنهد شبد اندر ۾ ٻڌي ٿو. [گت = گيات، سوجهي؛ اَنهد = سازن کانسواءِ وڄندڙ؛ سهاوڻي = سندر.]

اَرٿ - هي من! تون ديهه جو اَيمان ڇڏي ڏي ۽ گورو جو هري رُوپ آهي ۽ سمنڊ وانگي بي اَنت آهي، تنهنڪي تون شيو ۽ درگاهه ۾ مان پائين. [سرور = سمنڊ؛ هؤميءَ = مان هيءَ ديهه آهيان؛ گمان = اَيمان.]

(٢) رامَ نامُ جَپِ دِنَسُ راتِ، گورمُکهِ هَرِ ڌَنُ جانُ
سَبِ سُکهَ هَرِ رَسَ ڀوگڻي، سنت سَڀا مِلِ گيانُ
نِت اَهنِسِ هَرِ پرڀُ سيويا سَتَگورِ ديئا نامُ

اَرٿ - (هي ڀائي!) رام جو نالو ڏينهن رات تون جپ، پر اِهو نام رُوپي ڌن، گوروءَ جي دواران ئي ڄاتو وڃي ٿو. هريءَ جي رس ماڻڻ ۾ ئي سڀ سک آهن. (پر انهيءَ رس جو) گيان ست سنگ ۾ ملي ٿو. جنکي ست گوروءَ نام جو دان ڏنو آهي، اهي ئي پرڀوءَ کي سدائو ڏينهن رات شيوين ٿا. [گورمک = گوروءَ دوارا؛ جان = ڄاڻڻ]

(٣) ڪوُڪَرِ ڪوڙُ ڪمائيئي، گورَ نندا پَچي پَچانُ
ڀَرَمي ڀوُلا دکه گهڻو، جَمُ مار ڪَرئي کَلَ هانُ
منمکهِ سکهه نه پائيئي، گورَمکهِ سُکهه سُڀانُ

ارٿ - جي ڪتي روپ (لوڀي) پرش آهن سي ڪوڙ ڪمائين ٿا يعني ڪوڙي وهنوار ۾ قائل رهن ٿا، ۽ گوروءَ جي نندا ڪري پاڻ ئي پچن ٿا ۽ ٻين کي به پچائين ٿا. (اهڙا) ڀرمن ۾ ڀليل جيڪي گهڻو دک پائين ٿا، ۽ جم هنجي کليو کلايو هاڃي ڪري ٿو يعني کين جنمن ۾ ڀٽڪائي ٿو. منمک پرش ڪو سک ڪونه ٿا پائين، باقي جيڪي گورمک آهن تنکي عجيب سک حاصل ٿئي ٿو. [ڪوُڪر = ڪتو جنهن ۾ لوڀ جو اوگڻ رهي ٿو؛ پچيءَ = پچڻ؛ پچان = پچائڻ؛ کل = کليو کلايو؛ هان = هاڃي؛ سيان = سبحان يعني اَسچرج روُپ، عجيب.]

نانڪ اِهُ مَنُ مارِمِلُ، پِيِ ڦِرِ دُکُ هوءِ

اَرٿ- من ويراڳي ٿي سروپ ۾ تڏهين وسندو، جڏهين سچي پرماتما جي پڙ ۾ رنگيل هوندو. جڏهين هي جيو گيان جو مهارس ماڻيندو، تڏهين وري هنکي ترشنا روپي بک لڳندي. سري گورو نانڪ صاحب جن فرمائين ٿا ته هن من کي ماري پرڀوءَ سان مل، ته پوءِ وري (جنم مرڻ جو) دک نه ٿيندءِ يعني چؤراسيءَ جي چڪر کان ڇٽي پوندين. [بئراڳي=مايا کان اداس ؛ مالڪ سان ملڻ جو پياسي ؛ گهر = سروپ ؛ مهارس = رس يعني آنندن ۾ مها يعني وڏو آنند ؛ ڀاهڙ = بيهر، وري.]

هن شبد ۾ منمکن ۽ گورمکن جي دشا ٻڌايل آهي.

سري راڳ محلا پهلا شبد (١٩)

(١) ايهُ مَنو مُورکُ لوڀِيئا، لوڀي لڳا لوڀانُ
سَبَدِ نه ڀيجي ساڪتا، دُرَمَتِ آونُ جانُ
سادُو سَتگورُ جي مِلي، تا پائيِئي گُڻي نِدانُ

اَرٿ- هن مورک جيو جو من لوڀي آهي ۽ (پدارٿن جي) لوڀ ۾ لڳي ڪري لوڀائمان ٿي رهيو آهي، (جنهنڪري) هيءَ منمک شبد ۾ نٿو ڀڄي، ۽ سندس کوٽيءَ مت جي ڪري سندس اَچڻ وڃڻ (جنم مرڻ) ٿئي ٿو. (پر) جيڪڏهن ڪيس کو سريشٽ ستگورو ملندو، ته پوءِ هو گڻ نڌان پرماتما پائيندو. [لوڀي = لوڀجي ؛ لوڀان = لوڀائمان ؛ ساڪتا = منمک ؛ سادو = سريشٽ ؛ گڻي نڌان = گڻن جو خزانو يعني پرماتما.]

مَنَ رِي هؤمَي ڇوڏِ گُمانُ
هَرگورَ سَرَوَرُ سيوِ تُون، پاوَهِ دَرگهَ مانُ

(اِڪ رهاءُ)

گور ملئي سُکُ پائيئي، اَگَنِ مَرئي گُڻَ ماهہِ

ارٿ- (پرمي پرش کي جيڪڏهن) هڪ کن ماتر ٻہ پيارو (پرماتما) وسري ٿو، تہ کيس من ۾ وڏو دکہ ٿو ٿئي، (ڇو جو هو سمجهي ٿو تہ) جيڪڏهن هري من ۾ نہ وسندو تہ دَرگاهہ ۾ پت ڪيئن پائبي؟ يعني عزت نہ ملندي. (اَهڙو پرش) گوروءَ سان ملي (سندس اُپديش دوارا) ديوي سمپدا روپي گڻ ڌارڻ ڪري ٿو، جنهن ڪري سندس ترشنا روپي اگني مري وڃي ٿي، ۽ کيس سچو سکہ پراپت ٿئي ٿو [تل = تہ جيترو وقت، ڇسو، اکہ ڇنپ؛ روگ، = سوگ، شوڪ، دکہ، سکہ = هري نام جپڻ روپي آنند؛ گڻ ماهہ = واهہ گوروءَ جي گڻا اُنواد ۾ لڳندي، ترشنا جي اگني ناس ٿئي ٿي.]

مَنَ ري اَهنس هرِ گُڻَ سارِ

جِنَ کِنَ پلُ نامُ نہ وِسَرئي، تي جَنَ وِرَلي سنسار

(اِڪ رَهائُ)

ارٿ- ري من! ڏينهن رات هري جا گڻ ياد ڪر. جنکي هڪ کن يا پل ٻہ هري جو نالو نٿو وسري، (اَهڙا پريمي) هن سنسار ۾ ڪي ورلي ليندا. [سار = سنڀال، ياد ڪر؛ تي = اُهي، اَهڙا؛ ورلي = ڇدا، دُرلڀ.]

(٢) جوتي جوتِ ملائيئي، سُرتي سُرَتِ سنجوگُ

هِنسا هؤمي گَتُ گئي، ناهي سَهَسا سوگُ

گورمُکہ جسُ هرِمَنِ وَسي، تِسُ ميلي گورُ سنجوگُ

ارٿ- جنهن گورمکہ جيو جي من ۾ هري وسي ٿو (يعني جنهکي هريءَ لاءِ سڪ آهي) تنهکي (هري ڀهريائين) گوروءَ سان ميلاپ ٿو ڪرائي. گيانوان گوروءَ جي (اُپديش دوارا ملبل)

(۴) اَئِٿي ڏنڌُ پِڻا ئِيئِي، سَچُه لِکَتَ پرَوانُ
هَرِ سَجڻُ گورُ سيوُدا، گورَ ڪَرَٽي پرَڏانُ
نانَڪَ نامُ نه وِيسَرِئِي، ڪَرَمِ سَچِي نِيشاڻُ

ارٿ - سچي پرماتما جو (ليکه جو اسان جي ڪرمن انوسار لکيل آهي سو) ميٽجڻ جوڳي نه آهي، اِهو ليکه ئي منمکن کان هن لوڪ ۾ ڪوڙا ڏنڌا پٺائي ٿو. (باقي گورمکه جيڪي) هري روپ گوروءَ سچڻ جي شيوا ٿا ڪن ۽ گوروءَ جي (فرمايل) سريشت رهڻي رهي، (جتي ڪٿي) مشهور ٿا ٿين. سري گورو نانڪ صاحب فرمائين ٿا ته جن تي پرميشر جي ڪرپا جي نيشاني پوي ٿي، تنکان رام نٿو وسري.

ڀيوارٿ - پوءِ هي سنسار جا ڏنڌا گورمکه اجايا ڄاڻي ٿو، ۽ سمجهي ٿو ته جيڪي سچ جي ڪمائي ڪنداسين سائي پروان ٿيندي. هري روپ ستگروءَ جي هو پوءِ شيوا ڪري ٿو ۽ پوءِ ستگوروءَ جي ڪرٽيءَ کي هو مکيه پرڏان سمجهي ٿو. سري گورو نانڪ صاحب فرمائين ٿا ته جن تي سچي پرميشر جي ڪرپا جي نيشاني پوي ٿي، تنکان نام نٿو وسري. [اَئِٿيءَ = هتي يعني هن لوڪ ۾؛ ڏنڌ = ڏندا، ڦڪڙي، ڀڻڻو؛ لکمت = ليکه، حڪم؛ پروان = قبول، جو نه ٽري؛ گورڪرٽي = گوروءَ جي فرمايل رهڻي، پرڏان = مکيه، مشهور؛ ڪرم = بخشش، ڪرپا؛ نيشاڻ = نيشاني، مهر.]

هن شبد ۾ گورو صاحب پريمي گورمکن جي سندر دشا ورڻن ٿا ڪن.

سري راڳ محلا پهلا شبد (٢٠)

(١) اِڪُ تِلُ پيارا وِيسَرِئِي روڳُه وَڏا مَنَ ماهِ
ڪِئُه ڏرڳهَه پَتِ پائيئِي، جا هَرِ نه وَسِي مَنَ ماهِ

ستگوروءَ کي پنهنجو متر ڪر ته (هي پائي) سچو نام پراپت ڪري درگاهه ۾ وڃين (يعني عزت لهين.) [پرگاسيا = پرڪاشوان ٿيڻ، ٽرڻ ۽ اُگهاءَ = ترپت ٿيڻ، پڌاپچڻ.]

نوٽ:- چاري اگن = چار باهيون. سري گورو نانڪ ديوجن وارمانجهه جي پئوڙي (٢٠) سلوڪ (٢) ۾ فرمائين ٿا - ”هنس، هيت، لوڀ، ڪوپ چاري نديئا اُگ“ جنهنجو ارٿ آهي ته چار باهه جون نديون آهن (١) هنس = هنسا، (٢) هيت = موهه، (٣) لوڀ = لالچ ۽ (٤) ڪوپ = ڪاوڙ.

هن شبد ۾ گورو صاحب فرمائين ٿا ته هري نام روپي هيرو گوروءَ جي سکيا دوارا ئي پائي سگهبو.

سري راڳ محلا پهلا شبد (٢١)

(١) هَرِ هَرِ جَپَهُ پِئارِئا، گُورَمَتِ لي هَرِ ٻولِ

مَنُ سچِ ڪَسَوَٽي لائيئي، تُلِيئي پُورَئي تولِ

قيمتِ ڪِنئي نه پائيئي، رِدَ ماڻَڪَ مولِ اَمولِ

ارٿ - هي پيارا! هري هري جپيو، (پر) گوروءَ جي سکيا وٺي هريءَ جو نام اُچاريو ۽ من کي (گوروءَ جي آگيا روپي) سچيءَ ڪسوٽيءَ تي لايو ته (پوءِ اهو من) پوريءَ تور ۾ ترندو (يعني اوهين پورن اوستا کي پهچندا) ۽ هردي ۾ هرنام روپي ماڻڪ پائيندا جو ملهه کان اُملهه آهي يعني جنهنجو ڪيترو به ملهه ٿورو آهي ۽ جنهنجي قيمت ڪنهن به نه پاتي آهي. [گورمت = گوروءَ جي سکيا ۽ تليئيءَ = ترلدو ۽ پورئي = پورن ۽ رد = هردي منجهه ۽ اَمول = اُملهه.]

پائي ري، هَرِ هيرا گُورَ ماهِ

سَتَ سنگتِ سَتِگُورُ پائيئي، اَهنِس سبدِ سَلاهِ

(اِڪ رهائُ)

گيان جي ميلاپ ڪري ٿي (اهڙي گورمکه جيو جي) جوت جوتي سروپ پرماتما سان ملي وڃي ٿي، (جهنڪري سندس) هنسا ۽ هؤمئ هليون وڃن ٿيون، ۽ ڪيس ڪو به سنسو ۽ شوڪ نٿو ٿئي. [جوتي = جوتي سروپ پرماتما؛ سرتي = سرت يعني گيان ڌاريندڙ، گئانوان گورو؛ سنجوگ = ميلاپ؛ هنسا = جيو گهات؛ گت گئي = وڃن ٿيون هليون؛ سرتي سرت = پنهنجي سرتيءَ جو واهگوروءَ جي سرت سان سنجوگ لڳي وڃي ٿو.]

(٣) ڪائيا ڪامڻِ جي ڪري، ڀوگي ڀوگڻهار
تِس سِئُ نيهُه نہ ڪيجئي، جو ڍِسي چلڻ هارُ
گورمکه روهِ سوهاگڻي، سو پربُ سيج ڀتارُ

ارٿ - (هي ڀائي!) جيڪڏهن هن ديهه يعني انتهڪرڻ کي (شرڌا واري) استري ڪرين، ته ڀوءَ هنکي ڀوڳڻ هار پرماتما ڀوڳيندو. هي سنسار جو چلڻ هار ڏسجي پيو، تنهنسان پيار نہ ڪجي. جي گورن جي سکيا وٺي سهاڳڻيون ٿيون آهن، سي انتهڪرڻ روپي سيجه تي پنهنجي ڀتار کي ماڻين ٿيون. [ڪائيا = ديهه يعني انتهڪرڻ؛ ڪامڻ = سندر اِستري؛ ڀوڳي = ميلاپ ڪري؛ روهه = ماڻڻ؛ گورمکه = گوروءَ جي مکه مان نِڪتل اُپديش دواران.]

(٤) چاري اَگن نوارِ مَرُ، گورمُکه هَرِ جلُ پاءِ
اَنتر ڪملُ پرگاسيا، اَمرت ڀريا اَگهاءِ
نانڪ سَتگورُ ميتَ ڪر، سَچه پاوهِ دَرگهه جاءِ.

ارٿ - (هي ڀائي!) گوروءَ جي اُپديش دواران هري نام روپي پاڻي وجهي چارئي باهيون نورت ڪري پاڻ کي ماري ڇڏ ته تنهنجو هردي روپي ڪنول (هري نام روپي) اَمرت سان ڀرپور ۽ ترپت ٿي ٽڙندو. سري گورو نانڪ صاحب فرمائين ٿا ته

سويا، وڏائي؛ رلي = رنگيل؛ سماء = لولين يا اُپيد ئي وچڙ.]

(٢) مَنَ مَهِ ماڻڪُ لَعلُ نامُ، رَتَنُ پدارٿُ هيِرُ
سَچُهِ وَکَرُ دَنُ نامُ هيِ، گَهٽ گَهٽ گَهرَ گنبيِرُ
نانَڪ گورمُکه پائيئِي، دَئِئا ڪَري هَرِ هيِرُ

اَرٿ - (اُهڙن گورمکن لاءِ) من ۾ ئي نام روپي ماڻڪ، لعل، رتن، ۽ هيري آدڪ پدارٿ آهن؛ ۽ گهٽ گهٽ ۾ جو گهر گنڀير يعني اُٿاهه پرماتما وسي ٿو، تنهنجو نام ئي (سعدن لاءِ) سچو وکر ۽ ڌن آهي. سري گورو نانڪ صاحب فرمائين ٿا ته جڏهن پرماتما دَيا ڪري ٿو، تڏهن ئي گوروءَ دوارا ن هري نام روپي هيرو پائجي ٿو. [هير = هيرو؛ گهر = گهاٽو؛ گنبير = اونهو.]

هن شبد ۾ صاحب فرمائين ٿا ته گوروءَ جي اُپديش کانسواءِ ليرلن تي پڪڙ سان ڀڳتي نه ٿيندي.

سري راڳ محلا پهلا شبد (٢٢)

(١) پِرمي پاهِ نه وِجهوي، جي پَوئي دِ سنتر ديسُ
اُنترِ مئلُ نه اُترئي، ڌرگه جيوڻُ ڌرگه ويسُ
هورُ ڪِتيِ ڀِگتِ نه هووَئِي، بِنُ سَتگورَ ڪي اُپديش

ارٿ - جيڪڏهن هي جيو ڪٿي ڏهن ديسانتر پڪي ته ڪو پڪڙ ڪري ڪا سندس ترشنا رُوپي ٻاهه ڪين وسامندي ۽ نه ڪا سندس اَندر جي ميل لهي ويندي، (جنهنڪري مورکوني) سندس جيڻ ڪي به ڌڪار آهي ته سندس ڀيکه ڌارڻ ڪي به ڌڪار آهي. هي ڀائي! ستگوروءَ جي اُپديش کان سواءِ ٻئي ڪنهن به اُپاءَ سان ڀڳتي ڪي نٿي سگهي. [پرمي = پرمڻ يعني

ارٿ - هي ڀائي! هري نام روپي هيرو گورو (هردي) منجهه ئي (ڏيکاري ٿو.) (تنهنڪري) ست سنگ ۾ ستگوروءَ دواران رات ڏينهن هريءَ کي ساراهبو ته اهو (هري نام هيرو) هٿ ايندو. [ماهه = منجهه ئي يعني هردي منجهه ئي؛ سبد= برهم يعني هريءَ جو نام.]

(٢) سَچُ وکرُ ڌَنُ راسِ ليءِ، پائيئي گُرِ پرگاسِ
جِئُ اگنِ مَريءِ جَلِ پائيئي، تِئُ ترشنا داسنِ داسِ
جَمِ جندارُ نه لَگئي، اِءُ ڀؤجلُ تريءِ ترَاسِ

ارٿ - گوروءَ (جي اُپديش) دواران گيان ڀائي سچي نام روپي وکر جو خزانو هٿ ڪريو. جهڙيطرح پاڻيءَ وجهڻ سان اگني وسامي وڃي ٿي، تهڙيطرح ترشنا داسن جي داسي ٿي پوي ٿي، (۽ پوءِ) ڪشت ڏيندڙ جم اوهانکي نه لڳندو ۽ اوهين اُهڙيطرح سنسار ساگر مان پاڻ به تري ويندا ۽ ٻين کي به تاريندا. [پرگاس = سوجهرو يعني گيان، جو اوديا جي اوندهه ناس ٿو ڪري؛ جندار = ڪشت ڏيئي مارڻ وارو گدا يا چالورن چڙڻ جو مهرو؛ ڀوجل = جيون سان ڀريل سنسار ساگر؛ تراس = تارڻ.]

(٣) گورمُکِ ڪوڙُ نه ڀاوئي، سَچِ رَتي سَچِ ڀاءِ
ساڪَتَ سَچُ نه ڀاوئي، ڪُوڙئي ڪُوڙي پانءِ
سچِ رتي گُرِ ميلئي، سَچي سَچِ سماءِ

اُرٿ - گورمکن کي ڪوڙ نه وڻندو آهي، (جو جو) اهي سچ ۾ ئي رتا پيا آهن، (جنهنڪري) کين سچ ئي سچ وڻندو آهي. (پر) منمکن کي سچ نه وڻندو آهي، (جنهنڪري اهڙن) ڪوڙن جي وڏائي به ڪوڙي آهي. جنکي گوروءَ پاڻسان ملايو آهي، سي سچي نام ۾ رتل آهن، ۽ اهي سچا سچي پرماتما ۾ سمائجي وڃن ٿا. [ڀاوئي = وڻي ٿو؛ ساڪت = منمک، پاپي؛ پانءِ = بنياد، پايو

ارٿ - جن هرتيءَ جو نالو نہ سمريو آهي، سي اوگڻن جي ڪري اڇن وڃن ٿا. جن ستگورو پرک جو درشن نہ ڪيو آهي سي سنسار ساگر ۾ پاڻ بہ جلن ٿا ۽ ٻين کي بہ جلائين ٿا. هيءُ مانکا ديه اَملهہ ماڻڪ جهڙي آهي (ڇو جو هن مانکا ديه ۾ ئي پرماتما پراپت ٿي سگهي ٿو)، پر (منمکہ) اهڙا مانکا ديه ڪوڏيءَ (مايا) جي لاءِ (يعني مايا جي وهنوار ۾ لڳي ڪري) نسڦل ڪن ٿا. [چيتئو = چت ۾ ياد ڪيو يعني سمريو؛ پيکيو = مليو يعني درشن ڪيو؛ پچيءَ = پاڻ پچڻ؛ پچاءِ = پچائڻ؛ جيمَ = جنم، يعني مانکا جنم.]

(۴) جِنا ستگورُ رَس مِليِ، سي پُوري پُرکہ سُجاڻَ
گورمِلِ پئوجلُ لنگهيئي، درگهہ پَت پرواڻُ
نانڪ تي مُکہ اُجلي، ڌُنِ اُپجي شبدُ نيشاڻُ.

اَرٿ - جنکي ستگوروءَ دواران (آتم) آنند مليو آهي، اهي ئي پورن پرش ۽ چتر آهن. اهي ئي گوروءَ سان ملي ڪري سنسار ساگر مان ترن ٿا ۽ درگاهہ ۾ عزت سان قبول پون ٿا. سري گورو نانڪ صاحب جن فرمائين ٿا تہ اهڙن پرشن جو مکہ چمڪي ٿو ۽ منجهائن نام روپي ڌن پرگهٽ ٿئي ٿي. [رس = آنند؛ پوري = پورن؛ بي عيب؛ پرواڻ = قبول؛ تي = انهن جا؛ مکہ = منهن؛ اجلي = چمڪندڙ؛ ڌن = مٺو آواز جو اڪ رس وجندو رهي؛ اپجيءَ = اتپن ٿيڻ؛ شبد = برهم يعني رام نام؛ نيشاڻ = جهنڊو يعني جهنڊي وانگر پرگهٽ.]

اُٿانڪا :- هي شبد سري گورو نانڪ صاحب جن ڪرتارپور ۾ هڪ واپاريءَ کي جيئي بدايو جنهنجو نالو رامو هو. گورو صاحب هي اُپديش ڪن ٿا تہ هري نام روپي وکر جو گوروءَ دواران وٺجہ ڪرڻ گهرجي.

پٽڪڻ ڪري؛ وجهوئ = اڇلائي ڇڏيندي؛ پوئ = پئي؛ ڏرگ = ڏڪار جو لائق؛ هور = بيو، ٻئي؛ ڪتيئ = ڪنهن به اُپاءَ سان.]

مَن ري، گورمُک اَگن نوارِ

گورَ ڪا ڪهيا مَن وسي، هومي ترشنا مار

(اِڪ رهاءُ)

اَرٿ- هي من! گوروءَ جي سکيا دواران ترشنا جي اڳني دور ڪر، (ڇو جو) جڏهن گوروءَ جو چيو يعني اُپديش تو (من) ۾ وسندو، تڏهن اهنڪار ۽ ترشنا کي تون ماري سگهندين. [نوار= دور ڪر.]

(٢) مَن ماڻڪ نِرمولُ هي، رام نامِ پَت پاءِ

مل سَت سَنگَت هَر پائيئي، گورمُک هَر لوَ لاءِ

آپُ گئيا سُکُ پائيا، مِل سَللَي سَلَل سماءِ

ارٿ- هي من اُملهه ماڻڪ آهي. جيڪڏهن رام نام ۾ لڳي وڃي، جنهن نام دواران عزت پائي سگهجي ٿي. اِهو هر نام ست سنگ ۾ ملي ڪري گوروءَ جي اُپديش دواران، هريءَ ۾ لو لڳائڻ سان ئي پاتو وڃي ٿو. (جن اِهو هر نام پاتو آهي، تن جو) آپا ڀاءُ نورت ٿي وڃيٿو، (جنهنڪري) اهي آتم آنند پائين ٿا، ۽ پرماتما ۾ اُهڙي طرح سمائجي وڃن ٿا جيئن پاڻي پاڻيءَ سان ملي ويندو آهي. [نرمول = جنهنجو ملهه نه ڪٿي سگهجي؛ لو = ڌيان؛ آپ = آپا ڀاءُ، يعني پاڻپڻو يا اهنڪار؛ سلل = پاڻي.]

(٣) جن هَر هَر نامُ نه چيتئو، سُ اوَگُڻ آوئ جاءِ

جسُ ستگورَ پرکُ پيٽئو، سُ ڀؤ جَلِ پَچئ پَچاءِ

اِهَ ماڻڪُ جيئُ نرمولُ هي، اَئُ ڪؤڏي بدلي جاءِ

جي ڪرڻ سان سندن من ۾ ٽن کوٽا ٿين ٿا. جهڙيطرح جار ۾ ڦاٿل هرڻ مها دکي ٿي روئندو آهي، تهڙيطرح اهي کوٽا جيو جم جي ڦاسي ۾ ٻڌجي گهڻو دکي ٿي سديو روئن ٿا. [راس = موڙي، پُونجي؛ مرگ = هرڻ.]

(٣) کوٽي پوتيءِ نا پوَهه، تِنَ هَرِ گُر دَرسُ نه هوءِ

کوٽي ذاتِ نه پَتِ هيءِ، کوٽِ نه سيِجهَسِ کوءِ

کوٽي کوٽُ ڪماوَڻا، آءِ گَئِئا پَتِ کوءِ

اَرٿ - جيئن کوٽا روپيا شاهي خزاني ۾ قبول نه پوندا آهن، تيئن کوٽن جيون کي وڏي پرماتما جو درسن نٿو ٿئي (يعني اهي دربار ۾ قبول نٿا پون.) کوٽن جي ڪيڏي به اوچي ذات هجي ۽ لوڪ ۾ سندن ڪيڏي به ناموس هجي ته به اها ڪنهن ڪم جي نه آهي، ڇو جو کوٽن ڪرمن ڪري ڪنهنجو به ڪلياڻ نٿو ٿئي. کوٽا جيو کوٽائي ڪم ڪندا رهن ٿا، جنهن ڪري پنهنجي پت کوهي جمن ۾ مرن پيا. [پوتيءِ = خزاني ۾؛ گور = وڏو؛ سيجهس = قبول پوڻ يعني ڪلياڻ ٿيڻ.]

(٤) نانڪ مَنُ سَمَجهائيِئي، گُرَ کي سَبدِ سالاهَ

رام نام رَنگِ رَتِئا، ڀارُ نه ڀَرَمُ تِناهَ

هَرِ جَپِ لاها اَگلا، نِرڀَئُه هَرِ مَنَ ماهَ

اَرٿ - سري گورو نانڪ صاحب فرمائين ٿا ته جن گوروءَ جي شبد دواران پنهنجي من کي سمجهائي پرماتما جي ساراهه ڪئي آهي، ۽ رام نام جي پريم ۾ پاڪي رڱيو آهي، تن تي لکو پاپن جو بوجو نو پوي ۽ نڪي ڪي اهي سنسن ۾ ڦٽڪن ٿا. الهنڪي هري نام جپڻ مان اڳتي جو فائدو ٿو ملي جو هريءَ کي ساکيات پنهنجي من ۾ ڏسي ڀؤ کان رهت ٿين ٿا. [سالاهه = ساراهه ڪرڻ، صفت ڳائڻ؛ رنگ = پريم، آنند، رتل، رڱيل؛ ڀار = بار، بوجو؛ ڀرم = سنسا؛ تناهه = تنکي؛ لاها = فائدو؛ اگلا = گهڻو.]

سري راڳ- محلا پهلا شبد (٢٣)

(١) وَڻجہ ڪَرهُہ وَڻجارِهو، وَکُرُ ليهُہ سَمالِ
تَئسي وَستُ وِساهِئِي، جئسي نِبهي نالِ
اَگَي شاهُہ سُجاڻُ هئي، لئسي وَستُ سَمالِ

اَرٿ - (هي جيو روپي) وڻجارا! تون وڻج ڪر، پر وکر سنڀالي وٺ. توکي شيءِ اهڙي خريد ڪرڻ گهرجي، جا توسان توڙ نبهي، (ڇو ته) پرلوڪ ۾ سيٺ (پرماتما) خبردار آهي، هو توکان شيءِ سنڀالي وٺندو (۽ انهي انوسار توکي ڦل ڏيندو.) [وڻجارهو = واپاري، گماشتو؛ سمال = سنڀالي، جاچي جوچي؛ وساهيئيءِ = خريد ڪجي؛ نال = سنگ، ساڻ؛ نبهي = توڙ يا پڄاڙيءَ تائين هلي؛ اگيءَ = اڳيان يعني پرلوڪ ۾؛ شاهہ = سيٺ؛ سَجاڻ = سياڻو يعني خبردار؛ لئسي = وٺندو؛ وست = وستو، وکر.]

ڀائي ري، رام کهُہ چِتُ لاءِ
هَرجَسُ وَکَرُلئِي چَلَهُہ، شَهُہ ديکئِي پتيئاءِ (اِڪ رَهاءُ)

اَرٿ - هي ڀائي! چت لائي رام نام چئُہ، ۽ هريءَ جي جس (ڳائڻ) روپي وکر (پاڻسان) وٺي هل ته شاهہ (پرماتما اهو وکر) ڏسي توتي پرسن ٿيندو. [پتيئاء = اعتبار ڪندو، ويساهہ رکندو يعني پرسن ٿيندو.]

(٢) جِنا راسِ نہ سَچُہ هئي، کِئُہ تِنا سُکُہ هوءِ
کوٽئِي وَڻجِہ وَڻجِئِي، مَنُ تَنُ کوٽا هوءِ
ڦاهي ڦاٿي مِرگ جِئُہ، دُوکہ گهڻو نِت روءِ

اَرٿ - جن وٽ سچي نام روپي موڙي نہ آهي تنکي ڪيئن سک پراپت ٿيندو؟ (ڇو جو) کوٽي واپار (ڪام ڪروڌ آدڪ)

هنيي وچا ڏمڻي، روا جهيڻي ٻاڻ

اَرٿ- منهنجا آنند دائڪ سڄڻ وڃي مقام سنا. مونکي بہ اُداس ٿي وڃڻو پوندو ۽ تمام جهڪي آواز سان رئڻو پوندو. [رنگلي = آنند دايڪ؛ سني = سمهي پيا موت روپي ننڊ ۾؛ جيراڻ = مقام، مساڻ؛ هنيي = هر پيي يعني مان بہ؛ ڏمڻي = دُچتو؛ ٻاڻ = ٻاڻي، آواز.]

(٣) ڪينَ سُڻيهي گوريئي، آپڻ ڪَنْي سوءِ

لڳي آوِهِ ساهُرِئي، نِت نہ پيئئِا هوءِ

اَرٿ- هي (جگياسو روپي) استري! تون پنهنجن ڪنن سان هيءَ خبر ڇو ڪانہ ٿي ٻڌين، تہ تون ساهورن ڏي هلندي پيئي وڃين، (يعني پرلوڪ ڏي تنهنجو هلڻ آهي) هميشه ڪو پيڪي (يعني هن لوڪ ۾) ڪين هوندينءَ. [ڪين = ڇو نہ؛ گوريئي = هي گهيلي استري؛ سوءِ = خبر؛ لڳي آوه = لڳي پيئي اُچين يعني هلندي پيئي اچين؛ نت = هميشه؛ پيئيئا = پيڪو گهر.]

(٣) نانڪ سُتي پيئيئي، جاڻُ وِرتي سَنِ

گُنا گوائي گنٺڙي، اَوگَڻ چلي ٻَنِ

ارٿ- سري گورو نانڪ صاحب فرمائين ٿا تہ جيڪا (جيو روپي) استري پيڪي گهر ستي پيئي آهي (يعني هن سنسار جي وشين ۾ غلطان آهي) تنهڪي سمجهو تہ ڪمهلو کاٽ لڳي رهيو آهي، (جنهڪري) اها استري (شيِ) گڻن جي ڳنڙي وڃائي چلي ٿي ۽ اوگڻن جو بوجو ٻانڌسان ٻڌي وڃي ٿي. [جاڻ = جاڻو، سمجهو؛ ورتي = ڪمهلو؛ سن = کاٽ؛ ٻن = ٻڌي.]

نوٽ:- کاٽ هميشه رات جو لڳندو آهي، جي ڏينهن جو لڳي تہ اهو ڪمهلو ليکبو. ساڳيءَ طرح جي ٻين جولين ۾ ڪام آدڪ کاٽ هڻن؛ تہ اهو مدائتو ليکبو، ڇو جو اهي جوليون اگيان جي اونده ڪري رات مثل آهن. پر هيءَ مالکا ديهي جا ٻڌيءَ جي

اٿانڪا:- ملتان جي پير بهاوالدين جي گاديءَ تي ويٺل پير پنهنجي ڪيترن مريدن سميت سچي پاتشاهه جي درسن لاءِ آيو ۽ عرض ڪيائين ته ”سائين، آخرت جي مسافريءَ ۾ منهنجا مددگار ٿيو.“ گورو صاحب جڏهن ڏٺو ته پير ڪي آخرت جو اونو آهي ۽ سندس مرتيوءَ ۾ باقي ٿورو وقت آهي، تڏهن هيٺيون ويراڳ سان ڀريل شبد دواران کيس ڏسيائون ته اُنهيءَ مسافريءَ لاءِ ڪهڙو سمر ڪٺو ڪر ۽ اِها به تسلي ڏنائونس ته ”پيارا، آسين به تنهنجي پٺيان جلد ايندا سون.“

سري راڳ محلا پهلا گهر دوجا شبد (۲۴)

(۱) ڌَنُ جوبَنُ اَرُ ڦُلَڙا، نانٺِڙي دِنَ چارِ
پَبَڻِ ڪيري پَتَ جِئُ، ڍَلِ ڍُلِ جُمڻ هارَ

اَرٿ- ڌن جوڀن ۽ گل چئن ڏينهن جا مهمان آهن. اُهي پبڻ جي پنن وانگي ڪومائجي ناس ٿي وڃن ٿا. [نانٺِڙي = مزمان؛ ڪيري = جي؛ پت = پن؛ ڍل ڍل = ڪومائجي؛ جمڻ هار = ناس ٿيندڙ.]

رنگُ ماڻِ ليِ پِئارِئا، جا جوبنُ نَئُهُلا
دِنَ ٿوڙڙي ٿَڪي، پِئِيا پرانا چولا (اِڪَ رهائُ)

اَرٿ- هي پيارا! (پرماتما جي پريم جو) آنند ماڻي وٺ، جيستائين جوڀن لئون اٿيئي (يعني جيستائين نؤجوان آهين. ڇو جو جوانيءَ جا) ڏينهن باقي ٿورا اَچي بچيا اٿيئي ۽ هي (ديهه روپي) چولو پراڻو ٿيندو ٿو وڃيئي (پوءِ بڍاپڻ ۾ پرماتما جو پيچ ٿوڪان پچي نه سگهندو.) [رنگ = پريم جو مزو؛ نئهلا = پرقلت، نئون؛ ٿڪي = رهيا، بچيا.]

(۲) سَجَڻَ ميري رنگُلي، جاءِ سُتي جيراڻِ

(٣) آپي ٻهُ ٻِڌ رنڱلا، سکيئي ميرا لعلُ
نِتَ رَوئِ سوهاڳڻي، ديکهُ همارا حالُ

اَرٿ- هي سکيون! منهنجو جيڪو پريتم آهي، سو هر طرح آنند روپ آهي؟ (يعني سيني رسن جو ماڻيندڙ آهي.) سنت يعني سهاڳڻيون سديو هنکي ماڻين ٿيون. منهنجو به (وڇوڙي جو) حال (ڪڏهن نه ڪڏهن مهر ڪري) ڏسندو. [ٻهُ = گهڻيون، گهڻا؛ ٻِڌ = ريتيون، نمونا؛ رنگلا = آنند وٺندڙ يعني ماڻيندڙ؛ لعل=پريتم؛ روئِ = ماڻيتو.]

(٤) پرڻوئِ نانڪُ بينتي، تون سَرَوَرُ تون هنسُ
ڪَؤلُ تون هيِ، ڪويئا تون هيِ، آپي ويکهِ وِگَسَ

اَرٿ- سري گورو نانڪ صاحب وينتي طور چون ٿا ته (هي پريو!) تلاءُ به تون آهين ته منجهس هنس به تون ئي آهين. ڪنول جو گل به تون آهين، نيلي ڦر جو گل به تون آهين؛ ۽ (جنهن سورج کي) ڏسي ڪنول گل ٽڙندو آهي ۽ (جنهن چندرما کي) ڏسي ڪويئا گل ٽڙندو آهي، (اهو سورج ۽ چندرما به) تون ئي آهين. (٢) آپي ويکه وگس = تون ئي انهنکي ڏسي پيو ٽڙين. [پرڻوي = چويتو؛ سرور = تلاءُ؛ ڪويئا = نيلي ڦرجو گل؛ ويکه = ڏسڻ؛ وگس = ٽڙين.]

نوٽ- هن شبد جو اَرٿ گيانوان هيٺين طرح به ڪيو آهي.
"هي پريو! رسيئا يعني گيانوان گوروءَ روپ به تون آهين، ۽ رس يعني گوروءَ جو اُپديش ڪيل گيان به تون آهين ۽ ڀوڳڻهار يعني جگياسوءَ روپي گيان کي گرهڻ ڪري ڀوڳيندڙ به تون آهين. ٻڌيءَ روپي چولو يعني استري به تون آهين، شرڌا روپي سيج به تون آهين، ڀوڳڻ وارو پتي به تون آهين. جم روپي مهاڻو به تون آهين، جيو روپي مڇي به تون آهين، پدارٿن روپي جل به تون آهين ۽ ترشنا روپي جار به تون آهين. ورن آشرم جي ايمان روپي ڪنڍي به تون آهين، ۽ لوڀ روپي ڳاهه به تون آهين. ستسنگ روپي سرور به تون آهين، ويچاروان سنت روپي به تون آهين، آتم جگياسو

پرڪاش ڪري ڏينهن سمان آهي، تنهن جي ڪام آدڪ ڪات هڻن، ته اهو ڪاٽ اڻ مندائتو ٿيندو.

اُٿانڪا:- هڪڙي ڀيري سري گورو نانڪ صاحب جن ۽ ڀائي مردانو ڪنهن درياهه تي وڃي نڪتا. اُتي مهاڻن ويٺي مڇيون ڦاسايون. ڀائي مرداني چيو ته "ڀڳونت! هي لوڪ ڪهڙو نه ظلم ٿا ڪن. ويچارين مڇين کي ڦاسائي پنهنجي آجيوڪا ڪن ٿا." تنهنتي صاحبن هيءُ شبد اُچاريو، جنهن ۾ پرماتما جي سرووياپڪتا ورنن ڪيل آهي.

سري راڳ محلا پهلا گهر دوجا شبد (٢٥)

(١) آپي رَسِيئا، آپ رَسُ، آپي راوڻ هارُ

آپي هووئي چولڙا، آپي سيج ڀتارُ

اَرٿ- رس پريل (پدارٿ) پرماتما پاڻ آهي؛ ۽ رس به پاڻ ئي آهي، ۽ اهو رس ڀوڳيندڙ به پاڻ ئي آهي. (سرير روپي) چولو (اِستري) به پاڻ آهي، ۽ سيج به پاڻ آهي ته ڀتار به پاڻ آهي. [رسيئا = رس سان پريل پدارٿ؛ راوڻ هار = ڀوڳيندڙ، ماڻيندڙ.]

رنگِ رَتا ميرا صاحِبُ، رَوِ رَهِيا ڀرپورِ (اِڪ رهاءُ)

اَرٿ- منهنجو سوامي جو رنگ ۾ رتل يعني آنندمئي آهي، سوئي سڀ ۾ ڀرپور ٿي رمي رهيو آهي. [رنگ رتا=آنند ۾ رڱيل؛ رورهيا = رمي رهيل، وياپڪ.]

(٢) آپي ماڇِي، مَڇُلِي، آپي پاڻي جالُ

آپي جال مڻڪڙا، آپي اَندرِ لالُ

اَرٿ- مهاڻو به پاڻ آهي ته مڇي به پاڻ ئي آهي، ۽ پاڻي به پاڻ آهي ته جار به پاڻ ئي آهي. جار جي ڪُنڍي به پاڻ آهي ته ڪنڍيءَ ۾ ماس جي سڌي يعني ڳاهه به پاڻ آهي. [جال = جار؛ مڻڪڙا = ڪُنڍي؛ لال = ڳاڙهو ماس، ڳاهه.]

کاهي گرَبَسِ مُوڙي مائيا

پِتَ سُتو سگل کالِترَ ماتا ، تيري هوهِ نہ انتِ سَکائيا (اِڪ رَهاءُ)

اَرٿ - هي مورک! اوهين مايا جو اَهنڪار ڇو ٿا ڪريو؟ (ڇو جو) پيءُ، پٽ، اِستري ۽ ماتا، اِهي سڀيئي (جنجو اَهنڪار ٿا ڪريو سي) انت ويلي اَوهانجا سهائڪ نہ ٿيندا. [گربس = گيرب يعني اَهنڪار ڪرڻ؛ موڙي = مورک؛ ستو = پٽ؛ سگل = سڀ؛ کالتر = اِستري؛ سکائيا = سهائڪ.]

(٢) بِکي بِکار دُسٹ کِرکا کري، اِنَ تَج آتمي هوءِ ڌِيائي

جَپُ تَپُ سَنجَمُ هوهِ جَبُ راکي، ڪملُ بِگسي مَڌُ آسرمائي

اَرٿ - وشين ۽ وڪارن روپي دشمن کي ٻاڙون پٽي ڪيدو، (ڇو جو جڏهن) اُنهن کي تياڳ ڪندا (تڏهن ئي) آتما (يعني سروپ) جو ڌيان ٿيندو. (پوءِ) جڏهن جپ، تپ ۽ سنجم (توهانجي سريَ روپي بني جا) راکا ٿيندا، تڏهن توهانجي ديهہ روپي آشرم ۾ هردي روپي ڪنول ٽڙندو. [بکيءَ = وشيون، جي پنج آهن:- شبد، سپرش، روپ، رس ۽ گند؛ بڪار = وڪار، جي پنج آهن:- ڪام، ڪرود، لوڀ، موهہ ۽ اَهنڪار؛ ڪرکا ڪري = ڪٽي ڇڏيو؛ تج = ڇڏ؛ سنجم = اِندرين کي روڪڻ؛ مڌ = منجهہ؛ آسرمائي = ديهہ روپي آشرم يا اِستان.]

(٣) بيس سپَتا هَرو باسرو سَنگَرهي، تِين کوڙا نِتَ کالُ ساريُ

دس آنارمي اَپرنپرو چيني، کهي نانڪُ اِو ايڪُ تاريُ .

روپي ڪمول به تون آهين ۽ گهٽ درجي جو جڳياسو روپي ڪويتا
به تون آهين. جڳياسو روپ ٿي جنهن گوروءَ روپي سورج ۽ چندرما
کي ڏسي تون ٽڙين ٿو، سو به خود تون ٿي آهين.

اُٿانڪا:- هڪ دفعي بابا ڪالوءَ جي چوڻ تي راءِ بلار صاحب
کي پنهنجي ڪچهريءَ ۾ گهرائي چيو ته ”اَبا، تون هاڻي ساماٿو
آهين، تنهنڪري پنهنجي اَبي ڏاڏي جي ڪرت ڪر ۽ کيتي
ڪرڻ ۾ پنهنجي پتا کي مدد ڪر.“ قاضي ۽ ٻيا جيڪي اُتي
حاضر هئا تن به ڳالهه کي وڌايو ۽ سيٺيءَ صاحب کي سمجهائڻ لڳا ته
صلاح پوري ڳالهه اِها آهي ته آجيوڪا لاءِ لوڪي ضرور کيتي ڪرڻ
گهرجي. تنهنتي صاحب جواب ڏنو ته ”مان سچي کيتيءَ ۾ مشغول
آهيان، جا اوهانکي به ڪرڻ جڳائي.“ تنهنتي قاضيءَ پڇيو ته
”اُها وري سچي کيتي ڪهڙي آهي؟“ صاحب اُتر ۾ هيٺيون
شبد اُچاريو:-

سري راڳ محلا پهلا گهر ٽيجا شبد (٢٦)

(١) اِهُ تَنُ ڌِرتي، بِيجُ ڪَرما ڪَرو، سَلِلَ آپاءُ
سارِنگَ پاڻِي

مَنُ ڪِرساڻُ هَرِ رِدئِ جَمائلِئِ، اِءُ پاوَسِ پَدُ نِرباڻِي

اَرٿ- هن تن کي ڌرتي ڪريو، جنهن ۾ (نشڪام) ڪرمن
روپي ٻج ڇٽيو ۽ پرماتما (جي نام جپڻ) روپي پاڻي آڻي منجهس
وجهو. پنهنجي (شڌ) من کي هاري ڪري هري نام هردي ۾
ڄمائي وٺو. اهڙيطرح نردوک پد (روپي ڦل) اوهين پائيندا. [سلل =
پاڻي؛ آ = آڻي؛ پاءُ = وجهو؛ سارنگ پاڻي = سارنگ معنيٰ ڪمان
يا ڌنش ۽ پاڻ معنيٰ هٿ يعني جنهن جي هٿ ۾ ڪمان آهي. اِهو
رام جو نالو آهي، جو صاحب اَڪال پرک سان لڳايو آهي؛ ڪرساڻ =
کيتي ڪندڙ، هاري؛ نرباڻي = جنهنجي واڻي ورلن لڀي ڪري
سکهجي، اُلي آلند واري اوستا.]

کپل ۽ يوگ جو رچيندڙ پاتنجلي ۽ ويدانت جو رچيندڙ وياس. انهن شاسترن کي ڇهہ درشن بہ سڏبو آهي.

١٨ پراڻ - برهم، وشنو، شو، ڀاگوت، پدم، نارد، مارڪنڊيہ، اگني، ڀويشيہ، برهم ونورت، لنگ، واراهہ، سڪند، وامن، ڪورم، متسيہ، برهمنڊ، ۽ گرڙ.

[اپرنپر = پري کان پري يعني وڏن کان وڏو؛ ڇيندءِ = ڳولي؛ اڪ = اهڙيطرح

نوٽ - هن شبد جو ڀوين پد بلڪل ڪٺن آهي، تنهنڪري جيڪي اَرٿ مکيہ ٽيڪا ڪارن اُن جا ڪيا آهن، سي پاٺڪن جي لاڀ لاءِ هيٺ ڏجن ٿا:-

(١) ستاويهن تتن (يعني سوکم ۽ اِستول ڏهن تتن، پنجن پراڻ، ڏهن اندرين ۽ من ۽ بڌيءَ) مان ٺهيل سرير جو ايمان پنهنجي سروپ جي ويچار دواران تياڳيو ۽ تياڳي، روز بروز آتما رس ڪنو ڪريو؛ يا ڏيهن وانگي سرير کي ڇڻ ڀنگر سمجهي جيون مڪتي روپي ڦل دائڪ ديوي سمپدا جا گڻ ڪنا ڪريو. ٽي ديهيون (يعني استول، سوکم، ۽ ڪارڻ) جي جيو روپي پکيءَ جي رهڻ لاءِ آکيرا آهن، تنکي ڪال سديو پيو ساڙي؛ تنهنڪري انهنکي ناسونت سمجهي، اَناويهن (يعني چئن ويدن، ڇهن شاسترن ۽ ارڙهن پراڻن) ۾ پري کان پري پرميشر کي جڏهن اوهين جاڻندا، تڏهين، صاحب فرمائين ٿا تہ اهڙيطرح انهيءَ هڪڙي ۾ ورتي لڳائڻ ڪري پاڻکي تاري ڇڏيندا. (پنڊت تارا سنگهہ)

(٢) ستاويهن سمرتين دواران هريءَ جو نام ڏيهن رات ڪنو ڪريو، ۽ جاڳرت، سپن ۽ سکوپت، انهن ٽنهين اَوستائن ۾ نت ڪال يعني هميشهہ هري ڀڳوان جو سمرن ڪريو. اَناويهن (يعني ارڙهن پراڻن، ڇهن شاسترن، چئن ويدن) دواران بہ اَپرپر هري پرماتما کي ڳوليو. انهيءَ طرح سان جيڪو ڪندو، تنهنکي اُي هڪ هري پرماتما سنسار ساگر مان تاري پار ڪندو.

(سنت ستي پرڪاش)

اَرٿ- سري گورو نانڪ صاحب فرمائين ٿا تہ (هي سريرجوا) سناويهن (يعني پنجن تتن، پنجن گيان اندرين، پنجن ڪرم اندرين، پنجن پراڻن، چئن انتهڪرڻن ۽ ٽن گڻن جو پتلو آهي، تنهنجو ايمان) دور ڪريو ۽ روز بروز آتم رس ڪنو ڪريو. هن ڏيهيءَ جون ٽي اوستائون آهن. بالپڻ، جواني ۽ ٻڍاپڻ تن ۾ نت ڪال يعني هميشه (پرماتما کي) ياد ڪريو. اَٺاويهن (يعني چئن ويدن، ڇهن شاسترن ۽ اَرڙهن پراڻن) ۾ سيڪان اوچي (يعني سار روپ پرماتما) کي ڳولي ڪڍو (يعني انهي منجهہ پورن شردا رکو.) اهڙيطرح اهو هڪ اَڪال پرکہ اوهانکي (سنسار ساگر مان) تاري پار ڪندو.

[بيس سپتا = ويهہ ۽ ست يعني ستاويهہ:-

۵ تت- آڪاس، وايو، تيج، جل ۽ پرٿوي.

۵ گيان اِندريون- اَکيون، ڪن، نڪ، جڀ ۽ چمڙي.

۵ ڪرم اِندريون- وات، هٿ، پير، لنگ ۽ گديا.

۵ پران- پران، اَپان، اُدان، سمان ۽ ويان.

پران ناڀيءَ کان ناسڪا تائين ۽ اَپان ناڀيءَ کان گديا تائين؛ اُدان ڪنٺ ۾؛ سمان سڄي سرير ۾، ويان اهو پتلو وايو آهي، جنهنڪري سڀ عضوا چري سگهن ٿا.

۴ انتهڪرڻ- من، ٻڌ، چت ۽ اهنڪار.

۳ گڻ- ستو، رجو ۽ تمو.

هرو = دور ڪريو؛ باسرو = ڏينهن؛ سن-گرهيءَ = ڪنو ڪريو؛ ڪوڙا = آکيرا، استان، اوستائون؛ ديهہ جون ٽي اوستائون آهن: بالپڻ، جواني ۽ ٻڍاپڻ؛ سارِيءَ = ياد ڪري؛ دس اٺار = ڏهہ ۽ ارڙهن يعني اٺاويهہ:-

۴ ويد- رگ، يجر، شام، ۽ اٿرون.

٦ شاستر- (۱) پورب ميمانسا، (۲) نياءِ، (۳) وئشيشڪ (۴) سانکيہ، (۵) يوگ، (٦) اتر ميمانسا يا ويدانت. انهن شاسترن جا رچيندڙ بہ (٦) آهن. پورب ميمانسا جو رچيندڙ جئمني؛ نياءِ جو رچيندڙ گوتم؛ وئشيشڪ جو رچيندڙ ڪڻاد؛ سانکيہ جو رچيندڙ

تنهنجي شيءِ ڪيتيءَ جا راڪا ٿيندا، جنهن ڪري پڳتي روپي سنگ
پر قلت ٿي ٿڙندو ۽ ڪيس ڪوبہ ونگو واءُ نہ لڳندو. ياد رکجہ تہ
سيءِ تنهنجي ڪٿي ڪمائي ڪٽ ٿيندي، جي ديهہ ايمان ڌاريٺ.
تنهنڪري اُنهي ڪي تياڳي هريءَ جو اٺ ئي پهر ڌيان ڪر، تہ
پڳتي روپي سنگہ مان مڪتيءَ روپي اَن اُتپن ٿئي، جنهن جي
پراپت ڪرڻ سان تون سديو ترپت رهين. اِهائي اٿيئي سچي ڪيتي،
جنهن جي پوکڻ پر تون سديو لڳو رهہ.

اُٿانڪا:- هي شبد صاحبن تلونديءَ جي قاضيءَ کي اُچاريو
آهي، جڏهن قاضيءَ کين چيو تہ اوهين ڪيتي ڪريو ۽ فقيري ڇڏي
ڏيو. صاحبن جواب ڏنو تہ مان ڪيتي ڪريان پيو. اوهانکي بہ اُنهي
سچي ڪيتيءَ پر لڳڻ گهرجي. اوهين جو ديکا ديکي جا ڪم ڪريو
ٿا، انهيءَ ڪري اَلو اوهانبر ايمان جاڳي ٿو، جنهنڪري اوهين پاپن
جي گپ پر اٽکيا پيا آهيو. ائين چئي صاحبن هيٺيون شبد اُچاريو:-

سري راڳ محلا پهلا گهر ٽيجا شبد (٢٧)

(١) عَمَلُ ڪرِ ڌَرتِي، بِيجُہ شَبَد وڪَر، سَچُہ ڪي آبَ نِتَ ديهِ پاڻي

هوءِ ڪِرساڻُ ايمانُ جَمائيِ، بِہشَتُ دوزَقُ مؤُڙي ايو جاڻي

ارٿ- (هي قاضي!) چڱن ڪرمن (واريءَ ٻڌيءَ) کي ڌرتي
ڪر، ۽ منجهس گورن جي اُپديش روپي ٻج چٽ ۽ سچي نام
اچارڻ روپي پاڻيءَ جو ريج هميشهہ ڏيندو رهہ. انهيءَ طرح روحاني
هاري ٿي ڪري (هردي پر پرماتما لاءِ) شرڌا اتپن ڪر، تہ هي
موڙهل! ائين توکي بهشت ۽ دوزخ جي سڌ پوندي. (يعني جي
انهي موجب هلت ڪندين تہ بهشت نصيب ٿيندءِ ۽ جي نہ، تہ
دوزخ پر ويندين.) [عمل = ڪرم، هتي چڱا ڪرم ؛ آب = پاڻي،

(٣) سرير جو ستاويهن تتن (يعني ڏهن اندرين، پنجن پرانن، پنجن سوکم پوتن، من، آهنڪار، مهه تتو، ٽن گڻن، ۽ پرڪرتيءَ جو رچيل آهي) تنهنجو ايمان هرو يعني ناس ڪريو ۽ هريءَ کي سديو ڪال سن يعني پلي پرڪار گرهو يعني ڌارڻ ڪريو، ڇو جو استول، سوکم، ۽ ڪارڻ روپي ٽن پرڪارن جي جا ديهه آهي تنهن غلطان هڻڻ سبب سديو ڪال اوهانکي ناس ڪندو رهندو.
(٢) ستاويهه نکشترن يعني تثين ۾ هري نام کي ڪنو ڪريو ۽ بالپڻ، جواني ۽ بڍاپڻ، اهي جيو روپي پکيءَ جون ٽي اوستائون آهن، تن ۾ روز ڪال کي ياد ڪريو يعني هميشه موت کي چت ۾ رکندا رهو ته پاپ کان دور رهندا ۽ اناويهن (يعني ارڙهن پرانن، ڇهن شاسترن، ۽ چئن ويدن) ۾ جو سار روپ اڀرپير پرميشور آهي تنهنکي دل ۾ ڄاڻو. الهيءَ طرح سان صاحب فرمائين ٿا، ته هڪڙوئي الم درسي پرش پاڻکي لاويندو.
(فريد ڪوٽ جي رياست واري ٽيڪا.)
(۴) بيس سپنا = ويه ۽ سَت يعني ستاويهه. باسَرو = ڏينهن. سنگرهيءَ = جوڙ ڪريو يا ڪٺو ڪريو. تين = ٽي. سي ليا ٽيهَ، يعني ٽيهئي ڏينهن ڪال کي پيو ياد ڪري.

شبد جو نانت پرچ

هي مورک، تون ڇو نو مايا جو گرب ڪرين. انت ويلي تنهنجو ڪوبه سهائي نه آهي. نه پاءُ نه پيڻ، نه ماءُ نه ڀيءُ، نه پٽ نه استري توسان پالهن پيلي ٿيندا. ابا، انٽي سڀي ڪيتي ڪر. تن کي ڪر ڀني، اُن ۾ لشڪار ڪرمن جو ٻج چٽ، ۽ هري نام سمرن روپي جل ڏيئي، پرماتما ڀڳتي روپي سلو اندر ۾ اپراءِ. هي مگد، وشين جا وڪار، ۽ پنج دشت ـ ڪام، ڪروڌ، لوڀ، موهه ۽ اهنڪار ڇو نو اندر ۾ سانڍين. اهي نکما ٻوٽا پاڙون پٽي ڪڍ، ته پرير روپي سلو زور وٺي، ۽ منجهائنس ڀڳتي روپي سنگ نڪري ظاهر ٿئي.
هي پيارا، جپ، تپ ۽ سنجم، اهي واهي ڪري رکه، اهي

خبر، قدر؛ مول = اَصل؛ پاکيا = پاشا، واٽي يعني اُپديش.]

(٣) آکڻ سُنڻا پَوڻَ کي بانِي، اِهُ مَنُ رَتا مائِئا
خَصَمَ کي نَدَرِ دلهِ پَسندي، جِني کَر ايڪُ ڌيائِئا

اَرٿ- اُوهانجو وعظ ڪرڻ توڙي ٻڌڻ هوا وانگي وئرٿ آهي ڇو جو (ٻڌڻ ۽ هنڊائڻ وارو) اُوهانجو من مايا ۾ رتل آهي. (پر) جن شخص پرماتما کي هڪ ڪري يعني هڪ سمجهي ڌيايو آهي، انهن تي مالڪ جي مهر جي نظر ٿئي ٿي ۽ پرماتما جي دل کي اهي پسند اچن ٿا. [باٽي = عادت، يعني هوا جي عادت يعني هوا وانگي وئرٿ؛ خصم = پتي يعني پرماتما.]

(٤) ٿيهَ کَرِ رکي، پنجِ کَر ساٿي، نائُ شيطانُ مَتُ کَٽِ جائِي
نانڪُ آکي راهِ پي چَلَڻا، مالُ ڌنُ ڪِتکو سَنجِئاهي

اَرٿ- توهين ٿيهه روزا ٿا رکو ۽ پنجن نمازن کي ساٿي ٿا ڪريو يعني اهي ٻه ٿا پڙهو، پر جنهنجو نالو شيطان آهي (يعني اَهنڪار) سو متان (اُوهانجي روزن ۽ نمازن جو ڦل) ڪٽي ڇڏي! (ڀاو- اُوهين اَهنڪار تياڳيو ته اوهانجا روزا ۽ نمازون ثابت ٿين.) سري گورو نانڪ صاحب جن فرمائين ٿا ته هي ڀائي! موت جي رستي تي هلڻو آهي يعني ليڪ مرڻو آهي، (پوء) مال ۽ ڌن ڪنهنجي واسطي ٿا ڪٺو ڪريو؟ [راهِ = رستو، هتي موت جو مارگ؛ ڪتکو = ڇا لاء؛ سنجئاهي = ڪٺو ڪريو؛ ٿيه = ٿيهه روزا جيڪي رمضان مهيني ۾ مسلمان ڀائر رکندا آهن؛ پنج = پنج نمازون جي مسلمان ڀائر روز پڙهندا آهن.]

ريجهه ۽ ڪرساڻ = هاري، کيتي ڪندڙ. ايمان = صدق، شردا، لسچو؛ موڙي = موڙهل، مورڪه.]

مَنُ جاڻِ سهِ گَلي پائيا

مالَ ڪي ماٽيءِ، رُوپَ ڪي سوپا، اِتُ

بِڌي جَنَمُ گوائيا (اِڪ رَهاءُ)

ارٿ - متان ائين سمجهي ويهين تہ پتي (پرماتما) کو رڳو ڳالهين (يعني وعظ ڪرڻ) سان پائي سگهبو. اوهان ته مال ملڪيت جي اَيمان ڪري ۽ شڪل جي سونهن (تي موهجي)، اِنهيءَ طرح پنهجو مانکا جنم اَجايو وڃايو آهي. [گلي = ڳالهين سان؛ ماٽيءَ = اَيمان ڪري؛ روپ = شڪل؛ بڌي = ريت، طرح؛ اِت = اِنهيءَ.]

(٢) عيبَ تَنِ چِڪَڙو، اِهُ مَنُ ميڏڪو، ڪَمَلَ

ڪِي سارَ نَهِي مُولِ پائي

ڀَؤُرُ اُستادُ نِتَ ڀاکِيا ٻولي، ڪِمُ ٻُوجهيءِ جانَه

ٻُجهائي

ارٿ - اُوهانجي تن اَندر عيبن (يعني پاپن) جي گپ آهي، (جنهنکي) اوهانجو من ڏيڏر (وانگي چنبڙي پيو) آهي، ۽ (هردي روپي) ڪنول جو قدر اَصل ڪو نٿو ڄاڻي. (ڀاو- جيئن ڏيڏر گپ ۾ ئي ڀاڙکي سُکي سمجهندو آهي ۽ ڪمل گل جي سڳنڌ جي آنند جي ڪيس کل نہ رهندي آهي، تيئن من روپي ڏيڏر پاپن روپي گپ ۾ ڀاڙکي سکي ٿو سمجهي ۽ هردي روپي ڪمل ۾ جا سروپ آنند روپي سڳنڌ آهي، تنهنجي ڪيس خبر ئي ڪانهي.) (گوروءَ روپي) اُستاد جو ڀئنر وانگي (هردي ڪمل جي سڳنڌ ماڻي ٿو) سو هميشه پيو اُپديش ڏئي (تہ هي جيو! تون بہ اِها سڳنڌ ماڻ) پر الهي اُپديش کي هي جيو ڪيئن سمجهندو، جيستائين پرماتما الکي نٿو سمجهائي. [چڪرو = گپ؛ ميڏڪو = ڏيڏر؛ سار = کل،

(٢) نا ڏون مُلا، نا ڏون قاضي، جاڻهِ نامُ خُدائي
جي ڀهُتيرا پڙِيا هووَهِ، ڪو رَهيُ نه پُريئيُ پائي

ارٿ - تون ملو تڏهن سڏبين، تون قاضي تڏهن سڏبين، جڏهن خدا جو نالو ڄاڻندين (يعني سمرن ڪندين، پر جيڪڏهين رڳو) اَوهين گهڻو پڙهيل هوندا ته به اوهانکي نيٺ مرڻو پوندو، (۽ حساب ڏيڻو پوندو)، ڇو جو جڏهن سواس روپي ماپو پريو، تڏهن ڪو به ڪو نه رهي سگهندو. [ڀهتيرا = تمام گهڻو؛ پڙيا = پڙهيل؛ رهيُ = رهڻ يعني جيئرو رهڻ؛ پائي = ماپو هتي سواس روپي ماپو، حياتي.]

(٣) سوئي قاضي جنِ آپُ تَجيا، اِڪُ نامُ ڪيئا آڌارو
هيُ ڀِي هوسِي جاءِ نه جاسِي، سَچا سِرجڻهارو

ارٿ- قاضي اهوئي آهي جنهن آپا ڀاءُ (يعني اهنڪار) ڇڏيو آهي ۽ جنهن هڪڙي مالڪ جي نام جو آسرو ورتو آهي، (جو مالڪ) سچو اپائڻهار هاڻي به آهي، پوءِ به هوندو ۽ جو نڪي ڄمڻ جو آهي ۽ نڪي مرڻ جو آهي. [آپ = آپا ڀاءُ، پاڻپڻو؛ تجيا = ڇڏيو، دور ڪيو؛ جاء = ڄمڻ؛ جاسي = وڃڻ يعني مرڻ.]

(٤) پنجَ وَکتَ نِوازَ گُذارَهِ، پَڙهِ ڪَتيبَ قُراڻا
نانڪ آکيُ گورَ سَديئي، رَهيو پيڻا کاڻا.

ارٿ:- اوهين پنج وقت نمازون پڙهو ٿا ۽ قران شريف ۽ ٻيا دين اسلام جا ڪتاب پڙهو ٿا (پر انهن مان ڇا ورندو جيسين اوهين اعمال نٿا سڌاريو ۽ اَهنڪار نٿا ڇڏيو.) سري گورو نانڪ صاحب جن فرمائين ٿا ته اوهانکي قبر پيئي سڏ ڪري، پوءِ اوهانجو کائڻ پيئڻ به هتي ئي رهجي ويندو. (انهڪري هينئر ئي سچاءِ ئي نام جپيو ۽ پنهنجو جنم سنواريو.)

اُٿانڪا:- ھنئين شبد اُچارڻ مهل هڪ مولوي اچي نڪتو، جنهن صاحبن کي چيو تہ "قاضي صاحب جو چوڻ نيڪ آهي. اوهين پلا اسان پڙهيلن جون ڳالهيون ڪيئن سمجهندا؟" تنهنتي صاحبن ھتس ۽ قاضيءَ تي مهر جي نظر ڪري، سندن اهنڪار دور ڪرڻ لاءِ، اپديش طور، هيٺيون شبد اُچاريو:-

سري راڳ محلا پهلا گهر چوٿان شبد (٢٨)

(١) سوئي مؤلا جنِ جَگ مؤلئا، هَريا ڪيئا سنسارو

آبَ خاڪُ جنِ بَندِ رَهائِي، ڌَنُ سِرَجڻَهارو

اَرٿ- مولي سچ پچ اهو آهي جنهن (پنهنجي شڪتيءَ سان) جڳ کي گلذار ڪيو آهي ۽ ساري سنسار کي هريو پريو ڪيو آهي. (جنهن مالڪ پنهنجي قدرت سان) جل پرٿوي آدڪ تتن کي بندي رکيو آهي (يعني ڪين حڪم هيٺ رکيو آهي،) تنهن سرجڻ هار پرماتما جي ڌنيواد ڪرڻ جڳائي. [مؤلئا = ٽِڙيو، گلذار ڪيو؛ هريا = ساوو، پرفلت؛ سرجڻهارو = اُپائڻهار.]

نوٽ:- پريوءَ هڪ ٻئي جي برخلاف تتن کي اهڙيءَ مريادا ۾ رکيو آهي جو هو پاڻ ۾ ملي رهن ٿا ۽ هڪ ٻئي کي ناس نٿا ڪن. تت هڪ ٻئي جي برخلاف هن ريت آهن، جو پاڻي جيڪر مٽيءَ کي ڳاري ڇڏي ۽ باهہ کي وسائي ڇڏي، ۽ باهہ وري پاڻيءَ کي سڪائي ڇڏي ۽ هوا باهہ کي وڌائي ڇڏي، پر اهي سڀ تت پرماتما جي حڪم ۾ پنهنجي حد ۾ بيٺا آهن.

مَرڻا مُلا مَرڻا

ڀِي ڪَرتا رهُہ ڊَرَڻا (اِڪ رهاءُ)

ارٿ- هي ملا! توکي نيٺ بہ مرڻو آهي (۽ مري پرماتما وٽ وڃي توکي حساب ڏيڻو آهي)، تنهنڪري توکي ڪرتار کان ضرور ڊڄڻ گهرجي. [ڊرڻا = ڊڄڻ.]

منهنجي پراڻن جو پراڻ آهين، پوءِ توکي ڇڏي مان ڪيئن جيئرو
رهي سگهندس؟ هي پريو! جيڪو ڀاڻو تون ورتائين سو مونکي
قبول آهي." اُنوقت صاحبن ڀائي لهڻي جو درد اسچو ۽ پريم
ڏسي مٿس مهر ڪري ڪيس سکيءَ پر قبول ڪيو ۽ ڪلجگي لوڪن
جي حال تي اَرمان ڪائي، اَڪال پرکه کي سمکه ٿي، هينيون
شبد اُچاريو:-

سري راڳ محلا پهلا گهر چوٿا شبد (۲۹)

(۱) ايڪ سُئانُ، دُءِ سُئانِي نالِ
ڀَلَڪي ڀؤُڪهِ، سدا ٻئتالِ
ڪوُڙُ ڇُرٽا، مُنا مُردارُ
ڌاڻَڪ روُپِ رَها ڪَرتارَ

اَرٿ:- (هي پريو! اَسان سان) هڪ (لوڀ روپي) ڪتو ۽
آسا ۽ ترشنا روپي) ٻه ڪتيون لڳيون پيئون آهن، جي سديو سوير
صبح جو پون وت چن ينگر پدارٿن لاءِ ڀيئون ڀؤنڪن (يعني هميشه
شين حاصل ڪرڻ جي اِڇا اٿن.) (اسان) ڪوُڙُ روپي ڇُري (هٿ
ڪنئي) آهي ۽ ٺڳيءَ سان (پدارٿ حاصل ڪري جي) حرام (آهن
جي اسين) ورتايون ٿا. هي ڪرتار! اسين اَهڙيطرح شڪاريءَ جو
روپ ڌاري رهيا آهيون! [سئان=ڪتو، ڀلڪي=سوير صبح جو،
ٻئتال=پون يعني هوا وانگي چن ينگر پدارٿ، منا=مسيل يعني
ٺڳيءَ سان حاصل ڪيل، مردار=مردو، حرام، ڌاڻڪ = ڌنش يا
ڪمان ڪڍندڙ يعني شڪاري.]

مي پَتِ ڪي پنْدِ، نه ڪَرڻي ڪي ڪارَ
هَئُه ٻِگَڙيُ روُپِ رَها ٻِڪرالَ
تيرا ايڪ نامُ تاري سنْسارُ
مي ايها آسَ ايهو آڌارُ (اِڪ رَهاءُ)

[وکت = وقت پنج هي آهن، جن تي مسلمان پائو نماز پڙهندا آهن.

(١) سورج اڀرڻ کان هڪ گهڙي اڳي فجر جي نماز يعني صبح جي نماز.

(٢) ٻي ٻجي ڌاري ظهر جي نماز يعني اڳينءَ جي نماز.

(٣) منجهند کانپوء پيشن جي وقت عصر جي نماز يعني وچينءَ جي نماز.

(۴) سج لٿي مهل مغرب جي نماز يعني سانجهن جي نماز.

(۵) سمهڻ وقت عشا جي نماز يعني سمهڻي جي نماز. گذارهه = پڙهو ٿا؛ ڪتيب = ڪتاب؛ قران شريف کانسواء مسلمان پائرن جو هينئين ٽن ڪتابن ۾ به اعتقاد آهي ١- توريت حضرت موسيٰ جو. ٢- زبور حضرت دائود جو. ٣- انجيل حضرت عيسيٰ جو. قران شريف کي فرقان به چوندا آهن، جو حضرت محمد جو اُچاريل آهي؛ گور = قبر؛ رهيو = رهجي ويندو يعني بند ٿيندو.]

اٿانڪا:- هڪ دفعي هڪ جوڳي صاحبن وٽ آيو ۽ ڪين واڏايون ڏيئي چوڻ لڳو ته "سائين اوهان پنهنجا گهڻيئي سک ڪيا آهن." صاحبن جواب ڏنس ته "اَبا ڪو سچو سک ڪو ورلي آهي، جيڪي توکي جلدئي پروڙ پوندي." تنهنکان پوء صاحب شڪاريءَ جو ويس ڌاري شڪاري ڪتا ۽ ڪتيون پاڻسان ڪٺي ۽ ڪمر ۾ ڇُري وجهي اُٺي هليا، جڻ شڪار ڪرڻ لي ويا. صاحبن جو اهو عجيب سانگ ڏسي سڪن جا انبوهه اچي ڪٺا ٿيا. اوڏي مهل صاحبن پٽر اُلهن ڏالهن اُچلايا، جنهنڪري سيبيئي سک ڀڄي ڀڄي ويا ۽ چوڻ لڳا ته "بابا نانڪ هاڻي مستانو ٿي پيو آهي." باقي ٻڌي صاحب جهڙا صدقي سک به ست نه سهي سگهيا. فقط وڃي بچيو پائي لهڻو صاحب، جو پٽرن جي لڳڻ کان بلڪل نه ڊنو ۽ صاحبن سان گڏ هلندو ويو. تنهنتي صاحبن کانئس پڇيو ته "تون ڇو تو اسانجي هنيان اچين؟ تو هيترا پٽر کاڌا آهن ته به اسانجي پٺ لتو ڇڏين، سو ڇو؟" پائي لهڻي هٿ ٻڌي جواب ڏنو ته منهنجا سائين! تون ٿي

پيو خيال ڪري. اهڙيطرح اسين ننگ ڪٿين ديس پيا نڳيون. پاڻکي سمجهون سو گهڻوئي سياڻو ٿا، پر درحقيقت (انهيءَ چترائيءَ ڪري پاڻ پاپن روپي) ڳرو بوجو پنهنجي سر تي پيا وجهون. اسين اهڙيطرح شڪاريءَ جو روپ ڌاري رهيا آهيون! [ڦاهي = ڦاسائڻ؛ سرت = ورتي، خيال، چت؛ ملوڪي=پارسيءَ ۾ ملڪ يعني بادشاه جو؛ نگواڙا=نڳيندڙ؛ ڪرا=نيڪ، تکو، گهڻو؛ پار=بار پاپن روپي.]

(٤) ميِّ ڪيتا نہ جاتا حرامخورُ

هئُہ ڪِيا مُهُہ ديسا دُشٽُ چورُ

نانڪُ نيچُہ ڪهيِّ بيِچارُ

ڌاڻڪَ روُپِ رَها ڪَرَتارَ

ارٿ:- (هي پريو!) اسان تنهنجا ڪيل اپڪار نہ جاتا آهن تنهنڪري اسين حرامخور آهيون. اسين دشٽ چور توکي ڪهڙو منهن ڏيندا سون؟ (يعني تنهنجي اڳيان ڪهڙو منهن ڪڍنداسون مطلب تہ تنهنجي اڳيان ڦڪا پيا لڳنداسون.) سري گورو نانڪ صاحب جن چون ٿا تہ "هي ڪرتار! مان نيچ (يعني نماڻو) اهو مٿيون ويچار ڪري چوان ٿو تہ اسين اهڙيطرح شڪاريءَ جو روپ ڌاري رهيا آهيون!" [ڪيتا=ڪيل اپڪار جا ڪم؛ جاتا=ڄاتا يعني قدر سڃاتو؛ حرامخور=حرام کائيندڙ؛ ديسا=ڏيندا سون.]

اُٿانڪا:- هڪ دفعي سري گورو نانڪ ديو جن ۽ ڀائي مردانو ڪنهن هنڌ وڃي لڪنا. اُتي مينهن نہ پوڻ ڪري ڏاڍو ڏڪار اَچي پيو هو. جڏهين ماڻهن کي صاحبن جي اَچڻ جي خبر پيئي، تڏهين وٽن آيا ۽ کين عرض ڪيائون تہ "سچا پاتشاه! ديا پالي مينهن وسايو." صاحبن فرمايو تہ "ڪرتار کي جي وڻندو تہ مينهن وسائيندو." اِنتري ۾ مينهن اوڙڪون اَچي پيو ۽ ڏاڍا وڏا ڳڙا وسڻ لڳا، جنهنڪري اڳي کان بہ گهڻا جيو مرڻ لڳا ۽ گهڻو نقصان ٿيو. صاحبن ان وقت اَڪال پورکہ کي سدمکہ ٿي هي شبد

ارٿ:- اسان عزت پراپت ڪرڻ جي وات جي سڪيا نه ورتي آهي ۽ نڪي ڪي اسان ۾ شڀ ڪرمن جي ڪار آهي (يعني نڪو شڀ ڪرم ٿا ڪريون) جنهنڪري اسين پنهنجي سچي روپ کان بگڙجي ڀيانڪ ٿي رهيا آهيون. هي ڪرتار! تنهنجو ئي هڪڙو نام اسانکي هن ڀو ساگر مان تاريندو (اِنهيڪريئي) اسانکي تنهنجي نام جي آس آهي ۽ نام ئي جو آڌار آهي. [پت=پتي پرماتما؛ پند=سکيا؛ بکرال=ڀيانڪ.]

(٢) مُکِہ نندا آکا دِنُ راتِ

پَرَ گھَر جوهِي نيچَہ سَناتِ

کامُ کَرودُ تَنِ وَسَہِ چنْڊالَ

ڌاڻَکَ روُپِ رَها کَرَتارَ

اَرٿ:- (هي پر يو! اَسين) مکہ مان ڏينهن رات نندا پيا بوليون ۽ نيچن ۾ نيچ ٿي پيا آهيون، جو پرائو گھر پيا تڪيون. ڪام، ڪروڌ آدڪ روپي چنڊال اَسانجي من ۾ پيا وسن. هي ڪرتار! اَسين اَهڙيطرح شڪاريءَ جو روپ ڌاري رهيا آهيون. [پر گھر= پرائو گھر؛ جوهي=تڪڻ؛ سنات=نيچ ذات؛ تن=تن ۾ وِچار شڪتي يعني من.

(٣) ڦاهي سُرَتِ، مَلوُکي ويسُ

هَئُہ ٺَگواڙا، ٺَگِي ديسُ

کَرا سِياڻا، بَهُتا ڀارُ

ڌاڻَکَ روُپِ رَها کَرَتارَ

اَرٿ:- (هي پريو!) اَسانجو (ٻاهران) ويس شاهاڻو (يعني پل مالسائيءَ جو) آهي پر (اندر ۾) اَسانجو چت ماڻهن کي ڦاسائڻ جائي

اَرٿ - (هي پريو! جڏهين) جيو تنهنجي ئي (اَنس) آهن ۽
تون انهن جو (سوامي) آهين (تڏهين) هي صاحب! ڇا لاءِ تو
تون انهن تي غصو ڪرين؟ (پر) جيڪڏهن تون صاحب غصو
ڪندين (ته به اهو تنهندو ڇو جو نيٺ به) تون انهن جو (پتا) آهين
۽ هو تنهنجا (بالڪ) آهن. [توهه=تون هيءَ=تون آهين؛ ڪنتڪه=ڇا لاءِ؛
روهه = غصو؛ اونا = انهن.]

(۳) اَسي بولَ وِگاڙَ وِگاڙَهَ بولَ
تُوُن نَدَرِي اَندَرِ تولهِ تولَ
جَهَ ڪَرَڻي تَهَ پُوري مَتِ
ڪَرَڻي باجَههُ گهٽي گهٽِ

اَرٿ - اَسين موڙڪ بول بگاڙيون ٿا (يعني بي شڪري جا
بول پيا واتان ڪڍون ۽ اهو پلجي ٿا وڃون ته ڪو) تون پنهنجي
ڪرپا درشٽيءَ اندر ويچار روپي وٽن سان پيو تورين (يعني سيڪنهن
کي سندن ڪرمن موجب ڦل پيو ڏين.) جنهن پرش ۾ (تنهنجي
ياڻي ميڙ جي) شڀ ڪرڻي آهي تنهنجي ئي بُڌي نيڪ آهي.
(باقي جيڪي اهڙيءَ) شڀ ڪرڻيءَ کان خالي آهن، تنجي بدي
گهٽ ٿيندي پيئي وڃي. [بول وگاڙ= موڙڪ؛ تول = وٽ؛
باجهه = ڪااسواءِ، خالي.]

(۴) پرڻوتِ نانڪ گياني ڪيسا هوءِ
آپُ پڇاڻي بُوجهئي سوءِ
گُورَ پرسادِ ڪري بيچارُ
سو گياني دَرگهه پرواڻُ

اَرٿ:- سري گورو نانڪ صاحب جن فرمائين ٿا ته هيءَ جيو
(اَهڙيءَ پوريءَ بدي وارو) گياني ڪيئن ٿي سگهندو؟ (جواب)

اُچاريو، جنهنجي اُچارڻ ڪاڻ سندن منهن بند ٿي ويو ؛ جلدئي سُکر ٿيو ؛ ماٺهو آنند ۾ گذارڻ لڳا :-

سري راڳ محلا پهلا گهر چوٿان شبد (٣٠)

(١) ايڪا سُرتِ جيتني هيٰ جيءِ

سُرتِ وِهُوٺا ڪوءِ نہ ڪيءِ

جيهي سُرتِ تيها تِنَ راهُ

ليکا اِڪو آوَهُ جاوهُ

ارٿ :- (هي پريو!) جيڪي بہ جيو (هن سنسار ۾) آهن (انهن سڀني ۾ تو) هڪڙي ئي سمجهہ ڏني آهي. اُن سوجهيءَ کان سواءِ ڪوبہ جيءُ ڪونهي يعني پيدا نہ ٿيو آهي. جنهنجي جهڙي جهڙي سوجهي آهي، تهڙو تهڙو رستو اهو جيءُ وٺي ٿو. (هي پريو!) تنهنجو ليکو (سڀ سان) هڪڙوئي آهي. (انهيءَ ڪرمن جي ليکي موجب سڀڪو) پيو اچي وڃي. [سرت = سمجهہ، گيات، جاڻ، بڌي؛ وهوٺا = خالي، کالسواءِ؛ ڪيءَ = ڪوبہ؛ آوهہ جاهہ = اُچي وڃي .]

ڪاهي جيءَ ڪَرَهِ چتُرائي

ليوئِ ديوئِ ڍِلَ نہ پائي (اِڪ رهائُ)

اَرٿ - جڏهين سڀڪجهہ ليکي موجب ملي ٿو تہ ڏهين جيو ڇو ٿا چترائي ڪن؟ (تہ هي ملي هي نہ ملي.) هي پريو! توکي تہ ڏيڻ ونڻ ۾ ڪا ديرئي نٿي لڳي. [ڪاهي = ڇو؛ ڍِل = دير، ويرم؛ پائي = پوي، لڳي.]

(٢) تيري جيءَ جيئا ڪا توهِ

ڪِتَڪِهُ صاحِبَ آوَهِ روهِ

جي تُوُ صاحِبَ آوَهِ روهِ

تُوُن اونا ڪا تيري اوهِ

ارٿ- مان لکي (جم روپي) مهاڻي کي سڃاڻان ۽ ڄـکا ڄار (يعني ڪال جي ڦاسيءَ) جي سڌ اٿم؛ مگر جڏهين مونکي ڪو ڏک ٿو لڳي، تڏهين هڪ توکي ئي ياد ڪريانٿي. [ميڻُ = مهاڻو؛ جالي = ڄار.]

(۲) تُون پَرَپُورِ، جانيا مي دُورِ

جو ڪَڇُہ ڪَري، سُ تيريءَ حَدُورِ

تُون ديکهِ، هَءُ مُکَرِ پاءِ

تيريءَ ڪَمِ نہ تيريءَ ناءِ

اَرٿ- تون سرو وياپڪ آهين، پر اسين توکي دور سمجهي وينا آهيون. جيڪي اسين ڪريون ٿا، سو سڀ تنهنجي حاضريءَ ۾. (جيتوڻيڪ تون سڀ) وينو ڏسين، تڏهين بہ اسين اُلي ٿا وڃون. لکي اهڙا ڪم ٿا ڪريون جو توکي وڻون ۽ لکي تنهنجو نالو ٿا جپيون. [پرپور = پري پورن، سرو وياپڪ؛ حدور = حاضريءَ ۾؛ مکر پاءِ = انڪاري ٿيڻ، اُلٽ.]

(۳) جيتا ديهہ تيتا هَءُ کاءِ

بيا دَرُ ناهِي ڪَيِ دَرِ جاءِ

نانَڪ ايڪ کهي اَرداس

جيءُ پِنڊُ سَڀُ تيريءَ پاسِ

اَرٿ- جيڪي ڪي تون اسانکي ڏين ٿو، اهو ئي اسين کائونٿا. اسانکي (توکان سواءِ) بيو ڪو در ڪونهي، (پوءِ) ڪنهنجي در تي اسين وڃون؟ (يعني هڪڙو تون ئي داتار آهين.) سري گورو نانڪ صاحب چون ٿا تہ منهنجي هڪ اَرداس آهي تہ منهنجو جيءُ ۽ سرير شل (سدئـو) توکي ارپي ڇڏيان! ڪيءِ = ڪنهنجي؛ اُرداس = وينتي؛ پنڊ = سرير.]

جڏهين پاڻ يعني سروپ کي سڃاڻندو، تڏهن هو نيڪ پرماتما کي (پنهنجو سوامي) سمجهندو (جنهنکري سندس پاڻ ضرور ميڙيندو. پر) اِهو ويچار گوروءَ جي ڪرپا سان ئي ڪري سگهندو. اَهڙو گياني ئي درگاهه ۾ قبول پوي ٿو. [پرٿوت=فرمائين ٿا؛ آپ= پاڻ، سروپ؛ سوءِ=اهو يعني مالڪ؛ پرواڻ=قبول.]

اُٿانڪا:- مسٽر مئڪالف لکي ٿو ته جنهن ٻيلي ۾ صاحبن کي سماڌيءَ ڪانپوءِ ڪرتار جو درسن ٿيو هو، تنهن ئي ٻيلي ۾ هڪ ڏينهن پوءِ صاحبن کي آڪاس واڻي ٿي ته "پيارا نانڪ! جيهنتي منهنجي مهر ٿئي، تيهنتي تون به مهربان ٿجانءِ. مان پرميشور آهيان ۽ تون پرم گورو آهين." تنهنتي صاحبن نمرتا سان هيٺيون سندر شبد اُچاريو:-

سري راگ محلا پهلا گهر چوٿا شبد (۳۱)

(۱) تُون دَرِيائُ دانا بِينا، مي مَڇُلِي ڪَيسي اَنتُ لهان

جَهَ جَهَ ديکا تَهَ تَهَ تُون هَيَ، تُجهتي نِڪسي فُوٽِ مَران

ارٿ:- هي پريو! تون درياهه (وانگي اٿاهه) آهين، تون جاڻي جاڻڻ هار آهين، ۽ تون سڀڪي ويئو ڏسين. مان (جيو روپي) مڇي (تو اٿاهه جو) انت ڪيئن لهي سگهان؟ جيڏانهن جيڏانهن نهاريان ٿي، تيڏانهن تيڏانهن تون ئي آهين، توکان جدا ٿي ٿيان ته ڦاٽي ٿي مران. (ڀاو- جيئن مڇي پاڻيءَ کان ٻاهر نڪري ترڦي ترڦي مري وڃي ٿي، تيئن مان توکان جدا ٿي. اَتي دکي ٿيان ٿو.)

نوٽ:- ملهار محلا چوٿان جو ۳ شبد:-

هرڪا جن هر جل ڪا مينا، هر بسرت فوٽ مريءِ.

[دانا=جاڻندڙ، سياڻو؛ بينا=ڏسندڙ؛ فُوٽ=ڦاٽي؛ تجهتي=توکان.]

نه جاڻا ميئُ، نه جاڻا جالي

جا دُکُ لاگئي، تا تُجهئي سَمالي (اِڪ رهاءُ)

اَنڌا ڪَچا ڪَچُہ نِڪَچُہ (اِڪ رَهاءُ)

اَرٿ - هو پاڻ سچ روپ آهي ۽ ڪيس وٽي بہ سچ ٿو. اسين جيو انڌا (يعني اگيانـي) آهيون ۽ ڪچن ۾ ڪچا آهيون (يعني ناسونت آهيون.) [ڪچ نڪچ = ڪچن ۾ ڪچا.]

(٢) جاڪي رُکہ بِرَکہ آرَاءُ
جيهي ڌاتُ تيها تِنَ ناءُ
ڦُلُ ڀاءُ ڦُلُ لِکِيا پاءِ
آپِ بيجِ آپيهي کاءِ

اَرٿ - جنهنتي جهنگلي وڻن ۽ باغن جي وڻن جو آسرو آهي (ڀاو - جو پرماتما منمکن ۽ گورمکن جي جياپي جو ڪارڻ آهي، تنهن مالڪ جي حڪم موجب) جهڙي جهڙي سندن ڪرمن انوسار پرورتي آهي، تهڙو ئي مٿن نالو پوي ٿو. جن (گورمکن روپي) وڻن ۾ پريم روپي گل اُتپن ٿئي ٿو، انهن منجهہ ئي ڪرمن جي لکئي موجب گيان روپي ميوو لڳي ٿو. اهڙيطرح جهڙو جهڙو ٻج هي جيو پوکي ٿو، تهڙوئي ڦل کائي ٿو. [رکہ = جهنگلي وڻ جنہ ۾ بي سوادي ڦل ٿين ٿا؛ برکہ = باغن جا وڻ جنہ ۾ نهايت لذيذ ميوا ٿين ٿا؛ آراءُ = آسرو؛ ڌات = ڊوڪڻ، ڪرمن ۾ پرورتي؛ ڀاءُ = پريم؛ لکيا = ڪرمن جو ليکو يا حساب.]

(٣) ڪَچِي ڪَنڌَ ڪَچا وِچِ راجُ
مَتِ اَلُوڻي ڦِڪا سادُ
نانڪ آڻي آوِيُ راسِ
وِڻُ ناوِيُ ناهي شاباس.

اَرٿ - (هي سريـر) ڪچيءَ ڀت (مثل آهي يعني نـاسونت آهي) ۽ منجهس (من روپـي) راجا بہ ڪچو آهي (يعني وشين ۾

(۴) آپي نيڙيَ دوُرِ آپيھيِ، آپي منجھِ ميانو
آپي ويکيِ سُڻيِ آپيھيِ، قُدَرَتِ کَري جَھانوَ
جو تِسُ ڀاويَ نانَڪا، حُکَمُ سوئيِ پرَوانو.

اَرٿ- پاڻ ئي تون ويجهو آهين، پاڻ ئي تون دور آهين، ۽ وچ ۾ تون پاڻ ئي آهين. پاڻ ئي تون ڏسين ٿو، پاڻ ئي تون ٻڌين ٿو ۽ پاڻ ئي پنهنجي قدرت سان جهان اُتپن ڪرين ٿو. سري گورو نانڪ صاحب جن چون ٿا ته "هي پريو! جيڪي توکي وڻي ٿو، اهو ئي حڪم (اسان لاءِ) پروانو آهي." [نيڙيءَ = ويجهو ؛ ميانو = وچ ؛ پروانو = لکيل حڪم، اَڻ ٽرندڙ حڪم.]

هن شبد ۾ اُپديش ڪيل آهي ته ايمان ڇڏي سنتشت ٿي رهجي، ڇو ته ڏک سک ڪرمن انوسار ئي ملن ٿا. تنهنڪري بهتر آهي ته آسانکي پنهنجا ڪرم سڌارڻ گهرجن.

سري راڳ محلا پهلا گهر چوٿان شبد (۳۲)

(۱) ڪِيتا کَها کَري مَنِ مانُ
ديوَڻهاري کيِ هَٿِ دانُ
ڀاويَ ديءِ نہ ديئيِ سوءِ
ڪيِتي کيِ کَهِئيِ ڪِيا هوءِ

اَرٿ- هي پيدا ڪيل جيو من ۾ اَيمان ڇا جو ٿو ڪري، جڏهن (پرماتما) ڏيڻ واري جي هٿ ۾ (سڀ) دان آهي؟ انهي کي وڻي ته ڏئي، وڻي ته نہ ڏئي. هن پيدا ڪيل جيو جي چوڻ تي ڇا ٿي سگهندو؟ [ڪيتا = ڪيل، يعني اُپايل ؛ ڀاويءِ = وڻيس ؛ سوءِ = اهو (پرماتما.)]

آپي سَچُ ڀاويَ تِسُ سَچُ

پالي اهو اندريون ڏيو ٻتايو، جنهنکري مايا جو اندوڪار نورت ٿئي.) [دبوا = ڏيو.]

(٢) پوٿي پراڻ ڪمائيئي
ڀؤ وٽي اِت تن پائيئي
سچ بوجهڻ آڻ جلائيئي

اَرٿ۔ (اُتر) پوٿين ۽ پراڻن جو تت گرهڻ ڪجي (اهو ٿيو تيل.) مالڪ جو ڊپ آهي وٽ. اِهي ٻئي هن تن (يعني من روپي ڏئي) ۾ وجهڻ گهرجن. (پوءِ) سچ جي سمجهڻ (يعني پرماتما جي گيان روپي جوت گوروءَ وٽان) آڻي اِهو ڏيو روشن ڪجي.
[ڪمائيئي = سوڌي تت ڪڍڻ؛ اِت = هي؛ بوجهڻ = سمجهڻ.]

اِهُ تيلُ ديوا اِئُ جاءِ
ڪر چانڻ صاحب تئُ ملِي (اِڪ رهاءُ)

اَرٿ۔ اهڙيطرح سي مٿيون تيل ۽ ڏئو ٻري تو، ۽ جڏهين (هردي ۾) انجو پرڪاش ٿئي تو، تڏهين صاحب اچي ملي ٿو.
[چانڻ = پرڪاش، سوجهرو.]

(٣) اِت تن لاگي باڻيئا
سُک هووئي سيو ڪماڻيئا
سڀ دنيئا آوڻ جاڻيئا

اَرٿ۔ جڏهن جيو جي من کي (گوروءَ جي اُپديش روپي) ٻاڻ لڳي ٿو، تڏهين هو شيوا ڪري ٿو، (يعني ڀڳتي ڪري ٿو) ۽ ساريءَ دنيا کي اچڻ وڃڻ واري (يعني چن ڀنگر) ڄاڻي ٿو (۽ اهڙيطرح نرموهي ٿي سچو آتمڪ) سک پائي ٿو. [باڻيئا == ٻاڻ؛ تن=سوکيم سرير يعني انتهڪرڻ يا من؛ سيو=شيوا ڀڳتي؛ آوڻ جاڻيئا = اچڻ ۽ وڃڻ.]

غلطان آهي). (مالڪ جي پريم بنا) ٻڌي اُلوٽي آهي ، (جنهنڪري) سندس سواد ڦڪو (يعني ڪِجھو) آهي (مطلب ته جيئن ڪا ٻـ شيءِ لوڻ کانسواءِ ٻي سوادي لڳندي آهي ، تيئن پريم کانسواءِ هي جيو بہ ڪنهن ڪم جو نہ آهي.) سري گورو نانڪ صاحب جن فرمائين ٿا تہ جڏهين (پرماتما) هن جيو کي (انهي پريم جي دشاءِ) آڻي ٿو، تڏهن هو راس ٿئي ٿو، ڇو تہ نام کانسواءِ هن جيو کي شاباس (يعني عزت) نٿي ملي. [ڪنڌ = پت ؛ راج = راجا ؛ اُلوٽي = لوڻ کان سواءِ ٻي سوادي ؛ راس = پورن.]

اُٿانڪا - صاحبن هي شبد شيخ برهم کي اُچاريو آهي ، جڏهين ڪائن پڇيائين تہ " سائين مايا جو سروپ ڪهڙو آهي ؛ ڪهڙي اُپاءَ ڪري هنکان ڇٽي سگهبو ؛ سکي ٿبو؟ "

سري راڳ محلا پهلا گهر پنجوان شبد (٣٣)

(١) اَچِلَ چَلائي نَهَ چَلِي، نَهَ گهاءُ کَٽارا کَرِ سَکِيءِ

جِهُ صاحِبُ راکِيءِ تِئُ رَهِيءِ، اِسُ لوبِيي کا

جيءُ ٹَلَ پَلِيءِ

اَرٿ - مايا اَچل آهي ، ڪنهنجي چلڻ سان هوءَ نٿي چلجي ؛ نڪو ڪو ڪٽارو هنکي زخم ڪري سگهي ٿو. (اُنهيءَ مايا کان ڇٽڻ لاءِ) جيئن صاحب هن جيو کي رکي ، تيئن هن جيو کي (سنتشٽ ٿي) رهڻ گهرجي ، (پر اِهو ساڌن ڪنن آهي ڇو جو) هن لوڀيءَ جو من مايا کي لڳي پيو آهي. [اَچل = نہ ڊڳڻ جهڙي ؛ گهاءُ = زخم ؛ ڪٽارا = خنجر ؛ ٹل پلي = الٽو ٿي پيو وهي ؛ جيءُ = من.]

بِنُ تيلَ دِيوا کِئُ جَلِيءِ   (اِڪ رَهاءُ)

اَرٿ - (پرشن) تيل کانسواءِ (باهريون) ڏيو ڪيئن ٻري سگهندو؟ (يعني نٿو ٻري سگهي ؛ پرڪاش نٿو ٿئي ، تهڙيطرح ديا

سري گورو امرداس صاحب
جن جو مختصر جيون چرتر

نوٽ:- سري گورو نانڪ ديو جن جيڪي شبد سري راڳ ۾ اُچاريا آهن، تن کان پوءِ سري گورو امرداس صاحب جن جي واڻي سري راڳ ۾ آيل آهي. انهن شبدن جي شروع ڪرڻ کان اڳ سري گورو امرداس صاحب جن جو مختصر جيون چرتر پاٺڪن جي لاڀ لاءِ هتي لکجي ٿو.

سري ڳورو امرداس صاحب جن جو جنم تاريخ ۱۴، ويساک سنبت ۱۵۳۶ برابر ۱۴۷۹ع باسرڪي ڳوٺ ۾ ٿيو، جو سري امرتسر صاحب جي ويجهو آهي ۽ هينئر اُتي هر سال بدي مهيني جي پورنماسيءَ تي وڏو ميلو لڳندو آهي. صاحبن جي پتا جو نالو ڀائي تيجڀان داس هو; هو ذات جا کتري هئا ۽ ڀلا کل جا هئا. سندن ماتا جو نالو ماتا بخت ڪنور هو. صاحب کيتي ۽ واپار ڪندا هئا. ۲۳ ورهين جي ڄمار ۾ سندن شادي منشا ديويءَ سان ٿي. کين ٻه پٽ ۽ ٻه نياڻيون هيون. پٽن جا نالا هئا ڀائي موهن ۽ ڀائي موهري ۽ نياڻين جا ماتا دانيِ ۽ ماتا ڀانيِ.

صاحب اصل ويشنو پنٿ جا هئا. سندن صدق تيرٿن ۾ اهڙو هو، جو ڳهٽو ڪري هڪ نہ ٻئي سال گنگا جي جو تيرٿ ڪندا هئا. جڏهين ويهون ڀيرو ڳنگا جي جو اشنان ڪري موٽيا، تڏهين ٽڪجي مهرا ڳوٺ ۾ هڪ وڻ هيٺان منجهند جو بسرام ڪيائون. وات تي کين هڪڙو بيراڳي گڏيو، جنهن سان اينتري قدر پريت ٿي وئي، جو هڪ ٻئي جو رڌو پڪو کائيندا هئا. بيراڳيءَ صاحبن جو چڱو سياءُ ڏسي، سمجهيو تہ جنهن گوروءَ کان هنن سکيا ورتي

(۴) وِچِ دُنيَا سيوَ ڪمائيِئَي

تا دَرَ گَهہ بيسڻُ پائيِئَي

ڪَهُ نانڪ ٻاهہَ لُڏائيِئَي.

اَرٿ - سري گورو نانڪ صاحب جن فرمائين ٿا تہ دنيا ۾ اچي هن جيو کي شيوا (يعني ڀڳتي) ڪرڻ گهرجي تہ ڪيس درگاهہ ۾ وهڻ لاءِ جاءِ ملندي ۽ هو اتي ٻانهن لوڏيندو ويندو (يعني اتي ڪند متي ڪٽڻ جهڙو ٿيندو.) [بيسڻ = رهڻ؛ ٻاهہ لڏائيِئي = ٻانهن لوڏڻ؛ ڪنهن بہ سوڀ جي ڪري خوشيءَ وچان ٻانهن لوڏبي آهي، سو ٻانهن لوڏڻ جي معنيٰ آهي خوشي ڪرڻ.]

يعني تمام خارج؛ ڪنچن=سون؛ تنيها=انهن ڪي؛ ترشنس=ترپت ٿين ٿا؛ ديها=انهن جا سرير يا من.]

صاحبن کي اِهو ٻڌي اندر ۾ وڏي چوٽ لڳي ويئي ۽ اُٿيءَ دم ماڙيءَ تان لهي ماتا امروءَ وٽ آيا ۽ پڇيائونس ته ”پتري، هي شبد ڪنهنجو رچيل آهي؟“ ماتا امروءَ هٿ ٻڌي عرض ڪيو ته ”سائين، هي شبد سري گورو نانڪ ديو جن جو رچيل آهي، جنهنجي گاديءَ تي هينئر هن داسيءَ جو پتا سري گورو انگد صاحب جن براجمان آهي.“ تنهن تي صاحبن ڪيس چيو ته ”سُپتري مونکي پنهنجي پتا وٽ وٺي هل.“ هن چيو ته ”ٿورا ڏينهن ٿيندا، ته پيڪي گهران آئي آهيان، سو هينئر هلنديس ته انهنکي دل ۾ ٿيندو، چوندا ته شايد رُسي آئي آهي، تنهنڪري ٿورا ڏينهن ترسو ته پوءِ توهانکي وٺي هلنديس.“ صاحبن جو من ستگورن ڏانهن اهڙو ته ڪينچيل هو، جو پلڪ به رهي نه ٿي سگهيو ۽ ماتا امروءَ کي نيزاري ڪري چيائون ته هينئر جو هينئر هل. ماتا امرو صاحبن جو پريم ۽ صدق ڏسي، اُنهيءَ مهل تياري ڪئي ۽ صبح جو صاحبن کي کنڊور صاحب ۾ وٺي آئي. پهچڻ شرط پتا کان آگيا وٺڻ لاءِ اندر ويئي ۽ صاحبن کي ٻاهر ويهاري ويئي. سري گورو انگد صاحب جن پنهنجي نياڻيءَ سان گهڻي پيار سان گڏيا ۽ چيائون ته ”پتري جنهن سان گڏجي آئي آهين، تنهن کي ڇو ٻاهر ويهاريو اٿيئي؟“ ائين چئي گورو صاحب پاڻ ٻاهر نڪتا ۽ سري گورو امر ديو سان اهڙي طرح گڏيا، جيئن سيڻ سيڻ سان گڏبو آهي؛ پر سري گورو امر ديو جن ائين ڪرڻ نه ڏنو. جهٽ گورو صاحبن جي چرنن تي ڍهي پيا ۽ ڪجهه وقت ڪانپوءِ اُٿي گهڻي نمرتا سان چوڻ لڳا ته ”سوامي! اوهين سچا پاتشاه! جڳت جا مالڪ آهيو. مان هڪ ڪيڙو اوهانجي چرنن ۾ آيو آهيان. شل پنهنجي چرنن جو آسرو ڏيوم!“ سري گورو امر ديو جن کي ستگورن جي درسن ڪندي سانت اچي ويئي ۽ اهڙي خوشي ٿين جهڙي ڪنهن ڪنگال کي ساري دنيا جي دولت هٿ اچڻ تي ٿيندي آهي. اهي وقت ڪانپوءِ سري گورو امر ديو جن کنڊور صاحب ۾ رهيا ۽ پنهنجي ستگورن جي سيوا ۾

آهي، سو ضرور ڪو پهتل ٿو ڏسجي. تنهن تي صاحبن کان پڇيائين ته اوهانجو گورو ڪهڙو آهي؟ صاحبن جواب ڏنو ته مون اڃا گورو ڪونه ڪيو آهي. بس اِهو ٻڌي بيراڳيءَ کي بيحد ڏک ٿيو ۽ پنهنجو ڪرم ڪُٽڻ لڳو ته ”هاءِ افسوس! مون تو نگري جي هٿان جو کاڌو وٺي کاڌو آهي. مون وڏو دوش ڪيو آهي. منهنجو سري گنگا جي جو اشنان نِسڦل ٿيو. جڏهين ورِي وڃي سري گنگا جي جو اشنان ڪريان، تڏهين مس منهنجو هيءُ اگر پاپ دور ٿئي." ائين چئي هو صاحبن کي ڇڏي موٽي گنگا جي ڏانهن ويو. صاحبن کي اِهو ٻڌي ڏاڍو خيال ٿي بيٺو، ته ”مون ساري عمر اجائي وڃائي آهي. مٿان اچي جهور ٿيو آهيان، تڏهين به گورو نه ڪيو اٿم. گوروءَ کان سواءِ ڪو چارو ڪونهي." صاحبن کي اهڙي ته جهوري لڳي ويئي، جو جڏهين گهر پهتا، تڏهين به ڪين آرام ڪونه هو؛ ڪجهه منو نه ٿي لڳن. ساري رات چنتا ۾ گذاريائون. امرت ويلي پنهنجي گهر ۾ ماتا امروءَ جو آواز ٻڌائون. ماتا امرو سري گورو انگد صاحب جن جي نياڻي هئي، جا ٿورو وقت ٿيو ته صاحبن جي ڀائٽي سان پرڻي هئي. هوءَ امرت ويلي جو اٿي، اشنان ڪري سري جپ صاحب ۽ ٻي به گورو صاحبن جي مڌر باڻي پڙهندي هئي. باڻي ٻڌڻ شرط صاحبن جي چت کي تير لڳي ويو. اُن وقت ماتا امرو سري گورو نانڪ ديو جن جو راڳ مارو شبد (٣) ويٺي ڳايو. خاص ڪري شبد جي پوين ٻن تڪن صاحبن جي دل تي بلڪل گهڻو اثر ڪيو.

”ڀئي منوُر ڪنچنُ ڦر هووئي، جي گور ملي تنيها
ايڪُ نامُ امرتُ اوهه ديوئي، تَئُه نانڪ ترشٽس ديها."

جنهنجو مطلب آهي ته جيڪڏهين ڪي پرش لوهه جي ڪٽيءَ وانگي بلڪل نيچ ڪٽي هجن، ته به جي اُنهنکي گورو ملندو ته اُهي سون جهڙا شڌ ٿي پوندا؛ جيڪڏهن ستگورو هڪ واهگوروءَ جو امرت نام ڪين بخشيندو ته پوءِ سندن من ترپت ٿي پوندو؛ ڪين ڪنهن ٿي پدارٿ جي لوڙ نه رهندي. [منور=لوهه جي ڪٽي

سياري جي هڪ رات جو مينهن جون اوڙڪون پئي وسيون.
آسمان ۾ گهٽو انڌوڪار هو بادلن جي گجگوڙ کان ڇاتيءَ پئي ڌڪ
ڌڪ ڪئي. اُنهي رات سري گورو امر ديو جن پلڪ به نه ليٽيا.
گوئندوال صاحب مان پير گهمائي، سڌو ويا بياس نديءَ تي، جتان
اشنان ڪري، گهاگهر صفا ڪري، ڀري، مٿي تي رکي، مينهن جو
پاڻي جهاڳيندا، ڪنڊور صاحب ڏانهن روانا ٿيا. وات تي ڪٿي ڪٿي
چيلهه جيڏو پاڻي هو، جنهنمان لنگهڻ ڪنهن جوڌي جوان لاءِ به
ڪٺن هو، پر ستگرن جي آسري اسانجا گور ديو جنجي آيُو تنهن
وقت ٧٣ ورهين جي هئي سي به هلندا آيا. جڏهن گور ڏاري جي
ويجهو آيا، تڏهين رستي ۾ سندن پير هڪ ڪوريءَ جي زمين ۾
کتل ڪلي سان وڃي لڳو، جنهنڪري ٿاٻو کائي کڏ ۾ ڪري پيا؛
پر تنهن وقت به سنڀال ڪري گهاگهر بچائي ورتائون. ڌڪاءَ تي
ڪوري جنهن جو گهر لڳو لڳ هو، تنهن پنهنجي استريءَ کان پڇيو
ته آواز ڇا جو ٿيو؟ جواب ڏنائينس ته ٻيو وري ڪير هوندو؛ اِهو
نتائو، بي وارث اَمرو هوندو، جو گوروءَ جي دربار ۾ سارو ڏينهن
پيو وهي ۽ جنهنڪي پنهنجو گهر گهات آهيئي ڪونه. سري گورو
امرديو جن کان اِهي لفظ سنا نه ٿيا. پنهنجي منهن چوڻ لڳا: هيءَ
ڪا ڇري ٿـي ڏسجي مان نتائو آهيان! مان بيوارث آهيان! اي
ڪملي! منهنجي اوٽ، منهنجو آسرو، ست گورو سچو پاتشاهه آهي.
انهن لفظن ڪرندي شرط ڪورياڻي جهٽ ڇري ٿي پيئي. پنهنجا
ڪپڙا قاڙڻ لڳي ۽ پنهنجي مڙس کي چڪ پائڻ لڳي ۽.گهر منجهان
ڀ گهر ڪري ڏنائين. هوڏانهن سري گورو امرديو جن پنهنجي
ستگورن کي ياد ڪري گهاگهر سنڀالي ستگورن وٽ ويا ۽ کين
اشنان وڃي ڪرايائون. جلد ڪوري به پنهنجي استريءَ کي ماريندو
ڪٽيندو اُتي اچي سهڙيو ۽ وڏا واڪا ڪري چوڻ لڳو ته ”سائين
مونسان ظلم ٿيو آهي؛ اوهين ڪو قياس ڪريو نه ته مون غريب
جو ٻيو ڪو چارو ڪونهي.“ صاحبن ڪوريءَ کان ساري حقيقت
پڇي. احوال ٻڌنديئي پريم وچون سندن نيڻن ۾ جل ڀرجي آيو ۽
سري گورو امرديو جن کي ڳلي سان لائي چيائون تہ ”هي پيارا

رات ڏينهن لڳا پيا هوندا هئا. صاحبن جي عمر ان وقت ٦٧ ورهين جي هئي.

صاحبن جا هر روز جا فرض:- سري گورو امر ديو جن هر روز ڏيڍ پهر صبح کان اڳي اُٿي بياس ندي مان گهاگهر ڀري کنڊور صاحب ۾ ويندا هئا ۽ پنهنجي ستگورن کي اشنان ڪرائيندا هئا. سري آسادي وار ٻيم سان ٻڌي گورن جي ڀنڊاري جو پاڻي ڀريندا هئا. باسڻ ملڻ جو ڪم ۽ ڪاٺين ڪرڻ جو ڪم بہ پاڻ تي کنيو هئائون. شام جو سودر رهراس ٻڌي ستگورن کي پيرَن ڏيئي آرام ڪرائي پنيءَ ۾ گوئند وال موٽندا هئا، جو کنڊور صاحب کان اٽڪل ۴ ميل پري آهي. رات تي دم دمي صاحب وٽ ٽورو ڙسندا هئا. ڪين ڇهين ڇهين مهني هڪ نندو صافو مٿي تي ٻڌڻ لاءِ ملندو هو، سو وري ڪڏهين ڪين لاهيندا هئا. هو ائين ڄاڻندا هئا تہ اها ايشوري ڏات ڪين ملي آهي.

هڪ دفعي سري گورو امرداس صاحب جن پنهنجن ستگورن کي پيرَن ڏيڻ وقت پير ۾ هڪ ڦرڙي ڏني. صاحب تنهن وقت آرام ۾ هئا. سري گورو امرديو جن جيڪو روڳ ڦرڙيءَ ۾ هو، سو چوسي ورتو ۽ انهي ڪري ڦرڙي مٽجي ويئي. ڳالهہ تا ڪن تہ جڏهين سري گورو نانڪ ديو جن سري گورو انگد صاحب جن کي گاديءَ تي وهارڻ مهل نمسڪار ڪيو، تڏهين سري گورو انگد صاحب جن هٿ ٻڌي عرض ڪيو تہ سائين مون جهڙي پاپيءَ نيچ کي اوهان نمسڪار ڪيو آهي، تنهنڪري ضرور منهنجي ديهہ کي ڪو ڀاري روڳ لڳندو. ستگورن جواب ڏنو تہ پيارا ائين نہ ٿيندو. تون اسانجو روپ آهين. پر تو جو وچن زبان مان ڪڍيو آهي، انهيءَ ڪري ضرور تنهنجي بدن تي ڪو نشان روڳ جو رهندو. اها نشاني پير ۾ ڦرڙي هئي. صاحب جڏهن اُٿيا، تڏهين پير ۾ ڦرڙي مٽيل ڏسي ڏاڍا اُداس ٿيا ۽ پنهنجي شش کي چيئيي چوڻ لڳا تہ تون اسانکي ستگورن جي نشاني ڏسي سهي نہ سگهئين. تنهن تي سري گورو امر ديو جن ڏکي ويا ۽ بخشائڻ لڳا. صاحبن ڪين معافي ڏني ۽ ساڳي ڦرڙي اُنهيءَ هنڌ وري نڪتي.

جي ڪمائي بيحد هئي. صاحب شيوا جو روپ هئا. ذات پات جو ڀيد اصلي ڪڍي ڇڏيائون. سندن حڪم هو تہ جيڪو اسانوٽ اچي، سو پهريائين لنگر مان پرساد کائي پوءِ اچي. خود اڪبر بادشاهہ، جو هڪ دفعي درسن لاءِ آيو، تنهن کي بہ پهريائين لنگر مان پرساد کائڻو پيو. لنگر جو پرساد اهڙو تہ عمدو لڳس، جو ٻيو پيرو بہ گهري ورتائين ۽ چيائين تہ يا عمر مون اهڙو رس ڀريو لقمو ڪونہ چکيو آهي! صاحبن جي درسن ڪرڻ کان پوءِ ڪين گهڻيون جاگيرون آڇيائين، جي صاحبن قبول نہ ڪيون؛ جنهن تي هٿ ٻڌي عرض ڪيائين تہ اوهان جي ڌيءَ ماتا ڀانيءَ کي پنهنجي ڌُتري جاڻي اهي جاگيرون ڏيان ٿو. اوهين ديا پالي قبول ڪريو. ستگورن سندس پريم ڏسي اُهي قبول ڪيون.

سري گورو انگد صاحب جن جو پٽ ڀائي داتو کنڊور صاحب ۾ گاديءَ تي وينو ۽ پروانو جاري ڪيائين تہ مان گادي نشين گورو آهيان، سيڪو مونکي مڃي؛ پر ڪنهن بہ ڪيس ڪين ٻڌو. سکن جون ٽوليون جون ٽوليون سري گورو امرديو جن وٽ گوئندوال صاحب ۾ وڃڻ لڳيون، جتي اٺئي پهر پڇن ياءُ لڳو پيو هوندو هو ۽ لنگر بہ جاري هو. سندن ڀنڊارو سدائين ڀرپور هو. ڀائي داتو اِهو حال ٻڌي سڙي ويو ۽ آڪي باقي جو ماڻهن ڪيس ڇيڙيو، سو غصي ۾ ڀرجي گوئندوال صاحب ۾ آيو ۽ صاحبن کي بي ادب ٿي چوڻ لڳو تہ "تورڙائي ڏينهن ٿيندا تون اسانجي گهر جو ٽهليو هئين. هاڻي ڇڱو گورو بڻجي وينو آهين." بس پوءِ صاحبن کي ڀيري هڻيائين لت، جنهن ڪري صاحب تخت تان ڪري پيا. صاحب جي نمرتا جا گهر هئا، تن ڀائي داتوءَ جي پير کي زور ڏنا ۽ چوڻ لڳا تہ "پيارا تنهنجي پير کي ضرور ايذاءُ آيو هوندو. تون گوروءَ جي اَلس آهين. تون بلاشڪ هتي ويهي گورائيءَ جي گدي ماڻ." صاحب ڪيس گادي ڏيئي هليا ويا. هو بہ چار ڏينهن گاديءَ تي وينو، پر ڪو بہ سڪہ ونس ڪونہ آيو، جنهن ڪري خيال ڪيائين تہ هت ويهي ڇا ڪريان؟ ڇڱو آهي تہ دربار صاحب جو سڀ مال متاع کڻي کنڊور صاحب وڃان. پوءِ مال سان خچر ڀرائي نڪتو.

هيءَ مائي توکي لتائڻ ني ڪوني. تون لتائڻ جو ٿانءُ، نہ اوڻن جي اوٽ، نماڻن جو ماڻ، نہ آسرن جو آسرو، نہ گهرن جو گهر، نپتين جي پت آهين." گوريءَ کي فرمايائون تہ "پنهنجي استريءَ کي وني اچي منهنجي پياري جو هٿ لاراءِ تہ جهٽ چريائي لهي وڃيس." سري گورو امرديو جن جي هٿڙي گهمائڻ شرط گوريامي جهٽ اچي والگر ٿوبني ني پيئي ۽ هوش ۾ اچي صاحبن کان معافي گهرڻ لڳي.

سري گورو انگد ديو جن اُنوقت ساري سنگت گڏ ڪري، سري گورو امرديو جن کي لوان وستر ڍڪائي پنج پيسا ۽ ناريل اڳيان رکي گاديءَ تي ويهاريو ۽ ني پيرا ۾ ڪرما ڏيئي نمسڪار ڪيو ۽ بابي بدي صاحب کي کين تلڪ ڏيڻ جو فرمان ڪيائون.

سري گورو انگديو صاحب جن ٻن ڏينهن ڪالپوءِ تاريخ ۴، چيٽ سنبت ۱۶۰۹ برابر ۱۵۵۲ع جي جوتي جوت سمايا ۽ پڇاڙيءَ ۾ سري گورو امرداس صاحب جن کي آگيا ڪري ويا تہ آئينده اوهين گوئند وال ۾ رهجو. راءِ ستي ۽ بلونت رامڪلي جي وار پوڙي (٦) ۾ سري گورو امرديو جن جي گاديءَ تي براجمان ٿيڻ بابت هيئن چيو آهي:-

"سو ٽڪا، سو بٺهٽا سوئي ديباڻُ

پيءُ دادي جيوهان پوتا پرواڻُ."

ارٿ- سري گورو امرديو جن پنهنجي پتا يعني ستگورو سري گورو انگد صاحب جن ۽ ڏاڏي يعني ستگورو سري گورونانڪ ديو جن جهڙائي درگاه ۾ قبول پيل آهن ۽ سندن تلڪ، تخت ۽ دربار بہ اُنهن جهڙي آهي. ڀاو- سري گور امرديو جن، سري گورو نانڪ ديو جن ۽ سري گورو انگد ديو جن جا روپ آهن.

سري گورو انگد صاحب جن جي جوتي جوت سمائڻ کان پوءِ سري گورو امرداس صاحب جن ڪي ڏينهن گوئندوال صاحب ۾ ماڙيءَ تي ايڪانت ۾ گذاريندا هئا ۽ سمورو وقت پرماتما جو ڌيان ۽ سري گورو انگد صاحب جن جي سکيا ويچار ڪندا هئا. صاحبن

صاحبن پنهنجا پريمي سک آس پاس سکي پرچار لاءِ موڪليا، جنهنڪري سکي ڌرم گهڻي قدر زور ورتو. صاحبن پنهنجي گوريائيءَ جي وقت ۾ ڪئين اُپڪار جا ڪم ڪيا ۽ باولي صاحب ٺهرائي، جا سکن لاءِ هڪ اُتم آستان آهي. وٽن پيٽا هزارين روپيه ايندي هئي، مگر سندن حڪم هو ته جيڪي اچي سو لنگر ۾ خرچ ڪري ڇڏيو ۽ ڪوڏي به پاٽوت نه رکو. رات جو جيڪڏهن ڪاڏو بچي پوندو هو ته اُهو جانورن کي کارائيندا هئا ۽ جي اِهو گهڻو هوندو هو ته اُهو مڇين لاءِ درياهه ۾ وجهائيندا هئا بلڪ رات جو پاڻي به هارائي ڇڏيندا هئا. مطلب ته پنهنجن سکن جي دلين تي اِهو وشواس ڄمائيندا هئا ته رزق رازق جي هٿ ۾ آهي ۽ اُهو ئي هر هڪ جيو جي سار سنڀال لهي ٿو.

مٿي ذڪر ڪيل آهي ته سري گورو امرديو کي ٻه نياڻيون هيون. وڏي نياڻي ماتا داني، ڀائي راما بيديءَ سان ۽ ننڍي ماتا ڀاني ڀائي جيٺي سان پرڻيل هئي. ڀائي جيٺي کي ست گورو "رامداس" ڪري سڏيندا هئا. سري گورو رامداس صاحب جن ڀائي هرداس جا سپتر هئا ۽ لاهور جا رهواسي هئا. ننڍي هوندي ڪانوڻي سندن دل سنتن سان هوندي هئي. هو غريب حالت ۾ هئا ۽ سندن ماءُ کين ڪوهر رڌي ڏيندي هئي، جي هو وڪڻي ويندا هئا. هڪ دفعي اتفاق سان سک سنگت سان گڏجي، سري گورو امرديو جن جي دربار ۾ آيا. اُتي اهڙو پريم لڳي وين، جو موٽي گهر وڃڻ جي نه ڪيائون. ستگورن کي شيوا ڪري ايتري قدر راضي ڪيائون، جو ستگورن کين پنهنجي ننڍي نياڻي ماتا ڀانيءَ سان شادي ڪرائي ۽ پرڻ گادي ڏيڻ جو پڪو ارادو ڪيو. هڪڙي ڏينهن سري گورو امرديو جن رات جو پوئون پهر جاڳي اِشنان ڪري سماڌي لڳائي وينا هئا ته ماتا ڀاني جا پنهنجي پتا کي پرماتما جو روپ سمجهندي هئي، سا درشن ڪرڻ آئي. ستگورو صندليءَ تي براجمان هئا. انهيءَ صندليءَ جو هڪ پائو لڪري ويو هو. ماتا ڀانيءَ جي نظر اُن تي وڃي پيئي. سمجهيائين ته صاحب پاسو ورائيندا ته سندن سماڌي ڪلي پوندي.

وات تي ڪي ڌاڪو (چور) گڏيس، جن سارو مال متاع ٻه ڦريس ۽ ڏاڍا ڏک ڏنائونس. سري گورو امرديو جن باسرڪي ڳوٺ ۾ وڃي رهيا ۽ جنهن ڪوٺيءَ ۾ رهيا پيا هئا، تنهن جي ٻاهران لکائي ڇڏيائون ته "جيڪو هيءُ دروازو کولي ايندو، سو نه اسانجو سک ۽ نه اسين اُن جا گورو." سک ته سچي پاتشاهه لاءِ ٻئي ترقيا ۽ گڏجي ٻابي بڍي صاحب کي وينتي ڪيائون ته اوهين ديا پالي صاحبن جو پتو لهي ڏيو. ٻابي بڍي صاحب سڄي رات پرارٿنا ۾ گذاري. صبح جو پاٺ ۽ ڪي پيارا سک گڏجي گڏيءَ کي متوليڪي، ارداس ڪري ٻاهر لڳا. ٻابي بڍي صاحب کين چيو ته صاحبن جي گهوڙيءَ کي ڇڏي ڏيو ۽ اچو ته سندس پٺ وٺي هلون. جنهن هنڌ گهوڙي بيهندي اُتي صاحب ضرور هوندا. سکن ائين ڪيو. گهوڙي اچي باسرڪي ڳوٺ ۾ اُهيءَ جاءِ وٽ بيٺي، جتي صاحب براجمان هئا. جڏهين دروازي وٽ پهتا، تڏهين ڏٺائون ته دروازي تي لکيو پيو آهي ته ڪوبه سک دروازو نه کولي. سڀيئي ڏاڍي ويچار ۾ پئجي ويا ته ڇا ڪجي. تنهنتي ٻابي بڍي صاحب کين چيو ته دلگير نه ٿيو؛ اچو ته جاءِ جي پنيان پٽ ۾ ڪات هڻي ان مان لنگهي هلو. ائين ڪري اُهي ڪوٺيءَ ۾ اندر ويا. سري گورو امرديو جن سماڌيءَ ۾ هئا. جڏهين سماڌيءَ مان اُٿيا، تڏهن ڏٺائون ته سندن سک اڳيان وينا آهن. تنهنتي کين چيائون ته اوهين اسانجي آگيا جي برخلاف ڇو اندر آيا آهيو؟ ٻابي بڍي صاحب هٿ ٻڌي عرض ڪيو ته "سائين اسان اوهانجي آگيا ڪانه ٽوڙي آهي. اسان دروازو ڪونه کوليو آهي. اسين ٻئي پاسي کان ڪات هڻي اندر آيا آهيون." صاحبن انهن جو پريم ڏسي مرڪيو ۽ ديا پالي کين بخشيو. سک هٿ جوڙي سچي پاتشاهه کي وينتي ڪرڻ لڳا ته "سائين، سري گورو انگد ديو جن اسانکي اوهانجي لڙهه لڳائي ويا آهن، سو اسانکي ڪنهنجي آسري تي ٿا ڇڏيو؟ اوهين ديا پالي گوئندوال صاحب ۾ هلي، اسانکي اُپديش ڪري نهال ڪريو." ستگورو پنهنجي سکن جي شرڌا ڏسي اُنوقت گوئندوال صاحب ڏي موٽيا. ستگورن جي مهما ٻڌي هزارين پريمي گوئندوال صاحب ۾ آيا ۽ صاحبن جا سک ٿيا.

سري راگ — محلا نيبجا

(ست گوروءَ جي مهما)

سري راگ، محلا نيبجا گهر پهلا شبد (١-٣٤)

ايڪ اونڪار سَتِگورَ پرسادِ

(١) هَئُه سَتِگورُ سيوي آپڻا، اِڪَ مَنِ اِڪَ چِتِ ڀاءِ
سَتِگورُ مَنَ ڪامَنا تيرَٿُ هيِ، جِسَنو ديءِ بُجهاءِ
مَنَ چِندِئا وَرُ پاوَڻا، جو اِڇيِ سو ڦَلُ پاءِ
ناءُ ڌِيائيِئيِ، ناءُ مَنگيِئيِ، نامي سَهَجِ سَماءِ

اَرٿ- مان پنهنجي ستگوروءَ جي هڪ منوءَ هڪ چتوءَ پريم سان شيوا ڪريان ٿو. ڇو تہ ستگورو من جون ڪامنائون پورن ڪندڙ تيرٿ آهي؛ (پر ستگوروءَ جي اِها مهما اُهو پرش ڄاڻي ٿو)، جنهنکي پرماتما اُهڙي بوجهہ ڏئي ٿو. (پوءِ اهو پرش) من گهريو ور (پرماتما) پائي ٿو؛ جيڪو ڦل چاهي ٿو سوئي کيس ملي ٿو. (پر اهو پرش بي ڪابہ چاهنا نٿو رکي فقط) نام ڌيائي ٿو، نام دان گهري ٿو؛ نام جي پرتاب ڪري سهج سروپ ۾ سمائجي وڃي ٿو. [سيوي = سيوا ڪريانٿو؛ ڀاءِ = پريم؛ ديءِ بجهاءِ = سمجهائي ڏئي، بوجهہ ڏئي؛ من چندئا = من گهريو؛ اِڇيِ = اِڇا ڪرڻ، چاهڻ؛ سهج = ترياپد، سروپ.]

هيڏانهن هوڏانهن نهاريائين ته ڪا شيءِ هٿ لڳي ته صندليءَ کي آڌار ڏيان پر ڪانه لڌيس نيٺ پنهنجو هٿ پائي جي عيوض ڏنائين. پاسو ته ٻريو، پر استري سرير جو ڪومل هٿ، بار پوڻ ڪري چيچي ويو ۽ آڱي باقي صندليءَ ۾ هٿي ڪلي، تنهنجي لڳڻ ڪري رت نينديءَ ٿي وهڻ لڳو. هنجي سڄي ٻانهن رت جي وهڻ ڪري نستي ٿي پيئي. سماڌيءَ مان ستگورو اُٿن ته ڇا ڏسن ته پاسي ڪان پتري ويٺي آهي ۽ ڌرتيءَ تي رت پيو آهي. صاحب يڪدم اٿيا ۽ صندليءَ ڪان هيٺ لهي، پنهنجي پتريءَ جو هٿ ٻاهر ڪڍيائون ۽ ڦٽيل هٿ ڏانهن نهاري پريم سان چوڻ لڳا "پتري، ايڏي تڪليف تو ڪاٽڪي ڇو ڏني؟" ماتا ڀانيءَ چيو "پتا جي، آءٌ اٿاڻ ۽ نوري مت واري آهيان. مونکان اوهانجي شيوا ڪرڻ پڄي نه ٿي سگهي. اُت ئي پهر غافل رهان ٿي. اوهين پرماتما جو روپ آهيو. اُهي نيتر سڦل جي اوهانجو درشن ڪن! اُهي هٿ سڦل جي اوهانجي ٽهل ڪن! اُهي چرن سڦل جن سان پند ڪري اوهانوٽ اچجي! اهو هردو سڦل جو توهانکي ڌيائي! ڌن ڌن اهو سرير جو اوهانجي شيوا ۾ لڳي!" پنهنجي پتريءَ جا اِهي مٺا ۽ نمرتا وارا وچن ٻڌي صاحب اُتي پرسن ٿيا ۽ چوڻ لڳا "پياري پتري، جيڪو ور گهرڻو هجيئي سو گهر." ماتا ڀانيءَ هٿ ٻڌي وينتي ڪئي ته "ڀڳونت، اوهان گورياٽي اڳيئي پتيءَ کي بخشي آهي، پر اها ديا ڪريو ته گورياٽي اسانجي اولاد ۾ قائم رهندي اُچي." ستگورن فرمايو ته "پتري جئين چئين ٿي تئين ئي ٿيندو." صاحبن پنهنجو جوتي جوت سمائڻ جو وقت ويجهو سمجهي، ساري سنگت ڪٺي ڪرائي. ستگورن پنج پئسا ۽ ناريل گهرائي سري گورو رامداس صاحب جن کي گادي بخشي ۽ ساريءَ سنگت کي فرمايائون ته هي اسانجو روپ آهي؛ هنکي پنهنجو ستگورو ڄاڻي مڃجو. ٻن ڏينهن کانپوءِ سچا پاتشاه سري گورو امرديو جن تاريخ ۱۵، مهيني بدي سنبت ۱۶۳۱ برابر سنه ۱۵۷۴ع جوتي جوت سمايا. انوقت سندن عمر ۹۵ ورهيه ۽ ڪي ڏينهن هئي.

ست سري اَڪال!

اَرٿ - جي پنهنجي ستگوروءَ جي شيوا ڪن ٿا، سي سنسار ۾ ڪي ورلي آهن. اهي هئومئِ ۽ ممتا کي ماري هريءَ کي پنهنجي هردي ۾ رکن ٿا. مان انهن تان قربان وڃان، جن جو نام سان پيار لڳو آهي. اهي ئي چئن ئي جڳن ۾ سکي آهن جنکي اَپار پرڀوءَ جو نام روپي اَکٽ خزانو مليو آهي. [تـي = اهي؛ اُر = ڇاتـي، هردو؛ ڌار = رکڻ؛ نامي = نام سان؛ اکٽ = نه کٽڻ جهڙو؛ اَپار = جنهنجو پار يعني انت نه لهي سگهجي.]

(۴) گورَ ملئِي نامُ پائِيئِي، چُوڪئِي موهَ پِياسَ
هَرِ سيتي مَنُ رَوِ رَهيا، گهَر هِي ماهِ اُداسُ
جِنا هَرِ ڪا سادُ آئيا، هَئُهِ تِنَ بَلِهارئِي جاسُ
نانَڪَ نَدرِي پائِيئِي، سَچُ نامُ گُڻَ تاسُ.

اَرٿ:- (ہر اهو) نام تڏهين تہ پائجي جڏهين گورو ملي ٿو، (پوءِ) موهه ۽ ترشنا ڪيءَ ٿي وڃن ٿا، ۽ هري سان من لڳي ٿو ۽ هي جيوُ گرهست آشرم ۾ ئي (سنسار کان) اداس رهي سگهي ٿو. جنکي هريءَ جي نام جو سواد آيو آهي، تن تان مان قربان وڃان. سري گورو نانڪ صاحب جن فرمائين ٿا تہ ست نام روپي گڻن جي خزاني يعني پرماتما کي تڏهين تہ پائجي، جڏهين گورن يا پرماتما جي ڪرپا ٿئي ٿي. [پياس=اسات، ترشنا؛ گهر هي=گرهست ۾؛ اداس=ورڪت، ويراڳوان؛ جاس=وڃان؛ ندري=ڪرپا درشٽي سان؛ تاس=سمنڊ، خزانو.]

(پـاڪـنـد جـو ڪـنـدن)

سري راڳ محلا ٽيجا شبد (۲-۳۵)

(۱) بَهُ بيکہ ڪرِ پِرَمائيئِي، مَنِ هَردئِ ڪَپَٽُ ڪماءِ
هَرِڪا مَحَلُ نہ پاوئِي، مرِ وشٽا ماهِ سَماءِ

اَرٿ:- (جي) جيو ڪيترائي بيکہ ڪري پتڪن ٿا ۽ اندر ڪپٽ

مَنَ ميري هَرِ رَسُ چاکهُ تکهَ جاء

جنِي گورمُکهِ چاکِيا، سَهَجِي رهي سماء (اِک رهاءُ)

اَرٿ - هي منهنجا مـن، هريءَ جو رس چکه ته دنيا جي پدارٿن جي ترشنا وڃيئي هلي. جن گورن جي اُپديش دواران نام رس چکيو آهي، سي سهج پد ۾ سمائجي وڃن ٿا. [تکه = ترشنا، اَج ؛ سهجي = سهج پد ۾.]

(٢) جنِي سَتـگورُ سيويا، تنِي پائيا نامُ نِڌانُ

اَنتَرِ هَرِ رَسُ رَوِ رَهيا، چوُکا مَنِ اَيِمانُ

هَردئِ کَمَلُ پرگاسيا، لاگا سَهَجِ ڌيانُ

مَنُ نِرمَلُ هَرِرَوِ رَهيا، پائيا دَرگَهِ مانُ

اَرٿ - جن ستگورن جي شيوا ڪئي آهي، تن نـام روپـي خزانو پاتو آهي. بوءِ سندن اندر ۾ هريءَ رس ڦهلجي وڃي ٿـو، تنهنڪري سندن من جو ايمان نـاس ٿي وڃي ٿو ۽ انهنجي ڪمل روپي هردي ۾ پرماتما جو پرڪاش ٿئي ٿو، جنهنڪري سندن سهج سروپ سان ڌيان لڳي ٿو ۽ انهنجو من پوتر ٿئي ٿو، ۽ سندن روم روم ۾ هري رمي رهي ٿو ۽ اهي درگاهه ۾ مان پائين ٿا. [نڌان = خزانو ؛ روِرهيا = رمي رهيو، ڦهلجي ويو ؛ چوُکا = بند ٿيو، ناس ٿيو ؛ پرگاسيا = پرڪاش ٿيو.]

(٣) سَتـگور سيوَن آپڻا، تي وِرَلي سنسارِ

هومي مَمتا مارِڪي، هَرِ راکيا اُرڌارِ

هَئُ تنکِي بَلِهارڻي، جنا نامي لَـگا پيارُ

سيئي سُکيئي چَهُ جُگِي، جنا نامُ اَکُٿُ اَپارُ

سري راگ محلا تيجا

(ستگوروءَ جي مهما)

سري راگ محلا تيجا گهر پهلا شبد (١-٣٤)

ايڪ اونڪار ستِگورَ پرسادِ

(١) هئُه سَتِگورُ سيوي آپڻا، اِڪَ مَنِ اِڪَ چِتِ ڀاءِ
سَتِگورُ مَنَ ڪامَنا تيرَٿُ هيءِ، جِسَنو ديءِ ٻُجهاءِ
مَنَ چِندِئا وَرُ پاوَڻا، جو اِڇيءِ سو ڦَلُ پاءِ
ناءُ ڌِئائيئيءِ، ناءُ منگيئيءِ، نامي سَهَجِ سَماءِ

اَرٿ- مان پنهنجي ستگوروءَ جي هڪ منوءَ هڪ چتو تي پريم سان شيوا ڪريان ٿو. ڇو ته ستگورو من جون ڪامنائون پورن ڪندڙ تيرٿ آهي؛ (پر ستگوروءَ جي اِها مهما اُهو پرش ڄاڻي ٿو)، جنهنکي پرماتما اُهڙي بوجهه ڏني ٿو. (پوءِ اهو پرش) من گهريو ور (پرماتما) پائي ٿوءِ جيڪو ڦل چاهي ٿو سوئي کيس ملي ٿو. (پر اهو پرش ٻي ڪابه چاهنا نٿو رکي فقط) نام ڌيائي ٿو، نام دان گهري ٿوءِ نام جي پرتاب ڪري سهج سروپ ۾ سمائجي وڃي ٿو. [سيوي = سيوا ڪريانٿو؛ ڀاءِ = پريم؛ ديءِ ٻجهاءِ = سمجهائي ڏئي، بوجهه ڏئي؛ مَنِ چِندِئا = من گهريو؛ اِڇيءِ = اِڇا ڪرڻ، چاهڻ؛ سهج = ٿرياپد، سروپ.]

ٿا ڪمائين، سي هريءَ جو محل يعني سروپ لڌا پائين ۽ مرڻ ڪالپوءِ وچي ٿا وشنا ۾ سمائجن. [ٻهہ=گهڻا؛ پرمائيئي=پتڪن ٿا.]

مَنَ ري گِرَهِي ماهِ اُداسُ

سَچُ سَنْجَمُ ڪَرڻي سو ڪري، گورمُکِ هوءِ

پرَگاسُ (اِڪ رَهاءُ)

ارٿ:- هي من! گرهست ۾ ئي (سنسار ڪان) اداس رهہ. جنهن جيو کي گوروءَ جي اپديش دواران (سروپ جو) پرڪاش ٿئي ٿو، اهوئي جيوُ سچہ ۽ سنجم جي ڪرڻي ڪري ٿو (يعني سچہ بولي ٿو ۽ اندرين کي وس رکي ٿو.) [گرهہ=گهر، گرهست؛ اِهو اکر نڪتو آهي گرهڻ=پڪڙڻ منجهان ۽ گرهست تي اِهو نالو پيو ئِي تڏهين آهي جڏهين عام طور اِنهي آشرم ۾ جيو دنيوي وهنوار ۾ "پڪڙيل" ٿو رهي؛ سنجم=اندرين کي روڪڻ.]

(۲) گورَ ڪي سَبَدِ مَنُ جِيتِيا، گَتِ مُڪَتِ گهرئِ مَهِ پاءِ

هَرِڪا نامُ ڌيائِيئِي، سَتِ سَنْگَتِ ميلِ ملاءِ

اَرٿ:- جن پرشن گوروءَ جي اپديش دواران من کي جيتيو آهي، تن گهر ۾ رهندي ئي مڪتيءَ جي پراپتي ڪئي آهي؛ (انهن ڪري جڳائي تہ) ست سنگ جي ميڙ ۾ ملي ڪري هريءَ جو نام ڌيائجي. [گت=پراپتي؛ ميل=ميڙ.]

(۳) جي لَکہ اِسَترِيئا ڀوگَ ڪَرَهِ، نَوَکَنڊَ راجُ ڪَماهِ

بِنُ سَتگُورَ سُکُ نہ پاوئِي ڦِرِ ڦِرِ جُونِي پاهِ

اَرٿ:- جيڪڏهين ڪو لکين اِسترين سان ڪٺي ڀوڳ ڪري ۽ نوَن ئي کنڊن جا راڄ ڪمائي تہ بہ ستگوروءَ کان سواءِ سک نہ پائيندو، (اُلٽو) ورِيو ورِيو جونين ۾ پيو پٽڪندو. [نوَ کنڊ=اَلاورت، رميڪ، هرڻميہ، ڪرو، هو، ڀارت، ڪيتمال، ڀدراشو ۽ ڪنپرس. پرٿويءَ جا اِهي نوَ کنڊ يعني نوَ ٽڪر ليکيا آهن.]

اَرٿ - جي پنهنجي ستگوروءَ جي شيوا ڪن ٿا، سي سنسار ۾ ڪي ورلي آهن. اهي هؤمئِ ۽ ممتا کي ماري هريءَ کي پنهنجي هردي ۾ رکن ٿا. مان انهن تان قربان وڃان، جن جو نام سان پيار لڳو آهي. اهي ئي چئن ئي جڳن ۾ سکي آهن جنکي اَپار پرڀوءَ جو نام روپي اَکٽ خزانو مليو آهي. [تي = اُهي ؛ اُر = ڇاتي، هردو ؛ ڌار = رکڻ ؛ نامي = نام سان ؛ اکٽ = نه کٽڻ جهڙو ؛ اَپار = جنهنجو پار يعني انت نه لهي سگهجي.]

(٤) گُورَ مِلِئِي نامُ پائِبئِي، چُوُڪي موهَ پِياسَ

هَرِ سيتي مَنُ رَوِ رَهِيا، گهرَ هِي ماهِ اُداسُ

جِنا هَرِ کا سادُ آئيا، هَئُه تِنَ بَلِهارئِ جاسُ

نانَڪَ نَدرِ پائِبئِي، سَچُ نامُ گُڻِ تاسُ.

اَرٿ :- (پر اهو) نام تڏهين تو پائجي جڏهين گورو ملي ٿو، (پوءِ) موهه ۽ ترشنا ڪيئي ٿي وڃن ٿا، ۽ هري سان من لڳي ٿو ۽ هي جيوُ گرهست آشرم ۾ ئي (سنسار کان) اداس رهي سگهي ٿو. جنکي هريءَ جي نام جو سواد آيو آهي، تن تان مان قربان وڃان. سري گورو نانڪ صاحب جن فرمائين ٿا ته ست نام روپي گڻن جي خزاني يعني پرماتما کي تڏهين تو پائجي، جڏهين گورن يا پرماتما جي ڪرپا ٿئي ٿي. [پياس=اساٽ، ترشنا؛ گهر هي=گرهست ۾؛ اداس=ورڪت، ويراڳوان؛ جاس=وڃان؛ ندري=ڪرپا درشٽي سان؛ تاس=سمنڊ، خزانو.]

(پاڪنڊ جو ڪنڊن)

سري راڳ محلا ٽيجا شبد (٢-٣٥)

(١) بَهُ بِبِڪ ڪر پرَمائِئي، مَن هَردئِ ڪَپَٽُ ڪماءِ

هَرِ ڪا مَحَلُ نه پاوئِي، مرِ وِشَٽا ماهِ سَماءِ

اَرٿ :- (جي) جيو ڪيترائي ڀيکَ ڪري ڀٽڪن ٿا ۽ اندر ڪپٽ

مَنَ ميري هَر رَسُ چاکهِ تکهَ جاءِ

جنِي گورمکهِ چاکِيا، سَهَجي رهي سماءِ (اِڪ رهاءُ)

ارٿ - هي منهنجا مـن، هريءَ جو رس چکه ته دنيا جي پدارٿن جي ترشنا وڃيئي هلي. جن گورن جي اُپديش دواران نام رس چکيو آهي، سي سهج پد ۾ سمائجي وڃن ٿا. [تکه = ترشنا، اُڃ؛ سهجي = سهج پد ۾.]

(٢) جنِي سَتگورُ سيويا، تنِي پائيا نامُ نڌانُ

اَنتَرِ هَرِ رَسُ رَوِ رَهيا، چوُڪا مَنِ اَڀمانُ

هَردئِ ڪَمَلُ پرگاسيا، لاگا سَهَجِ ڌيانُ

مَنُ نرمَلُ هَرِرَوِ رَهيا، پائيا دَرگَهِ مانُ

ارٿ - جن ستگورن جي شيوا ڪئي آهي، تن نـام روپي خزانو پاتو آهي. پوءِ سندن اندر ۾ هريءَ رس ڦهلجي ويو ٿـو، تنهنڪري سندن من جو ايمان نـاس ٿي ويو ٿو؛ انهنجي ڪمل روپي هردي ۾ پرماتما جو پرڪاش ٿئي ٿو، جنهنڪري سندن سهج سروپ سان ڌيان لڳي ٿو؛ انهنجو من پوتر ٿئي ٿو، ۽ سندن روم روم ۾ هري رمي رهي ٿو ۽ اهي درگاهه ۾ مان پائين ٿا. [نڌان = خزانو؛ رورهيا = رمي رهيو، ڦهلجي ويو؛ چوُڪا = بند ٿيو، ناس ٿيو؛ پرگاسيا = پرڪاش ٿيو.]

(٣) سَتگور سيوَن آپڻا، تي وِرلي سنسارِ

هومي مَمتا مارِ ڪئِي، هَرِ راکيا اُرڌارِ

هَءُ تنڪئِي بَلِهارڻئِي، جنا نامي لَگا پيارُ

سيئِي سُکيئي چَهُ جُگِي، جنا نامُ اَکٽُ اَپارُ

(٤) هَرِ هارُ ڪنٺِ جنِي پهِريا، گورَ چرَڻِي چِتُ لاءِ
تِنا پِڇِيِ رِڌِ سِڌِ ڦِرِيَ، اونا تِلُ نہ طماعِ

ارٿ:- جن شخص پنهنجي ڪنٺ ۾ هريءَ جي نام جو هار پاتو آهي، (يعني جي سديو ڪنٺ سان نام پيا اچارين) ۽ جن گوروءَ جي چرڻن ۾ چت لڳايو آهي، تنهن جي پنيان رڌيون سڌيون پيئون ڦرن (پر) انهنکي (انهن رڌين سڌين جي) تر جيتري به اِڇا نہ آهي. [تل=تر، ذرو؛ طماع=طمع=اِڇا، خواهش.]

(٥) جو پرَبِ ڀاوئِ سو ٿيئِيِ، اَوَرُ نہ ڪرَڻا جاءِ
جَنُ نانَڪُ جيِوئِ نامُ لئِي، هَرِ ديوَهُ سَهَجِ سُڀاءِ.

اَرٿ:- جيڪي پرڀوءَ کي وڻي ٿو سوئي ٿئي ٿو، ٻيو ڪجھ بہ ڪري نٿو سگهجي. سري گورو نانڪ صاحب جن داس ڀاءَ سان چون ٿا تہ ”هي هري! مان تنهنجو نالو وٺي (يعني اچاري) جيئان ٿو، (تنهنڪري) ڪرپا ڪري اهو نام ٿي مونکي سهجيئي بخشش ڪر.“ [ڀاوئِ=وڻي؛ سهج سڀاءَ=سهجيئي، سولائيءَ سان.]

(پرماتما ئي سڀ جو آڌار.)

سري راگ محلا ٽيجا گهر پهلا شبد (٣-٣٦)

(١) جِسَهِي ڪِي سرَڪارَ هيِ، تِسَهِي ڪا سَڀُ ڪوءِ
گورَمُکِہ ڪارَ ڪماوَڻِي، سَچُہ گهٽِ پرَگٽُ هوءِ
اَنتر جِسَڪي سَچُہ وَسِيِ، سَچِي سَچِي سوءِ
سَچِہ مِلي سي نہ وِڇُڙهِہ، تِنَ نِجَہ گهرِ واسا هوءِ

اَرٿ - جنهن (پرڀوءَ) جي حڪومت آهي، تنهنجوئي سڀڪو (داس) آهي. جڏهين گوروءَ جي سکيا وٺي (هريءَ جي حڪم مجب جي) ڪار ڪمائجي ٿي، تڏهين سچو (پرماتما) هردي ۾

ٿا ڪمائين، سي هريءَ جو محل يعني سروپ لڌا پائين ۽ مرڻ کان پوءِ وچي ٿا وشنا ۾ سمائجن. [ٻهه=گهٽا؛ پرمائيٽيءَ=پڙڪن ٿا.]

مَنَ ري گِرَهِي ماهِ اُداسُ

سَچُ سَنْجَمُ ڪَرَڻي سو ڪري، گورمُکِ هوءِ

پرَگاسُ (اِڪ رَهاءُ)

ارٿ:- هي من! گرهست ۾ ئي (سنسار کان) اداس رهه. جنهن جيو کي گوروءَ جي اپديش دواران (سروپ جو) پرڪاش ٿئي ٿو، اهوئي جيؤ سچ ۽ سنجم جي ڪرڻي ڪري ٿو (يعني سچ بولي ٿو ۽ اندرين کي وس رکي ٿو.) [گرهه=گهر، گرهست؛ اِهو اکر نڪتو آهي گرهڻ=پڪڙڻ منجهان ۽ گرهست ئي اِهو نالو ٻيو ئي تڏهين آهي جڏهين عام طور اِنهي آشرم ۾ جيو دنيوي وهنوار ۾ "پڪڙيل" ٿو رهي؛ سنجم=اندرين کي روڪڻ.]

(۲) گورَ ڪي سَبَدِ مَنُ جِيتِيا، گَتِ مُڪَتِ گهرئِ مَهِ پاءِ

هَرِڪا نامُ ڌِيائِيئِي، سَتِ سَنْگَتِ ميلِ ملاءِ

اَرٿ:- جن پرشن گوروءَ جي اپديش دواران من کي جيتيو آهي، تن گهر ۾ رهندي ئي مڪتيءَ جي پراپتي ڪئي آهي؛ (تنهن ڪري جڳائي ته) ست سنگ جي ميڙ ۾ ملي ڪري هريءَ جو نام ڌيائجي. [گت=پراپتي؛ ميل=ميڙ.]

(۳) جي لَکَ اِستَرِيئا ڀوگَ ڪَرَهِ، نَوکَنڊَ راجُ ڪَماهِ

بِنُ سَتِگورَ سُکُ نَهِ پاوَئِي ڦِرِ ڦِرِ جوني پاهِ

اَرٿ:- جيڪڏهين ڪو لکين اِسترين سان ڪٺي ڀوڳ ڪري ۽ نوَن ئي کنڊن جا راج ڪمائي ته به ستگوروءَ کان سواءِ سک نه پائيندو، (اُلٽو) وري وري جونين ۾ پيو پٽڪندو. [نوَ کنڊ=اَلاورت، رميڪ، هرڻميد، ڪرو، هو، ڀارت، ڪيتمال، ڀدراشو ۽ ڪنپرس. پرنوءَ جا اِهي نوَ کنڊ يعني نوَ ٽڪر ليکبا آهن.]

(٣) پڙِ پڙِ پنڊِتَ جو تَکي، وادَ کَرهِ بيچارُ
مَتِ بُڌِ ڀوي نہ ٻُجهئي، اَنتَرِ لوڀَ وِکارُ
لَکہ چؤراسيھ ڀرمَدي، ڀرِمِ ڀرِمِ هوءِ خُوارُ
پوُرَبِ لِکيا کَماوَڻا، کوءِ نہ ميٽَڻَ هارُ

اَرٿ - پرشن :- سائين، شاستر ويچار سان سوڌڻ کري ٻ‍ـ گيان لئي ٿو، پوءِ گوروءَ جي اُپديش جي ڪهڙي ضرورت آهي.
اُتر :- پنڊت ۽ جوتشي (شاستر آدڪ) پڙهي پڙهي واد وواد جو ويچار ڪن ٿا (يعني اَجايا بحث مباحثا ڪن ٿا، باقي شاسترن جو تت نتا گرهڻ ڪن.) انهنجي مت ۽ بڌ ڀيٽي ڀٽکي ۽ انهنجي اندر لوڀ روپي وڪار آهي، جنهنکري پرماتما کي نتا ڄاڻن. اهي چوراسي لک جونين ۾ ڀٽکن ٿا ۽ ڀٽکي ڀٽکي خوار خراب ٿين ٿا. اڳين ڪرمن جو لکيو اهي ڪمائين ٿا ۽ ڪو ٻ‍ـ (انهي ليکي کي) ميٽڻ وارو ڪونهي. [جوتکي = جوتشي؛ ڀوي = ڀٽکي ڀيٽي؛ لک چؤراسيھ = ٨٤ لک جوڻيون شاسترن ۾ ڏيکاريل آهن، جدما :- ٩ لک جل جا جيو، ٢٧ لک اَستاور يعني وڻ ٽڻ پهاڙ آدڪ ١١ لک ڪيڙا آدڪ جنت، ١٠ لک پکي، ٢٣ لک چؤپايا جانور، ۴ لک منگهڻ ۽ جون آدڪ آهن. اِنهن سڀني جوڻين جي سرومڻي جوڻ آهي "مانش جنم" جنهن ٨٤ لک جوڻين جي ڦيري کان گوروءَ جي سکيا دواران ڇٽي سگهجي ٿو. پورب = اڳين جنمن ۾ ڪيل ڪرم.]

(۴) سَتگورَ کي سيوا گاکڙي، سِرُ ديجي آپُ گواءِ
سَبد ملهِ تا هَرِ ملي، سيوا پوئي سَڀ ٿاءِ
پارَس پرَسئي پارَسُ هوءِ، جوتي جوتِ سَماءِ
جنَ کئُ پورَبِ لِکيا، تنَ سَتگورُ مِليا آءِ

ڏسڻ ۾ اچيٿو. جنهجي اندر ۾ سچو پريو وسي ٿو، انهن سچن جي ٽِي سوڀيا سچي ٿئي ٿي ۽ جيڪي انهي سچي (پريوءَ) سان ملن ٿا، سي هنڪان ڪڏهين به نٿا وڇڙن ۽ اُنهنجو سروپ ۾ واسو ٿئي ٿو. [سرڪار = راڄ، حڪومت؛ گهٽ = هردي ۾؛ پرگهٽ = پرگهٽ، ساڪياتڪار؛ سوءِ = سوڀيا؛ سچي = سچن جي؛ نج گهر = خاص يا پنهنجو گهر يعني سروپ استان.]

میري رامَ، مئي هَر بنُ اَوَرُ نه ڪوءِ

سَتَ‌گورُ سَچُه پَرَڀُ نِرَملا. سَبَدِ ملاوا هوءِ (اِڪَ رَهاءُ)

اَرٿ - هي منهنجا ڀائي! مونکي هريءَ کانسواءِ ٻيو ڪو (آسرو) ڪونهي. (پر) اُهڙي سچه روپ نرمل پريوءَ جو ميلاپ ستگوروءَ جي اپديش دواران ئي نصيب ٿئي ٿو. [رام = ڀائي، ڇو جو ستگورن کي هرڪو جيوُ پريوءَ جي روپ ٿي ڀاسيو؛ ملاوا = ميلاپ.]

(۲) سَبَدِ ملئي سو مِلِ رَهئي، جسُ نَءُ آپي لَئي مِلاءِ

دوجي ڀاءِ ڪو نا ملئي، ڦر ڦر آوئي جاءِ

سَڀَ مَهه اِڪُ وَرَتدا، ايڪو رَهيا سَماءِ

جسَ نَءُ آپِ دَئيالُ هوءِ، سو گورمُکه نامِ سَماءِ

اَرٿ - جيڪو (گوروءَ جو) اپديش حاصل ڪري ٿو، سو پريوُ سان ملي رهي ٿو، پر (گوروءَ جو) اپديش انکي ملي ٿو، جنهنکي (ڪرپا ڪري) پريو پاڻ اهو ڏياري ٿو. ٻيائيءَ سان ڪو به پريوءَ سان نٿو ملي، (الٽو هو) وري وري (جونين ۾) پيو اچي وڃي. سيني ۾ هڪ (پرماتما) جو (حڪم) ورتجي پيو ۽ اهو هڪڙوئي سيني ۾ سمايو پيو آهي. جنهنتي (پريو) پاڻ ديال ٿئي ٿو، اهوئي گوروءَ جي اُپديش دواران نام ۾ سمائجي وڃي ٿو. [ورتدا = ورتجي ٿو؛ دوجئ ڀاءِ = ٻيائي يعني ائين نه سمجهڻ ته ڪو مونِ ۽ ٻين ۾ ساڳي ئي هڪڙي مالڪ جي جوت آهي.]

صاحب اُپديش ٿا ڪن ته:-

ارٿ - هي من! تون اِئين نه چئُ ته مان بکيو آهيان بکيو آهيان ۽ متان تون ڪنهن ٻئي وٽ پڪار ڪٽي وڃين (ته مان بکايل آهيان)، (ڇو جو) جنهن (پرماتما) چوراسي لک جيو پيدا ڪيا آهن، اهوئي سيني کي (اَن جل جو) آسرو ڏئي ٿو (۽ اهو توکي به ڏيندو.) نربؤ (پرماتما) سدائين ديال آهي ۽ سيني جي سنڀال لهي ٿو. سري گورو نانڪ صاحب جن فرمائين ٿا ته جڏهين گورن جي اُپديش دواران (اِها ڳالهه) سمجهجي ٿي، تڏهين موکه جو دروازو (يعني سروپ استان) پائجي ٿو. [بکا = بکايل؛ مت = متان، نه؛ سري = پيدا ڪئي، اُپن ڪئي؛ سڀ سيءُ = سيني کي؛ سار = سنڀال؛ موکه = موکه، مکتي؛ دوار = دروازو. مڙيئي ڏهه دوار ليکبا آهن، جنمان هيٺيان نو ته سنساري ڪمن واسطي آهن ۽ جنمان سديو گند پيو نڪري:- ٻه اکيون، ٻه ناسڪائون، ٻه ڪن، هڪ وات، هڪ موتر وارو دوار ۽ هڪ مئل وارو دوار. باقي جيڪو ڏسون دوار يعني ڏهون دوار آهي، تنهنکي موکه دوار ٿو ڪوٺجي، سو سروپ استان ۾ ٿو پهچائي.]

(گوره‌کن ۽ منم‌کن جي پيٽ.)

سري راڳ محلا تيجا شبد (٢-٣٧)

(١) جني سُڻڪي مَنّيا، تِنا نِج گهر واسُ

گورمتي سالاهه سچُ، هر پائيا گڻ تاسُ

سَبَد رَتي سي نِرملي، هَئُه سد بلهاريِ جاسُ

هِردئي جِنڪي هرِ وسي، تِنتَ گهٽ هئي پرڪاسُ

اَرٿ - جن (گورن جو اُپديش) سڻي مڃيو آهي، تنجو سروپ ۾ واسو ٿيو آهي ۽ (جن) گورن جي اُپديش دواران سچي پرماتما جي ساراهه ڪئي آهي، تن گڻن جي سمند هري پرماتماکي پاتو آهي. جي

ارٿ - ستگوروءَ جي شيوا بلڪل ڪٺن آهي، اِنهيءَ شيوا ۾ سر اِهو ڏيڻو آهي جو اَهنڪار دور ڪجي. (اَهڙيءَ شيوا ڪرڻ سان جڏهين) ستگوروءَ جو اُپديش ملي ٿو، تڏهين هري ملي ٿو ۽ سموري شيوا ٿاب پوي ٿي. پارس (روپي گوروءَ) ڪي ڇهڻ سان (هي جيوُ) پارس ٿي پوي ٿو ۽ جوتي سروپ پرماتما ۾ (سندس) جوت وڃي سمائجي ٿي. (پر) جنجو پورب جو لکيو (شُڀ) آهي، تنکي ئي ستگورو اَچي ٿو ملي. [گاکڙي = ڪٺن، مشڪل؛ آپ = پاڻپڻو، اَهنڪار؛ پويَ ٿاءِ = ٿانءِ پوي ٿي يعني قبول پوي ٿي يا ٿاب پوي ٿي؛ جوتي = جوتي سروپ پرماتما ۾.]

نوٽ:- ” پارِس پَرسِئِي پارِسُ هوءِ“

ڪو بہ ڌاتو جي پارس سان لڳي تہ هوند سون ٿي پوي، باقي پارس انهيءَ ڌاتوءَ کي پاڻ جهڙو پارس ڪري ڪين سگهندو؛ پر ستگوروءَ روپي پارس ۾ اهڙي سمرٿي آهي، جو جيڪڏهن ڪو بہ سِکَ روپي ڌاتو ساڻس لڳي تہ سندس روپ پارس ٿي پوي ۽ پوءِ ٻين سکن کي بہ پاڻ جهڙو پارس ڪري سگهي.

پرماڻ:- ” پارس اور سادوءَ ۾ بڙو اَنترو جان
وُهہ تانبا سونا ڪري، وهہ ڪري آپ سمان“
[انترو = تفاوت؛ تانبا = ٽامون؛ سمان = برابر.]

(۵) مَنَ بُکا مَتَ ڪَرَهِ، مَتَ ڏُون ڪَرَهِ پُوڪارَ

لَکَہ چئُراسيهَہ جِنِ سِري، سَڀَ سِيِ ديءِ آڌارُ

نِرَ ڀؤُ سَدا دَئِيالُ هيِ، سَڀَنا ڪَرَدا سارَ

نانڪَ گورَمُکِہ بُجهِيئِي، پائِيئِي موکَہ دُوارُ.

نوٽ:- مٿئين پد ۾ ٻڌايل سيوا صدقي ۽ سنتوشي پرش ئي ڪري سگهندا، جنکي اِهو ڀروسو آهي تہ ڀڳوان ئي سڀ جو آڌار آهي ۽ رزق پهچائيندڙ آهي ۽ ڪنهنکي بہ ڀُلو ڇڏي اِنهيڪري

گيان روپي نظر سان؛ نڪت = ويجهو؛ ڀرپور = وياپڪ؛ حدور = حاضر؛ باهري = باهر، خالي، رهت؛ جهور = جُهري، دکي ٿي.]

(٣) جِنَ سَبَدِ گورِوُ سُڻِ مڃِيا، تَنَ مَنِ ڌِئائِيا هَرِ سوءِ
اَنَ دِنَ ڀڳتي رَتِيا، مَنُ تَنُ نِرمَلُ هوءِ
ڪوُڙا رَنگُ ڪَسنُڀَ ڪا، بِنَسِ جاءِ دُکُ روءِ
جِسُ اَندَرِ نامُ پرگاسُ هيِ، اوهُ سَدا سَدا ٿِرُ هوءِ

اَرٿ - جن گورو جو اُپديش سڻي مڃيو آهي، تن پنهنجي من ۾ انهيءَ هريءَ کي ڌيايو آهي (يعني ندياسن ڪيو آهي.) اهي رات ڏينهن ڀڳتيءَ ۾ رتا پيا آهن؛ اُنهنجو من؛ تن نرمل آهن (يعني وشين کان رهت آهن). (پر جيڪي وشين جي ڀوڳڻ ۾ لڳا پيا آهن انهنجو) آنند کهنبي جي رنگ وانگر ڪوڙو (يعني بي بقا) آهي؛ اهو جڏهين ناس ٿي ويندو تڏهين اُهي دکي ٿي رئن ٿا؛ (باقي) جنجي اندر ۾ نام (جيڪو ڪري) گيان ٿيو آهي، اهي سدائين قائم آهن. [ڪسنڀ = کهنبو؛ پرگاس = سوجهرو، گيان؛ ٿر = قائم.]

نوٽ:- مٿين پد جي پهرينءَ سٽ ۾ ڀڳتيءَ جا ٽيئي ڏاڪا ٻڌايل آهن:-

(١) سڻڻ = پرماتما جو سچو نام پريم سان ٻڌڻ (٢) مڃڻ = پرماتما جو سچو نام مڃڻ يعني پرماتما جي سچي نام ۾ پورو وساهه يا نسچو رکڻ؛ انهيءَ جي وحدت (ايڪتا) مايا ۾ ڏسڻ؛ (٣) ندياسن=ڌيان، جو سڻڻ؛ مڃڻ کانپوءِ ٿو اچي جنهنجي معنيٰ آهي ته ست نام جو اُهڙيءَ ايڪاگر ورتيءَ سان ڌيان ڪرڻ جو ست پرماتما جو روپ ٿي وڃڻ.
(ديوان ڏيارام گدومل صاحب جي جپ صاحب جي ٽيڪا مان کڻيل)

(٤) اِهُ جَنمُ پَدارَٿُ پائِڪي، هَرِ نامُ نہ چيتئي لِوَ لاءِ
پَڳِ کِسَئِي رَهڻا نَهي، آڳي ٺؤرُ نہ پاءِ

گورن جي اُپديش سان رتا پيا آهن، اهي پوتر آهن؛ مان انهن تان سديو بلهار وڃان! جنجي هردي ۾ هري وسي ٿو، تنجي اندر ۾ (گيان جو) پرڪاش آهي. [واس = واسو؛ گورمتي = گوروءَ جي مت يعني سکيا دواران؛ جاس = وڃان.]

مَنَ ميري هَرِ هَرِ نرمَلُ ڌياءِ

ڌُرِ مَسَتَڪِ جِنَ ڪَئُه لِکيا، سي گورمُکهِ رَهي لِوَ لاءِ (اِڪ رَهاءُ)

ارٿ - هي منهنجا من! هريءَ جو پوتر (نام) تون ڌياءِ، (پر) جن جي مستڪ ۾ (شڀ ليکهه) لکيل آهي، اهي ئي گوروءَ جي اُپديش دواران (پرماتما ۾) لو لڳائين ٿا. [نرمل = مل يعني گندگي کانسواءِ يعني پوتر؛ ڌر = اَصل يعني اَڳين ڪرمن ڪري؛ مستڪ = متو يعني للاٽ معنيٰ نصيب؛ لِوَ = ڌيان، ورتي.]

(٢) هَرِ سَنتَهُ ديکهُ ندَرِ ڪرِ، نِڪٽ وَسيِ ڀرپوُرِ

گورَمت جِني پڇاڻيا، سي ديکهِ سَدا حَدوُرِ

جِنَ گُڻَ تِنَ سَدَ مَنِ وَسيِ، اوَگُڻَ وَنتيا دوُرِ

منمکهِ گُڻَ تَيِ باهَري، بِنُ ناوَئي مَردي جهوُرِ

ارٿ - هي سنتو! هريءَ کي گيان درشٽيءَ سان ڏسو ته هو پرپورن آهي ۽ (بلڪل) ويجهو وسي ٿو؛ پر جن گورن جي سکيا وٺي (پرماتما کي) ڄاتو آهي، سي ئي هنکي سديو حاضران حضور ڏسن ٿا. جن ۾ (شڀ) گڻ آهن، تنجي من ۾ سديو (پريو) وسي ٿو، (باقي) جيڪي اوگڻن سان ڀريل آهن، تنکان هو دور آهي (يعني هننکي پريو سرووياپڪ نٿو ڏسڻ ۾ اچي). جي منمکهه (شڀ) گڻن کان رهت آهن، سي نام کانسواءِ دکي ٿي مرن ٿا. [ندر =

ڪام آدڪ وڪارن کان پوتر؛ ٻاڻي سچ هيءِ = ٻاڻي سچي آهي يعني سچو مارڳ ٻڌائيندڙ آهي يا اُتم آهي يعني جيڪي ٻولين ٿا سو ست ٿئي ٿو؛ ج = جيڪي.]

(گورمکن جي سندر دشا ۽ منمکن جي دردشا.)

سري راڳ محلا تيجا شبد (٥-٣٨)

(١) جِني اِڪَ مَنِ نامُ ڌيائيا، گُورمَتي وِيچارِ
تِنڪي مُکَ سَدَ اُجَلي، تِتُ سَچي دَرٻار
اوءِ اَمرتُ پِيوَهِ سَدا سَدا، سَچي نامِ پيار

اَرٿ- جن شخص من کي ايڪاگر ڪري نام ڌيايو آهي ۽ گوروءَ جي اُپديش دواران (ست نام جو) ويچار ڪيو آهي، تن جا مک سدائين سچي پرميشور جي درٻار ۾ چمڪن ٿا. اهي سچي نام سان پيار رکي سدائين (نام روپي) امرت پيئن ٿا. [گورمتي = گوروءَ جي سکيا دواران؛ اجلي = چمڪندڙ؛ اَمرت = جو مرتيوءَ کان ڇڏائي ڇڏي يعني جو اَمر ڪري ڇڏي.]

ڀائي ري گورمُکِ سَدا پَتِ هوءِ
هَرِ هَرِ سَدا ڌيائيئي، مَل هؤمي ڪَڍيءِ ڌوءِ (اِڪ رهاءُ)

اَرٿ- هي ڀائي! گورمکن جي سدائين پت رهجي اچي ٿي (ڇو جو) اهي هري نام سدائين ڌيائين ٿا ۽ (اهڙي طرح) هؤمي روپي ميل (هردي مان) ڌوئي ڪڍن ٿا. [گورمک = جن گوروءَ جي سکيا ورتي آهي؛ مل = ميل، گندگي.]

(٢) مَنمُکَ نامُ نہ جاڻني، وِڻُ ناويءَ پَتِ جاءِ
سَبَدي ساءُ نہ آئيو، لاڳي دُوجي ڀاءِ

اوهه ويلا هٿ نه آوئي، انت ڳئيا پڇتاءِ

جِسُ نَدَرِ ڪري سو اُبرئي، هَرِ سيتي لوَ لاءِ

اَرٿ- (اڳياني جيو) هن مانُڪا جنم جو پدارٿ پائي ڪري، هري نام چت لڳائي نٿا چيتين، (تنهنڪري جڏهين) انهنجو پير کسڪندو (يعني پدا پڻ ايندين)، ۽ جڏهين سندن هتي رهڻ نه ٿيندو (يعني سندن سواس پورا ٿيندا)، تڏهين پرلوڪ ۾ ڪو ٿڙ نه پائيندا ۽ (پوءِ وري) اهو (امولڪ مانُڪا جنم جو) سمو هٿ نه ايندن ۽ الت ۾ (پرلوڪ ڏانهن (پڇتائيندا ويندا. (پر) جن تي (پرماتما) مهر جي نظر ڪري ٿو، سي هريءَ سان لو لڳائي (آواڳون جي دکن کان) ڇٽي ٿا وڃن. [چيتي = ياد ڪن ؛ پڳ = پير ؛ ڪسيءَ = کسڪي ٿو ؛ ٺؤر = ٺڙ تا ؛ ابرئي = بچن، ڇٽن ؛ سيتي = سان.]

(٥) ديکا ديکي سڀ ڪري، منمکه بوجهه نه پاءِ

جن گورمکه هردا سُڌ هئي، سيو پئي تن ٿاءِ

هرِ گڻ گاوهه، هرِ نت پڙهه، هرِ گڻ ڳاءِ سماءِ

نانڪ تنڪي باڻي سدا سچ هئي، جه نامِ رهي لو لاءِ.

اَرٿ- سڀيئي ديکا ديکي پيا ڪن (يعني جيئن ٻين کي ڪندو ڏسن ٿا، تيئن ڪن ٿا) ؛ (انهن) منمکن کي (سچي) سمجهه پوي ئي نٿي. (پر) جنهجو گوروءَ جي سکيا سان هردو شد ٿيو آهي، انهنجي شيوا ثاب پوي ٿي. (اهي) هريءَ جا گڻ ڳائين ٿا ۽ نت هريءَ (جا گڻ) پڙهن ٿا ۽ هريءَ جا گڻ ڳائي ڳائي انهِ سمائجي وڃن ٿا. سري گورو نانڪ صاحب جن فرمائين ٿا تہ جيڪي هري نام ۾ لو لائي رهن ٿا، انهنجي باڻي سديو سچي آهي. [ديکا ديکي = بنا ويچار جي ريس واڱي ٻين جي پٺيان لڳي انهن واڱي ڪم ڪرڻ (گورمت پرڪاش، پائي ڪاهنسنگهه جو صفحو ٤٥٧) ؛ سد=پرتر،

نام ڏنو آهي . اهي اندر (يعني انتهڪرڻ) ۾ ۽ ٻاهر (يعني سرير) ۾ پوتر آهن (يعني مَن، وچن ۽ ڪرمن ڪري پوتر آهن.) اهڙا سچا پرش سچي (نام) ۾ سمايا پيا آهن (يعني نام ڏيڻ ۾ محو ٿي ويا آهن.) سري گورو نانڪ صاحب جن فرمائين ٿا ته اهي پرش (هن مانکه جنم ۾) اچي سڦل ٿين ٿا، جن گوروءَ جي اپديش دوارا هريءَ جو ڏيان ڪيو آهي. [وچهه = پاڻمان، هردي مان؛ آپ = آپا ڀاءُ، پاڻپڻو؛ اندرهه=اندر يعني انتهڪرڻ ۾؛ انتهڪرڻ آهي اندر جي شڪتي جنهنجا چار روپ آهن مَن، ٻڌ، چت ۽ اهنڪار؛ پرواڻ = قبول، سڦل.]

(هريءَ جا سنت نام جا وڻجارا.)

سري راڳ محلا ٽيجا شبد (٦-٣٩)

(١) هَرِ ڀڳتا هَرِ ڌَنُ راسِ هَيِ، گُرَ پُوُڇِ ڪَرَهِ واپارُ
هَرِ نامُ سَلاهَن سَدا سَدا، وَکَرُ هَرِ نامُ آڌارُ
گُرِ پُوُرِيَ هَرِ نامُ دِرِڙائيا، هَرِ ڀَڳتا اَٽُٽَ ڀَنڊارُ

ارٿ:- هريءَ جو نام روپي ڌن اُني هريءَ جي ڀڳتن لاءِ پونجي آهي. اهي گوروءَ کان پڇي (نام جو) واپار ڪن ٿا (يعني نام جپين ۽ جپائين ٿا.) اهي سدائين هري نام ساراهين ٿا. هري نام روپي وکر اُني سندن آڌار آهي يعني سندن جيوت جو آڌار هڪ نام اُني آهي. پوري گوروءَ (اپديش ڏيئي)، جو هري نام درڙ ڪرايو آهي، سو نام اُني هريءَ جي ڀڳتن (يعني شيوڪن) لاءِ اَکٽ خزانو آهي. [راس=پونجي، رقم جا واپار ۾ سيڙائبي آهي؛ سلاهن- ساراهين؛ وکر=جنس؛ درڙائيا=پڪو ڪرايو، اِستاپن ڪرايو هردي منجهه؛ اَلٽ=اَکٽ؛ ڀنڊار=خزانو.]

ڀائي ري اِس مَنَ ڪَءُ سَمجهاءِ
اي مَنَ آلَس ڪيا ڪَرَهِ، گُرمُکِ نامُ ڌِياءِ
(اِڪ رَهاءُ)

وِشنا کي کيڙي، پوَھہ وِچ وِشنا، سي
وِشنا ماھہ سَماءِ

اَرٿ - جيکي منمکہ آھن، اُھي نام (جپي) نٿا ڄاڻن ۽ نام کانسواءِ (لوک پرلوک ۾ سندن) پت وڃي ٿي. اھي سدائين ڏئيت ڀاءُ ۾ لڳي رھيا آھن، تنھنڪري انھنکي (گوروءَ جي) اُپديش مان سواد نٿو اچي. اھي منمکہ اڳي بہ (ماتا جي گرڀ روپي) وشنا ۾ ڪيٽان (ٿيا پيدا ھئا) ۽ ھاڻي بہ (ڀرن ڪرمن روپي) وشنا ۾ پيل آھن ۽ (مٿي کان پوءِ بہ نرک روپي) وشنا ۾ وڃي سمائبا. [سبديءَ = گوروءَ جو ٻڌايل اُپديش ؛ ساد = سواد، رس ؛ ڪيڙي = ڪيڙون ؛ وشنا = ڪرفتي، گند ؛ سماءِ = سمائجن، داخل ٿين.]

(٣) تِنڪا جَنَم سَڦَلُ ھيِ، جو چَلَہِ سَتِگورُ ڀاءِ
ڪُلَ اُڌارَھِ آپِڻا، ڌَنُ جَڻيدي ماءِ
ھر ھَر نامُ ڌِيائيئي، جِسنَئَہُ ڪرپا ڪَري رَضاءِ

اَرٿ - (پر) جيکي ستگوروءَ جي ڀاڻي تي ھلن ٿا، انھنجو جنم سڦل آھي ۽ اھي (پنھنجو سارو) ڪل اڌارين ٿا، تنھنڪري سندن ڄڻيندڙ ماءُ ڌنيواد جي لائق آھي (پر) جن پرشن تي رضائي (پرماتما) جي ڪرپا ٿئي ٿي، اھي ئي ھري نام ڌيائين ٿا. [سڦل = ڦلدائڪ يعني نام روپي ڦل ڀائڻ ڪري انھنجو جنم سجايو ٿو ليکجي ؛ ڀاءِ = ڀاڻو، حڪم، رضا ؛ ڌن = ڌنيواد جي لائق ؛ رضاءِ = رضائي يعني رضا يا حڪم ڪندڙ پرماتما.]

(٤) جِني گورمکہ نامُ ڌِيائيا، وِچھہُ آپُ گَواءِ
اوءِ اَندَرَھہُ ٻاھَرَھہُ نِرمَلي، سَچي سَچہِ سَماءِ
نانَڪَ آئي سي پرواڻَ ھَھہ، جِنَ گورمَتي ھَرِ ڌِياءِ.

اَرٿ - جن گوروءَ جي اُپديش دواران ڀاڻ مان آپا ڀاءُ ڪڍي

(٣) ڪَرَمِ مِلَيِ تا پائيئَيِ، وِڻُ ڪَرَمِيِ پائيا نہ جاءِ
لَکَہ چؤراسيهَہ تَرَسَديِ، جِسُ ميليِ سو مِلَيِ هَرِ آءِ
نانَڪَ گورَمُکہ هَرِ پائيا، سَدا هَرِ نامِ سَماءِ

اَرٿ:- (جڏهين ايشور جي) ڪرپا ملندي (يعني ٿيندي) تڏهين (ايشور) پائي سگهبو، (ايشور جي) ڪرپا بنا (هو ڪنهن به ريت) پائي نہ سگهبو. چؤراسي لک جونين جا جيوَ (سک لاءِ) تڙڦن پيا (پر درحقيقت سک جو سروپ تہ هڪ هري آهي، سو اهو هري) جنهنکي (ڪرپا ڪري پاڻسان) ملائي ٿو، سوئي (هن مانکا جنم ۾) اچي هريءَ سان ملي ٿو. سري گورو نانڪ صاحب جن فرمائين ٿا تہ جي پرش گوروءَ جي سکيا دواران هري نام ۾ سمائجي (يعني محو ٿي) رهن ٿا، اهي ئي هريءَ کي پائين ٿا. [ڪرم=بخشش، مهر ڪرپا؛ ترسدي=تڙڦن پيا، تڪين پيا.]

(هريءَ جو نام ئي سچو سک.)

سري راڳ محلا تيجا شبد (٧-٣٠)

(١) سُکہ ساگَرُ هَرِ نامُ هيِ، گورَمُکہ پائيا جاءِ
اَنَ دِنُ نامِ ڌيائيئيِ، سَهَجِي نامِ سَماءِ
اَندَرُ رَچيِ هَرِ سَچِہ سِئُہ، رَسَنا هَرِ گُڻَ گاءِ

اَرٿ:- هري نام ئي سک جو ساگر آهي؛ اهو گوروءَ جي سکيا سان پائجي ٿو. الهيءَ نام کي رات ڏينهن ڌيائيو تہ سهجيئي نامي (پرماتما) ۾ سمائجي وڃو. جنجو اندر الهي سچي هريءَ سان رتو پيو آهي، سي (ٻاهران) رسنا دواران بہ هريءَ جا گُڻ ئي پيا ڳائين. [سهجي=سهجيئي، سولائيءَ سان؛ نام=نامي يعني اهو جنهنجو نام ڌيائجي؛ رچيءَ=رتل، رڱيل؛ رسنا= زبان.]

ارٿ:- هي ڀائي! هن (پنهنجي) من کي (هيئن) سمجهايو ته "هي من! تون آرس ڇو ٿو ڪرين؟ گوروءَ جي سکيا وٺي تون نام ڌياءِ." [کيا=ڇا، ڇو.]

(٢) هَرِ ڀَگَتِ هَرِ ڪا پِيارُ هيِ، جي گُورمُکِ ڪري بيچارُ
پاکَنڊِ ڀَگَتِ نہ هووئي، دُبِذا بولُ خُوارُ
سو جَنُ رَلائيا نا رَليِ، جسُ اَنتر بِبيڪ بيچارُ

اَرٿ:- جي گوروءَ جي سکيا سان ويچار ڪري ڏسبو (ته معلوم ٿيندو ته) هريءَ سان پيار ڪرڻ ئي هريءَ جي ڀڳتي آهي؛ پاکنڊ سان ڪا ڀڳتي نٿي ٿئي؛ ٻيائيءَ جي ٻولن ٻولڻ ڪري (مورکوئي) هي جيو خوار ٿئي ٿو. جن پرشن جي اندر ۾ ست ۽ اَست جو ويچار (يعني گيان) آهي، اهي (پاکنڊين سان) ملائڻ ڪري به نٿا ملن (يعني ته پاکنڊن جي سنگ ۾ رهڻ ڪري به گورمکن تي ڪو سندن ٻرو اثر نٿو ٿئي.) [ڀڳت=ڀڳتي؛ دبذا=دئيت ڀاءُ، ٻيائي؛ ٻول=وچن، واڻي؛ رلائيا=ملائڻ ڪري، رلڻ ملڻ ڪري؛ ٻبيڪ=ست ۽ اَست جي ڄاڻ ڇاڻ، آتم اَناتم جي ٻوجهه.]

(٣) سو سيوَڪَ هَرِ آکيِئي، جو هَرِ راکيِ اُرڌارِ
مَنُ تَنُ سؤپي آگي ڌري، هؤمي وچهُ مارِ
ڌَنُ گورمُکِ سو پَرواڻُ هيِ، جِ ڪَدي نہ آوئي هارِ

ارٿ:- هريءَ جو شيوڪ انهيڪي سڏجي، جو هريءَ کي هردي ۾ سانڍي رکي (يعني هريءَ کي ڪڏهن به نہ وساري) ۽ پنهنجو من توڙي تن (هريءَ) اڳيان پيش ڪري رکي؛ ۽ پنهنجو آپا ڀاءُ اندر مان ماري ڪڍي. اهڙو گورمک ئي (هن لوڪ ۾ به) ڌنيواد جو لائق ٿئي ٿو ۽ (پرلوڪ ۾ به) قبول پوي ٿو، ۽ سندس هار ڪڏهين به نٿي ٿئي. [سيوڪ=داس، ڀڳت؛ آکيئي=چئجي، ڪوٺجي؛ ڪدي=ڪڏهين.]

پيا آهن، جنهنکري انهنکي نکي هن لوک ۾ ۽ نکي پرلوک ۾ کو (سک) پراپت ٿئي ٿو. [ترشنا = اُسات يا اُج جا د نيوي پدارٿن روپي پاڻي لاهي سگهي ؛ اترئ= لهي ؛ ڏاتر = ٻ وڙندڙ، هک هنڌ نه بيهندڙ يعني بي بقا، ناسونت ؛ بازي = کيل ؛ پلچه = اَٽکي ؛ اروار = ار معنيٰ اورين ۽ وار معنيٰ پر يعني اورين پر يا هيءَ لوک ؛ پار = پرين پر يا پرلوک.]

(۲) گُوَرمُکهِ جَپ تَپ سَنجَمِي، هَرِ کي نامِ پيارُ
گُورمُکهِ سَدا ڌِيائيئِي، ايکُ نامُ کرتارُ
نانَک نامُ ڌِيائيِئِي، سَبِنا جيئا کا آڌارُ.

اَرٿ- گورمکن جو جپ، تپ تـوڙي سنجم اِهو آهي، جو اهي هريءَ جي نام سان پيار رکن ٿـا. گورمک سدائين کرتار جو هک نامُ ئي ڌيائين ٿا. سري گورو نانک صاحب جن فرمائين ٿا ته انهيءَ کرتار جوئي نـام ڌيائڻ گهرجي، جو سيني جيون جو آڌار آهي. [جپ = من سان ڌيان ڌ واران يا ٿن سان زبان د واران نام اچارڻ ؛ تپ = سرير کي سختيون پهچائڻ جهڙوک چوگرد باهه ٻاري وچ ۾ ويهڻ آدک جهڙا کرم ؛ سنجمي = اِندريـن کي وشين ڏانهن ڊوڪڻ کان روکڻ.]

(گورمکن ۽ منمکن جي ڀيٽ.)

سري راگ محلا تيجا شبد (۸-۴۱)

(۱) منمُکهُ موهه وياپيا، بيراگُ اُداسي نه هوءِ
سَبَدُ نه چينِي سَدا دُکهه، هَرِ دَرگهه پتِ کوءِ
هؤمي گورمُکهه کوئيئِي، نامِ رَتي سُکهه هوءِ

اَرٿ - منمکه موهه ۾ قائل آهن، (تنهنکري) اهي ويراڳ-ڌاري (يعني د نيا جي پدارٿن کان کنا ئي) اداسين نٿا ٿين. اهي

پيائي ري جڳہ ڏکيئا دوُجيِ پاءِ
گوَر سَرڻائي سُکہ لَههِ، اَنَ دِنُ نامُ ڌِياءِ (اِڪ رَهاءُ)

اَرٿ - هي ڀائي! سنسار جا جيو ٻيائيءَ جي ڪري ڏکي ٿي رهيا آهن، (پر) سک اهي ئي لهن ٿا، جي گوروءَ جي سرڻ وٺي رات ڏينهن هري نام ڌيائين ٿا. [سرڻائي = سرڻ ۾ اچي ڪري.]

(٢) ساچي مَيلُ نہ لاگئي، مَنُ نرمَل هَر ڌياءِ
گور مُکہ سَبَدُ پڇاڻيئي، هَر اَمرِت نام سماءِ
گور گيانُ پرچنڊ بَلائيا، اَگيانُ اَنڌيرا جاءِ

ارٿ - جن پرشن هريءَ کي ڌيائي پنهنجو من نرمل ڪيو آهي، تن سچن پرشن کي ٻيائيءَ جو ميل نٿو لڳي. اهڙا گورمک ئي برهم کي سڃاڻن ٿا ۽ هريءَ جي اَمرت نام ۾ سمائجي (يعني محو ٿي) وڃن ٿا. (پر گورمک اهي ئي آهن، جنهن اندر ۾) گوروءَ گيان جو چمڪندڙ (ڏيو) ٻاريو آهي، (جنهنڪري سندن) گيان جي اونده ناس ٿي ويئي آهي. [سبد = اُپديش جيڪو گورو ڏئي، پر گورو تہ هڪ پرماتما جو ئي اُپديش ڪريٿو، تنهنڪري سبد جي معنيٰ برهم پرماتما بہ ٿئي ٿي، جنهنجو اُپديش ملي ٿو؛ پرچنڊ = چمڪندڙ، پرڪاشڪ؛ بلائيا = ٻاريو.]

(٣) مَنمَکہ مَئلي مَلُ ڀري، هوَميَ ترِشنا وِڪارُ
بنُ سَبَدئي مَئل نہ اُتري، مرِ جنَمهِ هوءِ خوارُ
ڌاتُر بازي پلچہ رَهي، نا اُرَ وارُ نہ پارُ

ارٿ - منمکہ پرش ميلا آهن (ڇو جو) اهي هؤميءَ ۽ ترشنا روپي وڪارن جي ميل سان ڀريا پيا آهن. انهنجي ميل گوروءَ جي اُپديش کانسواءِ نٿي لهي؛ (جيسين اها ميل نٿي لهين تيسين) مري ۽ جمي خوار خراب ٿين ٿا. اهي سنسار جي ناسونت کيل ۾ اٽڪيا

ڪري ست سنگت پاتي آهي، (جنهنڪري) انهن سانت ۽ آنند روپ هري پاتو آهي.

(٣) سو ساڌُ بيراڳي سوئي، هِرَدئي نامُ وَسائي
اَنتَرِ لاڳہ نہ تامَسُ مُولي، وِچَهُ آپُ گوائي
نامُ نِڌانُ سَتگورو ڏکاليا، هَرِ رَسُ پِيئا اَگهائي

ارٿ - اهوئي ساڌو آهي ۽ اهوئي ويراڳوان آهي، جو پنهنجي هردي ۾ هري نام وسائي ٿو. انهيجي اَنتهڪرڻ کي تمي گڻ جو ميل مور نٿو لڳي ۽ هو پنهنجي اندر مان هؤمي کڍي ڇڏي ٿو. (اَهڙي پرش کي ئي) ستگوروءَ نام جو خزانو ڏيکاريو آهي، (جنهنڪري) هو هري رس پي ترپت ٿيو آهي. [لاڳہ = ميل، گندگي؛ تامس = تمو گڻي؛ مُولي = مور، اصل؛ وچهہ = اندر مان؛ نڌان = خزانو؛ ڏکاليا = ڏيکاريو؛ اَگهائي = ڍائو، ترپت ٿيو.]

نوٽ - تامس معنيٰ تمي گڻ جي. مڙيئي گڻ ٽي آهن: ستو، رجو ۽ تمو، جي جيو کي ڏيهيءَ ۾ ٻڌن ٿا. گڻ لفظ جي معنيٰ آهي نوڙي. ستو گڻ جيو ۾ زور آهي تہ هو ست ۽ ڌرم تي هلي ٿو. رجو زور آهي تہ سنساري ڀوڳن جي چاهہ رهيس ٿي ۽ تمو زور آهي تہ موهہ ۽ اگيان ۾ ڦاٿل رهي ٿو. جڏهين انهن ٽن گڻن کان مٿي چڙهي نشڪام ورتي جيو ڌاري ٿو، تڏهين سنسار جي ٻنڌنن کان ڇٽي پرم آنند جي پراپتي حاصل ڪري ٿو.

(٤) جِن ڪنئي پائيا ساڌ سنگتي، ٻُورئي ڀاڳہ بيراڳہ
مَنمکہ ڦرهِ نہ جاڻهِ سَتگور، هؤمئي اَندرِ لاڳہ
نانَڪَ سَبد رَتي، هَرِ نام رنگائي، بِنُ ڀيئي ڪيهي لاڳہ

ارٿ - جن جن پرشن جا وڏا ڀاڳ آهن ۽ (من ۾) ويراڳ اٿن، انهن ئي ساڌ سنگت پاتي آهي، (پر جيڪي) منمکہ (آهن اهي) ڀيا ڀٽڪن، (ڇو جو) اهي ستگوروءَ کي نٿا ڄاڻن ۽ منجهن هؤمئي

گوروءَ جو اپديش نٿا سمجهن (يعني نٿا گرهڻ ڪن، جنهنڪري اهي) سدائين دکي آهن ۽ هريءَ جي درگاهه ۾ پنهنجي پت کوهين ٿا. (پر) گورمکه پنهنجي هؤميءَ ناس ڪري نام ۾ رئي رچي وڃن ٿا، (جنهنڪري کين) سکه ملي ٿو.

میري مَنَ اَهِه نِس پوُرِ رَهِي نتَ آسا

ستـگُورُ سيو موهُه پَرَ جلئي، گهرَهِي ماهِه اُداسا

(اِڪ رَهاءُ)

اَرٿ- هي منهنجا مـن (يعني پيائي)! (جيڪي گورمکه) ستگوروءَ جي شيوا ڪن ٿا، انهنجو موهه وشيش ڪري پيا ڇگيءَ طرح جلي وڃي ٿو (جنهنڪري اهي) گرهست ۾ رهندي ئي اداس گذارين ٿا ۽ (اهڙيطرح) ڏينهن رات (يعني هميشه لاءِ) سندن آسائون سمپورن ٿي وڃن ٿيون (ياو- اهي ڪنهن به پدارٿ جي چاهنا نٿا ڪن.)

نوٽ- هڪ سڄن هن پد جو هيٺيون سندر ارٿ لکي موڪليو آهي:-

”هي منهنجا مـن (يعني پيائي!) تون رات ڏينهن آسائون پيو ڪرين (پر منهنجي صلاح اٿيئي) ته ستگورن جي شيوا ڪر ته موهه وشيش ڪري سڙي ويندئي (جنهنڪري) گرهست رهندي ئي (سنساري پدارٿن کان) اداس ٿي ويندين.

(٢) گورَمُکه ڪَرَمَ ڪماوئَ، بِگَسئي هَر بيراگُ اننَدُ

اَهِه نِسِ ڀَگتِ ڪري دِنُ راتِي، هوَمِي مارِنچَندُ

وڏئَ ڀاڳِه سَتِ سنـگَتِ پائي، هَرِ پائيا سَهَجِه اننَدُ

اَرٿ- گورمکه (جيتوڻيڪ دنيوي) ڪم ڪن ٿا (ته به) هري آنند ۾ پيا ٽڙن، (ڇاڪاڻ ته انهنکي دنيا کان) ويراڳ آهي. اهي ڏينهن رات، اَٺئي پهر، (پرماتما جي) ڀڳتي ڪن ٿا ۽ اِئين پنهنجي هؤميءَ ماري نسچنت ٿين ٿا. (اهڙن گورمکن) وڏن ڀاڳن

گڏي او اُچاريندا آهن ۽ ڪار برابر آڪار جي آهي. انهيءَ ڪري پد ڇيد ۾ اونڪار برابر ڪندا آهن اُڪار، اُڪار ۽ مڪار جي. اَڪار برهما روپ ليکجڻ ۾ اچي ٿو، اُڪار وشنو روپ ۽ مڪار شو روپ يعني انهن ۾ ترمورتيءَ جو ڀاو رکيل آهي. اِهي پرماتما جون ٽي شڪتيون اتپن، پالنا ۽ لَيُ- تنکي پرش ٽي جدا ديوتائون ليکڻ لڳا ۽ اهڙيءَ طرح ٽي پنٿ ڪڙا ٿيا، جي پنهنجي اِشٽ جي ڀڳتي وشيش سمجهڻ لڳا. اهڙن الٽن خيالن کي دور ڪرڻ لاءِ گورو صاحب جن اپديش ”ايڪ اونڪار“ جو ڏنو يعني تہ اِهي ٽي ديوتائون هڪ روپ آهن ۽ نہ جدا جدا ۽ اهڙي طرح جدا جدا پنٿن جي ايڪتا ڪري هڪ پرماتما جي ڀڳتيءَ جو پرچار ڪيائون.

(٢) گُورَمُکا کي مُکِہِ اُجَلي، گُورَ سَبَدِ بيِچارِ
هَلَتِ پلَتِ سُکہ پائدي، جَپِ جَپِ رِديءُ مُرارِ
گهَرَ هي وِچِ مَحَلُ پائيا، گورَ سَبَدِ ويچارِ

اَرٿ:- جن گوروءَ جي اپديش دواران (هرِيءَ جو) ويچار ڪيو آهي، انهن گورمکن جو مک چمڪندڙ ٿئي ٿو؛ ۽ اهي هردي منجهہ مراري (پرماتما) کي نت جپي هن لوڪ توڙي پرلوڪ ۾ سک پراپت ڪن ٿا. اهي گوروءَ جي اپديش تي ويچار ڪرڻ سان ٿي هردي ۾ سروپ پائين ٿا. [اجلي=چمڪندڙ؛ هلت=هي لوڪ؛ پلت= پرلوڪ؛ مرار=مر دئت جو اَر=اَري معنيٰ دشمن، جو سري ڪرشڻ ڀڳوان جو نالو آهي.]

(٣) سَتِگُورَ ٽي جو مُهہ ڦيرهِہ، مٿي تِنَ ڪالي
اَنَ دِنُ دُکہ ڪماودي، نِتَ جوهي جَمہ جالي
سُپنَيِ سُکہ نہ ديکَئي، بَهُہ چنتا پَرَجالي

اَرٿ:- جي پرش ستگورن کان منهن ڦيرين ٿا (يعني بي مک

جي ميل آهي. سري گورو نانڪ صاحب جن فرمائين ٿا ته جيڪي گوروءَ جي اپديش ۾ رتل رهن ٿا، سي ئي هري نام ۾ رنگجي وڃن ٿا، (۽ پرماتما جي) پؤ ڪالسواءِ (گوروءَ جي اپديش) جي چت کهڙي لڳندي؟ (يعني ڪانه لڳندي.) [ڪنيءَ = ڪنهن؛ لاگ = ميل؛ ڪيهي = ڪهڙي، ڪهڙو؛ لاگ = چت.]

(گورمکن جي مهما.)

سري راگ، محلا تيجا شبد (٩-٣٢)

(١) گهرَ هي سؤدا پائيئي، اَنتر سَبِ وَتُ هوءِ
کِنُ کِنُ نامُ سَما لِيئي، گورَمُکِه پاوئِ ڪوءِ
نامُ نِڌانُ اَکُٽُ هيِ، وَڏَ ڀاگِه پرا پَتِ هوءِ

ارٿ:- گرهست ۾ ئي (هي جيو نام روپي) سؤدو پائي سگهي ٿو بشرطيڪ منجهس سرڌا، ويچار آدڪ سڀ وستون (گڻ) هجن. اهڙو جيو ڪن ڪن ۾ هري نام جو سمرن ڪندو رهندو، (۽ اهڙو نام روپي وکر) ڪو ورلو گورمکه پائي ٿو. اِهو نام روپي خزانو اکٽ آهي ۽ وڏن ڀاڳن ڪري پراپت ٿئي ٿو. [گهر=هردو؛ سؤدا=سؤدو، وڻج، وکر؛ وٿ=وستو، جنس.]

ميري مَنِ تَجِه نِندا هؤمي اَهنڪارُ
هَرِ جيئُ سَدا ڌِياءِ تون، گورَمُکِه ايڪنڪارُ

(اِڪ رَهائُ)

اَرٿ:- هي منهنجا من! نندا، اهنتا ۽ پاکنڊو تياڳي گوروءَ جي اپديش دواران سديو هڪڙي پرماتما کي ڌياءِ. [تجه=ڇڏ.]

نوٽ:- ايڪنڪار=ايڪ اونڪار. اونڪار ٻن پدن جو لفظ آهي. اوم ۽ ڪار. اوم ٽهيل آهي اَ، اُ ۽ م اکرن جو. اَ ۽ اُ کي

ٿي، (تڏهين) هو سچي وڏيائي ڏئي ٿو (يعني سروپ جي پراپتي ڪرائي ٿو.) (پر اهو سچو صاحب) من ۾ تڏهين وسي ٿو، جڏهين گوروءَ جي ديا سان هؤمي دور ڪجي ٿي. (پر مايا ڏانهن ڊوڪندڙ من ۾ ڪيئن مالڪ جو واسو ٿيندو، تنهنڪري من کي روڪڻ گهرجي. پر) هي ڊوڪندڙ من تڏهين اِستت ٿئي ٿو، جڏهين پريو پاڻ مهر جي نظر ڪري ٿو. [سيويئي = شيوا ڪجي؛ ڌاوت = ڊوڪندڙ؛ رهئي = روڪجي، اِستت ٿئي.]

ڀائي ري گورمکه هَر نامُ ڌياءِ

نامُ نِڌانُ سدَ مَنِ وَسي، مَحَلِي پاوئي ٿاءِ

(اِڪ رهاءِ)

اَرٿ - هي ڀائي! تون گوروءَ جي سکيا وٺي هريءَ جو نام ڌياءِ، (ڇو جو) جنهنجي من ۾ نام جو خزانو سديو وسي ٿو، اهو پرماتما جي محل (يعني سروپ) ۾ ٿانو پائي ٿو. [نڌان = خزانو.]

(٢) مَنَمُکه مَنُ تَنُ اَنڌُ هئي، تِسنَئُ ٺؤرَ نه ٺاءِ

بَهُ جوني ڀؤدا ڦرئي، جِئُ سُنجي گهر ڪاءِ

گورمَتي گهٽ چانڻا، سَبَد ملئي هَرِ ناءِ

اَرٿ - منمکه جي من ڪري ڏوڙي تن ڪري انڌا آهن، تنکي (نه هن لوڪ ۾ ۽ نه پرلوڪ ۾) ڪو به ٿانو آهي. اهي گهڻين ئي جونين ۾ ڀٽڪندا ائين ڦرن ٿا جيئن سڃي گهر ۾ ڪانءُ ڀٽڪندو آهي. (ڪانءُ ڪيترو ئي ڪٽي ڪندون پاسا ڳوليندو ته به سڃي گهر مان ڪيس هڙ حاصل ڪجهه به ڪين ٿيندو، تهڙي طرح منمکه به سکه جي آس رکي جنم جنم ۾ رلن ٿا پر سکه نٿو حاصل ٿئين، ڇو جو سکه ساگر هڪ پريو آهي جنهنکي وساري ڇڏيو اٿن.) پر جنکي گوروءَ جي سکيا سان انتهڪرڻ ۾ گيان جو پرڪاش ٿئي ٿو، اهي هري نام (جپڻ ڪري) برهم سان ملي وڃن ٿا (۽ اهڙي طرح سکه

ٿين ٿا) تن جو منهن ڪارو ٿو ٿئي. اهي رات ڏينهن ڏک (ڏيندڙ ڪم) ڪن ٿا (يعني جيڪي بہ ڪم ڪن ٿا تن مان ڪين ڏک ئي ڏک ٿو ملي) ۽ انهنکي جم (مؤت روپي) چار ڪٺي وينو تڪي. اهي سپني ۾ بہ سک نٿا ڏسن (پو جو) گهڻي چنتا هنئن کي نت پيئي ساڙي. [مٿي=منهن؛ مهہ قيره=منهن قيرين يعني آڳيا جي ابتڙ هلن؛ ڪالي=ڪارو. اَن=رات؛ دن=ڏينهن؛ جوهي=تڪي؛ جالي=جار، قاهي؛ پر=چڱي طرح؛ جالي=ساڙي.]

(٤) سَڀِنا ڪا داتا ايڪُ هيِ، آپي بَخَشَ ڪَريِءِ
کَهَٽا ڪِڇُوُ نہ جاوَئي، جِسُ پاويِ تِسُ ديِءِ
نانَڪَ گورمُکِہ پائيِئِ، آپي جاڻيِ سوءِ.

اَرٿ:- سڀني جو داتار هڪ (پرماتما ئي) آهي ۽ اهو پاڻ ئي (ڪرپا ڪري نام جي) بخشش ڪري ٿو؛ ۽ جنهنکي وڻيس ٿو، تنهنکي ئي ٿو ڏئي؛ (تنهنکري هن وٽ) ڪجهہ چوڻ نٿو هلي. سري گورو نانڪ صاحب جن فرمائين ٿا تہ گورمکہ پرش ئي (اها نام جي دات) پراپت ڪن ٿا، (جنهن دات ڏوارن) انهي (داتار پرماتما) کي پاڻيهي سڃاڻن ٿا. [گورمکہ=اهي جي گوروءَ جي اپديش تي عمل ڪن؛ سوءِ=اهو داتار پرماتما.]

(نام جو ڏيان ئي وشيش)

سري راگ محلا ٽيجا شبد (١٠-٤٣)

(١) سَچا صاحِبُ سيوِئيِ، سَچُ وَڏِيائي ديِءِ
گُرَ پَرَسادي مَنِ وَسيِ، هئُمي دورِ ڪَريِءِ
اِهُ مَنُ ڌاوَتُ تا رَهيِ، جا آپي نَدَرِ ڪَريِءِ

اَرٿ- (هي ڀائي! جڏهين) سچي صاحب جي شيوا ڪجي

ٿا، (سي جم ڪال کان) بچي وڃن ٿا، (يعني جنم مرڻ جي چڪر کان ڇٽن ٿا.) [پرتپال =پالنا ڪندڙ؛ باجهه = ڪانسواءِ؛ اچيت = غافل؛ ابري = بچن ٿا.]

(گورو ۽ گوبند هڪ روپ.)

سري راڳ محلا ٽيجا شبد (١١-٤٤)

(١) ترِيئ گُڻَ مائيا موهُ هيِ، گورمُکِ چؤٿا پَدُ پاءِ
ڪَرِ ڪِرَپا ميلائينُ، هَرِ نامُ وَسِيا مَنِ آءِ
پوتئِ جِنَ ڪئِ پُنُ هيِ، تِنَ سَتَ سنگتِ ميلاءِ

اَرٿ - ٽن گڻن واريءَ مايا ۾ پوڻ گويا موهه (جي ڦاسيءَ ۾ ڦاسڻو) آهي، (تنهنڪري انهيءَ کي تياڳي) گورمکه (ويچار ڪري) چوٿين اوستا (يعني تريا اوستا يعني سروپ استان) حاصل ڪن ٿا. (جنکي پرميشر) ڪرپا ڪري (گوروءَ جي سنگ ۾) ملايو آهي، تنجي ئي من ۾ هري نام اچي وسيو آهي. (پر پرميشر اهڙي) سَت سنگ ۾ انهنکي ئي ملايو آهي جنجي (اڳين جنمن جي سنچت ڪرمن روپي) پلو ۾ پنُ (زور) آهي. [چوٿان پد = چوٿون اَستان تريا يا سروپ جو، اَنهيءَ کان هيٺ هي ٽي پد آهن:-

(١) جاگرت = اهـا اوستا جنهن۾ جيو سجاڳ آهي. (٢) سُپن = جڏهين جيو سپنا لهي ٿو. (٣) سشوپت = جڏهين جيو گهري ننڊ ۾ آهي. اِنهن ٽنهين جو ساکي ۽ انهن ٽنهين کان مٿي نجه سروپ آهي، جنهن کي تريا پد يا سهج پد يا چوٿون پد سڏبو آهي.

پوتئِ = پلؤ ڪرمن روپي. ڪرم مڙيئي ٽن قسمن جا آهن:-

(١) سنچت = اڳين جنمن جي سڀني ڪرمن روپي پنُ.
(٢) پرارٻد = سنچت ڪرمن روپي پنُ مان ڪجهه حصو هن جنم ۾ پوڳجي ٿو. اهي پرارٻد ڪرم اٽل آهن، ڇو جو سنچت

پائين ٿا.) [ٺور = ٺاهر، آرام؛ ٺاءُ = آرام ڪرڻ جي جاءِ؛ پودا = پٽڪندا؛ چانڻا = سوجهرو، گيان جو پرڪاش؛ سبد = برهم.]

نوٽ:- "تن ڪري اندا" جو مطلب آهي ته جي تن پرور ۽ عيشي جيو آهن.

(٣) بِرئِي گُڻَ بِکِيا اَنڌُ هيِ، مائِيا موهِ غُبارَ
لوڀِي اَنَ ڪَمُ سيوَدي، پڙِ ويدا ڪَرَهِ پُڪارَ
بِکِيا اَندَرِ پَچِ مُئِي، نا اُروارُ نه پارُ

اَرٿ - جي شخص ٽن گڻن ۾ ٻڌجي، وشين ۾ لڳي اندا ٿي پيا آهن، (يعني وويڪ ۽ ويراڳ روپي نيتر بند اٿن)، سي مايا جي موهه روپي اندوڪار ۾ آهن، (اهڙا) لوڀي شخص (پرماتما کي ڇڏي) ٻين جي شيوا ڪن ٿا، ۽ ويد پڙهي ڪوڪوُن ڪن ٿا، (يعني ماڻهن کي ٺڳڻ لاءِ لنبا وعظ ڪن ٿا.) (در حقيقت) اهي وشين (جي يوڳن) کي چنبڙي پچي مرن ٿا؛ ۽ ڪين نه هن لوڪ (جو سک) ۽ نه پرلوڪ (جو سک) آهي. [بکيا = وشيون، جي پنج آهن (١) شبد = ڪن رس؛ (٢) سپرش = چمڙي رس؛ (٣) روپ = نيتر رس؛ (٤) رس = جيڀ رس؛ (٥) گند = ناسڪا رس؛ ان = ٻيا.]

(٢) مائِيا موهِ وِسارِيا، جَگَتَ پِتا پرتپالِ
باجهُهُ گورو اَچيتَ هيِ، سَڀَ ٻڌي جَمَ ڪالِ
نانڪَ گورمَتِ اُبَري، سَچا نامُ سَمالِ

اَرٿ - (جي پرش) مايا جي موهه ڪري جڳت جي اتپن ڪندڙ ۽ پالنا ڪندڙ پرماتما کي وساري ٿا ڇڏين، سي گوروءَ (جي اپديش) کان سواءِ غافل رهن ٿا، (جنهنڪري انهن) سيني کي جم ڪال ٻڌي ٿو ڇڏي. سري گورو نانڪ صاحب جن فرمائين ٿا ته (باقي جيڪي) گوروءَ جي اپديش دوارا سچو نام ياد ڪن

(پرماتما) ۾ سمائجي ويندس. [ونُهہ=وڃان، ٿــان، مڃان؛ ٻل=ٻلهار؛ آپ = آپا ڀاءُ، پاڻپڻو؛ ڀاءُ = مرضي؛ لاها = فائدو، لاڀ؛ نــام= نامي يعني ايشور.]

(٣) بِنُ گُورَ مَحَلُ نہ پائيئِي، نامُ نہ پَراپَتِ هوءِ

اَئِسا سَتِـگُورُ لوڙِ لَهُہ، جِدُو پائيئِي سَچُہ سوءِ

اَسُرَ سنگهاريُ سُـکِہ وَسيِ، جو تِسُ ڀاوِئِ سُ هوءِ

اَرٿ - گوروءَ کانسواءِ پرماتما جو محل يعني سروپ نہ پائي سگهبو، نکي پرماتما جو نام ئي پراپت ٿي سگهندو؛ تنهنکري (هي ڀائي) کو اهڙو ستگورو ڳولي لهہ، جنهن وٽان اهو پرماتما سچہ سروپ توکي ملي. جو جيو ڪام آدڪ دئتن کي ناس ڪري ٿو؛ (اِئين نسچي ڪري ٿو تہ) جيکي پرماتما کي وڻي ٿو، سوئي ٿئي ٿو، اهوئي سکہ سروپ ۾ وسي ٿو. [لوڙ = ڳولي، ڍونڍي؛ جدو = جنهن وٽان؛ اَسر = ڪام آدڪ دئيت؛ سنگهاري = نــاس ڪري؛ تس = هنکي يعني پرماتما کي.]

(٤) جيها سَتِـگُورُ کَرِ جاڻيا، تيهو جيها سُـکُہ هوءِ

ايهُہ سَهسا مُولي ناهي، ڀاءُ لائي جَنُ کوءِ

نانَکُ ايکُ جوتِ دُءِ مُورتِي، سَبَدِ مِلاوا هوءِ

اَرٿ - جهڙيءَ ڀاونا سان ستگوروءَ کي ڄاڻجي ٿو، تهڙوئي (جيو کي سندس ڀاونا انوسار ستگوروءَ وٽان) سکہ ملي ٿو. اِنهيءَ ۾ ذرو بہ سنسو نہ آهي؛ کوبہ پرش کڻي پريم لڳائي ڏسي (تہ پروڙ پوندس تہ نيڪ ائين آهي.) سري گورو نانڪ صاحب جن فرمائين ٿا تہ (گوروءَ ۽ پرميشر جي) جوت هڪڙي آهي، فقط ڏسڻ ۾ سو بہ مورتون ٿيون اچن؛ ۽ (گوروءَ جي) اپديش دواران ئــي (پرميشر سان) ميلاپ ٿــي ٿو. [مُولـي = ڪداچت، بـلڪل، ڀاءُ = پريم.]

ڪرمن روپي ٻج مان جيڪي ٻج ٻچي راس ٿين ٿا، اهي ئي پرارٻڌ ڪرمن جو روپ وٺن ٿا. ٻج کي ناس ڪرڻ آسان آهي، باقي ڦل کي ناس ڪرڻ محال آهي.

پرماڻ - "ليکُ نہ مِٽئي هي سَکي، جو لکيا ڪَرتارِ."

[دکني اونڪار محلا پهلا پوڙي (۵۲)]

(۳) ڪريمان يا آگامي = نون ڪرمن روپي ٻج، جيڪو جيو هن جنم ۾ پيو ڪنو ڪري ۽ جنهنجو ڦل ايندڙ جنمن ۾ ڀوڳڻو پوندس.

سنچت ۽ ڪريمان ڪرم جيڪي ٻج جي روپ ۾ آهن، سي پڪتيءَ ۽ گيان جي ٻل سان ناس ڪري نهڪرم ٿي سگهجي ٿو؛ باقي پرارٻڌ ڪرم تہ يوگي يوگيشور، ساڌو سنت بہ ڀوڳين ٿا.]

ڀائي ري گورمَتِ ساچِ رَهاءُ

ساچو ساچُ ڪَماوَڻا، ساچِي سَبدِ مِلاءُ (اِڪ رَهاءُ)

ارٿ - هي ڀائي! گوروءَ جي اپديش دواران سچي پرماتما ۾ واسو ٿئي ٿو. جيڪي سچي پرماتما جو سچو نام ڪمائين ٿا، (يعني ڌيائين ٿا)، اهي ئي سچي برهم ۾ ملي وڃن ٿا. [رهاءُ = رهڻ، واسو.]

(۲) جِني نامُ پَڇاڻِيا، تِنَ وٽهَ ٻَلِ جاءُ

آپُ ڇوڏِ چَرَڻِي لَگا، چَلا تِنڪيِ ڀاءِ

لاها هَرِ هَرِ نامُ مِلِي، سَهجِي نامِ سَماءِ

اَرٿ - جن (گورمکن گوروءَ جي اپديش سان) نام کي سڃاتو آهي، تن تان شل مان ٻلهار وڃان! مان پنهنجو آپا ڀاءُ ڇڏي شل انهنجي چرڻن کي لڳان، ۽ انهنجي مرضيءَ موجب هلان! (انهي ڪري) مونکي وڏو لاڀ هري نام جو ملندو ۽ مان سهجيئي نامي

سَتَگُورُ سيوِ سَدا سُکُ پائِيا، جوتِي جوتِ مِلائِي

ارٿ - هيءُ سربو مايا جو پتلو آهي (يعني مايا مان ٺهيل آهي، جنهنکري مايا وانگر ناسونت آهي.) منجهس هؤمئي روپي دشٽ پيئي آهي، (جنهنکري) منمکه جمي اچن ٿا ۽ مري وڃن پيا ۽ (اهڙيءَ طرح) پنهنجي پت وڃائين پيا. (پر جيڪي گورمکه آهن اهي) ستگوروءَ جي شيوا ڪري سديو سکه پائين ٿا ۽ (سندن) جوت جوتي سروپ پرماتما ۾ ملي وڃي ٿي. [وچ = منجهه ؛ دشٽي = دشٽڻ، پاپڻ.]

(٣) سَتَگُورَ ڪِي سيوا اَت سُکالِي، جو اِڇِي سو ڦَلُ پائِي

جَتُ سَتُ تَپُ پَوتُ سَرِيرا، هَرِ هَرِ مَنِ وَسائِي

سَدا اَنَندِ رَهِي دِنُ راتِي، مِلِ پِرِيَتَمِ سُکُ پائِي

اَرٿ - ستگوروءَ جي شيوا بلڪل گهڻو سکه ڏيندڙ آهي (ايتري قدر جو) جنهن ڦل (يعني پدارٿ) جي اڇا رکجي ٿي سو پراپت ٿئي ٿو. (جڏهن گوروءَ سان ملي هي جيو) جت، ست ۽ تپ ڌاري سرير کي پوتر ڪري ٿو ۽ من ۾ هري نام کي وسائي ٿو، (تڏهين) پريتم (پربؤ) سان ملي ڏينهن رات آنند ۾ رهي سکه پراپت ڪري ٿو. [سکالي = سکه جو آلي يعني آليه = گهر، سکه ڏيندڙ ؛ اَت = گهڻو ؛ جَت = اندرين کي جيتڻ، خاص ڪري ڪام اڇا کي روڪڻ ؛ ست = سچ تي هلڻ ؛ تپ = چت جي ايڪاگرتا، جا ڌيان جو هڪ مکيه ڏاڪو آهي ؛ ڦل معنيٰ پدارٿ ؛ پوت = پوتر.]

نوٽ :- پدارٿ مڙئي چار آهن.

(١) ڌرم يعني اهي سريشٽ ڪرم جنهنکري پرم آنند جي پراپتي ٿئي جهڙو لنگر جيڻ، ديا ڪرڻ، سنتشٽ رهڻ وغيره.

(٢) اَرٿ يعني ڌن جي پراپتي.

(ستگوروءَ جي شيوا سکدائڪ.)

سري راڳ محلا تيجا شبد (١٢-٣٥)

(١) اَمرتُ ڇوڏ بِکيا لوڀاڻي، سيوا ڪَرهِ وِڏاڻي
اَپڻا ڌَرمُ گَواوَهِ، بُوجَهِه ناهي، اَنُ دِنُ دُکِ وهاڻي
مَنمُکِ اَنڌُ نه چيتَهي، ڏُوبِ مُئي بِنُ پاڻي

اَرٿ. اَمرت (نام) کي ڇڏي جيو وشين ۾ لوڀائجي رهيا آهن ۽ (پرڀوءَ کي ڇڏي) ٻين جي شيوا ڪن ٿا. (اهڙيءَ طرح) پنهنجو ڌرم وڃائين ٿا ۽ (سروپ کي) نٿا سمجهن (جنهنڪري) رات ڏينهن (انهيجي عمر) دک ۾ گذري ٿي. منمک جيو (اگيان جي) انڌ ڪري چيتين نٿا ۽ پاڻيءَ بنا ٻڏي مرن ٿا (يعني ڪنا ئي مرن ٿا.) [اَمرت = جو مرليوءَ يعني مؤت کان ڇڏائي ڇڏي، سو آهي هري نام؛ بکيا = وشيون جي پنج آهن شبد، سپرس، روپ، رس ۽ گنڌ؛ وڏاڻي = ٻين جي.]

مَنَ ري سَدا ڀڄَهُ هَرِ سَرڻائي
گورَ کا سَبَدُ اَنتَرِ وَسي، تا هَرِ وِسَرِ نه جائي

(اِڪَ رهاءُ)

ارٿ - هي پائي! هريءَ جي سرڻ وٺي سديو انجو ڀڄن ڪريو؛ (۽) جڏهين گوروءَ جو اُپديش انـدر ۾ وسي ٿو، تڏهين هري ڪڏهين به نٿو وسري. [ڀجهه = ڀڄن ڪريو؛ انتر = انـدر يعني هردي ۾.]

(٢) اِهُ سَرِيرُ مائِيا کا پُتَلا، وِچِ هؤمي دُشَٽي پائي
آوَڻُ جاڻا جَمڻُ مرڻا، مَنمُکِ پَتِ گَوائي

(گورمکھ ئي امرت رس جا پياڪ)

سري راڳ محلا تيجا شبد (١٣-٢٦)

(١) منمکھ ڪرم ڪماوڻي، جِئن دوهاڳڻ تن سينگار
سيجي ڪنت نه آوئي، نت نت هوءِ خوار
پر ڪا محلُ نه پاوئي، نا ڏيسئي گهر بار

ارٿ - جهڙيطرح ڏهاڳڻ جي سرير جو سينگار اجايو آهي، تهڙيطرح منمکن جا (باهريان جپ تپ آدڪ روپي) ڪرم ڪرڻ بہ وئرٿ آهن؛ جيئن ڏهاڳڻ جي سيجھ تي پتي نٿو اچي ۽ هوءَ (اجايو سينگار ڪرڻ ڪري) سدائين خوار ٿئي ٿي، تيئن منمکہ بہ پرين (پرماتما) جو سروپ نٿا پائين، بلڪ سندس محل جو در بہ نٿا ڏسي سگهن. [دوهاڳڻ = ڏهاڳڻ، هتي ڏهاڳڻ جي معنيٰ آهي اها استري جنهنکي سندس گهوٽ ڪڏي ڇڏيو هجي؛ ڪنت = گهوٽ؛ پر = پرين، پريتم؛ محل = سروپ؛ بار = دروازو.]

ڀائي ري، اِڪ من نامُ ڌياءِ
سنتا سنگت مِل رهي، جپ رامُ نامُ سُکھ پاءِ

(اِڪ رهاءُ)

ارٿ - هي ڀائي! من کي ايڪاگر ڪري نام ڌياءِ. جيڪي سنتن جي سنگت ۾ مليل رهن ٿا، اهي ئي رام نام جپي سک پائين ٿا. [اِڪ = ايڪاگر، هڪ ورتيءَ وارو.]

(٢) گورمکھ سدا سوهاڳڻي، پر راکيا اُرڌار
مِٺا بولهِ، نِو چلهِ، سيجي روئي ڀتار
سو ڀاونتي سوهاڳڻي، جن گور ڪا هيتُ اپار

ارٿ - گورمکھ روپ استريون سدائين سهاڳ واريون آهن،

(٣) ڪام يعني هرڪا اڇا پوري ڪرڻ.
(٤) موڪش يعني مڪتي حاصل ڪرڻ.

صاحب فرمائين ٿا تہ اهي چار ئي پدارٿ انکي نصيب ٿين ٿا، جو ستگورن جي شيوا ڪري ٿو. سري سکمني صاحب ۾ بہ فرمايل آهي.

" چارَ پَدارٿَ جيڪو ماڱي
ساڌ جَنا ڪِي سيوا لاڳي"

[اَشٽپدي (٣) پؤڙي (٥)]

(٢) جو سَتگورَ ڪِي سَرَڻا گَتي، هَئُم تِنَڪَي بَلِ جاءِ
دَرِ سَچي سَچِي وَڏِيائي، سَهَجي سَچِ سَماءِ
نانَڪ نَدَرِي پائِيئِي، گُورَمُکِ ميلِ ملاءِ.

ارٿ- جو جيو ستگوروءَ جي سرڻ ۾ اچي ٿو، تنهن تان آسين بلهار وڃون ٿا. اهو پرش سچي مالڪ جي دربار ۾ (مڪتيءَ روپي) سچي وڏيائي پائي ٿو ۽ سهجيئي سچي پرماتما ۾ سمائجي وڃي ٿو. (پر اهڙي) مکيہ گوروءَ جي ميل ۾ اهو ئي ملي ٿو، جيڪو (پرماتما جي) ڪرپا درشٽي پراپت ڪري ٿو. [بل = بلهار؛ ندري = ڪرپا جي نظر؛ گورمک = گورو جو مک يعني مکيہ آهي، ميل = ميلاپ.]

پرماڻ :- "گورَمُکَہ ڪَلِ وِچَ پَرَگَهَٽَ هوئا."

[ڀائي گورداس صاحب جي وار (١) پوڙي (٢٧)]

ارٿ- ڀائي گورداس صاحب جن فرمائين ٿا تہ ڪلجگ ۾ مکيہ گورو يعني سري گورو نانڪ ديو جن پرگهٽ ٿيا. ٻين بہ ڪيترن هند "گورمک" جي معنيٰ ٽيڪا ڪار "مکيہ گورو" يا "سرومڻي گورو" ڪن ٿا، هتي بہ اها معنيٰ آهي.

نانڪَ گورمُکہ نامُ ڏئائيئِي، سَچِ مِلاوا هوءِ .

اَرٿ - گوروءَ جي ٻاڻي (پرينل رهڻ) منجهہ امرت (پرم آنند) آهي، پر ڪو ورلو گورمکہ گيان دواران پائي ٿو. جن پرشن هؤمئِ پنهنجي هودي مان ناس ڪري (ٻاڻي تي هلي) اِهو امرس پراپت ڪيو آهي، انهن ئِي انجو سواد چکيو آهي. سري گورو نانڪ صاحب جن فرمائين ٿا تہ (انهن) گورمکن ئِي نام ڏنايو آهي، (جنهنڪري انهنجو) سچي مالڪ سان ميلاپ ٿيو آهي. [امرت = سروپ آنند جو مرتبوءَ کان چڏائي ٿو؛ سهجي = گيان دواران؛ وچهہ = هردي منجهان؛ کوءِ = ناس ڪري .]

(گوروءَ کانسواءِ ڀڳتي نہ ٿيندي .)

سري راڳہ محلا ٽيجا شبد (٢٧-١٤)

(١) جا پِرُ جاڻئِي آپڻا، تَنُ مَنُ اَگئِي ڌرِيئہ

سوهاڳڻِي ڪَرَمَ ڪماوديِمَا، سبئِي ڪَرَمَ ڪَرِيئہ

سَهَجِي ساچِ مِلاوڙا، ساچُ وَڏائِي ديئہ

ارٿ - جيڪڏهن (ڪو جيو) پنهنجي پريَن (پرماتما) کي جاڻڻ چاهي، تہ (هنکي پهرين پنهنجو) تن ؛ من (گوروءَ جي) اڳيان (پيتا ڪري) رکڻ گهرجي؛ ؛ جيڪي ڪرم سهاڳڻيون يعني سنت ڪن ٿا، اهي ئِي ڪرم (کيس) ڪرڻ گهرجن. (اِئين ڪرڻ سان سندس) سهجيئي سچي (پرماتما) سان ميلاپ ٿئي ٿو، جو (کيس) سچي وڏائي ڏئي ٿو. [جا = جيڪڏ هين، پر = پريَن، پريتم؛ سهجي = سهجيئي، بنا کنهن ٻئي جتن جي؛ ملاوڙا = ميلاپ .]

ٻائِي رِي گورَ بنُ ڀڳت نہ هوءِ

بنُ گورَ ڀڳت نہ پائيئِي، جي لوچئِي سَڀُ ڪوءِ

(اِڪ رَهاءَ)

(چو جو) الهن پنهنجي پتي (پرماتما) کي پنهنجي هردي ۾ ڌارڻ ڪيو آهي. اهي منو بولين ٿيون ۽ نمرتا سان هلن ٿيون (جنهنڪري انتهڪرڻ روپي) سيج تي (پرماتما) پتيءَ کي ماڻين ٿيون. (اهڙيون گورمک روپ استريون) جنکي پنهنجي گوروءَ لاءِ بيحد پيار آهي، اهي ئي سوپياوان سهاڳڻيون آهن. [پر=پرين، پتي؛ ار=ڇاتي، هردو؛ نو = نمي ؛ رويءَ = ماڻين ٿيون ؛ هيت = پيار.]

(٣) پوُرئَي ڀاڳِہ سَتَگورُ مِليِ، جا ڀاڳيِ کا اُدَءُ هوءِ
اَنتَرِهُ دُکہ ڀرَمُ کَٽيِئيِ، سُکہُ پراپتِ هوءِ
گورَ کيِ ڀاڻيِ جو چَليِ، دُکہُ نہ پاويِ ڪوءِ

اَرٿ۔ جڏهين (اڳين جنمن جي سريشٽ ڪرمن جي ڦل ڪري ڀاڳ کلي ٿو، تڏهين انهيءَ پورن ڀاڳ جي ڪري ستگورو ملي ٿو، (جنهنجي اپديش سان) چت مان دک ۽ ڀرم ڪٽجي وڃن ٿا ۽ پرم آنند جي پراپتي ٿئي ٿي. جو پرش گوروءَ جي ڀاڻي انوسار هلي ٿو، سو ڪو بہ دک نٿو ڏسي. [اُدءُ = اڀرڻ، چڙهڻ، کلڻ ؛ دک = پيڙا، تاپ. دک مڙيئي ٽن قسمن جا آهن: اَڌياتمڪ، اَڌيوتڪ ۽ اَڌدئوڪ.

(١) اڌياتمڪ جا ٻہ قسم آهن آڌي ۽ وياڌي. آڌي يعني من جي پيڙا جهڙوڪ چنتا، شوڪ آدڪ. وياڌي يعني تن جي پيڙا جهڙوڪ بيماريون ۽ روڳ آدڪ.

(٢) اڌيوتڪ يعني اهو دک جو بين جيون کان ملي جهڙوڪ ڪو ڏک هڻي يا چور چوري ڪري وغيره.

(٣) اڌدئوڪ يا اپاڌي آهي اهو ٻاهريون دک جو ڪ اوچتو اچي ڪري جهڙوڪ وڄ جو ڪرڻ، باهہ لڳڻ، ٻوڏ لڳڻ، ڌرتي ڌٻڻ آدڪ. [ڀرم = سنسا ؛ اڇا = راضپو.]

(٤) گورَ کيِ ڀاڻيِ وِچِ اَمرِتُ هيِ، سَهجيِ پاويِ ڪوءِ
جِنا پراپتِ ٿِنَ پيِئا، هئُميِ وِچهُ کوءِ

(٤) نامِ رَتي سي نِرمَلي، گورَ کِي سَهَجِ سُڀاءِ
مَنُ تَنُ راتا رنگ سِئُ، رَسنا رَسَنَ رَساءِ
نانَڪ رنگُ نہ اُترَئي، جو هرِ ڌُرِ ڇوڙيا لاءِ.

ارٿ:- گوروءَ جي (ڏنل) گيان دواران سڀاويڪ ئي (جيڪي) نام ۾ رنگجي وڃن ٿا، اهي شڌ ٿين ٿا، ۽ انهيءَ جو من توڙي تن هريءَ جي پريم ۾ رنگجي وڃي ٿو ۽ سندن زبان بہ (هري نام جي) رس ۾ رسيل رهي ٿي. سري گورو نانڪ صاحب جن فرمائين ٿا تہ (اهڙن گورمکن جي هردي تان) پريم نٿو لهي، جو (پريم) پرماتما ڌرون ئي (انهنکي) لڳائي ڇڏيو آهي. [رتي=رنگيل؛ سهج=گيان؛ سڀاءِ=سڀاويڪ ئي، بنا ڪنهن بہ ٻئي اپاءَ جي؛ رنگ=پريم، آنند؛ رسنا=زبان؛ رسن=رس، سواد، آنند؛ رساء=رسيل، ڀنل؛ ڌر=اَصل کان.]

نوٽ:- هن شبد جا چارئي پد ٿورڙي ڦير گهير سان سري راڳ محلا تيجا جي اَشٽپديءَ پهرينءَ ۾ آيل آهن. (ڏسو پد ١، ٢، ٣ ۽ ٨)

(پنجين ڪانسواءِ مانڪا جنم وئرٿ.)

سري راڳ محلا تيجا شبد (١٥-٤٨)

(١) گورمکِ ڪِرپا ڪَري ڀَگَتِ ڪيجئي، بِنُ گورَ ڀَگَتِ نہ هوئي
آپي آپُ مِلائي بوُجهئي، تا نِرمَلُ هووئي سوئي
هَرِ جيئُ ساچا ساچي باڻي، سَبَدِ مِلاوا هوئي

اَرٿ:- گورو جو مکيہ آهي، سو جڏهين ڪرپا ڪري ٿو،

اَرٿ - هي ڀائي! گوروءَ کان سواءِ ڀڳتي ٿي نٿي سگهي. جيڪڏهن ڪو بہ ڪيتري قدر ڪڻي خواهش رکي تہ بہ گوروءَ کانسواءِ ڀڳتي پراپت ڪري ڪو نہ سگهندو. [اوچيءَ = چاهي، خواهش رکي.]

(۲) لَکَہ چئوراسيھَ ڦيرُ پئيا، ڪامڻِ دوُجيءِ ڀاءِ
بِنُ گورَ نيِدَ نہ آوَئي، دُکي رَئڻِ وِهاءِ
بِنُ سَبَدئَ پِرُ نہ پائيئي، بِرَٿا جَنمُ گَواءِ

اَرٿ:- (جا جيو روپي) اِستري دئيت ڀاءَ ۾ لڳل رهي ٿي، اها چئوراسي لک جونين جي چڪر ۾ پئي ڀٽڪي ٿي. انهيءَ کي گوروءَ کانسواءِ (سک روپي) ننڊ نٿي اَچي ۽ سندس (آيو روپي) رات دک ۾ وهامي ٿي. گوروءَ جي اپديش ڌاران هنکي پريئن (پرماتما) جي پراپتي نٿي ٿئي، (جنهنڪري سندس) جنم وئرٿ وڃي ٿو.
[ڪامڻ=استري؛ رئڻ=رات؛ برٿا=وئرٿ، اَجايو.]

(۳) هَئُہ هَئُہ ڪَرَتي جَگُ ڦِري، نا ڌَنُ سنٻيءِ نالِ
اَنڌي نامُ نہ چيتئي، سَڀَ ٻاڌي جَمَ ڪالِ
سَتَگُورِ مِلِئي ڌَنُ پائيا، هَرِ ناما رِدئَ سَمالِ

ارٿ:- (هئہ) ”مان مان“ ڪندي جڳت ۾ ڦري ٿي (يعني ٻاٽڪي وڏي ڳڻائي ٿي)، پر ليڪ اهو حال ٿو ٿئيس جو مرڻ مهل) نڪو ڌن نڪا ڪا ملڪيت ٻاٽسان ڪڻي وڃي ٿي. اها اگياني استري نام نہ ٿي چيتي ۽ سڄي سرشٽي (اهڙيءَ طرح اگيان ڪري) جم ڪال کان ٻڌي ويئي آهي. (پر جن پرشن کي) ستگورو مليو آهي، اهي هري نام روپي ڌن پراپت ڪري هردي ۾ سنڀالي رکن ٿا [سنٻيءِ=ملڪيت، جائداد؛ نال=ساڻ؛ ٻاڌي=ٻڌي آهي.]

ڪي پنهنجو حال چئي ٻڌائيندا؟ پرميشور پاڻ ئي گوروءَ دواران پنهنجي ڀڳتي ڪرائي ٿو ۽ (مڪتيءَ روپي) وڏائي ڏئي ٿو. [جيون= جياپو، پراڻ؛ ڪيا=ڇا، ڪهڙي شيءِ؛ ويچاري=بي چارهه پارسي لفظ مان نڪتو آهي، جنهنجي معنيٰ آهي بي وس؛ سيو=شيوا، ڀڳتي]

نوٽ:- ”ڪٿا ڪو آکہ سڻائي“ جو ارٿ ڪي ٽيڪا ڪار هن طرح ڪن ٿا- اهي پرميشور کي ڇا چئي ٻڌائيندا يعني پرميشور کي ڪير چئي سگهندو ته تون هيئن ڪر ۽ هيئن نہ ڪر.

پرماڻ:- ”فريدا ڪئُن آکي رب نُون، تو اِئون ڪَرِ اِئون نہ ڪَرِ.“

(٣) ديکہ ڪُٽَنبُ موهہ لوڀاڻا، چلِديا نالِ نہ جائِي

سَتِگُورُ سيوِ گُڻَ نِڌانُ پائِيا، تِسَدِي قيمَ نہ پائِي

هَرِ پرڀُ سَکا ميتُ پرڀُ ميرا، اَنتي هوءِ سَکائِي

اَرٿ - (هي جيو) ڪٽنب کي ڏسي موهہ ۾ لپٽيو پيو آهي، (پر اهو ڪٽنب) هلڻ وقت ساڻس نٿو هلي. (باقي جو جيو) ستگوروءَ جي شيوا ڪري گڻن جي خزانو (پرماتما) کي پائي ٿو، انهيجي قيمت پائي (يعني ڪٿي) نٿي وڃي (۽ اهو اِئين سمجهي ٿو تہ) هري پرماتما ئي منهنجو مائٽ ۽ دوست آهي ۽ انت ويلي اهوئي منهنجو مددگار ٿيندو (۽ نہ ڪٽنب.) [لوڀاڻا = لوڀيل، لپٽيل، وڙهيل؛ چلديا = هلندڙ؛ نڌان= خزانو، سمنڊ؛ قيم = قيمت، ملهہ، انت؛ سکا = سڳو، مائٽ؛ ميت = متر، دوست.]

پرماڻ:- ”امر ابي ٿاوهہ مِتِرا

پيڻُ پائي سَبِ سَجڻا، ٿُنُّ جيها ناهي ڪوءِ جيئہ“ [سري راڳ محلا (٥)]

تڏهين ڀڳتي ڪجي ٿي. گوروءَ کانسواءِ ڀڳتي نٿي ٿئي. جڏهين گورو (شيوڪ کي) پاڻ ئي پاڻ سان ملائي ٿو، تڏهين اهو شيوڪ (ڀڳتيءَ جي ريت) سمجهي ٿو، جنهنڪري هو نرمل ٿئي ٿو. هر جي (پرماتما) سچو آهي ۽ انجي باڻي (يعني نام) پڻ سچو آهي. گوروءَ جي اپديش دواران ئي هن سان ميلاپ ٿئي ٿو. [مک=مکيه، سريشٽ؛ بوجهيءَ=سمجهي ٿو.]

پائي ري ڀگت هيڻُ ڪاهي جڳ آئيا

پوُري گورَ ڪِي سيوَ نہ ڪِيني، بِرَٿا جنَمُ گوائِيا

(اِڪ رَهاءُ)

اَرٿ:- هي ڀائي! ڀڳتي هيڻ پرش هن جڳت ۾ ڇو آيا آهن (يعني ڇو ڄاوا آهن)؟ انهن پوري گوروءَ جي شيوا ڪانہ ڪئي آهي، (جنهنڪري) انهن پنهنجو (مانڪا) جنم وئرٿ وڃايو آهي. [هيڻ=خالي، ڪانسواءِ؛ ڪاهي= ڇو، ڇا لاءِ.]

پرماڻ:- ”سَتِگورُ نہ سيوي سو ڪاهي آئِئا

ڌِرگُ جِيوَڻُ برٿا جنَمُ گوائِئا.“

[مانجهہ محلا ٽيجا اَشٽپدي ٣٢/٣٣.]

(٢) آپي جَگ جِيوَنُ سُکہ داتا، آپي بَخَشِ مِلائي

جيئہ جَنتَ اي ڪِيا ويچاري، ڪِيا ڪو آکِ سُڻائي

گورَمُکِہ آپي ديئہ وَڏائي، آپي سيوَ ڪَرائي

اَرٿ:- (پر ديهہ جي سڦلتا ايشور جي ئي هٿ ۾ آهي ڇو تہ پريو جو) پاڻ ئي جڳت جو جياپو آهي ۽ سک ڏيندڙ آهي، سوئي (ڀڳتيءَ جي دات جيو کي) بخش ڪري پاڻسان ملائي ٿو. جيو جنت، اِهن ويچارن جي هٿ ۾ ڇا آهي؟ اهي پرميشور کانسواءِ ٻئي ڪنهن

نانڪ ديو ستگوروءَ جي شيوا ڪري پرم آنند پائو ۽ سندن هردي مان اَهنڪار نورت ٿي ويو. (اهڙي ستگوروءَ جي) در تي سنت جن ڪڙا ٿي شيوا ڪن ٿا ۽ (سندن ڪرپا درشٽيءَ سان) گڻن جو خزانو (پرماتما) پائين ٿا. [جنني = ماتا ؛ جائيا = جڻيو ؛ پرڌان = مکيه، سريشٽ ؛ وچهه = هردي منجهان ؛ گمان = ايمان، اهنڪار ؛ کڙي = کڙا ٿي، تيار ٿي.]

میري من گورمکہ ڌياءِ هر سوءِ

گور ڪا سَبَدُ مَنِ وَسيءِ، مَنُ تَنُ نِرمَلُ هوءِ

(اِڪ رَهاءُ)

اَرٿ- هي منهنجا من! گوروءَ جي سکيا وٺي اهو هري نام ڌياءِ. جڏهين گوروءَ جو اپديش من ۾ ٽڪي ٿو، تڏهين من ۽ تن نرمل ٿين ٿا.

(٢) ڪَرِ ڪرپا گهر آئيا، آپي مليا آءِ

گور سَبَدي سالاهيئيءِ، رنگي سَهَجِ سُڀاءِ

سَچِي سَچِ سَمائيا، مِل رَهي، نہ وِڇڙِ جاءِ

ارٿ- (جڏهين گورو) ڪرپا ڪري ٿو، (تڏهين هيءُ من ٻاهر ڀٽڪڻ ڇڏي) گهر ۾ اَچي ٿو (يعني سروپ جو ڌيان ڪري ٿو، جنهنڪري پرماتما) پاڻيهي ڪيس اچي ٿو ملي. گوروءَ جي اپديش دوارا هو پرماتما جي ساراهه ڪري ٿو ؛ (جنهنڪري هو) سهجيئي ۽ سڀاويڪ ئي (پرماتما جي پريم ۾) رنگجي وڃي ٿو. جو سچي (هريءَ) ۾ سچي (نام ڌيائڻ) ڪري سمائجي ملي رهي ٿو، سو وري ڪانئس ڪنو وڇڙي. [گهر = سروپ ؛ سهج = سولائيءَ سان ؛ سڀاءِ = سڀاويڪ ئي يعني بنا ڪنهن ڪٺي جتن جي.]

(٣) جو ڪِڇہ ڪَرٽاسُ ڪرِ رَهيا، اَوَرُ نہ ڪَرڻا جاءِ

ارٿ - اَما اَبي جي جاءِ تي پريو منو آهي يعني انهنکان ٻه وڏيڪ پيارو آهي. پيئرون، ڀائر ۽ سڀ سڄڻ ۽ مٽ مائٽ ڪٺي ونجن، ته ٻه انهن مان ڪوٻه (هي پريو) تو جهڙو (پيارو) نه آهي.

(٢) آپڻي مَنِ چِت ڪهئي ڪَهائي، بِنُ گُورَ آپُ نه جائي
هَرِ جيئُہ داتا ڀڳت وَڇلُ هئي، ڪَرِڪَرپا مَنِ وَسائي
نانَڪَ سوڀا سُرَتِ ديئہ پرَبُ آپي، گورمُکہ دي وَڏِيائي

ارٿ - (هي جيوُ پلي ته) پنهنجي مَن ۽ چت سان پيو چئي ۽ ٻين ڪان چوائي (يعني پاڻکي خوش ڪري ته مون اَهنڪار ڇڏيو آهي، پر درحقيقت) گوروءَ کانسواءِ اَهنڪار نٿو وڃي. سري گورو نانڪ صاحب جن فرمائين ٿا ته (جيڪي گوروءَ دواران اهنڪار ڇڏين ٿا، انهن) گورمکن جي من ۾ هوي پرماتما جو داتار ۽ ڀڳتن کي پيار ڪندڙ آهي، اهو ڪرپا ڪري اچي وسي ٿو ۽ کين پنهنجي بوجهه ڏيئي پاڻ ئي (هن لوڪ منجهه) سوڀيا ڏئي ٿو ۽ (پرلوڪ ۾) وڏائي ڏئي ٿو. [آپ = آپا ڀاءُ، اهنڪار؛ وڇل = وتسل معنيٰ پيار ڪندڙ؛ سرت=گيان، سروپ جي لکيه يا بوجهه؛ گورمکہ = گورمکن کي.]

هن شبد ۾ گورو اَمرداس صاحب جن پنهنجي ستگوروءَ سري گورو انگد ديو جن جي اُستت ڪئي آهي.

سري راڳ محلا تيجا شبد (١٦-٤٩)

(١) ڌَنُ جَنَنِي جِنِ جائِيا، ڌَنُ پِتا پرڌانُ
سَتگُورُ سيوِ سُکہ پائِيا، وِچهُ گئِيا گُمانُ
دَرِ سيوَنِ سنتَ جَنَ کَڙي، پائنِ گُڻي نڌانُ

ارٿ - ڌن آهي اها ماتا جنهن (اَسانجي ستگوروءَ کي) ڄڻيو ۽ ڌن آهي (سعدن) سريشٽ پتا. (اَسانجي ستگورؤ) سري گورو

کَٿني بَدني نہ پائيئي، هؤمي وڃہ جاءِ

سَتگور ملئي سَد پئي رَچي، آپ وسي مَن آءِ

اَرٿ- گووند گڻن جو خزانو آهي، (جنهنجو) انت نٿو پاتو وڃي. کٿائن ڪرڻ سان ۽ ڪوتا رچڻ سان نہ (گووند) پاتو وڃي، ۽ نہ هؤمي اندر مان ٿي وڃي. (پر جڏهين) ستگورو ملي ٿو، (تڏهين هي جيو) سدائين (پرماتما جي) پريم رهي ٿو، (جنهنڪري پريو) باطبهي (سندس) من ۾ اچي وسي ٿو. [گووند = گو معنيٰ اندريون، گايون ۽ پرٿوي. تنهنڪري گووند جي معنيٰ ٿي اندريون سنيالينڌڙ يعني روڪيندڙ، يا گاليون پاليندڙ، يا پرٿوي جي رکيا ڪندڙ. گووند خاص نالو سري ڪرشن مهراج جو آهي، ڇو جو هو گئو پاليندو هو؛ کٿني = کٿائون ڪرڻ؛ بدني = ڪوتا رچڻ.]

پائي ري گورمکہ بوجهي ڪوءِ

بِنُ بوُجهي ڪَرَمَ ڪماوَڻي، جَنَمُ پَدارَٿُ کوءِ

(اِڪ رَهاءُ)

ارٿ- هي پائي! ڪو (ورلي جيو آهي جو) گوروءَ جي سکيا سان پرماتما کي ڄاڻي ٿو. پرماتما کي ڄاڻڻ کان سواءِ ٻيا ڪرم ڪرڻ (گويا مانکا) جنم روپي پدارٿ وڃائڻو آهي. [گورمکہ = گوروءَ جي اپديش دواران؛ کوءِ = کوهڻ، اَجايو وڃائڻ.]

(۲) جني چاکيا تني سادُ پائيا، بن چاکي ڀرَمِ ڀلاءِ

اَمرتُ ساچا نامُ هيِ، کَهڻا ڪڇوُ نہ جا،

پيو تهوُ پرواڻُ ڀئيا، پوُري سبدِ سماءِ

اَرٿ- جن (نام روپي امرت) چکيو آهي (يعني نام جپيو آهي)، تن ئي انجو سواد ورتو آهي (يعني انهن کي ئي آتم آنند پراپت ٿيو آهي). (نام روپي امرت) چکڻ کانسواءِ (يعني نام جپڻ

چِري وِڇُني ميلِئَنُ، سَتِگُور پَنِي پاءِ
آپي ڪارَ ڪرائِسِي، اَوَرُ نہ ڪَرَڻا جاءِ

اَرٿ- پرماتما کي جيڪي ڪرڻو هو، سو (پاڻ ئي) ڪري رهيو آهي، ٻئي ڪنهن کان ڪيو نٿو وڃي. گهڻي وقت کان جيڪي ڪانئس وڇڙيل هئا، تن کي (ب) ستگورو جي دفتر تي يعني گورمکن جي قطار ۾ آڻي هو پاڻسان (پاڻ ئي) ملائي ٿو. پاڻ ئي پريو (سڀ) ڪم ڪرائي ٿو، ٻئي ڪنهن (ب جيو) کان (ڪجهه) ڪيو نٿو وڃي. [چرِي = گهڻي وقت کان؛ وڇني = وڇڙيل، ڇنل؛ پنيءَ = دفتر، يعني گورمکن جي قطار.]

(٢) مَنُ تَنُ رَتا رنگ سِئُ، هئُمَي تَجِ وِڪارَ
اَهِنِسِ هِرَدئِ رَو رَهِئي، نِرَ ڀئُ نامُ نِرنڪارَ
نانڪَ آپِ ملائِئَنُ، پوُرئِ سَبَدِ اَپارَ.

اَرٿ- (جن پرماتما کي ائين سڀ ڪجهه ڪندڙ ڄاتو آهي تن) هئُمي جو وڪار ڇڏيو آهي، (جنهنڪري سندن) من ۽ تن (پرماتما جي) پريم ۾ رنگجي رهيو آهي. (اُهڙا پرش) ڏينهن رات نربوءِ نرڪار جو نام هردي ۾ جپيندا رهن ٿا. سري گورو نانڪ صاحب جن فرمائين ٿا تہ (اُهڙن پرشن کي) اَپار پرماتما (گوروءَ جي) پورن اپديش دواران پاڻسان ملائي ڇڏي ٿو. [رنگ = پريم؛ رتا = رنگيو؛ تج = ڇڏي؛ وڪار = روڳ، عيب، جي مڙيئي پنج آهن ڪام، ڪروڌ، لوڀ، موهہ ۽ اُهنڪار، انهن سڀني ۾ وڏو اُهنڪار آهي، جنهنڪي ناس ڪرڻ سورمي جو ڪم آهي؛ رو = جپيندو؛ نرنڪار = نرآڪار يعني روُپ کانسواءِ.]

(سچو نام ئي امرت آهي.)

سري راڳ محلا ٽيجا شبد (١٧-٥٠)

(١) گووِدُ گُڻي نِڌانُ هئي، اَنتُ نہ پائِيا جاءِ

ست (ڏاري سگهي ٿو) ۽ اندرين کي روڪي (سگهي ٿو)؛ نام
کانسواءِ (هي جيو) نرمل نٿو ٿئي. جڏهين پوري ڀاڳ جي ڪري
(هن جيو جي) من ۾ نام وسي ٿو، تڏهين (هي جيو) برهم سان
ملي وڃي ٿو. سري گورو نانڪ صاحب جن فرمائين ٿا ته جيڪو
جيو سهجيئي (پرماتما جي) پريم ۾ رنگجي وڃي ٿو، سو ئي هريءَ
جي گڻن (ڳائڻ دواران ئي هن لوڪ توڙي پرلوڪ ۾) سوڀيا پائي
ٿو يا اهو، هري جو گڻن جو روپ آهي، تنهنکي پائي ٿو. [جت=
ڪام اڇا روڪڻ؛ ست = سچ تي قائم رهڻ؛ سنجم = اندرين کي
وشين کان روڪڻ؛ سوء = (١) سوڀيا يعني عزت (٢) اهو.]

(ستگوروءَ جي سکيا جي ضرورت.)

سري راڳ محلا ٽيجا شبد (١٨-٥١)

(١) ڪائئيا ساڌيءَ، اُرڌ تَپ ڪَرئِ، وچهُ هؤمءِ نه جاءِ

اَڌِيا تَم ڪَرَم جي ڪري، نامُ نه ڪَبهِي پاءِ

گُورَ ڪئِ سَبَد جِيوتْ مَرئِ، هَرِ نامُ وَسِي مَنِ آءِ

اَرٿ- جيڪڏهن ڪو جيو ڪايا جون ساڌنائون ڪري (يعني
جوڳه آسن ڪري) ۽ اونڌو ٿي تپ ڪري، ته به (اِئين ڪرڻ
سان) هنجي اندر مان هؤمءِ نٿي وڃي. اڌياتم ڪرم (يعني سرير
کي صفا ڪرڻ جا ڪرم) ڪٿي ڪري، تڏهين به (انهن ڪرمن
ڪري) نام ڪين پائيندو. (پر) جڏهين هي جيو گوروءَ جي سکيا
سان جيئري ئي مري ٿو (يعني پاڻپڻو ماري ٿو)، تڏهين ئي هريءَ
جو نام سندس من ۾ اچي وسي ٿو. [ساڌيءَ = ساڌنائون ڪري
جهڙوڪ جوڳه آسن پچائڻ، آسن جي معنيٰ آهي وهڻ جو نمونو،
مڙيئي ٨٤ اهڙا آسن آهن جن جي وسيلي جوڳي پوش سرير جا سڀ
روڳه دور ڪري سگهن ٿا؛ ارڌ = اونڌو؛ تپ = ڌيان؛ اَڌياتم ڪرم =
سرير کي پوتر ڪرڻ لاءِ ڪرم مڙيئي ڇهه ٿا ليکجن، جنکي ڪنت

کي ڇڏي دليا جا جيو) پرمن ۾ لڳي (پرماتما کان) پلجي رهيا آهن. أمرت تہ سچو نام ئي آهي، (جنهجي اپما) چئي نٿي وڃي. (انهيءَ أمرت) پيڻ سان ئي هي جيو (درگاهہ ۾) قبول پوي ٿو ۽ پورن برهم ۾ سمائجي وڃي ٿو. [أمرت = جو مرڻ کان بچائي أمر کري؛ ساچا = سچو يعني سديو قائم، جو اڳي بہ هو، هينئر بہ آهي ۽ پوءِ بہ هوندو؛ پرواڻ = قبول؛ پُوريُ = پورن؛ سبد = برهم.]

(۳) آپي ديئہِ نہ پائيئي، هورُ ڪَرِتا ڪِڇُوُ نہ جاءِ
ديوڻَ والي ڪي هَتِ داتِ هيِ، گورُوُ دُواريَ پاءِ
جيها ڪِيتونُ تيها هوئا، جيهي ڪَرَمِ ڪماءِ

ارٿ - (پر جڏهين پرماتما) پاڻ (ڪرپا ڪري) ڏئي ٿو، تڏهين (اهو أمرت) پائجي ٿو؛ (هنجي ڪرپا کانسواءِ) بيو کو اپاءُ ڪري نٿو سگهجي (يعني ڪارگر نٿو ٿئي.) (اِها نام جي) بخشش (پرماتما) داتار جي ئي هٿ ۾ آهي، جا گوروءَ (جي اپديش) دوارا ئي پائي سگهجي ٿي. جهڙا ڪرم (هي جيو اڳين جنمن ۾) ڪري آيو آهي، ڦل بہ تهڙوئي پائي ٿو، ۽ جهڙا ڪرم (هي جيو هن جنم ۾) ڪري ٿو، (تهڙوئي ڦل آئينده پائيندو ۽ پرماتما جي نام جي بخشش بہ انهن ڪرمن تي منحصر آهي.) [هور = بيو؛ دات = بخشش؛ ڪيتون = ڪيا آهن؛ جيها=جهڙا.]

نوٽ:- ڪرمن جي نسبت ڏسو سري راڳ محلا تيجا شبد (١١ - ٤٤) صفحہ (٢٥١).

(۴) جتُ سَتُ سنجمُ نامُ هيِ، وِڻُ ناوي نرمل نہ هوءِ
پُوريُ ڀاڳِہ نامُ مَنِ وَسيِ، سَبَدِ مِلاوا هوءِ
نانڪَ سهجيهي رنگہ ورتدا هرِ گنُ پاويَ سوءِ

ارٿ - نام (جي پراپت ڪرڻ) سان ئي (هي جيو) جت ۽

ٿو ڀھچي، جنھن سندس سماڌي ھڪ رس ٿي رھي ٿي. اِنھي اوستا کي ئي سروپ استان ۽ مڪتي دئار ٿو چئجي.]

(٣) گُورَ تي مارَگُ پائِيئِي، چوُڪِي موھُ غُبارُ
سَبَدِ مَرِيِ تا اُڌرِيِ، پائِي موکہ دُئارُ
گُورَ پَرَسادِي مِلِ رَھِيِ، سَچُہ نامُ کَرَتارُ

اَرٿ - (اَھڙو گيان جو) مارگ گورو کان ئي پراپت ٿئي ٿو، (جنھنڪري) اگيان جو انڌيرو نورت ٿي وڃي ٿو. جڏھين گورو جي اپديش دواران ھي جيو مري ٿو (يعني ڀاڦٽو ڇڏي ٿو)، تڏھين مڪتيءَ جو دروازو (يعني مارگ جو گيان) حاصل ڪري (سنسار ساگر کان) پار پوي ٿو ۽ گورو جي ڪرپا سان ئي سچي نام واري ڪرتار سان ملي (يعني ابيد ٿي) وڃي ٿو. [مارگ = رستو؛ چوُڪِيءَ = بند ٿئي ٿو؛ اڌرِيءَ = تري پار پوي ٿو؛ موکہ = جنم مرڻ کان ڇوٽڪارو.]

(٤) اِھُ مَنُوئا اَتِ سَبَل ھيِ، ڇڏيِ نہ ڪِتيءِ اُپاءِ
دوُجِيِ ڀاءِ دُکُہ لائِدا، ڀھُتِي ديئہ سَزاءِ
نانَڪَ نامِ لَگِي سي اُبَرِي، ھؤمَيِ سَبَدِ گَوَاءِ

اَرٿ - ھي من (سنڪلپ ۽ وڪلپ ڪري) ڏاڍو ٻلوان آھي ۽ اِھو (گيان ڪانسواءِ) ڪنھن بہ ٻئي اپاءَ سان جيو کي ڇڏي. اھو دئيت ڀاءَ جي ڪري جيو کي دکن جي منھن ۾ ڏئي ٿو ۽ (پرلوڪ ۾ جم جي دوتن کان) ڪيس گھڻي سزا ڏياري ٿو. سري گورو نانڪ صاحب جن فرمائين ٿا تہ جي جيو گورو جي اپديش دواران پنھنجو آپا ڀاءُ وڃائين ٿا، سي ئي نام (جپڻ) کي لڳي (دکن کان) بچي پون ٿا. [اس = گھڻو؛ سبل = سھت بل يعني بلوان؛ ڪتيءَ = ڪنھن بہ؛ ابري = بچن ٿا.]

ڪوم ۾ ڇٽبو آهي. (١) ڏنڊ (٢) سڀاڻ (٣) ڏوٽي (٤) ٽلڪ (٥) جڙيو (٦) سوچ.]

سُڻِ مَنَ ميري ڀَجُ سَتگُورَ سَرڻا
گُورَ پَرسادي ڇُٽِيئي، بِکھ ڀَوَجَلَ سَبدِ گُورَ ٽَرڻا
(اِڪ رَهائُ)

اَرٿ - هي منهنجا من ٻڌ! ستگوروءَ جي سرن پئي پريوءَ جو ڀڄن ڪر، ڇو تہ گوروءَ جي ڪرپا سان ئي (وڪارن کان) ڇٽبو ۽ انجي اپديش دوارا ئي (وشين جي) وک سان ڀريل سنسار ساگر مان ترِي پار پئبو. [بکھ = وک، وشيون، ٻوءِ معنيٰ ئي دک جو تہ وشيون ئي دک جو ڪارڻ آهن.]

(٢) تِريئ گُڻَ سَڀا ڌاتُ هيِ، دوُجا ڀاءُ وِڪارُ
پنڊِتُ پڙِي، بنڌَنَ موهَ باڌا، نَهَ بوُجهيِ بِکيا پيارِ
سَتگُورِ مِلئي ترِڪُٽي ڇوُٽي، چوُٿي پَدِ مُڪتِ دُوارُ

اَرٿ - (هي) ٽن گڻن واري ساري (سرشٽي) ناسونت آهي، (جنهن جيو) دئيت ڀاءَ ڪري وڪارن ۾ (لڳي رهيو) آهي. (خود) پڙهيل پنڊت بہ موهہ جي بنڌنن ۾ ٻڌا پيا آهن ۽ (پرماتما کي) نٿا ڄاڻن، (ڇو جو) انهن جو وشين سان پيار آهي. (رڳو جڏهين) ستگورو ملي ٿو (تڏهين هي جيو ترڪٽيءَ کان ڇٽي ٿو ۽ چوٿون پد (ترِيا اوستا جو) پائي مڪتيءَ جو دوار حاصل ڪري ٿو. [تريئ گڻ = ٽي گڻ ستو، رجوءَ تمو؛ ڌاتُ = دوڪندڙ، بي بقا، ناسونت؛ بکيا = وشيون، شبد، سپرش، روپ، رس ۽ گندہ؛ ترڪٽي = ٽن گڻن جي ڳنڍ، جي ٽي گڻ ونبا تہ ٽن گڻن جي ڳنڍ ئي مايا ۽ جي ٽي اوستائون ونبيون تہ اهي آهن جاڳرت، سپن، سکوپت؛ گياتوان ترڪٽيءَ جي معنيٰ وٺندا آهن ٽي حالتون جن بابت ڏسو صفحہ (١٣٥) گورواڻيءَ جو. جڏهين جيو ٽن گڻن يا ٽن اوستائن يا ٽن حالتن کان مٿي ٿو چڙهي، تڏهين هو ترِيا اوستا کي

مَنِ نِرمَلَ نامُ ڌِيائِيئِي، تا پائِي موکہ دُوارُ

اَرٿ:- (گورن جي شيوا ڪري) جڏهين هي جيو سچي پرماتما سان پيار رکي ٿو، تڏهين هو سچي باڻي بولي ٿو ۽ سچو اپديش جيون کي ڏئي ٿو. هنجي من ۾ هريءَ جو نام وسي ٿو ۽ سندس هؤميءَ ۽ ڪروڌ نورت ٿي وڃن ٿا. نام جي سمرن ڪري هنجو من نرمل ٿئي ٿو ۽ هو موکيہ جو دروازو پائي ٿو. (مطلب تہ نام جي سمرن ڪري سروپ استان پراپت ڪري ٿو، جو سروپ استان مڪت جو دروازو آهي، ڇو جو جيڪو انهي استان ۾ پهچي ٿو، سو جنم مرڻ کان ڇٽي وڃي ٿو.)

(٣) هؤمِيِ وِچہ جَگ بِنَسَدا، مَرِ جَمِيِ آوِئِ جاءِ
مَنمکہ سَبدُ نہ جاڻَنِي، جاسَنِ پِتِ گواءِ
گورَ سيوا ناءُ پائِيئِي، سَچِي رَهِئِ سَماءِ

اَرٿ:- هؤميءَ ڪري سارو جڳہ ناس ٿئي ٿو ۽ جيو مرن ۽ جنم وٺن ٿا ۽ (اهڙيطرح بار بار) اچن وڃن پيا. منمکہ جيو گوروءَ جو اپديش (يعنا وٺن جهنڪري نام) نٿا ڄاڻن ۽ پنهنجي پت (هن دنيا مان) وڃائي ٿا وڃن. اهو نام گوروءَ جي شيوا سان ئي پائجي ٿو ۽ (نام پراپت ڪرڻ سان ئي) سچي (پرماتما) ۾ سمائجي وڃجي ٿو. [بنسدا=ناس ٿئي ٿو؛ جاسن=وڃن ٿا.]

(٤) سَبَدِ مَنِئِي، گورُ پائِيئِي، وِچَهُ آپُ گَواءِ
اَنِ دِنُ ڀَگَتِ ڪَرِي سَدا، ساچِي ڪي لِوَ لاءِ
نامُ پَدارَٿُ مَنِ وَسِيا، نانَڪ سَهَجِ سَماءِ.

(گورو جي شبدائي سڪدائڪ .)

سري راگ محلا ٽيجا شبد (١٩-٥٢)

(١) ڪرپا ڪري گور پائيئي، هرنا مو ديئہ درڙاءِ
بن گور ڪنئي نہ پائيو، برٿا جنم گواءِ
منمکہ ڪرم ڪماوڻي، درگهہ ملي سزاءِ

ارٿ - (جڏهين پرماتما) ڪرپا ڪري ٿو (تڏهين) گورو پائجي ٿو ۽ (اهو گورو) هريءَ جو نام درڙ ڪرائي ٿو (يعني نام جپڻ جو اڀياس ڪرائي ٿو.) گوروءَ کانسواءِ ڪنهن بہ (هري نام) نہ پاتو آهي ۽ (نام پائڻ کانسواءِ منمکہ جيو پنهنجو) جنم اجايو وڃائين ٿا. (نام نہ پائڻ ڪري) اهي منمکہ جيو اهڙا ڪرم ڪن ٿا جو انهنکي درگاهہ ۾ سزا ملي ٿي. [درڙاءِ = درڙ يعني پڪو ڪرائڻ؛ ڪنئي = ڪنهن؛ برٿا = اجايو.]

من ري دوجا ڀاءُ چڪاءِ
انتر تيرئي هر وسي، گور سيوا سکہ پاءِ

(اِڪ رهاءُ)

ارٿ - هي ڀائي! دئيت ڀاءُ کي (هردي مان) دور ڪر. تنهنجي اندر ۾ ئي هري وسي ٿو. پر انهيءَ پرماتما جي ميلاپ جو سک گورن جي شيوا دوارا ئي پراپت ٿيندءِ. [دوجا ڀاءُ = دئيت ڀاءُ يعني مايا موهہ جي اندو وچان پاڙکي؛ ۽ يئي ساريءَ خلقت کي پن سمجهڻ ۽ انهن نہ سمجهڻ تہ سڀ هڪڙي مالڪ جوئي روپ آهن.]

(٢) سچ باڻي سچہ سبد هي، جا سچہ ڌري پيار
هر کا نام من وسي، هؤمي ڪروڌ نوار

جڳ، ترتيا جڳ، دواپر جڳ ۽ ڪل جڳ؛ گهر = هردو؛ مني = نڪجي ويا آهن؛ اهنڪار = اهنڪاري پرش، ڦٽڪيا = ذڪيل؛ سچا = جو سديو قائم آهي؛ سبد = برهم.]

مَنَ ميري سَدا هَرِ ويکُ حَدورُ

جَنَمَ مرنَ دُکهُ پَرَهَرَئِ، سَبَدِ رهيا ڀرپورِ

(اِڪ رَهائُ)

اَرٿ - هي منهنجا من! هري ۽ کي سدائين حاضران حضور ڏس، (ڇو جو) برهم هر هنڌ ڀري پورن آهي. (جڏهين تون کيس اِئين اَنڀو ڪندين، تڏهين هو تنهنجو) جنم مرڻ روپي دک لاهي ڇڏيندو. [ويکه = ڏس؛ پرهرئِ = دور ڪندو لاهي ڇڏيندو.]

(٢) سَچُہ سَلاهَنِ سي سچي، سَچا نامُ آدارُ

سَچي ڪارَ ڪَماوَڻي، سَچي نالِ پيارُ

سَچا شاهُ ورتَدا، ڪوءِ نہ ميٽڻَ هارُ

مَنمُکہ مَحَلُ نہ پائني، ڪوڙُ مُٺي ڪوڙيارُ

ارٿ - (گورمکن بابت) جيکي سچي (پرماتما) جي استت ڪن ٿا ۽ (جنکي) سچي نام جو آڌار آهي، سي سچا (گورمکہ) آهن. اهي سچي ڪمائي (يعني ڀڳتي) ڪن ٿا، (ڇو جو سندن) پيار (هڪڙي) سچي (مالڪ) سان آهي. (اهي ائين ٿا ڄاڻن تہ) سچو صاحب سڀ ۾ وياپڪ آهي ۽ (هنجو حڪم) ڪوبہ ميٽي نٿو سگهي. (پر) منمکہ محل (يعني سروپ استان) نٿا پائين، (ڇاڪاڻ موره ڳوٺي اهي) جوٺا جيو جوٺي (سنسار جي موهہ) ڪري نڪجي وڃن ٿا. [ورتدا = ورتجي پيو، وياپڪ آهي؛ ڪوڙ=جوٺو، پي ٺٺا.]

اَرٿ:- (گوروءَ جي) اپديش منڻ ڪري (يعني انهيءَ پورن نسچي رکڻ ڪري) اندر مان هؤمئ وڃي ٿي ۽ وڏو (پرماتما) پائجي ٿو. سري گورو نانڪ صاحب جن فرمائين ٿا ته جيڪي رات ڏينهن ڀڳتي ڪري سدائين سچي (پرماتما) سان لوَ لڳائين ٿا، الهجي من ۾ نام روپي پدارٿ اچي وسي ٿو ۽ اهي سهجيئي پرماتما ۾ سمائجي وڃن ٿا. [گور=وڏو يعني پرماتما؛ آپ=آپا ڀاءُ، هؤمئ؛ اَن دن = رات ڏينهن؛ لوَ = ڌيان، ورتي؛ سهج = سهجيئي، بنا ڪنهن به ڀئي جتن جي.]

(منمکن ۽ گورمکن جو ذڪر.)

سري راڳ محلا ٽيجا شبد (٢٠-٥٣)

(١) جِنِي پُرَکي سَتَگورُ نه سيوِيو، سي دُکِيئي جُگَ چارِ

گهرِ هودا پُرَکُه نه پَڇاڻيا، اَڀِمانِ مُٺي اَهنڪارِ

سَتَگورو ڪِيا ڦِٽَڪِيا، مَنگِه ٿَڪي سنسار

سَچا سَبَدُ نه سيوِيو، سڀ ڪاجَ سوارڻهارُ

اَرٿ- (منمکن بابت) جن (منمک) پرشن ستگوروءَ جي شيوا نه ڪئي آهي، اهي (٨٤ لک جونين ۾ ڀٽڪڻ ڪري) چئن ئي جڳن ۾ دکي آهن. سندن هردي ۾ جو پرش (پرماتما) وسي ٿو، تنهنکي نٿا سڃاڻن ۽ اِهي اهنڪاري شخص ايمان ڪري ٺڳجي ويا آهن (يعني ديهه اَيمان ڪري سرو وياپڪ پرماتما کان ڀلجي ويا آهن، ۽ جو ڀاڙڪي ۽ ڀين کي هڪڙي ڪرتار جو روپ نٿا سمجهن.) اَهڙا پرش ستگوروءَ جا ڌڪيل آهن. تنهنڪري اهي سنسار ۾ پِني (يعني ڀٽڪي دکي ٿي) مرن ٿا. اهي سچي برهم جي شيوا (يعني ڀڳتي) نٿا ڪن جو (برهم) سڀني ڪارجن جو سنوار ڀندڙ آهي. [پرکي = پرشن؛ جگ چار = چار جگ آهن ست

سنساري) ڏنڌن پنيان ڊوڙڻ بند ٿي وڃي ٿو. (جيڪي گورمک اُهڙيطرح) سچي (پرماتما جي پيار) ۾ رڱجي وڃن ٿا، (تنجا) مکَ انهي سچي (مالڪ) جي دربار ۾ اوجل ٿين ٿا (يعني تہ اهي دربار ۾ عزت ٿا پائين.) [وڪار پنج آهن، ڪام، ڪروڌ، لوڀ، موهہ ۽ اهنڪار؛ تجہ=ڇڏڻ؛ ڌاوت=ڊوڪڻ؛ رهہ گئي=بند ٿيو؛ اُجلي= اوجل، چمڪندڙ.]

(٥) سَتگُورُ پُرکہ نہ مِنيو، سَبَدِ نہ لگو پيارُ
اِسَنانُ دانُ جيتا ڪَرهِ، دوُجي ڀاءِ خُوارُ
هَرِ جيئہ آپڻي ڪرپا ڪَري، تا لاگي نامَ پيارِ
نانڪ نامُ سمال توُن، گورَ ڪي هيتِ اَپارِ.

اَرٿ:- (منمکن بابت.) جيڪي ستگوروءَ جهڙي پرش کي نٿا مڃن (يعني منجهس نسچو نٿا رکن) ۽ سندس اپديش سان پيار نٿا رکن، اهي دئيت ڀاءُ ڪري (تيرٿن تي وڃي) جيڪي اشنان ۽ دان ڪن ٿا، (تن ڪري پاڻ) خوار ٿين ٿا. (پر جيڪڏهين) هري پنهنجي مهر ڪري تہ (جيڪر اِنهن منمکن جو بہ سندس) نام سان پيار لڳي وڃي. (تنهنڪري) سري گورو نانڪ صاحب جن فرمائين ٿا تہ هي جيو! توُن گوروءَ سان گهڻو پيار رکي (ڪانئس اپديش پراپت ڪري هري) نام کي ياد ڪر. [هيت=پيار.]

(مڪتيءَ جو ساڌن ڪهڙو آهي ؟)

سري راگ محلا تيجا شبد (٢١-٥٤)

(١) ڪِسُ هَئہ سيوي، ڪيا جَپُ ڪَري سَتگُورَ
پوُڇئہ جاءِ
سَتگورَ ڪا ڀاڻا مَن لئي وِچهہ آپُ گواءِ

(۳) هؤمي ڪَرتا جَڳ مئا، گور بِنُ گهور اَنڌارُ
مائيا موهِ وِسارِيا، سُکھ داتا داتارُ
سَتِگُورُ سيوهِ تا اُبَرهِ، سچِ رَکهِ اُرِڌارِ
ڪَرِپا تي هَرِ پائيئي، سَچِ سَبدِ ويچارِ

اَرٿ:- (منمکن بابت.) جڳت (جا جيو) هؤمي ڪندي مرن ٿا. (يعني جيئري ئي مٽن جي قطار ۾ آهن (ڇو جو) گوروءَ کانسواءِ (اگيان روپي) نپٽ انڌوڪار ۾ آهن. (انهي انڌوڪار ڪري) مايا جي موهه (۾ ڦاسڻ ڪري) سکن جي داتا (پرماتما) داتار کي وساري ڇڏين ٿا. (اهڙا منمکه ته جنم مرڻ روپي دکه کان جيڪر) بچي پون، (جيڪڏهين) ستگوروءَ جي شيوا ڪن ۽ سچي (پرماتما) کي هردي ۾ ڌارين. (پر پهرين جڏهين ستگورو شيوا تي راضي ٿي) ڪرپا درشت ڪري ٿو، تڏهين (سدس) سچي اپديش جي ويچار دوارا هري پائجي ٿو. [گهور=نپٽ؛ اُبرهه=بچي پون؛ اُر=ڇاتي، هردو؛ ڌار=ڌارين، رکن.]

(۴) سَتِگُورُ سيوِ مَنُ نِرمَلا، هؤمي تَجِ وِڪارَ
آپُ ڇوڏِ جيوَتَ مَرئِ، گورَ ڪي سَبَدِ ويچارِ
ڌنڌا ڌاوَتَ رَهِ گئي، لاگا ساچ پيارُ
سَچِ رَتي مُکھ اُجلي، تِتُ ساچي دَربارِ

اَرٿ:- (گورمکن بابت.) جڏهين ستگوروءَ جي شيوا ڪري هؤمي ۽ (ٻيا) وڪار ڇڏجن ٿا، تڏهين من نرمل ٿئي ٿو، ۽ گوروءَ جي اپديش تي ويچار ڪرڻ دوارا ئي پاڻپڻو ڇڏي جيئري ئي مرجي ٿو يعني پنهنجو من مارجي ٿو. (جڏهين اهڙي حالت ٿئي ٿي، تڏهين هن جيو جو) سچي (پرماتما) سان پيار لڳي ٿو، (جنهنڪري سندس

سَچِيِ سَبَد سَدا مَنُ راتا ، پِرَمُ گَئِيا سَرِيرَهُ دُوُرِ
نِرَمَلُ صاحِبُ پائِيا ، ساچا گُڻِي گَهِيرُ

أرٿ - (جي جيو) برهم سان پرپور (يعني لولين) ٿي رهنتا، تنجي من جون اڇائون پورن ٿين ٿيون. اهي پريو جو پوُ ڪن ٿا ۽ ساڻس پريم رکي ڏينهن رات سندس ڀڳتي ڪن ٿا (۽ اهڙيطرح اٺ ئي پهر سندس خيال ڪرڻ ڪري) اهي سدائين هري پريتم کي حاضر ناظر ڏسن ٿا. اهڙن جيون جو من سديو سچي برهم سان رڱيل ٿو رهي ۽ انهنجي انتهڪرڻ مان پيڙ دور ٿي ٿو وڃي. (اهڙا جيوئي) نرمل پرماتما پائين ٿا، جو سچو آهي ۽ گڻن جو سمنب آهي. [جيئه = پريم جو اکر آهي، پريتم؛ سريره = اندرئين سرير مان، اندرئين سرير کي انتهڪرڻ ڪوئبو آهي، جنهنجا ۴ روپ آهن من، بڌ، چت ۽ اهنڪار؛ نرمل = مايا جي ميل کان نيارو يعني جو وشيش چيتن آهي؛ صاحب = مالڪ؛ گهير = سمنب.]

(٣) جو جاڳي سي اُبَري ، سوُتي گَئي مُهاءِ
سَچا سَبَدُ نہ پَڇاڻِيو ، سُپَنا گَئِيا وِهاءِ
سُنِڃي گهَرَ ڪا پاهُڻا ، جِئُہ آئِيا تِئُہ جاءِ
مَنمُکَہ جَنَمُ بِرَٿا گَئِيا ، ڪِيا مُهُ ديسي جاءِ

أرٿ - جيڪي سجاڳ آهن (يعني جيڪي غفلت ڇڏي ڌڻيءَ کي ياد ڪن ٿا) أهي (جنم مرڻ کان) بچن ٿا (يعني مڪت ٿي ٿا وڃن. باقي جيڪي غفلت جي) ننڊ ۾ آهن أهي ٺڳجي وڃن ٿا (يعني مايا جي جوٺي موهہ ۾ ڦاسي درلڀ مانک جنم روپي رتن هٿون ڦرائي ٿا وڃن.) جيڪي جيو (اهڙيطرح) سچي برهم کي نٿا سڃاڻن، (تنجي حياتي) سپني وانگي أجائي گذرندي ٿي وڃي. جهڙيطرح خالي گهر ۾ ڪو مزمان أچي بنا ڪجهہ پراپت ڪرڻ جي) جهڙو (خالي) اچي تهڙو (خالي) موٽي وڃي ٿو، تهڙيطرح منمک جي جيوت بہ وِرٿ ٿي وڃي (ڇو جو جهڙو خالي اچي ٿو هن جهان

ايها سيوا چاڪَري، نامُ وَسي مَن آءِ

نامِ هي ٿي سُکُ پائِيئي، سچي سَبَدِ سُهاءِ

اَرٿ - (جيڪڏهين ڪنهن جيو کي خيال جاڳي ته) ستگوروءَ کان وڃي پڇان ته "مان ڪنهنجي شيوا ڪريان ۽ ڪهڙو جاپ جپيان؟" (ته انهيءَ جو جواب هيءُ آهي ته) پاڻ مان اهنڪار ڪڍي (يعني نماڻو ٿي)، ستگوروءَ جو حڪم مڃي وٺي (يعني جيڪي ستگورو ڪري، سو پنهنجي ڀلي واسطي سمجهي.) اها ئي (سچي) شيوا ۽ چاڪري آهي (جنهن دواران) من ۾ نام اچي وسي ٿو؛ ۽ نام وسڻ ڪري (لوڪ پرلوڪ جو) سک پراپت ٿئي ٿو ۽ سچي برهم (سان ملي) ڪري جيو سونهين ٿو. [ڪس = ڪنهنجي، ڪنهنکي؛ ڀاڻا = حڪم، آگيا؛ من = مڃي؛ سهاءِ = سونهين ٿو.]

مَن ميري اَنَ دِنُ جاڳُ هَرِ چيتِ

آپڻي کيتي رَکِ لئي، کونڄَ پڙِئگي کيتِ

(١ اِڪَ رهاءُ)

اَرٿ - هي منهنجا من! تون رات ڏينهن سجاڳ رهي (يعني غفلت روپي ننڊ ڇڏي) هري نام کي ياد ڪر. پنهنجي (هردي روپي) کيتيءَ جي سنڀال ڪر ته متان (ڪام آدڪ روپي) کونجون اچي کيتيءَ ۾ ڪڙڪنين يا سواسن روپي کيتي سنڀالي رک، متان ڪال روپي کونج متان اچي پوئي. [چيت = ياد ڪر؛ کيت = کيتيءَ ۾.]

(٢) منَ ڪيئا اِڇا پوُريئا، سَبَدِ رَهيا ڀَرِپوُرِ

ڀئي ڀاءِ ڀَگَتِ ڪَرَهِ دِنُ راتي، هَرِ جيئُ ويکي سدا حدوُرِ

بلهار وڃان! [وڇهہ = وڇ مان يعني اندر ٻـا هردي منجهان ؛ پاءِ = پير ؛ در = دربار، درگاهہ.]

(سيڪنهن وقت ڀڳتي ٿي سگهي ٿي.)

سري راگ محلا تيجا شبد (٢٢-٥٥)

(١) جي ويلا وکتُ ويچاريئي، تا ڪتُ ويلا ڀڳتِ هوءِ

اَنَ دِنُ نامي رَتِيا، سَچي سَچي سوءِ

اِڪُ تلُ پيارا وِسريُ، ڀڳتِ ڪِنيهي هوءِ

مَنُ تَنُ سيتَلُ ساچ سِئُ، ساسُ نہ بِرَٿا ڪوءِ

اَرٿ- جي ويلا ۽ وقت جو ويچار ڪبو تہ ڪهڙي وقت ڀڳتي ٿيندي؟ (يعني ٿي ڪين سگهندي ڇو جو من تہ ان ئي پهر وشين ۾ لڳل رهي ٿو ۽ دنيوي وهنوار تہ ڪڏهن جو ئي نہ آهي جو فرصت ملي سگهي. پر جيڪي پرش دنيوي ڌنڌن ۾ مشغول رهي بہ) رات ڏينهن نام ۾ رتا پيا آهن (يعني ورتي نام ۾ لڳائين ٿا) سي سچا (ڀڳت) آهن ۽ انهنجي سوڀيا بہ سچي آهي. (اهڙن سچن ڀڳتن جي نظر ۾ هيئن آهي تہ جيڪڏهين) هڪ لحظي ماتر ڪٿي پيارو (پرماتما) وسري وڃي تہ اها وري ڀڳتي ڪهڙي ٿي؟ (اهڙن جو) هڪڙو سواس بہ (نام جپڻ کانسواءِ) اجايو نٿو وڃي، (تنهنڪري اهڙن ڀڳتن جو) من توڙي تن سچي (پرماتما) جي سنگ ڪري (يعني سچي کي ياد ڪرڻ ڪري) سيتل ٿئي ٿو (يعني من ڪام آدڪن کان ۽ تن باهرين پيڙائن کان ڇٽي سانت ۾ اچي ٿو.) [ڪت = ڪهڙي ؛ سوءِ = سوڀيا، مهما ؛ تل = ذرو جيترو وقت، لحظو ؛ ڪنيهي = ڪهڙي ؛ سيتل = سانت سروپ.]

مبري مَن هَرڪا نامُ ڌياءِ

ساچي ڀڳت تا ٿيئَي، جا هرِ وَسي مَن آءِ

(اِڪ رهاءُ)

۾ ٿهڙوئي خالي روانو ٿئي ٿو، پاڻسان نام روپي پدارٿ کڻي نٿو وڃي) تنهنکري هو اُتي (درگاهه ۾) ڪهڙو منهن وٺي ڏيکاريندو؟ (يعني اُتي ڪند هيٺ ڪرڻو پوندس، ڇو جو ڏڻيءَ جي ڏنل سواسن روپي پونجي هن دنيا ۾ اجائي کوهي وڃي ٿو؛ ڪو نام روپي لاڀ انهيءَ دواران هٿ ڪونہ ڪري ٿو). [مهاءِ = نڳجي؛ سچا = قائم يعني جو اڳي بہ هو هاڻي بہ آهي ۽ پوءِ بہ هوندو؛ وهاء = وهامي، گذري؛ پاهڻا = مزمان؛ ٻرتا = وئ رت، اجايو؛ ديسي = ڏيکاريندو.]

پر ماڻ :- ” آءِ گئئا پڇتاوڻا، جِنہ سُچي گهر ڪاءِ.“

[سري راڳ محلا (۱) استپدي (۸)]

اُرٿ - اهو جيو ايندو ۽ پڇتائيندو، جيئن سچي گهر ۾ ڪانو پيو ايندو ويندو آهي تہ ڪي ڪين حاصل ٿيندو اٿس.

(۳) سَڀ ڪِڇہ آپي آپ هيءِ، هؤمي وِچہ ڪَهُن نہ جاءِ
گورَ ڪي سَبَد پَڇاڻيئي، دُکہ هؤمي وِچهہ گواءِ
سَتَگورُ سيوَنِ آپَڻا، هَئُہ تِنَڪي لاڳئہ پاءِ.
نانَڪ دَرِ سچي سَچِئارَ هَہِ، هَئُہ تِن بَلِهاري جاءِ.

ارٿ -- سمورو پرپنچ سنسار جو پاڻ ئي پاڻ (پوريو آهي يعني سندس روپ آهي، پر جيستاءِ جيو کي) پاڻپڻو آهي (تيستاءِ) ائين ڇٽي نٿو سگهي (تہ سڀ گوبند جو روپ آهي.) جيڪڏهن گوروءَ جي اپديش کي هي جيو سڃاڻندو (يعني سمجهندو ۽ مڃيندو) تہ پنهنجي هردي مان پاڻپڻي جو روڳ ڪڍي سگهندو (جنهنکانپوءِ کيس معلوم ٿيندو تہ سڀ جڳت برهم روپ آهي.) سري گورونانڪ صاحب جن فرمائين ٿا تہ جيڪي پنهنجي ستگوروءَ جي شيوا ڪن ٿا، تنجي چرنن کي شل مان لڳي پوان! ۽ جيڪي سچي (مالڪ) جي درگاهه ۾ سچيار آهن (يعني قبول پيل آهن) تن تان شل مان

جڳن ۾ وڃي ٿي (يعني پرگهٽ ٿئي ٿو) ۽ اهي (جگياسن کي) سچي جو سچو (نام ٿي) ٻڌائين ٿا. (اهڙن گورمکن جي هردي مان) اُهنتا ۽ ممتا نپٽ ناس ٿي ٿيون وڃن (جنهنکري) سچو (پرماتما) کين (پاٽسان) ملائي وٺي ٿو. جي (اهڙا پرش) سچي ۾ ورتي لڳائي رهن ٿا، تنکي پرماتما جو محل (يعني سروپ استان) ويجهو آهي (يعني سهجئي اهو استان پراپت ڪن ٿا.) [ويڪٺ = ڏسڻ؛ وڃي = وڃي، پرگهٽ ٿي؛ ميرا = منهنجو، ممتا؛ رهه گيا = بند ٿيا، ناس ٿي ويا؛ لو = ڏيان، ورتي؛ حدور = حاضر، ويجهو.]

(۴) نَدَرِي نامُ ڌِائِيئِي، وِڻُ ڪَرَما پائِيا نه جاءِ

پوُرئِ ڀاڳِ سَتَ سَنگَتِ لهِئِ، سَتگُورُ ڀيٽِئِ جِسُ آءِ

اَنَ دِنُ نامِي رَتِيا، دُکُ بِکِيا وِچهُ جاءِ

نانَڪَ سَبَدِ مِلاوَڙا، نامِي نامِ سَماءِ

ارٿ- نظري (پرماتما) جو نام ڌيائڻ گهرجي (ڇو اهو نام سندس) ڪرپا کانسواءِ پاتو نٿو وڃي. (سنسار ۾) اُچي جيڪو پورن ڀاڳن ڪري ستگوروءَ سان ملي ٿو، سوئي (انهي ستگوروءَ جي) ست سنگت ۾ (نام) پراپت ڪري ٿو. (پوءِ جڏهين اهو جيو) رات ڏينهن نام ۾ رڱجي وڃي ٿو، تڏهين سندس هردي مان وشين جو روڳ (پاٽيهي) دور ٿي ٿو وڃي. سري گورو نانڪ صاحب جن فرمائين ٿا ته (اهڙيطرح جن پرشن جو گوروءَ جي ڏاڪل) ابديش (يعني نام) سان ميلاپ ٿئي ٿو، سي ئي نام (جپڻ) ڪري نامي (پرماتما) ۾ سمائجي وڃن ٿا. [ندري = نظري، ڪرپا درشت ڪندڙ؛ ڪرما = ڪرپا؛ ڀيٽئي = مليو، ملاوڙا = ميلاپ؛ نام = ؟ ناميءَ ۾ يعني پرماتما ۾.]

ارٿ - هي منهنجا من! هريءَ جو نام (سواس سواس) ڌياءِ؛ (ڇو جو نام جپڻ ڪري) جڏهين هري (پاڻ) اچي مـن ۾ وسي ٿو، تڏهين سچي ڀڳتي ٿئي ٿي. [ڀڳت = ڀڳتي؛ من = من ۾.]

(٢) سَهجي کيتي راهيئي، سَچُ نامُ ٻِيجُ پاءِ

کيتي جَمِي اَگَلي، منوُئا رَجا سَهَجِ سُڀاءِ

گوُرَ ڪا سَبد اَمِرُت هيِ، جِتُ پِيتي تِکَہ جاءِ

اُهُ مَنُ ساچا، سَچِ رَتا، سَچي رَهِيا سَماءِ

ارٿ - (جيڪڏهين هردي روپي) کيتيءَ کي گيان سان کيڙجي ۽ سچي نام جو منجهس ٻج وجهجي ته کيتي پليءَ پٽ اُپري (يعني منجهس ڀڳتيءَ روپي اَن گهڻو اپري جو ڪائي ڪري) من ڍاپي پوي (يعني پوءِ بي ڪنهن به پدارٿ جي لوڙ نه رهيس) ۽ سانت سڀاءِ وارو ٿـي پوي. گوروءَ جو شبد اَمرت سمان آهي، جنهنجي پيئڻ سان (دنيوي پدارٿن جي) ترشنا ميٽجي ٿي وڃي؛ ۽ هي من سچو ٿي (يعني مايا موهه جي ميل کان صفا ٿي) سچي (پرماتما جي پريم) ۾ رڱجي انهي سچي ۾ سمائجي وڃي ٿو. [سهجي = گيان سان؛ راهيئيءَ = کيڙجي؛ اگلي = گهڻي، پليءَ پٽ؛ رجا = ڍائو، ترپت ٿيو؛ سهج = سانت؛ تکہ = اُڄ دنيوي پدارٿن جي.]

(٣) آکَڻُ ويکَڻُ ٻولَڻا، سَبدي رَهِيا سَماءِ

باڻي وَجي چَهُہ جُگي، سَچو سَچُ سُڻاءِ

هؤمي ميرا رَهِ گَئيا، سَچي لَئِيا مِلاءِ

تِنَ ڪَئُ مَهَلُ حَدوُرِ هيِ، جو سَچِ رَهي لِوَ لاءِ

اُرٿ - (جيڪي سچي ۾ سمائجي وڃن ٿا) تنهنجو ڳالهائڻ، ٻولهائڻ ۽ ڏسڻ سڀ برهم ۾ سمايل آهي (يعني برهم کانسواءِ ڪين ٻيو ڪي به نٿو سجهي.) انهنجي باڻي (يعني اپديش) چئن ئي

جوتي هوُ پربُ جا پدا، بنُ ست گوُر بوُجهہ نہ پاءِ
جنَ کَئُہ پوُرَب لکيا، ست گوُرُ ڀيٽيا تنَ آءِ

ارٿ - گورن جي سچي شبد سان جنهن مهل (هن جيو جو) من موهجي وڃي ٿو، تنهن مهل پريو هنڪي پاڻ سان ملائي ڇڏي ٿو. (پوءِ) رات ڏينهن هو نام ۾ رڱجي وڃي ٿو ۽ جوتي سروپ پرماتما جي جوت ۾ سمائجي وڃي ٿو. جوت جي ڪري پريو جاتو وڃي ٿو؛ (انهيءَ ڳالهہ جي) بوجهہ ست گوروءَ کانسواءِ ڪو پائي نٿو سگهي. (پر) جن کي ڌرون ئي لکيل آهي، سي ئي (جڳت ۾ جنم وٺي) ست گوروءَ سان وڃي ٿا ملن. [ان دن = رات ڏينهن؛ جا پدا = جاتو وڃي ٿو؛ ڀيٽيا = مليو، درشن ڪيو.]

(۳) وڻ ناوئَ سڀ ڏُمٽي، دوجي ڀاءِ ڪٺاءِ
تسُ بنُ گهري نہ جيوَدي، دُکي رَئڻِ وهاءِ
ڀَرَم ڀُلاڻا اَنڌُلا، ڦرِ ڦرِ آوئَ جاءِ
نَدَرِ ڪري پربُ آپڻي، آپي لئي ملاءِ.

ارٿ - نام کانسواءِ سڀ دکي آهن، (ڇو جو) ٻيائيءَ جي ڪري ٺڳيا وڃن ٿا. انهيءَ (پرماتما جي نام) کانسواءِ هي جيو هڪ گهڙي به نہ ٿو جيئرو رهي سگهي ۽ هنجي آيو روپي رات دکي گذري ٿي. (تنهنڪري) هي ڀرم ۾ ڀليل اگياني جيو وري وري سنسار ۾ پيو اچي وڃي يعني جنم وٺي ۽ مري. (پر هن جيو تي جيڪڏهن) پريو هنجي مهر جي نظر ڪري ٿو، تہ پوءِ هنڪي پاڻيهي پاڻ سان ملائي ڇڏي ٿو. [ڪٺاءِ = ٺڳيا وڃن ٿا؛ ڏمٽي = اداسين، دکي؛ رئڻ = آيو روپي رات؛ ڀلاڻا = ڀليل؛]

(۴) سڀ ڪڇُ سُڻدا ويکدا، ڪئُہ مُکر پائيا جاءِ
پاپو پاپُ ڪماودي، پاپي پڇهہ پڇاءِ

(نام کان سواءِ سڀ ڏکي آهن .)

سري راڳ محلا ٽيجا شبد (۲۳-۵٦)

(۱) آپڻا پِئُ تن پائيون، جن گور کا شبدُ بيچارِ
سَت سنگتي سدا مِل رهي، سچي کي گڻ سارِ
ڏبذا مئل چُڪائيئنُ، هر راکيا اُرڌارِ
سچي باڻي سچُ مَنِ، سچي نالِ پيارُ.

اَرٿ - جن گوروءَ جي اپديش تي ويچار ڪيو آهي، تنکي پرماتما پنهنجي پيءُ ۾ وجهي ڏنو (يعني تن کي سديو پرماتما جو پيو آهي). (اهڙا پرش) سديو ست سنگت ۾ ملي پرميشور جا گڻ ڳائين ٿا. انهن ئي (پنهنجي چت مان) بيائيءَ جو ميل ڪڍي هريءَ کي هردي ۾ ڌاري رکيو آهي. اهڙن جي باڻي بہ سچ ۽ من ۾ بہ سچ آهي (چو جو) انهن جو سچي پرماتما سان پيار آهي. [سار = ياد ڪن ٿا، ڳائين ٿا؛ ڏبذا = بيائي؛ چڪائيئن = ناس ڪن ٿا؛ اُر = ڇاتي يعني هردو.]

من ميري هؤمي مئلُ پَرَ نال
هر نرمل سدا سوهڻا، شبدِ سنوارڻ هارُ

(اِڪ رَهائُ)

ارٿ - هي منهنجا من! تون هؤميءَ جي ميل سان پرپو پيو آهين؛ هري پرماتما ئي اهنسا ۽ ممتا جي ميل کان رهت آهي ۽ سندر سروپ آهي. اهو لوکي گوروءَ جو اپديش (ڏياري پاڻ سان ملائي) سنوارڻ وارو آهي.

(۲) سچي شبدِ مَنُ موهيا، پرڀ آپي لئي ملاءِ
اَن ڏن نامي رَتيا، جوتي جوتِ سماءِ

اَرٿ:- هي ڀائي! نج گهر يعني سروپ ۾ تنهنجو رهڻ ٿئي، (انهيءَ لاءِ) رام نام جي تون ساراهه ڪر، (جنهن ڪري تنهنجو سنسار ۾) وري جمڻ مرڻ نه ٿئي.

(٢) هَرِ اِڪو داتا وَرَتَدا، دوجا اَورُ نه ڪوءِ

شَبَدِ سَالاهِي مَنِ وسِيءَ، سَهجِيئِي سُکُ هوءِ

سَڀَ ندرِي اندر ويکدا، جيِ ڀاويءَ تيِ ديئِ.

اَرٿ:- هري پرماتما هڪ داتار جڳت ۾ ورتجي رهيو آهي؛ انکان سواءِ ٻيو ڪونهي. (تنهنڪري) گوروءَ جي اپديش دواران انجي ساراهه ڪر. جڏهين (اهڙي طرح ڪرڻ سان تنهنجي) من ۾ اچي وسندو، تڏهين پوءِ سهجيئي توکي آنند ٿيندو. پرميشور سڀني کي پنهنجي نظر يعني گيان سان ڏسي ٿو. جنهنکي وٽيس يعني جنهن پرش کي ڏيڻ جو اڌڪاري سمجهي ٿو، تنهنکي ئي ڏئي ٿو. [ويکدا=ڏسي ٿو.]

(٣) هؤمي سَڀا گَڻَتَ هي، گَڻَتي نَئُ سُکُ ناهِ

بِکُ کي ڪار ڪماوڻي، بِکُ هي ماهِ سماهِ

بِنَ ناويءَ ٺؤرُ نه پائني، جَمَ پورِ دوُکَ سهاءِ

اَرٿ:- هؤميءَ ۾ سڀ گهڻتائي آهي. گهڻتائي واري کي ڪو سک نه آهي. (اهڙا پرش) وشين جي ڪار ڪمائين ٿا، جنهن ڪري اهي وشين ۾ ئي سمائجي رهن ٿا يعني وشين ۾ ڪنهجي رهن ٿا. (وشين ۾ ڪينچيل جيو) نام کانسواءِ هريءَ جو ڌام نه ٿا پائين، جنهنڪري جم پور ۾ وڃي دک سهن ٿا. [گڻت=گهڻتائي؛ گڻتيءَ= گهڻتائي وارو؛ نئُ=کي؛ ٺؤر=جاءِ، هريءَ جو ڌام يا آستان.]

سو پريُ ندرِ نہ آوَئي، من مُکھِ بُوجھہ نہ پاءِ
جِسُ ويکالي سوئي ويکيِ، نانک گورمُکھِ پاءِ.

اَرٿ- (پريو) سيکي سٽي ٿو ۽ ڏسي ٿو، انکان اسين کيٿن انکاري ٿيون (يعني ھنکان پاپ کيٿن اَلي سگھنداسون.) اسين تہ پاپ ئي پاپ پيا کريون ۽ (پنھنجن) ڀاڻن ۾ پاڻ ئي پيا پڇون ۽ (پنھنجن سنگين کي بہ) پيا پڇايون. پريو اسانجي نظر ۾ ئي لٿو اچي ۽ اسين منمکتا جي کري کا سمجھہ نٿا ڌاريون. سري گورونانک صاحب جن فرمائين ٿا تہ جنھنکي پريو پنھنجو درشن ڏيکاري ٿو، اھوئي کيس ڏسي ٿو ۽ گوروءَ جي اپديش دئاران ئي پريو پاتو وڃي ٿو. [مکرپائيا جاءِ = انکاري ٿيون ٿا، اَلي وڃون ٿا.]

(گوروءَ کانسواءِ گمت کانھي.)

سري راڳ- محلا ٽيجا شبد (۲۴-۵۷)

(۱) بِنَ گورَ روگُ نہ تُٽئي، ھؤمي پيڙ نہ جاءِ
گورَ پرساديِ مَنِ وَسيِ، نامي رَھيِ سماءِ
گورَ شبديِ ھـر پائيئيِ، بنُ شبدئي پَرَمِ ڀُلاءِ.

اَرٿ:- گوروءَ کانسواءِ ھؤميءَ روپي روڳ ۽ پيڙا نہ ويندي يعني چت مان دور نہ ٿيندي (اتم ڀاڳ جي کري) گوروءَ جي ديا سان پرميشور جنھنجي من ۾ وسي ٿو، اھو پرش نام ۾ سمائجي رھي ٿو. گوروءَ جي اپديش سان ئي ھري پائجي ٿو؛ انجي اپديش کان سواءِ جيو پرمن ۾ ڀلجي ٿو. [پيڙ=پيڙا.]

من ري نجہ گھر واسا ھوءِ
رامُ نامُ سالاھِ تُوُ، ڦـرِ آوڻُ جاڻُ نہ ھوءِ
(اِک رَھاءُ)

مَن ري سدا آنند گڻ گاءِ
سچي باڻي هَرِ پائيئي، هَرِ سِنءِ رهي سماءِ

(اِڪ رَهاءُ)

اَرٿ - هي ڀائي؛ هريءَ جا گڻ ڳائڻ ڪري سدائين آنند ٿئي ٿو. سچي باڻيءَ ڪري يعني گوروءَ جي سچي اپديش ڪري هري پراپت ٿئي ٿو ۽ هريءَ ۾ ئي سمائجي رهجي ٿو.

(۲) سچي ڀڳتي مَنُ لعلُ ٿِيئا، رَتا سَهجِ سُڀاءِ
گُورَ شبدي مَنَ موهِئا، ڪَهڻا ڪَڇُو نہ جاءِ
جهوا رَتي شَبَدِ سچي، اَمرِتُ پيوئي رَس گُڻَ گاءِ
گورمُکِ ايهُ رنگُ پائيئي، جِسَنو ڪرپا ڪري رَضاءِ

اَرٿ - سچي ڀڳتيءَ ڪري من لعل ٿئي ٿو يعني آنند ۾ اچي ٿو ۽ سولائيءَ سان (هريءَ سان) رنگجي وڃي ٿو. گوروءَ جي اپديش سان جن جو من موهجي وڃي ٿو، انهن جي آنند جو بيان ڪري ڇڻي نہ سگهندو. (اهڙن پرشن جي) زبان گوروءَ جي سچي اپديش سان رنگجي وڃي ٿي ۽ امرت پي پي آنند ۾ اچي گڻ ڳائي ٿي. (اُهو ڀاڳوارا) گورمک اِهو آنند پائين ٿا، جن تي هريءَ پنهنجي مرضيءَ سان ڪرپا ڪئي آهي. [رضاء = مرضيءَ سان.]

(۳) سنسا اِهہ سنسار هيُ، سُتِئا رئڻ وهاءِ
اِڪ آپڻي ڀاڻي ڪَڍِ لئِئَنُ، آپي لئِئون مِلاءِ
آپيهي آپِ من وسئا، مائِئا موهُ چُڪاءِ
آپِ وڏائي دِتِيئنُ، گورمُکِ ديئہِ بُجهاءِ

ارٿ - سڄو سنسار سنسن سان ڀريو پيو آهي. سمهيل يعني غافل پرش جي (اگيان روپي ننڊ ۾) رات يعني عمر گذرندي ٿي

(٤) جيئُ پنڊُ سڀُ تسدا، تسئدا آڌارُ
گُور پرسادي ٻُجهيئي، تاپائي موکَ دُئارُ
نانَڪ نامُ سالاهِ تُوُ، انتُ نه پاراوارُ.

ارٿ:- (گورمک سمجهن ٿا ته) پران ۽ سرير تنهن پرماتما جا ڏنل آهن. انهيءَ پرماتما جوئي اسانکي آڌار آهي. گوروءَ جي ديا سان جڏهين (هريءَ کي) ڄاڻجي ٿو، تڏهين مُڪتيءَ جو دروازو پائجي ٿو. سري گورو نانڪ صاحب جن فرمائين ٿا ته هي جيو، تون نام جي ساراهه ڪر، جنهنجو نڪو انت آهي نڪو پار. [جيئُ=پران؛ پنڊ=سرير؛ پار اوار=پار ۽ اورار- پار=پرين پر ۽ اورار=اورين پر يعني ڪا به حد.]

(هريءَ دا گڻ گائڻ ڪري آنند ٿئي ٿو.)

سري راڳ محلا ٽيجا شبد (٢٥-٥٨)

(١) تنا آنندُ سدا سُکُ هيِ، جنا سچُ نامُ آڌارُ
گور شبدي سچُ پائئا، دُوکُ نوارڻ هارُ
سدا سدا ساچي گڻ گاوَهِ ساچي ناءِ پئارُ
ڪرپا ڪري ڪي آپڻي، دتونُ ڀڳت ڀنڊارُ.

ارٿ- انهن پرشن کي آنند ۽ سدائين سک آهي، جن پرشن کي ست نام جو آسرو آهي. گوروءَ جي اپديش دواران سچ سروپ پرماتما پائجي ٿو، جو سڀ دکن جي دور ڪرڻ وارو آهي. (اُهه پرش) جو، سدائين سچو يعني قائم آهي، تنهنجا گڻ ڳائين ٿا ۽ سچي (نام) سان پيار رکن ٿا. (اهڙن اُتم پرشن کي پرماتما) پنهنجي ڪرپا ڪري ڀڳتيءَ جو ڀنڊار ڏئي ٿو. [دتون = ڏنو آهي؛ ڀنڊار = خزانو.]

مَنَمُکَ مئلُ نہ اُترئِ، جِچرُ گُر شَبدِ نہ کري پِئارُ

اَرٿ - گٺوان پرش ترشنا آدڪ وڪارن کي ڇڏي (گيان، وئراڳ آدڪ ساڌنائن سان) سچ سروپ پرماتما کي پائين ٿا. گوروء جي اپديش مان جن جو من (پرماتما سان) رڱيو پيو آهي، انهنجي زبان پياري پرماتما جي پريم ۾ لڳي پيئي آهي (يعني اهي رات ڏينهن پرماتما جو نام جپين ٿا.) ستگورو بنا ڪنهن بہ پرش پرماتما کي نہ پاتو آهي. اها ڳالهہ من ۾ ڀلي ويچاري ڏسو. منمک پرش جي چت جي ميل ڪڏهين نہ ٿي اُتري، جيسيتائين گوروء جي اپديش ۾ پريم نہ ٿو ڪري. [گٺونتي=گٺوان پرش؛ پيار=پيارو؛ جچر=جيسيتائين.]

من ميري ستگور ڪئِ ڀاڻئِ چلُ

نِجِ گهرِ وَسهِ امرت پيوَهِ، تا سکہ لهہِ مَحَلُ

(اِڪ رَهائُ)

اَرٿ - هي منهنجا پيارا، تون ستگوروء جي حڪم موجب هل تہ پوء تون هردي استان ۾ استت ٿيندين؛ جڏهين استت ٿيندين، تڏهين نام روپي اَمرت پيئندين؛ جڏهين امرت پيئندين، تڏهين سروپ جو سک پراپت ڪندين. [ڀاڻئِ = حڪم موجب]

(٢) اَؤگُڻونتي گُڻُ ڪو نهي، بَهَڻُ نہ مِلئِ حدورِ

مَنَمُکِ شبدُ نہ جاڻئي، اوگُڻِ سو پربُ دورِ

جني سَچہ پڇاڻئا، سَچِ رَتي ڀَرپور

گور شبدي مَنَ بيڌئا، پربُ مِلئا آپ حدورِ

اَرٿ - اوگڻن وارا جيڪي پرش آهن، تن ۾ (پرميشور پراپتي ڪرڻ جو) ڪو گڻ ڪونهي. انهنکي پرماتما جي حضور ۾ وهڻ جي جاء نہ ملندي. منمک گوروء جي اپديش کي نٿا ڄاڻن، تنهنڪري

وڃي. هڪڙن کي (سندن پورب جنم جي پڃن ڪري) پنهنجيءَ مرضيءَ سان ڪڍي وٺي ٿو ۽ پاڻ سان ملائي ڇڏي ٿو. (ٻريو) ٻاڻ ئي پاڻ (گورمکن جو) مايا مان موهه دور ڪري الهنجي من ۾ وسي، ٿو ۽ پاڻ گورمکن کي (پنهنجو سروپ) ٻجهائي (هن لوڪ توڙي پرلوڪ جي) وڏائي ڏئي ٿو. [رئڻ = رات، عمر.]

(٣) سڀنا ڪا داتا ايڪ هيءِ، ڀُلئا لئي سمجهاءِ
اِڪِ آپي آپِ کُٿائيئنُ، دوجي ڇڏيئنُ لاءِ
گورمتي هَرِ پائيئي، جوتي جوت ملاءِ
اَن دِنَ نامي رَتِئا، نانڪَ نامِ سماءِ.

اَرٿ- سڀني جيون کي (سندن ڪرمن جو ڦل ڏيندڙ) هڪ داتار آهي. اهو ڀليلن جيون کي سمجهائي (سمارڳ ۾) آڻي ٿو. هڪڙن کي پاڻ (سندن برن ڪرمن ڪري) پاڻ کان کوهي ٿو يعني دور ڪري ٿو ۽ دئيت ڀاءَ ۾ لڳائي ڇڏي ٿو. جڏهين گوروءَ جي اپديش دواران هري پرماتما پائجي ٿو، تڏهين جوتي سروپ ۾ جيو جي جوت ملي وڃي ٿي. سري گورو نانڪ صاحب جن فرمائين ٿا تہ نام ۾ رتل جيو رات ڏينهن (نام جي ڪري) نامي (پرماتما) ۾ سمائجي وڃي ٿو. [اَن دن = رات ڏينهن ۽ نام = نامي پرماتما ۾.]

(ستگوروءَ بنا ڪنهن بہ پرماتما کي نہ پاتو)

سري راڳ محلا ٿيجا شبد (٢٦-٥٩)

(١) گُٺونتي سَچُہ پائيئا، ترشنا تَجِہ وِڪار
گورَ شَبَدي مَنُ رنگئا، رَسنا پريَم پيار
بن ستگوَر ڪنِي نہ پائيئو، ڪرِ ويکُهہ مَنِ ويچار

سَچُ ڪنڊا، سَچُ راسِ هئ، سچي سچي سوءِ
سَچِ ملي سي نہ وِڇڙهہ، نانڪ گورمکہ هوءِ.

ارٿ- مان گھڻيئي (جوتشي، حڪيم، طبيب، منتري، جنتري آدڪ) متر ڪري لکيس، پر منهنجي اندر جو دک ڪير ڪاٽي سگهي؟ يعني منهنجو دک ڪوبہ ڪاٽي نہ سگهيو. (تنهنڪري انهن سڀني کي تياڳي) مون پنهنجي پريتم (گوروءَ) سان ملي سڀ دک ڪاٽيا ۽ منهنجو ميلاپ شبد يعني برهم سان ٿيو. (مون نسچي ڪري جاتو تہ گورمکن جو) سچو (آتم) لاڀ آهي، الهنجي شرڌا روپي پونجي بہ سچي آهي ۽ انهن سچن پرشن جي سوڀيا بہ سچي آهي. سري گورو نانڪ صاحب جن فرمائين ٿا تہ جي گورمکہ ٿي يعني گوروءَ جو اپديش هٿ ڪري سچي پرماتما سان ملن ٿا، اهي اُن کان ڪڏهين بہ نہ ٿا وڇڙن. [متر = دوست، سڄڻ؛ ڪنڊا = ڪنيو، لاڀ؛ راس = پونجي؛ سوءِ = سوڀيا.]

(پريو سرشٽي ناهي اُنجي سنڀال بہ پاڻ ئي لهي.)

سري راڳ محلا ٽيجا شبد (٢٧-٦٠)

(١) آبي ڪارڻُ ڪَرَتا ڪَري، سِرشٽِ ديکئي آپِ اُپاءِ

سَڀ ايکو اِڪُ وَرتدا، اَلکُ نہ لکيا جاءِ
آبي پرڀوُ دَئيالُ هئ، آبي ديئہ بجهاءِ
گورمَتي سد مَنِ وسيا، سچِ رهي لِوَ لاءِ

ارٿ- پاڻيهي ڪرتار (تنون آد) ڪارڻ رچي، (اُنهمان) سرشٽي اپائي آهي ۽ الجي پالنا بہ پاڻ ٿو ڪري. سڀني (وسٽن) ۾ (اهو) هڪڙوئي هڪڙو (پرماتما) ورلي پيو (تنهن هولدي بہ

اوگڻن جي ڪري اهو پريو انهن کي دور ياسڻ پر اچي ٿو. جن گورمک پرشن سچه سروپ پرماتما کي جاتو آهي، اهي سچه روپ پرميشور ۾ رتا پيا آهن ۽ سڀ ۾ انکي پريپورن ڏسن ٿا. گوروءَ جي اپديش (روپي ٻاڻ) سان جنجو من ولڌ جي ويو آهي، تنکي حاضران حضور پرماتما پاڻيهي اچي ملي ٿو. [اوگڻ ولتي = اوگڻن وارا؛ ٻهڻ = وهڻ.]

(۳) آپي رنگڻ رنگئون، شبدي لئون ملاءِ
سچا رنگ نه اُترئي، جو سچ رتي لِو لاءِ
چاري ڪُنڊا ڀِو ٿڪي، منمک بوجهه نه پاءِ
جِس ستگور ميلي سو ملئي، سچي شبدِ سماءِ

ارٿ - پاڻيهي پريو جنکي (پريم ۽ ڀگتيءَ روپ) منڪيءَ ۾ رڱي ٿو، تنکي گوروءَ جي شبد جي پرتاپ سان پاڻسان ملائي ڇڏي ٿو. (انهن پرشن جي چت مان) سچو رنگ يعني پرميشور جو سچو پريم ڪڏهين نه ٿو لهي، جي لِو لائي يعني پريم رکي سچي پرماتما سان رتا پيا آهن. منمک چارئي ڪنڊون يعني چارئي طرف (ڦيرڦ پائرائن ۾ وڃي) ڀرمي ڀرمي ٿڪا، پر (گوروءَ جي اپديش بنا) انهنکي ڪا بوجهه يعني سروپ جي سمجهه نه پيئي. (تنهنڪري ائين سمجهڻ گهرجي) ته جن کي ستگوروءَ (اپديش ڏيئي) پرميشور سان ملائي ٿو، اهي ئي سچي شبد سان سمائجي يعني ملي پرماتما سان ملن ٿا. [رنگڻ = منڪي يا چاڏي جنهنپر رنگريز ڪپڙا رڱيندا آهن؛ اُترئي = لهي؛ لو لاءِ = پريم رکي؛ ڀو = ڀرمجي.]

نوٽ:- ڀائي چندا سنگهه گياني ڀهرين لڪ جو ارٿ هن طرح ڪريٿو. ” پاڻيهي پريو جنکي ست سنگ روپي منڪي ۾ رڱي ٿو، تنکي شبد يعني پاڻسان ملائي ڇڏي ٿو.

(۴) مِتر گهڻيري ڪرِ ٿڪي، ميرا دُکُ ڪاٽئي ڪوءِ
مِلِ پريتمَ دُکُ ڪٽئا، شَبَدِ ملاوا هوءِ

پائين) ۽ جيڪي اهڙا سچا گورمک ائين شبد سان رڱجي وڃن ٿا، تنکي ڪرتار پاڻسان ملائي ٿو ڇڏي. [سارڪريھ = سنڀال لهي ٿو؛ رتي = رڱجن ٿا.]

(٣) گورمتي سچ سلاهڻا، جسدا انت نه پارا وار
گهٽ گهٽ آپي حڪم وسي، حڪمي ڪري بيچار
گور سبدي سالاهيئي، هؤمي وچهه کوءِ
ساڌن ناوئي باهري اوگڻونتي روءِ

ارٿ - گورؤ جو اپديش وٺي سچي صاحب جي ساراهه ڪرڻ گهرجي، جنهنجو نڪو انت نڪو پار. گهٽ گهٽ ۾ پاڻ حڪم ڪندڙ پرميشور وسي ٿو ۽ (جيون جي ڪرمن تي) ويچار ڪري حڪم ڪري ٿو. (تنهنڪري جگائي ته) هؤمئي پنهنجي اندر مان کوهي، گوروءَ جو اپديش هٿ ڪري، (انهي مالڪ جي) ساراهه ڪجي. اها (جيو روپي) استري جا نام کان خالي آهي (يعني نام نٿي ڏيائي)، سا (هن لوڪ ۾) اوگڻن سان پريل ٿئي ٿي ۽ (پرلوڪ ۾) روئي ٿي (ته هاءِ مون پنهنجو درلڀ مانک جنم اجايو وڃائي ڇڏيو.) [جسدا = جنهنجو. انت = حد، پڇاڙي ؛ پاراوار = پريون پر ۽ اوڙين پر؛ حڪم = حڪمي يعني حڪم ڪندڙ؛ ڌن = استري؛ باهري = ڪالسواءِ، خالي.]

(٣) سچ سلاهي سچ لگا، سچي ناءِ ترپت هوءِ
گڻ ويچاري گڻ سنگرها، اوگڻ کڍا ڌوءِ
آپي ميل ملائدا، ڦر ويڇوڙا نه هوءِ
نانڪ گور سالاهي آپڻا، جدو پائي پرپ سوءِ.

ارٿ - (گورمک پرش سديو هيءُ ڏيان ۾ رکي ٿو ته پاڻ دواران) سچي پرماتما جي استت ڪريان ۽ (سربو دواران) سچي

هو) الکہ آهي (جو جو هو ڪنهن بہ يتن سان) لکيو نٿو وڃي. (پر جيڪڏهين) ڀاڳ پريو دِيال ٿئي تہ پاڻيهي (پنهنجي سروپ جي) بوجهہ ڏئي ٿو. گورؤ جي سکيا ونندڙن جي من ۾ (پرماتما) سديو وسي ٿو (جنهنڪري انهيءَ) سچي مالڪ سان ورتي لڳي رهي ٿي. [ڪارڻ = سبب، تتون روپي، مکيہ تت ٥ آهن، آڪاس، وايو، جل، تيجہ ۽ پرٿوي؛ دِيکئِ = ڏسي ٿو يعني نگهباني يا سنڀال ٿو لهي؛ لو = ڌيان ورتي.]

مَنَ ميري گُورَ ڪِي مَنِ لِئِ رَضاءِ

مَنُ تَنُ سيتَلُ سَڀُ ٿِيئِي، نامُ وَسِئِ مَنِ آءِ

(اِڪ رَهاءُ)

ارٿ - هي پاڻي! گورؤ جي آگيا مڃي وٺ (جو جو آگيا مڃڻ ڪري پرميشر جو) نام من ۾ اچي وسي ٿو، (جنهنڪري) من توڙي تن سڀ سيتل ٿين ٿا. [رضاء = آگيا، ڀاڻو؛ سيتل = سنتوکہ ۾ آيل، سانت سڀاءَ وارو.]

(٢) جِنِ ڪَرِ ڪارَڻُ ڌارِئا، سوئِي سار ڪَرِيئہ

گُورَ ڪِئِ سَبَدِ پَڇاڻيئِي، جا آپِي نَدَرِ ڪَرِيئہ

سي جَنَ سَبَدِي سوهَڻي، تِنِ سَچِيِ دَرَبارِ

گُورَمُکہ سَچِئِ سَبَدِ رَتي، آپِ ميلي ڪَرَتارِ

اَرٿ - جنهن (پرماتما تتون آد) ڪارڻن کي رچي (سنسار کي) ڌاريو (يعني اِستٿت ڪيو آهي)، سوئي انجي سنڀال لهي ٿو. گورؤ جي اپديش سان ئي (انهي پرڀوءَ کي) ڄاڻجي ٿو. (پر گورو تڏهين ٿو ملي) جڏهين ڀاڳ (پريو) ڪرپا دِرشٽي ڪري ٿو. (جنتي مالڪ جي مهر ٿئي ٿي) اهي پرش گورؤ جي اپديش (مڃڻ ڪري) انهي سچي (پرماتما) جي دربار ۾ سوڀنيڪ لڳن (يعني عزت ٿا

مُنڌي ڪُوڙِ مُٺي ڪوڙِئارِ
پِرُ پِرِيُ ساچا سوهَڻا، پائيئِي گُرَ بيچارِ

(اِڪ رَهاءُ)

اَرٿ:- هي استريون! اوهين ڪوڙيون ڪوڙ جي ڪري ناس ٿيون آهيو، پر پرين پرماتما سچو ۽ سهڻو آهي؛ ۽ هو گوروءَ جي (ڏنل) ويچار دواران ئي پراپت ٿي سگهي ٿو. [منڌي=ري استري جيو روپي.]

(٢) مَنَمُکِ ڪَنتُ نہ پَڇاڻئِي، تِنَ ڪِئُ رَئِڻَ وِهاءِ
گَرَبِ اَتِيئا تِرشَنا جَلَهِ، دُکُ پاوَهِ دُوجِي ڀاءِ
سَبَدِ رَتِيئا سوهاگڻِي، تِنَ وِچهُ هؤمِي جاءِ
سَدا پِرُ راوَهِ آپڻا، تِنا سُکِي سُکِ وِهاءِ

ارٿ:- منمک (روپ ڏهاڳڻيون) پنهنجي پتيءَ کي نٿيون سڃاڻن. (ٻڌايو تہ) انهن جي (اوستا روپي) رات ڪيئن گذرندي؟ (ڀاو- جيئن استريءَ کي پتيءَ کانسواءِ رات دکہ ۾ ٿي گذري، تيئن منمکن جي بہ پرماتما ڌاران حياتي دکہ ۾ ٿي گذري.) اهي گيرب ۾ گرفتار ٿيل استريون ترشنا روپي اَگنيءَ ۾ جلن ٿيون ۽ ٻيائيءَ جي ڪري دکہ سهن ٿيون. پر جيڪي سهاڳڻيون گوروءَ جي اپديش سان رڱيون ويئون آهن، تنجي اندر مان هؤميءَ ناس ٿي ويئي آهي، (تنهنڪري) اهي سدائين پنهنجي پتيءَ پرماتما کي ماڻين ٿيون (يعني آتمانند پائين ٿيون)، جنهنڪري (انهنجي اوستا روپي رات، سکہ ئي سکہ ۾ گذري ٿي. [گرب=گيرب، اهنڪار؛ اتيئا=اڪيل، ڀريل.]

(٣) گِيان وِهوڻِي پِر مُنتِيئا، پِرمُ نہ پائِيا جاءِ
اَگيانَ مَتِي اَنڌيرُ هئِي، بِنُ پِرَ ديکي ڀُکہ نہ جاءِ

(جي شيوا) کي لڳو رهان ۽ (مـن دواران) سچي نـام جو سمرڻ ڪري ترپت ٿي، وڃان. (پرماتما جي) گڻن جو ويچار ڪري (انهن) گڻن کي ئي ڪنو (يعني ڌارڻ) ڪريان (۽ اهڙيطرح پرميشور جي گڻن روپي جل سان) اوگڻن (روپي ميل) کي ڌوئي ڪڍي ڇڏيان. (جڏهين گورمک جي رهت اِها ٿئي ٿي تڏهين پرميشور هنڪي) پنهنجي سروپ ۾ اهڙو ته ملائي ٿو ڇڏي، جو وري هو ڪائنس نٿو وڇڙي. سري گورو نانڪ صاحب جن فرمائين ٿا ته هي ڀائي! جنهن گوروُ وٽان اهو پريو پاتو وڃي ٿو، تنهن گوروُ کي پنهنجو ڪري (يعني تنهن سان پريم رکي) انهيجي ساراهه ڪريو. [ترپت هوء = ڍئجي وڃان اينتري قدر جو ٻين پدارٿن جي ترشنا نه رهي؛ سنگرها = ڪنو ڪريان؛ جدو = جنهن گوروء وٽان.]

(سهاڳڻين ۽ ڏهاڳڻين جو حال)

سري راڳ محلا ٽيجا شبد (٢٨-٦١)

(١) سُڻِ سُڻِ ڪامَ گهيليئي، ڪيا چَلَهِ باهَهِ لُڏاءِ
آپڻا پِرُ نه پَڇاڻهي، ڪيا مُهُ ديسهِ جاءِ
جِني سکِي ڪنتُ پَڇاڻِيا، هَئُه تِنکي لاگئُه پاءِ
تِنهِي جئِسي ٿِي رَها، ستَ سنگَتِ ميلِ مِلاءِ

اَرٿ:- هي ڪام ۾ ڪڙيل (جيو روپي استريون) اوهين ٻانهن لوڏي ڇو ٿيون هلو؟ (يعني بي پرواهه لوڪن وانگي اوهين ڪيئن ٿيون هلو ڇوجو) اوهين پنهنجي پتي پرميشر کي نٿيون سڃاڻو، تنهنڪري (پرلوڪ ۾ وڃي) ڪهڙو منهن انکي ڏيکاريندينون (يعني ڪهڙي منهن سان الوٽ ويندينون.) جن سهيلين پنهنجو پتي پرماتما پڇاڻيو آهي، انهنجي چرنن تي مان لڳان ٿو. ٿل اهڙن سنتن جي ست سنگت جي ميل ۾ هاڻکي ملائي انهن جهڙو ٿي رهان! [گهيليئي= ڪڙيل، اهو اکر لکتو آهي گهڻ يعني گرهڻ مان جنهنجي معنيٰ آهي پڪڙڻ، ڪنت=گهرت.]

(ستگورو جي ڀاڻي ٿي هلڻ ڪري ئي
آتم آنند انڀوُ ٿو ڪجي .)

سري راڳ محلا تيجا شبد (٢٩-٦٢)

(١) اِڪ پرُ راوَهہ آپڻا، هئہ ڪئ دَر پوُڇُہ جاءِ

سَتگورُ سيوي ڀاءُ ڪَر، مي پرِ ديکُہ ملاءِ

سَڀُ اُپائي آپي وِڪي، ڪسُ نيڙئي ڪس دُورِ

جن پرُ سنگي جاڻيا، پرُ راوي سَدا حَدور

ارث . هڪڙيون (جي گيانوان جيو روپي استريون آهن اهي) پنهنجي سواميءَ کي ماڻين ٿيون . (پرشن :-) مان ڪنهنجي در تي وڃي پڇان (تہ مونکي پتي پرماتما جي مارگ جو ڏس ڏيو). (اتر :-) (هي جگياسو روپ استري!) تون ستگورن جي سيوا پريم سان ڪر (۽ انجي اڳيان اها پرارٿنا ڪر تہ) مونکي پنهنجو پريم ملائي ڏين (تہ پوءِ ستگوروءَ جي اپديش سان تون جاڻنديئن تہ) سڀني جيون کي پرميشور اُپايو آهي ۽ الهڪي پالي بہ پاڻ ٿو. (باقي تفاوت هي آهي جو) ڪن (گياني پرشن) کي پرميشور ويجهو ٿو نظر اچي ۽ ڪن (اگياني پرشن) کي دور ٿو نظر اچي. جن (گياني پرشن) پرميشور کي پاڻ سان گڏ سمجهيو آهي، (رڳو) اُهي ئي سديو هنکي ويجهو سمجهي ماڻين ٿا . (يعني آتم آنند جو سک اليؤ ڪن ٿا .) [راواهہ = ماڻين ٿيون ؛ ڪئ = ڪنهنجي ؛ ڀاءُ = پريم ؛ وِيکئي = پالنا ڪري ؛ نيڙئي = ويجهو .]

منڌي ٿوُن چل گور ڪي ڀاءِ
اَنَ دِنَ راوَهہ پرُ آپڻا، سهجي سچہ سماءِ

(اِڪ رَهاءُ)

آوَهُ مِلَهُ سَهيلڙيهو، مَيِ پِرُ ديهُ مِلاءِ
ٻُوري ڀاڳِ سَتگُورُ مِليِ، پِرُ پائِيا سَچِ سَماءِ

اَرٿ:- جيڪي استريون آتم گيان کان خالي آهن (يعني جن ۾ آتم گيان ڪونهي)، اهي پرين پرماتما جون ڇڏيل آهن (يعني پرماتما انهنکي ڪڏي ڇڏيو آهي.) (انهيڪري) اُهي پرين پرماتما کي پائي نٿيون سگهن. جيڪي اگيان ۾ مست آهن، اهي انڌيون آهن. پرين پرماتما جي درسن ڪرڻ بنا الهنجي (ترشنا روپي) بک نٿي لهي. اي منهنجا سڄڻ (گياني پرشو!) اچو مولسان ملو ۽ اچي مونکي پرين پرماتما ملائي ڏيو. جنهنکي سندس پورن ڀاڳ جي ڪري ستگورو مليو آهي، اها پنهنجي پرين سان ملي سچي ۾ سمائجي وڃي ٿي. [وهوڻي=خالي، ڪانسواءِ؛ منيٺا=ڇڏيل، ڏڪيل؛ پِرِم=پرين پرماتما؛ متي=مست.]

(۴) سي سَهيڙا سوهاڳڻي، جنَڪَهُ نَدرِ ڪَريءِ
خَصَمُ پڇاڻهِ آپڻا، تَنُ مَنُ آگَيِ ديءِ
گَهرِ وَرُ پائِيا آپڻا، هؤمَيِ دُورِ ڪَريءِ
نانَڪ سوڀاونتيءَا سوهاڳڻي، اَنَ دِنُ ڀڳتِ ڪريءِ.

اَرٿ:- اهي ئي پياريون سهاڳڻيون آهن، جنتي پتي پنهنجي ڪرپا درشٽي ڪري ٿو. اهي پنهنجي گهوٽ (پرماتما) کي سڃاڻن ٿيون ۽ تن توڙي من هنجي اڳيان (ڀيٽا ڪري) رکن ٿيون. سري گورو نانڪ صاحب جن فرمائين ٿا ته جن اهڙيءَ طرح پنهنجي هؤميءَ دور ڪري پنهنجي گهر (يعني انتهڪرڻ) ۾ ئي گهوٽ پاتو آهي ۽ رات ڏينهن الهيجي ڀڳتي يعني شيوا ڪن ٿيون، اهي ئي سهاڳونتيون سوڀائمان آهن. [سهيڙا=سهيليون، پياريون؛ خصم=گهوٽ؛ اَن=رات؛ دن=ڏينهن.]

مان) دڻيت ڀاءُ ڪڍي ڇڏيو آهي. سري گورو نانڪ صاحب جن فرمائين ٿا ته جڏهن گوروءَ جي اپديش دواران نام (جپي ڀرماتما کي) سڃاڻجي ٿو، تڏهين ان سچ سروپ ۾ سمائجي وڃجي ٿو. [ڀاءُ = ڇرڻ، ڀيرو؛ چڪاءُ = بند ڪري، دور ڪري.]

(گور اُپديش دواران ئي نام جپي سک پائجي ٿو.)

سري راڳ محلا ٽيجا شبد (٣٠-٦٣)

(١) هَرِجي سَچا سَچُ تون، سَڀُ ڪِڇُ تيرئِ چيرئِ

لکه چؤراسيھ ترسدي ڦِري، بِنُ گورَ ڀيٽي ڀيرئِ

هَرِ جيئُه بَخَشي بَخَشِ لئي، سوُکُ سدا سريرئِ

گوَرَ پرَسادي سيوَ ڪَري، سَچُ گَهرِ گنڀيرئِ

اَرٿ- هي هري! تون (اڳي به) سچو هُئين ۽ (هيئر به) سچو آهين. سڀ وستون تنهنجي دفتر ۾ لکيل آهن. چؤراسي لک جونين جا جيو (سڀ سک لاءِ) ڏکي ٿي ڀيا ڦرن، ڀر گوروءَ جي ملڻ کانسواءِ مڙيئي ڀيا ڦيرا ڏسندا. (باقي) جنهنکي (سندس اُتم ڀاڳ ڪري) هري (نام) بخشي ٿو، اهوئي سندس بخشش وٺي ٿو (يعني حاصل ڪري ٿو)، جنهنڪري اهوئي آنتهڪرڻ ۾ سدائين سک لٽي ٿو. گوروءَ جي مهر سان ئي سچي اٿاهه گنڀير پرماتما جي شيوا (يعني ڀڳتي) ڪري ٿي سگهجي. [هرجي = هري پيارو؛ چيري = ليکو، حساب، دفتر؛ ترسدي = ترڦندي يعني ڏکي ٿي؛ ڀيرئِ = ڀيرا ڏسندا؛ ڀيٽي = ملڻ؛ بخش = بخشش، نام روپي؛ سريري = سوکم ديھ يعني انتهڪرڻ؛ گهر = اٿاهه سروپ جنهنجو ترو يعني انت لهي نه سگهجي؛ گنڀير = اونهو.]

اَرٿ - هي (جگياسو روپ) استري! گوروءَ جي مرضيءَ موجب هل ته رات ڏينهن پنهنجي پرين (پرماتما) کي ماڻينديءَ ۽ سپاويڪ ئي سچ، سروپ پرماتما ۾ سمائجي وينديءَ [ڀاءِ = ڀاڻو، مرضي؛ سهجي = سپاويڪ ئي، بنا ٻئي ڪنهن يتن جي.]

(٢) سَبَدِ رَتِيئا سوهاگڻي، سَچِ سَبَدِ سِينگار

هَرِ وَرُ پائن گهر آپڻي، گور کي هيت پيار

سيجَ سُهاوي هَرِ رنگ رويَ، ڀڳتِ ڀري ڀنڊار

سو پربُ پريتَمُ مَنِ وَسيِ، جِ سَڀ سيِ ديئِ آڌارُ

اَرٿ - سهاڳڻيون گوروءَ جي (ڏنل) اپديش ۾ رتل رهن ٿيون ۽ انهيءَ سچي اپديش سان ئي سينگارجن ٿيون؛ ۽ گوروءَ سان گهڻي پيار رکڻ ڪري ئي پنهنجي انتهڪرڻ ۾ هري گهوٽ پائين ٿيون. انهنجي انتهڪرڻ روپي سيجا سوڀنيڪ ٿئي ٿي، جيڪي هريءَ کي پريم سان ماڻين ٿيون ۽ هريءَ جي ڀڳتيءَ روپي خزاني سان ڀرپور آهن. جيڪو سڀني کي آڌار ڏيئي رهيو آهي، اهو پريو پريتم ئي انهنجي من ۾ وسي ٿو. [هيت = پريم، پيار، چاهه؛ رنگ = پريم سان؛ سڀ سيءِ = سڀ کو يعني سڀني کي.]

(٣) پرِ سا لاهَن آپڻا، تنَکي هَمُ سَد بَلهاريءِ جاءِ

مَنُ تَنُ اَرپي سِرُ ديئي، تِنَکي لاگا پاءِ

جِني اِڪُ پَڇاڻيا، دوُجا ڀاءُ چُڪاءِ

گورمُکِ نامُ پَڇاڻِيئي، نانڪ سَچِ سَماءِ.

اَرٿ - هي ڀائي! جيڪي پنهنجي پتي پرماتما جي ساراهه ڪن ٿيون، تن تان مان شل سديو ٻلهار وڃان! مان انهنکي پنهنجو من توڙي تن ارپي ڏيان ۽ سر ڏيئي انهنجي چرنن تي پوان! جن پرشن هڪ (اَڪال پرکه) کي سڃاتو آهي انهن ئي (پنهنجي هردي

مالڪ پرماتما کي پراپت ڪرڻ دور نہ آهي. پر اِنهي آتما پر ورتي تڏهين لڳندي جڏهين ڪ اَناتما يعني مايا کان چت اداس ٿي ڪيس ڇڏيندو. [ناس= خزانو؛ مرار = مر دئت جو اَر يعني دشمن جو سري ڪرشڻ جو نالو آهي؛ ڏن = ڏنيواد جو اَڌڪاري، اُپما يوڳ.]

(٣) مَنَ ڪي بِڪارَ مَنهِ تَجِيِ، مَنِ چوُڪيِ موهُ اَڀِمانُ

آتمَ رامُ پڇاڻِيا، سَهجي نامِ سَمانُ

بِنَ سَتِگُورَ مُڪَتِ نہ پائِيئِي، مَنمُکہ ڦِرئِ دِوانُ

سَبَدُ نہ چينئِي، ڪَٿَني بَدَني ڪَرئِ بِکِيا ماهِ سَمانُ

اُرٿ- جي (گوروءَ دوارا) من جا وڪار من مان تياڳ، ڪري ڇڏين ٿا؛ من مان موهہ ۽ اَڀِمان دور ڪن ٿا، اهي آتم رام کي سڃاڻن ٿا؛ (جنهنڪري پوءِ) سهجيئي ناميءَ (پرماتما) ۾ سمائجي وڃن ٿا. (باقي جيڪي) منمکہ (آهن يعني من جي مت تي هلندا سي) ستگوروءَ کانسواءِ مکتي نٿا پائين ۽ ديوانا ٿي ڦرن ٿا. اهي گوروءَ جو اُپديش نٿا سمجهن، (رڳو) ڪٿائون ۽ ڪوڙائون پيا رچين ۽ وشين ۾ ئي سمايل رهن ٿا (يعني انهنجو چت سديو مايا جي رسن ۾ ئي لڳو پيو آهي.) [بڪار = وڪار مکيہ پنج آهن:- ڪام، ڪروڌ، لوڀ، موهہ ۽ اهنڪار؛ تجيءَ = ڇڏين ٿا؛ چوُڪيءَ = دور ڪن ٿا؛ نام = نامي (پرماتما)؛ چينئيءَ = ڄاڻي، سمجهي؛ ڪٿني = ڪٿائون؛ بدني = ڪوڙا.]

(٤) سَڀُ ڪِڇهُ آپي آپِ هئِي، دوُجا اَوُرُ نہ ڪوءِ

جِئُ بولائي تِئُ بوليئِي، جا آپ بُلائِي سوءِ

مَن ميري نامِ رَتي سُکُ هوءِ
گور مَتي نامُ سَلاهيئي ، دُوجا آوُرُ نہ کوءِ
(اِڪ رَهاءُ)

اَرت - هي منهنجا پيارا! جيڪي نام سان رتل آهن، تنکي ئي سک ٿئي ٿو. گوروءَ جي اپديش دواران نام جي ساراہ ڪرڻ گهرجي، جنهن نام جهڙو ٻيو ڪوبہ نہ آهي. [رتي = رتل، رڱيل يعني نام سان پريم رکندڙ؛ دوجا = ٻيو.]

(٢) ڌَرَمَراءِ نو حُڪُم هيِ ، بَهِہ سَچا ڌَرمُ بيچارِ
دُوجي ڀاءِ دُشَٽُ آتما ، اوهہ تيري سَرَڪارَ
اَڌ آتمي هرِ گُڻ تاسُ ، مَنِ جَپَهہ ايڪُ مُرارِ
تِنَڪي سيوا ڌَرمَراءِ ڪَرئي ، ڌَنُ سَوارَڻهارُ

ارت - ڌرم راجا کي (اَڪال پرکہ جو اِهو) حڪم آهي تہ تون ويهي (ڪنهن بہ پاس خاطريءَ ڪانسواءِ) سچي ڌرم جو ويچار ڪر (يعني پورو نياءُ ڪر.) جيڪي دئيت ڀاوَ وارا ۽ دشت جيو آهن، اهي تنهنجي حڪم هيٺ آهن (يعني انهنکي جيڪا سزا وڻيئي سا ڏي. باقي) جيڪي آتما ۾ ورتي رکندڙ آهن سي گڻن جي خزاني، مراري، هري پرماتما کي ئي من ۾ جپين ٿا. تنجي شيوا خود ڌرمراءِ ڪري ٿو (تنهنڪري) ڌن آهي اهو سنوارڻ وارو (پرماتما، جنهن کي من ۾ وسائڻ جو اهڙو پرتاپ آهي.) [نو = کي؛ بهہ = ويهي؛ سرڪار = حڪم، اختيار؛ اَڌ آتمي = آتما ۾ ورتي رکندڙ يعني جنجي ويچار روپي درشٽي سديو آتما ۾ آهي ۽ نہ اَناتما يعني مايا ۾ آهي. آتما انس پرماتما جي ئي آهي ۽ پرماتما کي پائڻ لاءِ ڀوريون ڏاڪو آهي آتم ۽ اَناتم جي ڀيد کي پڇاڻي، آتما کي سڌ ڪرڻ. اِنهي کي آتم گيان يا برهم گيان بہ سڏبو آهي. جنهن مهل آتما جو گيان پراپت ٿيو ۽ منجهس ورتي لڳي تہ پوءِ آتما جي

جيتوڻيڪ ڪو پرش سوين تيرٿن تي وڃي اِشنان ڪري. انيڪ پرڪارن جا (يگيه دان آدڪ) ڪرم ڪٽي ڪوڪري، تہ اُلو بيٺي ميل اُچي ڪيس لڳندي (ڇاڪاڻ تہ سڪام ڪرمن ڪرڻ سان اَهنڪار وڌي ٿو.) (شاسترن آدڪ) پڙهڻ سان بہ هؤمئ جي ميل نٿي لهي. (جيڪڏهين اِنهي ۾ ڪو سنسو اوهانکي پوي تہ) وڃي گيانوان مهاتما جنن کان پڇو. [ڪوئي = ڪنهن بہ ريت، ڪيئن بہ، ڪنهن بہ اُپاءَ سان؛ ناءِ = اَشنان ڪرڻ؛ بڌ = ريت، پرڪار؛ دوٽي = بيٺي.]

مَنَ ميري گورَ سرَڻِ آوئُ، تا نِرمَلُ هوءِ

مَنَمُکَ هَرِ هَرِ ڪَرِ ٿڪي، مَيُلُ نہ سَڪي ڌوءِ

(اِڪ رَهاءُ)

ارٿ- هي منهنجا من! جڏهين تون گوروءَ جي سرڻ ۾ ايندين، تڏهين تون (اَهنتا ۽ ممتا جي) ميل کان رهت ٿيندين. (گوروءَ جي سرڻ ۾ وڃي اپديش وٺڻ بنا گهٽيئي) منمک "هري! هري!" اچاري ٿڪجي پيا (پر سندن هري اچارڻ سندن اهنتا ۽ ممتا جي) ميل ڌوئي نہ سگهيو. [سڪي = سگهي، سگهيو.]

(٢) مَنِ مئلي ڀَگَتِ نہ هووَئي، نامُ نہ پائيا جاءِ

مَنَمُکَ مئلي مئلي مئي، جا سَنِ پَتَ گواءِ

گور پرَسادي مَن وَسئي، ملُ هؤمئ جاءِ سماءِ

جِئُ انڌ يرئ ديپکُ باليئي، تئُ گورَ گيان

اَگيانُ ٽجاءِ

اَرٿ- ملين من وارن پرشن کان هريءَ جي ڀڳتي ٿي نہ سگهندي ۽ پرماتما جو نام الهن کان پراپت ڪيو نہ ويندو. منمک (حياتيءَ ۾) ملين رهڻ ڪري (يعني اهنڪار ۾ رهڻ ڪري) مرڻ

گُر مُکِ ٻاڻي برهمُ هي، سبدِ ملاوا هوءِ
نانڪ نامُ سمالِ توُن، جِتُ سيوِئي سُکُ هوءِ .

اَرٿ - (گورمک سمجهن ٿا ته) سڀ وستو برهم جوئي روپ آهن. انهي کانسواءِ ٻيو ڪو ڪونهي. جيئن هو اسان کي ٻولائي ٿو تيئن اَسين ٻوليون ٿا، (پرواهگوروءَ کي) جڏهين (وٽي ٿو تڏهين هو) ٻاڻ اهو (نام) ٻولائي ٿو. گوروءَ جي مک جي ٻاڻي برهم روپ آهي؛ اها ئي اسانکي برهم سان ملائي ٿي ڇڏي. سري گورو نانڪ صاحب جن فرمائين ٿا ته (هي جيو!) جنهنجي شيوا (يعني ڀڳتيءَ) ڪري سک ٿئي ٿو، انهي (پرماتما) جو نام تون (گوروءَ دواران) ياد ڪر. [سوءِ = اهو يعني نام؛ گورمک = گوروءَ جي مک مان نڪرلڌڙ؛ سبد = برهم سان؛ جت = جنهنجي.]

(گوروءَ کانسواءِ هومي نه ويندي ءِ
ڀڳتي ٿي نه سگهندي .)

سري راگ محلا ٽيجا شبد (٣١-٦٤)

(١) جَگِ هؤمي مَئلُ دُکُ پائيا، مَلُ لاڳي دوُجي ڀاءِ
مَلُ هؤمي ڌوتي ڪوئي نه اُترئي، جي
سؤ تيرِٿ ناءِ
بهُ بِڌِ ڪَرم ڪماوَدي، دوُڻي مَلُ لاڳي آءِ
پڙِئي مئلُ نه اُتري، پوُڇهُ گيانيئا جاءِ

اُرٿ - (هي ڀائي!) هن جڳتر جي جيون کي جو اَهنتا (۽ ممتا) روپي ميل لڳي پيئي آهي، انهيءَ ڪري اُهي دک پائين ٿا. اِها ميل ٻيائيءَ جي ڪري کين لڳي پيئي آهي. اِها اَهنتا جي ميل (جل سان) کيئن به ڌوئڻ ڪري ڪڏهين نٿي لهي،

نانڪَ نامُ نہ وِسَرئِ ، سَچي ماهِ سَماءِ

اَرٿ :- جنهنکي پرماتما (گورن دواران) پاڻ سان ملائي ٿو، اهوئي ڪيس ملي ٿو. مان اهڙن پرشن تان ٻلهار وڃان! انجو من پرماتما جي ڀڳتيءَ پر رڱجي وڃي ٿو ۽ هو گورن جي سچي ٻاڻيءَ سان نج ٿانو يعني سروپ پر استر ٿئي ٿو. مطلب تہ هنجو من نہ پرماتما سان رتل رهي ٿو، بلڪ هنجي زبان بہ سچي هري پرماتما جا گڻ ڳائي (هري نام جي رس پر) رتل رهي ٿي. سري گورو نانڪ صاحب جن فرمائين ٿا تہ اهڙن پرشن کان نام ڪڏهين بہ نٿو وسري ۽ اهي سچي پريؤ پر ئي سمائجن ٿا. [نج =مها پوتر؛ جهوا= جيڀ، زبان.]

وقت بہ هؤمئِ ۾ ملين ٿين ٿا، (ٽنهنڪري) پنهنجي پت ڪ-وهي (پرلوڪ) ٿا وڃن. گوروء جي ڪرپا سان جڏهين نام من ۾ اَچي وسي ٿو، تڏهين اهنتا (۽ ممتا) روپي ميل الدر ۾ ئي سمائجي وڃي ٿي (يعني گم ٿي وڃي ٿي.) جيئن اونده ۾ ڏيو بارجي، (تہ اونده دور ٿي وڃي)، تيئين گوروءَ جو ڏنل گيان (انتهڪرڻ مان) اگيان کي ڪڍي ٿو ڇڏي. [جاسن = وڃن؛ ديپڪ = ڏيا؛ باليئي = ٻارجي؛ تجاء = ڪڍي ڇڏين.]

(٣) هَمَ ڪيئا، هَمَ ڪَرهَگي، هَمَ مُورَکہ گاوارَ
ڪَرَڻي والا وِسَرِيا، دُوجي ڀاءِ پيارُ
مائيا جيوڏ دُکہ نَهي، سَڀِ ڀو ٿَکي سنسارُ
گورَمتي سُکہ پائيئي، سَچہ نامُ اُرَدارِ

اَرٿ - اَسان هي ڪرم ڪيا، اَسين هي ڪرم ڪنداسون. (اهڙا ايمان جا وچن ڪيڻ ڪري) اسين مورکہ ۽ بيوقوف آهيون، جو پرماتما اسانجو اپائڻ وارو آهي تنهنکي وساري اسان ٻيائيء سان ڪلي پيار رکيو آهي. اِنهي اگيان جهڙو وڏو ٻيو ڪو بہ دکہ نہ آهي ۽ (اِنهي اگيان ۾ پوڻ ڪري ئي) ساري سنسار جا جيو (جنمن ۾) ڀٽڪي لڳا آهن. (پر) جيڪو گوروء جي اپديش سان سچو نام هردي ۾ ڌاري ٿو، اهوئي سکہ پائي ٿو. [گاوار = پسون يا ڍور چارڻ وارا، جي عقل ۾ سادا ٿيندا آهن، تنهنڪري گاوار جي معنيٰ آهي بي عقل، بيوقوف؛ جيوڏ = جيڏو وڏو؛ مائيا = اگيان، ڇل، ڀرم؛ ڀو = ڀٽڪي؛ اُر = ڇاتي، هردو.]

(٤) جِسَنو ميلي سو مِلِئي، هَئُہ تِسُ بَلِهارئِ جاءِ
اي مَنَ ڀَگَتي رَتِيا، سَچہ باڻي نِجہ ٿاءِ
مَنِ رَتي، جهِوا رَتي، هَرِگُڻَ سَچي گاءِ

سنہ ١٥٣٤ع کين هڪ مها سوينيڪ پٽ ڄائو. هو سدائين پيو مشڪندو هو. کيس ننڍي هوندي ڀائي جيٺو ڪري، سڏيندا هئا.

جڏهين ڀائي جيٺو وڏو ٿيو، تڏهين هو سنت مهاتمائن جو سنگ ڪرڻ لڳو. سندس مائٽن جي مرضي هئي تہ هو ڪا ڪرت ڪري، پر هنجي سنتن سان بيحد پريت هوندي هئي. سندس گهر جي ڀرسان هڪ ڪوهڙي رهندو هو، جنهنجي صلاح تي سندس ماتا کيس هڪڙي ڏينهن ڪوهڙ وڪڻڻ لاءِ رڌي ڏنا. رستي ۾ کيس ڪي سادو گڏيا، جن کي ڪوهڙن جو سڄو ڪنو ٿي کارائي ڇڏيائين. پوءِ تہ ڊپ ٿيس تہ گهر وڃبو تہ ماتا ڪاوڙبي. اِنهي چنتا ۾ هو تہ اُنهيءَ هنداں سکن جي هڪ ٽولي آچي لنگهي، جنکان پڇيائين تہ اوهين ڪاڏي ٿا وڃو؟ انهن جواب ڏنو تہ ”اسين سري گوئندوال ۾ سچي پاتشاهہ سري گورو امرديو جن جي درشن ڪرڻ لاءِ نڪتا آهيون.“ ڀائي جيٺو سکہ سنگت سان گڏجي سري گوئندوال ۾ ويو. جڏهين ستگورن جي چرنن تي ڪري پيو، تڏهين ستگورن کانئس پڇيو تہ ”ابا، تون هتي ڪيئن آيو آهين؟“ جنهنتي ڀائي جيٺو هٿ ٻڌي عرض ڪرڻ لڳو تہ ”سوامي! اوهانجي سرن آيو آهيان جيئن وٽيو ٿيئن پنهنجو ڪريوم.“ ستگورن فرمايو تہ ”ٻچا ٽهل ڪر تہ سکہ پائين.“ انهيءَ وقت کان وٺي ڀائي جيٺو ستگورن جي شيوا ۾ لڳي رهيو. رڌڻ جو ڪم، پيرون ڌوئڻ، پاڻي ڀري اچڻ، جهنگہ مان ڪاٺيون ڪري اچڻ، باولي صاحب جي کوٽڻ ۾ مدد ڏيڻ، مطلب تہ هرڪو ڪم پريم سان ڪرڻ لڳو ۽ پنهنجي سرير جي سکہ جو ڪوبہ خيال نہ ڪندو هو. سندس سڀاءُ بلڪل نرم ۽ ڪومل هو. ڪوبہ چار وچن چئي ويندو هوس تہ اُهي سهي ويندو هو.

سري گورو امرديو جن جي مختصر جيون چرتر ۾ ڏيکاريل آهي تہ کين ٻہ نياڻيون هيون. وڏي نياڻي ماتا داني، ڀائي راما بيديءَ سان پرڻيل هئي. ٻي نياڻي جنهنجو نالو ماتا ڀاني هو، سا ڏاڍي ويچاروان هئي. جڏهين سندس ساهيڙيون کيس راند رولد

سري گورو رامداس صاحب
جن جو
مختصر جيون چرتر

نوٽ:- سري گورو امرداس صاحب جن جيڪي شبد سري راڳ ۾ اُچاريا آهن، تن کانپوءِ سري گورو رامداس صاحب جن جي واڻي سري راڳ ۾ آيل آهي. تنهنڪري اُنهن شبدن جي ارٿ ڏيڻ کان اڳ سندن مختصر جيون چرتر هيٺ ڏجي ٿو.

لاهور جي شهر ۾ اُنهيءَ هنڌ جنهنکي چوني منڊي ڪري سڏيندا آهن، اُتي هڪ سوڍي کتري رهندو هو، جنهنجو نالو هو لالا ٺاڪرداس. هنجي استريءَ جو نالو ماتا جسونتي هو. اُنهنکي هڪ پٽ هو، جنهنجو نالو هو ڀائي هرداس. ڀائي هرداس جڏهين وڏو ٿيو، تڏهين ماتا انوپ ديوي جنهنکي پوءِ ديا ڪنور ڪري سڏيندا هئا، تنهن سان هنجي شادي ٿي. جهڙو هو ڀائي هرداس پرماتما جو ڀڳت، اهڙي ٿي هئي سندس سُپتني سشيل ۽ ڌرمشت. اُهي ٻئي هڪ سچي اُڪال پورکه کي مڃيندا هئا ۽ اُٺئي پهر هريءَ جو نام اُچاريندا هئا. اُهي غريب ۽ مسڪين هئا، پر پرماتما جي ڀاڻي تي راضي رهي پنهنجي آجيوڪا لاءِ گهڻي محنت ڪندا هئا. امرت ويلي اُٿي پرماتما جي جس ڳائڻ ۾ وهندا هئا ۽ سديو اِها پرارٿنا پرماتما کي ڪندا هئا ته ”هي جڳديش! اسانکي ڪو اهڙو سُپتر ڏي جو گهر جو ڏيو ٿئي ۽ جنهنجو پرڪاش سورج وانگي ساري جهان ۾ پرگهٽ ٿئي.“ نيٺ سندن پرارٿنا پرماتما اُگهائي ۽ ڪتيءَ مهني جي ١٧ تاريخ وسپت جي ڏينهن سنبت ١٥٦١ برابر

ڪوُڙِ ڪوڙيَ نيھُ، لَگا، وِسَرِئا ڪَرَتارُ

ڪِسُ[1] نالِ ڪيجيِ[2] دوستي، سَڀُ جَگُ چاڻ هارُ

ڪوُڙ مِنا ڪوُڙُ ماڪِڻُ، ڪوُڙ ڏوبي پوُرُ[3]

نانڪُ وَکاڻي[4] بينتي، تُڌُ باجَھ[5] ڪوُڙو ڪوُڙُ."

هڪ ڏينهن سري گورو امر ديو جن جي استريءَ ماتا منسا ديويءَ پنهنجي پتيءَ کي چيو ته "پاڻي هاڻي وڏي تڪليف آهي. اُنجي مگاڻ جو ڪو بلو ڪجي." سري گورو امر ديو جن پنهنجي پروهت کي ماڻهو موڪليو ۽ اُنکي فرمايو ته وڃي پاڻيءَ جي لاءِ ور ڳولي اچ. جنهن وقت پروهت ستگورن کان موڪلائي ٻاهر ٿي نڪتو، تنهن وقت ماتا منسا ديويءَ جي نظر وڃي ڀائي جيٺي تي پيئي ۽ پروهت کي چيائين ته "مهراج، ڇوڪر جو ڳولين سو قد ۾ هن جيڏو هجي." هن پروهت کي آڱر سان ڇوڪر ڏيکاريو، پر ستگورن پروهت کي چيو ته "مهراج هاڻي توهانکي وڌيڪ تڪليف وٺڻي ڪانهي. گهر ويٺي ئي اسانجو ڪارج سڌ ٿيو." ماتا منسا ديوي اهو ٻڌي ڏڪي ويئي ۽ چيائين ته الاجي هن ڇوڪر جي ڪهڙي ذات ۽ ڪُل هجي؟ گورو صاحبن کي ذات جو ڪو خيال ڪونه هو، پر ماتا منسا ديويءَ جي شنڪا لاهڻ لاءِ ڀائي جيٺي کي پاڻ وٽ گهرايو ۽ هن کان سندس ذات ۽ ڪل پڇيو. هن جواب ڏنو ته "سائين مان سوڍي کتري آهيان. اهو ٻڌي ماتا کي ٻيٽ ۾ ساهه پيو ۽ ڏاڍي خوش ٿي. ستگورن پنهنجي پياري جي پٺي ٺپري ڪين چيو ته "ٻچا، تون اڄ کان وٺي اسانجو نياڻو آهين. تون جلد مائٽن کي اها خبر لکي موڪل." ڀائي جيٺو اها ڳالھ

1- ڪنهن سان؛ 2- ڪجي يعني رکجي؛ 3- ڪوڙ پورن جا پور پيا آهن؛ 4- فرمائين ٿا؛ 5- ڪانسواءِ.

لاءِ چولديون هيون، تہ پنهنجي پتا کان موڪل وٺندي هئي. ساهڙين کي چولدي هئي تہ "اسين پيا رالد روند ڪريون، پر ڪال اسانجي سر تي چڙهيو ويٺو آهي."

"گهر گهر ايهو پاهچا سدڙي نت پون
سدڻ هارا سمريئي نانڪ سي ڏهہ آون"

[ڪيرتن سوهلا]

ارٿ:- سيڪنهن گهر ۾ اهي (يعني ڪال روپي) پيغام پهچي ويا آهن ۽ هر روز پيا سڏ ٿين. سري گورو نانڪ صاحب جن فرمائين ٿا تہ اُنهيءَ سڏيندڙ يعني پريوءَ کي ياد ڪريو ۽ پريوءَ کي ياد ڪندي شل اُهي (يعني موت جا) ڏينهن اُچن.

هڪ دفعي هڪ پياري سک سري گورو امرديو جن کان موڪل وٺي، ماتا ڀاني کي روپين سان ڀريل هڪ ڳوٿري ڏني تہ ڀين ساهيڙين والگر ريشمي وستر ۽ ڳهہ ڳنا ٺاراهي پاءِ. ماتا ڀاني جنهن کي سادگي پسند هئي ۽ جا اُنهيءَ حالت ۾ ڏاڍي خوش گذاريندي هئي، تنهن ڳوٿري وٺڻ کان انڪار ڪيو ۽ اُنهيءَ وقت سري آسادي وار جو هيءُ سلوڪ اُچاريو:-

"ڪوڙ راجا ڪوڙ پرجا، ڪوڙ سڀ سنسار
ڪوڙ منڊپ[1] ڪوڙ ماڙي، ڪوڙ بيسڻ[2] هار
ڪوڙ سُئنا[3] ڪوڙ رپا، ڪوڙ پينڻ[4] هار
ڪوڙ ڪائِئا ڪوڙ ڪپڙ، ڪوڙ روپ اپار
ڪوڙ ميئا ڪوڙ بيبي، کپ هوئي ڪار[5]"

۱- محلات؛ ۲- وهندڙ؛ ۳- سون؛ ۴- پائيندڙ؛ ۵- کپي خوار ٿين ٿا.

(٢) هَرِ جَنَ کي وَڏَ ڀاڳَ وَڏيري جنِ هَرِهَرِ سَرڌا هَرِ پياسَ
هَرِ هَرِ نامُ مليِ ترپتا سه، مِلِ سَنگَتِ گُڻَ پرگاس

(٣) جِن هَرِ هَرِ هَرِ رَسُ نامُ نه پائيا، تي ڀاڳَ هيڻَ جَمَ پاسِ
جو سَتِگور سَرَڻِ سَنگَتِ نهي آئي، ڌِرگُ جيوي ڌِرگُ جيواسِ

(٤) جنَ هرِ جنَ سَتِگور سَنگَتِ پائي، تنَ ڌُر مَستڪ لِکِئا لِکاس
ڌَنُ ڌَنُ سَتَ سَنگَتِ جِتُ هَرِ رَسُ پائيا، مِلِ جَنِ نانڪ نامُ پرگاسِ.

ڀاشا پرچ

”هي پرماتما جا پيارا! هي ستگورو! هي پورن پرش! هي منهنجا سچا گورديو! مان هڪ ڪيڙو اوهانجي سرن آيو آهيان. ديا ڪري مونکي رام جي نام جو سوجهرو بخشيو. رام جو نام ئي منهنجي پران جو پران آهي ۽ هريءَ جو جس ئي منهنجو سچو مارگ آهي. هريءَ جي داسن جا وڏا ڀاڳ آهن، ڇو جو اُنهنکي هريءَ ۾ شرڌا ۽ سندس نام جي پياس آهي. اُهي نام سان ئي ترپت ٿين ٿا ۽ ست سنگ حاصل ڪري گڻوان بڻجن ٿا ۽ پر جنکي رام جي نام جو رس نه آيو آهي ۽ جن ستگورن جي سنگت جو لاڀ نه پاتو آهي، اُنهن اڀاڳن پرشن جو جنم ئي اڪيارٿو آهي. ڌن آهي، ڌن آهي اُها ساڌ سنگت، جتي نام جي رس پائڻ ڪري جيو کي نام جو پرڪاش ٿئي ٿو!“

١- ڀاڳين ٿا ٢- جيئڻ جي آس.

ٻڌي حسرت ۾ ڀنجي ويو ۽ ستگورن جي چرنن تي ڍهي زار زار روئي چوڻ لڳو ته "سوامي، مان اوهانجي در جو ٻهاريو، مونتي ايڏي ڪرپا ڪيئن ٿا ڪريو. مان اِنهيءَ جو لائق نه آهيان." ستگورن ڪيس فرمايو ته "تنهنجي شادي تاريخ ٢٢ ڦڳڻ سنبت ١٦١٠ اسانجي سپتريءَ ڀانيءَ سان ٿيندي. تون مائٽن کي اِنهيءَ بابت جلد لکي موڪل." ڀائي جيٺي جا مائٽ اِها خوشخبري ٻڌي ڏاڍا پرسن ٿيا ۽ مقرر ڪيل ڏينهن سڀ سوڍي وڏي جڃ وٺي آيا ۽ شادي ڌام ڌوم سان ڪيائون. پنجاب ۾ رواج هوندو هو ته شاديءَ وقت جڏهين گهوٽ ڪنواريتي گهر جي چائنٺ اندر پير پائيندو هو، تڏهين ڪنوار جو پيءُ يا اُنجي پاران ڪو بيو گهوٽ کان پڇندو هو ته "توهان کا دل پسند شيءِ گهر. پوءِ گهوٽ جي مرضيءَ موجب کيس اُها ڏيڻ ۾ ايندي هئي. جڏهين گورو امرداس صاحب ڀائي جيٺي کان پڇيو ته "ٻچا توکي هينئر ڪهڙي سوکڙي کپي، تڏهين ڀائي جيٺو هٿ ٻڌي ستگورن کي وينتي ڪري چوڻ لڳو ته "سچا پاتشاهه اوهانجي مهر مونتي اڳيئي گهڻي آهي مونکي اوهين نام دان بخشيو. ٻئي ڪنهن وستوءَ جي مونکي لوڙ نه آهي." ڀائي جيٺي اُنوقت هيٺيون شبد اُچاريو:-

راگ گوجري محلا چوٿان شبد (١)

(١) هَرِ ڪي جَنَ سَتِگُورَ سَتَ پُورَکا، بنتيءَ[1] ڪرءُ گورَ پاسِ

هَمَ ڪيِري ڪِرَمَ[2] سَتِگُورَ[3] سَرَڻائي، ڪَرِ دَئيا نامُ پَرَگاسِ[4]

ميري ميِتَ گورَ ديِوَ، موڪَءُ رامَ نامُ پَرَگاسِ

گورَمَتِ نامُ ميرا پِرانَ سَکائي[5]، هَرِ ڪيِرَتِ هَمري رَهَراسِ[6]

(اِڪ رَهاءُ)

١- وينتي؛ ٢- ڪيٽون؛ ٣- لڌو ڪيٽون؛ ٤- سوجهرو؛ ٥- آسرو؛ ٦- سچو مارگ.

هي ٻه شبد ٻڌي سري گورو امرديو جن بلڪل ٻرسن ٿيا ۽ ٻائي ڀيني کي چيائون ته "پٽ تون نام جو ڀنڊار ٿيندين! تون پرماتما جو پرم پيارو ڀڳت ٿيندين! اسين تنهنجو نالو اڄ وقت کان وٺي رامداس رکون ٿا."

شاديءَ کان پوءِ ساري ڄڃ لاهور موٽي وئي. ٻائي ڀيني جي مائٽن جي مرضي هئي ته هو کي ڏينهن لاهور ۾ گذاري. پر هنکي هرهڪ ڏينهن ورهيه ٿي ٿي لڳو. هو سري گورو امرداس صاحب کي سهرو کين سمجهندو هو، پر ڀڳوانت جو روپ ڪري ڄاڻندو هو، تنهنڪري هو پنهنجي زال ۽ مائٽ وٺي اچي سري گوئندوال ۾ رهيو. شاديءَ کان پوءِ ٻه ٻائي ڀيني کي شيوا ڪرڻ ۾ ڪو مهٺو ڪون لڳو. هو اڳئين وانگر اٺ ئي پهر ست گورن جي شيوا ۾ لڳو رهيو. خاص ڪري * باولي صاحب کوٽڻ ۾ هن ڀاڱي ڪو پتوريو. هو ڪلاڪن جا ڪلاڪ باولي صاحب جي کوٽڻ ۾ لڳو رهندو هو ۽ مٽيءَ جا ٽوڪرا سر تي کڻندو هو؛ اها شيوا هو گهڻيءَ خوشيءَ سان ڪندو هو. سري گورو امرديو جن سندس شيوا ڪري کيس گهڻو ڀائيندا هئا.

هڪ دفعي ٻائي ڀيني جا کي مائٽ گنگا جي جو تيرٿ ڪري وات تي سري گوئندوال ۾ ترسيا. سري گورو امرديو جن کين گهڻو مان ڏنو، پر هنن هنيلن سمجهيو، ته اسين پنهنجي مائٽ جي ساهري آيا آهيون، سو ستگورن کي پيري به نه پيا. رڳو پڇيائون ته ٻائي هرداس جو پٽ ٻائي ڀيٺو ڪٿي آهي؟ صاحبن هڪ سک کي چيو ته هنن پيارن کي ٻائي ڀيٺو وڃي ڏيکاريو. هنن وات تي هن سک کان سارو حال ٻائي ڀيني جو ورتو. پر جڏهين انهن باولي صاحب وٽ ٻائي ڀيني کي مٽيءَ جون ٽوڪريون پنهنجين اکين سان ڍوئينديون ڏٺيون، تڏهين هنکي ڏاڍي چڙ وٺي وئي ۽

* نوٽ:- باولي صاحب هڪ مها سندر کوهه سري گوئندوال ۾ آهي، جتي سري گورو امرديو جن جي گادي هئي. انکي ٨٤ ڏاڪا سنگمرمر جا آهن. اهيءَ ٻوتر استان کي سک بلڪل گهڻي عزت ڏيندا آهن.

ڀائي جيٺي اُلوقت ٻيو هيٺيون شبد ٻڌ اُچاريو:-

سري راگ محلا چوٿان گهر دوجا ڇنت (١)

هَرِ پرڀُ ميري بابُلا[١]، هَرِ ديوهُ دانُ مي داجو[٢]

هَرِ ڪپڙو هَرِ سوڀا ديوهُ، جِتُ سوَرئي ميرا ڪاجو[٣]

هَرِ هَرِ ڀڳتي ڪاجُ سُهيلا[٤]، گورِ ستگُورِ دانُ دِوائيا

کنڊِ ورَ ڀنڊِ هَرِ سوڀا هوئي، اِهُ دانُ نہ رلئي رلائيا[٥]

هورِ مَنمُکہ داجُ جہ رکہ دکالهِ، سہ ڪوڙُ اهنڪارُ ڪچُ[٦] پاجو

هَرِ پرڀ ميري بابُلا، هَرِ ديوهُ دانُ مي داجو

ترجمو

”هي منهنجا پريو! هي منهنجا پتا! مونکي ٻيو ڪو ڏاج ڪين گهرجي. مونکي هريءِ پرماتما جي نام جو دان ۽ ڏاج ڏيو. ڪپڙو به مونکي نام جوئي گهرجي، ڇو جو نام ئي منهنجي سونهن آهي ۽ نام ئي ڪري منهنجو ڪارج سڌ ٿيندو. مونکي اهو دان ڏيو جو مان سدبو هريءَ جي ڀڳتيءَ ۾ لڳو رهان! اهو نام جو دان ٻين ڪوڙن پدارٿن وانگي ڇت ڪين نہ ويندو ۽ انهيءَ ڪري منهنجي سوڀيا لوڪ پرلوڪ ۾ ٿيندي. ٻيو جيڪو ڏاج دنيا جا منمکہ پرش ٿاهي لوڪن کي ڏيکاري ڏين ٿا، اهو ڪوڙي اهنڪار ڪري آهي ۽ ملمعي وانگر اڻ جٽائو آهي. هي منهنجا پريو! هي منهنجا پتا! مونکي ٿهڪري ديا پالي نام جو دان ۽ ڏاج ڏيو.“

١- پتا ؛ ٢- ڏاج ؛ ٣- ڪارج ، ٤- سولو ، ٥- مٽي نہ ويندو يعني الڳ ٿي رهندو ؛ ٦- ڪچو ملمعو.

(٢) چَکوي پريتِ سُورجُ مُکهِ لاڳي
ملئي پياري سَڀ ڏُکهَ تياڳي
گور سِکهَ پريتِ گورُو مُکهِ لاڳي
(٣) ٻَڇڙي پريتِ کيرُ مُکهِ کاءِ
هِردئي بِگسي ديکئي ماءِ[٢]
گور سِکهَ پريتِ گورُو مُکهِ لاءِ[٣]
(٤) هورُ سَڀ پريتِ مائيا موهُ کاچا
بِنسِ جاءِ کوُرا کَچُهِ[٤] پاچا
جَنَ نانک پريتِ ترِپتِ[٥] گورَ ساچا.

ٽات پرچ

” بيکاريءَ کي جڏهين ڀکيا ملي ٿي، تڏهين هو پرشن ٿئي ٿو، ڀُکئي کي جڏهين ٽکر کائڻ لاءِ ملي ٿو، تڏهين هو خوش ٿئي ٿو، تهڙيطرح جڏهين سِکه پنهنجي گوروءَ جو درشن ڪري ٿو، تڏهين هو راضي رهي ٿو. هي سوامي! مونکي پنهنجو درشن ڏي، چو جو مونکي تنهنجي ئي آس آهي. ڪرپا ڪري اِها منهنجي منشا پوري ڪر. چڪوي پکيءَ جي پريت سورج سان آهي؛ ائين پيئي چاهي ته ڪتي سورج ديوتا درشن ڏئي، ته وڃي پنهنجي پتار چَکي سان ملان، تهڙيءَ طرح گوروءَ جي سکه جي پريت گوروءَ جي درشن لاءِ آهي. ڳائي جي پريت ڳانءَ جي کير سان آهي

١- ڏسڻ؛ ٢- خوش ٿئي ٿي؛ ٣- ڏسي ٿو؛ ٤- ڪوڙو ملمع؛ ٥- راضي ٿئي ٿو.

کيس چيائون ته "تو اسانجو ڪُل بوڙيو. تون ساهڙي گهر نوڪريون مٿيءِ جون ٻوئين! لڄ نه ٿي اچيئي! گهر روٽي ڪا نه ٿي ملميءِ ڇا، جو سڄو ڏينهن وهؤ ٻڍي وانگر ٿو وهين. پاٽي به تون ڀرين! ٻاسڻ به تون ملين! مڪڙين تي به تون! پکو به تون هٽين! جل به تون ڇڪائين! کتريءِ جو اولاد ٿي نيچ ڌندو ڪبو آهي ڇا؟ واهه جي ڪل جي پت تو رکي! اسين جڏهين ساهڙي وڃون، تڏهين اسانکي ڇپ کٽن تي وهارين. سوين سُهڃ ڪن. نانا پرڪارن جا پوڄن ڪارائين. سڀ ساهڙي پهر جا اسانجي خوشامند ڪن. ڪو وانهڙو به جيڪر توکي ارمان ڪائي! توکي ٿيو ڇا؟"

پائي جيٺي کي مائٽن جي گفتگوء اصل نه وڻي، پر جيٺن نه هو سانت سروپ هو، سو فقط چيائين ته "هي ٻيارا، اوهين سمجهو ٿا ته سري گورو امرديو منهنجو سهڙو آهي، پر منهنجي نظر ۾ هو ڪرتار جو روپ آهي. لوڪ پرلوڪ جو سُک مونکي ستگورو ۽ بخشيو آهي. هنجي ڪرپا ڪري مونکي سانت، وشواس ۽ گيان پراپت ٿيو آهي. مان سچي پاتشاه جي داسن جو داس آهيان." صاحبن اُن وقت پنهنجي ستگورن جي اُستت ۾ هينيون شبد اچاريو:-

گوُڙي گُئارِيري محلا چوٿان شبد (٣-٣٢)

(١) پيڪَڪَ پريت پيڪَه پريَ پاءِ

پوُکي پريت هوويُ اَنَ ڪاءِ

گورَ سِکَه پريِتِ گورمِل اگهاءِ

هَرِ درسنَ ديهُ هَرِ اسَ تُماري

ڪَرِ ڪرپا لوچَه پوُرِ هماري (اِڪ رهاءُ)

١- ٻڪايل جيو؛ ٢- ٻکيا؛ ٣- گهرجي مالڪ کان؛ ٤- راضي رهي ٿو؛ ٥- آس پوري ڪر.

صاحب کي گادي بخشيندا. سري گورو امرديو جن جي ڌيءَ نياڻي ٻائي راما بيديءَ کي خيال ٿي پيو ته خبر نه آهي ته ڇاجي کري صاحب سري رامداس کي وڌيڪ پيار ڪن ٿا. اِنهيءَ کري سري گورو امرديو جن هڪ دفعي باولي صاحب ويا، ۽ پنهنجن نياڻن ٻائي راما بيديءَ ۽ سري رامداس جي پريکيا ورتائون. ٻنهي کي پاڻوٽ سڏي چيائون ته ”اسانکي ٻن ٿلهن جي گهرج آهي. هڪ صبوح جي وهڻ لاءِ ۽ هڪ شام جي وهڻ لاءِ. اوهين ٻئي ڪوشش کري چڱا ٿلها تيار کريو. ڏسون ته اوهان ٻنهي مان ڪير ٿو وڌيڪ دل لائي سٺو ڪم کري.“ ٻنهي حڪم موجب ٿلها تيار ڪيا، پر شام جو ستگورو سندن ڪم ڏسڻ ويا ۽ فرمايائون ته اسانکي اِهي ٿلها پسند نه آهن. اوهين اِهي ڊاهي ٻيا ٺاهيو. ٻائي راما بيديءَ کي دل ۾ ٿيو ته هيتري ڪوشش کري مون ٿلهو ٺاهيو، تڏهين به صاحبن کي پسند نه پيو. شايد سندس پيري آهي، سو وس وِس ٿي پيئي اٿن. پر سري رامداس صاحب کي دل ۾ ذرو به نه ٿيو. هن سمجهيو ته سچ پچ منهنجي ڀُل هوندي، جو صاحبن کي منهنجو ٿلهو نه وڻيو. ٻئي ڏينهن به ٻنهي نوان ٿلها ٺاهيا، پر اُهي به صاحبن کي پسند نه پيا. تنهن تي راما بيدي کي ڏاڍو ڏک ٿيو ۽ دل ۾ چوڻ لڳو ته صاحب ڄرويرو اسانکي تڪليف ٿا ڏين، پر سري رامداس سمجهيو ته ضرور ڪا وڏ هوندي. جڏهين ٽيون دفعو صاحبن چيو ته ٿلها دل پسند نه ٿيا آهن، تڏهين ٻائي راما بيديءَ وري ٺاهڻ کان نٺوا ڪري واريو ۽ چيائين ته ”سائين اوهانجي پيري آهي، جنهنڪري ڄرويرو پيا اوهين ويڪون ڪيو. مون ته اوهانجي حڪم موجب ٿلها ٺاهيا. هاڻي ڀلائي، کري کي راڙا گهرائي انهن کان ٺهرايو مان وري ٿلهو مُور نه ٺاهيندس.“ سري رامداس صاحب ست دفعا ٿلها ڀڃي ٺاهيا. پڇاڙيءَ ۾ به هٿ جوڙي چيائين ته ”سچا پاتشاه! مان مورکه اَڄاڻ آهيان مونکي سوجهي ڏيو ته سمجهان. مون ۾ ڪو ڪال ڪونهي. منهنجو آسرو اوهين ستگورو آهيو.“ سري رامداس صاحب جا اِهي نمرتا جا لفظ ٻڌي

۽ جڏهين ماءُ کي ڏسي تڏهين خوش ٿئي، تهڙي طرح گوروءَ جي سِک جي پريت گوروءَ جي درشن لاءِ آهي. ٻي جيڪا پريت آهي سا سڀ مايا جي موهه ڪري ڪچي آهي ۽ اُها ڪوڙي ملمعي وانگر ناس ٿي ويندي. سري گورو نانڪ صاحب جن فرمائين ٿا ته مان سچي گوروءَ سان پريت رکي خوش ٿيان ٿو."

ڀائي جيٺي جا مائٽ سري گورو امرديو وٽ دانهن کڻي ويا ۽ چيائون ته "سائين سيڪنهن کي پنهنجي ڪُل جي عزت جو خيال آهي. اِهو هڪڙوئي ڀائي جيٺو آهي، جو گهر ڇڏي ساهڙي گهر مٽي تي مٽيءَ جون ٽوڪريون ٽو ڍوئي. جيڪڏهين اوهانکي ڪيس ڪنهن ڪم ۾ لڳائڻو آهي، ته ٻيو ڪو ڪم کڻي ڪيس ڏيو. هيئنئر ته سيڪو مٽس ٻيو کلي ۽ چٿرون ڪري." صاحبن کين ورندي ڏني ته "پيارا، اسان ڀائي جيٺي جي مٽي تي مٽي نه رکي آهي، پر سندس نندا ڪندڙن جي مٿان مٽي وڌي آهي. اسان هن تي اَٽل راج جو ڇونڊ جهلايو آهي. اَبا، هن اوهانجي ڪل جي پچ رکي آهي. هو ڀڳتيءَ مڪتيءَ ۽ ڌرم جو روپ آهي. هو نمرتا جو گهر آهي، گڻن جي کاڻ آهي ۽ پورن شيوڪ آهي."

ماتا ڀاني به پنهنجي پتا گورو امرديو جن کي نه فقط پتا ڪري ڄاڻندي هئي، پر کين پرماتما جو روپ ڪري پوڄيندي هئي. امرت ويلي سري گورو امرديو جن اشنان ڪري سماڌيءَ ۾ وهندا هئا. ماتا ڀاني به اُن مهل اُٿي اشنان ڪري سندن درشن ڪندي هئي ۽ ڪلاڪن جا ڪلاڪ پريم ۾ ويهي رهندي هئي. ماتا ڀاني پنهنجي پتي ڀائي جيٺي کي به هڪ مها سنت ڪري سمجهندي هئي. سنبت ١٦١٤ جي اَسوءَ مهني ۾ کين هڪ پٽ ڄائو، جنهنجو نالو پرٿي چند هو. ٽن سالن کانپوءِ آڪار مهني ۾ کين ٻيو پٽ مهاديو ڄائو. ۽ تاريخ ٢٢، ويساک سنبت ١٦٢٠، منگل ڏينهن کين مها سندر پٽ سري گورو ارجن ديو ڄائو.

سري گورو امرداس صاحب جن جو سري رامداس صاحب تي گهڻو پيار ٿيندو هو ۽ صاحبن کيس هر طرح لائق سمجهي سمورو ڪم کيس سونپيندا هو. تنهڪري سِک سمجهڻ لڳا ته گورو صاحب سري رامداس

رامڪلي ڪي وار راءِ بلوند تٿا ستيءِ ڏُوم آکي پؤڙي (٧)

ڏَنُ ڏَنُ رامَداسَ گورُ، جِنِ سِرِئا تِنَيِ سَوارِئا[2]

پوري هوئي ڪَرامات، آپِ سِرَجَڻ هاريءِ ڌارِئا

سِکي اَتيءِ سَنگتي، پارِ بَرَهمُ ڪَرِ نمسڪارِئا

اَتَلُ اَٿاهَ اَتولُ تون، تيرا اَنتُ نه پارا وارِئا

جِنِ تون سيوئا ڀاءِ ڪَرِ، سي تُڌُ پارِ اُتارِئا

لَبُ لوڀُ ڪامُ ڪروڌُ موهُ، مارِ ڪڍي تُڌُ سَپَرَوارِئا[3]

ڌَنُ سُ تيرا ٿانُ هيِ، سچُ تيرا پَئسَڪارِئا[4]

نانڪُ تون، لهڻا تون هيِ، گورُ اَمَرُو تون، ويچارِئا

گورُ ڏِٺا تان مَنُ ساڌارِئا[5]

ترات پرچ

ڌن آهين! ڌن آهين تون گورو رامداس صاحب! جنهن پرماتما توکي اُپايو، تنهن ئي توکي گوريائيءَ جي گديءَ تي براجمان ڪيو. ڌٽي جيڪي ڪري ٿو، سا پورن ڪرامات آهي. هي سچا ست گورو، توکي سڀ سک ۽ ساري سنگت پار برهم جو روپ ڪري نمسڪار ڪري ٿي. تون اَتل، اَٿاهه ۽ اَتول آهين. تنهنجو

١- پيدا ڪيو؛ ٢- سينگاريو يا تخت تي براجمان ڪيو؛ ٣- پروار سميت يعني اُتري گڏ يعني هنسا ۽ ٻين وڪارن سميت؛ ٤- لڪت ورلي = اُپيان ڪم ڪندڙ، شيواداري؛ ٥- ناپر ۾ اچي ويو.

ستگورو پرشن ٿيا ۽ ڪيس پاڪر ٻائي چوڻ لڳا ته ”هي سُپتر، تو اسانجو چيو ست دفعا ميڃيو آهي، اِهيءَ ڪري تنهنجون ست پيڙهيون گوروءَ جي گديءَ تي وهنديون.“

ٿورن ڏينهن کان پوءِ جڏهين سري گوروو امرديو جن اشنان ڪري وينا هئا ته ماتا ٻاني اچي پيري پيئي. پرم ڪرپالو پنهنجي سُپتري ڏانهن نهاري چوڻ لڳا ته ”پياري، سري رامداس هاڻي سرير ڇڏيندو. ٻڌاءِ ته پوءِ تون ڇا ڪندينءَ؟“ مها سياڻي ماتا ٻانيءَ سمجهي ورتو ته پتا جا وچن اَٽل آهن، تنهن ڇا ڪيو جو پنهنجي نٿ لاهي ست گورن جي هٿ ۾ ڏيئي چيو ”پتا جي منهنجي نٿ توهانجي هٿ ۾ آهي، وڻيوَ ته سُهاڳ بخشيو، وڻيو ته ڏهاڳ ڏيو.“ اِهي ڪومل لفظ ٻڌي ستگورن فرمايو ”پٽري، منهنجي عمر ۾ ڇهه ورهيه، ٻارهن مهنا ۽ ڪي ڏينهن رهيل آهن سي مان ڏاڍي خوشيءَ سان تنهنجي پتيءَ کي ڏيان ٿو.“

سري گورو امرديو جن تاريخ ١٣، بدي سنبت ١٦٣١ ساري سنگت ڪٺي ڪرائي ۽ پنج پيسا ۽ ناريل گهرائي سري گورو رامداس جن جي اڳيان رکي نمسڪار ڪيو ۽ گادي بخشي ۽ ساري سک سنگت کي فرمايائون ته ”پهرين ٻن گورو صاحبن سري گورو نانڪ ديو ۽ سري گورو انگد صاحب اُنهيءَ کي ئي پنهنجي گادي بخشي، جنهن پورن شيوا ڪري پاڻکي لائق ڪيو. اسين به سري گورو رامداس صاحب کي هر طرح گورائيءَ جو اَڌڪاري سمجهي اُنکي گادي بخشون ٿا. هو اسانجو روپ آهي. هنکي ئي اوهين پنهنجو ستگورو ڪري ميڃجو.“ اُن وقت ساري سنگت سري گورو رامداس کي اچي پيري پيئي. ٻن ڏينهن کان پوءِ سري گورو امرديو جن تاريخ ١٥، مهني بدي سنبت ١٦٣١ برابر سنه ١٥٧٤ع جي جوتـي جوت سمايا.

پاڻ سري گورو رامداس صاحب جن جي گاديءَ تي وهڻ جي اُستت ۾ هيٺين پؤڙي اُچاري آهي:-

رامداس صاحب جن کي چيو ته انهيءَ تلاءَ تي "سنتوک سر" نالو رکو ۽ حکم کيائون ته اُيرندي طرف هيناهينءَ زمين ۾ هڪ ٻيو تلاءُ کوٽايو، جنهنکي "امرتسر" کري کوٺيو ۽ فرمايائون ته "اِها زمين کنهن سمي وڏو تيرٿ هو." اِهي تلاءَ سري گورو امرداس صاحب جي ڏينهن ۾ اڃا تهي راس نه ٿيا هئا. سري گورو رامداس صاحب جن گاديءَ تي وهڻ کانپوءِ سري امرتسر آيا ۽ کي ڏينهن سري امرتسر ۾ کي ڏينهن سري گوئندوال ۾ گذاريندا هئا.

هڪڙي ڀيري سري گورو نانک ديو جن جو وڏو پٽ بابا سري چند صاحب، سري گورو رامداس صاحب جن وٽ گوئندوال ۾ آيو. جڏهن گورو صاحب کي اِها خبر پيئي، ته ڏهين گهڻو پنڌ کري کيس وٺڻ ويا ۽ گهڻي عزت سان کين وٺي آيا. بابا سري چند صاحب کي سنگهاسن تي وهاري پاڻ هيٺ ٿي ويٺا. صاحب هڪ بلکل سنو گهوڙو ۽ پنج سؤ روپيا پيٽا باباجي سري چند صاحب کي ڏني. بابا سري چند صاحب ڏاڍا پرسن ٿيا ۽ سري گورو رامداس صاحب جن کان پڇيائون ته "اوهان ايڏي ڊگهي ڏاڙهي ڇو رکائي آهي؟" صاحب جي نمرتا جا ڳهر هئا، تن جواب ڏنو ته "اوهان جهڙن سنت مها پرشن جي چرنن جي خاڪ ڇنڊڻ لاءِ مون ايڏي ڏاڙهي رکائي آهي." اهي لفظ ٻڌي بابا سري چند صاحب ڏاڍا خوش ٿيا ۽ چيائون ته "شاباس آهي اوهان جي ڪمائيءَ کي. اَهڙي غريبي ۽ نمرتا کري ته اوهان گورياڻيءَ جي گدي حاصل کئي آهي." پوءِ هو صاحب کان موکلائي کرتارپور موٽي ويا.

هڪ دفعي ڀائي گورداس صاحب جنهن جون من موهيندڙ "وارون" ۽ "کبت" مشهور آهن، سو ستگورن وٽ آيو ۽ متو ٽيکي ۽ هٿ جوڙي ويٺتي کيائين، ته سچا پاتشاه اوهين لهڻين جي پٽ آهيو ۽ لِکهرن جا گهر آهيو. اوهين دِيا پالي هن داس کي پنهنجي شرڻ ۾ لڳايو. صاحب کيس فرمايو ته "پيارا تون هيٺر آگري وڃ ۽ اُتي وڃي پرچار کر." ڀائي گورداس

انت ۾ پار ڪنهن ڪونہ پاتو آهي. جيڪي تنهنجي شيوا پريم رکي ڪن ٿا، تن کي تون ڀؤ ساگر کان پار لنگهائين ٿو. تون پنهنجن سکن جي رِدي مان لوڀ، لالچ، ڪام، ڪروڌ، موھ ۽ ٻيا بہ ڪيئي وڪار ٽوڙي ٻاهر ڪڍين ٿو. ڌن آهي تنهنجو استان! ڌن آهن تنهنجا شيواداري! مان نسچي ڪري ڄاڻان ٿو تہ تون سري گورو نانڪ ديو، گورو انگد ديو ۽ گورو امرديو جو روپ آهين! جڏهين مان تنهنجو درسن ڪريان ٿو، تڏهين منهنجي اندر کي ٺاپر اچي ٿي.

گادي تي وهڻ کانپوءِ سري گورو رامداس صاحب جن گهڻو وقت پرماتما جي ڀڄن ۾ ڌيان ۾ گذاريندا هئا. اڳين گورو صاحبن وانگي ڪٿا، ڪيرتن ۽ اُپديش ڪندا هئا ۽ لنگر بہ وٽن جاري هو. جيڪڏهين ڪو سک پنهنجيءَ خوشيءَ يا سرڌا سان ڪا پيٽا رکندو هو تہ اُها لنگر جي ڪم ۾ لڳائيندا هئا. هو وڏيءَ دل وارا ۽ بي پرواھ هئا. هڪڙي پيري هڪ زال موتين جي مالها کڻي صاحبن وٽ آئي ۽ صاحبن جي اڳيان رکي وينتي ڪيائين، "تہ ستگورو اوهين دئيا پالي هيءَ داسيءَ جي پيٽا قبول ڪريو." اُنوقت هڪ مست فقير صاحبن وٽ وينو هو. اُنهيءَ مست فقير صاحبن کان اِها موتين جي مالها گهري، جا صاحبن کيس هڪدم ڏيئي ڇڏي. هن زال کي اِهو ڏسي ڏاڍو ڏک ٿيو، پر گورو صاحبن کيس پربوڌ ڏنو تہ "پُتري، هيءَ مايا ڪنهن جي نہ آهي، ڪو ڪو کير اِها مايا پاڻسان کڻي آيو، ڪو ڪو کير پاڻسان کڻي ويندو. تون متان ڪو ڏک ڪرين. توکي ۽ تنهنجي اولاد کي واهگورو سدئيو سُکي رکندو."

سري گورو رامداس صاحب جن پنهنجن ستگورن جي ڏينهن ۾ سمدن آگيا موجب گوئندوال کان ٢٥ ميل پري اُتيجي زميندارن کان ڪجھ زمين خريد ڪري هڪ ڳوٺ ٻڌو هو، جتي درجي بہ درجي ڪيترا ماڻهو اُچي رهڻ لڳا. انهن جاين کي هاڻي "گوروءَ جو محل" ڪري ڪوٺيندا آهن. اُنجي ڀرسان صاحبن هڪ تلاءُ بہ ٺهرايو. سري گورو امرديو جن ڪجھ وقت کانپوءِ سري گورو

ٽات پرچ

”جيڪو پائيين ته مان ستگورن جو سک پاڻ کي ڪونائيان ته اُنکي جڳائي ته امرت ويلي جو اُٿي هريءَ جو نام ڏيائي. هنکي اُدم ڪري صبح جو سوير اُٿڻ گهرجي ۽ ست سنگ روپي امرتسر ۾ پنهنجو هردو صفا ڪرڻ گهرجي. هن کي گهرجي ته گوروءَ جو اُپديش سڻي پرماتما جو نالو جپي، انهيءَ ڪري سندس سڀ اُگر پاپ ناس ٿي ويندا. پوءِ جڏهين سج چڙهي، تڏهين ٻه گوروءَ جي باڻي ڳائيندو رهي ۽ اُٿندي وهندي هريءَ جو نالو پيو ڏيائي. جيڪو گوروءَ جو سک سواس سواس هريءَ جو نالو ڏيائي ٿو، اُهوئي گوروءَ کي وڻي ٿو. جنهن تي پرماتما ديال ٿئي ٿو، تنهنکي ئي گورو ملي ٿو، جو هن کي اُپديش سڻائي ٿو. اهڙي سک جي چرڻن جي ڌوڙ شل اسانکي ملي، جو پاڻ نام جپي ٿو ۽ ٻين کان ٻه نام جپائي ٿو.“

سري گورو رامداس صاحب راڳ ۾ بلڪل هوشيار هئا. سندن شبد اهڙا پريم ۽ ويراڳ سان ڀريل آهن، جو ٻڌندڙن جو من جهٽ پڄايو ڇڏين. صاحبن ڪٿين جوڳين ۽ پنڊتن ۽ ٻين کي اُپديش ڏنا آهن، جنجو هن مختصر جيون چرتر ۾ بيان ڪرڻ مشڪل آهي، اڄ ڏينهن سوڌو جنهن مهل سري امرتسر جي دربار صاحب ۾ پير پائجي ٿو، تنهن مهل اِها ئي لاٽ پيئي ٻڌڻ ۾ اچي، ”ڌن گورو رامداس صاحب! ڌن گورو رامداس صاحب!“

هڪ دفعي سري گورو رامداس صاحب جن جو سؤت پائي سهاري مل ستگورن وٽ آيو ۽ هٿ جوڙي وينتي ڪيائين ته ”سائين، منهنجي پٽ جي شادي آهي اوهين ديا پالي هلو.“ صاحبن فرمايو ته ”اسين ڪين هلي سگهنداسون، پر اسانجو هڪ پٽ اوهان سان گڏجي هلندو.“ صاحبن پنهنجي وڏي پٽ پرٿيچند کي چيو ”ته تون پائي سهاري مل سان شاديءَ تي گڏجي وڃ.“ پر هن وڃڻ جي ته ڪئي ۽ صاحبن کي چيائين ته ”جيڪڏهين مان ويندس ته دربار صاحب جو ڪم رلي ويندو.“ صاحبن پوءِ وري

صاحب ست وچن چئي آگري رواني ٿيو ۽ اُتي سِکيءَ جو پرچار ڪيائين. سندس اُپديش جو اهڙو اثر هو جو گھڻيئي صاحبن جا سِک ٿيا ۽ اُمرت ويلي اُتي نام جپڻ ۾ لڳي ويا. لوڪن ڏيهن ڪانپوءِ آگري جا سِک سڄي پاتشاه جي درسن لاءِ آيا ۽ صاحبن کان پڇيائون ته ”سائين سچي سک جا ڪهڙا لڇڻ آهن؟“ تنهن تي صاحبن هيٺيون سلوڪ اُچاريو:-

گؤڙي ڪي وار محلا (۴) پؤڙي (۱۱) سلوڪ (۲)

گورَ سَتگور ڪا جو سِکُ اکائي، سُ ڀلڪي[1] اُٿ هرنامُ ڌياوَئي

اُدَمُ ڪري ڀلڪي پرڀاتي[2]، اِشنانُ[3] ڪري اُمرتسر ناوَئي

اُپديش گورو هرهر جپُ جاپئي، سَڀ ڪلوکَه[4] پاپ دوکَه لهَه جاوَئي

ڦر چڙهئي دِوَسُ[5] گورَ باڻي گاوَئي، بَهدَئا[6] اُٺندئا هرنامُ ڌياوَئي

جو ساس گراس ڌيائي ميرا هرهَر، سُ گورَ سِکُه گورُو مَن ڀاوَئي[7][8]

جسنو دَيالُ هوَئي ميرا سواميِ، تسُ گورسِکه گورو اُپديشُ سُڻاوَئي

جن نانڪ ڌوڙ منگئي تسُ گورسِکه ڪي، جو آپ جپئي اوَرهَه نامُ جپاوَئي.

۱- ڇوائي؛ ۲- پرڀات جو سوير؛ ۳- اشنان ڪري؛ ۴- اُگرپاپ؛ ۵- ڏينهن؛ ۶- وهندي؛ ۷- ساه کڻندي ۽ ساه کڻندي؛ ۸- پسند پوي يعني وڻي.

سري ارجن صاحب اِها چٺي هڪ سک جي هٿان پنهنجي پتا کي موڪلي. جڏهين سک امرتسر ۾ پهتو، تڏهين دربار جي ٻاهران پرٿيچند بيٺو هو. هن سک کي سڃاتو ۽ پڇيائينس ته تو ڪا چٺي لاهور مان آندي آهي؟ سک هڪدم چٺي ڪڍي کيس ڏني. پرٿيچند پڙهي سک کي چيو ته "آءٌ پاڻيهي صاحبن کي چٺي پهچائي ڏيندس. تون هاڻي موٽي لاهور وڃ." هن صاحبن کي چٺي نه ڏني ۽ پاڻوٽ رکي ڇڏي. جڏهين سري ارجن صاحب ڏٺو ته چٺيءَ جو جواب ڪيترا ڏينهن نه آيو آهي، تڏهين ٻي پر ۾ ٻي چٺي صاحبن کي لکيائون:-

"ٽيرا مُکُ سُهاوا جِيءُ سَهَجَ ڌُنِ باڻِي، چرُهَوئا ديکي سارِنگَہ پاڻِي

ڌَنُ سُہ ديسُ جَهانْ تُوُن وَسِئا، مِيري سَجَڻَ مِيت

مُراري جيءُ

هَءُ گهولِي هَءُ گهولِ گُهمائِي، گُورَ سَجَڻَ مِيتَ

مُراري جيءُ" (اِڪَ رَهاءُ)

ٽات پرچ

هي ستگورو! اوهانجو منهن سوڀيڪ آهي ۽ اوهانجي باڻي شانتي بخشيندڙ آهي. هي ڀڳونت! اوهانجي درسن ڪئي مونکي گهڻو وقت ٿي ويو آهي. هي منهنجا سڄڻ، مترءِ مالڪ، اُها جاءِ ڌَني سڀاڳي آهي جتي اوهين رهو ٿا. هي گورو! مان اوهان پياري ڀڳونت تان گهل پاڻکي وري وري گهوري ڇڏيان!

اِها چٺي بہ پرٿيچند کيڏ ڪري سک کان وٺي هٿ ڪئي ۽ صاحبن کي نہ پهچائي. جڏهين ڪيترا مهنا گذري ويا ۽ سري ارجن صاحب ڏٺو تہ جواب ڪو نہ آيو، تڏهن سک کان پڇيائون تہ تو ڪنهن کي چٺيون ڏنيون؟ سک جواب ڏنو تہ سائين، مون اوهانجي وڏي ڀاءُ پرٿيچند کي ڏنيون. سري ارجن صاحب کي پڪ ٿي تہ چٺيون صاحبن کي ڪو نہ مليون آهن، نہ تہ هن کان اڳي

ٻئي ڀت مهاديو کي ساڳيو حڪم ڏنو. جنهن پڻ صاحبن کان معافي ورتي. تنهنتي صاحبن پنهنجي ننڍي پٽ سري ارجن صاحب کي سڏي چيو ته ”پيارا، تون ڀائي سهاري مل سان گڏجي شاديءَ تي لاهور وڃ؛ اُتي سکن کي اُپديش ڏيندو رهج؛ جڏهين اسين توکي گهرايون تڏهين اسانوٽ اچج. سري ارجن صاحب ست وچن چئي ڀائي سهاري مل سان گڏجي لاهور ويا. شاديءَ کان پوءِ ستگورن جي حڪم موجب سک سنگت کي اپديش ڏيندا رهيا. سري ارجن صاحب پنهنجي پتا سري گورو رامداس صاحب جن کي پرماتما جو روپ ڄاڻندا هئا. سندن درسن لاءِ سديو پيا سڪندا هئا؛ ائين پيا چوندا هئا ته، اُهو گهڙو سڀاڳو ڏينهن ٿيندو، جو صاحب مونکي پاڻ وٽ گهرائيندا. جڏهين ڪيترا ڏينهن اهڙيءَ طرح گذري ويا، تڏهين وياڪل ٿي هيٺيون چٺي صاحبن کي لکيائون:-

مانجهه محلا (٥) چؤپدي گهر پهلا شبد (٨)

”ميرا مَنُ لوچي گُورَ دَرَسَنَ تائي، بِلَپَ ڪَري چاتِرڪَ
ڪي نيائي
ترِکا نہ اُترَيِ سانْتِ نہ آويَ، بِنَ دَرَسَنَ سَنْتَ پِيارِي جيءَ
هَئُہ گهولي جيءُ گهولِ گُهمائي، گُورَ دَرَسَنَ سَنْتَ پِيارِي جيءُ“
(اِڪ رَهاءُ)

ڀاشا ارٿ

هي ستگورو! منهنجو من توهان جي درسن لاءِ پيو سڪي؛ ائين پيو ورلاپ ڪري جئين چاتڪ پکي برسات جي بوند لاءِ ورلاپ ڪندو آهي. هي پيارا، اوهانجي درسن کانسواءِ منهنجي پياس نٿي لهي؛ ڪا به شانتي اندر نٿي اچي. مان توهان پياري سنت ستگوروءَ جي درسن تان گهڻو گهڻو گهوري گهوري وڃان ٿو!

اُنهن جي لکائڻ مان ڪهڙو فائدو ٿيندو؟ ڪي هندبيون ته ڪينهن، جنهنجا پئسا مٽائي ڪائي وڃڻا اٿم.“ صاحب، جي دلين جا مالڪ هئا تن هڪ سک کي فرمايو ته پرٿيچند جي گهر وڃ ۽ سندس جامو جو ٻاهو ٽنگيو پيو آهي سو ڪڍي اچ. صاحبن پرٿيچند کي جامو ڏيکاري پڇيو، ته هي جامو تنهنجو آهي؟ جواب ڏنائين ته هائو، هي منهنجو آهي. صاحبن فرمايو ته هاڻي پنهنجن هٿن سان جامي جي کيسي مان چٺيون ڪڍي اسانکي ڏي. تنهنتي پرٿيچند ڏاڍو لڄي ٿيو. پوءِ صاحبن جامي مان چٺيون ڪڍي پڙهيون ۽ ڏاڍا خوش ٿيا ۽ ٻائي ٻڍي صاحب کي فرمايائون ته: ”هاڻي ارجن صاحب کي جلد لاهور مان وٺي اچو. اسين ٻنهنجي پياري کان سواءِ وڌيڪ رهي نٿا سگهون.“ جنهن وقت سري ارجن صاحب ٻائي ٻڍي صاحب سان سري امرتسر اچي پهتا، تنهن وقت سري گورو رامداس صاحب دربار لڳائي ويٺا هوا. سري ارجن صاحب پنهنجي پتا جو درسن ڪري پريم ۾ سرجي لڙڪ وهائي اچي صاحبن جي چرنن تي ڍهي پيا. صاحبن پنهنجي سپتر کي وٺي ڇاتيءَ سان لاتو ۽ کيس ڏسي ڏاڍا خوش ٿيا.

سري گورو رامداس صاحب پنهنجي سُپتر کي چيو ته ”پيارا، تون سوڍي ڪُل جو ڄڻو آهين. تنهنجون پريم جون چٺيون اسانکي ڏاڍيون وڻيون آهن. اهي شبد جا (٣) پد آهن. تون هاڻي ”نانڪ“ لفظ چوٿين پد ۾ وجهي شبد جو پورو ڀاءِ.“ تنهنتي سري ارجن صاحب هٿ جوڙي نمرتا سان هيٺيون پد اُچاريو:-

”ڀاڳُ هوئا گُرِ سَنْتُ ملائِئا، پَرڀُ اَبناسي گهر مهِ پائِئا شيوَ ڪَري پَلُ چسا نه وِڇُڙا، جَنَ نانڪَ داسَ تُماري جيءُ هَئُ گهولي جيءُ گهولِ گُهمائي، جَنَ نانڪَ داس تُماري جيءُ.“

ترجمو

هي ستگورو! منهنجا ڀاڳ وريا جو مون اوهان سنتن جو اچي

مونکي جواب ڏين ها. لنهنکري گهڻي سڪ سان ٽين چٺي صاحبن کي لکيائون :-

"اِڪ گهڙِي نہ مِلتي تا ڪَلجُگ هوتا، هُڻ ڪد مِلِيئي پرِيہ تُڌ ڀگونتا

موهہ رَئڻ نہ وِهاوئي نيد نہ آوئي، بِن ديکي گورَدَربَاري جيءُ

هَئُہ گهولي جيءُ گهول گهمائي، تِسُ سَچي گورَدَربَاري جيءُ (اِڪ رَهاءُ)

ٽان پرج

هي پيارا ڀڳونت! هڪ گهڙي مون سان نٿا ملو، ته منهنجي لاءِ ڪلجگ ٿي ٿو پوي. هاڻي ڀڄايو ته مونسان ڪڏهين وري اچي ملندا؟ اوهان صاحبن جي دربار جي درسن ڪان سواءِ منهنجي رات وڏي ورهيہ ٿي ٿي پوي. مونکي ننڊ ئي ڪا نہ ٿي اچي. مان اهڙي سچي گوروءَ جي دربار تان گهول گهماءُ ڪي وري گهوري گهوري چڙهان!

هن دفعي سري ارجن صاحب سڪ کي چڱيءَ طرح سمجهايو ته صاحبن کانسواءِ ٻئي ڪنهن کي چٺي اصل نہ ڏج. سڪ سٽ وڃن چٺي سري امرتسر ويو. جيسين پرٿيچند دربار ۾ هو، تيسين سڪ ٻاهر لڪي ٻهي رهيو؛ جڏهين پرٿيچند ٻاسي ٿيو، تڏهين هن دربار صاحب ۾ گهڙي مٿو ٽيڪي چٺي صاحبن کي هٿ ۾ وڃي ڏني. صاحب چٺي پڙهي ڏاڍو پوسن ٿيا، پر سڪ کان پڇيائون ته "چٺيءَ تي ٽيون نمبر لکيل آهي. ٻيون ٻہ چٺيون ڪٿي آهن؟" سڪ هٿ ٻڌي عرض ڪيو ته "سائين مون اوهانجي وڏي پٽ کي ڏنيون." صاحبن اُنهي مهل پرٿيچند کي گهرائي چيو ته "پيارا، هن سڪ توکي جيڪي (۲) چٺيون اسانکي پهچائڻ لاءِ ڏنيون آهن، سي ڏي." پرٿيچند غصي ۾ پرچي چيو ته "مونکي چٺيون ڪونہ مليون آهن. مونکي

(۲) هَرِ ڏِنُ اِشنانُ هَرِ ڏِنُ گيانُ، هَرِ سنگہ لاءِ ڏيانا
هَرِ ڏِنُ تُلهَا[1] هَرِ ڏِنُ پيڙِي، هَرِ هَرِ تارِ پرانا[2]

(۳) هَرِ ڏِنُ ميري چنتَ وِساري، هَرِ ڏِنِ لاهئا ڏوکا[3]
هَرِ ڏِنُ ڏي مئي نَوَ نِڌ پائي، هاتِ چرئو هَرِ ٿوکا[4]

(۴) کاوَهُ خَرَچُهُ توٽِ[5] نہ آوئي، هَلَتَ[6] پلَتَ کئي سنگي
لادِ خزانا گورِ نانَکَ کَئُهُ ديئا، هَہ مَن هَرِ رنگہ رنگي

تات پرج

”ري ماتا! تنهنجو پٽ نام روپي ڌن کٽي آيو آهي. اهو نام روپي ڌن منهنجي لاءِ جپ، تپ، ۽ پوڄن آهي. اِهو نام مون سنتن جي سنگ ۾ پاتو آهي. شل مان نام کي هڪ کن به نہ وساريان! هلندي، وهندي، سمهندي ۽ جاڳندي نام روپي ڌن ئي مونسان سهاءِ آهي. منهنجو اِشنان، گيان ۽ ڌيان بہ هري جو نام ئي آهي. هن ڀو ساگر مان ترڻ لاءِ ترهو ۽ ٻيڙي سو بہ هري نام ئي آهي. نام ئي منهنجون چنتائون لاٿيون ۽ دک دُور ڪيا. نام ڪري ئي مونکي نوَ ئي نڌيون مليون. نام جو خزانو کٽڻ جوئي نہ آهي. اِهو لوڪ پرلوڪ ۾ مونسان الڳ سنگ آهي. گوروءَ مونکي نام جو خزانو ڀري ڀري ڏنو آهي ۽ مان انجي پريم ۾ ئي مگهن آهيان.“

پرليچند ڀائي ٻڌي صاحب وٽ ويو ۽ چوڻ لڳو تہ ”ڀائي،

۱- ترهو ۲- تاري پار وٺي ويندو ۳- جنم مرڻ جو دک ۴- هڪ ي روپي پدارٿ ۵- ڀڃاڙي ۶- هن لوڪ توڙي پرلوڪ ۾ نام سنگ ليندو.

درسن ڪيو ۽ اوهان جي ديا سان مون ابناسي ٻيو هردي ڀرڏٺو. شل هاڻي مان سديو اوهان جي شيوا پيو ڪريان ۽ هڪ کن به اوهان کان جدا نه ٿيان! مان داس اوهانجوئي شيوڪ آهيان ۽ شل اوهانتان ٻاڻکي وري وري گهوري چڙهيان!

گورو صاحب اهو ٻڌي ڏاڍا پرسن ٿيا ۽ پنهنجي سپتر کي ٻاکر پائي فرمايائون ته ”پيارا، سري گورو امر ديو جن جا وچن آهن ته گورپائي شيوا ۽ نمرتا جو ڦل آهي. اِهي ٻئي گڻ اسين توهِ ڏسون ٿا، لنهنڪري اسين توکي گورپائي بخشون ٿا.“ ائين چئي گورو صاحبن ناريل ۽ پنج پئسا گهرائي سري ارجن صاحب جي اڳيان رکي هنکي متو ٽيڪيو ۽ پائي ٻڊي صاحب کي تلڪ ڏيڻ لاءِ فرمايو. صاحبن ٻوءِ ساري سنگت کي چيو ”ستگورن جا پيارا سکو! سري گورو ارجن ديو هن وقت کان وٺي اسانجو روپ ڪري سمجهو.“ اِهو ٻڌي ساري سنگت خوش ٿي ۽ سڀني اَچي سري گورو ارجن ديو جن کي متو ٽيڪيو.

درٻار مان اُٿندي ئي سري گورو ارجن ديو سڌو پنهنجي ماتا وٽ ويا ۽ وڃي کيس پيرين پيا ۽ اُن وقت هينئيون شبد اچاريائون:-

(راڳ گوجري محلا پنجوان شبد (۳)

(۱) هَرِدَنُ جاپَ هَرِدَنُ تاپَ، هَرِدَنُ پوجَنُ پائتا[1]

نِمَکَ نه بِسَرءَ من تي هَرِهَرِ، ساڌ سنگتِ مهِ پائتا[2]

مائي کاتَ آئيو گهرِ پوُتا[3]

هَرِدَنُ چلتي هَرِدَنُ بئسي، هَرِدَنُ جاگَتَ سوُتا

(اِڪ رَهائُ)

۱- ٿيو آهي ۽ ۲- هڪ کن، ۳- پٽ ،

(۱) جِسُ ڏِنَ کا ٺُمَ گُرُبُ کَرَتَ هَئُمُ، سو ڏِنُ کِسهه نہ آپَ

ٺُن مَهِ ڇوڙِ جاءِ بِکِتا رَسُ، ڏَئُمُ لاڳي پَڇُتاپَ[1]

(۲) جَو ٺُمري پَرَپَ هوتي سُوامي، هَرِتن کي جاپُهُ جاپَ

اُپَديش کَرَتَ نانَکَ جَنَ ٺُمَ کَئُمُ، جَئُمُ سُنُهِ ٺَئُمُ جاءِ سنتاپَ[2].

تات پرج

”هي پٽ، ڇو تو پنهنجي ڀيءُ سان جهيڙو ڪرين؟ جنهن توکي جڻيو ۽ نپائي وڏو ڪيو، تنهن سان وڙهڻ وڏو پاپ آهي. جنهن ڏن جو توکي ايترو فخر آهي، سو ڪنهن سان سنگ نہ آهي. اهو وشين روپي ڏن هڪ ڪن ۾ ناس ٿيڻ وارو آهي. سنيال، متان پوءِ پڇتائڻو پوئي. هيئنر بہ هري پرماتما جو سمرن ڪر ۽ اهو منهنجو اُپديش دل لائي ٻڌ، تہ تنهنجا دک دور ٿي وڃن.“

اهو ٻڌي پرٿيچند هيڪاري ٻي باهہ ٿي ويو ۽ چوڻ لڳو تہ ”سائين، واهہ! ساري سنگت جي اڳيان منهنجي عزت لاهي، ننڍي پٽ کي گادي ڏئي، هاڻي مونکي ٿا اُپديش ڏيو. اهو اُپديش پنهنجي ننڍي پٽ کي ڏيو، جنهنکي گاديءَ جو لائق سمجهيو اٿوَ. جيسين ڪيس تڪليفون نہ ڏيندس ۽ بدلو نہ وٺندس، تيسين مونکي آرام نہ ايندو.“ سري گورو رامداس صاحب پنهنجي پٽ جا ڪوڙا لفظ ٻڌي هيءُ شبد اُچارڻ لڳا:

۱- پڇتائڻو پوندءِ ۲- دک.

تون گرو نانڪ ديو جي ڏيهن جو آهين. مان تنهنجو ڏاڍو ادب
ڪندو هوس. پر اج تنهنجي هلت ڏسي منهنجي تو مان شرڌا لڪري
ويئي آهي. توکي خبر ڪانهي ته سارو دربار جو ڪم مون ئي پئي
ڪيو آهي ۽ بابو ته فقط نالي ماتر گورو هو. وڏو پٽ مان آهيان ۽
گادي به منهنجوئي حق آهي. اوهان مونسان ناحق ڪيو آهي. مان
ڪيترو به ڏن خرچي گادي هٿ ڪندس پوءِ اوهان سڀني کي
ڏسي وٺندس." ڀائي بڊي صاحب کيس سمجهايو ته "ابا، اهي
تڪرار جون ڳالهيون ڇڏي ڏي. انهي مان ڪي ڪين وٺيندين.
نمرتا ڪندين ته فائدو ٿيندءِ. تنهنجو پتا، جڳت گورو، تنهنجي لاءِ
توکي اها شرڌا آهي! بس تنهنجي هلت تان مونکي افسوس آهي!"
پرٿيچند کي اهو جواب ٻڌي ڪاوڙ آئي ۽ گهر وڃي هن پنهنجي
پتا کي هي ڪوڙا لفظ چيا:-

"اوهان مونسان انڌير ڪيو، جو منهنجو حق لنڊي پٽ
کي ڪٽي ڏِنُوَ. سمورو ڪم دربار جو مان ڪريان. هو ته ٻه سال
لاهور وڃي مزا ماڻي ۽ نڪو ڪم نڪا ڪار ڪري. ڪهڙو جادو
اوهانکي هنيو اٿس، جو سمورو هن جا ٿي وينا آهيو؟ پر فڪر
نه آهي جهڙي مونسان ڪئي اٿو، اهڙي مان به اوهانسان ڪندس.
مونوٽ ڏن گهڻو آهي. اُهو خرچي ڪنهن به ريت گادي هٿ
ڪندس." تنهن تي صاحبن کيس پرڀوڌ ڏيڻ لاءِ هيٺيون شبد
اُچاريو:-

سارنگ محلا چوٿان گهر ٽيجا ڌُپدي شبد (۷)

ڪاهي پوُتَ جهَگرَتَ هَئُم سَنْگِ باپَ

جِنَ کي جڻي بَڏيري تُمَ هَئُم، تِنَ سُئُم جهَگرَتَ پاپَ

(اِڪ رهاءَ)

۱- چاول.

اُسانجي ڀنيان روئندو، سو اسانکي ڀلڪل نہ وڻندو. * اوهين ڪرتار جي ڀاڻي تي راضي رهي سديو انجو نام جپيندا رهجو؛ ۽ سري گورو ارجن ديو کي اسانجو روپ ڪري ڄاڻجو." صاحبن پوءِ سري گورو ارجن ديو ڏانهن نهاري چيو تہ "پيارا، سري امرتسر جو تلاءُ، جو اسان سري امرديو جن جي چوڻ موجب کوٽايو آهي، تنهنکي تون چوڌاري پڪيون ڀڌائج ۽ وچ ۾ هرمندر جوڙائج." سري گورو ارجن ديو هٿ جوڙي چيو تہ "ستگورو! اوهين سڀ شڪتيوان ۽ سمرٿ آهيو. اوهانجي ديا سان سڀ ڪارج راس ٿيندا." صاحبن جي پرلوڪ پڌارڻ جي تياري ڏسي ماتا ڀانيءَ وينتي ڪئي تہ "ستگورو! اوهان کانسواءِ منهنجو هتي رهڻ مشڪل آهي. اوهين ديا ڀالي مونکي بہ پاڻسان گڏ پرلوڪ وٺي هلو." ستگورن چيو تہ "واهگوروءَ تنهنجو وڏو ڀاڳ ڪيو آهي. تنهنجو پتا، ماتا ۽ پتر ٽيئي گورو ٿيا آهن. تنهنجو جنم سڦل آهي. تون فقط ڪي ٿورا ڏينهن هوندينءَ؛ ۽ پوءِ جلد اسان سان اچي گڏبينءَ. تون دلجاءِ ڪر، واهگورو توکي سکي رکندو." اُنهي صبح جو سري گورو رامداس صاحب جي درسن لاءِ هزارين سک اچي ڪٺا ٿيا؛ ۽ درسن پائي نهال ٿيا. صاحبن سڀني کان موڪلائي سري جپ صاحب پڙهي چادر مٿان وجهي سمهي پيا؛ ۽ جوتي جوت سمايا. مٿرا ڀٽ سندن اُستت ۾ هينيون مها سندر § سوئئو اچاريو آهي :-

---

* "مت ميءُ ڀڇيءِ ڪوئي روڄسي، سو ميءُ مول نہ ڀانئا."
(رامڪلي "سد")

§ سوئئو هڪ ڪوتا جو نمونو آهي. سوئئا ڀٽن گورو صاحبن جي اُستت ۾ اُچاريا آهن، جي سري گورو گرنٿ صاحب جي پوين پترن ۾ چڙهيل آهن. هيءُ سوئئو (نمبر ١٦) پنجين پاتشاهيءَ جي اُستت ۾ چيل آهي ۽ منجهس سري گورو رامداس صاحب ڏانهن بہ اشارو ڪيل آهي.

سوهي محلا چوٿان شبد (٩)

(١) تني انتر هر آراڌنا، جن ڪئه ڌر لکئا لکت للارا
تنکي بخيلي ڪوئي ڪئا ڪري، جنکا انگه
ڪري ميرا هر ڪرتارا

....

ارٿ:- جنهنکي ڌروُن ئي مستڪ ۾ اهو ليکه لکيو پيو آهي، سوئي پنهنجي اندر ۾ هري پرماتما جي آراڌنا ڪري ٿو. جنهن (سري گورو ارجن ديو) جو سهائڪ ساري جڳت جو مالڪ هري ڪرتار آهي، تنهن سان ڪؤلس ڪري تون ڇا وٺيندين !............

سري گورو رامداس صاحب جن پرٿيچند جي بلڪل اينگي هلت ڏسي سمجهيو ته هو ڏنگائي ڪرڻ کانسواءِ ڪين ڪُسندو. اسانجي سرير ڇڏڻ جو وقت ويجهو آهي ۽ اسانجي مرضي نه آهي ته هو ڪو اُهڙيءَ مهل حاضر هجي، تنهنڪري ڀائي ٻڍي صاحب ۽ ٻين سکن سان صلاح ڪري پنهنجي ڪٽنب سوڌو گوئندوال ويا ۽ پرٿيچند امرتسر رهيو.

سري گوئندوال جا ماڻهو سري گورو رامداس صاحب کي ڏسي ڏاڍا خوش ٿيا. جڏهن ڀائي موهن ۽ ڀائي موهريءَ کي گورو صاحبن جي اچڻ جي خبر پيئي، تڏهن اُهي ٻه صاحبن جو درشن ڪرڻ آيا. ٻئي ڏينهن صاحبن وڏو لنگر ڪيو. ٽئين ڏينهن تاريخ ٣ ٻڍي سنبت ١٦٣٨ برابر سنه ١٥٨١ع جي امرت ويلي جو صاحبن باولي صاحب ۾ اشنان ڪيو. اشنان ڪرڻ کانپوءِ صاحبن سري گورو ارجن ديو ۽ پنهنجي استري ماتا ڀانيءَ کي ڀاڻوت گهرايو. پوءِ سري آسادي وار ۽ شبد شروع ٿيو. شبد ڪيرتن کانپوءِ گورو صاحبن سڀني سکن کي چيو ته ”پيارا، هاڻي اسانجي چولي ڇڏڻ جو وقت آيو آهي. اُوهين مٿان کو شوڪ ڪريو. سري گورو امرديو جن ٻه جوتي جوت سمائڻ وقت اهو فرمان ڏيئي ويا هئا ته جيڪو سکه

سري راگ محلا چوٿان

(پرماتما سان ملڻ جي سڪ)

سري راگ * محلا چوٿان گهر پهلا شبد (١-٦٥)

(١) مي مَنِ تَنِ بِرَهُ اَتِ اَگلا، کِئُ پريتَمُ ملي گهر آءِ

جاءِ ديکا پرڀُ آپڻا، پرڀِ ديکئي دُکُ جاءِ

جا پُڇا تنَ سَجڻا، پرڀُ کِتُ بِڌِ ملي ملاءِ

اَرٿ:- منهنجي من تن ۾ بلڪل گهڻي سڪ آهي ته پيارو (پرماتما) ڪيئن منهنجي گهر اَچي مونسان ملي (يعني منهنجي ردي ۾ پرماتما جي سروپ جو گيان ڪيئن ٿئي؟) جڏهين مان پنهنجي پرڀوُ کي ڏسندس، تڏهين پرڀوءَ کي ڏسندي ئي (وڇوڙي جو) دک لهي ويندو. (اِلهيءَ لاءِ) مان وڃي انهن سڄڻن (ستگورن) کان پڇان ته پرڀو ڪهڙيطرح ملي ٿو، اوهين مونکي هن سان ملايو. [برهه = پريم، وڇوڙو، سڪ؛ اَت = بلڪل؛ اگلا=گهڻو؛ ڪت= ڪهڙيءَ؛ بد = ريت.]

ميري ستِگورا مي تجهه بِنُ اَورُ نه کوءِ

هَمُ مورکهه مُگدَ سرڻا گتي، کَرِ کرپا ميلي هرِ سوءِ

(اِک رهاءُ)

*محلا = استري؛ استريءَ جو پيار پتار سان بلڪل گهڻو ٿيندو آهي.

” انتُ نہ پاوَتَ ديو سَڀيِ ، مُنِ اِندرَ[1] مهَا شِوَ جوگہ کَري

ڦِنِ[2] بيدَ برِنچ[3] بچارِ رَهَئو، هَرِ جاپ نہ چَڏِ هَئہ ايڪَ گهَڙي

مُتُرا[4] جَن کو پرَپ دِينَ ديالُ هَيِ ، سنگتِ سرِشٽ[5] نِهال کَري

را مداسِ گورُو جَگہ تارَنَ ڪَئہ[6]، گورَ جوتِ[7] ارجُنَ ماهِہ ڏري[8].“

ٽات پرج

سڀ ديوتائون ۽ معين جو وڏو شِوُ شيو (جو هزارين ورهيہ) سماڌي لڳائي رهيو آهي، اُهو بہ پري پورن پرماتما جو انت پائي نٿو سگهي. برهما ، جو ويد ويچاري رهيو آهي ۽ هڪ گهڙي بہ هري ء جو جاپ نٿو ڇڏي، يعني اُن ٿي پهر هري ء جو نام ٿو جپي، اُهو بہ سندس انت نٿو پائي سگهي. مترا يت چوٿين تہ اُنهيء دين ديال ، غريب نواز پرماتما (گويا) سري گورو رامداس صاحب جن جو روپ ڌاري ، سرشٽيء ۾ اچي سنگت کي نهال ڪيو ۽ جگت جي تارڻ واسطي پنهنجي شڪتي سري گورو ارجن ديو کي سؤنپي.

ست سري اُڪال.

۱- معين جو مالڪ يعني وڏو مني ؛ ۲- وري ، ۳- برهما ۴- يت جو نالو ؛ ۵- سرشٽيء ۾ اچي ؛ ٦- واسطي ؛ ۷- روشني ، شڪتي ؛ ۸- وڏي ، سؤنپي.

(٣) مَنَ هَٺ ڪنهِ نه پائيا، ڪَرِ اُپاوَ ٿَڪي سڀُ ڪوءِ
سَهَس سِياڻَپ ڪَرِ رهي، مَنِ ڪورَئِ رنگُ نه هوءِ
ڪوڙِ ڪَپٽِ ڪنهِ نه پائيو، جو بيجِئي ڪاوئِ سوءِ

اَرٿ:- من جي مت موجب هلڻ سان ڪنهن به پرڀوءَ کي نه پاتو آهي. سڀ (جيو) گهڻيئي (جپ تپ روپي) اُپاءَ ڪري ٿڪجي پيا آهن. (منمک جيو) هزارين چترايون ڪري ٿڪا، پر جن جو من ڪورو آهي (يعني جنهنجي من تي ايمان روپي ڪوراڻ چڙهيل آهي) تن ۾ پريم پيدا ٿي نه سگهندو. جيئن ڪوري ڪپڙي تي رنگ نه چڙهندو آهي، تيئن ايمانين کي پريم جو رنگ هرگز نه لڳندو آهي. ڪوڙ ۽ ڪپٽ سان (يعني بيکن ڌارڻ سان ڪنهن به (آتم آنند کي) نه پاتو آهي، جو جو جهڙو جهڙو ٻج ڇٽيو اهڙو ئي (ڦل) ڪائيو. [من هٺ=اَهنڪار، من جي مت موجب هلڻ؛ سهس=هزار؛ رهي= بيهي ويا، ٿڪجي پيا.]

(٤) سَڀِنا تيري آسَ پِربُ، سَڀَ جيءَ تيري تون راسِ
پِربُ تُڌَ هُ خالي ڪونهي، دَرِ گورمُکا نو شاباسِ
بِکُه ٻُڏِ جَلَ ڏُبَدي ڪَڍِ ليئِ، جَنَ نانَڪَ کي اَرداسِ

اَرٿ:- سري گورو نانڪ صاحب جن (داس ڀاو سان) وينتي ٿا ڪن ته ”هي پريو! سڀني کي تو ۾ ئي آس آهي، سڀ جيو تنهنجا آهن ۽ تون ئي سڀني جي پونجي يعني ڌن آهين. هي پريو! جيترو ٽيڪ تنهنجي چيتن ستا کان ڪوبه خالي ڪونهي (يعني سڀني ۾ تنهنجي چيتن ستا آهي)، نه به رڳو (جن ۾ تنهنجي اتڪرش ۾ تنهنجي چيتن ستا ڏٺي آهي تن) گورمکن کي ئي دربار ۾ شاباس ملي ٿي. هي پريو! اسين جو وکه روپ سنسار سمنڊ ۾ پيا ٻڏون،

اَرٿ:- هي منهنجا ستگورو! مونکي (پريوءَ سان ملائڻ لاءِ) اُوهان کان سواءِ ٻيو ڪوبہ ڪونهي. مان مورک ۽ موڙهو اوهان جي سرڻ آيو آهيان. مونتي اِها ڪرپا ڪريو، جو هري مونکي پاڻسان ملائي ڇڏي. [اور=ٻيو، مگڌ=گهٽو مورک، موڙهو.]

(۲) سَتگُورُ داتا هَرِ نامَ ڪا، پربُ آپ ملاوِئُ سوءِ

سَتگُورِ هَرِ پربَ ٻُجهيا، گُور جيوڏُ اَوَرُ نہ ڪوءِ

هُمُ گورَ سَرَڻائي ڍَهِہ پوان، ڪَر دَئِمَا ميلي پربَ سوءِ

اَرٿ:- ستگور ئي هري نام جو بخشيندڙ آهي، ۽ جڏهين پريو پاڻ اهو ملائي ٿو (تڏهين اهو گورو ملي ٿو.) ستگوروءَ ڪي ئي مان هريءَ جو روپ سمجهانٿو (ڇو جو) گوروءَ جيڏو وڏو ٻيو ڪو ڪونهي. اُهڙي گوروءَ جي سرڻ اَچي جڏهين سندس اڳيان ڪري پئبو، تڏهين اهو ديا ڪري پريوءَ سان ملائي ڇڏيندو. [ٻجهيا=سمجهيو، جاتو، جيوڏ=جيڏو وڏو، ڍهہ=ڪري.]

ڀت جو ڀيءُ سان يا ڀت جو ماءُ سان يا نوڪر جو مالڪ سان ايترو پيار نہ هوندو آهي جيترو استريءَ جو پنهنجي ڀتار سان. گورو صاحب پرميشور کي پنهنجو ڀتي سمجهي ڪيس پريم ڪن ٿا. محلا پهلا جي معنيٰ پهرين استري يعني پهرين پاتشاهي يعني سري گورو نانڪ ديو، محلا دوجا جي معنيٰ ٻي استري يعني ٻي پاتشاهي يعني سري گورو انگد ديو؛ محلا تيجا جي معنيٰ ٽين استري يعني ٽين پاتشاهي يعني سري گورو امر ديو؛ محلا چوٿان جي معنيٰ چوٿين استري يعني چوٿين پاتشاهي يعني سري گورو رامداس صاحب، محلا پنجوان جي معنيٰ پنجين استري يعني پنجين پاتشاهي يعني سري گورو ارجن ديو؛ اهڙيطرح ٻيون پاتشاهيون؛ پڙهڻ ۾ محلا پهلا، دوجا، تيجا، چوٿان، پنجوان.................ناوان ۽ دسوان صحيح آهي ۽ نہ محلا ايڪ، دو، ترئي، چار، پنج.................نو ۽ دس. [ڏسو خالصا ٽريڪٽ سوسائٽي امرتسر جو ڪوش صفحہ ۱۷۲.]

ستگورو! نام منهنجي اندر ۾ درڙهه ڪر. [درڙهاء=درڙهه ڪر يعني اهڙو پڪو ڪر، جو اڪنڊ جاپ نام جو پيو هلي.]

(٢) نامُ اَمولڪَ رَتنَ هيُ، پوُري سَتِگورَ پاسِ
سَتِگورَ سيوَيُ لَگيا، ڪَڍِ رَتنُ ديويُ پرَگاسِ
ڌَنُ وَڏَ ڀاڳيِ وَڏَ ڀاگيِئا جو آءِ مِلي گُورَ پاسِ

اَرٿ:- نام هڪ اَمولڪ رتن آهي، جو پوري ستگوروءَ وٽ آهي. جيڪي ستگوروءَ جي شيوا ۾ لڳي پيا آهن، تنکي (گورو) نام روپي رتن ڪڍي انجو سوجهرو ڏئي ٿو. ڌن آهن وڏ ڀاڳين ۾ (اهي) وڏ ڀاڳي، جي اچي ستگوروءَ سان ملن ٿا! [پاس=وٽ؛ ڌن=ساراهه جا لائق.]

(٣) جِنا سَتِگورُ پُرَکُ نہ ڀيٽيو، سي ڀاگَہ هِيڻَ وَسِ ڪالَ
اوءِ ڦِرِ ڦِرِ جونِ ڀوَائيئہِ، وِچِ وِشٽا ڪَرِ وِڪرال
اونا پاسِ دُئاسِ نہ ڀِٽيئيِ، جِنَ انٽرِ ڪِرودُ چنڊال

اَرٿ:- جن پرشن کي ستگورو نہ مليو آهي، اهي نياڳا جيو سدائين ڪال جي وس آهن، (يعني) اهي وري وري جونين ۾ ڀٽڪن ٿا؛ ۽ وشٽا ۾ (ڪيئڙن وانگي) مها ڀيانڪ روپ ڌارين ٿا. جن پرشن جي اندر ۾ ڪروڌ روپي چنڊال رهي ٿو، انجي آس پاس (يعني ويجهو) بہ نہ وڃڻ گهرجي. [ڀيٽيو=مليو؛ ڀاڳہ هيڻ=ڀاڳہ کان خالي يعني نياڳا؛ ڀوائيئهہ=ڀٽڪن ٿا؛ وڪرال=مها ڀيانڪ روپ وارا؛ پاس دُئاس=چوطرف، آس پاس؛ ڀٽيئيءَ=ڇهجي يعني ويجهو وڃجي.]

(٤) سَتِگورُ پُرَکُ اَمرِٽ سَرُ، وَڏَ ڀاگي ناوَهہِ آءِ
اُنَ جَنَمَ جَنَمَ کِي مَيلُ اُتَرَيُ، نرمَلَ نامُ دِرڙهاءِ
جَنَ نانڪَ اُتَمَ پَدُ پائئا، سَتِگورَ کِي لِوَ لاءِ.

لهن مان اسانکي ڪڍي وٺ." [راس=پونجي، ڌن؛ لڌھ=لوڪان يعني لهڻجي جيتن ستا ڪان؛ بکہ=وکہ، زھر؛ ڀؤجل=سنسار ساگر.]

(ستگورو ٕ جي اُستت.)

سري راڳ محلا چوٿان شبد (٢-٦٦)

(١) نامُ مِلي مَنُ ترِپتيئي، بِنُ نامي ڌِرگہ جيواسُ
ڪوئي گورمکہ سَجَڻُ جي مِلي، مي دَسي پرڀُ گُڻَ تاسُ
هَئُہ تِسُ وِٽهُ چؤ کَنيئي، مي نامُ کَري پرگاسُ

اَرٿ:- جڏهين نام ملي ٿو تڏهين من ترپت ٿئي ٿو. (يعني من مان پدارٿن جي ترشنا گم ٿي وڃي ٿي.) نام کانسواء جيئڻ جي آس کي ٿي ڌڪار آهي. شل ڪو اهڙو گياڙان سڄڻ مونکي ملي، جو مونکي گڻن جي سمندر پرماتما جو ڏس ڏئي! شل مان اهڙي (سڄڻ) تان چار ٽڪر ٿيان (يعني ٻاڪڪي قربان ڪريان،) جو مونکي نام جو پرڪاش ڪري (يعني گيان ڏئي!) [ترپتيئي=ڍئجي پوڻ؛ ڌرگہ=ڌڪار؛ جيواس=جيئڻ جي آس يعني خواهش؛ دسي=ڏس ڏئي؛ چؤکنيئي=چؤ معنيٰ چار ۽ کنيئي معنيٰ کنڊ يعني ٽڪر ٿيڻ، چار ٽڪر ٿيڻ يعني قربان ٿيڻ؛ پرگاس=پرڪاش، سوجهرو، گيان.]

ميري پرِيَتما هَئُہ جيوا نامُ ڌِياءِ
بِنُ ناوئي جيوڻُ نا ٿيئي، ميري سَتگورَ نامُ دِڙاءِ

(اِڪ رَهاءُ)

اَرٿ:- هي منهنجا پريتم ستگورو! مان تہ نام کي ڌيائڻ سان ئي جيئان ٿو. نام کانسواء منهنجو جيئڻ ٿئي ٿو ٿئي تنهنڪري منهنجا

ميري گووندا گڻ گاوا، ترپت مَن هوءِ
انتر پياس هر نام کي، گور تُس ملاوئي سوءِ

(اِڪ رهاءُ)

اَرٿ - هي منهنجا گووند! شل مان تنهنجا گڻ پيو ڳايان (ڇو جو ائين) منهنجو من ترپت ٿئي ٿو! منهنجي اندر ۾ هريءَ جي نام جي پياس آهي. شل گورو راضي ٿي مونکي اهو (نام) ملائي! [پياس = سڪ، اُڃ؛ تس = راضي ٿي، پرسن ٿي.]

(٢) مَن رنگهُ وڏ ڀاڳيهو، گور تُٺا ڪري پساءُ
گور نامُ دِرڙ ائي رنگ سِءُ، هَئُ سَتگور ڪي بِل جاءُ
بِنُ سَتگورَ هرنامُ نه لڀئي، لک ڪوٽي ڪرمَ ڪماءُ

اَرٿ - هي وڏ ڀاڳي پرشو! اوهين پنهنجي من کي (هريءَ جي پريم ۾) رڱيو، ته گورو راضي ٿي اوهانتي (نام جي) بخشش ڪري. اُهڙي گوروءَ تان شل مان بلهار وڃان، جو (پرسن ٿي) پريم سان نام درڙ ڪرائي ٿو. ستگوروءَ کان سواءِ هريءَ جو نام پراپت نٿو ٿئي، باوجوديڪ لک بلک ڪروڙ (جپ، تپ، دان، اشنان آدڪ) ڪرم ڪٿي ڪجن. [رنگهه = رڱيو؛ تٺا = راضي ٿي؛ پساءُ = پسارو، مهر، بخشش؛ رنگ = پريم؛ ڪوٽي = ڪروڙ؛ بل = بلهار.]

(٣) بِنُ ڀاڳا سَتگورُ نا مِلئي، گهر بيٺيا نِڪٽ نِت پاسِ
اَنتر اڳيانَ دُک ڀرمَ هئي، وِچ پڙدا دُور پئيئاس
بِنُ سَتگورَ ڀيٽي ڪنچنُ نا ٿيئي، مَنمُک لوهه ٻڏا ٻيڙي پاسِ

ارٿ:- ستگورو پرک (نام روپي) اَمرت جو تلاءُ آهي، جنهن ۾ رڳو ڀاڳوان پرش ئي اَچي اِشنان ڪن ٿا (يعني گوروءَ روپي تلاءَ ۾ نام روپي جل سان انتهڪرڻ کي صاف ڪرڻ لاءِ ٿا اَچن؛ ۽ جيڪي اِئين ڪن ٿا) انهنجي (انتهڪرڻ تان) جنم جنمانترن جي (ترشنا ۽ پاپن روپي) ميل لهي وڃي ٿي، (ڇو جو ستگورو کين) پوتر نام درڙ ڪرائي ٿو ڇڏي. سري گورو نانڪ صاحب داس ڀاڱ سان چون ٿا ته جن پرشن ستگوروءَ جي (سکيا دواران نام ۾) ورتي لڳائي آهي، انهن (مکتيءَ جو) اُتم پد پاتو آهي. [سر=تلاءُ؛ ناوهه= اَشنان ڪن ٿا؛ لوَ=ورتي، ڏيان.]

(وڏن ڀاڳن سان ئي ستگورو ملي ٿو، جو نام جو داتار آهي.)

سري راگ محلا چوٿان شبد (٣-٦٧)

(١) گُڻَ گاوا گُڻَ وِٿرا، گُڻَ بولي ميري ماءِ
گورمکه سجڻُ گُڻڪاريئا، مِلِ سجڻَ هرگُڻَ گاءِ
هيرِئي هيرُ مِلِ بيڌِيا، رنگِ چلوُلئي ناءِ

اَرٿ:- هي منهنجي سکي (يعني هي ڀائي!) شل مان (سديو پرماتما جا) گڻ ڳايان، ۽ گڻن جو وستار ڪريان ۽ گڻ بين کي ٻڌايان! گورمکه جي پرماتما جا گڻ ڳائيندڙ آهن، اهي منهنجا سڄڻ آهن؛ شل مان انهن سان ملي هريءَ جا گڻ ڳايان! جيئن هيرو هيري سان ونڌبو آهي، (تيئن هي اگياني جيو جڏهين سنتن جي سنگه ۾ ملي سڌري ٿو، تڏهين ئي پرماتما جي) ڳوڙهي رنگه ۾ اِشنان ڪري ٿو يعني پوتر ٿئي ٿو. [وِٿرا = وستار ڪريان ماءِ = ماتا، هتي سکي؛ گڻڪاريئا = گڻ ڳائيندڙ؛ هيرئي = هيري سان، هير = هيرو؛ بيڌيا = ونڌ جي ٿو يعني ايڪاگر ورتي لڳي ٿي وڃي؛ چلولئي = ڳوڙهو؛ ناءِ = اِشنان ڪرڻ.]

(ستگورن جي سَت پرشن سان ملڻ جي سڪ)

سري راڳ محلا چوٿان شبد (٤-٦٨)

(١) هَئُه پَنْتُ دَسائِي نِتَ کَڙِي، ڪوئِي پَرڀُ دَسي تِنِ جاءِ

جِني ميرا پِيارا راوِيا، تِن پيڇي لاڳِ ڦراءِ

ڪَرِمنْتِ ڪَرِ جودَڙِي، مَي پَرڀُ مِلڻِي ڪا چاءِ

ارٿ - آءٌ نت کڙي ٿِي (يعني گهڻي اوني سان پريَن جي) واٽ پيئي پڇايان. (جيڪڏهين) ڪو مونکي پريوءَ (جي مارڳ) جو ڏس ڏئي (ته هولد مان) انهي وٽ (خوشيءَ سان) وڃان. جن (گياني روپ سکين) منهنجو پيارو (پرماتما) ماڻيو آهي (يعني جن انجو آنند پراپت ڪيو آهي) تنجي پنيان مان ڦرنديس؛ ۽ (انهنکي) گهڻي منت ميڙ ۽ وينتي ڪنديس (ته پريوءَ جو مارڳ بتايوم، ڇو جو) مونکي پريوءَ جي ملڻ جي سڪ آهي. [پنت = پنڌ، واٽ؛ دسائي = ڏس پڇايان؛ کڙي = بيني يعني سڪ وچان اٿي ڀر آرام ڦنائي سجاڳ رهي؛ دسي = ڏس ڏئي؛ منت = منت ميڙ؛ جودڙي = وينتي؛ چاءِ = چاهه، سڪ.]

ميري ڀائِي جَنا، ڪوئِي موڪَئُه هَرِ پَرڀُ ميل ملاءِ

هَئُه سَتگورَ وِٿهُه واريا، جِنِ هَرِ پَرڀُ ديئا دکاءِ

(اِڪ رَهائِ)

ارٿ - هي منهنجا ڀائي! آهي ڪو (اهڙو پر اپڪاري) جو مونکي هري پريوءَ سان ملائي؟ (اهڙو پرش رڳو منهنجو ستگورو ئي آهي) (تنهنڪري) مان (پنهنجي) ستگوروءَ تان بلهار وڃان، جنهن مونکي هري پريوءَ جو درسن ڪرايو آهي. [وِٿهُه = وٽان يعني تان؛ واريا = بلهار وڃان.]

اَرٿ - آتم پاڳ ڪانسواءِ ستگوروءَ سان ميلاپ نہ ٿيندو، ڪٿي گورو گهر ۾ ويچهو هجي يا سدائين پرسان هجي (مطلب تہ جيسين شِشُ پنهنجن آتم ڪرمن ڪري پاڪي انهيءَ ڪَرِيءَ تي نہ پهچايو آهي، جو سندس چت جو لاڙو پورو پورو گوروءَ ڏي ٿئي، تيسين گوروءَ جو اثر مٿس نہ ٿيندو، ڪري هو گوروءَ سان گڏ گذاري.) جنهجي اندر ۾ اگيان جي ڪري دک ۽ ڀرم آهي، تنکان انهن (دک ۽ ڀرم روپي) پردن جي وچ ۾ پوڻ ڪري (گورو) دور ٿيو آهي. ستگوروءَ جي ملڻ ڪانسواءِ هي جيو سون (يعني شد روپ) نٿو ٿئي. (انهيءَ سبب ڪري ئي) منمک (جيڪي گوروءَ روپي پارس سان نٿا ملن سي) لوهہ (يعني ميلي جا ميلا) آهن ۽ جيتوڻيڪ (ستگوروءَ جي نام روپي) بيڙي سندن پرسان آهي، تہ بہ (سنسار ساگر ۾) ٻڏن پيا. [ڪت= ويجهو؛ ڪنچن= سون.]

(٢) سَتِگورُ بوهِٿُ هَرِنامَ هيِ، ڪِتُ بِڌِ چَڙِئا جاءِ
سَتِگورُ ڪي ڀاڻيءَ جو چَلي، وِچ بوهِٿِ بَئِٺا آءِ
ڌَنُ ڌَنُ وَڏڀاڳي نانَڪا، جِنا سَتِگورُ لَئي مِلاءِ

ارٿ - (پرشن:-) ستگوروءَ وٽ هري نام روپي جهاز آهي، پر (سنسار سمند جي ترڻ لاءِ) انهي ۾ ڪهڙي طرح چڙهجي؟

(اتر:-) جيڪو جيو ستگوروءَ جي ڀاڻي انوسار هلي ٿو، سوئي انهي جهاز ۾ اچي وهي ٿو (يعني تہ جيڪو گوروءَ جي آگيا موجب هلي ٿو، تنهن کي ئي گورو پرسن ٿي نام جو اپديش ڪري ٿو، جنهن نام جي پرتاپ سان اهو جيو سنسار ساگر تري ٿو وڃي.) سري گورو نانڪ صاحب جن فرمائين ٿا تہ اهي وڏڀاڳي پرش ڌنيواد جا لائق آهن، جنکي ستگور وٽي (پرماتما سان) ملائي ٿو. [بوهٿ = جهاز؛ ڪت = ڪهڙي؛ بڌ = ريت، طرح؛ ڀاڻيءَ = حڪم موجب؛ حڪم جو ارٿ آهي ايشور جا اَٽل قدرتي قاعدا.]

(٤) آپي سَتگورُ آپ هَرِ، آپي ميل مِلاءِ
آپ دَئِيا کَرِ ميلَسِي، گورَ سَتگورَ پِڇي پاءِ
سَڀُ جَگَ جيونُ جَگَ آپ هيِ، نانَڪَ جَلُ جَلَهِ سماء.

اَرٿ- پاڻ ئي هري ستگورو آهي ۽ پاڻ ئي پنهنجي ميل (يعني ست سنگ) ۾ ملائي ٿو. پاڻ ئي (پهريون) ڪرپا ڪري جگياسوءَ کي وڏي (يعني پوڄڻ لائق) ستگوروءَ جي پنيان لڳائي (يعني ستگوروءَ جي شيوا ڪرائي ۽ ستگوروءَ کان اپديش ڏياري) پاڻسان ملائي ٿو. سري گورو نانڪ صاحب جن فرمائين ٿا ته پاڻ ئي پريو جڳت جو پراڻ روپ آهي ۽ پاڻ ئي سنسار روپ ٿي پاسڻ ۾ اچي ٿو (۽ منجهس ائين سمايل آهي) جيئن جل (جون لهرون) جل ۾ سمايل آهن. [ميل = ميلاپ، هتي ٿيندو سنگت؛ ميلسي = ملائي ٿو؛ جيون = جياپو، پراڻ.]

(هري نام جهڙو آنند ٻيو ڪو ڪونهي)

سري راڳ محلا چوٿان شبد (٥-٦٩)

(١) رَسُ اَمرِتُ نامُ رَسُ اَتِ ڀَلا، ڪِتُ بِڌ مِلِي رَسُ کاءِ
جاءِ پُڇَهُ سوهاڳڻِي، تُسا ڪِئُ کَرِ مِليا پَرڀُ آءِ
اوءِ ويپَرواهَ نَ ٻولَئِي، هئُ مَلِ مَلِ ڌووا تِنَ پاءِ

ارٿ:- رسن ۾ رس اَمرت نام جو بلڪل چڱو آهي (ٻيو جو ٻيا رس وڪار پيدا ڪندڙ آهن ۽ جنم مرڻ جي چڪر ۾ ڦاسائڻ وارا آهن، باقي نام جو رس پاڻ شانتي ڏيندڙ آهي ۽ جنم مرڻ کان مڪت ڪرائيندڙ آهي. پر) اهو رس ڪهڙي طرح پراپت ڪري کائجي (يعني ماڻجي؟) مان سهاڳڻين (سنتن) کان وڃي پڇنديس ته اوهانکي پريو ڪيئن اچي مليو؟ (پر) اُهي بي پرواهه آهن ۽ مونکي ڪين ٻڌائينديون، تنهنڪري مان انهنجا چرن ملي ملي ڌوئنديس (پاو-

(٢) هوءِ نِماڻي ڍِهِ پوان، پُوري سَتِگُورَ پاسِ

نِماڻِيا گُورُ ماڻُ هيٖ، گُورُ سَتِگُورُ ڪَري شاباسِ

هَئُہ گُورُ سالاهِ نہ رَجَئُو، مئِ ميلِي هَرِ پَرَڀُ پاسِ

اَرٿ - مان نماڻي ٿي پورن ستگوروءَ (جي چرنن) وٽ ڪري ٿي پوان. نماڻن جا ماڻ گورو ئي آهي (يعني گوروئي انهنڪي مان جو لائق ٿو ڪري)، تنهنڪري) مان پنهنجي وڏي ستگوروءَ جي ڏنيواد ڪريان ٿي. جنهن ستگوروءَ مونکي هري پرڀوءَ سان ملائي ڇڏيو آهي، تنهن گوروءَ جي ساراهہ مان ڍاپان ئي ڪين ٿي. [ڍهہ = ڪري؛ پاس = وٽ؛ گور = وڏو؛ شاباس = ڏنيواد؛ رَجَئُو = ڍاپجڻ.]

(٣) سَتِگُورَ نو سَڀِڪو لوڇدا، جيتا جَگَتُ سَڀُڪوءِ

بِنُ ڀاڳا دَرَسَنُ نا ٿيئي، ڀاڳَہ هينڻ بَهِ روءِ

جو هَرِ پَرَڀُ ڀاڻا سو ٿيئا، ڌُرِ لِکِيا نہ ميٽي ڪوءِ

ارٿ - جيڪي بہ جيو هن جڳت ۾ آهن، سي سڀ ستگوروءَ کي پيا چاهين. (ڀاو- سڀ جيو سک جي اڇا ڪن ٿا، پر سُک روپ تہ هڪ مالڪ ئي آهي، جو مالڪ گوروءَ جي ڪرپا کانسواءِ پراپت نٿو ٿئي. تنهنڪري ائين ٿي ڇئبو تہ سڀيئي ستگوروءَ کي چاهين پيا.) پر چڱن ڀاڳن کان سواءِ (ستگوروءَ جو) درسن نٿو پراپت ٿئي. جيڪي اَڀاڳا جيو آهن، سي (جنم جنمانترن جي چڪر ۾ ڌڪا کائي) ويهي روئن ٿا (ڇو جو انهنکي سک سروپ پرماتما پراپت نٿو ٿئي.) جيڪي سندن اڳين جنمن جا ڪرم ڦل لکيل آهن، تن موجب هري پرڀوءَ جو حڪم ٿئي ٿو، ۽ جيڪو پرماتما جو ڀاڻو آهي سوئي ٿئي ٿو ۽ الکي ميٽڻ جي ڪنهنکي بہ سمرٿي نہ آهي. [لوڇدا = چاهين ٿا؛ جيتا = جيترا بہ يعني سڀيئي؛ ڌر = اڳين جنمن جا ڪرم ڦل؛ ميٽئِ = ڊاهڻ، ڦيرائڻ.]

(٣) اِهُ هَرِ رَسُ وَڻِ تِڻِ سَبهَنُ هيُ، ڀاگَ هيڻَ نهي کاءِ

بِنُ سَتِگورَ پلئي نا پوئي، منمکه رهي بِللاءِ

اوءِ سَتِگورَ آگئي نا نوَهِ، اونا اَنتَرِ کرودُ بلاءِ

ارٿ:- اهو هري رس وڻ ٽڻ آدڪ ساري سرشٽيءَ ۾ (اڪ رس) پورڻ آهي، پر جيڪي جيو ڀاڳا آهن، سي اهو رس نٿا ماڻي سگهن. ستگوروءَ (جي ڪرپا) کانسواءِ (اهو هري رس) حاصل نٿو ٿئي. منمک جيو (جنکي هري رس پراپت نہ ٿيو آهي، اُهي دکي ٿي) ورلاپ پيا ڪن. اهي ستگوروءَ جي اڳيان نٿا نمن، ڇو جو) انهنجي اندر ۾ ڪروڌ روپي بلا آهي. [بللاءِ=ورلاپ پيا ڪن.]

(٤) هَرِ هَرِ هَرِ رَسُ آپِ هيُ، آپي هَرِ رَسُ هوءِ

آپِ دَئِيا ڪرِ ديوَسي، گورَمُکِ اَمرِتُ چوءِ

سَبُ تَنُ مَنُ هَرِيا هوئِيا، نانڪَ هَرِ وَسِيا مَنِ سوءِ

ارٿ:- واهگرو پاڻ ئي هري رس آهي، ۽ هري رس وٺندڙ (جگياسو) بہ پاڻ آهي، ۽ پاڻ ئي پنهنجي ديا ڪري گورؤ روپ بنجي جگياسو جي مک ۾ پنهنجو نام روپي امرت وجهي ٿو. سري گورو نانڪ صاحب جن فرمائين ٿا تہ جن گورمکن جي من ۾ هري اچي وسي ٿو، انهنجا تن من سيبتي ساوا ٿين ٿا (مطلب اهو آهي تہ انهنجو تن سڦل ٿئي ٿو ۽ انهنجو من آتم آنند پائي ٿو.) [ديوسي= ڏئي ٿو؛ چوءِ=چوئي ٿو، پائي ٿو، وجهي ٿو؛ هريا=ساوا، سڦل، سڪيارٿ.]

جيڪڏهين منهنجي شيوا تي پرسن ٿينديون ته پوءِ ڪرپا ڪري مونکي ٻڌائينديون ته پريو ڪيئن ڪيئن مليو.) [پلا=پلو، ڇڳو؛ اُس= تمام، بلڪل؛ تُسا=توهانکي؛ پاءِ=پير.]

پائي ري، مِل سَجَڻ هَرِ گُڻَ سارِ
سَجَڻُ سَتگورُ پُرکُ هيِ، دُکُ ڪَڍيِ هؤميِ مارِ
(اِڪَ رَهاءُ)

اَرٿ:- هي پائي! سڄڻ سان ملي هريءَ جا گڻ ياد ڪر. سڄڻ (ته هڪڙو) ستگورو پرش ئي آهي، جو اندر مان هؤميءَ روپي دک کي (گيان روپي ترار سان) ماري ڪڍي ٿو. [سار=ياد ڪر.]

(۲) گورَ مُکِيئا سوهاڳڻِي، تِنَ دَئِيا پئِي مَنِ آءِ
سَتگورَ وَچنُ رَتَنُ هيِ، جو مَنِي سُ هَرِ رَسُ کاءِ
سي وَڏَ ڀاڳِي وڏ جاڻِيئَهِ، جِنَ هَرِ رَسُ کاڌا گورَ ڀاءِ

ارٿ:- (منهنجي شيوا تي پرسن ٿي) گورمک روپي سهاڳڻين جي دل ۾ ديا آئي؛ (جو مونکي هري رس پائڻ جو اپديش ڏنائون) هي پائي، ستگورن جو اپديش رتن (وانگر اَمولڪ) آهي ۽ جيڪو جيو انکي مڃي ٿو، سوئي هري رس کائي ٿو (مطلب اِهو آهي ته جيڪو گوروءَ جي اپديش موجب هلي ٿو تنهنکي واهگوروءَ جي سروپ جو آنند پراپت ٿئي ٿو.) تنهنڪري اهي جيو وڏا وڏڀاڳي سمجهڻ گهرجن، جن (سنسار ۾ اچي) گوروءَ سان پريم رکي (يعني گوروءَ جي اپديش ۾ نسچو رکي، ۽ انهي موجب هلي) هري نام جو رس ماڻيو آهي. [مني=مڃي ٿو يعني نسچو رکي انهي موجب هلي ٿو؛ ڀاءِ=پريم رکي، ڀاڻي انوسار هلي.]

(٢) گورمت هر لو اُپري، اُلپت رهي سرڻاءِ
اوني چلڻ سدا نهالبا، هرخرچ ليئا پت پاءِ
گورمکه درگهه منيئهه، هر آپ لئي گل لاءِ

ارٿ - جيڪي جيو گورن جي سکيا گرهڻ ڪري هريءَ سان ورتي لڳائي بيٺن ٿا، اهي (پدارٿن هوندي به) پرميشور جي سرڻ وٽي نرليپ رهن ٿا (يعني پدارٿن ۾ وهنوار ماتر ورتن ٿا؛ باقي پنهنجو من انهنکان نيارو رکن ٿا.) اهي (گورمکه) لاڏاڻي (مؤت) کي سديو پيا (سنسار ۾) ڏسن (يعني سمجهن ٿا ته سڀ ناسونت آهي)؛ تنهنڪري اهي (رستي لاء) نام روپي توشو ڪڻن ٿا؛ جنهنڪري (لوڪ ۽ پرلوڪ ۾) عزت پائين ٿا. گورمکه درگاهه ۾ قبول پون ٿا ۽ هري پاڻ کين گلي سان لائي ٿو (يعني انهنکي پاڻسان ملائي هڪ ڪري ٿو ڇڏي.) [مت = سکيا؛ لو = ورتي، ڌيان؛ اپري = بيٺن ٿا؛ الپت = نرليپ، نيارا؛ چلڻ = لاڏاڻو، مؤت؛ نهاليئا = ڏسن ٿا؛ منيئهه = مڃيا وڃن ٿا، قبول پون ٿا.]

(٣) گورمکا نو پنٿ پرگٽا، در ناڪ نه ڪوئي پاءِ
هر نام سلاهن، نام من، نام رهن لو لاءِ
انهد ڌني در وجدي، در سچي سوڀا پاءِ

ارٿ - گورمکن کي (پرماتما سان ملڻ جو) رستو پڌرو آهي. انهنکي دربار ۾ وڃڻ کان ڪو روڪ ٽوڪ ڪري سگهي. اهي هريءَ جو نام ساراهين ٿا، ۽ نام مڃن ٿا ۽ نام ۾ ئي لو لڳائين ٿا. انهن جي اندر ۾ انهد شبد جي ڌني پيئي وڄي (يعني اٺ ئي پهر انهن جي اندر ۾ نام جو اکنڊ جاپ پاڻيهي جو پاڻيهي پيو جپجي؛ جنهن جاپ ڪري) اهي سچي پربوءَ جي دربار ۾ آبرو پائين ٿا. [پرگٽا = پرگهٽ، پڌرو؛ در = دربار؛ ناڪ = روڪ؛ انهد = جو بنا وڄائڻ جي پاڻيهي جو پاڻيهي پيو وڄي؛ ڌني = لات؛ در = اندر ۾.]

(انت ۾ نام ئي سهاءِ)

سري راڳ محلا ٽيجا شبد (٦-٧٠)

(١) ڏنَسُ چڙِيُ ڦِرِ آٿَويُ، رَئِڻِ سَبائِي جاءِ
آنوَ گهَٽِي نَرُ نا بُجهيِ، نِتِ مُوسا لاجُ ٽڪاءِ
گُڙُ مِٺا مائِيا پَسَرِيا، مَنَمُکُ لَگِ ماکِي پَچِيِ پَچاءِ

اَرٿ - ڏينهن (يعني سج) چڙهي ٿو، وري لهي ٿو ۽ (تنهنکانپوءِ وري) ساري رات (به) گذري وڃي ٿي. (اهڙي طرح) عمر پيئي گهٽجي، پر (منمک جيو) سمجهيئي نٿو ته (کو) هر روز (ڏينهن رات روپي) کوئا (عمر روپي) نوڙي پيا ٽڪين. (پرشن:- جيو ڇو نه ٿا سمجهن ته اسانجي عمر اجائي پيئي وڃي؟ اُتر:-) مايا روپي ڳڙ جو ميناج چؤطرف ڦهليو پيو آهي، (۽ جهڙيطرح مکيون مناڻ جي لالچ تي ڳڙ ۾ پئي ناس ٿيون ٿين، تهڙيطرح) منمک جيو (وشين روپي) ماکيءَ کي چنبڙي پاڻ ته جلن ٿا (يعني ڦاسي پون ٿا) پر (پنهنجن سنبنڌين ۽ سائين کي به) جلائين ٿا (يعني ڦاسائين ٿا.) [آٿويِ = لهي ٿو؛ آنو = عمر؛ موسا = کوئا؛ لاج = نوڙي؛ پسريا = ڦهليل آهي؛ پچيءَ = پچن يعني جلن ٿا؛ پچاء = پچائين يعني جلائين ٿا.]

ڀائي ري مِيِ مِيتُ سَکا پَرِيُ سوءِ
پُتُ ڪَلَتُ موهُ بِکُهُ هيِ، انْتِ ٻيلِي ڪوءِ نه هوءِ

(اِڪ رَهاءُ)

اَرٿ - هي ڀائي! (ائين ڄاڻ ته) منهنجو متر ۽ ساٿي اهو پرڀو ئي آهي، (ڇو جو) پٽ ۽ استريءَ سان موه زهر وانگر آهي، (ڇو ته انهن مان) ڪو به انت ويلي سهائڪ ٿٿو ٿئي. [ڪلت = استري؛ بکه = وک؛ ٻيلي = سهائڪ.]

سري گورو ارجن ديو جن جو

مختصر جيون چرتر

جنم، ٻالڪ اوستا ۽ شادي

سري گورو ارجن ديو جن، سري گورو رامداس صاحب جن جا ننڍا پٽ هئا. سندن ٻن وڏن ڀائرن جا نالا هئا پرٿيچند ۽ مهاديو. صاحبن جي ماءُ، ماتا ڀاني سري گورو امر ديو جن جي ڌيءُ هئي. سري گورو ارجن ديو جن جو جنم تاريخ ٢٢، ويساک سنبت ١٦٢٠ برابر ١٥٦٣ع منگل جي ڏينهن سندن ناناڻي گهر گوئندوال ۾ ٿيو. جنم ساکيءَ ۾ لکيل آهي ته جڏهين صاحب فقط ٻن سالن جا هئا، تڏهين هڪڙي ڏينهن پنهنجي ناني سري گورو امر ديو جن جي گاديءَ تي چڙهي ويٺا. جڏهين سري گورو امرديو جن آيا ۽ پنهنجي پياري ڏوهٽي کي گاديءَ تي ويٺل ڏٺائون، تڏهين کين هنج ۾ کڻي پيار ڪري چيائون "ڏوهٽا، اڃا ٿورو ترس، ڪر ته جڳائي؛ تون ليڪ هيءَ گدي وسائيندين."

ٻئي وقت جڏهين سري گورو امرديو جن آرام ۾ هئا، تڏهين سندن سيجا ڏانهن سري گورو ارجن ديو جن ويا. جنهن وقت سري گورو امرديو جن آرام ڪندا هئا، تنهن وقت ڪوبه سندن ويجهو نه ويندو هو. ماتا ڀاڻي پنهنجي پٽ کي نه ڏسي ڊپ وچون ڊوڙي اندر ويئي. پر ٻالڪ ته اڳيئي صاحبن کي اٿاريو هو. صاحبن مشڪي چيو ته "ڀلي هي پيارو اسانجي پرسان ويٺو هجي. حرڪت نه آهي. هي اسانجو ڏوهٽو ڪئين جيون کي سنسار ساگر کان پار ڪندو."

(٤) جنِي گورمکِہ نامُ سلاهِيا، تنا سڀکو کهي شاباسِ
تنکي سنگت ديهِ پرڀ، مئِ جاچڪ کي اَرداسِ
نانڪ ڀاڳہ وڏي تنا گورمکا، جنِ انترِ نامُ پرگاسِ.

اَرٿ - جن گورمکن نام جي ساراهہ ڪئي آهي (يعني نام جپيو آهي) تنجي سڀڪو واهہ واهہ ڪري ٿو؛ هي پرڀو! مون منگتي جي ہ اِهائي اَرداس آهي تہ مونکي انهن (گورمکن) جي سنگت ڏي. سري گورو نانڪ صاحب جن فرمائين ٿا تہ انهن گورمکن جا وڏا ڀاڳہ ڄٽبا، جنجي هردي ۾ نام جپڻ ڪري (گيان جو) سوجهرو ٿيو آهي. [جاچڪ = منگتو، ڀيو؛ اَرداس = وينتي.]

ڏني، جا هن خوشيءَ سان وٺي پنهنجي مٿي تي رکي. پر جيڪي سنگتيون اچڻ لڳيون، تن کي خبر پئجي ويئي هئي ته سري گورو رامداس صاحب جن سري گورو ارجن ديو جن کي گادي نشين ٿاپي ويا آهن، تنهنڪري سڀ ڀيٽا سري گورو ارجن ديو جن کي رکڻ لڳيون. اهو حال ڏسي پرٿيچند گهڻو ڀوسريو، پر وس ڪو نه هليس. نيٺ ساڙن وچون هو امرتسر هليو ويو. ٿورن ڏينهن کانپوءِ پرٿيچند وڃي سلهي خان کي دانهن ڏني، ته گادي تي حق منهنجو آهي، پر منهنجو ننڍو ڀاءُ گادي کسي ويو آهي؛ ۽ هينئر سڀڪو ڪيس ئي ڀيٽا ٿو ڏئي ۽ ڪو به مونکي نٿو پڇي." سلهي خان اڪبر بادشاهه جو هڪ عملدار هو. هن پرٿيچند کي دلاسو ڏنو ته مان وجهه وٺي اڪبر بادشاهه کي ساري حقيقت مان واقف ڪري توکي گادي وٺي ڏيندس. پوءِ پرٿيچند وري امرتسر جي چوڌرين وٽ دانهين ويو ته مونکي ۽ منهنجي ڀاءُ مهاديو کي ورثي ۾ ڪي به ڪين مليو آهي؛ ۽ هاڻي اسانجو ڪيئن گذران ٿيندو؟ انهيءَ خبر ملڻ تي سري گورو ارجن ديو جن پرٿيچند ۽ مهاديو کي دوڪانن جي مسوار ۽ ٻيو به جيڪو محصول اُگهرندو هو، سو ڏياريو ۽ پاڻ فقط سکن جي شرڌا سان ڏنل ڀيٽا ڪم آڻيندا هئا.

سنتوکه سر ۽ امرتسر جو ٺهڻ

ٿورن ڏينهن کان پوءِ سري گورو ارجن ديو جن کي خيال ٿيو ته پتا جي آگيا انوسار سنتوکه سر ۽ سري امرتسر جا تلاءُ ۽ هرمندر ٺهرائجن. اهو ٺهراءُ ڪري صاحبن جلد ڪم ۾ هٿ وڌو. صاحب هر روز هڪ شيشم جي وڻ هيٺان وڃي ويهندا هئا ۽ ڪم جي نظرداري ڪندا هئا. سنتوکه سر تلاءُ کوٽيندڙن کي هڪ جهوپڙي ڏسڻ ۾ آئي، جنهن ۾ هڪ جهوڙ ننگن جوڳي ويٺو هو. صاحبن جڏهين اها خبر ٻڌي، تڏهين ڪيس ڪپڙا پهرايائون ۽ سندن پيرن جي ترين ۽ تارونءَ کي مالش ڪرايائون. هنجي سري ۾ گرماش لڳي ۽ هو سرت ۾ آيو. اکيون کولي گورو صاحبن کان پڇيائين ته "اوهانجو نالو ڇا آهي ۽ هي جڳهه ڪهڙو آهي"؟ ڀائي ٻڍي صاحب

صاحب لنڍي هوندي کان ئي انهيءَ پرماتما جي ڀڳتيءَ ۾ لڳا رهندا هئا. سندن سڀاءُ بلڪل ڪومل ۽ حليم هو. هو خوش مزاج هئا ۽ سڀني سان مٺو ڳالهائيندا هئا. پنهنجي پتا کي ڀڳونت جو روپ ڄاڻي سديو سندن گولا ٿي گذاريندا هئا. هو گورمکي ۽ فارسي ٻولين ۾ گوهر هئا.

سندن شادي ڀائي ڪشن چند جي ڌيءَ ماتا گنگا سان سمبت ١٦٤٦ ۾ ٿي. سري گورو رامداس صاحب جن جي جيون چرتر ۾ وستار سان ڏيکاريل آهي ته سري گورو ارجن ديو جن کي گادي ڪيئن ملي. پرٿيچند پنهنجي پتا سان بلڪل بي ادب پيو، جنهنڪري سري گورو رامداس صاحب جن منجهانئس ناراض ٿيا. مهاديو اوڌوت هو ۽ مستن وانگي رهندو هو. سري گورو رامداس صاحب پنهنجي ٽئين پٽ سري گورو ارجن ديو کي هر طرح گاديءَ جو لائق سمجهي، ١٥٨١ع ۾ گادي بخشي. صاحبن جي عمر اُن وقت فقط ١٨ ورهيه هئي.

پرٿيچند جي حالت

سري گورو رامداس صاحب جن جي پرلوڪ پڌارڻ جي خبر ڪنهن شخص پرٿيچند کي جلد وڃي امرتسر ۾ ٻڌائي، سو جهٽ گهوڙي تي چڙهي گوئندوال آيو. ناناڻي گهر گهڙندي ئي مکر ڪري زار زار روئڻ لڳو ۽ چوڻ لڳو ته "ڏسو، واهه جو گورپائي ملي اٿس! اجا پورا ٻه ڏينهن به ڪين لنگهيا آهن ته ڪيئن سان پتا کي ڪٽي پورو ڪيائين! اوهان سڀني کي سڌ آهي ته بابو بلڪل ڇڱو ڀلو هو. اِها ڳالهه پڌري آهي ته زهر ڏيڻ کان سواءِ مرڻو نه ئي هو هوندو." تنهن تي سندس مامي ڀائي موهريءَ هنکي سمجهايو ته اجائي گلا مان ڪي ڪين وٺندين، پر هن ڀائي موهريءَ جو چوڻ ٻڌو اڻٻڌو ڪري ڇڏيو. سري گورو ارجن ديو سانت ۾ ئي رهيا. سري گورو رامداس صاحب جي چالاڻي ڪالپوءِ تيرهين ڏينهن ڀائي موهريءَ سري گورو ارجن ديو کي دستور موجب پڳ ٻڌائي، تنهن تي پرٿيچند اچي مڙيو. چي مان وڏو پٽ آهيان ۽ پڳ پڻ جو حقي وارث آهيان. سري گورو ارجن ديو جن جهٽ ڪيس پڳ لاهي

(٢) جلَ ٿي اُونَهِ اَنِڪَ ترَنگا[١]

ڪَنِڪَ[٢] پوُ ڪَنَ[٣] ڪيني بَهُ رنگا[٤]

بيڄُ بيڄِ ديکئو بَهُ[٥] پرَ ڪارا

ڦَلَ پاڪي ٿي ايڪنڪارا

(٣) سَهَسَ گهٽا[٦] مَهِ ايڪُ آڪاسُ

گهٽَ ڦوُٽي ٿي اوهي پرَڪاسُ[٧]

ڀرَمَ لوڀَ موهَ مائئا وڪارَ

ڀرَمَ ڇوٽي ٿي ايڪنڪار

(٤) اوهُ آبناسي بنَسَتَ ناهي

ناڪو آوئي ناڪو جاهي

گور پوُرئي هؤمئي مَلُ ڌوئي

ڪَهُ نانڪ ميري ڀرَمَ گتِ هوئي .

ٽات پرج

” هي يوگيشر! جهڙيطرح بازيگر وجهندو آهي ۽ اُنهِ انيڪ روپ ڌاري سانگ ٺاهي ڏيکاريندو آهي ۽ جنهن مهل سانگ لاهي پنهنجو کيل بند ڪندو آهي ، تنهن مهل اُهو هڪڙوئي پاڻ وڃي رهندو آهي ، تهڙيطرح پرميشر بہ پنهنجي اڇا شڪتيءَ سان

١- لهرون ؛ ٢- سون ؛ ٣- زيور ؛ ٤- گهڙن قسمن جا ٥- طرح طرح جا ؛ ٦- برتن ، دلا ؛ ٧- سوجهرو .

جو صاحبن جي پرسان بيٺو هو، تنهن هنکي جواب ڏنو "هي سوامي، هي ڪلجُڳ آهي ۽ ستگورو سري گورو نانڪ ديو جن جي گاديءَ تي هينئر سري گورو ارجن ديو براجمان آهن، جن جو اوهانکي هينئر درسن لاڀ ٿيو آهي." اهو ٻڌي جوڳي ڏاڍو خوش ٿيو ۽ صاحبن کي سنمک ٿي چيائين ته "منهنجي ساوي عمر جو پوڙهيو اڄ ثاب پيو جو اوهان صاحبن جو درشن مونکي پراپت ٿيو. مونکي پنهنجي گورو راجا جنڪ ترينا جڳ ۾ چيو ته تون جوڳ اڀياس ڪري ڪئين اَيام جيئرو رهندين ۽ ڪلجُڳ پڻ ڏسندين ۽ جڏهين سري گورو نانڪ ديو جو پنجون اوتار سري گورو ارجن ديو هن تيرٿ کي پرگهٽ ڪندو، تڏهين توکي انجو اپديش ملندو ۽ تون مڪتي حاصل ڪندين." جوڳيءَ صاحبن کي هٿ جوڙي وينتي ڪئي ته "ستگورو جيڪڏهين هيءَ جڳت جونو آهي ته چو ئو سچو ياسڻ ۾ اچي ۽ چو گياني اُنکي جونو چون ٿا، تنهن تي صاحبن هينيون شبد اُچاريو:-

سوهي محلا (٥) شبد (١)

(١) بازيگرِ جَيسي بازي پائي
نانا رُوپَ ڀيکَ دِکلائي
سانگُ اُتارِ ٿمبو[1] پاسارا[2]
تَبَ ايکو ايڪنڪارا
کَوَن رُوپَ دِسَٽِيو بِنَسائِئو[3]
کَتَهِ[4] گَئِئو اُهُ کَتَ تي آئِئو (اِڪ رَهائُ)

١- بند ڪيو؛ ٢- پسارو، کيل؛ ٣- ڏسڻ ۾ آيو ۽ ناس ٿيو؛ ٤- ڪيڏانهن؛

راڳہ سوهي محلا (٥) ڇنت (١٠)

سنتان ڪي ڪارِجِ آپِ کَلوئڻا[1]، هَرِ ڪَمُ ڪراوڻِ آئِڻا رامَ
ڌَرَتِ[2] سُهاوي[3] ڏالُ[4] سُهاوا[5]، وِچِ اَمرِتَ جَلُ چائِڻا[6] رامَ
اَمرِتَ جَلُ چائِڻا، پوُرَنَ ساڄُ[7] ڪَرائِڻا، سَگلَ مَنورَٿَ[8] پوُري
جيِ جيِ ڪارُ[9] ڀئِڻا جَگَہ اَنترِ، لاٿي سَگلَ وِسوُري
پوُرَنَ پُرَکَہ اَچُتَ[10] اَبِناسي، جَسُ ويدَ پُراڻي[11] گائِڻا
اَپنا بِرَدُ[12] رکِئا پَرميسَرِ، نانڪَ نامُ ڌِئائِڻا

ڀاشا پرچ

هي هري! هي رام! سنتن جي ڪارج لاءِ تون پاڻ اچي همراهہ ٿيو آهين. هي پريو! ڪهڙي نہ سهڻي ڌرتي ۽ عمدو تلاءُ آهي، جنهن ۾ تو امرت جل اچي وڌو آهي! سچ پچ هن تلاءُ جو جل امرت سمان آهي ۽ تو پنهنجن هٿن سان هن تلاءُ کي ٺاهي راس ڪيو آهي. هاڻي اسانجون سڀ آسون اُميدون پورن ٿيون. جڳت ۾ واڌايون وري ويئون ۽ اسانجا سڀ ڏکڙا دور ٿيا. هي پورن پرکہ! هي سمرٿ! هي ابناسي پرميشر! تنهنجو جس ويد ۽ پراڻ

١- پنهنجو آهين، همراهہ ٿيو آهين؛ ٢- ڌرتي؛ ٣- سندر؛ ٤- تلاءُ؛ ٥- سوڀيڪ، عمدو؛ ٦- وڌو آهي؛ ٧- ٺاهي راس ڪيو آهي؛ ٨- آسون، اُميدون؛ ٩- ڏک، ڳڻتيون؛ ١٠- نہ ڪرڻ جهڙو يعني سمرٿ؛ ١١- پراڻن؛ ١٢- ڌرم، پڻ.

ايڪ روپ بڻائي ڇڏي برهمانڊ کي اُپن ڪري ٿو ۽ پنهنجي شڪتيءَ سان اُنهن ۾ وسي ٿو ۽ کيل ڪري ٿو، پوءِ جڏهين پرلئه ڪري ٿو، تڏهين اُهو هڪ ايڪ اونڪار ئي وڃي رهي ٿو. اُهي ڪاڏي ويا ۽ ڪٿان آيا هئا، مطلب سڀيئي پرماتما مان پيدا ٿيا ۽ سڀ اُن ۾ ئي سمائجي ويا جهڙيطرح جل مان ايڪ لهرون لڪرانديون آهن ۽ وري جل ۾ ئي سمائجي وينديون آهن، تهڙي طرح سڀ جيو پرماتما جي قدرت سان منجهائنس پيدا ٿيا آهن ۽ هن ۾ ئي سمائجي وڃن ٿا. جهڙيطرح سون مان گهڻن قسمن جا زيور ٺاهجن ٿا، پر اُهي زيور پڄاڻ مهل سون جو روپ ٿي پون ٿا، تهڙيطرح پرماتما به هڪڙوئي آهي جنهن مان پالڻ جا جيو اُپن ٿين ٿا ۽ منجهس ئي سمائجي وڃن ٿا. ساڳيءَ طرح ٻج پوکڻ سان گهڻن قسمن جا ڦل ڏسڻ ۾ اچن ٿا. ڦل پچن ٿا ته فقط ٻج ئي وڃي رهي ٿو. هي پيارا هزارين برتنن ۾ هڪڙوئي آڪاس نظر اچي ٿو. جيڪڏهين سڀ برتن ڪٽي ڇڏجي پون ته به اُهو ساڳيو آڪاس ڏسڻ ۾ ايندو. تهڙيطرح پار برهم سڀني ۾ وياپي رهيو آهي ۽ اسانجي سريرن جي ناس ٿيڻ کان پوءِ به سندس ئي پرڪاش قائم رهندو. پرم، لوڀ ۽ موهه اِهي مايا جا وڪار آهن. جو اِنهن کان ڇٽي ٿو، سوئي سمجهي ٿو ته اڳي به ايڪ اونڪار هو، پوءِ به ايڪو اونڪار ئي وڃي رهندو. اُهو پرڀو ڪڏهين ناس نه ٿو ٿئي ۽ نڪي جونين ۾ اچي وڃي ٿو. جڏهين ستگورو هؤمئِ جي ميل اسانجي اندر مان دور ڪري ٿو، تڏهين اسين مڪتي حاصل ڪريون ٿا ۔ ❀

جڏهين سري امرتسر ۽ هر مندر تهي راس ٿيا، تڏهين گورو صاحب کي ڀڪ ٿي ته ڀرپوءِ ٻارڻ هٿن سگوري ڪم ۾ مدد ڏني آهي ۽ صاحب خوشيءَ ۽ شڪر گذاريءَ وچون هيٺيون مها سندر شبد اُچاريو:-

(٢) سادَ سنگہ مِلُ لاڻي، پارَ برهمُ ڌيائو ساڏي
نانڪَ نامُ ڏِئائُنا، آدِ پُرکہ پرڀُ پائئا.

ڀاو پرچ

”جيڪو سري گورو رامداس صاحب جي تلاءَ ۾ اشنان ڪندو، تنهنجا سڀ پاپ لهي ويندا ۽ اهو اشنان ڪري پوتر ٿيندو. اها دات پوري ستگوروءَ اسانکي بخشي آهي. جيڪو گوروءَ جي اُپديش تي ويچار ڪري ٿو، تنهنکي پريو آنند ۽ سک بخشي ٿو، ۽ اُنجا سڀ پدارٿ صحيح سلامت رهن ٿا. ساڌ سنگت ۾ هومئ جي ميلَ لهي وڃي ٿي ۽ پار برهم پاڻ اچي سهاءِ ٿئي ٿو. صاحب فرمائين ٿا تہ نام ڏيائڻ ڪري اسانکي ڀڳونت اچي مليو.“

گورو صاحبن جو سفر ۽ سري گورو هرگوبند صاحب جن جو جنم

پرٿيچند جي کٽ پٽ کان پري رهڻ لاءِ صاحب ڪي ڏينهن سفر تي نڪتا. جتي جتي ويندا هئا، تتي تتي لوڪن کي ”ست نام“ جو اُپديش ڏيئي نهال ڪندا هئا. جڏهين صاحب امرتسر ۾ موٽي آيا، تڏهين بہ پرٿيچند جي کُٽِ کُٽِ لڳي آئي. هڪ ڏينهن داسيءَ سري ماتا گنگا جا ريشمي وستر ويهي سڪايا. پرٿيچند جي استري ڪرموءَ جي داسي اُهي ريشمي وستر ڏسي سڙي ويئي ۽ هن وڃي پنهنجي ڌياڻيءَ سان اها ڳالهہ ڪئي. ڪرموءَ پنهنجي پتي پرٿيچند کي چيو تہ ”اوهان پنهنجي پتا جو چيو نہ مڃيو، اهيءَ ڪري اسين ڏکہ پيا ڀوڳيون! اوهانجو ننڍو ڀاءُ راجائي ڪمائي ۽ سندس زال نانا پرڪارن جا سُکہ ڀوڳي ۽ اسانکي ڪو پڇي بہ ڪونہ.“ تنهن تي پرٿيچند هنکي دلاسو ڏنو تہ ”تون فڪر نہ

١- هومئ جي ميل؛ ٢- سنگتي.

ڳائين ٿا. تون پنهنجي برد (ڌرم) جي پالنا ڪرين ٿو. شل مان تنهنجو نام سديو ڏيايان.

سري امرتسر ۾ هرمندر جي ٺهڻ ۾ ڪيترن سکن سچي دل سان مدد ڏني هئي. اُهي ڏينهن جا ڏينهن پنهنجن بازن سان پورهيو ڪندا هئا. ڀائي ٻڌي، ڀائي پڳتو ۽ ڀائي ڀهلوءَ جي ڪمائي ته اشچرج روپ هئي. انهن اهتري قدر ڪم ڪيو، جو سندن هڏا به نڪري آيا. جڏهن هڪڙي ڏينهن انهن اشنان ويٺي ڪيو، تڏهن سري گورو ارجن ديو جن کين ڏٺو ۽ صاحبن اکين ۾ پاڻي آڻي هرهڪ کي ڀاڪر پائي چوڻ لڳا ته "پيارا شاباس آهي اوهانجي ڪمائيءَ کي. اوهان سچي پريم سان هتي شيوا ڪئي آهي. جو پيارو شرڌا رکي هن تلاءَ ۾ اشنان ڪندو، تنهنجا سڀ پاپ ناس ٿيندا ۽ اُنجون من جون مرادون پورن ٿينديون." صاحبن اُنوقت هينيون شبد اُچاريو:-

سورٺ محلا (٥) گهر (٣) دُپدي شبد (٦٥)

ايڪو اونڪار ست گور پرساد

(١) رامداسَ[1] سَرووَرِ[2] نائي، سَڀِ اُتري پاپ ڪَمائي

نِرَمَلَ[3] هوئي ڪَرِ اِشَنانا، گورِ پوُريِ ڪيني دانا

سَڀِ ڪُسَلَ[4] کيم[5] پِربِ ڌاري، صحيح سَلامتِ

سَڀِ ٿوڪ[6] اُباري[7]

گور ڪا شَبَدُ ويچاري (اِڪ رهائُ)

١- سري گورو رامداس صاحب جو تلاءُ يعني اَمرتسر؛ ٢- ڪمايل؛ ٣- شڌ؛ ٤- آنند؛ ٥- سک؛ ٦- پدارٿ؛ ٧- بچايا.

ڪي مٿل ٻري ٻنهين ني گذاريندو هو. جڏهين ٻابي ٻڏي صاحب گاڏيون، پالڪيون ۽ گهوڙي سوار ويجهو ايندا ڏٺا، تڏهين چيائين ته امرتسر ۾ ڪا پاجڙ پيئي آهي ڇا، جو ماڻهو هيڏانهن ٿا اچن."
ماتا صاحب گهڻي ادب سان پڪوان ٻابي ٻڏي صاحب جي اڳيان رکي عرض ڪيو ته "سائين توهين گورو نانڪ ديو جن جي ڏينهن جا آهيو ۽ هرطرح عزت جا لائق آهيو. مونکي ستگورن اوهان وٽ موڪليو ته اوهين پنهنجي آسيس سان مونکي هڪ پُٽر بخشيو."
ٻابي ٻڏي صاحب جواب ڏنو ته "ماتا، مان گوروءَ جي گهر جو ٽهليو ۽ گاهي آهيان. مون ۾ ڪهڙي سمرٿي آهي؟ ستگورو سچا پاتشاه هر طرح سمرٿ آهن. اُهي من جون مرادون پورن ڪندڙ آهن ۽ ماتا تون جوهي سنا پوڄن منهنجي لاءِ ڪٺي آئي آهين، سو مان اُنهن جو لائق نه آهيان. اسين گاهي ماڻهو انهن پوڄنن مان ڇا ڄاڻون؟" ماتا ڪائڻ لاءِ گهڻيئي زور ڪيا، پر ٻابي ٻڏي صاحب نه مڃيو ۽ ماتا کي لاچار موٽڻو پيو. جڏهين ماتا سمورو احوال اچي صاحبن کي ٻڌايو، تڏهين صاحبن کين چيو ته "پرماتما جا پيارا ڏيکه ويکه تي راضي ڪونه ٿيندا آهن. توکي جيڪڏهين پنهنجي مراد حاصل ڪرڻي آهي، ته نمرتا ڀاءُ سان وڃُ وڃ. سري جپ صاحب جو پاٺ ڪري اُن پيڇُ ۽ پريم سان گوروالي پڙهي پنهنجن هٿن سان روٽيون پچاءِ. رات جو کيرو جمائي رکه صبوح جو ولوڙي مکڻ جو چاڻو ۽ پاٽسان کڻجه. ٻيو ته ٻه چار بصرن جون ڳنڍيون ۽ تو ساڻ هجن. اهو ڪاڏو ٻابي ٻڏي صاحب کي پسند پوندو. تون سادي سودي پوشاڪ ڪري پيرن اگهاڙي وڃه، ته تنهنجو منورٿ پورن ٿيندو." ماتا گنگا ائين ڪيو. ٻابو ٻڏو صاحب هن دفعي ماتا کي ڏسي ڏاڍو خوش ٿيو ۽ پرشاد کائيندي ماتا کي آسيس ڪرڻ لڳو ته "هي ماتا! ستگورو ڀنڊاري جا مالڪ آهن. پر مونکي حڪم ٿيو آهي ته اُهو ڀنڊارو کوليان. جيئن ماتا تو مونکي من ڀاولدو پوڄن ڪارايو آهي، تيئن مان توکي من گهريو پُٽڙو ٿو ڏيان. اهو سولهن ۾ چوڏس جي چنڊ جهڙو ٿيندو ۽ وڏو ٻلوان ۽ سورمو ٿيندو. هو وڏيون جنگيون ڪندو ۽ جيئن مان بصرن کي ڌڪ هڻي ٿو ڀڃان، تيئن هو ظالمن جا مغز

ڪر، هننکي ڪو اولاد ڪونهي ۽ اسانجو پٽ مهربان ليٽ گادي
تي وهندو ۽ پوءِ اسين خوب مزا ماڻيندا سين.“ ماتا گنگا جي
داسيءَ اِها سربستي گفتگوءِ اَچي ماتا سان ڪئي، جنهنڪري
کيس ڏاڍو ڏک ٿيو ۽ جڏهين صاحب گهر آيا، کين هٿ جوڙي
چيائين ته ”اوهين دِيا پالي هڪ پٽ مونکي بخشش ڪريو ۽ مونکي
لوڪ جي مهڻن کان ڇڏايو.“ صاحبن اُنوقت هيٺيون سلوڪ اُچاريو:-

”مرگه ترشنا گنڌرب نگرن، دُرم ڇايا رچ دُر منهه
ننهه ڪُٽنب موهه مِتيا، سمرنت نانڪ رام رام نامهه.“
[سنسڪرت سلوڪ محلا (٥) نمبر (٣٠)]

ارٿ:- جهڙيطرح ڪوڙيءَ مت وارا مرگهه ترشنا يعني رُج ۽ وڻ
جي ڇايا سان پيار ڪن ٿا، تهڙيطرح (ڏاها ماڻهو) ڪٽنب جو موهه
مِتيا سمجهي رام جو نام جپين ٿا.“ صاحبن پنهنجي سُپتني کي
سمجهايو ته تون ڪرمونءَ بابت ڪو برو خيال نه ڪر ۽ کيس شيخ
فريد صاحب جو هيٺيون سلوڪ ڇئي ٻڌايائون:-

”فريدا بُري دا ڀلا ڪر، غُصا مَن نه هنڍاءِ
ديهي روگه نه لڳئي، پلي سڀُڪڇه پاءِ“

(سلوڪ ٧٨)

ارٿ:- فريد صاحب جن فرمائين ٿا ته بري سان ڀلائي ڪر ۽
دل ۾ ڪاوڙ نه سالي، ائين ڪرڻ سان تنهنجي ديهه کي روڳ نه
لڳندو ۽ توکي سڀڪجهه پليءَ پوندو.

جڏهين صاحبن کي ماتا صاحب گهڻو زور ڪيو ته مونکي دِيا
پالي هڪ پٽ دان ڪريو، تڏهين صاحبن کيس چيو ته ”جيڪڏهين
تنهنجي اهڙي چاهنا آهي ته تون اِها بخشش بابي بڏي صاحب کان
وڃي گُهر. هو گورو نانڪ ديو جن جي ڏينهن جو ڪامل پرش آهي
۽ اُهو تنهنجي من جي مراد پورن ڪندو.“ ماتا پڪوان تيار ڪرائي
وڏي اُتالي سان بابي بڏي صاحب وٽ ويئي، جو سري امرتسر کان

(٢) ڏسي ماسي حُڪمِ بالڪَ جَنمُ ليئا - مِٽِئا سوگُ مَها اَنَندُ ٿيئا

گوَر باڻي سکي اَنَندُ گاويَ-ساچي ماحِبَ ڪيِ مَنِ ڀاويَ

(٣) وَڌي ويلِ بُهُ پيڙي چالي -ڌَرَمَ ڪلاهَرِ بَنڌَ بَهالي[2][3]

مَنَ چِندِ نا سَتِ گورو ڏوائِئا- ڀِئِي اَچِنتَ ايڪَ لِوَ لائِئا[4][5]

(٤) جِئُه بالڪُ پِتا اُوپرِ ڪَري بُهُ مانُ- بلائئا بولِي گور ڪيءِ ڀاڻُ[6][7][8]

گُجهي چِني ناهي بات - گوُرُ نانڪُ تُنا ڪينِي دات.[9]

ٿات پرج

ستگورو نانڪ ديو جن اسانکي وڏي عمر وارو پُتر بخشيو آهي. هو اُتم ڪرمن ڪري ڄائو آهي. جڏهين ماءُ جي گرڀ ۾ اچي واسو ڪيائين، تڏهين اُنجي اندر ۾ ڏاڍي خوشي ٿي. پت جو ڄائو آهي، سو پرماتما جو ڀڳت آهي. ڌُر جو لکيو سڀني کي ظاهر ٿيو. پرماتما جي حڪم سان ڏهين مهني ٻار جو جنم ٿيو، تنهنڪري ڏک دور ٿيا، ۽ مها آنند ٿيڻ لڳا. سکيون سهيليون آنند صاحب (گورو امرداس سائينءَ جي واڻي) ڳائڻ لڳيون. اِها واڻي سچي صاحب کي وڻندڙ آهي. هاڻي اسانجي پيڙهي وڏي ۽ گهڻو

١- ڏک؛ ٢- ول يا پيڙهي؛ ٣- ٻڌي ٻهاري يعني قائم ڪئي؛ ٤- مَن کي وڻندڙ؛ ٥- ٻنا ڪنهن چنتا؛ ٦- فخر، لاڏ ڪوڏ؛ ٧- جيڪي ٻولائي تو سو ٻولين ٿا؛ ٨- پاڻُو، خواهش؛ ٩- پرسن ٿي، راضي ٿي.

ٿوڙيندو. ماٿا، تو مون ٻکٽي کي ڏڪ ڪرايو آهي. تنهنجو سپتر پيرئي ۽ ميرئي جو مالڪ ٿيندو، تون ڪيس ڏسي پيٽي ٿرندين.“ ماٿا اهو ورُ وٺي ٻابي بڌي صاحب کي پيري پيئي ۽ سموري حقيقت اچي صاحبن سان ڪيائين. صاحبن بڌي هيٺيون شبد اُچاريو:-

”اَٽَل بچن ساڌ و جَنا، سَڀِ مهِ پرَ گَٽا ئِئا
جِسُ جَن هوئا ساڌ سَنگُ، تَسُ پيٽيِ هَرِ رائِئا
....“

[بلاول محلا (۵) شبد (۴٦)]

ارٿ:- پرمالما سنتن جا وچن سيني (شاسترن) ۾ اَٽل پرگهٽ ڪرايا آهن يعني شاسترن ۾ اِها ڳالهه پرسد آهي ته سنتن جا وچن ٽرڻ جا ٿي نه آهن. جيڪو ڪو سنتن جو سنگ ڪري ٿو سو گويا هري راجا جو درسن ڪري ٿو.

سري گورو ارجن ديو جن ڪجهه وقت ڪان پوءِ پرٿيچند جي گهيءِ تي امرتسر ڇڏي، وڏاليءِ وڃي رهيا. اهو ڳوٺ امرتسر کان ٦ يا ۷ ميلن جي مفاصلي تي آهي. سري گورو هر گوبند صاحب جن جو جنم وڏاليءِ ۾ تاريخ ۲۱ آکاڙ سنبت ۱٦۵۲ برابر ۱۵۹۵ع ۾ ٿيو. صاحبن اُنوقت هيٺيون شبد اُچاريو:-

راگ آسا محلا (۵) شبد (۱۰۱)

(۱) سَتگُورَ ساچي دِئا پيڄِ - چرُ جيوَنُ اُپجِئا سنجوگِ
اُدَرئي ماهِ آءِ ڪيئا نِواسُ - ماتا ڪي مَنِ بَهُتُ بِگاسُ
جمِئا پوُتُ ڀَگتُ گوبِندَ ڪا - پرگٽِئا سَڀِ مهِ
لِکِئا دُرَڪا (اِڪ رَهاءُ)

۱- موڪلي ڏنو آهي؛ ۲- وڏي عمر وارو؛ ۳- اڳين ڪرمن جي سنجوگ ڪري پيدا ٿيو؛ ۴- پيٽ؛ ۵- ۾؛ ٦- آنند.

آيا. صاحب پنهنجي پٽ کي وٽي پرٿيچند وٽ ويا، جنهن ظاهري ته ٻالڪ کي گهڻي آسيس ڪئي، پر هنڪان پوءِ به پرٿيچند پنهنجي استريءَ ڪرموءَ جي چوڻ تي گهڻيئي ڪوششون ٻالڪ کي مارائڻ جون ڪيون، پر ستگورن جي ديا سان ٻالڪ جو وار به ونگو نه ٿيو.

سري گورو گرنٿ صاحب جي ٻيڙ ٻڌڻ

سري گورو گرنٿ صاحب جي ٻيڙ ڪيئن ٻڌي ويئي تنهن بابت مختصر ذڪر گورواڻيءَ جي "مهاڳ" ۾ ڏيکاريل آهي. (ڏسو مهاڳ)

چندوءَ جي صاحبن سان دشمني ۽ صاحبن جي برخلاف اڪبر بادشاه وٽ چغلي هڻڻ

ديوان چندو اڪبر بادشاه جو وزير هو. هو ودوان ۽ وڏو ڏاڍو هو ۽ پاڻ جهڙو ڪنهن کي نه سمجهندو هو. هو دهليءَ ۾ رهندو هو. هن کي هڪ مها سندر ڌيءَ هئي جنهنجو نالو هو سداڪنور. جڏهين هوءَ ٧ ورهين جي ٿي، تڏهين چندوءَ جي زال پنهنجي پتيءَ کي چيو ته هاڻي ڪڪي وڏي ٿي آهي، اُنجي مڱڻي جو ڪو سعيو ڪجي. تنهن تي ديوان چندوءَ پنهنجي برهمڻ ۽ نائيءَ کي گهرائي چيو ته منهنجي نياڻيءَ لاءِ ور ڳولي اچو، پر ياد رکجو ته اُنمر ٽي گڻ ضرور هجن:- (١) هو شاهوڪار ڪٽنب جو هجي (٢) هو اسان وانگي اُتم ڪل جو هجي (٣) هو اسانجي ڌيءُ وانگي شڪل جو سندر هجي ۽ سندس جيڏو هجي." برهمڻ ۽ نائي اهڙي ور لاءِ ڳوليندا ڳوليندا ليٽ اچي سري امرتسر پهتا. اُتي صاحبن جي دربار جو رنگ ڏسي حيرت ۾ پئجي ويا. چا شرڌالو سکن جي ڀيڙ! چا سندن ڀيٽا! هنن جي ليکي صاحبن جهڙو شاهوڪار ٻيو ڪو ورلي پرٿويءَ تي هوندو. صاحبن جي اُتم ڪُل ۾ هنن کي ذرو به شڪ نه هو. باقي جو ڏٺائون مها سوڀيڪ چهرو سري گورو هرگوبند صاحب جن جو، سو هو ڏاڍا خوش ٿيا. سمجهائون نه هن

وقت هلندي. اسانکي من گھريو پت ستگوروءَ بخشيو. هاڻي اسين نسچنت ٿي هڪ پرماتما ساڻ لِوَ لائيندا سين. جيڻن بالڪ پنهنجي پتا تي فخر ڪري، ڪيس مچيندو آهي، تيڻن اسين به جيڻن پرماتما اسانکان بولائي تو تيڻن بوليون ٿا. اِها ڳالهه ڳجهي يا لڪل ڪانهي ته گورو نانڪ صاحب جن راضي ٿي اسانکي اِها دات بخشي آهي.

سري گورو هرگوبند صاحب جن جي جنم جي خبر بڌي، هرڪنهن کي ڏاڍي خوشي ٿي ۽ گهر گهر واڌايون وري ويئون ۽ اُتساهه ٿيڻ لڳا. پر جڏهين اِها خبر پرٿيچند ۽ سندس اِستريءَ ڪرموءَ جي ڪن پيئي، تڏهين اُهي ٻئي سڙي جلي ويا ۽ جلد ڪنهن جي هڪ جهوني دائيءَ کي گهرائي هنکي هڪ سؤ رپين ڏيئي وڏاليءَ روانو ڪيائون. چيائونس ته جي ڪنهن به تجويز سان تو بالڪ کي پورو ڪيو ته اسين توکي ايترو ڌن ڏيندا سين جو تون ساري عمر خوش گذاريندينءَ. جڏهين دائي وڏاليءَ پر پهتي، تڏهين ماتا گنگا هنکي گهڻو آدرياءُ ڪيو. دائي به ماتا گنگا کي آسيسون ڪيون. ماتا گنگا چيو ته بالڪ ٻن ڇئن ڏينهن کان ٿاڃ ٿي نه ٿو. خبر نه آهي ته اُنجو سبب ڪهڙو آهي؟ دائيءَ کي چڱو وجهه ملي ويو، تنهن چيو ته "ماتا تون ڪو فڪر نه ڪر. مونوت ٻار ڪٽي آءُ ته هنکي ٿاڃايان، فقط هڪ ڇڪڙ ونڻ سان هو نوبنو ٿي پوندو ۽ هنکي بک لڳندي." اِنهيءَ تي ماتا ڏاڍو خوش ٿي پنهنجو پت دائيءَ جي هنج پر ڏنو. دائي ٻهريائين بالڪ کي لاڏ ڪوڏ ڪرائي پوءِ زهردار ٿڻ ڏيڻ لڳيس. بالڪ منهن پيو ڦيرائي ۽ وات ئي نه پيو پٽي. پر جڏهين دائيءَ بالڪ کي زوريءَ ٿاڃائڻ جي ڪوشش ڪئي، تڏهين بالڪ پنهنجا هٿ ڊگها ڪري وٺي سندس ٿڻ کي اهڙو ته زور سان جهليو، جو دائي ڇڏائي نه سگهي. مطلب ته سندس اهڙو حال ٿيو، جهڙو سري ڪرشن مهراج پوتنا سان ڪيو. هوءَ هاءِ هاءِ ڪندي ڌرتيءَ تي ڪري پيئي. سندس اکيون نڪري آيون ۽ جلد ئي پران تياڳيائين. جڏهين سري گورو هرگوبند صاحب جن ٻن ورهين جا هئا، تڏهين سکن جي آزين نيزارين تي صاحب سري امرتسر

تلنگ محلا (٥) گهر پهلا شبد (١)

ايڪو اونڪار ستگور پرساد.

(١) خاڪ[١] نور[٢] ڪردن عالم دنياءِ[٣] - آسمان زمين درخت[٤]
آب پيدائش خداءِ

بندي چشم[٥] ديدن فناءِ - دنيا مردار خوردني[٦]، غافل هواءِ[٧]

(٢) غيبان[٨] حيوان[٩] حرام ڪشتني[١٠]، مردار بخوراءِ

دل قبض[١٢] قبضا[١١] قادرو، دوزخ سزاءِ

(٣) ولي نعامت[١٣] برادرا[١٤]، دربار[١٥] ملڪ خاناءِ[١٦]

جب عزرائيل[١٧] بستني[١٨]، تب چه ڪاري[١٩] بداءِ

(٤) احوال معلوم ڪردن، پاڪ الله

بگو نانڪ آرداس پيش درويش[٢٠] بنداه.

١- مٽي، ٢- روشنائي، جوت؛ ٣- دنيا جا ماڻهو؛ ٤- وڻ؛ ٥- جيڪي اکين سان ڏسجي ٿو سو فنا آهي؛ ٦- کائين ٿا؛ ٧- حرص ۾ غافل آهن؛ ٨- پوت؛ ٩- پسون؛ ١٠- جي ڪهن ٿا حرام ۽ کائين ٿا مردار؛ ١١- دکائي ٿو؛ ١٢- قبض ڪندڙ؛ ١٣- نعمت جا صاحب يعني مربي؛ ١٤- ڪچهريون؛ ١٥- اسباب؛ ١٦- گهر؛ ١٧- جم ڪال؛ ١٨- ٻڌلدو؛ ١٩- موڪلائيءَ وقت ڪهڙي ڪم ايندا؛ ٢٠- درويش جو پرماتما جو ٻندو آهي.

بالڪ ۾ ٻيئي گڻ آهن، سو جلد اِها خبر ديوان چندوءَ ڪي اچي ٻڌايائون. ديوان چندوُ ٻهريائين ته گورو صاحب بابت گهٽ وڌ چوڻ لڳو. چي ”مان هڙو اتم ذات جو ۽ لکاپتي ۽ هو هڪ گهٽ ذات جو مسڪين فقير! ڇا ٿي پيو جي ڪُٽلن سڪن جي ونس وڏي پيهه آهي. اسانجو ڪُل سوڍي ڪُل کان گهڻو متي آهي. مونکي عجب آهي اوهانجي عقل تي جو اوهين اهڙو گهر پسند ڪري آيا آهيو. هونءَ ته گهڻي ڏاهپ ڏيکاريندا آهيو. هن ڀيري اوهانکي ڇا ٿيو؟ نه، نه، آءٌ اِها مائٽي مُور نه قبوليندس. منهنجي شان وٽان اِها مائٽي نه آهي.“ پر جڏهين گهر ويو ۽ زال سان انهيءَ بابت ڳالهه ڇوريائين، تڏهين هن کي اِها مائٽي سورهان ئي آنا وڻي. پوءِ ته زال مڙس جو اچي جهيڙو لڳو. نيٺ زالس چترائي ڪري ڪائنس اِها مائٽي باسائي. پوءِ برهمڻ ۽ نائي سري امرتسر موٽي صاحبن وٽ مائٽي ڪٽي آيا. انهيءَ کان اڳي دهليءَ جي ڪن سڪن صاحبن کي لکي موڪليو ته ديوان چندوءَ توهانکي گهٽ وڌ ڳالهايو آهي، تنهنڪري اُنجي نياڻيءَ جو سنگ اصل قبول نه ڪجو. صاحبن سکن جو چيو مڃي مائٽي قبول نه ڪئي. تنهنتي ديوان چندو ڏاڍو ڪاوڙيو ۽ صاحبن جو دشمن بڻجي بيٺو. ٿورو وقت پوءِ اڪبر بادشاهه گشت ڪندي پنجاب ۾ آيو. ديوان چندو بادشاهه کي چوڻ لڳو ته ”جيئندا قبلا! گورو ارجن ديو هندو ڌرم ۽ اسلام جي برخلاف واڻي هڪ گرنٿ ۾ رچي آهي. اِنهيءَ ڪري ملڪ ۾ وڳوڙ پيدا ٿيڻ جو امڪان آهي.“ اڪبر بادشاهه صاحبن کي چوائي موڪليو ته توهين ديا پالي گرو گرنٿ صاحب کڻائي اسانوٽ اچو. صاحب پاڻ بادشاهه وٽ ڪونه ويا، مگر ڀائي گورداس صاحب ۽ بابي بڍي صاحب کي موڪليائون، جي سري گورو گرنٿ صاحب پاڻ سان کڻي ويا. پهريون ئي شبد جنهنتي بادشاهه جي نظر پيئي، سو فارسي ٻوليءَ ۾ سري گورو ارجن ديو جن جو رچيل هو:-

کي چيائين تہ ”ستگورو! مان اوهان جو داس آهيان. مونکي اُپديش ڏيو، جنهنکري مونکي آتم ڏن حاصل ٿئي.“ بادشاهہ صاحبن وٽ ڪجهہ وقت رهيو ۽ سندس آگيا موجب هن ساري پنجاب تان ڏُڪر هئڻ سبب اُنهيءَ سال لاءِ ڍل معاف ڪري ڇڏي.

صلهي خان بابت

اڪبر بادشاهہ ١٦٠٥ع ۾ چالاڻو ڪيو ۽ سندس جاءِ تي سندس پٽ جهانگير بادشاهہ ٿيو. صلهي خان ۽ چندوءَ گڏجي جهانگير کي گورو صاحبن جي برخلاف ڇيڙيو. صلهي خان بادشاهہ کي چيو تہ پنجاب جي ڍل مونکانسواءِ وصول ٿي نہ سگهندي، تنهنڪري مونکي موڪل ملي، تہ مان ڍل وصول ڪري اچان. پوءِ بادشاهہ حڪم ڏنو تہ ”تون بلاشڪ لشڪر وٺي وڃ ۽ ڍل اُگاڙي جلد هيڏانهن اچ.“ صلهي خان پرٿيچند سان ڪوٺي گرام ۾ اچي گڏيو. اُتي ٻنهي ڄڻن گورو صاحبن جي برخلاف ڪئين سٿون سٿيون. صاحبن کي ڪن سکن اچي ٻڌايو تہ ”ستگورو سچا پاتشاهہ، صلهي خان وڏو لشڪر وٺي پنجاب ديس ۾ اچي سهڙيو آهي. هو چوي ٿو تہ مان صاحبن کي ڏسي وٺندس. اوهين ديا پالي ڪنهن ٻئي پاسي نڪري هلو، متان ڪا خرابي نہ ٿي پوي.“ صاحبن فرمايو تہ ”پيارا، اوهين وياڪل نہ ٿيو. ڌيرج ڌاريو ۽ نسچو رکو. ستگورو اسانجي رکيا ڪندو ۽ صلهي خان تي اهڙي آفت اچي ڪڙڪندي، جو هو اسان تائين پهچي ڪين سگهندو.“ هوڏانهن پرٿيچند صلهي خان کي چيو تہ ”سائين، اوهانجي مهربانيءَ سان مون پنهنجي ڳوٺ ۾ چڱا محلات ٺهرايا آهن. اوهين هلي اُهي ڏسندا تہ مان خوش ٿيندس.“ صلهي خان اُگهاڙي ترار ڪري گهوڙي تي چڙهي پرٿيچند سان گڏ جايون ۽ سرن جا ڪوُڙا ڏسڻ ويو ۽ چوڻ لڳو تہ ”جيسين هن ترار سان صاحبن کي نہ ماريندس، تيسين مونکي آرام نہ ايندو.“ اُتي ڇا ٿيو، جو صلهي خان جي گهوڙي جو پير هڪ ٽانڊي تي اچي ويو ۽ هو ڇرڪي ڪرا کڻڻ لڳو

ٽاٽ پرج

” پرماتما خاڪ ۽ جوت يعني پنهنجي چيتن سَتا سان هيءَ سرسٽي ٺاهي آهي. آڪاس، ڌرتي، جل ۽ وڻ ٽڻ وغيره سڀ پرماتما جا رچيل آهن. هي بندا، جيڪي تون اکين سان ڏسين ٿو، سو سڀ فاني آهي. دنيا جا ماڻهو حرام جو کاڌو کائين ٿا ۽ حرص ۾ غلطان آهن. اُهي پوتن ۽ پسن وانگي کُهن ٻئي حرام ۽ کائين ٻه مردار؛ مطلب ته اُهي اڌرم تي ياڙي بيٺا آهن. جو شخص ڪنهن جي ٻه دل دکائي ٿو، تنهنکي اُهو قبض ڪندڙ قادر دوزخ جي سزا ڏيندو. هي پائي، جنهن مهل اهو ڪال قهري اچي گهٽيندو، تنهن مهل اسانجا وڏا، جن تي اسانجو آسرو آهي ۽ اسانجا پائر، اسانجا پدارت، محلات، ڪچهريون وغيره ڪهڙي ڪم جا ٿيندا؟ صاحب فرمائين ٿا ته اسان جيون جو حال اُنهيءَ پاڪ پروردگار کي معلوم آهي. هي پيارا، تون پرماتما جي پياري وٽ هميشه اها ارداس ڪندو رهه، ته توکي سُمت بخشي.“

اڪبر بادشاهه اهو شبد ۽ ٻيا جيڪي پاٺ ڏيکاريندو ويو، سي سڀ ٻڌي ڏاڍو خوش ٿيو چيائين ته ”سري گورو گرنٿ صاحب ۾ هڪ ڏٺيءَ جي اُستت ڪيل آهي ۽ منجهس پريم ۽ ڀڳتيءَ بابت اُپديش ٿيل آهي. اُن ۾ ڪنهنجي ٻه نندا نه ڪيل آهي. اهڙي مها پوتر گرنٿ صاحب جي هر طرح عزت ۽ ادب ڪرڻ جڳائي.“ اڪبر بادشاهه وڏي دل سان ڪٿين مهرون اُنوقت پيٽا طور ڏنيون ۽ ڀائي گورداس صاحب ۽ ٻابي ٻڌي صاحب کي خلعتون پهرايون ۽ هن هڪ تمام عمدي خلعت صاحبن جي لاءِ ڏيئي کين چيو ته ”پيارا! گورو صاحبن کي منهنجي پاران پيرن تي هٿ رکي چئجو، ته مان جلد سائين جن جي درسن لاءِ امرتسر ايندس.“ اهو ڏسي چندوءَ ۽ سندس صلاح ڪارن جا منهن ڪارا ٿي ويا ۽ شرم وچون اُنهن پنهنجو ڪنڌ ڪٺي هيٺ ڪيو.

اڪبر بادشاهه انجام موجب لاهور جو گشت ڪري سري امرتسر ويو ۽ گورو صاحبن جي مها پوتر ۽ نماڻي شڪل ڏسي نهال ٿيو. هو سري امرتسر ۽ هرمندر ڏسي بلڪل پرشن ٿيو ۽ صاحبن

باھ ۾ پڇي مئو، ۽ جنھن ڏٽيءَ کيس پيدا ڪيو، تنھن ئي کيس لھوري ليون. پٽ، دوست، ڏن ڪجھ بہ ڪم نہ آيس ۽ پائر ۽ مٽ مائٽ بہ ڇڏي ويس. صاحب فرمائين ٿا، تہ مان انھيءَ پرڀوءَ تان ٻلھار آھيان، جنھن مون داس جو وچن سٽ ڪيو يعني جيئن مون چيو، تيئن اچي ٿيو.

سري گورو ارجن ديو جن جي وڏي قرباني

سري گورو ارجن ديو جن جو پرتاپ ڏينھون ڏينھن وڌندڙ ڏسي دشت چندو ۽ پرٿيچند سڙڻ لڳا. جھانگير بادشاھ جو پٽ خسرو، جنھن کي اڪبر بادشاھ پاڻ ڪانپوءِ گادي نشين ٿاپيو ھو، سو پيءُ سان تڪرار ڪرڻ لڳو، تہ پنجاب ۽ افغانستان جي حڪومت مونکي ڏيو. جھانگير جي مرضي ھئي تہ خسروءَ کي پڪڙائي قيد ۾ رکجي، پر ھو پڇي ويو ۽ ڪابل ۾ وڃڻ جو خيال ڪيائين. وات تي ھن گورو صاحبن وٽ ترن تارن ۾ اچي اُجھو ورتو ۽ پئسن جي مدد گھري. گورو صاحبن چيو، تہ مونکي غريبن لاءِ پيسا آھن ۽ نہ شاھن لاءِ. تنھن تي ھٿ ٻڌي خسروءَ چيو تہ " ستگورو مان بہ غريب نڌڪو اوھانجي شرن آيو آھيان. ديا پالي مون تي رحم ڪريو." اھو ٻڌي ستگورن کي قياس پيو ۽ کيس ٥ ھزار روپيہ ڪابل تاءِ خرچ لاءِ ڏنائون. خسروءَ کي بادشاھ جي لشڪر وات تان ئي پڪڙي قيد ڪيو. جڏھين جھانگير بادشاھ ڪشمير ويندي لاھور ۾ منزل ھئين، تڏھين چندو وڃھ وٺي بادشاھ جا ڪن ڀرڻ لڳو تہ " قبلا، اوھانجي پٽ خسروءَ کي گورو ارجن ديو ترن تارن ۾ پناھ ڏني ھئي ۽ وات جي خرچ لاءِ پڻ پنج ھزار روپيا ڏنا ھئا. انھيءَ ڪان سواءِ ھو چورن ۽ ڦورن کي ھاٿوٽ رھائي ٿو. ھن پنھنجي سکن لاءِ ھڪ گرنٿ رچيو آھي، جنھن ۾ ھن حضرت محمد ۽ ھندن جي اوتارن جي گلا ڪئي آھي ۽ پنھنجن پن وڏن پائرن جا حق رکي پاڻ زورا زوريءَ گاديءَ تي ويٺو آھي. اوھن ھيئر ڪو ترت جوڳو اُپاءُ نہ ڪندا، تہ قصو بگڙي ويندو. صلح پري ڳالھ آھي تہ

۽ يڪدم گهوڙو ۽ سوار ٻئي وڃي ٽٽل کوڙي ۾ داخل ٿيا ۽ پڇي مئا. تلوار جا ڦٽ ملهي خان صاحب جي مارڻ لاءِ ڪڍي هئي، سا سندس ئي سيني ۾ وڃي لڳي. جلدئي ڪن سکن صاحبن کي اها خبر اچي پهچائي، جنهن تي صاحبن هيٺيون شبد اچاريو:-

بلاول محلا (۵) شبد (۱۰۲)

مُلهي تي نارائڻ راکه
مُلهي کا هاٿُ کهي نه پَهُچِي، مُلهي هوءِ مُوئا ناپاکُ
(اِک رَهاءُ)

(۱) کاڍِ کُٺارُ[1] خصمِ سِرُ[2] کاٽِئا، کِن مَهِ هوءِ گَئِئا هيِ خاکُ[3]
مَندا چِتَوَت[4] چِتَوَت پَچِئا، جِن رَچِئا[5] تِن دِينا ڌاکُ[6]
(۲) پُتر مِيت ڌَنُ کِچهوُ نه رَهِئو، سُه چهوڙِ گَئِئا سَڀ
ڀائي ساکُ[7]
کَهُ نانک تِس[8] پربَ بِلهاري، جِنِ جَنَ کا کِينو پوُرَنَ[9] واکُ

ڀاٽ پرچ

ملهيءَ ڪان اسانکي نارائڻ رکي ورتو. ملهيءَ جو وس نه هلي سگهيو ۽ هو ناپاڪ ٿي مئو. ڌڻيءَ تلوار ڪڍي سندس سِرُ ڪپيو ۽ کن ۾ سندس سر جلي خاڪ ٿي ويو. هو بڇڙا خيال ڪندو ڪندو

۱- کهاڙو يعني تلوار؛ ۲- گهوٽ، ڌڻي؛ ۳- مٽي، رک؛ ۴- بڇڙا خيال ڪندو ڪندو باهه ۾ پچي مئو؛ ۵- پيدا ڪيو؛ ۶- موت جو ڌڪ؛ ۷- مٽ مائٽ؛ ۸- داس؛ ۹- وچن.

سان ملجي." اهو ٻڌي ماتا جي نيڻن مان جل وهڻ لڳو، پر ستگورن ڪيس ڌيرج ڏيئي سانت ڪرائي.

ستگورو پنج سک ڀائي ٻڌ چند، ڀائي جيٺو، ڀائي لنگه، ڀائي پراڻو ۽ ڀائي پيڙو پاڻ سان وٺي روانا ٿيا. لاهور جا سک صاحبن کي ڏسي ڏاڍو خوش ٿيا. وزير خان جنهن ٻڌو ته صاحب لاهور ۾ آيا آهن سو صاحبن وٽ ويو ۽ گهڻي پيشا اڳيان رکي نمسڪار ڪري هٿ ٻڌي چوڻ لڳو، "سچا پاتشاه! ڌن آهيو اوهين ۽ ڌن آهي اوهان جي امرت روپ واڻي، جنهن جي ٻڌڻ ڪري دکي پرش سُک پائين ٿا ۽ پاپي پوتر ٿين ٿا. هي دين ديال، دشٽ چندو بادشاه کي اوهانجي برخلاف وري چغليون پيو هڻي، جنهنڪري بادشاه جي مت کي قدر ڦريل ڏسجي ٿي، پر تنهن هوندي به اوهانکي سري گورو نانڪ صاحب جن جو روپ سمجهي هينئر اوهانجي درسن جي پياس لڳي اٿس. اوهانکي وٺي اچڻ لاءِ مونکي موڪليو اٿس، سو ديا ڀالي هلي هنکي درسن ڏيو." گورو صاحبن فرمايو ته "پيارا، اسين ته انهيءَ لاءِ ئي هتي آيا آهيون ۽ اوهان لاءِ ترسيا ويٺا هئاسين. هلو ته هينئر ئي هلون." ائين چئي گهوڙي تي سوار ٿي، پنج سک پاڻ سان وٺي، ٻاهر نڪتا. واٽ تي هزارين سک صاحبن کي اچي پيرين پيا ۽ درسن ڪري نهال ٿيا. وزير خان اڳواٽ بادشاه کي صاحبن جي اچڻ جي خبر ڏني، جنهن تي بادشاه يڪدم نڪري اچي ٻاهر بيٺو ۽ صاحبن جي گهڻي مرحبا ڪئي ۽ ڪين گهڻي عزت سان ڪچهريءَ ۾ وٺي ويو. اتي هن صاحبن کي هڪ اوچي آسڻ تي وهاري نمي سجدو ڪيو. سڀ جيڪي اتي حاضر هئا، سي پڻ صاحبن کي اچي پيري پيا. اهو ڏسي دشٽ چندو سڙي ويو. ڪجهه وقت کان پوءِ بادشاه صاحبن کي چيو ته "هندو چون ٿا ته اسانجو ڌرم سچو ۽ مسلمان وري چون ٿا ته اسانجو دين اسلام سچو. ڪي چون رام ته ڪي چون رحيم ۽ ڪي چون ته گنگا جو تيرٿ وڏو ته ڪي چون ڪعبي جي زيارت وڏيڪ. اوهين خدا صاحب جا ڪامل

اوهين هتي كيس گهرائي مٿين ڳالهه بابت سبب پڇوس." اهو ٻڌي بادشاهه * وزير خان سردار كي سڏي حكم ڏنو ته تون وڃي ستگورن كي هتي جلد وٺي اچ. انترجامي ستگوروءَ پنهنجي جوتي جوت سمائڻ جو وقت ويجهو پهچندو ڏسي هك وڏو ديوان لڳايو ۽ پنهنجي پٽ سري گورو هرگوبند صاحب جن كي گوريائي بخشي ۽ لاهور وڃڻ جي تياري كئي. سك وياكل ٿي روئڻ لڳا، پر ستگورن انهنكي پربوڌ ڏنو، ته پرماتما جي ڀاڻي تي راضي رهڻ گهرجي. پوءِ صاحب سڀ كم لاهي پنهنجي گهر آيا ۽ پوڄن وٺي سيڄا تي ويٺا. ماتا گنگا ٻه اڳيان اچي ويٺي، جنهنكي اُنوقت ستگورن هن ريت فرمايو " هي ڀاڳوان، اسانكي لاهور وڃڻو آهي. اسانجو پٽ هيڻر وڏو ٿيو آهي ۽ هو سڀ كم پنهنجي سر كرڻ جو لائق آهي. ياد كر ته جيكي پيدا ٿيو آهي سو نيٺ ناس ٿيندو ۽ جو وڏو ٿيو آهي سو نيٺ ٻڍو ٿيندو. هن ديهيءَ سان پريم ركڻ وڏي ناداني آهي. سڀ ديهيون جهڙيون ڀريائين هيون، تهڙيون پوءِ نه ٿيون رهن. هيءُ جيو ٻالك مان جوان ٿئي ٿو ۽ جوان مان ٻڍو ٿي نيٺ ناس ٿئي ٿو. سري گورو نانك ديو جن جا وچن آهن " جو آيا سو چلسي سڀ كو آئي واريئي." تون اسانكان پوءِ متان شوك كرين ۽ پنهنجي ديهه تياڳڻ جو خيال كرين. اهو وڏو دوش آهي. تون اولاد جا سك ماڻج ۽ انت سمي سرير ڇڏي اَچي اسان

---

* وزير خان هك پيارو شرڌالو سك صاحبن جو هو. هنكي جلندر جو مرض ٿي پيو هو. هن گهڻيئي حكيم طبيب ڏيكاريا، پر كنهن مان به كيس فائدو كو نه ٿيو. آخر هك پياري سك كيس سكمني صاحب جو پاٺ كري ٻڌايو. اهو ٻڌي هنجو مرض لهي ويو. هو پوءِ صاحبن وٽ آيو ۽ صاحبن جو پكو سك ٿيو. هنكي گورن جي واڻيءَ ۾ اهڙي شرڌا هئي، جو مرڻ سوڌو هن كي سك پاٺوت ركيا، جي هرروز كيس امرت ويلي سكمني صاحب ۽ ٻي نت نيم جي واڻي ٻڌائيندا هئا.

نانت پرج

” هي بادشاه رام ۽ خدا ۾ ڪو ڀيد ڪونهي. هندو هنکي رام رام ڪري سڏين ٿا ۽ مسلمان خدا. هندو گسائين جي شيوا ڪن ٿا ۽ مسلمان الله جي. ڪي پرماتما کي چون ٿا سب الساز ته ڪي ڪريم، ڪي ڪرپالو ته ڪي رحيم. هندو تيرٿن تي وڃي اشنان ڪن ٿا ۽ مسلمان زيارت لاءِ مڪي وڃن ٿا. هندو پوڄا پيا ڪن ته مسلمان سجدو. هندو ويد پيا پڙهن ته مسلمان اسلام جا ڪتاب. مسلمان نيلا ڪپڙا پهرين ٿا ته هندو اڇا. ڪي پاڪڪي ترڪ ڪوٺائين ٿا ته ڪي وري پاڪڪي هندو. مسلمان بهشت گهرن ٿا ته هندو وري سرڳ جي اڇا رکن ٿا. هي رڳو لفظن جو ڦير آهي نه ته ڳالهه مڙيئي ساڳئي جي ساڳي آهي. هي بادشاه! جن پرماتما جو حڪم جاتو آهي سي ئي سندس ڳجهه سمجهي سگهيا آهن.“

بادشاه اِهو شبد ٻڌي ڏاڍو خوش ٿيو، پر دشت چندوءَ خسروءَ جي رهائڻ واري ڳالهه تي وري وري پئي زور ڏنو، جنهن تي بادشاه کي جوش اچي ويو. صاحبن کي چيائين ” سائين اوهان منهنجي ڪمبخت پٽ خسروءَ کي جو پاٽوت پداه ڏني ۽ پيسن جي مدد ڪئي.“ صاحبن جواب ڏنو ته ”اسان هنکي اوهان جو دشمن سمجهي ڪانه مدد ڪئي، پر هنجو مسڪين حال ڏسي مدد جو هٿ ڊگهيڙيو.“ اِهو ٻڌي بادشاه کي غصو آيو ۽ صاحبن کي چيائين ته ” انهيءَ ڏوهه ڪري اوهان تي ٻه لک روپيا ڏنڊ آهي ۽ اوهانکي حڪم ڪريون ٿا ته هڪدم اُهي شبد گورو گرنٿ صاحب مان ڪڍي ڇڏيو جي هندن جي اوتارن ۽ حضرت نبيءَ جي برخلاف آهن.“ صاحب گهڻي ڌيرج سان هننکي جواب ڏنو ته ” اسان وٽ جيڪا پيتا اچي ٿي سا ڌرم جي ڀلي خرچ ٿئي ٿي. اوهانکي پيسي جي لوڙ هجي ته اِها اوهان جي اڳيان حاضر آهي، پر جيڪڏهين ڪجهه به ڏنڊ جي صورت ۾ وٺڻ ٿا چاهيو ته اسين هڪ ڪوڏي به نه ڏيندا سون. ڇو جو ڏنڊ ڦورن ۽ لوٽن تي پوندو آهي. اوهين جو اسانکي چئو ٿا ته ڪي شبد سري گورو

اولياءَ آهيو، سو مهر ڪري ٻڌايو ته خدا صاحب وٽ ڪير پسند آهن؟" صاحبن بادشاهه جو سوال ٻڌي هيٺيون شبد اُچاريو:-

رامڪلي محلا (٥) شبد (٩)

(١) ڪوئي بوليِ رامَ رامَ، ڪوئي خُداءِ
ڪوئي سيوءِ گوسَئِيّا، ڪو الله
ڪارڻَ ڪَرَڻ[1] ڪريم. ڪرپا ڌارِ رحيم (اِڪ رهاءُ)
(٢) ڪوئي ناوءِ تيرٿ، ڪوئي حجہ جاءِ
ڪوئي ڪريءِ پوجا، ڪوئي سِرُ نِواءِ
(٣) ڪوئي پڙهءِ بيدَ، ڪوئي ڪَتيب[2]
ڪوئي اوڍي[3] نيلَ[4]، ڪوئي سُپيد[5]
(٤) ڪوئي ڪهءِ تُرڪُ، ڪوئي هندو
ڪوئي باڇيِ[6] بهشت، ڪوئي سُرگندو[7]
(٥) ڪَهُ نانڪَ، جِنِ حُڪَمُ پڇاتا
پربُ صاحِبَ ڪا تِنِ ڀيد[8] جاتا

١- سڀ اسباب يا سڀ ڪم جو ڪندڙ ڪريم آهي؛ ٢- مسلمان جا چار ڪتاب:- (١) قرآن شريف (٢) توريت (٣) زبور (٤) انجيل [ڏسو گورواڻي صفحه(٢٠٢)] ٣- ڍڪي؛ ٤- نيرا ڪپڙا يا ڪارا ڪپڙا؛ ٥- سفيد يا اڇا ڪپڙا؛ ٦- چاهين ٿا، خواهش ڪن ٿا؛ ٧- سرگ جو اندر يعني راجا ٿيڻ چاهي ٿو؛ ٨- راز، ڳجهه.

پر ستگورن کين چوائي موڪليو تہ ”اوهين ڏلب متان پيو. جي ائين ڪندا تہ اوهين اسانجا سک ٿي نہ آهيو.“ ٻئي ڏينهن صبح جو نياڳي چندوءَ هڪ وڏي ٽهڪندڙ ديگ پر صاحب کي وهارڻ جو حڪم ڏنو ۽ هينان باهہ جا مچ ٻارايا. صاحب خوشيءَ سان وڃي ٽهڪندڙ ديگ پر ويٺا ۽ مک مان هيئيون ٻہ تڪون وري وري پئي اُچاريون :-

”تيرا ڪيئا ميٺا لاگي
هَرِ نامُ پدارَٿُ ناڪُ مانگي“

[راگ آسا محلا (٥) شبد (٩٣)]

صاحبن جو سارو بدن رڃهي ڪپهہ ٿي ويو ۽ ڪجهہ وقت ڪاليوءَ دشت چندوءَ صاحبن کي ٽهڪندڙ ديگ مان ڪڍڻ جو حڪم ڏنو.

چندوءَ جي ننهن جا صاحبن جي هڪ پياري سک جي ڌيءَ هئي، تنهنجي ڪن تي جڏهن اهو پڙلاءُ پيو تہ منهنجي سهري هي الرت جو ڪم ڪيو آهي، تڏهن هوءَ سڄي ٽرڪڻ لڳي ۽ ڏاڍو خيال ٿي پيس. رات جو وجهہ وٺي چگو طعام تيار ڪري، اُن سان لوٽو شربت جو ڪٽي اُنهيءَ ڪوٺيءَ ڏي ويئي، جتي چندوءَ چنڊال صاحبن کي نظربند رکيو هو. پهري وارن مائيءَ کي گورو صاحبن ڏي وڃڻ کان روڪيو ۽ چيائون تہ جي ديوان چندوءَ کي خبر پوندي تہ اسانجي ڪل بہ لاهي ڇڏيندو. مائي سياڻي هئي، تنهن هڪدم هڪ ڳهہ لاهي ڪٽي کين ڏنو. سپاهي پنا ۽ مائيءَ کي چيائون تہ ”مهرباني ڪري گهڻو وقت نہ ترسج، متان ديوان اچي نہ وڃي ۽ مفت اسين تڪليف هيٺ اچون.“ مائي لنگهي گورو صاحبن وٽ آئي ۽ سندس چرن تي ڪري، زار زار روئي چيائين تہ ”سچا پاتشاه! اوهين ڪئين جيون کي سک ڏيئي رهيا آهيو. هين دشتن کي اوهانجو ڪهڙو قدر؟ مان داسي، اوهانجي هڪ سک جي ڌيءَ آهيان. مولکان هي سنو نہ ٿيو. منهنجي ٻچڙي

گرنٿ صاحب مان ڪڍي ڇڏيون سو شبد نہ پڙي ليا، پر اسين هڪ لفظ بہ ڪين ڦيرائينداسون. اِها گوروائي ڏر جي آهي ۽ جڳتر جي الت تائين قائم رهندي ۽ جيون ڪي لوڪ پرلوڪ جو سک ڏيندي. اُهي وڏا مورکہ آهن جي سمجهن ٿا تہ سري گورو گرنٿ صاحب ۾ هندن جي اوتارن ۽ حضرت نبيءَ جي برخلاف ڪجھ لکيل آهي." اِني اچي نما شام جو وقت ٿيو ۽ بادشاھ دربار برخواست ڪري ٻاهر نڪتو. اوڏي مهل چندوءَ وجھ وٺي بادشاھ کي چيو تہ "قبلا! جي سائين موڪل ڏئي تہ مان صاحبن کي پنهنجي گهر وٺي اُني سڀ ڳالهيون چڱيءَ طرح سمجهائي ٻہ لک روپيہ ڪاٺئس وصول ڪري خزاني ۾ داخل ڪرايان." بادشاھ کي اِها ڳالھ ڏاڍي وڻي. بادشاھ ڪشمير وڃڻ جو خيال لاٿو ۽ موٽي دهليءَ ويو ۽ چندو کي بهانا ڏيئي بادشاھ کان موڪل وٺي لاهور ٿرسي پيو. چندوءَ صاحبن کي ڏوليءَ ۾ چاڙهي سپاهين جي نظر هيٺ پنهنجي جاءِ تي موڪليو ۽ پنجن سکن کي بہ رسيون ٻڌارائي قيد رکيائين ۽ سپاهين کي گهرائي حڪم ڏنائين، تہ "هن وقت کان وٺي صاحبن کي کاڌو، پيتو ۽ سمهڻ نہ ڏجو. جي بک لڳيس تہ هڪ لک روپيا وٺي کاڌو ڏجوس. جي اُڃ لڳيس تہ هڪ لک روپيا وٺي پاڻي ڏجوس ۽ جي ننڊ ڪرڻ چاهي تہ بہ هڪ لک روپيا وٺي پوءِ ننڊ ڪرڻ ڏجوس. مان هنکي عذاب ڏيئي ماريندس." رات جو چندو صاحبن وٽ آيو ۽ چوڻ لڳو تہ "هينئر بہ پنهنجي هٺ تان لهو ۽ مائٽي قبول ڪريو تہ گهڻين مصيبتن کان ڇٽي پئو." صاحبن کيس چيو تہ "اسانکي پنهنجن سکن جو چيو اصل موٽائڻو نہ آهي. اوهين آهيو وڏا ماڻهو ۽ اسين آهيون مسڪين فقير، اسانجو هڪ ٻئي سان ناتو نڪو ٿئي، نڪو جڙي." چندو ساڙن وچون ڏند ڪرٽيندو گهر ويو ۽ رات جو پهر پڇاڙڻ لڳو تہ "ڪهڙا ڪشت وڌيڪ ڏجنس، جو پنهنجي هوڏ تان لهي." ويچارن لاهور جي سکن کي جڏهين خبر پيئي تہ صاحب چندوءَ جي گهر ۾ نظربند آهن، تڏهين انهن ٻہ لک روپيا جلد ڪٺا ڪري چندوءَ کي ڏيڻ جي خواهش ڪئي،

سَيِو ڀجيِ آسَرا، ڇُڪيِ[1] سَڀُ[2] آسَراءُ
چِتِ آوَيِ اُسُ پارَ برهَمُ لڳيِ نہ تَتِي[3] واءُ.

....

تات پرج

”هي پيارا جڏهين ڪنهن پرش کي گهڻيون مشڪلاتون ويڙهي وڃن ۽ اُنهيءَ سبب ڪري ڪوبہ ڪيس پاڻوت ويجهو اچڻ نہ ڏئي؛ جڏهين انجي پنهنجيان دشمن لڳا پيا هجن ۽ سندس ٻٽ نہ ڇڏين؛ مت مائٽ بہ ڇوُ ڇوُ ڪري پڇي پري ٿين؛ جڏهن هيڪجا سڀ دليوي، آسرا ٽٽي وڃن ۽ آسري ڏيندڙ بہ دور ٿي وڃن، تڏهن بہ اهڙي پرش کي جيڪڏهين پار برهم من ۾ ياد پوي تہ، تہ لسڇي جاڻو تہ انکي ڪوسو واءُ نہ لڳندو يعني هو دکي نہ ٿيندو.“

چوٿين ڏينهن مها پاپي چندو حد ڪري چڪو. هن هڪ وڏو شاهي لوه جو تئو گهرايو ۽ اهو تپائي ٽانڊن جهڙو ڳاڙهو ڪري اُنتي صاحبن کي وهاريو ۽ انجي هيٺان سخت باه ٻارائي. رڳو انهيءَ مان بہ ڍءُ نہ ٿيس. ساڳي وقت دشت صاحبن جي ٻت تي گرم ريتيءَ جا ڪڙڇا پرائي وجهايا ۽ لوه جا ٽڪر باه ۾ تپائي ڳاڙها ڪري صاحبن جي ڇاتيءَ ۽ پٺيءَ سان ٻڌايا. اهو حال ڏسي ڪوبہ پٿر دل جيڪر موم ٿي پوي، پر نرديي چندوءَ کي ڪو بہ قياس ڪونہ پيو. ستگورو اڪال پرک جي پريم ۾ مگهن رهيا ۽ سندن پوتر مک مان هينيون مها سندر ٽڪون ٻئي نڪتيون:-

”جي سُکُ ديهِ تہ تُجهہ آراڌي، دُکَ ڀي تُجهيءِ ڌِيائي
جي ڀُکَ ديهِ تہ اِتهي راجا، دُکَ وِچ سوکُ مَنائي

١- ٻڌ ٿيا، دور ليا؛ ٢- آسري ڏيڻ وارا؛ ٣- ڪوسو واءُ.

قسمت ڇٽي، جو منهنجا انگ نياڻيءَ جي پٽ سان اڙيا. ههڙي گهر ۾ رهڻ وڪه سمان آهي. ڪڏهين الاجي مون نياڻيءَ جا سواس پورا ٿيندا. اوهان ستگورن جي ڪرپا ٿئي، جو شل آءٌ جلدئي سرڳ ليائيان. مون اميد ڪري اوهان لاءِ هي پوڄن آندو آهي، جو ڪرپا ڪري چکيندا ته هن داسيءَ کي اتي آنند ايندو."

تنهنتي ستگورن مائيءَ کي چيو ته "پٽري جس هجي تنهنجي پريم ۽ شرڌا کي! اسين، دشٽ چندوءَ جي گهر جي کاڌي کي مُور نه ڇهنداسين. تون ڪو فڪر نه ڪر. اسين جلد توکي پاٽسان پرلوڪ وٺي هلنداسين." اِهي وچن ٻڌي مائي پنهنجي جاءِ ڏي وَري.

هيترين سختين ڏيندي به ڪنور چندوءَ جي دل کي ڪو کهڪاءُ نه پيو. ساري رات پهه پچائڻ لڳو، ته کهڙيءَ طرح صاحبن کي وڌيڪ آزاريان، جنهن ڪري هو باز اچن. ٽين ڏينهن پنهنجن ماڻهن کي حڪم ڪيائين، تـ واري اهڙي گرم ڪريو، جهڙي پوڄري پڳرن پُچڻ لاءِ گرم ڪندو آهي. پوءِ هن صاحبن جا هٿ پير ٻڌائي اها تتل واري صاحبن تي وجهائي، جنهنڪري صاحبن جو سارو سريز ڦوڪيندا ڦوڪيندا ٿي پيو. شانت روپ گورو ارجن ديو جن سڀ صبر سان سنو ۽ انوقت پنهنجي پوتر مک مان هيءَ مها سندر اَشٽپدي اُچاري:-

سري راڳ محلا پنجوان اَشٽپدي (١)

جاڪَءُ مُشڪلُ[1] اَتِ بڻي، ڍوئي[2] ڪوءِ نَه ديئِه

لاگوُ هوئي دُشمنا[3]، ساڪَ[4] ڀِ ڀَجِ ڪَلي[5]

١- ڏاڍي مشڪلات؛ ٢- دخل، عزت؛ ٣-انجي پنيان دشمن لڳا پيا هجن؛ ٤- مائٽ؛ ٥- ڀڄي ڪڙا ٿيا، ڀڄي ويا، اُلي ڀڳا.

هو ضرور سگهه قبول ڪندا. تنهنڪري هن صاحبن جي ڳالهه قبول ڪئي.

چندوءَ سپاهين کي حڪم ڪيو ته اوهين چڱيءَ طرح نظرداري ڪجو، ڏسو متان ڪو انهن مان ڀڄي وڃي. گورو صاحبن جو سارو بت ڦوٽيندا ٿيو پيو هو ۽ پيرن جون ترِيون به ڦٽيون پيئون هيون، تنهنڪري آهستي ڌرتيءَ تي پير پير رکندا هليا. صاحب پائي پراڻي کي ويجهو ڏسي هن جي ڪلهن تي هٿ رکي آهستي آهستي نديءَ ڏانهن وڌيا. وات تي جيڪي پي لنگيا، تن صاحبن کي نمسڪار ڪيو. صاحبن جو ضعيف بدن ڏسي انهن عجب کاڌو ته خبر نه آهي ته ڇو صاحبن جي اهڙي حالت ٿي آهي. پر صاحبن جي چت جي ورتي اُڪال پرڪه ۾ جُڙي رهي ۽ ڪين سرير جي پيڙا جو ڪو خيال ڪو نه هو.

جڏهين راوي نديءَ تي پهتا، تڏهين صاحبن پهرين هٿ منهن ڌوتو ۽ تنهن کانپوءِ به چار ڀيرا پاڻيءَ جا پيتا. صاحبن پوءِ نديءَ ۾ گهڙي اشنان ڪيو ۽ سري جپ صاحب جو پاٺ پريم سان اُچارڻ لڳا. پنج سڪ به نبي ڏيئي سري جپ صاحب جو پاٺ بڌڻ لڳا. سري جپ صاحب جي پاٺ کانپوءِ صاحب ٿورو وقت ڌيان ۾ رهيا ۽ پوءِ سکن کي فرمايائون ته "پيارا جيڪو ڪم اسانکي جيوت ۾ ڪرڻو هو، سو اسان ڪيو. اسين هاڻي پرلوڪ وڃڻ وارا آهيون. اوهين سري گورو هر گوبند صاحب کي چئجو، ته اسان لاءِ ڪو شوڪ نه ڪري، پر گوبند جا گڻ ڳائيندو رهي. هنکي چئجو ته هٿيار پهري، سئنا ٺاهي، ظالمن سان لڙايون ڪري ۽ سڀ ڪنهن ڳالهه ۾ پابي پڌي صاحب جي صلاح وٺي. اوهين اگني سنسڪار نه ڪجو پر اسانجو سرير درياه ۾ پرواهه ڪجو." اوڏيءَ مهل هڪ پيارو ربابي ڏُتارو ڪٽي اُتان اچي لانگهائو ٿيو، جنهنکي سنگورن سڏائي ڪيرتن ڪرڻ لاءِ فرمايو. ربابي صاحبن کي متو ٽيڪي، پريم سان ويهي شبد ڪيرتن ڪرڻ لڳو. جيئن ڪيرتن پئي ٿيو، تيئن صاحب چادر ڍڪي سمهي رهيا ۽ جوتي جوت سمايا. صاحبن جو جوتي جوت

تَنُ مَنُ كاٽِ كاٽِ سَڀُ اَرپِي، وِچِ اَگنِي آپُ جلَائِي."

[راڳ سوهي محلا (٤) اشٽپدي (١)]

ارٿ:- "هي اَڪال پرک، جي مونکي سک ڏيندين ته به تنهنجي آراڌنا ڪندس؛ جي مونکي دک ڏيندين ته به توکي ڌيائيندس. جي مونکان بکون ڪڍائيندين ته به مان ترپت رهندس، مطلب ته دکن کي مان سک ڪري سمجهندس. مان پنهنجو تن من ماري توکي ارپڻ ڪندس؛ تنهنجي صدقي مان اگنيءَ ۾ پاڻ جلائيندس."

اُنهيءَ وقت حضرت ميانمير گورو صاحبن جو هڪ صدقي سک اندر گهري آيو؛ هيءَ دردناڪ قصو ڏسي وسميءَ ۾ پئجي ويو؛ صاحبن کي عرض ڪيائين ته "سچا پاتشاهه، آگيا ڏيو ته لاهور؛ دهلي ٻئي هڪ ڪن ۾ ناس ڪري ڇڏيان. مونکان اوهانجو درد سنو نٿو ٿئي." صاحبن چيو "پيارا، اِها شڪتي تو ڪنهن کان حاصل ڪئي." جواب ڏنائين ته سائين اوهان وٽان. تنهنتي ستگورن ڪيس چيو "اي درويش، اسين اها شڪتي نٿا هلائي سگهون ڇا؟ پيارا ڪرامت قهر جو گهر آهي. اُها اسانکي ڪداچت هلائڻي نه آهي. اسانکي ڀاڻو منو ڪري پوڄڻو آهي.

'حڪم منئيءَ هوويءِ پرواڻ، تان خصميءَ کا محل پائسي'

جڏهين هي جيو پرماتما جو حڪم مڃي قبول پوي ٿو، تڏهين ئي پرماتما گهوٽ جو سروپ ڄاڻي ٿو." اِهي وچن ٻڌي ميانمير جي اندر کي ڌيرج آيو؛ هو صاحبن جي ساراهه ڪندو رمندو رهيو.

پنجين ڏينهن دشٽ چندوءَ صاحبن کي چيو، ته اڄ به نياڻيءَ جو سڳ قبول ڪريو ته واهه، نه ته تازي مُئل ڳئوءَ جي کل ۾ اوهانکي سبائي درياهه ۾ لوڙهي ڇڏيندس. اِهو ٻڌي صاحبن چيو ته چڱو، پر اسانکي؛ اسانجي پنجن سکن کي موڪل ڏي، ته نديءَ تان اِشنان ڪري اچون، پوءِ جيڪا واهگورو ڪندو سا ٿيندي." چندو خوش ٿيو. سمجهائين ته اشنان ڪان پوءِ صاحبن جو بت ٿرندو؛ پوءِ

سريِ راڳ محلا پنجوان

اُٿانڪا:- هڪ دفعي هڪ پٽيءَ جو راجا، جو بلڪل ايماني هو، سو صاحبن وٽ آيو. صاحبن ڪيس هيٺئين شبد دواران اپديش ڏنو:-

سري راڳ محلا پنجوان گهر پهلا شبد (١-٧١)

(١) ڪيا تون رَتا ديکِڪيِ، پُترِ ڪلَترَ سِينگارَ
رَس ڀوگهِ خوشيئان ڪَرَهِ، ماڻهِ رَنگ اَپار
بهُتُ ڪَرَهِ فُرمائشيِ، وَرَتَهِ هوءِ اَفار
ڪَرَتا چِت نه آوئيِ، مَنَ مُکَ اَنَڌَ گوار

ارٿ:- هي راجن! پٽ، استري (۽ اهڙا اَنيڪ پرڪارن جا) سينگار ڏسي تون مست ڇو ٿو ٿئين (يعني اُجهل خوشي ڇو ٿو ڪرين؟) تون (انيڪ پرڪارن جا وشين جا) سک ڀوڳين ٿو، خوشيون ڪرين ٿو ۽ گهڻا آنند ماڻين ٿو. تون ڪئين قسمن جا حڪم ماڻهن تي هلائين ٿو (يعني زور زبردستيءَ سان پنهنجا مطلب پورا ڪرين ٿو) ۽ اهنڪاري ٿي دنيا ۾ هلين ٿو (يعني ٻئي جي سچيءَ ڳالهه کي نه ٿو ٻڌين، رڳو پنهنجي پيو هلين.) جنهن ڪرتار توکي اُهين ڪيو آهي، تنهنکي ڪڏهين چت ۾ نٿو آڻين. اهڙيءَ ڪري تون منمک، اگياني ۽ مورکه آهين. [رتا=مست ٿيڻ؛ ڪلتر=استري؛ اپار=گهڻا؛ فرمائشي=

سمائڻ سنبت ١٦٦٣ برابر ١٦٠٦ع جيٺ مهني جي چوٿ ڏهاڙي ٿيو. قدرت واهگوروءَ جي، جو اُهيءَ ساڳئي وقت چندوءَ جي لنهن به پران ٿيا ڳيا. ستگورن جي پرلوڪ پڌارڻ جي خبر جلد لاهور ۾ پکڙجي ويئي ۽ هزارين سک ڪٽنب سميت لديءَ تي آيا. الهن هڪ وڏو عمدو چوڏول ٺاهيو ۽ ڪئين ريشمي وستر ۽ گل ڦل آندائون، جن سان چوڏول کي بلڪل عمديءَ طرح سينگاريائون. پوءِ صاحبن کي اشنان ڪرائي ريشمي وستر ۽ گل ڦل مٿان وجهي چوڏول ۾ رکيائون ۽ پريم سان شبد ڳائيندا ڳائيندا صاحبن جي حڪم موجب چوڏول کڻي درياهه ۾ گهڙيا ۽ وچ سير ۾ صاحبن جي سرير کي پرواهه ڪيائون.

سري گورو ارجن ديو جن ڌرم جي رکيا لاءِ جا قرباني ڪئي، سا بيحد هئي. تواريخ ۾ قرباني جا مثال ڳولبا ته ڪيترائي لڀندا، ليڪن صاحبن جي قرباني جهڙو مثال مشڪل ملندو. ڇا پيا پنج ڏينهن چنڊال چندوءَ جا عذاب سهڻ، ۽ وري به نه ٻولڻ! ڇا قهريءَ جو قهر، ۽ صاحبن جو صبر! ڇا ويريءَ جو وير وٺڻ ۽ گورو جن جا گوبند جا گڻ ڳائڻ! صاحب نه ڪرامت جا صاحب هئا، سو جي چاهين ها ته ڪن جو ڪن ۾ چندوءَ کي چٽ ڪري ڇڏين ها. ٻاٽڪي هڙيءَ مصيبت کان ڇڏائڻ ڪا سندن لاءِ وڏي ڳالهه ڪانه هئي، پر صاحبن کي جڳت جي اُڌار لاءِ مثال ڪري ڏيکارڻو هو نه مشڪل کي ڪيئن منهن ڏجي ۽ ڪيئن سوريءَ مهل هڪ سچي پرماتما ۾ نسچو رکي، اُنجي چرڻن ۾ چت لڳائي سڀ دک مٺو ڪري ڀوڳجي. شل ستگورن جو ساڪو (قرباني) پڙهي اسين به ڪا قرباني ڪرڻ سکون ۽ ديس لاءِ پيار پنهنجي هردي ۾ جاڳايون. شل اُهو ستگورو ٻاڻ اسانکي اِها سمت بخشي ۽ ائين ڪرڻ ۾ همٿائي!

(٣) لَبَدا بَدَ دُعاءِ تون، مائِيا کَرَهِ اِکَتَ
جِسنو تون پَتيئائِدا، سو سَڻُ تُجهيِ اَنتَ
اَهنْکارُ کَرَهِ اَهنْکاريئا، وِيا پِيا مَنَ کي مَتِ
تِنِ پَرڀِ آپ پُلائيا، نا تِسُ ذاتِ نہ پَتِ

اَرٿ:- (غريبن جي) پت حاصل ڪري تون مايا ڪٺي ڪرين ٿو. جنهن (ڌن ۽ ڪٽنب کي پنهنجو ڄاڻي اُنهن) تي تون ڀروسو رکين ٿو، سي سڀ تنهنجي سري سميت ناسونت آهن. اَهنڪار ڪري جو تون اَهنڪاري بڻجي رهيو آهين، (تنهنجو سبب اِهو آهي جو) تون پنهنجي من جي مت کي لڳي رهيو آهين؛ (مطلب تہ جيئن من چوئي ٿو، تيئن ڪرين ٿو ۽ گوروءَ جي چئي موجب نٿو هلين.) جنهنکي پريو پنهنجي (مارگ کان) ڀُلائي ٿو، تنهنکي نڪا سندس اُلم ذات ۽ نڪا عزت (پرلوڪ ۾ ڪا سهائتا ڪري سگهي ٿي.) [بد دعاء=پت؛ اِکت=اِکتر معنيٰ گڏ؛ پتيئائدا=اعتبار ڪرين ٿو، ڀروسو رکين ٿو؛ سڻ=ساڻ، سميت؛ اَنت=اَ معنيٰ نہ ۽ نت معنيٰ هميشه يعني هميشه لاءِ نہ رهندڙ يا ناسونت؛ وياپيا= لڳل؛ پت=عزت.]

(٤) سَتِگُورِ پُرکِ ملائيا، اِکو سَجَڻُ سوءِ
هَرِ جَنَ کا راکا ايک هيِ، کِيا مانَسُ هوميِ روءِ
جو هَرِ جَنَ ڀاوئِ سو کَري، دَرِ ڦيرُ نہ ڀاوئِ کوءِ
نانَکَ رَتا رَنْگَ هَرِ، سَڀ جَگَ مهِ چانَڻُ هوءِ.

اَرٿ:- جنکي ستگورو پرش الهيءَ هڪ سڄڻ پرماتما سان ملائي ڇڏيو آهي، تن هريءَ جي ڀڳتن جو رکيا ڪندڙ هڪ پاڻ پرماتما آهي. ڇا اَهي رواجي ماڻهن والڪر اَهم ڪٿي سنيڪت روئن

حڪم، زبردستي؛ ورتهہ=ورتڻ ۾ رهڻ، هلڻ؛ اَڦار=اَموڙ يعني جو مُڙڻ جو نہ هجي يعني اهنڪاري.]

ميري مَنَ سُکہ داتا هَرِ سوءِ

گوَرَ پَرسادي پائِيئِي، کَرَمِ پَراپَتِ هوءِ

(اِڪ وَهاءُ)

اَرٿ:- هي منهنجا پيارا! سکن جو ڏيندڙ هڪ هري آهي، ۽ اهو پرماتما گورن جي ڪرپا سان پراپت ٿي سگهي ٿو ۽ گورو وري الم ڀاڳن جي ڪري پراپت ٿي سگهي ٿو. [داتا=ڏيندڙ؛ ڪرم= ڪرمن يعني ڀاڳن جي ڪري.]

(٢) کَپڙ ڀوگ لَپَٽائيا، سُئنا رُپا خاڪُ

هَئوَر گَئوَر بَهُ رَنْگي، کيئي رَٿَ اَٿاکَ

کَسَهي چِتِ نہ پاوئي، بِسَريا سَبُ ساکَ

سِرَجَڻهارِ ڀُلائيا، وِڻُ ناوئي ناپاکَ

ارٿ- سون، روپ، ڪپڙن ۽ ڀين (وشين جي) ڀوڳن ۾ جو تون لپٽيو پيو آهين، سو اُهي نہ سڀ ڌوڙ سمان آهن (يعني ناسولنت آهن.) اليڪ پرڪارن جا سريشٽ گهوڙا ۽ سريشٽ هاٿي ۽ لکيون گاڏيون تون رکين ٿو ۽ ڪنهنکي بہ تون خيال ۾ نٿو آڻين (مطلب نہ ڀاڳکي سڀ ڪان وڏو ٿو سمجهين) ۽ (مايا جي الله وچان) سڀئي مٽن مائٽن کي بہ وساري ڇڏيو اٿيئي. تو پنهنجي اُپائيندڙ کي بہ وساري ڇڏيو آهي. الهيڪري (الهي جي) نام (جپڻ) کالسواءِ تون اُپوتر آهين. [هئور-هيءِ=گهوڙا ۽ ور=سريشٽ يعني سريشٽ گهوڙا؛ گئور-گئہ=هاٿي ۽ ور=سريشٽ يعني سريشٽ هاٿي؛ ٻهہ=اليڪ، گهڻا؛ رنگي=پرڪارن جا، قسمن جا؛ اَٿاڪ=جي لکجن ٿي نہ يعني لکيون؛ ساڪ=سنبنڌي، مٽ مائٽ؛ سرجڻهار=اپائيندڙ.]

اَرٿ- هي ڀائي! سکُ تہ رڳو ساڌ سنگت ۾ ئي ڀائجي ٿو. جنجو ڀلو ڀاڳہ ورڌاتا لکيو آهي، تنجا سڀ دکہ ۽ سنسا (ساڌ سنگت ۾) ميٽجي وڃن ٿا. [ٻڌاتيءِ = ڪرمن جو ڦل ڏيندڙ پرماتما.]

(٢) جيتي ٿانَ ٿننتَرا، تيتي ڀِو آئيا

ڌَنَ پاتِي وَڏَ ڀوُميئا، ميرِي ميرِي ڪَرِ ڀِريا

اَرٿ- (ڀر جنکي ساڌ سنگہ نصيب نٿو ٿئي، اهي) جيترِيون بہ جايون ۽ جڳهيون آهن، انهن سڀني ۾ ڀٽڪن ٿا، (مطلب تہ انيڪ جونيون ڀوڳين ٿا.) ڌناڍ پرش ۽ وڏا زميندار ۽ جاگيردار منهنجي منهنجي ڪندا مرن ٿا؛ (ڀاو- شاهہ بادشاهہ سڀ اَهنتا ۽ ممتا ڪري ناس ٿين ٿا.) [ٿان = جايون؛ ٿننترا = ملڪ؛ ڀو = ڀٽڪي؛ ڌن پاتي = ڌن جا مالڪ، ڌناڍ؛ وڏيوميئا = وڏين زمين وارا.]

(٣) حُڪَمُ چَلائي نِسَنگَہ هوءِ، ورَتيِ اَڦَرِيا

سَڀُ ڪو وَسَ گَت ڪَرِ لَئِئونُ، بِنُ ناوَئِ خاڪُ رَلِيا

اَرٿ- (ڪي راوڻ آدڪ راجا دشمن جي ڀو کان) نرسنسي ٿي پنهنجو حڪم هلائيندا هئا ۽ ڀاڙکي اَجيت سمجهندا هئا. انهن سڀني جيون کي پنهنجي وس ڪري ڇڏيو هو (ڀر) نام (جپڻ) کانسواءِ سڀ مٽيءَ ۾ ملي ويا. [نسنگ = نرسنسي، بي ڀرواهہ؛ اَڦريا = اَجيت، اَهنڪاري؛ رليا = ملي ويا.]

(٤) ڪوٽِ تيتيس سيوَڪا، سِڌَ ساڌِڪَ دَرِ کَرِيا

گِرنْباري وَڏَ صاحبِي، سَڀُ نانَکَ سُپِنَ ٿِيئا.

اَرٿ- پرماتما جي در تي ٽيتيهہ ڪروڙ ديوتائون ۽ سڌ ۽ ساڌ ٻائون ڪندڙ (نوڪر ٿي) کڙا ٿيا بيٺا آهن. سري گورو نانڪ صاحب جن فرمائين ٿا تہ جنجون مها ڳوڙيون ۽ وڏيون بادشاهتون هيون، سي سڀ (اهڙي سمرٿ ڌڻي کي وسارڻ ڪري) سپني والگي گم ٿي ويا يعني جتا ءُ ئي ڪوڙ ڪيائون. (تنهنڪري هي

ٿا ڇا؟ يعني نه انهن ۾ اهو ڀلو آهي نه روئڻ ٿا. هوءِ جي ڀڳت کي جيڪي وٽي ٿو سوئي ڪري ٿو؛ اُنجي آڳيا کي پرماتما جي دربار ۾ ڪوبه روڪي نٿو سگهي. سري گورو نانڪ صاحب جن فرمائين ٿا ته هوءِ جو ڀڳت هوءِ جي آنند ۾ رچي رهي ٿو؛ سندس پرتاپ ڪري ساري جڳه ۾ روشنائي ٿئي ٿي؛ (ڀاو- سيني کي گيان پراپت ٿئي ٿو.) [راکا=رکيا ڪندڙ؛ در=دربار؛ قيم=هٽائڻ، روڪڻ؛ رنگ=پريم، آنند؛ چانڻ=روشنائي.]

(ست سنگ ڪانسوا ٻيون سڀ خوشيون اجايون)

سري راڳ محلا پنجوان شبد (٢-٧٢)

(١) مَنِ بِلاسُ بَهُ رنگُ گهڻا، دِرشَٽِ ڀُولِ خوشيئا

ڇَترَ ڌارَ بادشاهيئا، وِچِ سَهَسي پرَيئا.

ارٿ- هي جيو ڪيترن قسمن جون خوشيون ڪري ٿو، پر اهي سڀ خوشيون ڏسي ڀلجي وڃي ٿو (يعني پرماتما کي وساري ٿو ڇڏي.) جيڪي ڇترڌاري (يعني چڪرورتي مهاراجا) آهن، جنکي وڏيون بادشاهيون آهن، اهي به سنسن ۾ پيا آهن، (ڀاو- انهنکي سديو اِهو خيال ٿو رهي ته ڪهڙي تجويز ڪريون، جو فلاڻي بادشاهه کي جيتيون؛ فلاڻي بادشاهه کان پنهنجو ملڪ بچايون. اهڙن خيالن ۾ هو سديو رهن ٿا، جنهنڪري چت ۾ بي فڪر ٿي نٿا وهن، جيئن سنتن جا سنگي بي فڪر رهن ٿا؛ جنجي ورتي ايڪاگر ٿي ڏٺيءَ ۾ لڳل رهي ٿي.) [بلاس = آنند، خوشي؛ درشٽ = ڏسي؛ ڇتر ڌار = مٿي تي ڇٽ رکندڙ؛ سهسي = سنسا.]

ڀائي ري، سُکُ ساڌَ سنگِ پائيا

لِکِيا ليکُ تِنِ پُرکِ بِڌاتِي، دُکُ سَهَسا مِٽِ گئيا

(اِڪِ رهاءُ)

ڪفڪڙي = ڪڪرمڻ، ڪنو ڻ نڌو؛ مڪدي = گذرندي، وهامندي.]

(٢) ڪُدَمَ ڪَري پَسُ پنکيئڙا، دِسِي ناهِي ڪالُ

اوڻِي ساٿِ مَنُکَهُ هِي، ڦاٿا مائيا جالِ

مُڪَتي سيئي ڀاليئهِ، جِ سَچا نامُ سَمالِ

اَرٿ - پسون ۽ پکي (وشين يوڳط لاء) ڪوڙا اُدم ڪندا آهن ۽ مؤت کي ياد نہ ڪندا آهن. انهن وانگرئي هن منکہ کي سمجهو (ڇو جو جيئن هو وشين جي يوڳط ۾ ڦاٿل آهن، تيئن منکہ بہ) مايا جي جار ۾ ڦاٿل آهي. (مايا جي جار کان) ڇٽل اُهي ئي جاڻجن ٿا، جيکي (مالڪ جو) سچو نام ياد ڪن ٿا. [ڪدم = ڪوڙو اُدم؛ اوڻِي = انهن؛ ساٿ = ساٿ، برابر، وانگر؛ جال = جار؛ مڪتي = ڇٽل؛ ڀاليئهہ = ڏسجن، جاڻجن.]

(٣) جو گهرُ ڇڏِ گَواوَڻا، سو لَگا مَنَ ماهِ

جِٿي جاءِ تُڌُ وَرَتڻا تِسَکي چِنتا ناهِ

ڦاٿي سيئي نِڪَلي، جِ گُورَ کِي پيري پاهِ

اَرٿ - جو (سنسار روپي) گهر توکي ڇڏي وڃڻو آهي، سو گهر تہ (هي جيو! تنهنجي) مـن کي (پيارو) پيو لڳي؛ ۽ جنهن (پرلوڪ روپي) جاء ۾ وڃي توکي رهڻو آهي، تنهنجي تہ توکي ڪا بہ يادگيري نہ آهي. (پر سنسار جي مها جار ۾) ڦاٿلن مان اُهيئي جيو نڪرن ٿا، جيکي گوروء جي چرڻن ۾ وڃي ٿا پون. [گواوڻا = وڃائڻو، يعني اُصل لاء ڇڏي وڃڻو؛ ورتڻا = ورتاو ڪرڻو، رهڻو؛ چنتا = يادگيري.]

(٤) ڪوئي رَکِہ نہ سَکِي، دوُجا ڪو نَہ دِکاءِ

چارِي کُنْڊا ڀالِکي، آءِ پَئِنا سَرَڻاءِ

نانڪَ سَچي پاتِشاهِ، ڏُبِدا لَئِنا ڪَڍاءِ.

جيو! ساڌ سنگت ڪري نام جپ، تہ جيوت سڦلي ٿيئي.)
[گرنباري = پربت جهڙيون، مهاڳوڙيون.]

(مورک جيو مايا جي ڄار ۾ گرفتار.)

سري راڳ محلا پنجوان شبد (۳-۷۳)

(۱) پَلَڪي اُٿِ پپوليئَي، وِڻُ ٻُجهيِ مُڳَڌَ اَجاڻِ
سو پرڀُ چِتِ نہ آئيو، ڇُٽيگي بيباڻِ
سَتِگُوَر سيتي چِتُ لاءِ، سَدا سَدا رنگُ ماڻِ

اَرٿ. (هي جيو!) تون جو سوير صبوح جو اُٿي (ديهہ جي) پالڻ پوشڻ ڪي لڳي ٿو وڃين، ۽ بنا سمجهہ جي (رڳو سرير جوئي ٿو خيال ڪرين سو تون) مورک ۽ اَڄاڻ آهين. ڇاڪاڻ تہ اهو پريو تنهنجي چت ۾ نہ آيو آهي ۽ (هيءَ جا تنهنجي ديهہ آهي سا تہ) ناس ٿيندي ۽ مساڻ ۾ ويندي. (مطلب تہ ديهہ ناسونت آهي، اِنهيڪري الهيءَ جي پريت ڇڏي، پريوءَ سان چت لڳاءِ.) هي جيو! تون ستگوروءَ سان چت لڳاءِ تہ سديو (سروپ جو) آنند ماڻين. [پلڪي = پراڀڪال، سوير صبوح جو؛ پپوليئي = پالڻ پوشڻ ۾ لڳي ٿو وڃين؛ بيباڻ = بيابان، اُجاڙ، مساڻ؛ سيتي = سان؛ رنگ = آنند.]

پِراڻِي تون آئيا لاها لَيڻِ
لَگا ڪِتُ ڪُڦَڪَڙي، سَڀَ مُڪَدي چَلِي رَيڻِ
(اِڪ رَهاءُ)

اَرٿ. هي جيو تون تہ (مانکہ جنم ڌاري هن سنسار مان پرماتما جي پراپتيءَ جو) فائدو وٺڻ آيو آهين، پر ڪهڙي ڪني ڌنڌي ۾ وڃي لڳو آهين، جو تنهنجي (عمر روپي) رات سڄي (اَجائي) گذرندي ٿي وڃي. [لاها = فائدو؛ ڪت=ڪهڙي؛

جي هووي پوُرَب لِکِيا، تا گور کا بَچَنُ

کَماهِ (اِڪ رَهاءُ)

اَرٿ- هي اگياني جيوا! تون (ڪال روپي ندي جي ٻنھ) ڪناري تي وينو آهين، (تنهنڪري) جيڪڏهين اڳين جنمن جي شڀ ڪرمن جو ليک تنهنجي پرالبڌ ۾ هجي ته جيڪر گوروءَ جي اپديش موجب ڪمائي ڪريس (۽ ائين ڪرڻ سان ڪال روپي نديءَ ۾ ڪري ٻڏڻ کان بچي پوين.) [پاهه = پاس، وٽ؛ پورب = اڳين جنمن جي شڀ ڪرمن جو.]

(٢) هري ناهي، نَهَ ڏُڏري، پڪي وَڍَ ٿهارُ

لئي لئي دات پهُتيا، لاوي ڪَرِ تَئِيئارُ

جا هوئا حُڪُم ڪِرَساڻَ دا، تا لُڻِ مِڻِيا کيتارُ

اَرٿ- (زميندار پنهنجي ٻنيءَ لڻائي ته مالڪ آهي) پوءِ ڪٽي سائي يعني ڪچي هجي، يا ڪٽي اَڌ پڪي اَڌ ڪچي هجي يا پڪي وڍڻ لائق هجي. لڻندڙ ڏاٽا ڪٽي اچن ٿا ۽ (وڍڻ جون) تياريون ڪن ٿا. جڏهين زميندار جو حڪم ٿئي ٿو، تڏهين زمين جيڪا هو ماپي ڏئي ٿو سا لُڻي وڃي ٿي. (ڀاؤ- هي سنسار هڪ کيتيءَ مثل آهي، جنهن ۾ ٻالڪ آهن ڪچيءَ کيتيءَ برابر ۽ جوان آهن اڌ پڪيءَ کيتيءَ برابر ۽ ٻڍا آهن پڪل کيتيءَ برابر. هن کيتيءَ جو جو مالڪ هڪ پرماتما آهي. اهي پرماتما جي حڪم انوسار ٿي جم دوت ٻالڪن، جوانن ۽ ٻڍن کي ناس پيا ڪن ۽ ڪنهنجو وس انهي هلي ڪونه ٿو سگهي. پرڀو مالڪ آهي جيئن وڻيس تيئن ڪري.) [هري = سائي، ڪچي؛ ڏڏري = اَڌ ڪچي اڌ پڪي؛ وڍ ٿهار = وڍڻ جي لائق؛ دات = ڏاٽا؛ پهتيا = پهچن ٿا؛ لاوي = لڻندڙ؛ ڪرساڻ = زميندار، کيتيءَ جو مالڪ؛ مڻيا = ماپ ڏنل.]

اَرٿ - (گوروءَ کانسواءِ) ٻيو ڪو ٻہ (اُهڙو سمرٿ) ڪونہ ڏسڻ ۾ اَچي جو (هن جيو کي سنسار ساگر ۾ ٻڏڻ کان) بچائي سگهي. هي جيو (اتر ايرلدي آدڪ) چارئي ڪنڊون ڳولي (تہ من کو بچائڻ وارو لڀي پوي، پر هي گورو! توهان جهڙو سمرٿ ٻيو ڪونہ ڏسي، اوهانجي ئي) سرڻ ۾ اچڻ پيو آهي. سري گورو نانڪ صاحب جن فرمائين ٿا تہ هي سچا پاتشاه (ستگورو)! اوهين ئي (سنسار ساگر ۾) ٻڏندڙن کي ڪڍي ٿا وٺو، (تنهنڪري ڪرپا ڪري هن سرڻ ۾ آيل جيو کي بہ سنسار ساگر مان پار اُڪاريو.) [رکہ = رکي يعني بچائي؛ دکاءِ = ڏسڻ ۾ اچي؛ ڀالکيءِ = ڳولي، ڏسي؛ ڏبدا = ٻڏندڙ.]

(حياتيءَ ئي کو بقاءُ نہ آهي.)

سري راڳ محلا پنجوان شبد (٢-٧٤)

(١) گهڙي مُهَتُ کا پاهُڻا، کاجَ سَوارَڻهارُ

مائيا کامِ وِيا پِيا، سَمجهي ناهي گاوارُ

اُٿ چَلِيا پَڇُتائيا، پَرِيا وَس جَنْدارَ

اَرٿ- (هي جيو) گهڙي يا ٻن گهڙين جو مهمان آهي، (پر ٻاڙکي اَمر سمجهي سنساري) ڪمن ڪارين جو سنواريندڙ (بڻجي وينو آهي) مايا ۽ ڪام ۾ ورتل موڙهـل مورکہ جيو سمجهي ٿو (تہ ڪو مرڻو آهي.) پر جڏهين (هن سنسار مان) اُٿي هلندو (مطلب تہ جڏهين مري وڃي) چنڊال جم جي وس ليندو، تڏهين ٻاڙيهي پڇتائيندو (تہ افسوس جو مالک جي نام سمرڻ کان سواءِ وئرٿ کوهي ڇڏيم.) [مهت = ہ گهڙيون؛ پاهڻا = مهمان؛ جندار = چنڊال، ڏنڊ وٺندڙ.]

آنڌي ڌون بڻنا کَنْڌِي پاهِ

(سڀ سياڻپيون ڇڏي گوروءَ جي سرڻ وٺ.)

سري راڳ محلا پنجوان شبد (٥-٧٥)

(١) سڀي گلا وِسرن، اِڪو وِسر نہ جاءِ
ڌنڌا سڀ جلائڪي، گُور نامُ ديئا سچ سئاءِ
آسا سڀي لاهڪي، اِڪا آس ڪماءِ
جني سَتِگور سيوِيا، تن اَگي مِلِيا ٿاءِ

اَرٿ- شل (سنساري وهنوار جون) سڀيئي ڳالهيون وسري وڃن، مگر هڪ (پرماتما) مُور نہ وسري. سمورن (دنيوي) ڌنڌن کي جن جلايو آهي (يعني تياڳيو آهي)، تنکي گوروءَ هري نام ڏنو آهي، جنهنجو سواد سچو آهي. تنهنڪري تون سڀيئي آسون نورت ڪري، هڪڙي ئي آس رک (يعني پرماتما جي ڀڳتي ڪر.) جن ستگوروءَ جي شيوا ڪئي آهي، تنکي درگاهہ ۾ جاءِ ملي ٿي (ڀاو- درگاهہ ۾ اهي جيو قبول پون ٿا.) [سئاءِ = سواد فائدو؛ اَگيءِ = اڳتي، پرلوڪ ۾، درگاهہ ۾.]

مَنَ ميري ڪرتي نو سالاهِ
سڀي ڇڏِ سياڻپا، گور کي پيري پاهِ (اُک رهاءِ)

اَرٿ- هي ڀائي! تون ڪرتار جي ساراهہ ڪر (پر ساراهہ ڪرڻ جي سمرٿي تڏهين ٿيندءِ، جڏهين) تون سڀيئي چترايون ڇڏي، گوروءَ جي چرنن ۾ پوندين (ڀاو- گوروءَ جي سرڻ وٺندين.) [ڪرتي = ڪرتار، يعني سرشٽيءَ جو ڪندڙ يا اُپائيندڙ؛ پاهہ = پوندين.]

(٢) ڏکہ ڀکہ نَهَ ويا پئي، جي سکہ داتا مَنِ هوءِ
ڪِتهي ڪمِ نہ ڇجيئي، جا هِردئي سچا سوءِ

(۳) پَهلا پَهَرُ ڌنڌئِ گَئِئا ، دُوجي پَر سوئِيا
تِيجي جهاکَر جَهکائِيا ، چَؤٿي پَورُ ڀَئِيا
کَدَهي چِتِ نہ آئِيو ، جنِ جِيئہ پِنڊُ دِيئا

اَرٿ - (هي جيو عمر روپي رات جو) پهريون پهر (يعني بالڪ اوستا راند روند روپي) ڌنڌي ۾ ٿو وڃائي؛ ٻيو پهر يعني جواني اگيان جي ننڊ ۾ چٽ ٿو ڪري. ٽيون پهر يعني ٻڌاپڻ ۾ اجايو پيو بڪي؛ چوٿين پهر ۾ ڪال روپي صبح اچي ٿو ڪڙوٽي. جنهن جيءُ؛ سرير ڏنو آهي (سو پريو اَپاڳن جيون جي) چت ۾ ئي ڪڏهين ڪونہ ٿو اچي. [جهاکر جهکائئا = اجائي بڪ ڪري ٿو؛ پور = صبح؛ پنڊ = سرير؛ پر = ۾.]

(۴) سادَ سنگَتِ کَئِہ وارئا ، جِيئہ کِيئا قُرباڻُ
جِستي سوجهي مَنِ پَئِي ، مِليا پُرکُ سُجاڻُ
نانَکَ ڏِٺا سَدا نالِ ، هَرِ اَنتَرجامي جاڻُ .

اَرٿ - مان شل ساڌ سنگت تان ٻلهار وڃان؛ پنهنجي جيوت اُن تان قربان ڪريان، جو جو ساڌ سنگت ڪري ٿي من ۾ سوجهي ٿئي ٿي؛ سڄاڻ پرک (پرماتما) ملي ٿو. شري گورو نانڪ صاحب جن فرمائين ٿا تہ هري جو انترجامي؛ ڄاڻو ڄاڻ آهي، سو اسان سدائين پاڻ سان ڏٺو (يعني هنڪي پاڻسان انگ سنگ سمجهيوسين.)
[وارئا = وار وار وڃان؛ سوجهي = سمجھ، گيان؛ نال = ساڻ.]

نوٽ :- هيءُ اهو شبد آهي؛ جو سري گورو هر ڪشن صاحب پنهنجيءَ ماتا کي پرلوڪ ڏيڻ لاءِ چٺي ٻڌايو، جڏهين صاحبن کي دهليءَ ۾ ٽپ ڏيو هو؛ ماتا زار زار پئي رنو.

(٢) اِکو دِسي سَجَڻو، اِکو پائي مِيتُ
اِکَسي دي سامَگرَي، اِکسي دي هي رِيتِ
اِکَس سِئُ مَنُ مانِيا، تا هوئا نِهَچَلُ چِيتُ
سَچُ کاڻا سَچُ پئنڌا، ٽيک نانَڪ سَچُ کِيتُ.

اَرٿ- سري گورو نانک صاحب جن فرمائين ٿا ته جن سچي مالک جي اوٽ پکڙي آهي، تنکي (ساري سنسار ۾) هڪڙو ئي پرماتما سڄڻ ڏسڻ ۾ اچي ٿو ۽ اهو ئي هڪڙو پائي ۽ متر سندن نظر ۾ ٿو اچي. اهي ائين ٿا سمجهن ته هي ساري (سورج، چندرما، پرٿوي آدک) رچنا هڪڙي ئي جي آهي ۽ انهي هڪڙي ئي جي مريادا آهي (جنهنڪري تت پاڻ ۾ ملي پيا ورتن ۽ هڪ ٻئي کي ناس نٿا ڪن.) اهڙن جيون جو من انهي هڪڙي مالک سان مانيو آهي (يعني انهنکي هڪڙي مالک ۾ سچو نسچو آهي) تنهنڪري انهنجو چت استر ٿيو آهي (يعني انهنجي چت جي ورتي ايڪاگر ٿي آهي.) اهڙن جيون جو کائڻ به سچو آهي ته پهرڻ به سچو آهي (ڀاو- هنن جي جيوت سڪيارٿي آهي.) [سامگري=پورتي، رچنا ؛ ريت = ڌرم مريادا، نهچل = استر ؛ ٽيک = آسرو، اوٽ ؛ کيت = ڪئي آهي، پکڙي آهي.]

(گوروءَ دواران هڪ پريوءَ سان دل رکه.)

سري راگه محلا پنجوان شبد (٦-٧٦)

(١) سَڀي ٿوک پراپتي، جي آوئي اِکُ هَٿِ
جَنَمُ پَدارَٿُ سَڦَلُ هي، جي سَچا سَبَدُ کَٿِ
گور تي مَحَل پراپتي، جسُ لِکيا هووئي مَٿِ

اَرٿ- جيڪڏهين هڪ پرماتما هٿ اچي يعني ملي ته (ائين سمجهڻ گهرجي ته) سڀ پدارٿ (ڌرم ارٿ آدک) اسان کي پراپت

جسُ تون رکهہِ هَٿَ ڏي، تسُ مارِ نہ سَکي ڪوءِ

سُکَہ داتا گور سيويئي، سڀِ اَوگَڻَ ڪَڍيُ ڌوءِ

اَرٿ- جيڪڏهين سُکن جو ڏيندڙ پرماتما من ۾ هوندو (يعني جيڪڏهين پرماتما کي ياد ڪبو) تہ (جنم مرڻ آدڪ) دک ۽ (ترشنا آدڪ) بک نہ لڳندي. جيڪڏهين سچو پرماتما هردي ۾ هوندو تہ ڪنهن بہ ڪم ۾ اسانجي ديهہ نہ ڇڄندي (يعني ڪوبہ اجايو ڪم نہ ٿيندو.) هي پريو! جنهنکي تون پنهنجا (مهروبي) هٿ ڏيئي رکي ٿو وٺين، تنهنکي ڪوبہ ٿو ماري سگهي (جهڙيطرح پرهلاد ڀڳت جي پڄہ تہ رکي.) جيڪڏهين گوروءَ دواران تہ سُکن جي ڏيندڙ پرماتما جي شيوا ڪبي، تہ تون سيني اوگڻن جي ميل اسانجي هردي مان ڌوئي ڪڍندين (ياو- اسانجو هردو پوتر ڪري ڇڏيندين.) [سويئي = شيوا ڪجي، ڀڳتي ڪجي.]

(٣) سيوا منگي سيوَڪو، لائيئان آپُني سيوَ

ساڌُ سنگہ مَشقَتي، تُوُني پاوا ديوَ

سَڀُ ڪِڇہُ وَسَگَتِ صاحبِي، آپِي ڪَرَڻَ ڪَريوَ

سَتِگوَر کي بَلِهارڻي، مَنَشا سَڀَ پوُريو

اَرٿ- هي پريو! آءٌ تنهنجو شيوڪ اها آسيس پنان ٿو تہ مونکي پنهنجي شيوا ۾ لڳاءِ. هي ديو! ساڌن جي سنگ ۾ ٽهل ڪرڻ سان توکي راضي ڪري شل مان توکي پايان! سڀ ڪجهہ تو صاحب جي وس ۾ آهي. تون ئي پاڻ سڀ ڪارج ڪرڻ ٿو. (پرپرماتما جي بوجهہ سمرٿ گورو ئي ٿو ڏيئي سگهي، تنهنڪري) ستگوروءَ تان بلهار وڃڻ گهرجي، جو گورو من جون سيئي آسون پورن ڪندڙ آهي. [مشقتي = محنت ڪري، ٽهل ڪري؛ تونيءَ = راضي ڪري، پرسن ڪري؛ وسگت = وس ۾؛ ڪرڻ = ڪارج، ڪم؛ ڪريو = ڪرين ٿو.]

(٣) سَڦَلَ مُورَتُ، سَڦَلا گهڙِي، جِتُ سَچي نالِ پيارُ
دُوکهُ سنْتاپُ نہ لَگئي، جِسُ هَرِ کا نامُ آڌارُ
باهَہ پَکڙِ گورِ ڪاڍِيا، سوئِي اُتَرِيا پارِ

اَرٿ- اُهو مهُورت سڦل آهي، ۽ اها گهڙي سڦل آهي، جنهن ۾ سچي مالڪ سان پيار ڪجي ٿو. جنهنکي هري نام جو آسرو آهي تنهنکي دک ۽ پيڙائون لڳيون نہ لڳن. جنهنکي (ٻڌيءَ روپي) ٻانهن کان پڪڙي گوروءَ (سنسار ساگر مان) ڪڍيو آهي، سوئي پار لنگهي ٿو وڃي (مطلب تہ جنهنجي ٻڌيءَ کي گوروءَ پورن چيتنتا ۾ آندو آهي، اهوئي مايا جو موهہ ناس ڪري هري نام جپي جنم مرڻ کان ڇٽي وڃي ٿو.) [مُورت = مهورت، جو برابر آهي اڙتاليهن منٽن جي؛ گهڙي = برابر آهي چوويهن منٽن جي؛ سنتاپ = جلن، پيڙا.]

(٤) ٿانُ سُهاوا پَوتُ هئي، جِتئي سنْتَ سَيا
ڍوئِي تِسَهِي نو مِلئي، جِنِ پُورا گورُو لَيا
نانَڪَ ٻَڌا گهَرُ تهان، جِتئي مِرَتُ نہ جَنَمُ جَرا

اَرٿ- سري گورو نانڪ صاحب جن فرمائين ٿا تہ جتي سنتن جي سڀا لڳي ٿي، اُهو استان سوڀيڪ ۽ پوتر آهي؛ پر اهڙي ست سنگ ۾ دخل يا مان انهي کي ئي ملي ٿو، جنهن پورن گورو پراپت ڪيو آهي، ۽ جنهن (گوروءَ دوارا) پنهنجو گهر اُتي ٻڌو آهي جتي ڪو آهي موت، ڪو جنم ۽ ڪا ٻڍاپڻ (مطلب تہ جنهن ڪمائي ڪري پنهنجي ورتيءَ جو ديرو سروپ اُستان ۾ دمايو آهي.) [سهاوا = سوڀيڪ؛ پوت = پوتر؛ ڍوئي = دخل، مان؛ جرا = ٻڍاپڻ.]

ليا. سچي برهم (جي نام) اُچارڻ ڪري مانکا جنم روپي درلڀ پدارٿ سڦل ٿئي ٿو، پر جنهنجي مستڪ ۾ شڀ ڪرمن جو ليکه لکيل هوندو، اهيڪي ئي گوروءَ دواران ايشور جي محل (يعني سروپ استان) جي پراپتي ٿيندي. [ٿوڪ = پدارٿ جي مڙئي ۴ آهن:- ڌرم، ارٿ، ڪام ۽ موکيه؛ سبد = برهم هتي ٿيندو برهم جو نام؛ ڪٿ = ڪٿن ڪرڻ، اُچارڻ؛ مٿ = مٿي تي، پيشانيءَ ۾ لالاٽ ۾.]

میري مَنَ ايڪسَ سِئُ چِتُ لاءِ

ايڪسُ بِنُ سَڀَ ڌَنْڌُ هيِ، سَڀَ مِٿِيا موهُ ماءِ

(اِڪ رَهاءُ)

اَرٿ. هي ڀائي! هڪڙي پريوءَ سان چت لڳاءِ، ڇاڪاڻ ته الهي هڪڙي کانسواءِ مايا جي موهه ڪري جيڪي به ڌندا ڪجن ٿا، سي سڀيئي وئرٿ آهن. [مٿيا = جوٺا، وئرٿ، نسڦل؛ ماءِ = مايا؛ ڌنڌ = ڌندا.]

(٢) لَکَ خوشيئا پاتشاهيئا، جي سَتِگورُ نَدَرِ ڪَريِءِ

نِمَکَ ايڪَ هَرِ نامُ ديءِ، ميرا مَنُ تنُ سيتَلُ هوءِ

جِسَکَئِ پوُرَبِ لکِيا، تِنِ سَتِگورَ چَرَنَ گَهيِ

اُرٿ. جي ستگورو پنهنجي شيوڪ تي ڪرپا جي نظر ڪري، ته الکي لکن بادشاهين جون خوشيون اچي پراپت ٿين ۽ جي گورو نمک ماتر يعني بلڪل ٿورو وقت هري نام ڏئي ته منهنجو من توڙي تن (ترشنا جي اگني کان ڇٽي) سيتل ٿيو پوي. جن پرشن کي اهو لاڀ پراپت ڪرڻ پورب کان لکيل آهي، سي ئي پدارٿن جون واشنائون ڇڏي ستگورن جي چرنن کي ڇهتي ٿا پون. [ندر = نظر، ڪرپا درشٽي؛ نمک = ذررو، اک جي چنپ جي عرصي ماتر؛ پورب = اڳين جنمن جي شڀ ڪرمن موجب؛ گهي = پڪڙين ٿا، ڇهتي ٿا پون.]

جيڏو وڏو بيو ڪو نہ ڪونهي، ۽ جنهن جي (نام) سمرن ڪري سک گهڻا ٿين ٿا ۽ دک ۽ درد اصل ڪو نہ ٿو ٿئي. اهو پريو جو سچو صاحب آهي، تنهنجي تون سدیو شيوا ڪر. [پر = پہ ؛ جيوڏ = جيڏو وڏو ؛ مولي = اصل ؛ پرپ = سمرٿ، وڏو، مالڪ ؛ صاحب = مالڪ، ڌڻي ؛ سچا = سچو يعني امر يعني جو سديو قائم آهي.]

(٣) ساڌَ سنگتِ هوءِ نِرملا، ڪٽيئي جَم کي ڦاسَ

سُکہ داتا ڀيُ ڀنجنو، تسَ آگي ڪر اَرداسِ

مِهَر ڪري جِسَ مِهَروانُ، تان ڪارَجُ آوئي راسِ

اَرٿ - ساڌ سنگت ۾ هي جيو نرمل يعني پوتر ٿئي ٿو ۽ جم جي ڦاسي ڪٽجي وڃي ٿي. اُهو پريو جو سکن جو ڏيندڙ آهي ۽ ڀؤ ناس ڪندڙ آهي، تنهن اڳيان هي جيو، تون ارداس ڪر (تہ توکي ساڌن جو سنگ ڏئي، ڇو جو) جنهنتي اُهو مهربان پنهنجي مهر ڪري ٿو، تنهنجا ڪارج راس ٿين ٿا (يعني تنکي ساڌن جو سنگ ملي ٿو.) [ڀنجنو = ڀڃندڙ، ناس ڪندڙ ؛ اَرداس=وينتي ؛ ڪارج = ڪم، آس، منورٿ ؛ راس = پورن، سڦل.]

(٤) بَهُتو بَهُتُ وَکاڻيئي، اُوچو اُوچا ٿاءُ

وَرَنا چِهنا باهرا، قيمتِ ڪهِ نہ سڪاءُ

نانڪ ڪئُہ پَرَبْ مئيا ڪَر، سچُہ ديوَهُہ اَپڻا ناءُ.

ارٿ - پريوءَ کي وڏو وڏو ڪري ورنن ڪجي. انجو اوچن ۾ اوچو آستان آهي. پريو ورن ۽ چهن کان باهر آهي يعني پريوءَ کي ڪو آهي ورن يعني ذات پات ۽ نکو چهن يعني نيشان (مطلب تہ پريو نرڪار جوتي سروپ آهي.) اُنجي قيمت ڇئي نہ ٿي سگهجي. سري گورو نانڪ صاحب وينتي ڪري چون ٿا تہ هي پريو مونتي اِها ميا ڪر، جو مونکي پنهنجو سچو نام ڏي. [باهرا = باهر، ڪالسواءِ.]

(پرڀوءَ جي نام جپڻ ڪري ئي سک پائجي ٿو.)

سري راگ محلا پنجوان شبد (۷-۷۷)

(۱) سوئي ڏيائيئي جيئڙي، سر شاهان پاتشاهُ
تسهي ڪي ڪر آس مَن، جسڪا سڀس ويساهُ
سڀ سياڻپا ڇڏ ڪي، گور ڪي چرڻي پاهُ

اَرٿ - هي جيئڙا! توکي اُهوئي ڏيائڻ گهرجي جو شاهن ۽ پاتشاهن کان وڏو آهي. انهي جي ئي (پراپت ڪرڻ جي) آس من ۾ ڪر، جنهن جو سڀني کي ڀروسو آهي. پنهنجون سڀ چترايون ڇڏي گوروءَ جي چرنن تي وڃي پئه. (تہ اهڙي ڏٿيءَ جي بوجهه ملينئي.) [سر = سرومڻي، وڏو؛ سيس = سڀني جو؛ ويساهه = ڀروسو، آسرو؛ پاهه = پئه.]

مَن ميري سُک سهج سيتي جپ ناءِ
آٺ پهر پرڀُ ڌياءِ توُن، گُڻ گوئند نِت گاءِ
(اِڪ رَهاءِ)

اَرٿ - هي منهنجا من، گوروءَ کان گيان حاصل ڪري پرماتما جو نام جپ تہ سک پائين. اٺ ئي پهر پرڀوءَ کي تون ڌياءِ ۽ گوبند جا گڻ نت ڳاءِ. [سهج = گيان؛ سيتي = ساڻ.]

(۲) تسڪي سرني پرمنا، جس جيوڏ اَور نہ ڪوءِ
جس سمرت سُکُ هوءِ گهڻا، ڏکہ درد نہ مُولي هوءِ
سدا سدا ڪر چاڪري، پرڀُ صاحبُ سچا سوءِ

اَرٿ- هي من! انهي ئي (پرڀوءَ) جي سرن ۾ وڃي پئه، جنهن

(۲) ڏُنيئا ڪيئا وَڏائيئا، ڪَوَنَي آوَهِ ڪامِ

مائيا ڪا رَنگُ سَڀُ ڦڪا، جا تو بِنَس نِدانِ

جاڪَي هِردئِ هَرِ وَسَي، سو پُورا پَرڌانُ

اَرٿ- دنيا جون وڏايون ڪهڙي ڪم ٿيون اچن (يعني پرلوڪ ۾ اهي ڪو به ڪارج نٿيون سڌ ڪن.) مايا جا آنند به سڀ بي سوادي آهن (يعني اندر جي شانتي نٿا ڏيئي سگهن) ۽ نيٺ ناس ٿي وڃن ٿا. باقي جنهنجي هردي ۾ هري ۽ جو واسو آهي، (يعني جو پنهنجي هردي ۾ هري نام پيو ڌيائي)، اهوئي جيو پورن آهي ۽ اهوئي جيو سرومڻي آهي. [ڪوئي = ڪهڙي؛ رنگ = آنند؛ جاتو = وڃن ٿا؛ بنس = ناس ٿي؛ ندان = نيٺ؛ پورا = پورن، بي عيب، اوڻتا کان خالي؛ پرڌان = سرومڻي، سڀني کان اڳرو.]

(۳) ساڌُو ڪِي هوهُ ريڻُڪا، اَپڻا آپُ تِياگُ

اُپاوَ سِياڻپَ سَگَل ڇَڏِ، گُورڪِي چَرڻِي لاگُ

تِسهِ پَراپَتِ رَتَنُ هوءِ، جِسُ مَسَتَڪِ هووئِ ڀاڳُ

اَرٿ- (هي جيو!) تون پنهنجو پاڻپڻو تياڳي ساڌن (جي چرنن) جي ڌوڙ ٿي رهه. تون پنهنجا سمورا اُپاءَ ۽ چترايون ڇڏي گورو جي چرنن کي لڳي رهه. پر اهو (گورن جو اپديش روپي) رتن انهيکي ئي تو پراپت ٿئي، جنهنجي للاٽ ۾ اهڙو ڀاڳ لکيل آهي. [ريڻڪا = ڌوڙ؛ آپ = پاڻپڻو، اهنڪار؛ رتن = املهه ماڻڪ؛ مستڪ = مٿو، للاٽ.]

(۴) تِسي پراپَت پائيهو، جِسُ ديوئِ پرڀُ آپ

سَتِگُور ڪِي سيوا سو ڪَري، جِسُ بِنسي

هؤمي تاپ

نانَڪَ ڪَئُ گُرُ ڀيٽِيا، بِنسي سگَلَ سنتاپَ

(گوروءَ دواران نام ڌياءِ نہ لوڪ پرلوڪ
۾ ڪون سکي ٿين ۰)

سري راگہ محلا پنجوان شبد (۸-۷۸)

(۱) نامُ ڌِيائي سو سُکي، تِسُ مُکھُ اوُجَلُ هوءِ
پوُري گوَر تي پائِئيِ، پرَگَٽُ سَڀِني لوءِ
ساڌ سنگَتِ ڪيِ گهرِ وَسي، ايڪو سَچا سوءِ

اَرٿ - جيڪو نام جو (ايڪاگر چت سان) ڌيان ڪري ٿو، سو سکي ٿئي ٿو ءُ سندس منهن بهڪي ٿو. (پر اِهو نام) پورن گوروءَ وٽان ئي ٿو پائجي ءُ (جيڪو اِهو نام پائي ٿو سو) سيني لوڪن ۾ مشهور ٿي وڃي ٿو. اهو جو هڪڙو سچو واهگورو آهي، سو گوروءَ جي ساڌ سنگت روپي گهر ۾ وسي ٿو. [اوُجل = روشنيءَ وارو، بهڪندڙ؛ پرگٽ = ظاهر، هتي معنيٰ مشهور؛ لوءِ = لوڪ، شاسترن ۾ مڙيئي ۱۴ لوڪ ورنن ڪيل آهن:- سَتيہ، تَپ، جَن، مَهر، سُور، ڀوَپ، ڀُور، تَل، اَتَل، وَتل، سُتل، تَلاتل، رَساتل، پاتال؛ تل کان پاتال تاءِ ۷ پاتال يا نرڪ لوڪ سمجهبا آهن، اِنهن کان يڪدم مٿي آهي ڀُور لوڪ جو هن پرٿويءَ جو نالو آهي؛ پرٿويءَ کان مٿي آهن ڇهہ لوڪ، جن مان ۽ سيني کان سرومٿي آهي ”ستيہ لوڪ“.]

ميري مَنَ هَرِ هَرِ نامُ ڌياءِ

نامُ سَهائي سَدا سنگِ، آگَيِ لئَي ڇڏاءِ (اِڪ رَهاءُ)

اَرٿ - هي ياڻي، هريءَ جو نام ڌياءِ، ڇو جو نام هن لوڪ ۾ بہ سديو سهائڪ آهي ءُ پرلوڪ ۾ بہ ٿوکي (جم دوٽن کان) ڇڏائي وٺندو. [سهائي = سهائڪ، مددگار، ڇڏائيندڙ؛ آگيِ = اڳتي، يعني پرلوڪ ۾.]

(۲) اِڪو ڀائِي ، مِتُ اِڪُ ، اِڪو ماتَ پِتا
اِڪَسَ ڪِي مَنِ ٽيڪَ هيِ ، جِنِ جيئُ پِنڊُ دِتا
سو پَرڀُ مَنَهُ نه وِسَرئِ ، جِنِ سَڀُ ڪِڇهُ وَسِ ڪيِتا

ارٿ - انهيءَ هڪڙي کي ئي ڀائي ، مِتر ، ماتا ۽ پِتا روُپ سمجهڻ گهرجي . جنهن جيو کي هيءُ (دُرلڀ مانُکا) ديهه ڏني آهي ، تنهن هڪڙي جي ئي من ۾ اوٽ وٺجي (۽ اِها ارداس ڀائجي ته) جنهن سارو پرپنچ پنهنجي وس رکيو آهي ، سو پربهو شل ڪڏهين به من مان نه وسري . [مت = مِتر ، دوست ؛ پنڊ = ديهه ، سرير ؛ جيئُ = جيو ، آتما .]

(۳) گهرِ اِڪو ، باهَرِ اِڪو ، ٿانَ ٿَننتَرِ آپِ
جيئَ جَنتَ سَڀِ جِنِ ڪيئي ، آٺَ پَهَرَ تِسُ جاپِ
اِڪَسُ سيتي رَتِيا ، نه هووِي سوگَ سنتاپُ

اَرٿ (سربوروپي) گهر ۾ به اهو هڪڙو آهي ، اِنهي گهر کان ٻاهر به اهوئي هڪڙو آهي ۽ ديس ديسانتر ۾ به اهو پاڻ ئي وسي ٿو (ياوڃ پربهو سرو وياپڪ آهي .) جنهن جيوَ جنت پيدا ڪيا آهن ، تنهنجو نام اٺئي پهر جپ . پربهوءَ تون هڪڙي ٻربهوءَ سان رچي وينديَن ، جنهنڪري توکي ڪو به دک ۽ پيڙا نه ٿيندي . [سيتي = سان ؛ سوگ = شوڪ ، دک .]

(۴) پارَ بَرهَمُ پَربُ ايڪُ هيِ ، دُوُجا ناهِي ڪوءِ
جيئُ پِنڊُ سَڀُ تِسَڪا ، جو تِسُ ڀاوِئِ سُ هوءِ
گُورِ پُوُرئِ پُوُرا ڀئِيا ، جپِ نانَڪَ سَچا سوءِ .

ارٿ - پار برهم پربهو هڪڙوئي آهي . الهيءَ جهڙو ٻيو ڪو

اَرٿ - (پر اپديش روپي رتن) انھيکي پراپت ٿئي ٿو، جنھنکي پريو پاڻ ڏئي ٿو. جنھن جيو جو اھنڪار جوروڳ (پرماتما جي ديا سان) ناس ٿئي ٿو، اھو ئي ستگوروءَ جي شيوا ڪري ٿو. سري گورو نانڪ صاحب جن فرمائين ٿا تہ جنکي گورو مليو آھي، تنجا سيئي دک ناس ٿي ويا آھن. [تاپ = جلن، باھ، ھني معنيٰ روڳ؛ پيئيا = مليو، گڏيو، سنتاپ = دک.]

(ھڪ پرماتما سروو ياپڪ.)

سري راگ محلا پنجوان شبد (۹-۷۹)

(۱) اِڪُ پڇاڻُو جيئہ ڪا، اِڪو رَکَڻُ ھارُ

اِڪَسَ ڪا مَنِ آسَرا، اِڪو پراڻَ آڌارُ

تِسُ سَرڻائي سَدا سُکُہ، پارَ بَرھَمُ ڪَرَتارُ

اَرٿ - ھڪڙو ئي پرماتما جيوکي ڄاڻڻ وارو آھي؛ ھڪڙوئي رکڻ ھار يعني پالنا ڪندڙ آھي. انھيءَ ھڪڙي جوئي اسانجي من ۾ آسرو آھي؛ اھو ھڪڙوئي اسانجي پراڻن جو آڌار آھي. انھيءَ پار برھم ڪرتار جي سرن پوڻ ڪري ئي سديو سک ٿئي ٿو. [پار برھم = پر برھم = پرم برھم = پرم معنيٰ وڏي ۾ وڏو يعني سيني جو سرومٽي؛ برھم معنيٰ ايشور يعني ڌڻي يا مالڪ؛ ڪرتار = ساريءَ سرشٽيءَ جو ڪندڙ يا رچيندڙ.]

مَنَ ميري سَگَلَ اُپاو تِياگُہ

گورُ پُورا آراڌِنت، اِڪَسُ ڪي لِوَ لاگُہ

(اِڪ رَھاءُ)

اَرٿ - ھي منھنجا من! سيئي اپاو تياڳي سديو پورن گوروءَ جي آرڌانا ڪر؛ (انھي گوروءَ دواران) ھڪڙي (پرماتما) جي ڌيان ۾ ئي لڳي رھ. [پورا = پورن، سمرٿ؛ آراڌ نا ڪر، سمرڻ ڪر، سيوا ڪر؛ لو = ورتي، ڌيان.]

(۲) جَنَمَ مَرَڻَ ڪا ڀَئُہ گَئِيا، پاءِ پَرِڳَٽِ گوپالَ
ساڌُ سنگَتِ نِرمَلا، آپ ڪَري پِرَتِپالَ
جَنَمَ مَرَڻَ ڪِي مَلُ ڪَٽِيئي، گُور دَرَسنُ ديکهِ نِهال

اَرٿ:- جن گوپال (پرماتما) جي پريما پڳٽتي ڪئي آهي، انهن جو جنم مرڻ جو ڊپ نورت ٿي ويو آهي. جنهجي پاڻ پرماتما رکيا ڪري ٿو، اهي ساڌن جو سنگ ڪري پوتر ٿين ٿا، مطلب تہ اهي گوروءَ (روپي ساڌوءَ) جو درسن پائي نهال ٿين ٿا يعني آنندي ٿين ٿا ۽ انهنجي جنم مرڻ جي ميَلُ يعني غليظائي دور ٿئي ٿي يعني اهي جنم مرڻ کان ڇٽن ٿا. [نرملا=ميل يا گندگيءَ کان ڇٽل؛ پرتپال= رکيا، سنڀال.]

(۳) ٿانَ ٿَننتَرِ رَوِ رَهِيا، پارَ برهمُ پَرَڀُ سوءِ
سڀِنا داتا ايڪ هئِي، دُوجا ناهِي ڪوءِ
تِسُ سَرڻائي ڇُٽِيئي، ڪِيتا لوڙِي سُ هوءِ

اَرٿ:- اهو پار برهم پريو جاءِ بجاءِ رمي رهيو آهي. سڀني جيون کي (سندن ڪرمن انوسار) ڦل ڏيندڙ بہ اهو هڪ پريو ئي آهي ۽ ٻيو ڪو انهيءَ جهڙو ڪونهي. انهيءَ پرماتما جي سرن پوڻ ڪري هي جيو سنسار جي بندڻن کان ڇٽي ٿو يعني مڪت ٿئي ٿو ۽ هو جيڪي ڪرڻ چاهي ٿو سو ٿئي ٿو. (ڀاو- هنجون سڀ منو ڪامنائون پرماتما پورن ڪري ٿو.) [ڪيتا=ڪرڻ؛ لوڙي=چاهي ٿو.]

(۴) جِنَ مَنِ وَسِئا پارَ بَرَهمُ، سي پُوري پَرَڌانَ
تِنَ ڪِي سوڀا نِرمَلِي، پَرَگَٽ ڀئِي جهانَ
جِني ميرا پَرَڀُ ڌِيائِيا، نانڪَ تِنَ قربانَ.

ڪولهي. پراڻ ۽ سريو سڀ انهي جا ئي پيدا ڪيل آهن ۽ جيڪي انهيءَ کي وٽي ٿو سوئي لٿي ٿو. سري گورو نانڪ صاحب ج-ن فرمائين ٿا ته پورن گوروءَ دواران جن انهي سچي (نام) کي جپيو آهي اهي (انهي سچي سان ملي) پورن ٿي ويا آهن. [پئيا = لي ويا آهن.]

(گوروءَ جا شبد پڳٽيءَ ۾ پورن.)

سري راڳ محلا پنجوان شبد (١٠-٨٠)

(١) جنا سَتگورَ سَنُه چِتُ لائيا، سي پوُري پرَڌانَ

جِنَ ڪَئُه آپ دَئيال هوءِ، تِنَ اُپُجي مَنِ گيانُ

جِنَ ڪَئُه مَستَڪ لِکيا، تنَ پائيا هَرنامُ

ارٿ- جن جيون ستگوروءَ سان چت لڳايو آهي اهي پورن ۽ مکيه آهن. جن تي پاڻ (پربهو) ديال ٿو ٿئي، انهنجي من ۾ گيان اتپن ٿئي ٿو. انهن جيون ئي هري نام پاتو آهي، جن جي للاٽ ۾ ائين لکيل آهي.

مَنَ ميري ايڪو نامُ دِئاءِ

سَرَبَ سُکا سُکَه اوُپجَهِ، دَرگَهَ پيدَا جاءِ

(اِڪ رَهاءُ)

ارٿ- هي منهنجا من! هڪڙي (واهگوروءَ جي) نام جو ئي ڌيان ڪر (چو جو اِئين ڪرڻ ڪري) سيني سکن ۾ اُتم سک (تنهنجي هردي ڪمل ۾) اتپن ٿيندو ۽ درگاهه ۾ عزت سان پهرجي ويندين. [ڌياءِ = ڌيان ڪر، ڌيان جي معني آهي چت کي ڪنهن شيءِ تي اِئين ڪورڻ جو هن سان هڪ ٿي پوي ۽ پنهنجي پاڻ ۽ انهيءَ شيءِ کان سواءِ ٻي ڪا ڄاڻ ڪيس نه رهي ۽ پيدا = پهرجي، پوشاڪجي.]

مېري مَنَ گورَ سبدِي سُکُ هوءِ
گورَ پوُري کِي چاکرِي، بِرَٿا جاءِ نہ کوءِ

(اِڪ رَهاءُ)

ارٿ- هي منهنجا من! گوروءَ جي اپديش وٺڻ سان سک ٿئي ٿو. پورن گوروءَ جي شيوا ڪڏهين نسڦل نہ ٿي ٿئي (يعني انجو ڦل اوس ملڻو آهي.) [برٿا=خالي، سواء.]

(٢) مَنَ کيئا اِڇان پوُريئا، پائيا نامُ نِڌانُ
اَنتَرَ جامِي سَدا سنگِ، کَرٽي هارُ پڇانُ
گورَ پَرَسادِي مُکُ اوُجَلا، جَپِ نامُ دانُ اِشنانُ
کامُ کَروڌُ لوڀُ بنَسِيا، تَجِيا سَڀُ اَڀِمانُ

ارٿ- جن نام روپي خزانو پاتو آهي، تنجي من جون خواهشون پورن ٿين ٿيون. اهي انترجامي ڪرتا پرک کي سديو پاڻ سان انگ سنگ سمجهن ٿا. گروءَ جي ڪرپا ڪري انهن جا منهن ڀهڪن ٿا، اهي نام جپين ٿا ۽ دان ۽ اِشنان ڪن ٿا. اُهڙن گورمکن جا ڪام، ڪروڌ، لوڀ آدڪ وڪار ناس ٿي وڃن ٿا ۽ اهي سڀ قسم جو اهنڪار ڇڏي ڏين ٿا. [نِڌان = ڀنڊار، خزانو؛ انترجامي = اندر جو حال ڄاڻندڙ؛ پرسادي = ڪرپا سان؛ سڀ ابھمان = سڀني قسمن جو ابھمان، اهي قسم مڙيئي ٻارهن چوڻ ۾ ايندا آهن. ذات جو، ڪُل جو، جوانيءَ جو، رُوپ جو، وديا جو، گيان جو، ڌيان جو، ڌن جو، راڄ جو، سورمتا جو، سنتان جو، ۽ پرش کي پنهنجي استريءَ جو ۽ اِستريءَ کي پنهنجي پرش جو؛ تجيا = ڇڏيو آهي.]

(٣) پائيا لاها لاڀُ نامُ، پوُرنَ هوئي کامَ
کَرِ کرپا پربَ ميلئا، ديئا اَپڻا نامُ
آوڻَ جاڻا رَهِ گئيا، آپ هوئا مِهَروانُ

اَرٿ:- اهڙو پار برهم جن جي من ۾ وسي ٿو (يعني جن پنهنجي من ۾ اهڙو پار برهم ڏٺو آهي) اهي پورن ۽ مکيه آهن؛ انهن جي سوڀيا پوتر آهي ۽ ساري سنسار ۾ مشهور ٿي رهي آهي. سري گورو نانڪ صاحب جن فرمائين ٿا ته جن منهنجو پريو ڏٺو آهي، تن تان مان سَل ٻلهار وڃان! [پوري=پورن يعني سڀني گڻن سان پورن؛ پرڌان=مکيه يعني سڀني جيون ۾ مکيه؛ سوڀا=سونهن، مهما، وڏائي.]

(گورمکن جي مهما.)

سري راڳ محلا پنجوان شبد (۱۱-۸۱)

(۱) مِلِ سَتگورَ سَڀُ دُکهُ گَئِيا، هَرِ سُکهُ وَسيا مَنِ آءِ

اَنتَرِ جوت پَرگاسيئا، ايڪَسُ سِئُ لِوَ لاءِ

مِلِ ساڌُو مُکهُ اُوجَلا، پُورَبَ لِکِيا پاءِ

گُڻَ گووِندَ نِتَ گاوَڻي، نِرمَلَ ساچِي ناءِ

ارٿ- جيڪي جيو ستگوروءَ سان ملن ٿا، تنجا سڀ دک دور ٿين ٿا ۽ هريءَ جي پراپتيءَ جو سک تنجي من ۾ اچي وسي ٿو؛ يا هري جو سک روپ آهي، سو سندن من ۾ اچي وسي ٿو. انهن جي اندر ۾ برهم گيان روپي جوت جو پرڪاش ٿئي ٿو ۽ اهي هڪڙي پريوءَ سان ورتي لڳائين ٿا. (گوروءَ روپي) ساڌوءَ سان ملڻ ڪري سندن منهن ٻهڪي ٿو ۽ اڳين جنمن جي شڀ ڪرمن جو لکيل ڦل اهي پائين ٿا. (اهو ڦل هي آهي جو) اهي جيو سدئو گوبند جا گڻ ڳائين ٿا ۽ سچي پرميشور جي نام کي جپي نرمل ٿين ٿا. [هر سک = (۱) هريءَ جي پراپتيءَ جو سک، (۲) هري جو سک روپ آهي؛ لِوَ = ورتي، ڌيان؛ پورب = اڳين جنمن جي شڀ ڪرمن جو ڦل.]

کَرِ کِرَپا پرَڀُ آپڻِي، جَپيئِي اَمرِتَ نامُ

جنمَ مرڻُ دُکُ ڪاٽيئِي، لاڳِي سهجِ ڌِيانُ

اَرٿ:- جيڪڏهن (الله پاڻ ڪري) پورن ستگورو ملي ته وٽانئس اپديش روپي خزانو پراپت ٿئي ٿو. (پر) جڏهين پريو پنهنجي مهر ڪري ٿو، تڏهين ئي اَمرت روپي نام (گوروءَ کان پراپت ڪري) جپجي ٿو، جنهنڪري جنم مرڻ روپي دک ڪٽجي وڃي ٿو ۽ سياويڪ ئي (سروپ ۾) ڌيان لڳي ٿو وڃي. [سهج= سهجيئي، سياويڪ ئي.]

ميريءَ مَنَ پرڀُ سَرَڻائِي پاءِ

هَرِ بِنُ دُوجا ڪو نهي، ايڪو نامُ ڌِياءِ (اِڪَ رهاءُ)

اَرٿ:- هي منهنجا من! پرڀوءَ جي سرڻ ۾ وڃي پئُ. (ڇو جو) هريءَ کانسواءِ ٻيو ڪو به (سرڻ جوڳو) نه آهي. انهيڪري هڪڙي (هريءَ جي ئي) نام جو ڌيان ڪر. [پاءِ=پئُ.]

(۲ قيمَتِ ڪَهڻُ نه جائيئي، ساگرُ گُڻِي اَٿاهُ

وَڏَ ڀاڳِي مِلُ سنگَتِي، سَچا سبدُ وِساهُ

ڪِرِ سيوا سُکَ ساگَرئي، سِرِ شاها پاتشاهُ

ارٿ- پرڀوءَ جي قيمت ڪنهن کان به چئي نه ٿي وڃي، ڇو جو هو گڻن جو اَٿاهُ يعني بي انت سمنڊ آهي (انهيءَ پرڀوءَ کي پائڻ لاءِ) هي وڏڀاڳي پرشو! گوروءَ جي سنگت ۾ ملي اوهين سچو شبد خريد ڪريو ۽ پرماتما جو سکن جو ساگر آهي ۽ شاهن ۽ پاتشاهن جو سرومڻي آهي، انجي شيوا يعني پرارٿنا ڪريو. [قيمت= ملهه، مريادا، انت ۽ اٿاهه= جنهن جو ترو لهي نه سگهجي ۽ وساهه= خريد ڪريو ۽ سر= وڏو، سرومڻي.]

سَچِہ مَحلُ گھرَ پائيا، گورَ ڪا سَبَدُ پڇانُ

ارٿ- اُهڙن گورمکن نام روپي فائدو حاصل ڪيو آهي، (جنهنمان ڪين آتم) لاڀ مليو آهي؛ جنهنڪري سندن سڀ ڪارج سڌ ٿي ويا آهن (جو جو آتم لاڀ ڪان مٿي بيو ڪو به لاڀ نہ آهي.) ڪرپا ڪري جڏهين پڀو ڪين پاڻسان ملائي ٿو، تڏهين ڪين پنهنجو نام (جپڻ لاءِ) ڏئي ٿو. جڏهين مالڪ مٿن مهربان ٿئي ٿو، تڏهين سندن سنسار ۾ اچڻ وڃڻ يعني جمڻ مرڻ بند ٿي وڃي ٿو. جڏهين اُهي گروءَ جي اپديش (دواران آتما کي پرماتما جو روپ) سمجهن ٿا، تڏهين اهي سچو سروپ استان هردي روپي گهر ۾ ٿي پراپت ڪن ٿا.

(۲) ڀَڳَتَ جَنا ڪَمُ راکدا، آپڻي ڪِرپا ڌارِ

هَلَتَ پَلَتَ مُکَہ اُوجَلي، ساچي ڪي گُڻَ سارِ

آنَ پهرَ گُڻ سارَ دي، رَتي رَنگَ اَپارَ

پارَ برهمُ سکہ ساگرو، نانَڪَ سَدَ بَلهارَ

اَرٿ:- سري گورو نانڪ صاحب جن فرمائين ٿا تہ پرميشر پنهنجي ڪرپا ڌاري ڀڳت جن جي رکيا ڪندو آهي. جيڪي ڀڳت جن سچي واهگوروءَ جا گڻ ياد ٿا ڪن (يعني ڳائين ٿا) تنجا منهن هن لوڪ ۾ توڙي پرلوڪ ۾ ٻهڪن ٿا. (ڀاو- هتي هتي اُهي عزت ٿا پائين.) ڀڳت جن اٺئي پهر پرميشر جا گڻ ياد ڪن ٿا؛ ۽ الت (پرماتما) جي پريم ۾ رتل رهن ٿا؛ سکن جي ساگر پار برهم تان سدئو ٻلهار وڃن ٿا. [هلت=هي لوڪ؛ پلت=پرلوڪ؛ سار=سڀاڻڻ، ياد ڪرڻ.]

(گوروءَ دواران پرماتما جي سرن آءِ.)

سري راڳ محلا پنجوان شبد (۱۲-۸۲)

(۱) پوَرا سَتِگورُ جي مِلي، پائيئي سَبَدُ نِڌانُ

ميري مَن گُر سبدي سُکُ هوءِ
گُرَ پُوري کِي چاڪري، بِرَٿا جاءِ نہ ڪوءِ

(اِڪ رَهاءُ)

ارٿ - هي منهنجا من! گوروءَ جي اپديش وٺڻ سان سک ٿئي ٿو. پورن گوروءَ جي شيوا ڪڏهين نسقل نہ ٿي ٿئي (يعني انجو ڦل اوس ملڻو آهي.) [برٿا = خالي، سواءِ.]

(۲) مَنَ ڪيئا اِڇان پُوريئا، پائيا نامُ نِڌانُ
اَنتَرَ جامِي سَدا سنگِ، ڪرتِي هارُ پڇانُ
گُرَ پَرَسادِي مُکُ اوُجَلا، جَپِ نامُ دانُ اِشنانُ
ڪامُ ڪَرودُ لوڀ بِنَسِيا، تَجِيا سَڀُ اَڀمانُ

ارٿ- جن نام روپي خزانو پاتو آهي، تنجي من جون خواهشون پورن ٿين ٿيون. اهي انترجامي ڪرتا پرک کي سديو پاڻ سان انگ سنگ سمجهن ٿا. گوروءَ جي ڪرپا ڪري انهن جا منهن ٻهڪن ٿا، اهي نام جپين ٿا ۽ دان ۽ اِشنان ڪن ٿا. اُهڙن گورمکن جا ڪام، ڪرود، لوڀ آدڪ وڪار ناس ٿي وڃن ٿا ۽ اهي سڀ قسم جو اهنڪار ڇڏيائين ٿا. [نڌان = ڀنڊار، خزانو؛ انترجامي = اندر جو حال ڄاڻندڙ؛ پرسادي = ڪرپا سان؛ سڀ ايمان = سڀني قسمن جو ايمان، اهي قسم مڙيئي ٻارهن چوڻ ۾ ايندا آهن. ذات جو، ڪُل جو، جوانيءَ جو، رُوپ جو، وديا جو، گيان جو، ڌيان جو، ڌن جو، راڄ جو، سورمتا جو، سنتان جو، ۽ پرش کي پنهنجي استريءَ جو ۽ استريءَ کي پنهنجي پرش جو؛ تجيا = ڇڏيو آهي.]

(۳) پائيا لاها لاڀُ نامُ، پُورنَ هوئي ڪامَ
ڪَرِ ڪرِپا پرڀ ميلئا، ديئا اَپڻا نامُ
آوڻُ جاڻا رَهِ گئيا، آپ هوئا مِهروانُ

(۳) چَرَنَ ڪَمل ڪا آسَرا، دوُجا ناهي ٺاءِ

مي ڌَرَ تيري پارَ برهَم، تيريئي تاڻِ رَهاءِ

نماڻيا پربُ ماڻُ توُن، تيريئي سنگِ سَماءِ

ارٿ - " هي پربو! اسانکي تنهنجي ڪمل روپي چرڻن جو آسرو آهي. تنهنجي چرڻن کانسواءِ ٻيو ڪو اسانکي ٺڪاڻو ڪونهي. هي پار برهم اسانکي تنهنجوئي آسرو آهي؛ تنهنجي ٻل تي اسين رهون ٿا. هي پربو! تون نماڻن جو ماڻ آهين. ٿل تنهنجي سنگ ۾ اسين سمائجي وڃون!" [ٺاءِ = ٺڪاڻو. ٺڪاڻو؛ ڌر = ٽيڪ، آسرو؛ تاڻ = ٻل؛ رهاءِ = رهان ٿو؛ سماءِ = سمائجي وڃان ٿو.]

(۴) هَر جَپيئي آراڌيئي، آٺَ پهَرَ گووندُ

جيئَه پراڻَ تَنُ ڌَنُ رَکي، ڪَر ڪِرپا راکي جِندُ

نانَڪَ سَگلي دوکَه اُتارِئَن، پربُ پارَ بَرهَم بَخشندُ

ارٿ - (اهڙيءَ پرارٿنا سان) هري نام جپڻ گهرجي؛ ۽ اٺئي پهر گوبند جي آراڌنا ڪرڻ گهرجي. هو ڪرپا ڪري جيون جي پراڻن، تن، ڌن ۽ جند جي رکيا ڪري ٿو. سري گورو نانڪ صاحب جن فرمائين ٿا ته پربو پار برهم بخشند اسانجا سڀ ڏکه دور ڪندڙ آهي. [جند = حياتي، زندگي؛ دوکه = دوش، ڪلنڪ، اوگڻ.]

(پرماتما جون صفتون.)

سري راگ محلا پنجوان شبد (۱۳-۸۳)

(۱) پريتِ لڳي تِسُ سَچَه سِئُ، مَري نه آوئي جاءِ

نا ويڇوڙيا وِڇُڙئي، سَڀَ مَهه رَهيا سَماءِ

دِينَ دَرَدَ دُکه ڀنجنا، سيوَڪَ کي سَتَ ڀاءِ

ڪَرِ ڪِرَپا پرَبُ آپڻِي، جَپِيئِ اَمرِتَ نامُ

جَنَم مرڻُ دُکَ ڪاٽيئِي، لاڳي سهَجِ ڌِيانُ

اَرٿ:- جيڪڏهن (اسان ڀاڳن ڪري) پورن ستگورو ملي ته وٽانس اپديش روپي خزانو پراپت ٿئي ٿو. (پر) جڏهين پربو پنهنجي مهر ڪري ٿو، تڏهين ئي اَمرت روپي نام (گوروءَ کان پراپت ڪري) جپجي ٿو، جنهنڪري جنم مرڻ روپي دک ڪٽجي وڃي ٿو ۽ سڀاويڪ ئي (سروپ ۾) ڌيان لڳي ٿو وڃي. [سهج= سهجيئي، سڀاويڪ ئي.]

ميرئي مَنَ پربُ سَرَڻائي پاءِ

هَرِ بنُ دوُجا ڪو نهي، ايڪو نامُ ڌِياءِ (اِڪ رَهاءُ)

اَرٿ:- هي منهنجا من! پربوءَ جي سرڻ ۾ وڃي پئُ. (ڇو جو) هريءَ کانسواءِ ٻيو ڪو به (سرڻ جوڳو) نه آهي. انهيڪري هڪڙي (هريءَ جي ئي) نام جو ڌيان ڪر. [پاءِ=پئُ.]

(۲ قيمَتِ ڪَهَڻُ نه جائيئي، ساگَرُ گُڻي اَٿاهُ

وَڏَ ڀاڳِي مِلُ سنگَتِي، سَچا سبَدُ وِساهُ

ڪرِ سيوا سُکَ ساگَرئي، سرِ شاها پاتشاهُ

ارٿ- پربوءَ جي قيمت ڪٿهڪان ٻه ڇٽي نه ٿي وڃي، ڇو جو هو گڻن جو اَٿاهه يعني بي انت سمنڊ آهي (اهڙي پربوءَ کي پائڻ لاءِ) هي وڏ ڀاڳي پرشو! گوروءَ جي سنگت ۾ ملي اوهين سچو شبد خريد ڪريو ۽ پرماتما جو سکن جو ساگر آهي ۽ شاهن ۽ پاتشاهن جو سرومڻي آهي، انجي شيوا يعني پرارٿنا ڪريو. [قيمت= ملهه، مريادا، انت؛ اَٿاهه = جنهن جو ٿرو لهي نه سگهجي؛ وساهه = خريد ڪريو؛ سر = وڏو، سرومڻي.]

سَچَہ مَحلُ گھرُ پائِيا، گُورَ ڪا سَبَدُ پڇانُ

ارٿ۔ اُھڙن گورمکن نام روپي فائدو حاصل ڪيو آھي، (جنھن مان ڪين آتم) لاڀ مليو آھي ۽ جنھن ڪري سندن سڀ ڪارج سڌ ٿي ويا آھن (ڇو جو آتم لاڀ کان مٿي ٻيو ڪو ٻہ لاڀ نہ آھي.) ڪرپا ڪري جڏھين پربو ڪين پاڻسان ملائي ٿو، تڏھين ڪين پنھنجو نام (جپڻ لاءِ) ڏئي ٿو. جڏھين مالڪ مٿن مھربان ٿئي ٿو، تڏھين سندن سنسار ۾ اچڻ وڃڻ يعني جمڻ مرڻ بند ٿي وڃي ٿو. جڏھين اُھي گروءَ جي اپديش (دواران آتما کي پرماتما جو روپ) سمجھن ٿا، تڏھين اھي سچو سروپ استان ھردي روپي گھر ۾ ئي پراپت ڪن ٿا.

(٣) پِگَتَ جَنا ڪَمُہ راکَدا، آپڻي ڪِرپا ڌار

هَلَتَ پَلَتَ مُکَہ اُوجَلي، ساچي ڪي گُڻ سار

آتَ پَھرَ گُڻ سار دي، رَتي رَنگِ اَپارَ

پارَ بَرَھمُ سُکَہ ساگَرو، نانَکَ سَدَ بَلِھار

اَرٿ:۔ سري گورو نانڪ صاحب جن فرمائين ٿا تہ پرميشر پنھنجي ڪرپا ڌاري ڀڳت جن جي رکيا ڪندو آھي. جيڪي ڀڳت جن سچي واھگوروءَ جا گڻ ياد ٿا ڪن (يعني ڳائين ٿا) تنجا مُنھن ھن لوڪ ۾ توڙي پرلوڪ ۾ ڀھڪن ٿا. (ڀاو- ھِتي ھتي اُھي عزت ٿا پائين.) ڀڳت جن اٺئي پھر پرميشر جا گڻ ياد ڪن ٿا ۽، بي انت (پرماتما) جي پريم ۾ رتل رھن ٿا ۽ سکن جي ساگر پار برھم تان سدئو بلھار وڃن ٿا. [ھلت=ھي لوڪ؛ پلت=پرلوڪ؛ سار=سنڀالڻ، ياد ڪرڻ.]

(گوروءَ دواران پرماتما جي سرن آءِ.)

سري راڳ محلا پنجوان شبد (١٢-٨٢)

(١) پُورا سَتِگُورُ جي مِلي، پائِيئي سَبَدُ نِڌانُ

اَچرَج رُوپُ نِرنجَنو، گُورِ ميلائيا ماءِ

ارٿ- اسانجي اُن سچي پريوءَ سان پريت لڳي آهي، جو ڪڏهين بہ نہ ٿو مري يا (جونين ۾) اَچي وڃي. اهو جو سڀني ۾ وياپي رهيو آهي، سو وڇڙڻ سان بہ وڇڙي نہ سگهندو. اهو ديئن جا ڏک نورت ڪندڙ آهي ۽ پنهنجن شيوڪن کي سچو پيار ڪندڙ آهي. اُنهيءَ نرنجن جو روپ اسچرج آهي. هي مائي، گوروءَ اسانکي هن سان ملايو آهي. [دين = نماڻا ؛ پاءِ = پاونا، پريم، نسچو ؛ نرنجنو = نر معنيٰ نہ ۽ انجن معنيٰ ٽڪو يا داغ يا ڪارنهن مايا روپي يعني مايا روپي ڪارنهن کان رهت ؛ ماءِ = مائي، پائي.]

نوٽ:- ڪي ٽيڪاڪار "سيوڪ ڪيءِ ست پاءِ" جو ارٿ هن طرح ڪن ٿا. "مگر شيوڪن جي سچيءَ پاونا موجب هو مهرباني ڪندڙ آهي."

پائي ري ميتُ ڪَرهُ پرَڀُ سوءِ
مائيا موهہ پرِيتِ ڌرگہ، سُڪِي نہ ديسيءِ ڪوءِ

(اِڪ رَهاءُ)

ارٿ- هي پائي! اهڙي پريوءَ کي پنهنجو متر ڪريو. مايا جو موهہ ۽ پريت ڌڪار جوڳي آهي ؛ (ڇو جو مايا سان موهہ رکندڙ) ڪو بہ سکي نٿو ڏسجي. [ميت = متر ؛ ڌرگہ = ڌڪار جوڳي ؛ ديسيءِ = ڏسجي.]

(٢) دانا داتا سِيلوَنتُ، نِرمَلُ رُوپُ اَپارُ
سکا سَهائي اَتِ وَڏا، اوُچا وَڏا اَپارُ
بالڪُ بِرَدِ نہ جاڻيئي، نهچلُ تسُ دَروارُ
جو منگيئي سوئي پائيئي، نِڌارا آڌارُ

ارٿ- اهو پريو ڏاهو، ڏاتار، سيلونت، پوتر ۽ بي انت آهي. هو اسانجو سنگتي آهي ۽ بلڪل وڏو مددگار آهي ۽ بي حد اوُچو

(۳) چرڻ ڪمل ڪا آسرا، دوُجا ناهي ٺاءُ

مےِ ڌر تيري پارَ برهَم، تيرےَ تاڻِ رَهاءُ

نماڻيا پربُ ماڻُ تون، تيرےَ سنگِ سَماءُ

ارٿ - "هي پرڀو! اسانکي تنهنجي ڪمل روپي چرڻن جو آسرو آهي. تنهنجي چرڻن کانسواءِ بيو ڪو اسانکي ٺر ٺانءُ ڪونهي. هي پاربرهم اسانکي تنهنجوئي آسرو آهي ۽ تنهنجي ٻل تي اسين رهون ٿا. هي پرڀو! تون نماڻن جو ماڻ آهين. شل تنهنجي سنگ ۾ اسين سمائجي وڃون!" [ٺاءُ = ٽڪاڻو، ٺر ٺانءُ؛ ڌر = ٽيڪ، آسرو؛ ٿاڻ = ٻل؛ رهاءُ = رهان ٿو؛ سماءُ = سمائجي وڃان ٿو.]

(۴) هَر جپيئےِ آراڌيئےِ، آٺ پهر گووند

جيءُ پراڻ تنُ ڌنُ رکي، ڪر ڪرپا راکي جندُ

نانڪ سگلي دوکهُ اُتارئن، پربُ پارَ برهَم بخشندُ

ارٿ - (اهڙيءَ پرارٿنا سان) هري نام جپڻ گهرجي ۽ اٺئي پهر گوبند جي آراڌنا ڪرڻ گهرجي. هو ڪرپا ڪري جيون جي پراڻن، تن، ڌن ۽ جند جي رکيا ڪري ٿو. سري گورو نانڪ صاحب جن فرمائين ٿا ته پرڀو پار برهم بخشند اسانجا سڀ دکه نورت ڪندڙ آهي. [جند = حياتي، زندگي؛ دوکه = دوش، ڪلنڪ، اوگڻ.]

(پرماتما جون صفتون .)

سري راگ محلا پنجوان شبد (۱۳-۸۳)

(۱) پريتِ لڳي تسُ سَچ سيءُ، مرےَ نه آوےَ جاءِ

نا ويڇوڙيا وڇڙےَ، سڀَ مهِ رَهيا سماءِ

دينَ دَرَدَ دُکهَ ڀنجنا، سيوڪ ڪےِ سَتَ ڀاءِ

جا وچن بہ) بڌي وينو ۽ هردم حاضران حضور آهي ۽ گهٽ ۾ رمي رهيو آهي. سري گورو نانڪ جن فرمائين ٿا تہ پريو جو سديو بخشڻهار آهي، سو بي احسانمند جيون کي بہ وينو پالي. [واريئي = قربان ڪجي ؛ حدور = حاضران حضور ؛ روند = رمي رهيو آهي ، وياپڪ آهي ؛ اڪرت گهڻا = بي احسانمند يعني اُهي جيو جي ٻئي جو ٿورو وساري ڇڏين .]

(پرماتما داتار کي ڪڏهين نہ وسار .)

سري راڳ محلا پنجوان شبد (۸۴-۱۴)

(۱) مَنُ تَنُ ڌَنُ جِنِ پرَڀِ ديئا ، رَکِيا سَهَجِ سوارِ

سَرَبَ ڪَلا ڪَرِ ٿاپيا ، اَنتَرِ جوتِ اَپارَ

سَدا سَدا پرڀُ سِمَريئي ، اَنتَرِ رَکُ اُرَڌارِ

ارٿ - (هي ڀائي) جنهن پريوءَ توکي من تن ۽ ڌن ڏنو آهي ۽ سهجيئي توکي بنائي تنهنجي رکيا ڪئي آهي؛ ۽ جنهن تنهنجي سريو کي (ڀراڻن ۽ اندرين روپي) سڀني ڪلائن سان ساجيو آهي ۽ منجهس پنهنجي بي انت جوت وڌي آهي ، تنهن پريوءَ کي سديو ياد ڪر ۽ پنهنجي هنئين ۾ سانڍي رک .

ميري مَنَ هرِ بِنُ اَوُرُ نہ ڪوءِ

پرڀَ سَرڻائي سَدا رَهُ ، دوُکُ نہ وِياپئي ڪوءِ

(اِڪَ رهاءُ)

ارٿ - هي منهنجا من ! هريءَ کانسواءِ ٻيو ڪو بہ نہ آهي ، تنهڪري اُهڙي پريوءَ جي سرڻ ۾ سديو رهہ ، تہ توکي ڪو بہ دک نہ لڳندو .

۽ وڏو آهي. هنکي نکي بالک نکي پوڙهو جاڻي سگهبو ۽ هنجي دربار سديو قائم آهي. جيکي هنکان گهرجي ٿو، سوئي وٺائنس پائجي ٿو ۽ هو نہ آڌارن جو آڌار آهي. [دانا = جاڻندڙ، ڏاهو ؛ سکا = سنگتي ؛ سهائي = مددگار ؛ برڌ = پوڙهو ؛ نهچل = قائم.]

(۳) جِسُ پيکَتَ کِلَ وِکہ هِرهِ، مَنِ تَنِ هووئِ سانتِ

اِکَ مَنِ ايکُ ڌِيائيئي، مَنَ کي لاهِہ ڀرانتِ

گُڻَ نِڌانُ نوَتَنُ سَدا، پُورَنَ جاکِي داتِ

سَدا سَدا آراڌِيئي، ڍِنُ وِسَرهُ نهِي راتِ

ارٿ - جنهنجي درسن ڪئي پاپ ناس ٿي وڃن ٿا ۽ من ۽ تن ۾ سانت پيدا ٿئي ٿي، انهي هڪڙي (پرميشور) کي ايکاگر چت ڪري ڌيائجي تہ من جو ڀٽڪڻ نورت ٿي وڃي. (مطلب تہ من جا شڪ شبا سڀ لهي وڃن) هو گڻن جو خزانو آهي، سدائين نوبنو آهي ۽ هنجون بخششون پورن آهن. اهڙي پريوءَ جي سدائين آراڌنا ڪريو ۽ نہ هنکي ڏينهن جو وساريو ۽ نہ رات جو. [پيکت = ڏسندي ؛ کل وکہ = پاپ ؛ هرهہ = کسجي وڃن ٿا، ناس ٿين ٿا، ڀرانت = ڀٽڪڻ ؛ نوتن سدا = سديو نوبنو.]

(۴) جِنَ کَئُہ پُورَب لِکِيا، تِنَ کا سَکا گووِنُدُ

تَنُ مَنُ ڌَنُ اَرپِي سَبهُ، سَگَلَ وارِيئي اِهُ جِنُدُ

دِيکَيِ سُڻِيِ حَدُورِ سَدَ، گَهٽَ گَهٽَ برَهَمُ رَوِنُدُ

اَکِرَتَ گهڻا نو پالدا، پرَبِ نانکَ سَدَ بخَشِنُدُ.

ارٿ - (پر) جنکي (للاٽ پر) اڳين جنمن جي شڀ ڪرمن جو ليکہ لکيل آهي، تنجوئي سائي گوبند ٿئي ٿو. اهڙي گوبند تان تن من ۽ ڌن سڀ ارپي ڇڏيو ۽ مٿائنس ساري جيوت قربان ڪري ڇڏيو. پرميشور (جيو جا سڀ ڪرم) ڏسي ويٺو ۽ (جيو

اَرٿ:- (پرارٿنا) هي پريو سرجڻهار! تون ديا پالي جيون جنتون کي رکي وٽ. جڏهين مها ڀيانڪ جم ڪال اچي وٺندو تڏهين هي پريو! توکانسواء ٻيو ڪو به رکپال نه ٿيندو. سري گورو نانڪ صاحب جن وينتي ڪري چوڻا ته هي هري! اِها اسانتي ديا ڪر ته تنهنجو نام شل نه وساريون! [ڪرٺهار=پيدا ڪندڙ، سرجڻ هار؛ بکٽ=ڪٺن، سخت، ڀيانڪ.]

(سنتن جي سنگ ۾ جنم سڦل ڪر.)

سري راگ محلا پنجوان شبد (۱۵-۸۵)

(۱) ميرا تَن اَرُ ڌَنُ، ميرا راج رُوپ مِيُ ديسُ

سُت دارا بَنِتا اَنيڪ، بهُتُ رنْگ اَرُ ويسَ

هرِ نامُ رِدئِ نه وَسئِي، ڪارِجِ ڪتئِ نه ليکہ

اَرٿ:- هي جيو! تون سمجهين ٿو ته هي سرير ۽ ڌن منهنجا آهن ۽ ديس به منهنجو آهي ته راڄ به منهنجو ٿو هلي ۽ مان روپونت آهيان؛ ۽ مونکي پٽ آهن ۽ انهن جون استريون (يعني نُهرون) الم ۽ گهڻيئي استريون اٿم جنمان مونکي گهڻو آنند ٿو اچي ۽ ڪپڙا به نانا پرڪارن جا اٿم (سو پيارا، انهن ۾ غلطان نه ٿي وڃ، ڇو جو) جيڪڏهن هريءَ جو نام تنهنجي هردي ۾ نٿو وسي ته (سرير پالڻ، ڌن ميڙڻ آدڪ) تنهنجا ڪم ڪنهن به ليکي ۾ نه ايندا (يعني نکي هتي ڪو اندر جو آنند ملندءِ ۽ نکي پرلوڪ ۾ ڪو سک پائيندين.) [مِيُ ديس=منهنجو ديس، مان ديس وارو آهيان؛ ست دارا=پٽ ۽ سندس استري؛ بنتا=پنهنجي استري؛ ڪتئِ=ڪنهن بہ؛ ليکہ= ليکي ۾، حساب ۾.]

(٢) رَتَنَ پدارَٿَ ماڻَڪا، سُئنا رُپا خاڪُ
ماتَ پِتا سُتَ بَنڌَ پا، ڪُوڙي سَڀي ساڪَ
جِنِ ڪِيتا تِسَهِ نہ جاڻئي، مَنمُکہ پَسُ نا پاڪ

ارٿ - (هي ڀائي) رتن، ماڻڪ سون ۽ روپ آدڪ پدارٿ سڀ مٽيءَ سمان يعني ناسونت پدارٿ آهن. ماتا، پتا، پٽ، مٽ مائٽ ۽ سڀ سنبنڌي ڪوڙا يعني قائم نہ آهن (مطلب تہ اهي سڪ جا سنگي آهن.) جنهن هن جيو کي پيدا ڪيو، تنهنکي هو نٿو سڃاڻي، تنهنڪري هي منمکہ ناپاڪ پسوءَ سمان آهي. [بنڌپا = سؤٽ؛ ساڪ = سنبنڌي؛ ڪيتا = ڪيو يعني پيدا ڪيو.]

(٣) اَنتَرِ باهَرِ رَوِ رَهِيا، تِسَنو جاڻي دُورِ
تِرِشَنا لاگي رَچِ رَهِيا، اَنتَرِ هؤمي ڪُورِ
ڀِگَتي نامُ وِهوُڻيا، آوَهِ وَڃَهِ پُوَرِ

اَرٿ:- جو پرڀو سڀ ۾ توڙي ساري سرشٽيءَ ۾ رمي رهيو آهي، تنهنکي هي جيو دور ٿو ڄاڻي. هنکي ترشنا لڳي پيئي آهي ۽ سندس اندر هؤميءَ ڪوڙ ۾ رتو پيو آهي. اهڙا ڀڳتيءَ ۽ نام کان رهت پرش پورن جا پور يعني گهڻيئي پيا اچن وڃن يعني جمن ۽ مرن. [رچ = لڳي، چنبڙي. وهوڻيا = خالي، رهت؛ پُور = ٻيڙيءَ جا کيپ، گهڻا.]

(۴) راکہ ليهہ پرڀُ ڪَرَڻهارُ، جيئہ جنتَ ڪرِ دَئيا
بِنُ پرڀَ ڪوءِ نہ رَکڻهارُ، مَها بِکَٽَ جَمَ ڀَئيا
نانَکَ نامُ نہ وِيسَرَءُ، ڪرِ آپني هَرِ مَئيا

(۴) ڪَري ڪَرائي آپ پربُ، سَبُ ڪِڇهُ تِسهي هاٿِ
مارِ آپي جيوالدا اَنتَرِ باهَرِ ساٿ
نانڪَ پربَ سَرڻاگَتي، سَرَب گهٽا ڪي ناٿَ.

اَرٿ - هي ڀائي، پربو پاڻ سڀڪي ڪري ڪرائي ٿو. سڀڪجھ هن جي ئي هٿ ۾ آهي پاڻ ئي ماري، تو ۽ ماري جياري ٿو. (سڀني جي) اندر ٻوڙي ٻاهر بہ پاڻ ئي سمايل آهي. سري گورو نانڪ صاحب جن فرمائين ٿا تہ اهڙي پربوءَ جي سرڻ ۾ پوڻ گهرجي، جو سڀني جيون جو مالڪ آهي. [گهٽا = دلا، بوتن، هتي لڳندو سڀني سان يعني جيون سان ۽ ناٿ = سوامي، مالڪ.]

(ستگوروءَ جي شيوا سريشٽ.)

سري راڳ محلا پنجوان شبد (۱۶-۸۶)

(۱) سَرَڻِ پئي پربَ آپڻي، گورُ هوئا ڪِرپالُ
سَتَگُورَ ڪي اُپديشَئي، بِنَسي سَرَب جنجالَ
اَندَرُ لڳا رام نام، اَمرت ندرِ نهالُ

ارٿ - جن جيون تي گورو ڪرپال ٿيو آهي، سي پنهنجي پربوءَ جي سرڻ ۾ پيا آهن. ستگوروءَ جي اپديش سان انهن جا سڀ (مايا جا) بندن ناس ٿي ويا آهن، ۽ سندن انتهڪرڻ رام نام جپڻ ۾ لڳي ويو آهي، ۽ انهي امرت روپي نام جي ڀائڻ ڪري اهي دکن کان رهت ٿي ويا آهن. [جنجال = بندن ۽ نهال = دکن کان رهت.]

مَنَ ميري سَتِگُورَ سيوا سارُ
ڪَري دَئيا پربُ آپڻي، اِڪَ نِمَکَ نہ مَنهُ وسارُ

(اِڪ رهائُ)

ميري مَنَ هَرِ هَرِ نامُ ڌياءِ

کَرِ سنْگَتِ نِتَ ساڌَ کي، گور چَرَڻي چِتُ لاءِ

(اِکَ رَهاءُ)

اَرٿ- هي منهنجا من! هريءَ جو نام ڌياءِ ۽ هر روز (گوروءَ روپي) ساڌوءَ جي سنگت ڪر ۽ گوروءَ جي چرڻن ۾ چت لڳاءِ.

(٢) نامُ نِڌانُ ڌِيائِيمئِي، مَسَتَکِ هووئِ ڀاڳُ

ڪارَجَ سَڀِ سَوارِيئَهِ، گورَ کي چَرَڻِي لاگُ

هؤمي روگُ ڀرمُ کَٽيئِي، نا آوئِ نا جاگُ

اَرٿ- (اِهو) نام روپي (سکن جو) خزانو تڏهين تو ڌيائجي، جڏهين للاٽ ۾ اهڙو ڀاڳ لکيل آهي. گوروءَ جي چرڻن ۾ لڳڻ سان سڀ ڪم سوارجن ٿا، اَهنڪار روپي روڳ ۽ مايا جا ڀرم نورت ٿين ٿا، ۽ وري نه اچجيتو نه وڃجيتو (يعني جونين ۾ نتو پئجي.) [نڌان = خزانو؛ جاگ = جاويندگا يعني وڃبو.]

(٣) کَرِ سنْگَتِ تُوُن ساڌَ کي، اَٺَ سَٺِ تيرٿَ ناءُ

جيئَ پراڻَ مَنُ تَنُ هَرِي، ساچا ايهُ سُئاءُ

اَئِٿي مِلهِ وڌائِيئا، دَرگَهِ پاوَهِ ٿاءِ

اَرٿ- (تنهنکري هي جيو!) تون ساڌوءَ جي سنگت ڪر. (ائين ڪرڻ سان توکي) اٺهٺ تيرٿن جي اشنان (جو ڦل) ملندو، ۽ ٻيو هي به سچو لاڀ پراپت ٿيندءِ، جو تنهنجي جيو آتما، پراڻ، من ۽ سرير سڀ ساوا ٿيندا (يعني نام جو رس ٻي ترپت ٿيندا)، ۽ توکي هن لوڪ ۾ وڏايون پراپت ٿينديون ۽ درگاهه ۾ به جاءِ (يعني عزت) ملندي. [ناءُ = اشنان؛ هري = ساوا؛ سئاءُ = سواد، پريوجن، لاڀ؛ ائٿيءَ = هتي، هن لوڪ ۾.]

ارٿ- اُنهيءَ پرڀوءَ جي پاتشاهي سچي آهي ۽ سندس حڪم به سچو آهي. هن سچي قدرت يعني شڪتي ڌاري آهي ۽ انهيءَ قدرت سان هن سچي پرڀو جهان رچيو آهي. سري گورو نانڪ صاحب جن فرمائين ٿا ته جيڪو اهڙي پرڀوءَ جو سچو نام جپي ٿو، تنهنتان مان سديو ٻلهار ٿو وڃان! [امر = حڪم؛ سِرجيُونُ = رچيو آهي.]

(هريءَ جي نام ۾ سپ سُکھ)

سري راڳ محلا پنجوان شبد (۸۷-۱۷)

(۱) اُدَمُ ڪَرِ هَرِ جاپڻا، وَڏڀاڳي ڌَنُ کاٽِ

سَنَتَ سَنگِ هَرِ سِمَرَڻا، مَلُ جَنَمَ جَنَمَ ڪي ڪاٽِ

ارٿ- هي ڀائي! اُدمُ ڪري هري (نام) جپي وٺ؛ (پر) وڏن ڀاڳن وارا ئي اِهو (هري نام روپي) ڌن ڪٺن ٿا. سنتن جي سنگت ۾ هري (نام) سمرڻ ڪري جنم جنمانترن جي (پاپن روپي) ميل نورت ٿي ٿي. [کاٽ = ڪٺن ٿا؛ ڪاٽ = ڪٽجي وڃي ٿي، نورت ٿي ٿي.

مَنَ ميري رامَ نامَ جَپِ جاپُ

مَنَ اِڇي ڦَلَ ڀُنچ تُوُن، سَپُ چوُڪي سوگ سَنتاپُ (اِڪ رَهاءُ)

ارٿ- هي منهنجا من! رام نام جو جاپ جپ، ته تون من ڀاوندا ڦل ماڻين ۽ تنهنجا سڀ دک درد دور ٿي وڃن. [من اڇي = من ڀاوندا، من گهريا؛ ڀُنچ = کائين، ماڻين؛ سوگ = شوڪ، دک.]

ارٿ - هي منهنجا من! ستگوروءَ جي ئي سيوا سريشٽ آهي، جيڪڏهن پڀو پنهنجي ديا ڪري ته هي جيو ستگوروءَ جي سيوا جيڪو نمک ماتر به من مان نه وساري. [سار = سريشٽ ؛ نمک = اک جي هڪ ڇيري ڇنڀڻ جيترو وقت.]

(۲) گُڻَ گووِندَ نِتَ گاوِيئهِ، اَوگُڻَ ڪَٽَڻَ هار
بِنُ هَرِ نامَ نه سُکُه هوءِ ڪَرِ ڏٺي بسٿارَ
سَهجي صِفتي رَتيا، پَو جلُ اُترِي پارِ

ارٿ - گوبند جا گڻ هميشھ ڳائجن، جي گڻ اوگڻن کي ناس ڪندڙ آهن. اسان چڱي طرح سان جاچي ڏٺو آهي ته هري نام جپڻ کانسواءِ سُک نٿو پراپت ٿئي. جيڪو جيو سِپاويڪ ئي پرميشور جي صفتن يعني گڻن ڳائڻ ۾ لڳي رهي ٿو، سو سنسار سمندر مان پار لنگهي وڃي ٿو. [بستار = وستار سان يعني بلڪل چڱيءَ طرح.]

(۳) تيرَٿَ ورَتَ لکَ سَنجَما، پائيئي سادُو ڌُورِ
لُوڪِ ڪماوئِ ڪَسَتي، جا وِيکي سدا حَدُورِ
ٿانَ ٿنَنتَرِ رَوِ رَهِيا، پرَبُ ميرا پرپُورِ

ارٿ - سادوءَ جي چرنن جي ڌوڙ حاصل ڪرڻ سان لک تيرٿ، ورت ۽ سنجم ملي ٿا چڪن. هي من! ڪنهن کان لکي ٿو (پاپ) ڪمائين، جڏهين پرماتما سدئين حاضران حضور وينو ڏسي. منهنجو پڀو سڀڪنهن هنڌ رمي رهيو آهي ۽ پريپورن آهي. [سنجما = سنجم، اندرين جو روڪڻ.]

(۴) سَچُه پاتِشاهي اَمرُ سَچُه، سَچي سَچا ٿانُ
سَچي قُدرَتِ ڌارِيئُن، سَچِه سِرجِئُون جهان
نانَڪ جپِيئي سَچُه نامُ، هَئُه سَدا سَدا قُربانُ.

(هريءَ جي نام جپڻ ۾ سڀ سُکہ.)

سري راڳ محلا پنجوان شبد (۸۱-۸۸)

(۱) سوئِي ساسَتُ، سؤُڻُ سوءِ، جتُ جَپيئءِ هَرِ ناءِ

چَرَڻَ ڪَمَلُ گورِدَنُ ديئا، مليا نِٿاوي ٿاءِ

ساچِي پوُنجِي، سَچِہ سَنجَمو، آٺَ پَهَرَ گُنَ گاءِ

ڪَرِ ڪِرپا پَرَڀُ پيٽيا، مَرَڻُ نہ آوَڻُ جاءِ

اَرٿ- اُهوئي شاستر (سريشت) آهي، ۽ اُهوئي سوڻ (سريشت) آهي، جنهن شاستر (جي ويچارڻ) ۽ جنهن سوڻ (جي تيڻ) ڪري هري نام جپڻ ۾ اَچي. جنهن پرش کي گوروءَ پرماتما جي چرڻ ڪملن (جي ڌيان) جو ڌن ڏنو آهي، تنهنکي جڻ نٿاوي وانگر پورو ٿانئُ مليو آهي يعني اڳي جو هي جيو سروپ استان کان پليل هو، تنهنکي سروپ جي پراپتي ٿي. جنهن جيو (سرڌا روپي) سچي پونجي ڌارن ڪري ۽ اندرين کي پورو پورو روڪي، انٺي پهر گوبند جا گڻ ڳايا آهن، تنهنکي ڪرپا ڪري پربو اچي مليو آهي (۽ تنهنڪري اهو جيو) نکي مري ٿو ۽ نکي جنم مرڻ ۾ پئڪي ٿو. [سنجمو = اندرين کي روڪڻ.]

ميري مَنَ هَرِ يَجُہ سَدا اِڪَ رنگہ

گهٽَ گهٽَ اَنتر رَوِ رهِيا، سَدا سَهائي سَنگہ

(اِڪ رَهاءُ)

ارٿ- هي منهنجا من! اکنڊ پريم سان سديو هريءَ جو پڄن ڪندو رهہ، اهو هري هرڪنهن جيو ۾ وياپڪ آهي ۽ سدائين انگہ

(۲) جِسُ كارَڻِ تَنُ ڌارِيا، سو پرَبُ ڏِٺا نالِ
جَلِ ٿَلِ مَهِيئَلِ پُورِيا، پرَبُ آپڻِي نَدَرِ نِهالِ

ارٿ- جنهن (پربوءِ کي پراپت ڪرڻ) لاءِ اسان مانکا جنم ورتو، سو پربو انگ سنگ ڏٺوسين. جو پربو جل، پرٿويءَ ۽ زمين آسمان جي وچ وياپڪ آهي، تنهن اسانکي پنهنجيءَ ڪرپا درشٽيءَ سان نهال ڪري ڇڏيو. [ڪارڻ = لاءِ، سبب؛ نال = ساڻ، انگ سنگ؛ ٿل = پرٿوي؛ مهيئل = مهي معنيٰ زمين، اَل معنيٰ آسمان يعني پرٿويءَ ۽ آسمان جو وچ؛ نهال = آنندي.]

(۳) مَنُ تَنُ نِرَمَلُ هوئِيا، لاگِي ساچُ پرِيتِ
چَرَڻ پَجِي پارَبرَهَمَ کي، سَبِ جَپَ تَپَ تِنَهِي ڪِيتِ

ارٿ- جنهنجي سچي پرماتما سان پريت لڳي آهي، تنهنجو من توڙي تن پوتر ٿي پيو آهي؛ ۽ جنهن پاربرهم جي چرڻن جو ڌيان ڪيو آهي، تنهن ڄڻ ته سڀ جپ تپ ڪري ورتا. [پجي = پوڄن ڪيو، ڌيان ڌريو؛ ڪيت = ڪري ورتا.]

(۴) رَتَنَ جَويهَرَ مانِڪا، اَمرِتُ هَرِ ڪا ناءِ
سُوکَ سَهَجَ آنندَ رَسَ، جَنَ نانَکَ هَرِ گُنَ گاءِ

ارٿ- هري جي امرت روپي نام جپڻ ڪري (سروڻ روپي) رتن، (منن روپي) جواهر ۽ (ندياسن روپي) ماڻڪ ملي ٿا چڪن. سري گورو نانڪ صاحب جن داس ڀاءِ سان چوني، ته هريءَ جي گڻن ڳائڻ ۾ گيان روپي سُک، آنند ۽ مزا آهن.

سريشت گڻن واري ٿئي ٿي ۽ تنهنسان ڪو به دان نٿو پڄي سگهي (ڇو جو پرميشر جو نام ۽ گڻ اُچارڻ سيني دانن کان وڌيڪ آهي.) (اهڙي رسنا وارن جيون تي) ديالو ڪرپالو پرش (واهگورو) مهر جي نظر ڪري سندن من ۽ تن پر اَچي وسي ٿو. جن پرشن ائين جاتو آهي ته پران، سرير ۽ ڌن سڀ واهگروءَ جا آهن، تن تان شل مان سديو بلهار وڃان! [اؤسر = وقت؛ رمڻ = اُچارڻ، مجن = ڌنڻ.]

(۴) ملِيا ڪَدي نه وِڇُڙيَ، جو ميليا ڪَرتارِ
داسا کي بنڌَنَ ڪَٽيا، ساچي سَرجَڻهارِ
ڀُولا مارَگ پائيونُ، گُڻَ اَوَگُڻَ نه بيچارِ
نانَڪ تِسُ سَرَڻاگتي، جِه سَگَل گهٽا آڌارُ.

اَرٿ- جنهنکي ڪرتار (پاڻسان) ملايو آهي، سو مليل جيو وري ڪڏهين به نٿو انکان وڇڙي. سچو سرجڻهار پنهنجي داسن جا بندن ڪٽي ڇڏي ٿو ۽ ڀليلن جيون کي (گيان ڀڳتيءَ جي) مارگ پر وجهي ٿو ۽ (اهڙو ديال آهي جو انهيءَ وقت) گڻن ۽ اوگڻن جو ويچار ڪونه ٿو ڪري. (مطلب ته اسانجي ڏورڙن گڻن ۽ گهڻن اوگڻن کي چت پر نه ٿو آڻي.) سري گورو نانڪ صاحب جن فرمائين ٿا ته اهڙي پريوءَ جي سرڻ وٺو، جو سيني جيون جو آڌار آهي.

(پريوءَ کي هڪ کن به نه وسار.)

سري راگ محلا پنجوان شبد (۱۹-۸۹)

(۱) رَسنا سَچا سِمريئي، مَنُ تَنُ نِرمَل هوءِ
مات پِتا ساڪَ اَگَلي، تِسُ بِنُ اَوَرُ نه ڪوءِ
مِهَرَ ڪَري جي آپڻي، چَسا نه وِسَريئي سوءِ

سنگ ۽ سهائڪ آهي. [اِڪ = اِڪ رس، اَپنگ، بنا ڪنهن پنگ جي، اَکنڊ ۽ رلگ = پريم.]

(٢) سُکاڪي مِت ڪيا ڳُڻي، جا سِمَري گوونِدُ
جِنَ چا ڪِيا سي تِرِپتا سِيا، اُهَ رَسُ جاڻي جِندُ
سَنتا سَنگت مَنِ وَسي، پِربُ پريتَمُ بَخَشندِ
جِنِ سيوِيا پربُ آپڻا، سوئي راج نَرِندُ

ارٿ. جڏهين گوبند جو سمرن ڪجي ٿو، تڏهين جيڪو سک ملي ٿو، تنهنجي ماپ ڪهڙي ڳڻجي (يعني اهو سک بي الت آهي.) جن انهي آنند جو مزو چکيو آهي، سي ڍئجي پيا آهن ۽ انهي آتم رس جي سڌ انهن جيون کي ئي آهي (جن اهو رس چکيو آهي.) پريو، جو اسانجو پريتم آهي ۽ اسانجون خطائون بخشيندڙ آهي، سو سنتن جي سنگ ڪرڻ ڪريئي من ۾ وسي ٿو. جن جيون پنهنجي پريوء جي شيوا (يعني ڀڳتي) ڪئي آهي، سي راجائن جا به راجا آهن. [مت = ماپ ۽ ڳڻي = ڳڻبي ۽ ترپتا سيا = ڍئجي پيا ۽ جند = سرير، جيو ۽ نرند = نر معنيٰ منش ۽ اند = اندر معنيٰ راجا يعني جيون جو راجا ۽ راج نرند = جيون جي راجا جو به راجا.]

(٣) اؤسَرِ هَرِ جَسُ گُڻ رَمَڻ، جِتُ ڪوٽ مَجَن اِشنانُ
رَسنا اُچرِيَ گُڻوَنِي، ڪوءِ نہ پُڄِي دانُ
درِشٽِ ڌارِ مَنِ تَنِ وَسي، دَئيالَ پُرَکہ مهَرَوانُ
جيئُ پِنڊُ ڌَنُ تِسَدا، هَئُ سَدا سَدا قُربانُ

اَرٿ. (هي مالڪا جنم جو) وقت هريءَ جي جس ۽ گڻن ڳائڻ ۾ لڳائجي، جنهنڪري ڪروڙين تيرٿن جي اِشنان جو ڦل پراپت ٿئي ٿو. جا رسنا (اِهو جس ۽ اِهي گڻ) اُچاري ٿي، سا

سَدا سَدا سالاهيئي، اَنتُ نہ پارا وارُ

اَرٿ - (پرش) سائين، ڪنهن وٽ وڃي ارداس ڪجي تہ اسانکي ڪرتار سان ملائي. (اُنو) انهيءَ (پوري گوروءَ) وٽ وڃي ارداس ڪريو تہ اوهانکي ڪرتار سان (اپديش ڏواران) ملائي ڇڏي. ستگورو نام جو ڏيندڙ آهي، جنهنجو ڀنڊار يعني اتهڪرڻ نام سان ڀرپور آهي. (گوروءَ جو اپديش گرهڻ ڪري) اوهين سديو انهيءَ ڪرتار جي ساراهہ ڪندا رهو، جنهنجو انت ۽ حد ڪانهي.

(۴) پَرَوَرَدَگارُ سالاهيئي، جِسَدي چَلَتَ اَنيڪ

سَدا سَدا آراڌيئي، ايها مَتِ وِسيڪہ

مَنِ تَنِ مِٺا تِسُ لَگَيِ، جِسُ مَسَتَڪِ نانَڪَ ليڪہُ.

اَرٿ - (هي ڀائي!) اهڙي سرجڻهار جي سديو ساراهہ ڪرڻ گهرجي، جنهنجا انيڪ چرتر آهن. هنجي سديو آراڌنا ڪجي. (جنهن ٻڌيءَ ۾ اهو خيال جاڳي ٿو) اهائي ٻڌي وڏيڪ چڱي آهي. سري گورو نانڪ جن فرمائين ٿا تہ پريو من تن ۾ انهيءَ کي ئي پيارو لڳي ٿو، جنهنجي للاٽ ۾ اهڙو اُتم ڀاڳ لکيل آهي. [پرور دگار = سرجڻهار ; چلت = چرتر ; وسيڪہ = وشيش، وڌيڪ چڱي.]

(گوروءَ جي مهما)

سري راگ محلا پنجوان شبد (۲۰-۹۰)

(۱) سَنتَ جَنَهُ مِلِ ڀائيِهو، سَچا نامُ سَمالِ

توشا بَنڌُهُ جيئہ ڪا، اَئٿي اوٿيءَ نال

گور پوُري تي پائيئي، اپڻي نَدرِ نِهال

اَرٿ. جڏهين زبان سان سچو (نام) سمرجي ٿو، تڏهين من ۽ تن پورا ٿين ٿا. جيتوڻيڪ ماتا پتا ۽ پيا ۽ گهڻيئي مائٽ هجن، تہ بہ هن (پريوءَ) کانسواءِ ٻيو ڪو بہ (سهائڪ) نہ آهي. جيڪڏهن اهو پنهنجي مهر ڪري تہ مونکان جيڪر نمک ماتر بہ نہ وسري. [اگلي = گهڻا؛ ساڪ = مٽ مائٽ؛ چسا = ذرو، نمک، اک ڇنڀ جيترو وقت.]

مَنَ ميري ساچا سيوِ جِچڙ ساسُ

بِنُ سَچي سَڀَ ڪُوڙُ هيِ، انتي هوءِ بِناسَ

(اِڪ رَهاءُ)

اَرٿ. هي منهنجا مَن! جيسين سريرَ ۾ ساهہ اٿيئي، تيسين سچي پريوءَ جي شيوا ڪندو رهہ، ڇو جو انهيءَ سچي کانسواءِ ٻيو سمورو (سنسار مٿيا آهي ۽) نيٺ ناس ٿي ٿو وڃي.

(٢) صاحِبُ ميرا نِرملا، تِسُ بِنُ رَهَڻُ نہ جاءِ

ميرئِ مَنِ تَنِ پِيُکَہ اَتِ اَگَلي، ڪوئي آڻِ مِلاوئي ماءِ

چاري ڪُنڊا ڀالِيئا، شَهَہ بِنُ اَوَرُ نہ جاءِ

اَرٿ. منهنجو مالڪ (مايا جي) مَيل کان رهت آهي، ۽ انهيءَ کانسواءِ منهنجو رهڻ نٿو ٿئي. منهنجي من توڙي تن ۾ (پرماتما سان ملڻ جي) پياس تمام گهڻي آهي. هي ماءُ، ڪو (مهاتما) مونکي پرماتما آڻي ملائي! مون چارئي ڪنڊون ڳوليون ڏٺيون آهن (۽ آخر هيئن لڳي ٿو تہ) ٻئي پرماتما کانسواءِ ٻي ڪا بہ جاءِ نہ آهي. (ڀاو- هڪ پرماتما جوئي استان سڪدائڪ آهي.)

(٣) تِس آگئِ اَرداس ڪَرِ، جو ميلي ڪَرتارُ

سَتِگُورُ داتا نامَ ڪا، پُورا جِس ڀنڊارُ

(۳) کِتُ مُکھِ گُورَ سالاهِيئِ، کَرَڻَ ڪارَڻَ سمرَٿُ
سي مَٿي نهچَل رهي، جن گُورِ ڌاريا هٿُ
گُورِ اَمرِتَ نامُ پيئاليا، جنم مرڻ ڪا پَٿُ
گُورُ پَرَميشرُ سيوِيا، ڀئِ ڀنجَنُ دُکَ لٿُ

اَرٿ - ڪهڙي مک سان اسين گوروءَ کي ساراهيون (پ-او - هنجي مهما چوڻ جي ڪانهي. گورو ڪرڻ ڪارڻ سمرٿ آهي يعني هر ڪو ڪم ڪري ٿو سگهي.) جن (جي) مٿن تي گوروءَ (ڪرپا روپي) هٿ رکيو آهي، سي نهچل آهن (يعني استت پدويءَ کي پهتا آهن.) گورن اسانکي نام روپي امرت پياريو آهي، جو امرت جنم مرڻ جي مرض لاءِ هڪ اوشدي (عمدي دوا) آهي. اسان پرميشر روپ گوروءَ جي شيوا ڪئي، جنهنڪري اسانجا پڙ نورت ٿيا ۽ دک لهي ويا. [پٿ=سنسڪرت ۾ پٿيہ = ڪِري، پرهيز، اوشدي، دوا؛ ڀنجن = ڀڃي پيا يعني نورت ٿيا.]

(۴) سَتِگُورُ گهرُ گَڀيرُ هيِ، سُکھ ساگُرُ اَگهِ کنڌُ
جن گُورُ سيوِيا آپڻا، جَم دُوتَ نہ لاگئِ ڏنڌُ
گُورَ نالِ ٽُل نہ لَگئي، کوج ڏٺا بَرهَمنڌُ
نامُ نڌانُ سَتِگُورِ ديئا، سُکھُ نانکَ مَن مهِ مَنڌُ.

اَرٿ - ستگورو گهر ۽ گڀير آهي، ۽ سکن جو ساگر آهي، ۽ پاپن کي ناس ڪندڙ آهي. جن پنهنجي گوروءَ جي شيوا ڪئي آهي، تنکي جم جي دوتن جو ڏنڊ نٿو لڳي، اسان سارو برهماند کوجي ڏٺو آهي (۽ آخر هيئن لشچي ڪيو اٿون،) تہ گوروءَ جي برابر بيو ڪوبہ ڪونهي. سري گورو نانڪ صاحب جن فرمائين ٿا تہ اسانکي جڏهين نام جو خزانو ستگورن ڏنو، تڏهين اسانجي من

كَرَمِ پرَاپتِ تِسُ هوويِ، جِسنو هوءِ دئيالُ

اَرٿ - هي ڀائي! سنت جنن سان ملي سچي نام کي ياد ڪريو. اهڙيطرح جيو لاءِ (نام روپي) سمر ڪنو ڪريو، جو هن لوڪ توڙي پرلوڪ ۾ اوهان سان سهاءِ ٿئي. (پر اِهو سمر) پورن گوروءَ وٽان ئي تو پراپت ٿئي، جو پنهنجي ڪرپا درشٽيءَ سان جيو کي نهال ڪري ٿو. (پر اهڙو گوروورڀ) سريشٽ ڪرمن (جي ڦل) انوسار انهيکي ٿو پراپت ٿئي، جنهنتي (پريو پاڻ اهڙي) ديا ٿو ڪري.
[توشا بنڌهه = سمر ڪنو ڪريو.]

ميري مَنَ گُورَ جيوَڏُ اَوَرُ نه ڪوءِ
دُوجا ٿاءُ نه ڪو سُجهِيِ، گُورَ ميلي سَچُه سوءِ
(اِڪ رَهاءُ)

اَرٿ - هي منهنجا من! گوروءَ جيڏو وڏو ٻيو ڪوبه ڪونهي. گوروئي انهي سچي (پرماتما) سان ملائي ٿو. (گوروءَ کانسواءِ) ٻيو ڪوبه استان نٿو سجهي (جتان پرماتما ملي.)

(۲) سَگَلَ پدارَٿُ تِسُ مِلِيَ، جِنِ گُورُ ڏِٺا جاءِ
گُورَ چرَنِي جنَ منُ لَگا، سي وَڏڀاگِي ماءِ
گُورَ داتا، سَمَرٿُ گُورُ، گُورُ سَبَ مَهِ رَهِيا سَماءِ
گُورُ پرميشرُ پارَ برَهمُ، گُورُ ڏُبدا لئي تَراءِ

اَرٿ - جنهن (سرڌا سان) وڃي گوروءَ جو درسن ڪيو آهي، تنهنکي سڀ پدارٿ مليا آهن. هي ڀائي! جنجو من گورو جي چرنن ۾ لڳو آهي، اهي ڀاڳوان سمجهڻ گهرجن. (ڇو جو) گورو (نام جو) ڏيندڙ آهي، ۽ سڀني پدارٿن ڏيڻ ۾ سمرٿ آهي، ۽ گورو (پرماتما وانگي) هرهنڌ رمي رهيو آهي، (ڇو جو) گورو پرميشر پار برهم (جو روپ) آهي؛ ۽ گوروئي (سنسار سمندر ۾) ٻڏندڙن کي تاري ٿو وٺي.

(٢) جِتُہ ڪـوُڪَرُ هَرِ ڪائيا ، ڏاوِيُ ڏَهَہ دِسَ جاءِ
لوڀِي جَنتُ نہ جاڻئِي ، ڀکُہ اَڀکُہ سَڀَ کاءِ
ڪامِ ڪروڌَ مَدِ بِيا پِيا ، ڦِرِ ڦِرِ جونِي پاءِ

ارٿ- جيئن چتو ڪتو ڏهن ئي ڏسائـن ۾ ڀيو ڀٽڪي، تيئن لوڀِي پرش ڪي بہ چڱي مدي جي خبر ئِي ڪانہ ٿي پوي ۽ جيڪي کائڻ جوڳي آهي ۽ جيڪي اجوڳ آهي سو (هڪ سمجهي) کائي ٿو (مطلب تہ حلال ۽ حرام جي وستو هڪ سمان سمجهي ٿو.) جو پرش ڪام، ڪروڌ ۽ اهنڪار ۾ وياپي رهيو آهي، سو وري وري جونين ۾ ايندو. [ڪوڪر = ڪتو؛ هرڪائيا = چتو؛ ڀکہ = کائڻ جوڳي وستو؛ اَڀکہ = نہ کائڻ جوڳي وستو؛ مد = اهنڪار.]

(٣) مائِيا جالُ پَساريا ، ڀيتَرِ چوگَ بَڻاءِ
ترِشنا پکي ڦاسِيا ، نِڪسُ نہ پائي ماءِ
جنِ ڪيتا تِسهِ نہ جاڻئِي ، ڦِرِ ڦِرِ آوئِي جاءِ

ارٿ- (پرش) جيو جي اهڙي دشا ڇو ٿي آهي؟ (اُتر) (ايشور جي) مايا (پنهنجي موهہ روپي) ڄار پکيڙي ڇڏي آهي ۽ انجي اندر (وشين روپي) چوڳو بڻائي وڌو اٿس. هي ماءُ، ترشنا جي ڪري هيءُ (جيو روپي) پکي انجي ڦاٿو آهي ۽ نڪري نٿو سگهي. جنهن هيءَ ساري رچنا رچي آهي، تنهنکي (هيءُ اگياني جيو) نٿو ڄاڻي، تنهنڪري وري پيو اچي وڃي يعني جونيون پوڳي. [جال = ڄار؛ ڀيتر = منجهہ؛ چوگ = چوڳو؛ ماءِ = هي ماءُ.]

نوٽ:- "نڪس نہ پائي ماءِ" جو ارٿ هڪ ٻيءَ هن طرح ڪيو آهي:- "مايا مان نڪري نٿو سگهي."

(٤) اَنِڪَ پرڪاري موهِيا ، بهُ بِڌَ اِهُ سنسارُ
جِسنو رکي سو رهئِي ، سمرٿُ پُرکُہ اپارُ

۾ سڪ اچي درڙ ٿيو يعني اسانکي سروپ جو سڪ پراپت ٿيو. [گهر =
اونهو؛ گهير = گنڀير، گهورو؛ اگهہ = پاپ؛ کنڊ = کنڊن کندڙ،
ناس کندڙ؛ تل = برابر؛ منڊ = درڙ ٿيو.]

(وشين کي تياڳہ .)

سري راڳہ محلا پنجوان شبد (۲۱-۹۱)

(۱) منا ڪرڪي ڪائيا، ڪوڙا اُپجبا ساد

پائي ميت سرد ڪيئي، بکيا رچيا باد

جاندي بلم نہ هووئي، وڻ ناوئي بسماد

اَرٿ - هي جيو وشين کي منو سمجهي پوڳي ٿو، پر نيت انهنجو سواد ڪوڙو يعني دکدائڪ نڪري ٿو (مطلب تہ انهنجو لنيجو بُرو نڪري ٿو.) هو پائر، متر ۽ گهرا دوست رکي ٿو ۽ وشين سان اجايو رچي رهي ٿو. اِهي سڀ (سنبندي) وڃڻ ۾ ويرم ئي ڪين ڪندا. نام کانسواءِ سڀ (بازيگر جي بازيءَ وانگر) کيل پيا ڏسڻ ۾ اچن. [ساد = سواد؛ سرد = س معنيٰ پنهنجو ۽ رد = ردو يا هردو يعني جنهنکي پنهنجو هردو ڏجي يعني گهرو دوست؛ باد = هوا يعني جي هوا وانگي وئوڻ آهن؛ بلم = ويرم؛ بسماد = اچرج، کيل.]

ميري مَن سَتگور کي سيوا لاڳہ

جو ديسي سو وڻسڻا، مَن کي مَت تياڳہ

(اِڪ رهاءُ)

اَرٿ - هي منهنجا مَن! ستگوروءَ جي شيوا ۾ لڳي رهہ، جيکي بہ ڏسڻ ۾ اچي ٿو، سو ناسونت آهي، تنهنڪري تون پنهنجي من جي مت تياڳہ (يعني گوروءَ جي مت تي هل.) [وڻسڻا = ناسونت.]

هَرِ گُڻَ گاءِ مَنا ، سَتِگورُ سيو پيارِ

ڪِيا ٿوڙڙي بات گُمانُ (اِڪ رهاءُ)

ارٿ - هي پيارا ، هريءَ جا گن ڳايو ۽ ست گوروءَ جي شيوا پيار سان ڪريو . ٿورڙي ڳالهه تي اوهين ڇو ٿا هٺ ڪريو ؟

(٢) جَيسي رَيڻ پراهُڻي ، اُٿِ چلسَهِ پرڀاتِ

ڪِيا تُون رَتا گرسَت سِيُن ، سَڀ ڦُلا ڪي باغاتِ

ارٿ - جيئن مهمان رات رهي پرڀات جو اٿي هليو ويندو آهي (تيئن اوهين به ٿورو وقت هتي مهمان آهيو.) پوءِ ڇو اوهين ڪٽنب جي موهه ۾ ڦٿا پيا آهيو. هي سارو (پرپنچ) باغن جي ڦلن وانگي (ٿورو وقت جٽاءُ ڪندڙ) آهي . [پراهڻي = مزمان ؛ باغات = باغ .]

(٣) ميري ميري ڪيا ڪرهِ ، جن ديئا سو پرڀُ لوڙِ

سَرپرَ اُٿي چالڻا ، ڇڏِ جاسِي لکَ ڪروڙ

ارٿ - منهنجي منهنجي ڇو پيا ڪريو (يعني ڇو پيا چئو ته ته هيءَ سڀ ملڪيت منهنجي آهي) اوهين انهيءَ پرڀوءَ جي چاهنا ڪريو ، جنهن اوهانکي (اها ملڪيت) ڏني آهي . اوهان کي ضرور به ضرور اٿي وڃڻو پوندو ۽ لک ڪروڙ جي گڏ ڪيا اٿو سي هتي ئي ڇڏي وڃڻا پوندءَ . [سرپر=اوس ، ضرور به ضرور ، نيٺ .]

(٤) لَکَ چؤراسِيهَ پرمَتيا ، دُلڀُ جنمُ پائيوءِ

نانڪ نامُ سَمالِ تُون ، سو دِنُ نيڙا آئيوءِ .

ارٿ - (هي ڀائي !) چؤراسي لک جونيون ڀٽڪي (ڀٽڪڻ سان) اوهان درلڀ (مانکا) جنم پاتو آهي . سري گورو نانڪ صاحب جن فرمائين ٿا ته اهو ڏينهن (موت جو) ويجهو اچي

هَر جَنَ هَرِ لِوَ اُڌَري ، نانَڪَ سَدَ بَلِهارُ ۔

ارٿ - هن سنسار جيو کي ايڪ پرڪارن سان ۽ گهڻن نمونن سان موهي ڇڏيو آهي ، پر جنهنکي اهو سمرٿ ۽ پرم پرش رکي ٿو وٺي ، سوئي بچي ٿو . هريءَ جا ڀڳت هريءَ سان پريم رکڻ ڪري بچي ٿا پون . سري گورو نانڪ صاحب جن فرمائين ٿا ته اسين ڀڳتن تان قربان وڃون ! [اپار = جنهنجو انت پائي نه سگهجي ، وڏو .]

هن شبد ۾ گورو ارجن ديو جن اپديش ڏين ٿا ته حياتيءَ جا ڏينهن ٿورڙا آهن ، تنهنڪري جيو کي گهرجي ، ته ستگورءَ جي اوٽ وٺي ڀڳتيءَ ۾ لڳو رهي ۔

سري راڳ محلا پنجوان گهر (۲) شبد (۲۲-۹۲)

(۱) گوئِلِ آئِيا گوئِلِي ، ڪِيا تِسُ ڏَنڦُ پسارُ
مُعَلَتِ پُنِي چَلَڻا ، تُوُن سَمْلُ گهَرَ بارُ

ارٿ - (هيءُ سنسار گوئل يعني چراگاهه آهي ۽ سنساري جيو گوئلي يعني ڌنار آهن .) جڏهين ڌنار (پنهنجي مال کي چارڻ لاءِ) چراگاهه تي ويندو آهي ، تڏهين هنکي ڇو پاکنڊ مچائي وهڻ گهرجي (ته هيءُ به منهنجو هو ، ۽ منهنجو . هو هڪڙي هندان مال چاري ڪجهه وقت ڪاٽپوءِ وري ٻئي هند مال چارڻ لاءِ ويندو آهي ، تهڙيءَ طرح هي پيارا !) جڏهين تنهنجو وقت پورو ٿيندو ، تڏهين توکي (اوس) وڃڻو پوندو . تون وينو پنهنجو گهر بار ياد ڪرين (يعني تون پنهنجي ڪٽنب جي موهه ۾ ڦيٿو پيو آهين .) [گوئل = جتي ميهن پوڻ ڪري ساوڪ ٿي هجي ، چراگاهه ، سانگهه ؛ گوئلي = جيڪو اهڙي هنڌ پنهنجو مال چارڻ وڃي ، سانگي ، ڌنار ؛ ڏنڦ = پاکنڊ ؛ معلت = مقرر وقت ؛ پني = پورو ٿيو ؛]

گور مِلِ چَجِہ اَچارُ سِکہُ، تَنْ کَدي نہ لڳَيْ دُکہ

ارٿ. (هي جيو روپي استري) پيڪي گهر (يعني هن لوڪ ۾) تون پنهنجي پتيءَ (پرماتما) جي شيوا (يعني ڀڳتي) ڪر، تہ ساهري گهر (يعني پرلوڪ ۾) سک سان وسين (يعني سک پائين.) گوروءَ سان ملي (يعني گور وهٽ ڪري) ڪائنس سريشٽ ڪرم ڪرڻ سک، تہ پوءِ توکي ڪڏهين بہ دک نہ لڳندو. [پيئيئڙيءَ= پيڪي گهر ۾؛ چجہ = سريشٽ؛ اچار = آچار، ڪرم، رهٽ.]

(۴) سَبِنا ساهُرِئِ وَڃڻا سَبِ مُڪَلاوڻَ هارَ

نانَڪا ڌَنُ سوهاڳڻِي، جِنَ شَہَ نالِ پِيارُ.

ارٿ - سيني (جيو روپي استرين) کي ساهري (يعني پرلوڪ ۾) وڃڻو آهي ۽ ڪال سيني جو (هن سنسار روپي پيڪي گهر مان) موڪلاڻي ڪرائيندڙ آهي، پر سري گورو نانڪ صاحب جن فرمائين ٿا تہ جنهن (جيو روپي) استريءَ جو پتي (پرماتما) سان پيار آهي، اها سهاڳڻ ئي ڌنيواد جي لائق آهي.

نوٽ:- "موڪلاوڻ هار" جي معنيٰ آهي موڪلاڻي ڪرائيندڙ. پنجاب ۾ دستور آهي تہ شادي ڪرڻ کان پوءِ بہ ڪي ڏينهن ڪنوار پنهنجي پيڪي گهر رهندي آهي. ڪن ڏينهن کانپوءِ گهوٽ جو ڪو ويجهو عزيز ڪنوار کي پيڪي گهران وٺي سندس ساهري گهر ويندو آهي. انهيءَ رسم کي پنجاب ۾ "موڪلاوا" يعني موڪلاڻي چوندا آهن ۽ وٺي ويندڙ کي "مڪلاوڻ هار" يعني موڪلاڻي ڪرائيندڙ ڪوٺيندا آهن. صاحب هت پربوڌ ڏين ٿا تہ سيني جيو روپي استرين جو هن سنسار روپي پيڪي گهر مان موڪلاڻي ڪرائيندڙ ڪال آهي يعني سيني کي مرڻو آهي، پر سنت مهاتما چولي ڇڏڻ کان پوءِ پورن پرمانند سان ملي وڃن ٿا ۽ سنساري جيو جنم مرڻ جي چڪر ۾ اچي وڃن ٿا.

پهتو اٿو. اوهين پرماتما جو نام ياد ڪريو (ته انت سهيلي ٿيو .)
[پرمنيا = پهڪي پڪي .]

(جيسين حياتي اٿيئي ، تيسين سنڀالي هل .)

سري راڳ محلا پنجوان شبد (۲۳-۹۳)

(۱) ڀِجِڙُ وَ سَهه سُهيلڙي ، جِچر ساٿي نالِ

جا ساٿي اُٿي چلِيا ، تا دَن خاڪوُ رالِ

ارٿ - هي ديهي ! تون تيسين ٿي سکي گذارين ، جيسين جيو آتما تنهنجو ٿوساڻ آهي . جنهن وقت تنهنجو سنگي هليو ويندو ، تنهن وقت تون استري روپي ديهي مٽيءَ ۾ ملي ويندينءَ . [دن = استري ؛ رال = ملي وڃڻ ، گڏجي وڃڻ .]

مَنِ بَئِراڳُ ڀئِيا ، دَرسَنُ ديکڻئِي کا چاءُ

دَنُ سُ تيرا ٿانُ (اِڪ رَهاءُ)

ارٿ - جنهنجي من ۾ (پريوءَ جي) درسن ڏسڻ جو چاهه ٿيو آهي ، انجي من ۾ (سنسار کان) ويراڳ اُٿيو آهي ؛ (پريوءَ اهو ويراڳوان پرش استت ڪري ٿو ته هي پريو ،) تنهنجو (سروپ يا ست سنگ روپي) استان دن آهي .

(۲) جِچرُ وَسيا ڪنتُ گهرِ ، جيءُ جيءُ سَڀِ ڪهانِ

جا اُٿي چلسي ڪنتڙا ، تا ڪوءِ نه پڇئي تيري باتَ

ارٿ - جيستائين (تو ديهه روپي) گهر ۾ تنهنجو (جيو روپي) پتي وسي پيو ، تيستائين هرڪو توکي جيءَ جيءُ پيو ڪري (يعني مان ڏئي ٿو) پر جڏهين تنهنجو گهوٽ لو وٺان اٿي هليو ويندو ، ته پوءِ ڪو به تنهنجي ڳالهه ڪونه پڇندو (يعني تون ليکي مان ٿي لڪري ويندينءَ .) [ڪنت = پتي .]

(۳) پيئِيئڙئي شَهه سيوِ تُون ، ساهُرڙئي سُکه وَسُ

(٣) ديکھ درسن من ساڌاريٰ پاپ سگلي جاھ
ھؤ تنکي بلھار ٽيٰ، جہ گور کي پئري پاھ

ارٿ - (گوروءَ جو) درسن ڪندي من (سنسن کان ڇٽي) سانت ۾ اچي ٿو ۽ سيئي پاپ (منجھائنس) نڪري وڃن ٿا. انھيڪري مان انھن جيون تان بلھار ٿو وڃان، جيڪي گوروءَ جي چرنن تي پون ٿا. [ساڌاريٰ = سانت ۾ اچي ٿو.]

(٤) ساڌ سنگت من وسيٰ، ساچ ھر کا ناءُ
سي وڏڀاڳي نانکا، جنا من اھ ڀاءُ.

ارٿ - (گوروءَ روپي) ساڌوءَ جي سنگ دواران ئي سچ سروپ ھريءَ جو نام من ۾ وسي ٿو سري گورو نانڪ صاحب جن فرمائين ٿا تہ جن جيون جي من ۾ (اھڙي ست سنگ لاءِ) پريم آھي، اھي ڀاڳوان آھن. [ڀاءُ = ڀاونا، پريم.]

(سنگوروءَ جي سھائتا سان سڀ دک ناس ٿين ٿا.)

سري راڳ محلا پنجوان شبد (٩٥-٢٥)

(١) سنچہ ھر ڌن، پوجہ سنگور، ڇوڏ سگل وکار
جن توُن ساجہ سواريا، ھر سمر ھوءِ اُڌار

ارٿ - ھي جيو! ھري نام ڌن کٺو ڪر، سنگوروءَ جي شيوا ڪر ۽ سڀ (ڪام آدڪ) وڪار تياڳي ڇڏ. جنھن پرماتما توکي پيدا ڪري (سندر ۽ سالم عضون سان) سينگاريو آھي، تنھن ھريءَ کي ياد ڪرڻ سان ئي تنھنجو (سنسار ساگر مان) اُڌار ٿيندو. [سنچہ = کٺو ڪر؛ ساج = ٺاھي؛ سواريا = سينگاريو، اُڌار = نستارو، ڇوٽڪارو.]

(گوروءَ جي مهما اَپار آهي ٠)

سري راڳ محلا پنجوان گهر (٦) شبد (٢٤-٩٤)

(١) ڪَرَڻَ ڪارَڻَ ايڪ اوهي ، جِن ڪيئا آڪارُ
تِسَهِ ڌِياوَهُ مَنَ ميري ، سَرَبَ ڪو آڌارُ

ارٿ - ساريءَ رچنا جو رچيندڙ اهوئي هڪڙو آهي ، جنهن (هي جيو) تنهنجو سريرُ ناهيو آهي . (تنهنڪري) هي منهنجا من! انهي (هڪڙي واهگوروءَ) کي ڌياءِ ، جو سڀني جو آسرو آهي . [ڪرڻ = ڪرتب ، رچنا ؛ ڪارڻ = سبب ، ڪندڙ ؛ ڪرڻ ڪارڻ کي گڏي رچنا رچيندڙ يا "سبب الساز" چئبو آهي ؛ آڪار = روپ ، سرير .]

گُورَ ڪي چَرَنَ مَنَ مَهِ ڌِياءِ
ڇوڊِ سَگَلَ سِياڻپا ، ساچِ سَبدِ لِوَ لاءِ (اِڪ رَهاءُ)

ارٿ - هي جيو! گوروءَ جي چرڻن جو من ۾ ڌيان ڌر ، ۽ (سنساري) سڀئي سياڻپون ڇڏي (گوروءَ جي) سچي اپديش ۾ ورتي لڳاءِ .

(٢) دُکُ ڪَليشُ نَ ڀِؤ بِيابِي ، گُورَ مَنتُرُ هِردئِ هوءِ
ڪوٽِ جَتَنا ڪرِ رَهي ، گُورَ بِنُ تَرِيو نَ ڪوءِ

ارٿ - جنهجي هردي ۾ گوروءَ جو (ڏنل) منتر آهي ، تنکي (جنم مرڻ جو) دک ، يا ٻي ڪا پيڙا يا (جم جو) ڊپ لڳي نٿو سگهي . (ڪئين جيو) ڪروڙين ڪوششون ڪري ٿڪجي پيا ، پر گوروءَ (جي سهائتا) کانسواءِ ڪو بہ (سنسار ساگر مان) تري نہ سگهيو . [ڪليش = پيڙا ، دک جو ڪارڻ ، جي مڙئي پنج آهن :- (١) اَوديا ، (٢) اَسمتا = آتما ۽ بڌيءَ کي هڪ سمجهڻ ، اِنهيءَ کي ساماني اَهنڪار ٿو ڪوٺجي ، (٣) راڳ = مها موهہ ، (٤) دويش = تامش ، ساڙو ، (٥) اَڀنويش = مرڻ جو ڊپ ؛ رهي = ٿڪجي پيا .]

ارٿ- (جيتوڻيڪ پريو تون لُڪل آهين ته به) جيڪو (پرپنچ روپي) پسارو پکڙيل ڏسڻ ۾ اچي ٿو سو سڀ (هي پريو) تون ئي آهين (ڇو جو تنهنجي ستا ڪري ئي هي جڙ روپ سنسار چيتن روپ ليو آهي. پرهن) ساري پرپنچ کي برهم روپ اهوئي ٿو اليؤ ڪري سگهي، جنهنجو پرم، سري گورو نانڪ صاحب جن فرمائين ٿا ته، گوروءَ کٽي چڏيو آهي. [پسريا = پکڙيل ؛ پاسار = پکيڙ، پرپنچ ؛ بيچار = ويچارڻ، سمجهڻ، اُنيؤ ڪرڻ.]

(ڪروڙن ۾ ڪو ورلي جو سروپ کي سڃاڻي)

سري راڳ محلا پنجوان شبد (٢٦-٩٦)

(١) ڏُڪِرتَ سُڪِرتَ مڌِي، سنسارُ سگلاڻا

دُهَه هوُن ني رَهتَ ڀِگتُ هيِ، ڪوئِي وِرلا جاڻا

ارٿ- سارو سنسار ٻُرن ۽ چڱن ڪمن ڪرڻ ۾ آهي (يعني سنسار ۾ ڪي ٻُرا ڪم پيا ڪن ته ڪي چڱا) پر ٻنهين (ٻرن توڙي چڱن ڪمن) کان رهت رکو ڪي ورلي ڀِڳت جن ئي جاڻو (مطلب ته ورلي ڀِڳت جن آهن جي ڀِڳتيءَ جي پرتاب ڪري ڪرمن کي کٽي سروپ ۾ لؤ لڳائين ٿا.) [مڌي = مڌ ۾ ؛ سگلاڻا = سارو، سمورو.]

ٺاڪُر سَرَبي سَماڻا

ڪِيا ڪهئہ سُڻُہ سُوامِي، تُوُن وَڏُ پُرکُ سُجاڻا

(اِڪ رهاءُ)

ارٿ- هي ٺاڪر! تون سڀني ۾ سمايو پيو آهين. هي سوامي! ٻڌ، مان ڇا چوان؟ (يعني تنهنجي ڪهڙي ساراهہ ڪريان؟) تون وڏو سياڻو پرش آهين.

جَپِ مَنَ نامُ ايڪُ اپارُ

پِرانَ مَنُ تَنُ جِنهِ ڏِنّا، رِدي ڪا آڌارُ

(اِڪ رَهاءُ)

ارٿ - هي من! هڪ اپار پرماتما جو نام جپ، جنهن توکي پران، من ۽ تن ڏنو آهي ۽ جو تنهنجي هردي جو آڌار آهي.

(٢) ڪامِ ڪروڌِ اَهنڪارِ ماتي، وِيا پِيا سنسارُ

پَئُه سنت سَرَڻي، لاڳُ چَرَڻي، مِٽي دُوکهُ انڌارُ

ارٿ - جيڪي ڪام، ڪروڌ ۽ اهنڪار ۾ مست آهن، تنکي سنسار چنبڙي پيو آهي (يعني انهنکي هن سنسار ۾ وري وري پيو اچڻو پوي. پر جيڪڏهن توکي انهي ڦيري کان بچڻو هجي تہ) سنت جي سرڻ ۾ پئي، انهيجي چرڻن کي لڳي رهہ تہ اگيان ڪري جو (جنم مرڻ روپي) دک لڳي ٿو، سو توتان ميٽجي ويندو (يعني جنم مرڻ کان ڇٽي پوندين.) [ماتي = مست ؛ انڌار = اوندهہ، اگيان.]

(٣) سَتُ سنتوکهُ دَئِيا ڪَماوئِ، ايهہ ڪَرَڻي سارَ

آپُ ڇوڏِ، سَڀ هوءِ رينا، جِسُ ديئہ پرڀُ نِرنڪارُ

ارٿ - هي جيو! ست سنتوک ۽ ديا (آدڪ ديوي گڻ) ڪماءِ (يعني ڌارڻ ڪر.) اهائي ڪمائي سريشٽ اٿيئي. پاڻپڻو ڇڏي سڀني (جي چرڻن) جي مٽي ٿي رهہ. (پر اهي گڻ انهيکي ٿا اصيب ٿين) جنهنکي نرنڪار پرڀو ڌارڻ (ديا ڪري اهي) بخشي ٿو. [سار = سريشٽ ؛ رينا = مٽي ؛ نرنڪار = نرآڪار = جو بنا روپ آهي، جو انام، اگم ۽ الک آهي.]

(٤) جو ديسئِ سو سَگَلَ ڌُون هئِ، پَسَرِيا پاسارُ

ڪهُ نانڪَ گُر پرَمُ ڪائيا، سَگَلَ برَهم بيچارُ.

سري راگ محلا پنجوان شبد (۲۷-۹۷)

(۱) تيريءِ پَروسيءِ پياري، ميءِ لاڏَ لڏائيا
پولهه چوڪهه ٻارِڪ، تون هَرِ پِتا مائيا

ارٿ- هي پيارا! تنهنجي پروسي تي ئي مان لاڏ پيو ڪريان. جيڪڏهين (مان سنسار جي پدارٿن ۾ لڳي تنهنجي سروپ کان) ڀلجي تو وڃان، تڏهين به تنهنجوئي ٻالڪ آهيان ۽ تون هي هري، منهنجو پتا ماتا آهين (تنهنڪري منهنجا اپراڌ ڪميا ڪر.)

سُهيلا ڪَهَنُ ڪَهاوَنُ، تيرا بِکَمُ ڀاوَنُ

(اِڪ رَهائُ)

ارٿ- (هي پريو! شاسترن آدڪ دوارن تنهنجو جس) چوڻ ۽ ٻين کان چوائڻ سولو آهي، پر تنهنجو ڀاڻو مڃڻ ڪٺن آهي (ڀاو- پوٿيون پڙهڻ سوليون آهن، پر انهن موجب هلڻ بلڪل مشڪل آهي.) [بکم = اؤکو؛ ڀاون = ڀاڻو.]

(۲) هؤ ماڻُ تاڻُ ڪَرءُ تيرا، هؤ جانءُ آپا
سَڀِهِي مِذِ، سَڀِهه تي باهَرِ، بي مُحتاجَ باپا

ارٿ- مان فخر ۽ بل توتي ئي ٿو ڪريان يعني مونکي تنهنجو ئي فخر ۽ بل آهي، (ڇو جو) آءٌ توکي ئي پنهنجو ٿو سمجهان. هي پتا! تون سڀني جي اندر آهين يعني سڀني ۾ وياپڪ آهين ۽ سڀني کان ٻاهر آهين يعني نرالو آهين ۽ ڪنهنجو به محتاج نه آهين. [تاڻ = بل.]

(۳) پِتا هؤ جانءُ ناهي، تيري ڪَوَنُ جُگَتا
بِنڌَنَ مُڪَتُ سَنتَهُ، ميري راکيءِ مَمتا

ارٿ- هي پتا! مونکي سڌ نه آهي ته توکي (پراپت ڪرڻ جي کهڙي) اَلم جُگتي آهي، (پر اها سڌ الم ته) سنت جي

(۲) مانَ اَپِمانَ منْدي، سو سيوَڪُ ناهي
تَتَ سَمدَرسي سنْتَهُ، ڪوئي ڪوٽِ مَنْدَاهي

ارٿ - جو شخص مان ۽ اپمان ۾ آهي يعني جنهنکي آدر ۽ نرآدر جو خيال آهي سو پورن ڀڳت نہ آهي. هي سنتو! ڪروڙن ۾ ڪو هڪڙو مس اهڙو آهي، جو تت يعني برهم کي سيني ۾ هڪجهڙو ڏسي ٿو. [سمدرسي = سم = سمان ۽ درسي = ڏسندڙ.]

(۳) ڪَهَنَ ڪهاوَنَ، اِهُ کِيرَتِ ڪَرَلا
ڪَتَنَ ڪَهَنَ تي مُڪَتا، گورمُکِ ڪوئي وِرَلا

ارٿ - پنهنجي واتان چوڻ ۽ ٻين کان چوائڻ، اهو پنهنجو جس پرگهٽ ڪرڻو آهي. اهڙي ڪٿن ڪرڻ کان رهت ڪو ورلي گورمک ٿي آهي. [ڪهاون = چوائڻ؛ ڪيرت = ڪيرتي جس؛ ڪرلا = ڪرڻو؛ مڪتا = ڇٽل، رهت.]

(۴) گَتِ اَوگَتِ، ڪَڇُهُ نَدَرِ نہ آئِدا
سنْتَنَ ڪي رينُ، نانَڪَ دانُ پائِدا

ارٿ - جي شخص مڪتيءَ جي مارگ ۾ سمجهن ٿا تہ اسين پهتل آهيون، تن (ٻناڪي شخصن) کي (ايشور مارگ) هٿ نہ آيو آهي. سري گورو نانڪ صاحب جن فرمائين ٿا تہ جي پرش سنتن جي چرڻن جي ڌوڙ ٿي رهن ٿا، تن ٿي (گورن وٽان سروپ سڃاڻڻ جو) دان پاتو آهي. [گت = مڪتي؛ اوگت = گياوان، پهتل.]

اٿانڪا:- هيءُ شبد گورو ارجن ديو جن هر مندر جي تهڻ جي آرنڀ وقت اُچاريو هو. صاحب پرماتما کي پتا ماتا ڄاڻي پرارٿنا ٿا ڪن تہ " هي واهگورو! اسان توتي ٿي سڀ لاهي رکي آهي، توتي ئي اسانجو ڀروسو آهي."

ارٿ - هي منهنجا ستگورو! مان تو تان قربان ٿو وڃان. تنهنجي درسن تان بلهار ٿو وڃان (ڇو جو) تو راضي ٿي مونکي امرت روپي نام ڏنو آهي. [تس = راضي ٿي .]

(۲) جِن تُون سيوِيا ڀاءُ ڪَر، سيئِي پُرکَہ سُجانَ
تِنا پِڇي ڇُٽيئِي ، جِنَ اَندَرِ نامُ نِڌانُ
گُرَ جيوَڏُ داتا ڪو نهي ، جِنِ دِتا آتَمَ دانُ

ارٿ - جن پرشن پريم سان تنهنجي سيوا ڪئي آهي ، اُهي ئي سياڻا آهن . جنجي هردي ۾ نام روپي خزانو آهي ، انهن جي پنيان پوڻ (يعني سرڻ وٺڻ) ڪري ئي (سڀسا ي ٻنڌ ڻن ڪـان) ڇٽجي ٿو. گروءَ جيڏو وڏو داتار ڪوبہ ڪونهي ، جنهن آتم (يعني سروپ جي گيات جو) دان ڏنو آهي .

(۳) آئي سي پرواڻُ هِہ ، جِنِ گُرَ مِلِيا سُڀاءِ
سَچي سيتي رَنِيا ، دَرگَہِ بَيسڻُ جاءِ
ڪَرَتي هَٿِ وَڏائِيا ، پُورَب لِکِيا پاءِ

ارٿ - جنکي سريشٽ پريم ڪري گورو مليو آهي ، انهجو ئي (هن سنسار ۾) اچڻ قبول پيل آهي (ياو - سڦل ٿيو آهي .) جيڪي سچي (پرماتما) سان رڱجي وڃن ٿا ، تنکي (سچي جي) درگاهہ ۾ ويهڻ لاءِ جاءِ ملي ٿي . اِهي سڀ وڏايون ڪرتار جي هٿ آهن ۽ اڳين جنمن جي شڀ ڪرمن انوسار ئي اِهي پراپت ڪري ٿيون سگهجن .

(۴) سَچُ ڪَرَتا ، سَچُ ڪَرَڻهارُ ، سَچُ صاحِبُ، سَچُ ٽيڪَ
سَچو سَچُ وَکاڻيئِي ، سَچو بُڌِ بِبيڪَ
سَرَب نِرنتَرِ رَو رَهِيا، جَپِ نانَکَ جيوئِي ايڪ

ٻنڌنن کان ڇٽل آهن، اهي مونکي "اَهنتا ۽ ممتا" کان رکي وٺن ٿا - [جگتا = جگتي، تجويز؛ ممتا = موهه، يعني هي ٻه منهنجو هو ٻه منهنجو ڇوڙڻ ۽ سمجهڻ.]

(۲) ڀئي کرپال ناکر، رهيو آوڻ جاڻا

گورمل نانک، پار برهم پڇاڻا

ارٿ - سري گورو نانڪ صاحب جن فرمائين ٿا ته "هي ناکر، جڏهين تون اسان تي ڪرپال ٿيين ٿو، تڏهن اسان جو اچڻ وڃڻ بند ٿئي ٿو يعني اسين جنم مرڻ جي چڪر کان ڇٽون ٿا ۽ گوروءَ سان ملي تو پار برهم کي سڃاڻون ٿا." [رهيو = بند ٿئي ٿو.]

(ستگورو ئي نام ڏئي ٿو، جنهنڪري نبيتارو ٿئي ٿو.)

سري راڳ محلا پنجوان گهر (۱) شبد (۹۸-۲۸)

(۱) سنت جنا مل ڀائيئا، ڪٽئڙا جم ڪالُ

ساچا صاحب من وُٺا، هوئا خصم دئيالُ

پورا ستگور ڀيٽيا، بنسئا سڀ جنجالُ

ارٿ - هي ڀائي! جنهن مهل سنت جنن سان ملي ڪري جم ماڙيندڙ کان ڇڄجي ٿو، تنهن مهل (پرماتما) گهوٽ سچو مالڪ پنهنجي ديا ڪري اچي من ۾ وسي ٿو (يعني سندس ساکيات ڪاري ٿئي ٿي. پر) جنکي پورن ستگورو مليو آهي، رڳو تنجا ئي ٻنڌن لورت ٿيا آهن. [ڪال = ماڙيندڙ؛ خصم = گهوٽ، مالڪ.]

ميري ستگورا، هؤ تڌ وٽهُ قربانُ

تيري درسن ڪئُہ بلهارڻي، تس دِتا اَمرت نامُ

(اِڪ رهاءُ)

ساڌُو سنگتِ مَنِ وَسَيِ، پوُرَن هووئَ گهالَ

(اِڪ رَهاءُ)

ارٿ- هي منهنجا پريتم! تون وري وري پيو نام ياد ڪر. جڏهين ساڌ سنگت جي وسيلي هري نام مَن ۾ وسندو، تڏهين سڀ ڪمائي پورن ٿيندي يعني ثاب ٿيندي.) [گهال = ڪمائي، محنت.]

(٢) گور سمرٿ اَپار گور، وَڏ ڀاڳي دَرسن هوءِ
گورُ اَگوچر نِرملا، گورَ جيوڏُ اَور نه ڪوءِ

گورُ ڪَرتا گورُ ڪَرٽهار، گورمکهِ سچي سوءِ
گورَ تي باهَر ڪِڇُه نَهي، گورَ کيتا لوڙي س هوءِ

ارٿ- گورو سرو شڪتيوان آهي، گورو بي انت آهي، گورو ۽ جو درسن وڏن ڀاڳن ڪري ئي ملي ٿو. گورو اگوچر ۽ مايا جي ميل کان پوتر آهي ۽ گورو ۽ جيڏو وڏو ٻيو ڪو به ڪونهي. گورو ڪرتار آهي، گورو رچنا ڪندڙ آهي ۽ گورو جو مکيه آهي، تنهنجي سچي سوڀيا آهي. گورو ۽ (جي شڪتيءَ) کان ٻاهر ڪجهه به نه آهي (ڇو جو) گورو جيڪي ڪرڻ چاهي ٿو سو ٿئي ٿو. [اگوچر = جو اِندرين ۽ من جي پهچ کان ٻاهر هجي ۽ سوءِ = سوڀيا.]

(٣) گور تيرٿ گور پار جاٿ، گورُ مَنشا پورٽهارُ
گورَ داتا هَرنامُ ديءِ، اُڌَرئَ سڀِ سنسارُ

گورُ سَمرٿ گورُ نِرنڪارُ، گورُ اوُچا اَگم اَپارُ
گورَ ڪي مهما اَگم هيِ، ڪِيا ڪَٿي ڪَٿن هارُ

ارٿ- گورو تيرٿ (والکي ٻولڻ ڪندڙ) آهي، گورو پار جاٿ (والگر دل گهريا ڦل ڏيندڙ) آهي ۽ گورو من جون سڀ خواهشون

ارٿ- (پرماتما ئي) سچو ڪرتار آهي، سچو ڪرڻهار آهي، سچو صاحب آهي ۽ سچو آسرو آهي. اهڙيءَ سچن ۾ سچي جي استت ڪرڻ سان بُڌيءَ ۾ سچو ويڪ جاڳي ٿو. جنهن ڪري انڀوءَ هرهنڌ اڪ رس وياپڪ هڪڙي پرماتما کي جيئڻ ڪري ئي، سري گورو نانڪ صاحب جن فرمائين ٿا ته، هي جيو جيئرو رهي سگهي ٿو. [ٻيڪ = ست مارگ ۾ گهرڻ لاءِ "وويڪ" آهي ٻهريون لچڻ. وويڪ جي معني آهي ست ۽ اَست جي پڇاڻ يعني نسچي جاڻڻ ته تن، ڌن، مان، وڏائي آدڪ دنيوي وستون سڀ ناسونت آهن ۽ رڳي آتما سديو قائم آهي؛ نرنتر = نرمعنيٰ نه ۽ اَنتر معنيٰ تفاوت يعني بنا تفاوت جي يا اڪ رس يا ساڳي ريت.]

(گوروءَ جي مهما ڇوڻ کان ٻاهر آهي.)

سري راڳ محلا پنجوان شبد (٢٩-٩٩)

(١) گورُ پَرَميسَرُ پوُجيئيِ، مَنِ تَنِ لاءِ پيارُ
سَتگورُ داتا جيئه ڪا، سَڀ سِي ديئه اَڌارُ
سَتگورُ بچَنَ ڪماوٽي، سَچا ايهُ وِيچارُ
بِنْ ساڌوُ سنگَتِ رَتئِا، مائئا موهَه سَڀُ ڇارُ

ارٿ- گوروءَ کي پرميشر روپ ڄاڻي، ساڻس من ۽ تن سان پيار لڳائي، کيس پوڄڻ گهرجي، (ڇو جو) ستگورو جيو جو داتار آهي (يعني سروپ جي گيان ڏيئي چوراسيءَ جي چڪر کان ڇڏائيندڙ آهي) ۽ سڀني کي (اپديش روپي) آسرو ڏئي ٿو. ستگوروءَ جي وچن ڪمائڻ ڪري اِهو سچو ويچار ڄاڳي ٿو ته ساڌ سنگت بنا جيڪي جيو مايا جي موهه ۾ رتا پيا آهن، اهي سڀ ڌور سمان آهن. [ڇار = رک، مٽي، ڌور.]

ميري ساجَنَ هَرِ هَرِ نامُ سَمالِ

آڳي دَرگهِ منيئهِ، مِلي نِثاوي ٿاءِ

اَرٿ - هي ڀائي سنت جنو هيءَ ڳالهه ٻڌو (ته سنساري ٻڌن کان) چڱو سچي نام (جپڻ) ڪري ٿو لئي. جڏهين گوروءَ جي چرڻن جي شيوا ڪجي ٿي، تڏهين نيرت (روپ يعني پوتر ڪندڙ) هريءَ جو نام پراپت ٿئي ٿو، ۽ پرلوڪ ۾ درگاهه ۾ مڃيو وڃجي ٿو (يعني مان پائجي ٿو) ۽ (سروپ) استان کان ڀليل جيو کي اهو (سروپ) استان پراپت ٿئي ٿو. [سريوٽي = شيوا ڪرڻ سان ۽ آڳيءَ = پرلوڪ ۾.]

ڀائي ري ساچي سَتِگُورَ سيو

سَتِگُورَ تُٺي پائيئي، پُورَنَ اَلَکَ اَڀيوَ

(اِک رهاءُ)

اَرٿ - هي ڀائي! ستگوروءَ جي سيوا سچي (يعني سڦل) آهي (ڇو جو) ستگوروءَ جي پرسن ٿيڻ سان پورن الک ۽ اَڳم پرماتما کي پراپت ڪجي ٿو [اگم = جنهن وٽ وڃي نه سگهجي.]

(٢) سَتِگُور وِٽهه وارِيا، جِن دِتا سَچُ ناءُ

اَن دِنُ سَچُ سَلاهڻا، سَچي کي گُڻَ گاءُ

سَچُ کاڻا، سَچُ پئنڻا، سَچي، سَچا ناءُ

اَرٿ - مان انهي ستگوروءَ تان قربان وڃان، جنهن سچ نام جو منتر موکلي ڏنو. رات ڏينهن سچي (پرميشر) کي ساراهڻ گهرجي ۽ سچي (مالڪ) جا ئي گڻ ڳائڻ گهرجن. (انهن جو) کائڻ به سچو (يعني سڦل) آهي، (انهن جو) پهرڻ به سچو (يعني سڦل) آهي، جن سچن سچو نام جپيو آهي.

(٣) ساسِ گراسِ نه وِسرئي، سڦل مُورَتِ گُورُ آپِ

گُورَ جيڏُ اَوَرُ نه دِسئي، آٺَ پهر تِس جاپ

پورڻ ڪندڙ آهي. گورو جو سڀ ڪجھ ڏيندڙ آهي، سو جيڪڏهين هري ۽ جو نام ڏيي ته جيڪر سڀ جيو سنسار ساگر مان ترِي وڃن. گورو سرو شڪتيوان آهي، گورو نرنڪار آهي، گورو (سڀني ديوي ديوتائن کان) اوچو آهي، اڳم آهي ۽ بي انت آهي. مطلب ته گورو ۽ جي وڏائي چوڻ کان ٻاهر آهي، تنهنڪري ڪٿڻ وارو اها وڏائي ڇا ڪٿي سگهندو؟ [پارجات = ڪلپ برڪ يعني اهو وڻ جنهنکان جيڪي گهرجي سو ڏئي؛ منشا = من جي آشا يا خواهش؛ اڳم = جنهن کي پهچي نه سگهجي، جو سمجهه ۾ نه اچي.]

(۴) جِنَنِ ڀَلَ مَنِ باچِيئَهِ، تِنَنِ سَتِگُورَ پاسِ
پُورَبَ لِکِئي پاوَڻي، ساچُ نامَ دي راسِ
سَتِگُور سَرڻي آئيا، ٻاهُڙِ نَهي بِناسُ
هَرِ نانَکَ کَدي نه وِسَرَئُ، ايهُ جيئُ پِنڊُ تيرا ساسُ.

اَرٿ- جيترا ڦل من ۾ چاهجن ٿا، اوترا سڀ گورو ۽ وٽ آهن (يعني گورو دل گهريا ڦل ڏيندڙ آهي.) اڳين شڀ ڪرمن انوسار (اهي ڦل گورو ۽ وٽان) پائجن ٿا ۽ ست نام روپي پونجي به (ڪرمن انوسار) گورو ڏئي ٿو. جيڪي ستگورو ۽ جي سرڻ ۾ آيا آهن، سي وري ناس نٿا ٿين (يعني وري جمن مرن لٽا). سري گورو نانڪ صاحب جن فرمائين ٿا ته (هي جيو! سديو اها پرارٿنا ڪر ته) هي هري! شل تنهنجو نام مونکان ڪڏهين به نه وسري (ڇو جو تون اهو آهين جنهن مونکي) هي جيوت، سرير ۽ پراڻ ڏنا آهن.]

(ستگورو ۽ جي ڪرپا سان ئي مالڪ ملي ٿو.)

سري راڳ محلا پنجوان شبد (۳۰-۱۰۰)

(۱) سَنْتَ جَنَهُ سُڻِ ڀائِيهو، ڇُوٽَنُ ساچي ناءِ
گُور کي چَرَڻَ سَرِيوٽي، تِيرَٿُ هَرِ کا ناءُ

نَدرِ ڪَري تا پائيئي، سَچُ نامُ گُڻَ تاسِ

ارٿ - گورو جو ڀاڻ (پرميشر آهي ۽) سڦل مورت آهي، سو ساهہ ٻاهر ڪڍندي توڙي اندر ليندي شل نہ وسري! گوروءَ جيڏو وڏو ٻيو ڪوبہ ڏسڻ ۾ نٿو اچي (تنهنڪري) آٺئي پهر اُنهيءَ کي ڌيائيندو رهجي. جيڪڏهين گورو پنهنجي ڪرپا ڪري، تہ گڻن جي سمندر (پرماتما) جو ست نام پراپت ڪري سگهجي ٿو. [ساس = ساهہ ٻاهر ڪڍڻ ۽ گراس = ساهہ اندر ليڻ ۽ سڦل مورت = جنهنجي مورت ڏسڻ ڦلدائڪ آهي.]

(٤) گُورُ پَرَميشَرُ ايڪُ هيءِ، سَڀَ مَهِ رَهِيا سَماءِ

جِنَ ڪَرَمِ پُوَرَبِ لِکِيا، سيئي نامُ ڌِياءِ

نانڪَ گُورَ سَرَڻا گَتِي، مَرَئِ نہ آوَئِ جاءِ.

اَرٿ - گورو ۽ پرميشر ٻئي هڪ روپ آهن ۽ هرهنڌ وياپڪ آهن. جن جيون کي سندن اڳين شڀ ڪرمن ڪري (نام نصيب ۾) لکيل آهي، اُهيئي نام ڌيائين ٿا. سري گورو نانڪ صاحب جن فرمائين ٿا تہ جيڪو جيو گوروءَ جي سرڻ ۾ پوي ٿو، سو نڪي (هن جنم ۾) ڪال جو ڏک سهي ٿو ۽ نڪي وري جمي ۽ مري ٿو. [مرئِ = ڪال جو ڏک سهي ٿو.]